جيئڻ جي راھ

جگت گُرو

سنت رامپال جي مهاراج

جيوَ هماري جاتي هيَ، مانوَ (انسانيت) ڌرم همارا،
هندو، مُسلم، سِک، عيسائي، ڌرم نهين کوئي نيارا.

پورڻ برھم کبير (کويرديو) صاحب



سنت رامپال جي مهاراج

!! پورڻ پرماتما ني نم !!

جيئڻ جي راھ

Way of living

ليکڪ.....سنت رامپال داس
شش.....سوامي رامديوانند

ذرمارٿ مولیہ 30 رپیہ صرف

Mobile:

03443658877 03483592845 03037673967 03461264461

03044533290 03443519854 03437020214 03045467262

Website

www.jagatgururampalji.org
e-mail: jagatgururampalji@yahoo.com

فهرست

نمبر	عنوان	صفحو نمبر
1	مهاڳ	9
2	ٻہ لفظ	10
3	انساني زندگي جي عام ڏارڻا (سوچ)	13
4	ڪٿا (مارڪنڊي رشيءِ اپسرا جو سنواد)	19
5	اڄ ياڻ کي فرصت آهي	23
6	ڀڳتي نہ ڪرڻ سان نقصانن جو ٻيو حوالو	26
7	ڀڳتي نہ ڪرڻ سان تمام گھٽو ڏک ايندو	29
8	ڀڳتي جي مارگ تي سفر	30
9	وواھ (شادي) ڪيئن ڪريون؟	30
10	پيار وارو پرڻو ڪيئن هوندو آهي؟	32
11	ڀڳوان شِو جو پنهنجي پتني کي تياڳ ڪرڻ	32
12	احسان فراموش اولاد	35
13	وانجھيا! هوشيار	35
14	شادي ۾ مورک نچندا آهن	35
15	سنتن جي سڪيا	36
16	شادي کان بعد جو سفر	37
17	وشيش منڻن (گھَري راز جي چنڊچاڻ)	40
18	اخلاقي ماڻھو جي ڪٿا	41

19	صحبت جو اثر ۽ يقين پرپو جو	42
20	پرميشور کبير جي طرفان کاشي شھر ۾ پوجن پنڌارو کرڻ يعني لنگر	44
	• ھڪ ٻيو کرشمو جيڪو پنڌاري ۾ ٿيو ھو	46
21	ھرلال جي ڪٿا	48
22	تماڪ استعمال کرڻ مھاپاپ آھي	50
23	تماڪ جي پيدائش ڪٿا	50
24	تماڪ جي باري ۾ ٻيا ويچار	53
25	تماڪ کان گڏھ گھوڙا ۽ نفرت ڪن ٿا	54
26	نشو ڪندو آھي ناس	55
27	ماءُ پيءُ جي شيوا ۽ احترام کرڻ اھم فرض	58
28	پيءُ ٻارن جي ھر ٿيندڙ غلطي معاف ڪري ڇڏيندو آھي	59
29	ستسنگ سان گھر جو جھڳڑو ختم ٿيندو آھي	63
30	پھلو ٻائي جي نصيحت	64
31	موجوده وقت جون ڪجھ سچيون ڪٿائون	69
	• پڳت سريش جي اُجڙيل ڪٽنب کي آباد ڪيو	70
	• ست سنگ نہ ٻُڌڻ سان سڀ ڪجھ ناس ٿيو	71
	• ست سنگ ۾ اچڻ سان وڏي مصيبت ٽري ويندي آھي	72
	• ميران ٻائي کي زھر سان مارڻ جي اجائي ڪوشش	74
	• ميران ٻائي کي ستگرو شرڻ ملي	74
	• چور ڪڏھن بہ شاھوڪار نہ ھوندو	78

- دنيا جي چُون چُون ۾ بہ پڳتي ڪرڻ پوندي 80
- چوڌري جِيتا جات کي گيان ٿيو 82
- وئشيا جو اُڌار 84
- رنڪا بنڪا جي ڪٿا 86
- ڪبير جي طرفان ششن (مريدن) جو امتحان ونڊ 87
- خوني هاٿي سان ڪبير صاحب کي مارڻ جي بُري سازش 90

32 دڪشا کان پوءِ 91

33 پرماتما جي لاءِ ڪجھ بہ ناممڪن ناهي 91

34 اِڪ ليوا اِڪ ديوا دوتم 95

35 ڪرڻي ۽ ڪٿڻي ۾ ڇجھو فرق آهي 96

36 ستسنگ سان ملي پڳتي جي راھ 97

37 مُني رام ڪٿا ڪندڙ پنڊت جي ڪرڻي 101

38 راجا پريڪشت جو چوٿڪارو 102

39 پنڊت جو مفھوم 104

40 صداما جي پنڊت ھڻا 104

41 اڌياءِ" انوراگ ساگر" جو نچوڙ 104

- پڳت جا لڇڻ ڪھڙا ھجن؟ 110
- من ڪيئن پاپ پُڃ ڪرائيندو آهي 113
- پڳت جا 16 گُڻ (زيور) 114
- ڪال جو جيو ستگرو جو گيان نہ مڃيندو 116

	• هنس (پڳت) لڇڻ	117
	• گياني يعني ستسنگي جا لڇڻ	117
	• پڄت عام پلائي وارو هجي	117
42	دڪشا وٺي نام جو سمرڻ ڪرڻ لازمي آهي	119
	• دش مقامي ريڪتا	121
	• پڄت جَتي ۽ ستي هئڻ گهرجي	123
43	اڌياءِ گروڙ ٻوڌ جو نچوڙ	131
44	اڌياءِ هنومان ٻوڌ جو نچوڙ	139
45	اسين ڪال جي ڇار ۾ ڪيئن ڦاٿا؟	147
46	ڪبير پرميشور جي ڪال سان ڳالهه ٻولهه	147
	• ڪال نرنجن ڪبير جي کان ٿي يُگن ۾ جيو ٿورا وٺي وڃڻ جو واعدو ونڻ	150
47	تيرهن گاڏين جي ڪاغذن کي لکڻ	155
48	موجود وقت ۾ ڪليُگ ڪيترو گذري چڪو آهي	159
49	گرو بغير موڪش ناهي	160
50	پورڻ گرو جي وچن جي شڪتي سان پڄتي ٿيندي آهي	161
51	واسُديو جي وصف	167
52	پڄتي ڪهڙي پريو جي ڪرڻ گهرجي "گيتا مطابق"	172
53	پوجا ۽ ساڌنا ۾ فرق	184
54	رُشي درواسا جي ڪارگذاري	189
55	سرشٽي رچنا (ڪائنات جي تخليق)	194

- آتمائون ڪال جي ڇار ۾ ڪيئن قيد ٿيون؟ 197
- شري برهما، شري وشنو ۽ شري شِو جي پيدائش 202
- ٽيئي گڻ ڇا آهن؟ تصديق ساڻ 203
- برهم ڪال جي اوئڪت (لکي) رهڻ جي پرتگيا (عهد) 204
- برهما جو پنهنجي پتا (ڪال برهم) جي حاصلات لاءِ ڪوشش 205
- ماتا درگا جو برهما کي شراپ (بد دعا) ڏيڻ 206
- وشنو جو پنهنجي پتا (ڪال برهم) جي حاصلات لاءِ وچڙ ۽ ماتا کان آشيرواد پائڻ 207
- پربرهم جي ست سنک برهمانڊن جو قيام 213
- پويتر اٿروبد ۾ سرشٽي رچنا جو ثبوت 214
- پويتر رگ وبد ۾ سرشٽي رچنا جو ثبوت 220
- پويتر شريمد ديوي مها پُراڻ ۾ ڪائنات جي نهڻ جو ثبوت 223
- پويتر شو مها پُراڻ ۾ ڪائنات جي تخليق جو ثبوت 225
- پويتر شريمد پگوت گيتا ۾ سرشٽي رچنا جو ثبوت 225
- پوجڻ ڪبير پرميشور (ڪبير ديو) جي امرت واڻي ۾ سرشٽي رچنا 228
- محترم سنت غريب داس صاحب جي امرت واڻي ۾ سرشٽي رچنا جو ثبوت 230
- محترم نانڪ صاحب جي واڻي ۾ سرشٽي رچنا جو ثبوت 236
- ٻين سنتن پاران سرشٽي رچنا جي ڏند ڪٿا 239

56 پڄڻي مريادا 240

- نام دڪشا ونڊ وارن پڄڻن جي لاءِ ضروري هدايتون 240
- ڪرم ڪانڊ جي باري ۾ سچي ڪٿا 246

57	شاسترن مطابق پڳتي سان ٽيل پڳتن کي فائدا	251
	• اُجڙيل ڪُٽنب آباد ٽيو	251
	• گڏدا نيڪ ڪرڻ ۽ شيطان کي انسان بنائڻ	252
	• پوتن ۽ بيمارين جي پيڙهيل خاندان کي آباد ڪرڻ	254
	• پڳت ستيش جي آتم ڪٿا	255
	• پڳت وحيد خان جي آتم ڪٿا	257
	• پڳت متي تارا ڪٿا تي بيحد ڪرپا ٿي	258
	• گُرو ڪرپا جي مهما	258
	• يارهن هزار وولٽيج جي تار کان ڇڏائڻ	259
	• پڳت ديپڪ داس جي ڪُٽنب جي آتم ڪٿا	261
	• ست ڪبير صاحب جي ديا	262
	• اُجڙيل ڪُٽنب آباد ٽيو	265

مھاڳ

جيئڻ جي راهہ ڪتاب گھر گھر ۾ رکڻ جي لائق آھي. ھن جي پڙھڻ ۽ عمل ڪرڻ سان لوڪ ۽ پر لوڪ ٻنھي ۾ سُکي رھندا. پاپن کان بچندا، گھر جي تڪليف ختم ٿي ويندي. ننھن- ٻُٽ پنھنجي ماءُ پيءُ جي گھٽي شيوا ڪندا. گھر ۾ پرماتما جو نواس ٿيندو. پُوت- پريت، پتر، پيرو- بيتال جھڙيون آتمائون اُنھي پربوار جي ويجھو نہ ايندیون. ديوتا اُنھي پڳت پربوار جي حفاظت ڪندا آھن. اڪال مرتيو (وقت کان پھرين موت) اُنھي پڳت جي نہ ٿيندي.جيڪو انھي ڪتاب کي پڙھي دڪشا وٺي مربادا ۾ رھي ساڌنا ڪندا.

ھن ڪتاب جي پڙھڻ سان اُجڙيل پربوار آباد ٿي ويندو.جنھن پربوار ۾ ھي ڪتاب رھندو، ھن کي پڙھندا. جنھن ڪارڻ سان نشو پنھنجو پاڻ ڇُٽي ويندو ڇو تہ ھن ۾ اھڙا ثبوت آھن جيڪي آتما تي اثر ڪري وجھندا آھن. شراب، تماڪ ۽ ٻين نشن ڏانھن ايتري نفرت ٿي ويندي جو اُنھن جو نالو ونڊ سان ئي روح ڪانپڻ لڳندو. سڄو پربوار سُک جي زندگي گُذاريندو. زندگي جو سفر آساني سان طئ ٿي ويندو ڇاڪاڻ تہ زندگي جو رستو صاف ٿي ويندو آھي.

ھن ڪتاب ۾، پُورڻ پرماتما ڪير آھي؟ ان جو نالو ڇا آھي؟ اُن جي پڳٽي ڪھڙي آھي؟ وغيرہ جي مڪمل ڄاڻ ملندي. مانش جيون سڦل ٿي ويندو. پربوار ۾ ڪنھن بہ قسم جي بُرائي نہ رھندي. پرماتما جي ڪرپا سدائين قائم رھندي. "جيئڻ جي راهہ" بھترملڻ سان سفر آسان ٿي ويندو. جيڪي ھِن ڪتاب کي گھر ۾ نہ رکندا، اُنھن کي "جيئڻ جي راهہ" بھتر نہ ملڻ سان سنسار رُوپي جھنگل ۾ ٽڪي پنھنجي قيمتي زندگي برباد ڪندا. پرماتما جي گھر وڃي پڇتاءُ ڪانسواءِ ڪجھہ بہ حاصل ڪونہ ٿيندو.اُنھي وقت خبر پوندي تہ "جيئڻ جي راهہ" بھتر نہ ملڻ سان زندگي برباد ٿي وئي.پوءِ توھان پرماتما کان عرض ڪندؤ تہ اي پرپو! ھڪ مانش جيون ٻيو بخش. آئون سچي من سان ست پڳٽي ڪندس. زندگي جي سچي راهہ جي ڳولا ڪرڻ لاءِ ستسنگ ۾ ويندس. پُوري زندگي سچي پڳٽي ڪندس ۽ پنھنجو ڪلياڻ ڪرائيندس. اُنھي پرماتما جي دربار ۾ توھان جي اڳئين جنمن جي فلم ھلائي ويندي. جنھن ۾ توھان کي ھرھڪ دفعي جڏھن جڏھن انساني جنم حاصل ٿيو ھو، توھان اِھو ئي چيوھو تہ ھڪ انساني جنم وري ڏيو، ڪڏھن بہ بُرائي ڪونہ ڪندس. سڄي زندگي پڳٽي بہ ڪندس ۽ گذر سفر لاءِ گھر جوڪم ڪار بہ ڪندس. پُورڻ گُرو کان دڪشا وٺي ڪلياڻ ڪرائيندس. جيڪا غلطي ھن انساني جنم ۾ ٿي آھي، اُن کي ڪڏھن بہ نہ دھرائيندس.

پوءِ پرماتما چون ٿا تہ پنھنجو پاڻ کي تون بيوقوف بڻائي زندگي برباد ڪري اچي بينل پاپن جي گاڏي پري، مونکي بہ بيوقوف ناھڻ چاھين ٿو. ھل نرڪ ۾. پوءِ چوراسي لک قسم جي جاندارن جي جسم ۾ چڪر لڳاءِ. جڏھن بہ انسان (عورت- مرد) جو جسم ملي، خبردار ٿي ڪري سنتن جا ستسنگ ٻڌجان ۽ پنھنجو ڪلياڻ ڪرائجان.

پڙھندڙن کي عرض آھي تہ ھن پويتر ڪتاب جي پڙھڻ سان توھان جون ھڪ سوء ھڪ (101) پيڙھيون لوڪ ۽ پرلوڪ ۾ سُکي رھنديون ھن کي پرماتما جو فرمان مجي سڄو پربوار پڙھي. ھڪ پڙھي، ٻيا ٻُڌن يا ھڪ کان وڌيڪ ڪتاب وٺي الڳ الڳ ھر روز پڙھو. ھن ۾ لکيل ھرھڪ ڳالھہ کي سچ مجيو. مذاق ۾ نہ وٺي. ھي ڪنھن شاعر جي ناھيل نہ آھي، ھي پرميشور جي غلام رامپال داس جي طرفان ھرديہ سان مانش ڪلياڻ جي مقصد سان لکي وئي آھي. لاڀ حاصل ڪريو.

ست صاحب

ليکڪ
رامپال داس
ست لوڪ آشرم بروالا
ضلع ھِسار، ھرياڻا (پارت)

پہ لفظ

جاندار جي زندگي جو سفر جنم کان شروع ٿيندو آهي. هُن جي منزل مقرر هوندي آهي. هِتي هِن پويتر ڪتاب ۾ انساني زندگي جي سفر جي رستي تي تفصيل سان بيان ڪيل آهي. انسان (مرد/عورت) جي منزل موڪش حاصل ڪرڻ آهي. هُن جي رستي ۾ پاپ ۽ پُڃن جي ڪرمن جا ڪڏا ۽ ڪنڊا آهن. توهان کي حيرانگي ٿيندي تہ پاپ ڪرم تہ رڪاوٽ هوندا آهن، پُڃ تہ سُکدائي هوندا آهن. اُنهن کي ڪڏا چوڻ نيڪ ناهي. هن جو مختصر بيان:-

❖ **پاپ روپي ڪڏا ۽ ڪنڊا:-**

انساني زندگي پرماتما جي شاسترن جي طريقيڪار مطابق ساڌنا ڪري موڪش حاصل ڪرڻ جي لاءِ حاصل ٿيو آهي. پاپ ڪرم جي تڪليف پڄڻي ۾ رڪاوٽ ڪندي آهي. **مثال طور:-** پاپ ڪرم جي ڪارڻ جسم ۾ بيماري ٿي وڃڻ، پسُو ڏن ۾ ۽ فصل ۾ نقصان ٿي وڃڻ. قرض چڙهي وڃڻ. قرضي انسان ڏينهن رات پريشان رهندو آهي. اُهو پڄڻي نہ ڪري سگهندو. پُورڻ ستگرو کان دڪشا ونڻ ڪانپوءِ پرميشور اُن پڄڻ جا مٿيان ڏُک ختم ڪري ڇڏيندو آهي. تڏهن پڄڻ پنهنجي پڄڻي پوري شرڌا سان ڪرڻ لڳندو آهي. پرماتما تي وشواس وڌندو آهي، مضبوط هوندوآهي. پر پڄڻ کي پرماتما جي طرف پاڻ کي سونپي ڇڏڻ گهرجي. جيئن پتيورتا استري پنهنجي پتي ڪانسواءِ ڪنهن بي مرد کي ڪام پُورتي (Sexual satisfaction) جي لاءِ خواب ۾ بہ نہ چاهيندي چاهي ڪير ڪيترو خوبصورت هجي. هُن جو پتي هر ممڪن ڪوشش ڪري سموريون سهولتون فراهم ڪندو آهي. خاص پريم بہ ڪندو آهي، اهڙي طرح دڪشا ونڻ ڪاڻ پوءِ آتما جو ملن پرماتما سان ٿيندو آهي. گُرو جي آتما جي شادي پرماتما سان ڪرائي ڇڏيندو آهي، جيڪڏهن اُهو انسان شرير ڌاري آتما پنهنجي پتي پرميشور ڏانهن پتيورتا جي طرح ارپڻ ڪري يعني پُورڻ پرماتما ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ديوي- ديوتا کان دلي خواهش جو پورائو نہ چاهي ٿي تہ هُن جو پتي پرميشور اُن جي زندگي جي راهہ ۾ رڪاوٽ سيني پاپ ڪرمن جي ڪنڊن کي ٻُهاري ڇڏيندو آهي. اُنهي آتما جي جيئڻ جي راهہ آسان ۽ صاف ٿي ويندي آهي. هُن کي منزل آساني سان ملي ويندي آهي. اُنهي آتما جي لاءِ پرماتما چا ڪندا آهن؟ اُنهي کي سنت غريب داس جي مهاراج پرميشور ڪبير جي کان حاصل گيان کي هن طرح ٻُڌايو آهي:-

غريب، پتيورتا جمين پر جُيون جُيون ڌر هئہ پانوَ
سمرٿ جهاڙو ديت هي، نا ڪانٽا لگ جاو

ڪبير پرميشور چيو آهي تہ:-

ڪبير، ساڌڪ کي لکشڻ ڪهُون، رهي جيون پتيورتا ناري
ڪهہ ڪبير پرماتما کو، لگي آتما پياري
پتيورتا کي پڄڻي پٽ کو، آپ صاف ڪري ڪرتار
آن اُپاسن تياگ دي، سو پتيورتا پار

پڄڻي ڪرڻ سان پاپ ختم ٿي ويندا آهن جيڪي پڄڻي جي راهہ ۾ پٿر بڻجندا آهن.

ڪبير، جب هي ست نام هرديہ ڌريو، پيو پاپ کو ناس
جيسي چنگاري اگني کي، پڑي پُراني گهاس

اِنهي ڪري پُورڻ گُرو کان دڪشا ونڻ، هر عورت، مرد، بار (ٿي سالن کان ڪانپوءِ) پوڙهي توڙي جوان کي پڄڻي ضرور ڪرڻ گهرجي.

❖ **پُڇ ۽ پڳتي جي رستي ۾ رڪاوٽ آهي:-**

گذريل جنم جي پُڃن جي ڪارڻ گهر ۾ ڏن هوندو آهي. هر سهولت هوندي آهي. ڪنهن کي حڪمراني حاصل ٿيندي آهي جيڪو پڳتي ۾ رڪاوٽ هوندي آهي. اُهو سُک اُن کي پرماتما کان ڪوسُون (ڪيترا ئي ڪلو ميٽر) پري ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙو سُک ۽ جيئڻ جي راهه ۾ پٿر آهي، پرماتما کي حاصل ڪرڻ جي منزل کان پري ڪري ڇڏيندا آهن.

ڪبير؛ سُک کي ماڻي پٿر پڙي، نام هردي سي جاوي
بلهاري وا ڏک کي جو پل پل نام رٽاوي

هڪ دولتمند يا راج پد حاصل ٿيل انسان کي پرماتما جي ڪٿا ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪري ڏسو. هُن جي بلڪل چاهه نه ٿيندي. ٻئي طرف پاپ ڪرم جي مار پوڳيندڙ انسان کي پرماتما جي چرچا (قصو) ٻڌايو. هُن کي ٻڌايو ته پرماتما سموريون تڪليفون ختم ڪري ڇڏيندو آهي. توهان پرماتما جي پڳتي ڪندا ڪريو، ڏسو پنهنجي ڳوٺ جي فلاڻو شخص، هُن سنت کان دڪشا ونئي سُکي ٿي ويو. هُو ۽ توهان وانگر تڪليف ۾ هو ته اُهو دُکي انسان پڳتي تي لڳي ويندو آهي. هن جي لاءِ اهي ڏک وردان بڻجي ويا. جيڪي سکي آهن انهن کي ڪيئن سمجهائجي. انهن وٽ ته ثوابن جي ملائي ڪافي آهي اهو دولتمند انسان پنهجي پڇ ڪرمن کي ڪائي خرچ ڪري، خالي ٿي پاپن جي مال گاڏي پري مرڻ بعد پرماتما جي دربار ۾ منهن ڦٽائي خوفزده ٿي ويندو. ۽ ڪُتي، گڏهه يا سوئر جو جنم ونندو. ان کان الڳ ڏکي انسان پرماتما جي پڳتي ۽ دان ڏرم ڪري حال ۾ ۽ سکي ٿي ويندو. پاپ ڪرمن کان بچي پڇ ڪرمن جي مال گاڏي پري پڳتي ڏن جو امير بڻجي پرماتما جي دربار ۾ بي خوف ٿي ويندو. پرماتما سيني سان لڳائيندو ان پڳت کي موڪش ڏئي هميشه لاءِ سکي ڪري ڇڏيندو.

جيتوڻيڪ امير راج پڌ (پوسٽ) حاصل ٿيل سکي انسان ۽ پڳتي جي رستي تي لڳي ويندو. ته ان جو ڪم ڏهيل ڏکيل آهي. موڪش ۾ ڪوبه الجهن نه آهي.

سوال:- هڪ نيڪ انسان چيوته آئون ڪوبه نشو ڪونه ٿو ڪريان، سيني براين کان پري آهيان. ان کان پري آهيان ٻين جي پيٽن ۽ ڏيئن کي پنهنجون سمجهان ٿو. ڪو به پاپ ڪونه ٿو ڪريان مونکي پڳتي جي ڪابه ضرورت نه آهي ست سنگ ۾ اهڙا اهڙا مرد ۽ عورتون ويندي ڏٺا آهن جيڪي سموريون برايون ڪندا هئا، بدنام هئا؟

جواب:- جيئن ۽ ايڪڙ زمين آهي هڪ ايڪڙ سنواري پوکي رکيو آهي يعني گند گاهه وغيره ڪڍي هر يا ٽريڪٽر هلائي صاف ستڙو ڪري رکيو آهي پر هج ته پوکيو ڪونه.

ٻي ايڪڙ زمين ۾ سڀ گند گاهه جهاڙ وغيره ٻريا ٻينا آهن ته ٻئي بيڪار آهن. جيڪڏهن ٻئي ايڪڙ زمين کي ڪو صاف ڪري سنواري ڪٽڪ پوکي ڇڏي ۽ پهرين صاف ڪيل ۾ ڪجهه ۽ ڪونه پوکيو ته ٻيو ان پهرين واري ايڪڙ زمين کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ بهتر آهي جنهن کي سنواري ڇڏي ڏنو ٻج ڪونه پوکيو.

انهي لاءِ جيڪڏهن توهان وڪار مطلب برائي کان آزاد آهيو، ته توهان کي پڳتي ٻج پوکڻو پوندوتڏهن ئي توهان کي جسم روپي زمين جو فائدو ٿيندو.

جيڪي برائي ڪندا هئا انهن کي گيان ٿيو ته برائي ڇڏي ڪري پڳتي ڪندا آهن. انهن پنهنجي جيئڻ جي راهه بدلائي ڇڏي، صاف ڪري يا سنواري ڇڏي ته منزل ويجهي ٿي وئي.

توهان اڳتي پڙهندا ته هڪ طوائف ڪبير پرميشور جو ستسنگ ٻڌي پنهنجي راهه بدلائي ڇڏي ۽ نام دڪشا ونئي ستسنگ ۾ وڃڻ لڳي. ڳوٺ جي ماڻهن کي صحيح نه لڳو. منهن جوڙي ڳالهيون ناهڻ لڳا ته ڪبير جي ستسنگ ۾ بدنام عورتون وڃن ٿيون. هي سنا سنت نه آهن سڀ اهڙا ئي ماڻهو هن جي ستسنگ ۾ وڃن ٿا. پنهنجين پيٽن نياڻين کي اتي نه وڃڻ ڏجو. ماڻهن جا اهڙا ويچار ٻڌي ڪجهه پڳت پڙ گرو جي سان ڳوناڻن جي ٻولي ٻولڻ لڳا. تڏهن پرميشور ڪبير جي فرمايو ته

ڪُشتي هو سنت بندگي ڪيجيئي

جو هو وئشيا کي پرپو وشواس چرڻ چت ديجيئي

سمجهاڻي:- جيڪڏهن ڪنهن پڳت کي بيماري آهي ۽ هو پڳتي ڪرڻ لڳو آهي تہ پڳت سماج کي گهرجي تہ هن کان نفرت نہ ڪن هن کي پرڻام يعني (سلام) ڪن، جيئن ٻين پڳتن کي ڪن ٿا. ان جي عزت ۽ ادب ڪرڻ گهرجي هن جو حوصلو وڌائڻ گهرجي. پڳتي ڪرڻ سان ان جو جيون سڦل ٿيندو. بيماري نيڪ ٿي ويندي. اهڙي طرح ڪنهن طوائف پيٽ يا ڏي کي خيال ٿيو آهي پڳتي ڪرڻ سان، ستسنگ ۾ اچڻ سان هن کي پرماتما تي پروسو ٿيو آهي. هو ستسنگ ويچار ٻڌندي تہ برائي ٻہ ڇڏي ويندي. ۽ ان جو ڪلياڻ ٿي ويندو. سماج مان برائي نڪري ويندي. جيڪڏهن هو ستسنگ ۾ نہ ايندي تہ هن کي پنهنجي پاپ ڪرمن جو احساس ڪيئن ٿيندو؟ ميلا ڪپڑا پاڻي ۽ صابڻ جي ليپيٽ ۾ نہ ايندا تہ صاف ڪيئن ٿيندا؟ اهڙي بدنام عورت ٻہ پڳتي ڪري ٿي تہ هن کي خاص احترام سان سڏيو تہ جيئن انکي ستسنگ ۾ اچڻ ۾ڪهبراهٽ نہ ٿئي. جيڪڏهن هن کي روڪيندا تہ توهان ٻہ پاپ جا حصيدار ٻڏجي ويندا. هن کان اڳتي جي ڪهاڻي توهان هن ئي ڪتاب ''جيئڻ جي راهہ''۾ صفحو نمبر 87 تي پڙهندا، جنهن جو عنوان آهي ''ڪبير طرفان شيوڪن جو امتحان''

شريمد پاڳوت گيتا جي اڌياءِ نمبر 9 جي شلوڪ نمبر30 ۾ پڻ اهڙو ئي ثبوت لکيل آهي تہ ڪوبہ ڪيترو ٻہ گناه گار شخص چو نہ هجي جيڪڏهن هو پروسي سان پرماتما جي پڳتي ڪرڻ لڳي وڃي تہ ان کي مهاتما جي برابر مڃڻ گهرجي. اهو سنتن جا وچار ٻڌي سڌري ويندو. پنهنجوڪلياڻ ڪرائيندو. انهيءِ ڪري انسان جسم ڌاري سڀي آتما انسان کي پڳوان جي پڳتي ۽ سنا ڪرم، دان، ڌرم گرو جي شرڻ (پناهہ) ۾ اچي ڪري لازمي ڪرڻ گهرجي.

پوجڻ ڪبير صاحب فرمايو آهي تہ:-

ڪبير، مانش جنم درلپ هئہ، ملي نہ بارم بار

جيسي ترور سي پتا ٽوٽ گري وہ پهور نہ لگتا ڈار

سمجهاڻي:- ڪبير پرميشور سمجهايوآهي تہ اي انساني جسم ڌاري انسان! هي انساني جنم (عورت، مرد) گهڻي مشڪل سان ڪيترن ئي يگن جي بعد حاصل ٿيندو آهي. هي بار بار ڪونہ ملندو، هن جسم جي رهندي رهندي سنا ڪرم ۽ پرماتما جي پڳتي ڪر، نہ تہ هي جسم ختم ٿي ويو تہ ٻيهر اهڙي حالت يعني انساني جسم کي حاصل نہ ڪري سگهندو. جيئن وڻ کان ڪو پن ٽٽڻ کان پوءِ اهو ڌاري تي وري ٻيهر ناهي لڳندو انهيءِ ڪري انساني ڌاري جسم جو موقعو ايئن نہ وڃايو. ڪبير پرميشور وري فرمائين ٿا تہ:-

ڪبير، مانش جنم پائي ڪر، نهين رٽي هري نام

جيسي ڪنوان جل بنا، بنوايا ڪس ڪام

سمجهاڻي:- انساني زندگي ۾ جيڪڏهن پڳتي نٿا ڪريو تہ اهو جيون ايئن آهي جيئن بهترين ڪوهہ ٻڻائي رکيو آهي پر ان ۾ پاڻي نہ آهي يا پاڻي آهي تہ ڪارو پيئڻ لائق نہ آهي ان جو ٻہ نالو پلي ڪوهہ ئي آهي پر گڻ (خاصيت، خوبي) ڪوهہ واري نہ آهي اهڙي طرح جيڪڏهن منش (انسان) پڳتي نٿو ڪري تہ هن کي ٻہ انسان تہ چون ٿا. پر انسان وارا گڻ هن ۾ ڪونہ آهن. اڳئين جنمن ۾ ڪيل شڀ اشڀ (سنا ۽ خراب) ڪرمن پلن برن اعمالن ۽ پڳتي جي ڪارڻ صحتمند آهي. اهي اوچتو بيمار ٿي لکين روپيا علاج تي خرچ ڪري موت کي حاصل ڪندو آهي. ڪي جنم سان ئي روگي هوندا آهن. سڄي زندگي تڪليف پوگي مري ويندا آهن ڪي نرڌن (غريب) هوندا آهن تہ ڪي وري امير جي گهر ۾ جنم وٺندا آهن. ڪن ڪي چوڪرا چوڪريون هوندیون آهن تہ ڪن ڪي اولاد نصيب ئي ڪونہ ٿو ٿئي. ڪن ڪي چوڪريون ئي چوڪريون اولاد هوندي آهي چاهيندي ٻہ پٽ نٿوٽئي اهي سڀ اڳئين جنم جا ڦل انسان پوڳيندو آهي جيستائين وري پڳتي شروع نہ ڪندو تيستائين اڳ وارا سنسڪار ئي انسان کي ملن ٿا جنهن وقت سچي ستگرو

کان اُپديش دکشا (نام دان) ونڊي مريادا سان پڄڻي ڪرڻ لڳندوآهي تہ شبد سنسڪار (سنا اعمال) وڌي وڃڻ سان ڏک جو وقت سک ۾ بدلڻ لڳي ويندو آهي.

''انساني زندگي جي عام ڏارڻا (سوچ)"

جيستائين مڪمل اڌياتمڪ گيان نٿو ٿئي تيستائين عام انسان وانگر سوچ هوندي آهي تہ:-

1. وڏو ٿي پڙهي لکي پنهنجي روزگار جي تلاش ڪري شادي ڪرائي پريوار سنپالينڊس. ٻارن کي اعليٰ تعليم ڏيارينڊس. پوءِ انهن کي روزگار ملي ويندو انهن جون شاديون ڪرائينڊس پرماتما اولاد کي اولاد عطا ڪري پوءِ اسانجو فرض پورو ٿيو. ڪيترائي دفعا ڳوٺ يا پاڙيسري ڳوٺ جا بزرگ گڏ ٿيندا تہ پاڻ ۾حال احوال پڇندا آهن تہ هڪ ڄڻي چيو تہ پرماتما جي ڪرپا سان ٻہ چوڪرا ۽ ٻہ نياڻيون آهن سخت محنت ڪري پالڻ پوشڻ ڪري ۽ پڙهايو شاديون ڪرائي ڇڏيون سيئي پٽن ڏيئرن وارا آهن. منهنجو ڪم پورو ٿيو. 75 سالن جو ٿي ويو آهيان هاڻي بيشڪ موت اچي وڃي منهنجو جيون(زندگي) سڦل ٿيو. ونس ول (نسل) شروع ٿي وئي سنسار ۾ نالو رهندو.

جائزو: مٿي پرسنگ (ڪٿا) ۾ جيڪو حاصل ٿيو، اُهو اڳيون مقرر ٽيل سنسڪار ئي حاصل ٿيو، نئون ڪجهہ نہ مليو.

- هڪ ماڻهو جو وواه ٿيو. اولاد روپ ۾ نياڻي ٿي عام سماج ۾ يا سوچ رهي آهي تہ پٽ نہ آهي تہ ان جو ونس (نسل) نٿو هلي مگر اڌياتمڪ گيان (روحاني علم) جي نظر سان پٽ يا ڌي ۾ڪوبہ فرق نٿو مجيو وڃي اميد ٿي تہ ٻيو اولاد تہ پٽ ئي ٿيندو پر ٻيو اولاد ٻہ نياڻي ئي ٿي. وري تمنا ٿي تہ ٿيون تہ پٽ ئي ڏئي مگر ٽين ٻہ نياڻي ٿي. اهڙي طرح ڪل پنج نياڻيون ٿيون پٽ تہ ٿيو ئي ڪونہ انهيءِ مثال مان ظاهر ٿيو تہ نہ تہ انسان جو رڻيل ٿيو نہ ئي ڪيل ٿيو جيڪو ڪجهہ ٿيو سو سنسڪار وس (تقدير ۾ لکيل) ئي ٿيو. اهو مالڪ جو وڌان (قانون) آهي. انساني جسم حاصل جاندار کي ورتمان (موجوده جنم) ۾ پورڻ سنت کان نام دکشا ونڊي پڄڻي ڪرڻ گهرجي ۽ پُڄ (ثواب) دان ڏرم ۽ شبد ڪرم ضرور ڪرڻ گهرجن ٻي صورت ۾ اڳئين جنم جا پُڄ هن جنم ۾ ڪائي خرچ ڪري خالي ٿي پرماتما جي درٻار ۾ ويندو پوءِ جانورن وغيره جي زندگي پوڄڻي پوندي.
- جيئن هاري پنهنجي ٻني ۾ ڪڻڪ، ڇٽا وغيره پوکيندو آهي پوءِ محنت سان تيار ڪري گهر آڻي پنهنجي ڪمري ۾ پري ونندو آهي جيڪڏهن هو وري ٻج پوکي فصل تيار نہ ڪندو تہ گذريل سال جي ڪڻڪ ۽ ڇٽا ڪائي خرچي رهيو آهي. هلندڙ وقت ۾ هن کي ڪابہ مشڪلات نہ ايندي ڇوتہ گذريل سال جي ڪڻڪ ۽ ڇٽا موجود آهن مگر هڪ ڏينهن اهو اڳيون جمع ڪيل اناج ختم ٿي ويندو ۽ هاري خاندان بکاري بڻجي ويندو. بلڪل انهي وانگر انساني جسم جيڪو ٻہ حاصل ٿي رهيو آهي اهو اڳئين جنمن جي جمع ڪيل ڪمائي آهي. موجوده وقت هن هلندڙ زندگي ۾ شبد ڪرم ۽ پڄڻي نہ ڪئي تہ مستقبل جي زندگي نرڪ بڻجي ويندي.
- اڌياتمڪ گيان (روحاني علم) ڪانپوءِ انسان عقلمند هاري وانگر هر سال هر موسم ۾ فصل پوکيندو ۽ پنهنجي گهر ۾ جمع ڪري ڪائيندو ۽ وڪڻي ڪري پنهنجو گذران ٻہ ڪندو انهي ڪري پرم سنت انسان کي جيئڻ جي راهہ ٻڌائين ٿا جنهن جو دارومدار سچي اڌياتمڪ گيان ۽ سيني مقدس ڪتابن مطابق واضح هوندو آهي. جهڙي نموني اڳ ۾ آيل ڪٿا ۾ هڪ بزرگ ٻڌايو تہ سڀ اولاد پالڻ پوشڻ ڪري شاديون ڪرائي ڇڏيون. منهنجي انساني زندگي جو ڪم مڪمل ٿيو. منهنجو جنم سڦل ٿي ويو. هاڻ بيشڪ موت اچي وڃي. تعجب جي ڳالهہ آهي تہ اڳيون گڏ ڪيل ڌن خرچ ڪري ڇڏيو اڳتي مستقبل جي لاءِ ڪجهہ ٻہ ڪونہ ڪيو. جنهن سبب هن انسان جو انساني جنم بيڪار ۾ ويو.

ڪبير پرميشور فرمائين ٿا تہ

ڪيا مانگون ڪچ ٹـر نہ رهائـي، ديکت نين چلا جگ جائي
ايک لاک پوت سوا لاک ناتي، اس راون کي گهر ديوا نہ باتي

سمجهاڻي:- جيتوڻيڪ هڪ شخص هڪ پٽ سان ونس ول (خانداني نسل) سدائين قائم رکڻ چاهي ٿو تہ هن جي پُل آهي جيئن سري لنڪا جي راجا راوڻ جا هڪ لک پٽ هئا ۽ سوا لک ناتي (رشتيدار) هئا. موجوده وقت ۾ هن جي خاندان ۾ ڪوبہ ڏيئو جلائڻ وارو ئي نہ آهي سڀ ختم ٿي ويا. انهي ڪري اي انسان! پرماتما کان چا ٿو گهُرين جيڪو سڏائي (سدا رهڻ وارو) ئي ڪونہ آهي. هي اڌياتمڪ گيان جي نہ هئڻ جي ڪري خواهش ٿي آهي. پرماتما توهان کي توهان جو سنسڪار ڏيندو آهي. توهان جو کيل ڪجهہ بہ نہ ٿي رهيو آهي. هن بزرگ جي ڳالهہ مجو تہ پٽ جي هئڻ سان ونس (نسل) وڌڻ سان دنيا ۾ نالو قائم رهي ٿو. هڪ ڳوٺ ۾ چار يا پنج ماڻهو هئا. انهن جي خاندان ۾ سوين خاندان بڻيا آهن انهن جو ونس هلي رهيو آهي انهن جو دنيا ۾ نالو بہ هلي رهيوآهي مگر مقدس ڪتابن جي مطابق پڃڻي نہ ڪرڻ سبب پرماتما جي قانون مطابق اهو پلو انسان کٽي گڏهہ بڻجي تڪليف پوڳي رهيو هوندو. اتي گڏهہ جي نسل کي وڌائي وري ڪٽي جو جنم حاصل ڪري اتي هن جي خاندان کي وڌائي وري ٻين جاندارن جا جسم حاصل ڪري بي شمار جنم تڪليفون پوڳيندو. مطلب تہ انساني زندگي حاصل انسان کي گهرجي تہ دنياوي فرض ادا ڪندي آتم ڪلياڻ جو بہ ڪم ڪري جنهن سان پربوار ۾ ايندڙ اڳين پاپن جي مار بہ ٽري ويندي. پربوار خوشحال رهندو. نہ تہ سڌا ۽ خراب ٻنهي ڪرمن جو ڦل پوڳڻ سان سڪ تہ ڪڏهن ڏکن جو ڪهر پوڳڻو پوندو آهي. هڪ دفعي داس (ليکڪ) هڪ ڳوٺ ۾ ٽن ڏينهن کان ستسنگ ڪري رهيو هو انهي پربوار جو هڪ رشتيدار هڪ چار سال جي بار کي گڏ ونڊي آيو ڳالهہ بول ڪندي هن بڌايو تہ مونکي اولاد روپ ۾ چار پٽ ۽ بہ نياڻيون حاصل ٿيون سڀني جون شاديون ڪرائي چڪيون. مون جهڙو سکي اسانجي ڳوٺ ۾ شايد ئي ڪوئي هوندو پوءِ اهڙي مصيبت آئي جو بن سالن ۾ گهر اُجڙي ويو. بہ پٽ موٽر سائيڪل تي ساهرن ۾ وڃي رهيا هئا تہ حادثي ۾ پڳوان جي گهر هليا ويا. انهي جي گهرواري جي بہ بي ڳوٺ ۾ شادي ڪري چڪي. هڪ سال ڪانپوءِ هڪ پٽ کي ٻني ۾ ٽيوب ويل تي رات جو نانگ ڏنگيو ۽ ان جي لاش ملي، چوڻون ان جي ڏک ۾ دل جو دورو پوڻ تي مري ويو. سڀئي ننهون بہ هليون ويون. گهرواري جو مانسڪ سنتولن (ذهني توازن) خراب ٿي ويو هي ڇوڪرو وڏي نياڻي جو آهي هن جي سهاري ڏينهن گذاري رهيو آهيان. نياڻي کي گهر ۾ رکي آهي. پيارن پڙهندڙن کان عرض آهي تہ عقل کان ڪم ونو ۽ انساني زندگي جو سچو رستو ونو. پڃڻي ضرور ڪريو.

❖ اولاد ٿيڻ يا نہ ٿيڻ اهو توهان کي پوئين ڪرمن جو ڦل آهي. البتہ جيڪڏهن اولاد کي ڏرم ڪرم جو گيان نہ آهي تہ اُهي چاهي ڪيترائي نيڪ ڇو نہ هجن، ڪڏهن نہ ڪڏهن غلطي ڪري چڪيندا آهن. اُهو سمورو پاپ توهان (پيءُ) جي ڪرمن جي ڪري ٿيندو. هڪ شخص بڌايو تہ منهنجو سُهرو چار ايڪڙ زمين وارو جات هاري هو. هن ڏينهن رات محنت ڪري وڏيڪ زمين خريد ڪري وري چار ڇوڪرا هئا ۽ هڪ نياڻي هئي سڀني جون شاديون ڪرائي چڪيون. ست سال جي عمر ۾ منهنجي سُهري کي اڌرنگ ٿي ويو. چار ئي ڇوڪرا الڳ الڳ رهندا هئا. ڪجهہ ڏينهن وڏي پٽ سان گڏ رهيو، پر ڇهہ مهينن ۾ ئي ڪيڙن ۾ بدبُو اچڻ لڳي پوءِ ٽيءِ نمبر واري جي گهر ۾ رهيو، ڪجهہ ڏينهن بعد هُن بہ هٿ مٽي ڪنيا، اهڙي طرح چارئي پٽ شيوا کان بيزار ٿي پيا، ڳوٺ جي پنچائت منهنجي سُهري جي سيوا ڪرائڻ جي مقصد سان بہ بہ ايڪڙ زمين هُن کي وڏيڪ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو جيڪو پٽ پنهنجي پيءِ جي سيوا ڪندو اُنهي ئي لالچ ۾ نندي پٽ شيوا ڪرڻ جي ڳالهہ مڃي ورتي. ڇهن مهينن ۾ هن ڇيو تہ منهنجي وس جي ڳالهہ نہ آهي. رشتيدار گڏ ٿيا سڀني پٽن کي هر طرح سان سمجهايو پر ڪو بہ شيوا جي لاءِ تيار نہ ٿيو. اُهو پڳٽ بڌائي رهيو هو تہ منهنجو سُهرو ڳالهائي بہ نہ پي سگهيو، جڏهن نندڙو پوٽو هن وٽ آيو تہ ڪنڌ جي اشاري سان چئي رهيو هو تہ هلي آءِ مون وٽ، لاڏ (پيار) ڪندس، اِها غلطي ٿي آهي. پٽن تہ موج ڪري چڏي ، پوٽن جي ڪسر آهي باقي. اُنهن بن ايڪڙن کي مقادي تي ڏئي، هُن جي لاءِ هڪ نوڪر رکيو. بُري حالت ۾ موت ٿيو.

غور ڪريو تہ اهڙي محنتي شخص کي جيڪڏهن اُهو گيان هجي ها تہ پڃڻي ۽ ڏرم بنا انساني زندگي نرڪ بڻجي ويندي آهي تہ هُو اُن سان گڏو گڏ پرماتما جي پڃڻي بہ ڪري ها ۽ اهڙي حالت تائين نہ پهچي ها ۽ پٽ بہ شيوا ڪن ها. ستسنگ ۾ اها ئي ڄاڻ

ڏني ويندي آهي. شرڌالو پڄڻن کي ديا ۽ ڏرم جو سبق پڙهايو ويندو آهي. آشرم ۾ ستسنگ جي دوران پوڙها، بزرگ، روڳي، اپاهج ننڍا ٻار گڏ ماتائون ۽ پيٽون ايندیون آهن. آشرم ۾ جن جن پڄڻن ۽ پڄت متين جون ديوتيون لڳايون ويندیون آهن. اُهي ايندڙ پوڙهن، روڳين ۽ ٻين بي سهارن جي شيوا ڪندا آهن. انهن جا ڪپڙا ڏوئيندا آهن، پوجن ناهڻ واري جڳهه کان پوجن پرساد ڪٽي پنڊال ۾ ويهڻ کي ڪارائيندا آهن، چانهه ۽ کير به اُتي ئي ويهڻ کي آڻي ڏيندا آهن. ٿورو سوچيو، غور ڪريو! ته جيڪي ٻار (ست سنگ ۾ وڃڻ وارا) ۽ پيٽون، ڏيئرون، مائرون پڄت پائر ست سنگ ۾ اڇڻ وارا غيرن جي شيوا ڪندا آهن ته اُهي گهر تي پنهنجن ماتا پتا، ڀاءَ، پيڻ، سَس، سِسُر جي به ساڻئي طريقي سان شيوا ڪندا ڇو ته اُنهن جي فطرت بڻجي ويندي آهي اُنهن جي دلين ۾ دیا (رحم) پريل رهندي آهي. اُنهن کي پرماتما جو قانون چگي طرح ياد هوندو آهي جيئن پويون موضوع آهي هڪ محنتي هاري کي اڌ رنگ تي وڃڻ ۽ ٻارن وانگر اُن کي وساري ڇڏڻ. جيڪڏهن اُهي ڇوڪرا ۽ ننهون ستسنگ ۾ وڃن ها ته پنهنجي پتا جي تمام گهٽي شيوا ڪن ها. جيڪڏهن اُهو هاري پرماتما جي پڄتي ڪري ها ته هُن جو شرير (جسم)صحتمند رهي ها ۽ هُن جي پڄتي جي ڪارڻ پڃن جي تيج (سگهه) کان متاثر ٿي پربوار خود بخود احترام ڪري ها. مثال طورساڌُ سنت پڄتي ئي ڪندا آهن. جنهنڪري ڳوٺن جا ڳوٺ اُنهن جو ادب ڪندا آهن. اهڙي طرح پڄتي ڪرڻ سان پرماتما جي شڪتي(طاقت) خود بخود ٻئي تي اثر ڪري پڄتي جي مطابق دوستاڻو ماحول بڻائي ڇڏيندي آهي. اِنهي ڪري پڄتي ڪرڻ جي اُمنگ سنت جن ڏيندا آهن. ستنگ سان جيئڻ جي راهه بهتر بڻجندي آهي.

❖ ڪبير پرميشور جي وري ٻڌايو آهي ته:-

بِن اُپديش اچنب هئہ، ڪِيُون جيوت هي پران

پڄتي بنا ڪهان نـور هئہ يہ نـر نهين پاشان

سمجهاڻي:- پرماتما ڪبير جي ڇئي رهيا آهن ته اي معصوم انسان! آئون حيران آهيان ته بنا گرو دڪشا جي ڪهڙي اميد ڪٽي زندهه آهين؟ هي جسم به تنهنجو نہ آهي هي به هڪ ڏينهن ڇڏي ويندو ته پوءِ هي ڌن دولت تنهنجا ڪيئن آهن؟

ڪبير، ڪايا تيري هئہ نهين مايا ڪهان سي هوئي

پڄتي ڪر دل پاڪ سي جيون هي دن دوئي

جنهن کي اها سمجهه نہ آهي ته پڄتي بنا انسان جو ڪٽي به ٺڪاڻو نہ آهي ته پوءِ جيڪي پڄتي نٿا ڪن اُهي انسان نہ بلڪ پٿر آهن. اُنهن جي عقل تي پٿر سٽيل آهن.

پرميشور ڪبير جي وري فرمايو آهي ته:-

اگم نگم ڪو کوج لي، بُڌي وويک وبچار

اُڌيہ است ڪا راج ملي، تو بن نام بگار

پاوارٹ:- پُراڻي زماني ۾ پوليس ٽاڻن ۾ جيپون، ڪارون وغيره گاڏيون نہ هونديون هيون. جڏهن پوليس وارن کي ڪٽي چاپو هڻڻو هوندو هو ته ڪنهن پرائيويٽ ٽري وهيلر (رڪشا) يا فور وهيلر واري کي زبردستي جهلي اُن جي گاڏي (رڪشا/ڪار) ۾ ويهي جتي وڃڻو هوندو هو. اُتي وڃي ويندا هئا. ڊرائيور به اُهو ئي رڪشا يا ڪار وارو ۽ پٽرول يا ڊيزل به اهو ئي پنهنجي ڪيسي مان پرائيندو هو. ان ڏينهن جو مزوري به ڪونہ ڪري سگهندو هو. پوليس وارا هن کي سڃو ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن گهمائيندا رهندا هئا. عام ماڻهو ته اهو سوچيندو هو ته اڄ هي رڪشا /ڪار وارو تمام گهٽو ڪمائيندو، سڃو ڏينهن هليو آهي. مگر اهو ته اُن رڪشا يا ڪار واري جو ئي من ڄاڻي ٿو ته اُن ڏينهن هُن سان ڇا وهيو واپرايو هو. ايئن ئي راجا ماڻهو هن جنم ۾ پڄتي نہ ڪري فقط بادشاهي کي سنپالي رکڻ ۾ پنهنجي زندگي ناس ڪري رهيا آهن. مطلب اُهي بِڪار (فري ۾ ڪم ڪرڻ) ڪري هليا ويندا آهن. پوئين جنم جي ڏرم ڪرم سان راجا بڻجندو آهي. موجوده جنم ۾ اُنهي پُڄ ڪرمن کي ڪائي خرچي رهيو هوندو

آهي. عوام کي محسوس ٿيندو آهي تہ راجا وڏي موج ڪري رهيو آهي. اڌياتمڪ گيان جي نظر ۾ هُو بيگر (بگار) ڪري رهيو آهي. پڳٽي ڪمائي نہ پيو ڪري. جيتوٽيڪ ماڻهو پُورڻ گُرو کان دڪشا ونڊي پڳٽي نہ ڪندو آهي تہ هُن کي اُڏيہ است يعني پوري ڏرتي جو راج بہ ملي وڃي تڏهن بہ هُو رڪشا/ڪار واري جي طرح اجائي مارو ماري يعني محنت ڪري رهيو آهي. اُن کي ڪجهہ بہ فائدو نہ ٿيندو. اُنهي ڪري راجا هجي يا عوام، امير هجي يا غريب سڀني کي پڳٽي جي نئين سر شروعات ڪرڻ گهرجي. اُنهي سان هُن جو مستقبل روشن ٿيندو.

پرماتما ڪبير جي پنهنجي شش سنت غريب داس جي کي تتو گيان سمجهايو جيڪو هن ريت آهي:- (راگ آساوري شبد نمبر 1)

من تو چل ري سُک کي ساگر، جهان شبد سِندو رتناگر (ٽيڪ)
ڪوڙي جنم تو هي مرتان هو گئي، ڪچ نهين هاٿ لگا ري
ڪُوڪر شُوڪر کر پيا بوري، ڪُئوا هنس بگاري (1)
ڪوڙي جنم تو هي راجا ڪينا، مڙي نہ من کي آسا
پِڪشڪ هو کي در در هانڊيا، مليا نہ نرگُن راسا (2)
اِندر ڪُبير اِيش کي پدوي، برهما، ورڻ، ڏرم رايا
وشنو ناٿ کي پُرکون جا کي، بهر اُلٽا آيا (3)
اسنک جنم تو هي مرتان هو گئي، جيوت ڪيون نہ مري ري
دوادس مٽيہ مهل مٺ بوري، بهر نہ ديهہ ڏري ري (4)
دوزخ بهشت سيي تين ديکي. راج پاٿ کي رسيا
تين لوڪ سي ترپت ناهين، يہ من پوگي ڪسيا (5)
ستگرو ملي تو اچا مڙي، پد مل پدي سمانا
چل هنسا اس لوڪ پنائون، جو آدي امر استانا (6)
چار مُکتي جهان چمپي ڪرتي، مايا هو رهي داسي
داس غريب ايئہ پد پرسي، ملي رام اوناشي (7)

سوڪشم ويد جي واڻي جو پاو ارٿ:-

واڻي جو آسان ارٿ:- آتما ۽ من کي پاتر (اهل) بڻائي سنت غريب داس جي سنسار جي ماڻهن کي سمجهايو آهي، جيو آهي تہ "هي سنسار ڏُکن جو گهر آهي. هن کان جدا هڪ ٻيو سنسار آهي. جتي ڪو بہ ڏُک نہ آهي. اهو هنڌ سناتن پرم ڏام (ست لوڪ) آهي ۽ اُتي جو پڳوان (اوناشي پرميشور) سُکن جو ساگر آهي. سُک جو ساگر مطلب امر لوڪ جي مختصر معلومات سنت غريب داس جي ٻڌائي آهي تہ:

سنکون لهر مهر کي اُپجين، قهر جهان نہ ڪوئي
داس غريب اچل اوناشي، سُک کا ساگر سوئي

پاو ارٿ:- جنهن وقت آئون (ليکڪ) اڪيلو هوندو آهيان، تہ ڪڏهن ڪڏهن اندر اهڙي لهر اُٺندي آهي، اُن وقت سڀ پنهنجا لڳندا آهن چاهي ڪنهن مون کي ڪيترو ئي ڪشٽ (ڏُک، تڪليف) ڏيئي رکيو هجي، هُن ڏانهن دوش (نفرت، ساڙ) نٿو رهي، سيني تي ديا پاو ٻڌجي ويندو آهي. اهڙي حالت ڪجهہ گهڙين تائين رهندي آهي. اُن کي مهر جي لهر چيو آهي. ست لوڪ يعني سناتن پرم ڏام ۾ وڃڻ ڪانپوءِ هرهڪ ماڻهو کي ايترو آنند (فرحت، خوشي) ايندو آهي. اُتي اهڙيون اسنک (لامحدود) لهرون آتما ۾

اُتندیون رهندیون آهن. جڏهن اُها مهر منهنجي آتما کان هٽي ويندي آهي تہ ڏُکن سان پريل حالتون وري شروع ٿي ويندیون آهن. هُن ايئن چو چيو ؟ هُو ماڻهو سنو نہ آهي، هونقصان ٿي ويو، هي ٿي ويو، هُو ٿي ويو، اها قهر جي لهر چئي ويندي آهي.

هُن ست لوڪ ۾ اسنک (لامحدود) لهرون مهر جون اُتندیون آهن. اُتي ڪوبہ قهر (خطرناڪ ڏُک) نہ آهي. هُونئن تہ ست لوڪ ۾ ڪوبہ ڏُک نہ آهي. قهر جو مطلب خطرناڪ ڪشٽ (تڪليف) هوندو آهي. جيئن هڪ ڳوٺ ۾ پاڻ ۾ اختلاف جي ڪري مخالفن هڪ پريوار جي ٽن ماڻهن کي قتل ڪري چڏيو، ڪٽي زلزلي جي ڪري هزارين ماڻهو مري ويندا آهن، جنهن کي چوندا آهن قهر ٿٽي پيو، هي قهر ڪري چڏيو. مٽي لکيل واٽي (نصيحت) ۾ سُک ساگر جي مختصر معلومات ٻُڌائي آهي. چيو آهي تہ اهو امر لوڪ اچل اوناشي مطلب هميشه قائم رهندڙ مطلب ڪڏهن بہ فنا نہ ٿيندو اُتي رهندڙ پرميشور اوناشي (لافاني) آهي. اُهو هنڌ ۾ اُهو پرميشور سُک جا ساگر آهن. جيئن ساموندي جهاز بندرگاهه جي ڪناري کان 100 يا 200 ڪلوميٽر پري هليو ويندو آهي تہ جهاز جي مسافرن کي پاڻي مطلب سمنڊ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ نظر ايندو. هر طرف پاڻي ئي پاڻي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهڙي ريت ست لوڪ ۾ سُک کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. مطلب اُتي ڪوبہ ڏُک نہ آهي.

هاڻي پهرين لکيل واٽي جو آسان ارٿ ڪجي ٿو:-

واٽي نمبر 01:-

مـــــن تو چل ري سُک کي ساگر، جهان شبد سِندو رتناگر (ٽيڪ)
ڪوٽي جنم تو هي مرتان هـو گئي، ڪچ نهين هاٿ لگا ري
ڪُـوڪـر شُوڪـر کـر پيا بـوري، ڪُئوا هنس بـگاري (1)

پرميشور ڪبير جي پنهنجي نيڪ آتما سنت غريب داس جي کي سوڪشم ويد سمجهايو، جنهن کي سنت غريب داس جي (ڳوٺ چُڙاڻي، ضلع جهجهر، صوبو هرياڻا) آتما ۾ من کي پاتر بڻائي سچي دنيا جي ماڻهن کي ڪال برهم جي لوڪ جو ڪشٽ (تڪليف) ۾ ست لوڪ جو سُک ٻُڌائي هُن پرم ڌام ۾ هلڻ جي لاءِ سچي ساڌنا (جيڪا شاستر جي مطابق آهي) ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. من تو چل ري سُک کي ساگر مطلب سناتن پرم ڌام هل جتي شبد فنا نہ ٿيندو. اُنهي لاءِ شبد جو ارٿ اوناشي آهي تہ هو جگهہ امرتوَ جو سنڈو مطلب سمنڊ آهي ۾ موڪش روپي رتن جي کاڻ آهي. هن ڪال برهم جي لوڪ ۾ توهان ڦاٿي بہ ڪئي مگر شاستر مطابق ساڌنا ٻُڌائڻ وارو تتو درشي سنت نہ ملڻ جي ڪري توهان ڪروڙين جنمن کان ڦٽڪي رهيا آهيو. ڪروڙين اربين روپيا جمع ڪرڻ ۾ سچي زندگي لڳائي چڏيندا آهيو ۾ پوءِ مري ويندا آهيو. اُهو گڏ ڪيل ڌن جيڪو توهان جي پوئين سنسڪارن سان حاصل ٿيو هو، اُن کي چڏي سنسار مان هليا ويا، اُنهي دولت کي جمع ڪرڻ ۾ توهان جيڪي پاپ ڪيا، اُهي توهان سان گڏ هليا. توهان هن مانش جنم ۾ تتو درشي سنت کان دڪشا ونئي شاستر مطابق ڦاٿي ساڌنا نہ ڪئي جنهن جي ڪارڻ توهان کي ڪجهہ بہ هٿ ڪونہ آيو. پوئين پُڄ ڪرمن جي عيوض ڌن ورتو. اُهو ئي ڌن هتي رهجي ويو. توهان کي ڪجهہ بہ نہ مليو. توهان کي مليو ڌن جمع ڪرڻ ۾ ڦاٿي شاستر مطابق نہ ڪرڻ جا پاپ.

جنهن جي ڪارڻ توهان ڪُوڪر (ڪُتو)، ڪر(گڏهہ)، سُوڪر(سوئر)، ڪئوا (ڪانءُ)، هنس (هڪ پکي جيڪو صرف سرور ۾ موتي ڪائيندو آهي)، ٻُگلا (ٻگهہ پکي) وغيره وغيره جي جوٽين کي پائي تڪليفون پوڳيندين.

واٽي نمبر 02:-

ڪوٽي جنم تـو هـي راجا ڪيـنا، مٽي نہ مـن ڪي آسا
پِـڪشڪ هـو ڪـي در در هانـڊيا، مـليا نہ نـرگُـن راسا (2)

آسان ارٿ:- اي انسان! توهان ڪال برهم جي مشڪل کان مشڪل ساڌنا ڪئي، گهر چڏي جهنگ ۾ وڃي رهيو. پوءِ ڳوٺ ۾ شهر ۾ گهر گهر جي در تي هانڊيا مطلب گهمين. جهنگ ۾ ساڌنا جي لاءِ ساڌڪ (ڦڳت) پڪشا ونڻ جي لاءِ ويجهي ڳوٺ يا شهر ۾

ويندو آهي. هڪ گهر مان پڪشا پوري نه ملي تہ ٻين گهرن مان پڪشا (پوجن، ڪاڏو) وٺي جهنگ ۾ هليو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ساڏڪ هڪ ڏينهن جي پڪشا وٺي ايندا آهن، اُنهي سان ٻہ تي ڏينهن گذارو ڪري وٺندا آهن، مانين ويڑهڻ واري سنهي ڪپڙي رومال جهڙي کي چالڻو چوندا آهن. چالڻي ۾ مانين کي ويڑهي وڻ جي تارين ۾ ٻڌي ڇڏيندا هئا، اُهي مانيون سُڪي ويندیون آهن، اُنهن کي پاڻي ۾ پُسائي نرم ڪري کائيندا هئا. هُو روزانو پڪشا (خيرات) گهرڻ ۾ جيڪو وقت ضايع ٿيندو هو، اُن جي بچت ڪري اُن وقت کي ڪال برهم جي ساڏنا ۾ لڳائيندا هئا، مطلب جنم مرڻ کان نجات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مطلب پورڻ موڪش جي حاصلات جي لاءِ ويدن ۾ ٻڌايل طريقي ۽ لوڪ وید جي آڌار تي گهور تپ ڪندا هئا. اُن کي تتو درشي سنت جي ڪارڻ نرگڻ راسا مطلب گُپت (لڪيل) گيان، جنهن کي تتو گيان چوندا آهن. اُهو ڪونہ مليو چو تہ يجُروید اڌياءِ نمبر 40 منتر نمبر 10 ۾ ۽ چئني ويدن جي نچوڙ شريمد پگونت گيتا اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 32 ۽ 34 ۾ چيو آهي تہ يگين مطلب ڏارمڪ انوشٹانن (مذهبي ريتن) جو تفصيل سان ڏنل علم خود سچيدآنند گهن برهم مطلب پرم اڪشر برهم پنهنجي مُک ڪمل سان چئي ٻُڌائيندو آهي. اُهو تتو گيان مطلب سوڪشم وید آهي. گيتا گيان داتا برهم چيو آهي تہ اُن تتو گيان کي تون تتو درشي سنت وٽ وڃي سمجهہ، اُن کي ڊنڊوت پرڻام (سجدو) ڪرڻ سان نمرتا پوروڪ (نرم لهجي سان) سوال ڪرڻ سان اُهو تتو درشي سنت پرماتم تتو کي چگي طرح ڄاڻڻ وارو تتو درشي سنت توکي تتو گيان جو اُپديش ڪندو. اُنهي مان واضح ٿيو تہ تتو گيان نہ ويدن ۾ آهي ۽ نہ گيتا شاستر ۾. جيڪڏهن هجي تہ هڪ اڌياءِ وڌيڪ چئي ڇڏي ها ۽ چئي ڇڏي تہ تتو گيان هُن اڌياءِ ۾ پڙهو. سنت غريب داس جي من جي بهاني انسان شرير ڌاري پراڻين کي سمجهايو آهي. تہ هُو نرگڻ راسا مطلب تہ تتو گيان نہ ملڻ جي ڪارڻ ڪال برهم جي ساڏنا ڪري توهان ڪروڙين جنمن ۾ راجا ٿيا. پوءِ ٻہ من جي اِڇا ختم نہ ٿي چو تہ راجا سوچيندو آهي تہ سرگ ۾ سُک آهي، هتي بادشاهي ۾ ڪوبہ سُک، چين، شانتي نہ آهي.

نرگڻ راسا جو صحيح ارٿ:- نِرگڻ راسا جو مطلب آهي تہ هُو شيءَ تہ آهي پر اُن جو لاءِ نہ پيو ملي. وڻ جي بج ۾ وڻ نرگڻ روپ ۾ آهي. اُنهي بج کي متي ۾ پوکي سنچائي (ڪاڏ پاڻي) ڏيئي اُها سرگڻ شيءَ (وڻ، وڻ جو ڦل) حاصل ڪيو ويندو آهي اهو گيان نہ هڻڻ سان انب جي ميوي ۽ ڇانوَ کان خالي رهجي ويندا آهن.

راسا = جهنجهٹ مطلب اُلجهيل ڪم سوڪشم وید ۾ پرميشور ڪبير جي چيو آهي تہ:-

نو من (360 ڪلوگرام) سُٹ = ڪچو ڏاڪو

ڪبير، نـو مـن سُوت اُلجهيا، رُشي رهي جهڪ مار

ستگرو ايسا سُلجهادي، اُلجهي نہ دوجي بار

آسان ارٿ:- پرميشور ڪبير جي فرمايو آهي تہ اڌياتمڪ گيان روپي نو مڻ (360 ڪلو گرام) سُٹ اُلجهيل آهي. هڪ ڪلو گرام اُلجهيل سُٹ کي هڪ ڏينهن کان ٻہ وڌيڪ وقت جُلاهن کي لڳي ويندو هو. جيڪڏهن سلجهائڻ جي وقت ڏاڪو ٽٽي وڃي تہ ڪپڙي ۾ ڳنڍ لڳي ويندي. ڳنڍ ڳنيلي ڪپڙي کي ڪير ٻہ خريد ڪونہ ڪندو هو. اُنهي لاءِ پرميشور ڪبير جي جُلاهي جُلاهن جو مضبوط مثال ٻُڌائي سمجهايو آهي تہ وڌيڪ اُلجهيل سُٹ کي ڪيرٻہ ڪونہ سلجهائيندو هو، اڌياتمڪ گيان اِنهي نو مڻ اُلجهيل سُٹ جي برابر آهي، جنهن کي ستگرو مطلب تتو درشي سنت اهڙو سلجهائي ڏيندو جو وري نہ اُلجهندو. بنا سُلجهيل اڌياتمڪ گيان جي آڌار سان مطلب لوڪ وید جي مطابق ساڏنا ڪري سرگ، نرڪ، چوراسي لک قسم جي جاندارن جا جيوَن (زندگي)، ڌرتي تي ڪنهن حصي جو راج، سرگ جو راج حاصل ڪيو، وري جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦاسي ڏُک مٹان ڏُک پوڳيا، مگر ڪال برهم جي ويدن ۾ ٻڌايل طريقي موجب ساڏنا ڪرڻ سان اُهو پرم شانتي ۽ سناتن پرم ڌام حاصل نہ ٿيو، جيڪو گيتاجي اڌياءِ نمبر 18 شلوڪ نمبر 62 ۾ چيو آهي ۽ نہ ئي پرميشور جو پرم پد حاصل ٿيو جتي وڃڻ کانپوءِ ساڏڪ موٽي واپس سنسار ۾ ڪڏهن بہ نہ ايندو جيڪو گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 4 ۾ چيو آهي. ڪال برهم جي ساڏنا سان هيٹ لڪيل لاءِ ٿيندو رهندو آهي.

واڻي نمبر 03:-

اِندر ڪُبير ايش ڪي پدوي، برهما، ورڻ، ڏرم رايا
وشنو ناٿ ڪي پُرڪون جا ڪي، بهر اُلٽا آيا (3)

آسان ارٿ:- ڪال برهم جي ساڏنا ڪري ساڏڪ اِندر جو پد (عهدو) بہ حاصل ڪندو آهي. اِندر سرڳ جي راجا جو پد آهي. هن ڪي ديوراج مطلب ديوتائن جو راجا ۽ سُرپتي بہ چوندا آهن. هي سنڇائي وپاڳ مطلب ورشا منتر لاءِ (برساتي وزارت) پنهنجي آڌين (ماتحت) رکندو آهي.

سوال:- اِندر جي پدوي (عهدو) ڪيئن حاصل ٿيندو آهي؟

جواب:- تمام گهٽو تپ ڪرڻ سان ۽ 100 مڙ ۽ {چار هزار (4000) ڪلوگرام} ڳئون جي گيهہ جو استعمال ڪري ڏرم يگيہ ڪرڻ سان هڪ ڏرم يگيہ مڪمل ٿيندو آهي. اهڙا اهڙا هڪ سؤ (100) ڏرم يگيہ نِ وگهن (بغير رڪاوٽ) ڪرڻ سان ساڏڪ اندر جو پد (عهدو) حاصل ڪندو آهي. تپ يا يگيہ جي دوران تپ يا يگيہ جي مريادا پنگ ٽي وجي تہ تپ يا يگيہ نئين سر ڪرڻو پوندو آهي. اهڙي ريت اِندر جي پدوي (عهدو) حاصل ٿيندي آهي.

سوال:- اِندر جو ساشن ڪال (حڪومت ڪرڻ جو وقت) ڪيترو آهي؟ موت ڪانپوءِ اِندر جي پد کي ڇڏي اِندر ڪهڙي جوٽي کي حاصل ڪندو آهي؟

جواب:- اِندر سرڳ جي راج پد تي ٻاهتر (72) چوڪڙي مطلب ٻاهتر (72) چَتُر يگن تائين برقرار رهندو آهي. هڪ چَتُر يُگ ۾ ست يُگ + تريتا يُگ + دوئاپُر يُگ + ڪل يُگ جو وقت هوندو آهي. 432000+864000 + 1296000 + 1728000 = 4320000 مطلب ست يُگ + تريتا يُگ + دوئاپُر يُگ + ڪل يُگ جو وقت مطلب چار ملين ٽي سؤ ويهہ هزار سال جو وقت هڪ چتُر يُگ ۾ هوندو آهي. اهڙا ٻاهتر (72) چتُر يُگ ٽين جو اُهو ساڏڪ اِندر جي پد (عهدي) تي سرڳ جي راجا جو سُک پوڳيندو آهي. هڪ ڪلپ مطلب برهما جي جي هڪ ڏينهن ۾ (جيڪو هڪ هزار اٺ (1008) چتُر يُگ جو هوندو آهي) چوڏهن (14) جِيو اندر جي پد تي رهي پنهنجو ڪيل پُڄ ڪرم پوڳيندا آهن. اِندر جي پد کي پوڳي اُهي جيو (پراڻي) گڏهہ جي جيون (زندگي) پائيندا آهن.

"ڪٿا مارڪنڊي رشي ۽ اُپسرا جو سنواد"

هڪ دفعي بنگال جي اُپ سمنڊ پرسان مارڪنڊي رشي تپ ڪري رهيو هو. اِندر (سرڳ جو راجا) جي پد (عهدي) تي موجود آتما کي هي شرط هوندي آهي تہ جيڪڏهن هُن جي ساشن ڪال (حڪومتي دؤر) ۾ ٻاهتر (72) ڪروڙ يگين جي دوران جيڪڏهن ڏرتي تي ڪو شخص اِندر پد حاصل ڪرڻ جيترو تپ يا ڏرم يگيہ ڪري وٺندو آهي ۽ اُن جي ڪريا (ساڏنا) ۾ ڪوبہ رڪاوٽ نہ ايندي آهي تہ اُن ساڏڪ کي اِندر پد ڏنو ويندو آهي ۽ موجوده اندر کان اُهو پد ڇڏايو ويندو آهي. اُنهي لاءِ جيستائين ممڪن هوندو آهي، اندر پنهنجي حڪومت جي دؤر ۾ ڪنهن ساڏڪ جو تپ يا ڏرم يگيہ مڪمل ٿيڻ نہ ڏيندو. اُنهي جي ساڏنا پنگ ڪرائي ڇڏيندو آهي، چاهي ڪجهہ بہ ڪرڻو پوي.

جڏهن اِندر کي هُن جي دوتن (نوڪرن) ٻڌايو تہ بنگال جي اُپ سمنڊ پرسان مارڪنڊي نالي هڪ رشي تپ ڪري رهيو آهي. اِندر مارڪنڊي رشي جو تپ پنگ ڪرڻ جي لاءِ اُروسي (اندر جي پتني) کي موڪلي. اُروَسي سڀ هار سينگار ڪري رشي جي سامهون نچڻ ڳائڻ لڳي. پنهنجي سڏي سان اُن جاءِ تي بهار جي موسم جهڙو ماحول بڻائي ڇڏيو. مارڪنڊي رشي ڪابہ چاهت نہ ڏيکاري. اُروَسي چيلهہ جي اڳڻ ٽوڙي ڇڏي، ني وستر (ننگي) ٿي ويئي تڏهن مارڪنڊي رشي چيو اي ڏي! اي پيٽ! اي ماءُ! تون ڇا ڪري رهي آهين؟ تون هتي گهاٽي جهنگ ۾ اڪيلي ڪنهن لاءِ آئي آهين؟ اُروَسي چيو تہ اي رشي جي! منهنجي روپ کي ڏسي آرٽيہ ڪنڊ (جهنگ) جا سيئي ساڏڪ پنهنجو زهني توازن وڃائي ويٺا پر توهان چنچل نہ ٿيا. ڪهڙي خبر توهان جي سماڌي ڪٽي هئي؟ مهرباني ڪري توهان مون سان گڏ اِندر لوڪ (سرڳ) ۾ هلو نہ تہ مون کي سزا ملندي تہ تون هارائي آئي آهين. مارڪنڊي

رشي چيو تہ منهنجي سماڌي برهم لوڪ ۾ ويئي هئي، جتي آئون اُنهن اُروسين (حورن، پَرين) جو ناچ ڏسي رهيو هئس اُهي ايتريون تہ سُندر آهن جو تو جهڙيون تہ اُنهن جون ست ست نوڪرياڻيون آهن. انهي ڪري مان توکي ڪيئن ڏسان؟ تو تي ڪيئن موهت ٿيان؟ جيڪڏهن تو کان وڌيڪ ڪو سندر آهي تہ اُنهي کي ونې اڇ. تڏهن ديو پري چيو تہ اِندر جي پٽ راڻي مطلب خاص راڻي آئون ئي آهيان. مون کان سُندر سرڳ ۾ ڪو بہ عورت نہ آهي.

تڏهن مارڪنڊي رشي پڇيو تہ اِندر جي موت ٿيندي، تڏهن تون چا ڪندين؟ اُروسي جواب ڏنو تہ آئون چوڏهن (14) اِندر پوڳيندیس. پاو ارٿ آهي تہ شري برهما جي جي هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار اٺ (1008) چتُريُگ هوندا آهن جنهن ۾ 72-72 چتُريُگ جو حڪومتي دؤر پورو ڪري چوڏهن (14) اِندر جي موت ٿيندي آهي. اِندر جي راڻي واري آتما ڪنهن مانش جنم ۾ تمام گهٽو پُڃ ڪرم ڪيو هوندو. جنهن ڪري هُو چوڏهن (14) اِندرن جي پٽ راڻي بڻجي سرڳ جو سُک ۽ پُرش سُک کي پوڳيندي.

مارڪنڊي رشي چيو تہ اُهي چوڏهن (14) اِندر بہ مرندا تڏهن تون چا ڪندين؟ اُروسي چيو تہ پوءِ آئون مرتيو لوڪ (پرٿوي لوڪ کي منُش لوڪ مطلب مرتيو لوڪ چوندا آهن) ۾ گڏهه جي جوٽي ملندي ۽ جيترا اِندر منهنجا پتي ٿيا، اُهي بہ پرٿوي تي گڏهه جي جوٽي پراپت ڪندا.

مارڪنڊي رشي چيو تہ پوءِ مون کي اهڙي لوڪ ۾ چو ونې وڃي رهي هئين جنهن جو راجا گڏهه بڻجندو ۽ راڻي کي گڏهه جي جوٽي ملندي اُروسي چيو تہ پنهنجي عزت رکڻ جي لاءِ، نہ تہ اُهي چوندا تہ تون هارائي آئي آهين.

مارڪنڊي رشي چيو تہ گڏهن جي ڪهڙي عزت؟ تون هيئنر بہ گڏهه آهين چو تہ تون چوڏهن مڙس ڪندين ۽ موت ڪانپوءِ تون خود مجي رهي آهين تہ آئون بہ گڏهه بڻجنديس. گڏهه جي ڪهڙي عزت؟ ايتري ۾ اُتي اِندر اچي ويو. قانون جي مطابق پنهنجو اِندر جو راج مارڪنڊي رشي کي ڏيڻ جي لاءِ. چيو تہ رشي جي! اسان هاريو ۽ توهان کٽيو. توهان اِندر جي گادي کي قبول ڪريو. مارڪنڊي رشي چيو اڙي اڙي اِندر! اِندر جي گادي منهنجي ڪم جي نہ آهي. منهنجي لاءِ تہ ڪانءُ جي وِٺ جي برابر آهي. مارڪنڊي رشي اِندر کي پوءِ چيو تہ تون منهنجي چوٽ موجب پڳتي ساڌنا ڪر، تو کي برهم لوڪ ونې هلندس. هن اِندر جي راج کي ڇڏي ڏي. اندر چيو تہ رشي جي! هينئر تہ مون کي موج مستي ڪرڻ ڏي، پوءِ ڪڏهن ڏسندس.

پڑهندڙو! ويچار ڪريو: اِندر کي خبر آهي تہ موت ڪانپوءِ گڏهه جي زندگي ملندي، پوءِ بہ اُن معمولي سُک کي ڇڏڻ نٿو چاهي. چيو تہ وري ڪڏهن ڏسندس؟ گڏهه ٿيڻ ڪانپوءِ ڪنيار ڏسندو. ڪيترو وزن گڏهه جي پٺي تي رکڻو آهي؟ ڪٽي لٽ هٽڻي آهي؟ بلڪل اهڙي ريت هن ڌرتي تي ڪو ننڍڙي حصي جو وزيراعظم، وزيراعليٰ، وزير خارجہ يا رياست جو وزير ٿيو آهي يا ڪنهن عهدي تي سرڪاري آفيسر يا ملازم ٿيو آهي يا امير آهي. اُن کي چيو وجي تہ توهان پڳتي ڪريو نہ تہ گڏهه بڻجندا. هُو يا تہ نارا ض ٿي ويندو. چوندو آهي تہ آئون چو گڏهه بڻجان؟ وري نہ ڇڏجان. ڪجهه وقت گذرندو آهي تہ هُو چوندو تہ ڪنهن ڏٺو آهي، گڏهه ٿيندا آهن؟ پوءِ اُن کي پُڌايو ويندو آهي تہ سيئي سنت ۽ پاڪ ڪتاب پُڌائين ٿا تہ زياده تر چوندا آهن تہ ڏٺو ويندو.

اُنهي کي عرض آهي تہ مرڻ بعد گڏهه بڻجڻ ڪانپوءِ توهان چا ڏسندا، پوءِ تہ ڪنيار ڏسندو تہ تو سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻو آهي؟ ڏسڻو آهي تہ هينئر ڏس. بُرائي ڇڏي ڪري شاسترن مطابق ساڌنا ڪر جيڪا موجود دؤر ۾ پوري دنيا ۾ صرف مون (رامپال داس) وٽ آهي اڇو حاصل ڪريو ۽ پنهنجي جيون جو ڪلياڻ ڪرايو.

متئين لکيل واڻي نمبر 03 ۾ پُڌايو آهي تہ اِندر، ڪُبير ۽ اِيش جو عهدو حاصل ڪرڻ وارو ۽ برهماجي جو عهدو ۽ وروڻ، ڌرمراءِ جو عهدو حاصل ڪري ۽ وشنو جي لوڪ کي حاصل ڪري ديو پد حاصل ڪيل بہ واپس جنم مرڻ جي چڪر ۾ رهندو آهي.

سرڳ لوڪ ۾ ٽيٽيهہ (33) ڪروڙ ديو جا عهدا آهن. جيئن پارٽ ملڪ جي پارليامينٽ ۾ 540 ميبرن جا عهدا آهن. ماڻهو تبديل ٿيندا رهندا آهن. اُنهي پارليامينٽ ۾ وزيراعظم ۽ ٻيا مرڪز جا وزير وغيره وغيره بڻجندا آهن.

اهڙي طرح اُنهن ٽيٽيهه (33) ڪروڙ ديوتائن ۾ ڪُبير جو عهدو يعني ڏن جي ديوتا جو عهدو حاصل ٿيندو آهي جيئن فنانس جو وزير هوندو آهي. ايش جي عهدي جو مطلب آهي پرپو پد جيڪو لوڪ وید ۾ ڪُل ٽي مجيا وجن ٿا:-1. شري برهما جي2. شري وشنوجي 3. شري شوجي

وروڻ ديو پاڻي جو ديوتا آهي. ڏرمراءِ مکيہ انصاف ڪندڙ آهي جيڪو سيني ساهوارن کي ڪرم جو ڦل ڏئي ٿو. اهي سيئي ڪال برهم جي ساڏنا ڪري عهدا حاصل ڪندا آهن. پُڄ ناس ٿيڻ ڪانپوءِ سيني ديوتائن کي عهدي تان هٽائي پسُو پکين وغيره جي چوراسي لک قسم جي جوٽين ۾ وڌا ويندا آهن پوءِ نئون برهماجي، نئون وشنوجي، نئون شو جي اُنهن عهدن تي مقرر ڪيو ويندو آهي.

اهي سيئي مٽيان ديوتا جمندا مرندا آهن. اهي فاني آهن. انهن جي حالت توهان "سرشٽي رچنا" پاڳي ۾ انهي پستڪ ۾ ثابت ٿيندي تہ اهي ڪيترا پرپو آهن؟ ڪنهن جا پُٽ آهن ۽ ڪير انهن جي ماءُ آهي؟

پيو ثبوت:- شري ديوي پراڻ (سچيتر موتا ٽائيپ ڪيول هندي، گيتا پريس گورک پُر کان ڇپيل) جي ٽئين اسکند ۾ صفحو نمبر 123 تي لکيل آهي تہ تون پاڪ سروپ آهين، هي سڄو سنسار توهان کي ئي سوپيا ڏيئي رهيو آهي. آئون (وشنو)، برهما ۽ شنکر تنهنجي ڪرپا سان موجود آهيون. اسان جو تہ اويرپاو يعني جنم ۽ ترويپاو يعني مرتيو ٿيندو رهندو آهي. تون پرڪرتيءَ سناتني ديوي آهين.

شنکر پگوان چيو اي ديوي! جيڪڏهن وشنو کانپوءِ پيدا ٿيڻ وارو برهما تو مان پيدا ٿيو آهي تہ چا آئون تموگڻي ليلا ڪرڻ وارو شنکر چا تنهنجو اولاد نہ ٿيو مطلب تہ مون کي بہ پيدا ڪرڻ واري تون ئي آهين. اسين تہ صرف مقرر ڪم ئي ڪري سگهندا آهيون مطلب تہ جنهن جي نصيب ۾ جيڪو لکيل آهي، اسين اُهو ئي ڏيئي سگهندا آهيون. نہ وڌيڪ ڪري سگهون ٿا، نہ گهٽ ڪري سگهون ٿا.

پڙهندڙؤ! انهي ديوي پراڻ جي ذڪر مان ثابت ٿيو تہ شري برهماجي، شري وشنوجي ۽ شري شنکر جي فاني آهن. اُن جي ماءُ جو نالو شري ديوي دُرگا آهي. وڌيڪ معلومات توهان "سرشٽي رچنا" پاڳي مان حاصل ڪجو جيڪا انهي ڪتاب ۾ پويان لکيل آهي. اهي بالا ديوتا آهن. ٻيا انهن کان هيٺئين سطح جا ديو آهن. اهي سيئي جمندا مرندا آهن اوناشي رام نہ آهن، اوناشي پرماتما نہ آهن.

شريمد پگونت گيتا اڌياءِ نمبر 10 شلوڪ نمبر 2 ۾ لکيل آهي تہ گيتا گيان داتا ڪال برهم چيو آهي تہ "منهنجي پيدائش کي نہ تہ ديوتا ڄاڻن ٿا نہ مهرشي، ڇو تہ انهن سيني جي شروعات جو ڪارڻ آئون ئي آهيان مطلب تہ اهي سيئي مون مان ئي پيدا ٿيا آهن"

گيتا اڌياءِ نمبر 04 شلوڪ نمبر 05 ۾ گيتا گيان چوڻ واري چيو آهي تہ هي ارجن! تنهنجا ۽ منهنجا تمام گهٽا جنم ٿي چُڪا آهن، تون نٿو ڄاڻين، مان ڄاڻان ٿو. گيتاجي اڌياءِ نمبر 02 شلوڪ نمبر 12 ۾ بہ ثابت ڪيو آهي تہ تون، آئون ۽ سڀ راجا فوج پهرين بہ جنميا هئا، اڳتي بہ جمندا.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 14 شلوڪ نمبر 03 ۾ گيتا گيان داتا چيو آهي تہ هي ارجن! منهنجي پرڪرتي يعني درگا تہ گربہ ڌارڻ ڪندي آهي، آئون ان جي گربہ ۾ بج لڳائيندو آهيان جنهن سان سيني ساهوارن جي پيدائش ٿيندي آهي.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 14 شلوڪ نمبر 04 ۾ گيتا گيان داتا چيو آهي تہ هي ارجن! نانا پرڪار جي سيني جوٽين ۾ جيترا جسم پيدا ٿيندا آهن (مهت) پرڪرتي تہ اُنهن سيني جي گربہ ڌارڻ ڪرڻ واري ماءُ آهي. (اهم برهم) آئون برهم بج لڳائڻ وارو پيءُ آهيان.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 14 شلوڪ نمبر 05 ۾ گيتا گيان داتا ثابت ڪيو آهي تہ اي ارجن! ستو گُڻ شري وشنو جي، رجوگڻ شري برهما جي ۽ تمو گڻ شري شو جي، اهي پرڪرتي يعني درگا مان پيدا ٿيئي ديوتا يعني ٿيئي گڻ اوناسي جيو آتما کي ڪرمن جي مطابق جسم ۾ قابو ڪن ٿا . مٿئين مثالن مان ثابت ٿيو تہ مٿيان ديوتا فاني آهن ۽ ڪال برهم جو اولاد آهي.

موضوع هلي رهيو آهي تہ **واٽي نمبر 03 جو آسان ارث:-**

اِندر، ڪُبير اِيش مطلب برهما وشنو تائين جو عهدو حاصل ڪري ۽ وروڻ ڏرمراءِ جو عهدو ۽ شري وشنو ناٿ جي لوڪ کي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ٻہ جنم مرڻ جي چڪر ۾ رهندا آهن.

❖ مارڪنڊي رشي برهم جي ساڌنا ڪري رهيو هو. انهي کي سپ ڪان اُتم مجي رهيو هو. انهي ڪري اِندر کي ڇئي رهيو هو تہ اڇ توکي برهم ساڌنا جو گيان ڪرايان. برهم لوڪ جي پيٽ ۾ سرڳ جو راج حلوي جي پيٽ ۾ ڪانءُ جي وِٺ آهي.

پڑهندڙؤ! توهان کي برهم جي ساڌنا ڪرڻ وارا شري چٽڪ رشي، شري درواسا رشي ۽ ڪپيل مني، جنهن برهم جي ساڌنا ڪئي هئي، اُن جي ساڌنا کي گيتا گيان داتا گيتاجي اڌياءِ نمبر7 شلوڪ نمبر 18 ۾ (انُوتم) مطلب نيچ چيو آهي. اُنهي نموني جي ساڌنا مارڪنڊي رشي جي ڪئي هئي، جنهن کي سريشٹ مجي ڪري رهيو هو ۽ اِندر جي کي ٻہ صلاح ڏيئي رهيو هو تہ برهم ساڌنا ڪري وٺ.

سوڪشم ويد ۾ چيو آهي تہ:-

(1) **اَورون پنٺ بتاو هي، آپ نہ جاني راهہ**
موتي مُکتا درشت ناهين، يہ جگ هي سب انڌ ري

(2) **ديکت کي تو نين چشم هين، قرا موتيا بِند ري**
ويد پڑهي پر پيد نہ جاني، بانچي پُراڻ اناره

(3) **پٿر کي پوجا کرين، پولي سرجنهارا**

واٽي نمبر 01 جو پاو ارث:-

ٻين کي پڳتي جي راهہ ٻُڌائين ٿا، خود کي پڳتي مارگ جو گيان ڪونهي.

واٽي نمبر 02 جو پاو ارث:-

تتودرشي سنت نہ ملڻ ڪري موتي مُکتا يعني موڪش روپي موتي مطلب موڪش منتر نظر نٿو اچي. هي سڄي دنيا اڌياتمڪ گيان ۾ انڌي آهي جيئن ڪنهن کي موتيا بند جيڪا اکين جي هڪ قسم جي بيماري آهي جنهن ۾ اکيون بلڪل نيڪ نظر ايندیون آهن پر اُن بيمار ماڻهو کي ڪجهہ نظر نہ ايندو. هي مثال ڏيئي ٻڌايو آهي تہ زباني سنسڪرت ڳالهائيندا آهن. لڳندو آهي تہ ڏاڍو عقل وارو يعني گياني آهي پر ست گرنٿن جي راز کي نٿا ڄاڻن. اُن کي اگيان روپي موتيابند ٿيو آهي.

واٽي نمبر 03 جو آسان ارث:-

ويدن کي پڑهي زباني ياد ڪرڻ وارا ويدن جي لڪيل ڳجهي راز کي نہ سمجهي اُن جي اُبتڙ ساڌنا ڪندا ۽ ڪرائيندا آهن. ويدن ۾ پٿر جي مورتي جي پوجا جو ڪٿي ذڪر نہ آهي، اُهي ويدن جا ودوان (عالم) سڏائڻ وارا پٿر پوجا ڪندا ۽ ڪرائيندا آهن. ويدن ۾ لڪيل سرجڻهار کي وساري ڇڏيو آهي.

شريمد ڀگونت گيتا اڌياءِ نمبر 04 شلوڪ نمبر 25 کان 29 تائين اهو ئي ٻڌايو آهي تہ جيڪو ساڌڪ جهڙي ٻہ ساڌنا ڪندو آهي، اُن کي سريشٹ مجي ڪري رهيو هوندوآهي، سيئي ساڌڪ پنهنجي پڳتي کي پاپ ناس ڪرڻ واري سمجهندا آهن.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 04 شلوڪ نمبر 32 ۾ واضح ڪيو آهي تہ يگين يعني ڏارمڪ انوشٹان جو گيان خود سچيدآنند گھن برھم جي مُک سان چيل واڻي ۾ تفصيل سان بيان ڪيل آهي، اُهو تتو گيان آهي. جنھن کي سمجھي ساڌڪ سيني پاپن کان مُڪت ٿي ويندو آهي.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 04 شلوڪ نمبر 34 ۾ واضح ڪيو آهي تہ اُنهي تتو گيان کي تتودرشي سنت سمجھندو آهي، اُن کي ڊنڊوت پرڻام ڪرڻ سان، نمرتا سان سوال ڪرڻ سان اُهي تتو گيان کي جاڻڻ وارو گياني مهاتما تو کي تتو گيان جو اُپديش ڪندو.

اُهو تتو گيان جنھن کي مٿي ڏنل واڻي ۾ "نرگڻ راسا" چيو آهي، نہ ملڻ سان سيئي ساڌڪ جنم مرڻ جي چڪر ۾ رهجي ويا.

مارڪنڈي رشي برھم جي ساڌنا ڪري رهيو هو. شريمد پگونت گيتا اڌياءِ نمبر 08 شلوڪ نمبر 16 ۾ چيو تہ برھم لوڪ ۾ ويل ساڌڪ بہ (پُنراورتي) بار بار جنم مرڻ جي چڪر ۾ ئي رهندا آهن.

پوئين شبد جي واڻي نمبر 04

اسنک جنم تو هي مرتان هو گئي، جيوت ڪيون نہ مري ري

دوادس مـتيـہ مـهـل مـٹ بـوري، بـهـر نـہ ديـهـہ ڌري ري (4)

آسان ارٿ:- اي انسان! تون ڪيترا ڀيرا جنميو ۽ مري چڪو آهين. سچي ساڌنا ڪر ۽ جيوت مر. جيوت مرڻ جو مطلب آهي تہ پگت کي گيان ٿي ويندو آهي تہ هن سنسار جي هرهڪ شيءَ فنا آهي هي شرير بہ لافاني نہ آهي. جنم ۽ موت جو جھنجھٹ تمام خطرناڪ آهي. انهي سنسار ۾ ڏُک ڪانسواءِ ڪجھ بہ نہ آهي. مانو شرير حاصل ڪري موڪش حاصل نہ ڪيو تہ جانور جھڙي زندگي گذاري. جيئن گيتاجي اڌياءِ نمبر 07 شلوڪ نمبر 29 ۾ چيو آهي تہ جيڪو ساڌڪ صرف جرا مطلب ٻُڍاپي جي تڪليف ۽ مرڻ جي ڏُک کان ئي چوٽڪاري جي لاءِ ساڌنا ڪري رهيو آهي، اُها تت برھم کي ۽ سڄي اڌياتمڪ کي ۽ ڪرمن کي جاڻيندو آهي.

اهڙي ريت تتو گيان هڻڻ کانپوءِ مانڻ کي غير ضروري شين جي خواهش نہ هوندي، تمباکو، شراب – مانس استعمال نہ ڪندو. نچڻ ڳائڻ مُورڪ جو ڪم لڳندو آهي. جھڙو ڪاڏو ملي وڃي، اُنهي ۾ خوش رهندو آهي.

❖ آتم ڪلياڻ ڪرائڻ جي لاءِ ساڌڪ ويچار ڪندو آهي تہ جيڪڏهن آئون ست سنگ ۾ نہ ايندس تہ گروجي جو درشن نہ ڪري سگھندس. ست سنگ جا ويچار نہ ٻُڌڻ سان من وري وڪار ڪرڻ لڳي ويندو. اُهو ساڌڪ سڀ ڪم ڇڏي ڪري ست سنگ ٻڌڻ جي لاءِ روانو ٿيندو آهي. اُهو ويچار ڪندو آهي تہ اسان روزانو ٻُڌندا آهيون ۽ ڏسندا آهيون تہ نندڙن نندڙن ٻارن کي ڇڏي ڪري پيءُ سنسار مان هليو ويندو آهي، مري ويندو آهي. وڏا وڏا شاهوڪار حادثي ۾ مري ويندا آهن. سڄي ملڪيت جيڪا سڄي زندگي ۾ گڏ ڪئي هئي، اُنهي کي ڇڏي هليا ويندا آهن، ٻيو اُنهي ملڪيت کي سنياڻڻ نہ ايندا. موت کان پهريائين هڪ ڏينهن بہ ڪم ڇڏڻ جي دل نہ ڪندي هئي، هاڻي پرمننت ڪم ڇڏائجي ويو.

"اڄ پاڻ کي فرصت آهي"

هڪ پگت ست سنگ ۾ وڃڻ لڳو. دڪشا ورتي، گيان ٻُڌو ۽ پگتي ڪرڻ لڳو. پنهنجي دوست کي بہ ست سنگ ۾ هلڻ ۽ پگتي ڪرڻ جي لاءِ پرارٿنا ڪئي. پر دوست نہ مڃيو. چوندو هو تہ ڪم مان فرصت (واندڪائي) نہ آهي. ننڍا ننڍا ٻار آهن. اُن جي پالڻ پوشڻ (سارسنڀال) بہ ڪرڻو آهي. ڪم ڇڏي ست سنگ ۾ وڃڻ لڳيس تہ سڄو ڪاروبار تباهہ ٿي ويندو.

اُهو ست سنگ ۾ وڃڻ وارو پگت جڏهن بہ ست سنگ ۾ هلڻ جي لاءِ پنهنجي دوست کي چوندو تڏهن اُهو هي چوندو هو تہ هينئر ڪم کان فرصت نہ آهي. هڪ سال کانپوءِ اُنهي دوست جي مرتيو ٿي وئي. هُن جو جنازو ڪٹي ڪُٹنب جا ماڻهو ۽ شهر واسي هليا، گڏ گڏ سوين شهر – پاڙي جا ماڻهو بہ گڏ گڏ هليا. سيئي چئي رهيا هئا تہ "رام نام ست هئہ، ست بولي گت هئہ"

پڳت ڪئي رهيو هو ته رام نام ته ست آهي پر اڄ پاڻ کي فرصت آهي. پاڙيسري ڪئي رهيا هئا ته ست بولي گت هئ، پڳت ڪئي رهيو هو ته اڄ پاڻ کي فرصت آهي. ٻيا ماڻهو اُن پڳت کي چوڻ لڳا ته ايئن نہ ڪجو، هن جي گهر وارا خراب سمجهندا. پڳت ڪيو ته آڻون ته ايئن ئي چوندس. مون هن مُورک کي هٿ جوڙي عرض ڪيو هو ته ست سنگ ۾ هل، ڪجهه پڳتي ڪري وڃ. هي چوندو هو ته هينئر فرصت مطلب واندڪائي نہ آهي. اڄ هن کي مڪمل فرصت آهي. ننڍڙا ننڍڙا ٻار به ڇڏي هليو جن کي پالڻ پوشڻ يعني سارسنڀال جو ڀانو ڪري پرماتما کان پري رهيو. پڳتي ڪري ها ته خالي هٿ نہ وڃي ها. ڪجهه پڳتي ڏن ونڻي وڃي ها. ٻارن جو پالڻ پوشڻ يعني سارسنڀال ته پرماتما ڪندو آهي. پڳتي ڪرڻ سان ساڊڪ جي عمر به پرماتما وڌائي ڏيندو آهي. پڳت جن اهڙو ويچار ڪري پڳتي ڪندا آهن، ڪم ڇڏي ست سنگ ٻُڌڻ ويندا آهن.

پڳت ويچار ڪندو آهي ته پرماتما نہ ڪري، اسانجي موت ٿي وڃي، پوءِ اسانجو ڪم ڪير ڪندو؟ اسان اهو مڃي ونڊندا آهيون ته اسان جي موت ٿي وئي. اسان تن ڏينهن جي لاءِ مري وياسون، اهڙو ويچار ڪري ست سنگ ۾ هلو، پاڻ کي مئل سمجهي ونو ۽ ست سنگ ۾ هليا وجو. هونئن ته پرماتما جي پڳتن جو ڪم بگڙجندو نہ، پوءِ به اسين مڃي ونڊندا آهيون ته اسان جي غير حاضري ۾ ڪجهه ڪم خراب ٿي ويو ته ٿي ڏينهن بعد وڃي ٺيڪ ڪري ونڊناسين.جيڪڏهن حقيقت ۾ ٽڪيت ڪٽجي ويئي مطلب مرتيو ٿي وئي ته هميشه لاءِ ڪم بگڙي ويو. پوءِ ڪڏهن ٺيڪ ڪرڻ نٿا اچي سگهون. اهڙي حالت کي جيوت مرڻ چوندا آهيون.

واڻي جو باقي آسان ارت:-

"دوادس مڌيہ محل مٺ بوري، بهُر نہ ديهہ ڌري ري"

آسان ارٿ:- شريمد پگونت گيتا اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 04 ۾ چيو آهي ته تتو گيان کي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پرميشور جي اُن پرم پد جي کوج ڪرڻ گهرجي جتي وڃڻ ڪانپوءِ ساڊڪ موتي واپس سنسار ۾ ڪڏهن به نہ ايندو مطلب ته ان جو ٻيهر جنم نہ ٿيندو. پوءِ شريمد ڈارڻ نہ ڪندو. سوڪشم ويد جي هي واڻي ثابت ڪري رهي آهي ته اُهو پرم ڈام دوادس مطلب ٻارهين دُئار کي پار ڪري اُن پرم ڈام ۾ وڃي سگهندو آهي. اڄ تائين سپ رشي ، مهرشي، سنت، منڊليشور، صرف ڏهون دُئار ٻڌائيندا هئا پر پرميشور ڪبير جي پنهنجي مڪان کي حاصل ڪرائڻ جو ست مارگ، ست آستان خود ئي ٻڌايو آهي. اُنهي ٻارهون دُئار ٻُڌايو آهي. انهي مان واضح ٿيو ته اڄ تائين (سنہ 2012ع تائين) کان اڳ جي سينٽ رشين، سنتن، پنڊٽ جي پڳتي ڪال برهم تائين جي هئي. جنهن جي ڪارڻ جنم مرتيو جو چڪر هلندو رهيو.

واڻي نمبر 05:-

دوزخ بهشت سپي تي ديکي، راج پاٽ کي رسيا
تين لوڪ سي ترپت ناهين ، يہ مـــن پوڳي ڪسيا (05)

آسان ارٿ:- تتو گيان جي ڪوٽ ۾ پورڻ موڪش جو مارگ نہ ملڻ جي ڪارڻ ڪڏهن دوزخ مطلب نرڪ ۾ ويا، ڪڏهن بهشت مطلب سرگ ۾ ويا، ڪڏهن راجا بڻجي سُک پوڳيو. جيڪڏهن هن مانو کي تن لوڪن جو راج به ڏيئي ڇڏيو ته به صبر نہ هوندي.

مثالطور:- جيڪڏهن ڪو ڪُوڻ جو سر پنچ (پنچائت جو وڏو) بڻجي ويندو آهي ته اُهو خواهش ڪندو آهي ته اسيمبلي جو ميمبر بڻجان ته موج ٿئي، اسيمبلي ميمبر خواهش ڪندو آهي ته وزير بڻجان ته ڳالهه ڪجهه الگ ٿي ويندي. وزير بڻجي خواهش ڪندو آهي ته وزيراعليٰ بڻجان ته هاڪ ٿئي. آنند ئي نيارو هوندو. سڄي صوبي تي حڪم هلندو. وزير اعليٰ بڻجڻ ڪانپوءِ پاري خواهش هوندي آهي ته وزيراعظم بڻجان تڏهن جيون سڦل ٿيندو. ٽيستائين زندگي پوري ٿي ويندي. پوءِ گڏهه بڻجي ڪنيار جي لٽ (ڏنڀو) ڪائي رهيو هوندو. انهي ڪري تتو گيان ۾ سمجهايو آهي ته ڪال برهم جي ناهيل سرگ - نرڪ ۽ بادشاهي جي حاصل ڪرڻ جي پُول ۾ سڄي زندگي وڃائي ڇڏي. ڪٽي صبر نہ ٿيو، هي من اهڙو هجڙو (ڪسيا) آهي.

هڪ ابراهيم سلطان ادم نالي جو بلخ شهر جو راجا هو. اهو پوئين جنم جو تمام سُنو پڳت هو. پر موجود دؤر ۾ ڏن ۾ مست ٿي ڪري پرماتما کي وساري چڪو هو. راج جي نٽ ۾ ۽ محلاتن ۾ آنند سان وينو هو. هڪ ڏينهن پرماتما ست لوڪ کان اچي ڪري هڪ مسافر جو روپ بڻائي راجا جي محل ۾ ويا ۽ چيو تہ هي سراءِ (مسافر خانو) وارو! هڪ ڪمرو مسواڑ ٿي ڏي، پئسا ٻُڌاءِ، رات گذارڻي آهي. راجا چيو اي پورا مسافر! توهان کي هي مسافر خانو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. آئون راجا آهيان ۽ هي منهنجو محل آهي. مسافر روپ ۾ پرميشور پڇيو تہ توهان کان پهرين هن محل ۾ ڪير رهندو هو؟ راجا چيو تہ منهنجو پيءُ، ڏاڏو، پرڏاڏو رهندا هئا. مسافر روپ ۾ پرميشور پڇيو تہ توهان ڪيترا ڏينهن رهندا هن محل ۾؟ راجا چيو هڪ ڏينهن ۾ بہ هليو ويندس هن کي ڇڏي ڪري. پرميشور چيو تہ هي مسافر خانو نہ آهي تہ پوءِ ڇا آهي؟ هي مسافر خانو آهي. جيئن تنهنجو پيءُ، ڏاڏو ويا، ايئن ئي تون هليو ويندين، انهي ڪري مون محلات کي مسافرخانو چيو آهي. راجا کي حقيقت جو گيان ٿيو. سنسار جي خواهش کي ڇڏي آتم ڪلياڻ ڪرايو. هميشه رهڻ وارو سُک ۽ امر جيون حاصل ڪرڻ جي لاءِ دڪشا ورتي ۽ سڄي زندگي پڳتي ڪئي، پنهنجو مانش جيون سڦل ڪيو.

واڻي نمبر 06:-

ستگرو ملي تو اچا متي، پد مل پدي سمانا
چل هنسا اس لوڪ پنائون، جو آدي امر استانا (6)

آسان ارٿ:- جيڪڏهن تتو درشي سنت ملي تہ متيون گيان ٻُڌائي ڪال برهم جي لوڪ جي سيني شين کان ۽ پنڌ جي خواهش ختم ڪري "پد مل پدي سمانا" هن ۾ هڪ "پد" جو مطلب آهي مارگ يا رستو مطلب تہ شاستر وڌي مطابق ساڌنا. ٻئي "پد" جو مطلب آهي "پرم پد" يعني پدوي (موڪش). ستگرو شاسترن جي طريقيڪار مطابق مارگ ٻُڌائي پرميشور جي اُنهي پرم پد کي حاصل ڪرائيندو آهي. جتي وڃڻ ڪانپوءِ ساڌڪ وري موتي سنسار ۾ ڪڏهن بہ نہ ايندو. اي پڳت! هل توکي اُن لوڪ ۾ موڪلي ڇڏيان جيڪو آدي امر استان (هميشه رهڻ وارو نڪاڻو) آهي مطلب تہ گيتاجي اڌياءِ نمبر 18 شلوڪ نمبر 62 ۾ ٻُڌايل سناتن پرم ڌام آهي جتي پرم شانتي آهي.

واڻي نمبر 07:-

چار مُکتي جهان چمپي ڪرتي، مايا هو رهي داسي
داس غريب ايئہ پد پرسي، ملي رام اوناشي (7)

آسان ارٿ:- هُن سناتن پرم ڌام ۾ پرم شانتي ۽ اڌياتمڪ سُک آهي. ڪال برهم جي لوڪ ۾ چار مُکتي مجي ويندي آهي، جن کي حاصل ڪري ساڌڪ پاڻ کي خوش قسمت سمجهندو آهي، پر اُهو درست نہ آهي ڪجهہ وقت ڪانپوءِ پُڄ ختم ٿيندي ئي وري 84 لک قسم جي جوٽين ۾ تڪليف پوڳيندو آهي. پر هُن ست لوڪ ۾ چار مُکتي وارو سُک هميشه قائم رهندو. مايا توهان جي نوڪرياڻي ٿي رهندي.

سنت غريب داس جي ٻُڌايو آهي تہ امر لوڪ ۾ وڃڻ ڪانپوءِ پِراڻي بي خوف ٿي ويندو آهي ۽ هُن سناتن پرم ڌام ۾ اُهو اوناشي رام مطلب پرميشور ملندو. اِنهي ڪري پورڻ موڪش جي لاءِ شاسترن مطابق پڳتي ڪرڻ گهرجي جنهن سان هُن پڳوان تائين پهچي سگهندو آهي.

متي ذڪر ڪيل واڻي ۽ اڳ واري بيان مان واضح ٿيو تہ شري برهما جي، شري وشنو جي ۽ شري شوجي ۽ اُن جي پيءُ ڪال برهم ۽ شر پُرش ۽ اڪشر پُرش سڀ رام پرپو ناشوان آهن. صرف پرم اڪشر برهم ئي اوناشي رام مطلب پرپو آهي. هن پرميشور جي پڳتي سان ئي پرم شانتي ۽ سناتن پرم ڌام مطلب پورڻ موڪش حاصل ٿيندو جتي چار مُکتي جو سُک سدا رهندو. مايا مطلب سڀ سُک سهولتون ساڌڪ کي نوڪر وانگر حاضر رهندا آهن. سوڪشم ويد ۾ چيو آهي تہ:-

ڪبير، مايا داسي سنت ڪي، اُپيہ دي آشيش

وِلسي اور لاتون چَڙي، شمر شمر جگديش

پاو ارٿ:- سيئي سُک ۽ سهولتون ڏن سان ٿيندیون آهن. اُهو ڏن شاسترن جي طريقيڪار مطابق پڄڻي ڪرڻ واري سنت پڄت جي پڄڻي جو خود بہ خود هئڻ وارو، جنهن کي حاصل ڪرڻ جو مقصد ناهي، اُهو پوءِ بہ ضرور حاصل ٿيندو آهي، BY PRODUCT هوندو آهي. جيئن ڪنهن ڪٽڪ جو فصل پوکيو تہ اُن جو مقصد ڪٽڪ جو اناج حاصل ڪرڻ آهي پر پوسو مطلب چارو بہ ضرور حاصل هوندو آهي. چارو ڪٽڪ جي اناج جو BY PRODUCT آهي. اهڙي قسم جي ست ساڌنا ڪرڻ واري کي پنهنجو پاڻ ڏن مايا ملندي آهي. ساڌڪ اُن کي پوڄيندو آهي، اُها پيرن ۾ پيئي هوندي آهي مطلب ڏن جي ڳڻتي نہ رهندي بلڪ ضرورت کان وڌيڪ حاصل هوندي آهي. پرميشور جي پڄڻي ڪري مايا جو بہ آنند پڄت، سنت حاصل ڪندا آهن ۽ پورڻ موڪش بہ حاصل ڪندا آهن.

اُنهي موضوع کي اڳتي وڌايون ٿا تہ انساني شريز حاصل ساهواري کي پنهنجو مقصد ياد رکڻ گهرجي. پڄڻي ڪري پنهنجو ڪلياڻ ڪرائڻ گهرجي. سوڪشم ويد ۾ لکيل آهي تہ:- (راگ آساوري شبد نمبر 71)

يہ سودا قرناهين سنتو، يہ سودا قرناهين

لوهي جَيسا تاو جات هئہ، ڪايا ديہ سراهي

تين لوڪ اور پَون چترُدش، سب جگ سودي آهين

دُڳي- تڳي ڪيئي چَوگني، ڪِنهُون مول گنواهين

پاو ارٿ:- جيئن بہ واپاري (BUSINESS MEN) پري ڪنهن شهر ۾ سودو ڪرڻ ويا ۽ 5-5 لک روپيا مول ڏن وڻي ويا. هڪ پنهنجي ڏن جو صحيح استعمال ڪيو. ڏرم شالا يا هوٽل ۾ مسواڙ تي ڪمرو ورتو. سامان خريد ڪيو ۽ مهانگي اڳہ سان وڪيو. جنهن سان هُن ويہ لک روپيا ٻيا ڪمائي ورتا. ٻن سالن ۾ واپس پنهنجي گهر اچي ويو. هر طرف تعريف ٿي ۽ امير ٻڌجي ويو.

ٻئي واپاري بہ هوٽل يا ڏرم شالا ۾ ڪمرو مسواڙ تي ورتو. شراب پيئڻ لڳو، رنڊين جو ناچ ڏسندو، ڪائيندو ۽ سمهي رهندو هو. هُن پنهنجو مُول ڏن پنج لک روپيا بہ ناس ڪري ڇڏيا. واپس گهر آيو تہ قرضي ٿي ويو. جنهن کان 5 لک رپيا اوڌر تي کنيا هئا، هُن پنهنجي رقم گهري. نہ ڏيڻ تي هُن کي مجبور ڪيو هن پنهنجي پنج لک روپيا پورا ڪيا. متئين واٽي جو اهو ئي مطلب آهي تہ ٽن لوڪن (سرگ لوڪ، پاتال لوڪ ۽ پرٿوي لوڪ) ۾ جيترا بہ ساهوارا آهن، اُهي سڀ پنهنجو رام نام جو سودو ڪرڻ آيا آهن. ڪنهن تہ ٻيٽو، ٽيٽو ۽ چؤٽو ڏن ڪمائي ورتو مطلب پورڻ سنت کان دکشا وني مانش جيون جي سوانسن جي پُونجي جيڪا مول ڏن آهي، اُنهي کي ست پڄڻي ڪري وڌايو. ٻيا ماڻهو جنهن ست پڄڻي نہ ڪئي، شاسترن جي طريقيڪار کي ڇڏي ڪري پنهنجي مرضي مطابق نموني بازي ڪئي يا ناقابل گرو کان دکشا وني پڄڻي ڪئي، اُن کي ڪوبہ فائدو نہ ٿيندو. هن جو ثبوت پويتر گيتاجي اڌياءِ نمبر 16 شلوڪ نمبر 23 ۽ 24 ۾ آهي. جنهن جي ڪارڻ اُنهن بہ پنهنجو مانش جيون جي سوانس روپي مول ڏن کي ست پڄڻي بنا ناس ڪري ورتو.

❖ پڄڻي نہ ڪرڻ سان نقصانن جو ٻيو حوالو:-

يہ دم ٽُوٽَي پنڊا ڦوٽي، هو ليکا درگاهہ مانهين

اُس درگاهہ ۾ مار پڑي گي، جم پڪڑين گي بانهين

نر - نارائڻ ديہ پايہ ڪر، ڦر چَوراسي جاهين

اُس دن کي موهي ڊرٽي لاگي، لجا رهي کي ناهين
جا ستگرو کِي مين بلهاري، جو جامڻ مرڻ مٹاهين
ڪُل پريوار تيرا ڪُٹنب قبيلا، مصلحت ايڪ نہراهين
بانڌ پنجري آگي ڌر ليا، مرگهٹ ڪُون لي جاهين
اگني لگا ديا جب لمبا، قونڪ ديا اُس ناهين
پُراڻ اُنا قرپنڌت آئي، پيچي گُروڙ پڑاهين

پاوارت:- هي دم مطلب ساهہ جنهن ڏينهن ختم ٿي ويندو. اُنهي ڏينهن هي شرير روپي پنڌ ڇُٽي ويندو. پوءِ پرماتما جي دربار ۾ پاپ ۽ پُڃن جو حساب ٿيندو. پڳتي نہ ڪرڻ واري يا شاستر جي اُبتڙ پڳتي ڪرڻ واري کي يم جا دوت ٻانهن مان جهلي وٹي ويندا، چاهي ڪوبہ ڪنهن ملڪ جو راجا بہ ڇو نہ هجي، اُن جي مارڪُٽ ڪئي ويندي. سنت غريب داس جي کي پرميشور ڪبير جي مليا هئا. اُن جي آتما کي مٹي وٹي وڃا هئا. سيئي برهماند ڏيکاري مڪمل اڌياتمڪ گيان سمجهائي واپس جسم ۾ ڇڏيو هو. سنت غريب داس جي اکين ڏٹو احوال بيان ڪري رهيا آهن تہ:- اي انسان! تو کي نر جسم مليو آهي جيڪو نارائڻ مطلب پرماتما جي جسم جهڙو يعني اُنهي جو سروپ آهي. ٻين ساهوارن کي هي سُندر شرير نہ مليو. هن جي ملڻ کانپوءِ ساهواري کي سڃي زندگي پڳوان جي پڳتي ڪرڻ گهرجي. اهڙو پرماتم سروپ شرير حاصل ڪري ست پڳتي نہ ڪرڻ جي ڪارڻ وري چوراسي لک جي چڪر ۾ وڃي رهيو آهي، ڏکار آهي تنهنجي انساني جنم تي! مون کي تہ اُن ڏينهن جي ڪُٽتي آهي، ڏپ ٿيندو آهي تہ ڪٹي پڳتي گهٹ نہ ٹئي ۽ هُن پرماتما جي دربار ۾ خبر نہ آهي تہ لڄ رهندي يا نہ. آئون تہ پڳتي ڪندي ڪندي بہ ڏڃان ٿو تہ ڪٹي پڳتي گهٹ نہ رهجي وڃي. توهان تہ پڳتي ئي نٹا ڪريو. جيڪڏهن ڪندا آهيو تہ شاستر جي اُبتڙ ڪري رهيا آهيو. تنهنجو تہ بُرو حال ٿيندو ۽ آئون تہ راءِ ڏيان ٿو تہ اهڙي ستگرو جي چونڊ ڪر جيڪو جنم مرڻ جي لاءِ علاج بيماري کي مٹائي ڇڏي، ختم ڪري ڇڏي. جيڪي ست پڳتي نہ ڪندا، اُن جو ڪهڙو حال ٿيندو آهي مرتيو کانپوءِ آسپاس جا ڪُٹنب جا ماڻهو گڏ ٿي ويندا آهن. پوءِ سيني جي هڪ ئي مصلحت مطلب راءِ ٿيندي آهي تہ هن کي ڪٹو. (ڪٹي شمسان گهاٹ تي وٹي وڃي جلائي ڇڏيندا آهن. لٹيون يا جيلي هڏي هڏي ڇاتي ٹوڙيندا آهن. سڃي شرير کي ساڙي ڇڏيندا آهن. جيڪو ڪجهہ بہ کيسي ۾ هوندو آهي، اُن کي ڪڍي وٹندا آهن. پوءِ شاستر جي طريقيڪار جي اُبتڙ من مرضي وارا نمونا ڪرائڻ ۽ ڪرڻ وارا هن سنسار کي ڇڏي ويندڙ جيو جي ڪلياڻ جي لاءِ گروڙ پراڻ جو پاٹ ڪندا آهن)

تتو گيان (سوڪشم ويد) ۾ ڇيو آهي تہ پنهنجو مانش جيون پورو ڪري اُهو جيو تہ هليو ويو. پرماتما جي دربار ۾ هُن جو حساب ٿيندو. هُو ڪرمن مطابق ڪٹي گڏهہ ــ ڪُتو بڻجڻ جي لاءِ قطار ۾ بينل هوندو. مرتيو کانپوءِ گروڙ پُراڻ جو پاٹ هن جي ڪهڙي ڪم ايندو؟ اهو فضول شاستر جي اُبتڙ ڪريا ڪرم آهي. هُن پراڻي جو مانش شرير رهندي اُن کي پڳوان جي قانون جو گيان ڪرائڻو هو. جنهن سان هُن کي پلي بُري جو گيان ٹئي ها ۽ اُهو پنهنجو مانش جيون سڦل ڪري ها.

پريت شلا پر جايہ براجي، قرپترون پنڌ پراهين
بهُر شراڌ کائن ڪُون آيا، ڪاگ ٿئي ڪل ماهين

پاوارٹ آهي تہ مرتيو وقت هُن جيو جي ڪلياڻ مطلب گتي ڪرائڻ جي لاءِ ڪئي وڃڻ واري شاستر جي اُبتڙ ڪريائون بيڪار آهن. جيئن گروڙ پراڻ جو پاٹ ڪرايو، هُن مرڻ واري جي گتي مطلب موڪش جي لاءِ. پوءِ هڏيون گنگا ۾ وڏيون اُن جي گتي ڪرائڻ جي لاءِ. پوءِ تيرهين يا سترهين جو هوَن ۽ پنڌارو (لنگر) ڪيو هُن جي گتي ڪرائڻ جي لاءِ . پهرين هر مهيني هڪ سال تائين مهيني وار ڪريا ڪرائي، هُن جي گتي ڪرائڻ جي لاءِ ، پوءِ ڇهين مهيني ڇهہ ماهي ڪريا ڪئي، هُن جي گتي ڪرائڻ جي لاءِ، پوءِ هر سال يعني ورسي ڪريا ڪئي هُن جي گتي ڪرائڻ جي لاءِ، پوءِ هُن جي پنڌ پرائڻ واري ڪريا ڪئي، هُن جي گتي ڪرائڻ

جي لاءِ شراڌ ڪيڻا مطلب شراڌ ڪرڻا ڪرائيندا آهن، شراڌ واري ڏينهن پنڌت پوجن خود ناهيندو آهي ۽ چوندو آهي ته ڪجهه پوجن گهر جي چت تي رکو متان تنهنجو پيءُ ڪانءُ نه ٿي ويو هجي. جڏهن ڪانءُ ڪائي ويندو تڏهن چوندا آهن ته تنهنجا پيءُ يا ماءُ ٻيو جيڪي مري چڪا آهن جنهن جي ڪارڻ هي سڀ ڪرڻا ڪئي وئي آهي ۽ هي شراڌ ڪيو ويو آهي. اُهو ڪانءُ ٿيو آهي، هن جو شراڌ سڏل ٿي ويو. هن متئين ذڪر مان واضح ٿيو ته اُهو شخص جنهن جون متئيون سيئي ڪريائون ڪيون هيون، اُهو ته ڪانءُ بڻجي چُڪو آهي.

شراڌ ڪيڻ وارا پنڌت چوندا آهن ته شراڌ ڪرڻ سان اُهو جيو هڪ سال تائين ڍؤ ڪري ويندو آهي. پوءِ هڪ سال ۾ شراڌ وري ڪرڻو آهي.

ويچار ڪريو:- جيئرو انسان ڏينهن ۾ ٽي ويلا ماني ڪائيندو هو. هاڻي هڪ ڏينهن ڪاڏو ڪائڻ سان هڪ سال تائين ڪيئن ڍؤ ٽي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن هر روز چت تي ڪاڏو رکيو وڃي ته اهو ڪانءُ هر روز ڪاڏو ڪائيندو.

پي ڳالهه:- مرڻ ڪانپوءِ ڪيل سڀ ڪريائون گٽي ڪرائڻ جي مقصد سان ڪيون ويون هيون. اُن اڳياڻي گُروئن آخر ۾ ڪانءُ بڻائي ڇڏيو. اهو پريت شلا تي پوت جي جوٽي پوڳي رهيو آهي. پويان گرو ۽ ڪانءُ موج سان ڪاڏو ڪائي رهيا آهن. پنڌ پرائڻ جو لاپ ٻڌايو آهي ته پريت جوٽي ختم ٿي ويندي آهي. سمجهو ته پريت جوٽي مان نڪري ويو، پوءِ اهو گڏهه يا ڍڳو بڻجي ويو ته ڪهڙي گٽي ڪرائي؟

نـرسـي قـرپـشـوا ڪيجئه،گڏا بـيـل بـنـائـي
چپن پوگ ڪهان من بوري، ڪهين ڪُرڙي چرني جائي

مانش جنم ۾ ڪيترا بهترين يعني 56 قسمن جا ڪاڏا ڪائيندا آهيون. پڳٽي نه ڪرڻ سان يا شاستر خلاف ساڌنا ڪرڻ سان گڏهه بڻجندو، پوءِ اُهي 56 قسمن جا ڪاڏا ڪٽي حاصل ٿيندا. ڪٽي ڪُرڙي (گندگي جو ڍير) تي پيٽ پرڻ جي لاءِ گاهه ڪائڻ ويندو، اهڙي طرح ڍڳو وغيره وغيره جانورن جي جوٽين ۾ ڏڪ مٽان ڏڪ پوڳيندو.

جي ستگرو ڪي سنگت ڪرتي، سڪل ڪرم ڪٽ جائي
امرپُري پـر آسـڻ هـوتـي، جـهـان ڏوپ نـا چـائـي

سنت غريب داس جي پرميشور ڪبير جي ڪان حاصل سوڪشم وید ۾ اڳتي چيو آهي ته جيڪڏهن ستگرو (تتو درشي سنت) جي شرڻ ۾ وڃي دڪشا وٺندا ته مٽيان سيئي ڪرمن جا ڏڪ ڪٽجي ويندا مطلب ته نه پريت ٿيڻ، نه گڏهه، نه ڍڳا ٿيندا. امر پُري پر آسڻ هوتي يعني گيتاجي اڌياءِ نمبر 18 شلوڪ نمبر 62 ۽ گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 04 ۾ ذڪر ڪيل سناتن پرم ڌام حاصل ٿيندو، پرم سُکون ملي ويندو. پوءِ ڪڏهن موٽي واپس دنيا ۾ نه ايندا يعني جنم مرڻ جو دردناڪ چڪر سدائين جي لاءِ ختم ٿي ويندو. اُنهي امر لوڪ (ست لوڪ) ۾ ڏُوپ چايا نه آهي. مطلب ته جيئن اُس تڪليف ڏني ته چانوَ جي ضرورت پئي. اُنهي ست لوڪ ۾ صرف سُک آهي، ڏڪ نه آهي.

سُرت نرت من پون پيانا، شبدي شبد سمـائي
غريب داس غلطان محل ۾، ملي ڪبير گوسائي

سنت غريب داس جي چيو آهي ته مون کي ڪبير پرميشور جي مليا هئا. مون کي سُرت، نرت، من ۽ پون يعني سوانس تي ڌيان رکي نام جي سمرڻ ڪرڻ جو طريقيڪار ٻڌايو. جنهن ساڌنا سان ست لوڪ ۾ ٽي رهي شبد ڌُن کي پڪڙي ست لوڪ ۾ هليو ويس. جنهن جي ڪارڻ ست لوڪ ۾ پنهنجي محل ۾ آنند سان رهندو آهيان. جو ته ست ساڌنا جيڪا پرميشور ڪبير جي سنت غريب داس جي کي ٻڌائي هئي ۽ اُن مڪان کي سنت غريب داس جي پرميشور سان گڏ وڃي ڏسي آيو هو. جنهن جي ڪارڻ وشواس سان چيو آهي ته جيڪا شاستر مطابق ساڌنا ڪري رهيو آهيان. اها پرماتما ٻڌائي آهي. جنهن شبد يعني نام جو جاپ ڪرڻ سان پورڻ

موڪش حاصل ڪندس اُن ۾ ڪابہ شڪ ناهي رهيو. جنهن ڪارڻ سان آئون (سنت غريب داس) ست لوڪ ۾ نهيل پنهنجي محل (وشال گهر) ۾ ويندس. جنهن جي ڪارڻ غلطان (محل حاصل ڪرڻ جي خوشي ۾ مست)آهيان. چو تہ پورڻ گرو خود پرميشور ڪبير جي پنهنجي لوڪ ڪان اچي مون کي مليا آهن.

غريب، عجب نگر ۾ لي گيا، هـم کو ستگرو آن

جهلڪي بمب اگاڌ گتي، سوتي چادر تان

آسان ارٿ:- سنت غريب داس جي چيو آهي تہ ستگرو يعني خود پرميشور ڪبير جي پنهنجي نج ڏام ست لوڪ ڪان اچي مون کي گڏ ونڊي عجب (حيرت) نگر ۾ يعني ست لوڪ ۾ نهيل شهر ۾ ونڊي ويا. اُنهي هنڌ کي اڪين سان ڏسي آئون پرماتما جي ڏيڪاريل پڳتي مارگ تي هلي رهيو آهيان. ست نام ۽ سار نام جي ساڌنا ڪري رهيو آهيان. اُنهي ڪري چادر اوڍي سمهي رهيو آهيان مطلب تہ منهنجي موڪش ۾ ڪابہ شڪ ناهي.

چادر تاڻي سمهڻ = بي اونو ٿي رهڻ. جنهن جو ڪو بہ ڪم باقي رهيل نہ هجي ۽ ڪو چادر اوڍي سمهي رهيو هجي تہ ڳوٺ وارا چوندا تہ اڇا چادر تاڻي سمهي رهيو آهي، ڇا ڪو ڪم ناهي؟ اهڙي طرح غريب داس جي چيو آهي تہ هاڻي وڌا وڌا محل بٽائڻ بيڪار لڳي رهيا آهن. هاڻي تہ اُن ست لوڪ ۾ ويندس. جتي نهيل نُڪيل تمام وڌا محل آهن. جن کي اسين ڇڏي غلطي ڪري هتي ڪال برهم جي مرتيو لوڪ ۾ اچي ويا آهيون، هينئر داڻ لڳو آهي، ست پڳتي ملي آهي ۽ تتو گيان مليو آهي.

سجنو! اها ست پڳتي موجود دؤر ۾ مون (رامپال داس) وٽ آهي، جنهن سان اُنهي ڏُکن جي گهر سنسار کان پار ٿي اهو پرم شانتي ۽ امر لوڪ (سناتن پرم ڏام) حاصل ٿي ويندو آهي جنهن جي باري ۾ گيتاجي اڌياءِ نمبر 18 شلوڪ نمبر 62 ۾ چيو آهي ۽ گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 04 ۾ چيو آهي تہ تتو درشي سنت کان تتو گيان حاصل ڪري، اُنهي تتو گيان سان اگيان جو ناس ڪري، اُن ڪانپوءِ پرماتما جي اُنهي پرم پد جي کوج ڪرڻ گهرجي، جتي وڃڻ ڪانپوءِ ساڌڪ وري موٽي واپس دنيا ۾ ڪڏهن بہ نہ ايندو.

"پڳتي نہ ڪرڻ سان تمام گهٽو ڏُک ايندو"

سوڪشم ويد ۾ چيو آهي تہ:-

يہ سنسار سمجهندا ناهين، ڪهندا شام دوپهري نُون

غريب داس يہ وقت جات هئہ، روو گي اس پهري نُون

روحاني علم جي اثر ۾ پرماتما جي قانون کان ناواقف هڻڻ جي ڪارڻ اهي ساهوارا انهي ڏُکن جي گهر سنسار ۾ مها ڏک پوڳي رهيا آهن ۽ اُن کي ئي سُک جو مڪان مڃي رهيا آهن.

جيئن هڪ ماڻهو جون جي مهيني ۾ ڏينهن جي ٻارنهن (12)بجہ يا هڪ (01) بجہ هرياڻا صوبي ۾ شراب پيئي تپيل اُس ۾ پيو آهي. پگهر سان بُرو حال آهي. جسم واري سان پريل آهي. هڪ ماڻهو چيو اي ياءُ! اُٿي، توکي وڻ جي هيٺيان ويهاريان. تون هتي گرمي ۾ جلي رهيو آهين. شرابي چيو تہ آئون بلڪل نيڪ آهيان، موج آهي، ڪابہ تڪليف ناهي.

❖ هڪ شخص ڪنهن ڪارڻ ڪورٽ ۾ ويو، اُتي اُن جو رشتيدار مليو، هڪ ٻئي سان حال احوال پُڇيو، ٻنهي چيو، سڀ نيڪ آهي، موج آهي.

❖ هڪ ماڻهو جو اڪيلو پُٽ تمام بيمار هو، اُن کي P.G.I ۾ داخل ڪري رکيو هو. چوڪري جي بچڻ جي اُميد تمام گهٽ هئي. اهڙي حالت ۾ ماءُ پيءُ ڪهڙي حال ۾ هوندا. آساني سان سمجهي سگهو ٿا. رشتيدار ملڻ آيا ۽ پُڇيو تہ ٻالڪ جو ڪهڙو حال آهي؟ پيءُ چيو تہ بچڻ جو ڪو آسرو ناهي ۽ وڌيڪ پڇيو ٻيو تہ خير آهي، پيءُ چيو سڀ موج آهي.

❖ **ويچار ڪريو:-** شراب جي نشي ۾ گھور اُس جي تپش کي پوڳي رهيو هو، پوءِ به چئي رهيو هو موج ٿي رهي آهي.

❖ ڪورٽ ۾ جيڪي رشتيدار مليا ٻئي چئي رهيا هئا ته سڀ موج آهي. ويچار ڪريو جيڪي ماڻهو ڪورٽ جي چڪرن ۾ قاتل آهن ان کي ته خواب ۾ به سُک ناهي هوندو. پوءِ به ٻئي چئي رهيا هئا ته موج آهي يعني سڪون آهي.

❖ جنهن ماڻهو جو اڪيلو پُٽ مرڻ ڪنڌي تي هو، اُن کي موج ڪهڙي؟ اُنهي ڪري سوڪشم ويد ۾ چيو آهي ته انهي ڏُکن جي سنسار ۾ اهي ماڻهو مها ڏک کي سُک مڃي رهيا آهن.

يہ سنسار سمجھندا ناھين، ڪھندا شام دوپھري ٿُون

غريب داس يہ وقت جات ھئہ، روو گي اس پھري ٿُون

سنت غريب داس جي ٻڌايو آهي ته انساني جنم حاصل ڪري جيڪي ماڻهو پڳتي نٽا ڪن، اُهي ڪُتي، گڏهه، وغيره وغيره جي جوڻين ۾ ڏک پوڳيندا آهن. ڪُتو رات جو آسمان جي طرف منهن ڪري روئندو آهي. اُنهي ڪري غريب داس جي ٻڌايو آهي ته اهو انسان جنم جو وقت هڪ دفعي هٿ مان نڪري ويو ۽ پڳتي نه ڪئي ته اُنهي وقت (اس پھري) کي ياد ڪري روئندا.

"پڳتي جي مارڳ تي سفر"

جيستائين روحاني گيان ناهي، تيستائين ته جيوَ مايا جي نشي ۾ پنهنجي مقصد کي وساري ڇُڪو هو ۽ جيئن مٽي ٻُڌايو آهي ته شرابي نشي ۾ جيئ مهيني جي گرمي ۾ ڏينهن جو ٻنپهرن جي وقت اُس ۾ پيل ۽ واري ۾ لپتيل چئي رهيو هوندو آهي ته موج ٿي رهي آهي. مگر نشي لهڻ ڪانپوءِ ان کي معلوم ٿيندو آهي ته تون ته جهنگ ۾ پيو آهين گھر اڃا پري آهي.

ڪبير پرميشور جي چيو آهي ته:-

ڪبير، يہ مايا اپنِي، سپ گھت آڻ اڙي

کس کس کو سمجھائون، يہ کنوان پانگ پڙي

اڌياتم گيان روپي دوا استعمال ڪرڻ سان جيو جو نشو لهي ويندو آهي. پوءِ اهو پڳتي جي سفر تي هلندو آهي، چو ته اُن پرماتما وٽ پهچڻو آهي جيڪو پيءُ آهي ۽ اهو ست لوڪ جيو آتما جو پنهنجو گھر آهي.

سفر تي هلڻ وارو ماڻهو سڀ سامان ڪٽي مسافري تي نه هلي سگھندو، صرف ضروري سامان ڪٽي سفر تي هلندو آهي. اهڙي ريت پڳتي جي سفر ۾ پاڻ کي هلڪو ڪري هلڻو پوندو. تڏهن منزل ماڻي سگھندا. پڳتي روپي رستي تي هلڻ لاءِ پنهنجي من کي راحت ڏيڻ لازمي آهي. مانسڪ پريشاني جو ڪارڻ آهي پنهنجيون ريتون رسمون ۽ نشا، تڪبر، ڏيکاءُ، اهي پار اجايا آهن جيئن وڏي محلات، مهنگي ڪار، هار سينگار ڪرڻ، مهانگا زيور(سونا زيور) گڏ ڪرڻ، شادي ۾ ڏاج ڏيڻ ونڻ، بينڊ باجا وڄائڻ، لائوڊ اسپيڪر لڳائڻ، ڄڃ جي روانگي وقت پوري ڪُتنب جو بي شرم جي طرح نچڻ، مرڻ ڪانپوءِ وڏيون دعوتون ڪرڻ، ٻار ڄمڻ تي خوشي ملهائڻ، خوشي جي موقعي تي آتش بازي جلائڻ، فضول خرچي ڪرڻ وغيره وغيره انسان جي پڳتي سفر ۾ رڪاوٽ هئڻ جا ڪارڻ ڇڏڻا پوندا.

"وواهه (شادي) ڪيئن ڪريون"

جيئن شري ديوي درگا پنهنجن تنهي پُٽن (شري برهماجي، شري وشنو جي ۽ شري شو جي)جو وواهه ڪيو هو، انهي ڪتاب ۾ اڳتي پڙهندا. منهنجا (ليکڪ) شيوڪ ايئن ئي ڪن ٿا، 17 منٽن جي اسُر نڪندن رميٽي آهي. ڪيرن جي هنڌ تي ان کي چيو ويندو آهي. جيڪا ڪروڙ گائنتري منترن (اوم ، پور، پوهه...) کان اُتم ۽ فائديمند آهي. جنهن ۾ دنيا جي سڀني ديوي ديوتائن ۽ پورڻ پرماتما جي پُڪار ۽ استوتي پرارٿنا آهي. جنهن جي ڪارڻ سڀئي شڪتيون اُنهي شادي واري جوڙي جي حفاظت ۽ سهائتا ڪنديون آهن. انهي سان ڏيئرون بچيل رهنديون ۽ جيئڻ جي راهه صحيح ملي ويندي.

وياھ ۾ هلندڙ موجود ريت رواج جو تياڳ:-

وياھ ۾ اجايو خرچ ڇڏڻو پوندو، جيئن ڇوڪري جي وياھ ۾ وڏي ڄڃ جو اچڻ، ڏاج ڏيڻ اها فضول رواج آهي. جنهن جي ڪارڻ ڏي سماج تي پار بڻجڻ لڳي آهي ۽ اُن کي گرپ ۾ ئي مارڻ جو سلسلو شروع آهي. جيڪا ماءُ پيءُ لاءِ مها پاپ جو ڪارڻ بڻجي ٿو. ڏيئر ديوي جو سروپ آهي. اسانجي غلط ريتن رسمن ڏي کي دشمن بڻائي ڇڏيو. شري ديوي پُراڻ جي تئين اسڪند ۾ ثبوت آهي تہ انهي برهمانڊ جي شروعات ۾ تنهي ديوتائن (شري برهماجي، شري وشنوجي ۽ شري شوجي) جو جڏهن ان جي ماءُ وياھ ڪرايو انهي وقت نہ ڪو باراتي هو، نہ ڪو پاتي هو ۽ نہ ئي ڪو پوجن پندارو ڪيو ويو هو. نہ لائوڈ اسپيڪر وڄايا ويا هئا ۽ نہ ناچ ڳائڻ ڪيو ويو هو. شري درگاجي پنهنجي وڏي پُٽ شري برهما جي کي ڇيو اي برهما جي! هِي ساوتري نالي ڇوڪري توکي تنهنجي پتني روپ ۾ ڏني وجي ٽي. اُنهي کي وني وڃ ۽ پنهنجو گهر وساءِ. اهڙي طرح پنهنجي وڇئين پُٽ شري وشنو جي کي لڪشمي ۽ ننڍي پُٽ شري شو جي کي پاروتي ڏئي ڇيو تہ اهي توهان جون پتنيون آهن، اُن کي وني وجو ۽ پنهنجو پنهنجو گهر وسايو. ٽيئي پنهنجيون پنهنجيون پتنيون وني پنهنجي پنهنجي لوڪ ۾ هليا ويا جنهن سان دنيا جي پکيڙ ٽي.

شنڪا سمادان (وهم/شڪ ختم ڪرڻ):- ڪجھ ماڻهو چون ٿا تہ پاروتي جي مرتيو ٽي وئي هئي، ان ديوي جو وري جنم دڪش جي گهر ٿيو هو. جوان ٿيڻ تي ديوي ستي (پاروتي) نارد مني جي ٻڌائڻ ڪانپوءِ شري شو جي کي پتي بنائڻ جو مضبوط ارادو ڪري ورتو ۽ پنهنجي ماءُ جي ذريعي پنهنجي خواهش پيءُ دڪش کي ٻُڌائي تہ راجا دڪش چيو تہ اهو شو منهنجو نائي بڻجڻ جي لائق ناهي، ڇو تہ اهو اُگهاڙو رهندو آهي. صرف هڪ مرگھ ڇال (هرڻ جي ڪل) جسم تي ڍڪيندو آهي. جسم تي راک لڳائي ڀنگ جي نشي ۾ رهندو آهي. نانگ گڏ رکندو آهي. اهڙي ماڻهو سان آئون پنهنجي ڏي جو وياھ ڪري دنيا ۾ ڪل جي لائق نہ بڻجندس. مگر ديوي پاروتي بہ ضد جي پکي هُئي. اُن پنهنجي خواهش شري شو جي ڏانهن ڏياري موڪلي ۽ چيو تہ آئون تو سان شادي ڪرڻ چاهيان ٿي. راجا دڪش پاروتي جو وياھ ٻئي ڪنهن سان مقرر ڪري رکيو هو. اُنهي ڏينهن شري شو جي پاڻ سان گڏ هزارين جي تعداد ۾ پوت-پريت، پيرَوَ ۽ پنهنجن گڻن کي وني شادي منڊپ ۾ پهچي ويو. راجا دڪش جي فوج مخالفت ڪئي. شو جي فوج ۽ دڪش جي فوج ۾ جنگ لڳي. آخر ۾ پاروتي شو کي ور مالا پهرائي ڇڏي. پاروتي کي طاقت جي زور سان وني شري شو جي ڪيلاش جبل تي پنهنجي گهر وني ويو. ڪجھ ماڻهو چوندا آهن تہ ڏسو! شري شوجي بہ تمام گهٽا ڄاڃي وني پاروتي سان شادي ڪرڻ آيو هو. انهي ڪري بارات جي رسم پُراڻي آهي. اُنهي ڪري بارات بغير شادي سونهي نٿي. ان جو جواب اهو آهي تہ اها وياھ نہ هو، اهو تہ پيار جو موضوع هو. شري شو جي بارات نہ فوج وني آيو هو پاروتي کي طاقت جي زور تي کڻي وڃڻ جي لاءِ. وياھ جي پُراڻي رسم شري ديوي مها پُراڻ جي تئين اسڪند ۾ آهي جيڪا متي ٻُڌائي ڇڏي آهي. ڏيئرن ۽ پُٽن کي گهرجي تہ پنهنجي ماءُ پيءُ جي خواهش مطابق وياھ ڪن، پيار وارو پرٽو وڏي جهگڙي جو ڪارڻ بڻجي ويندو آهي. جيئن پڳوان شو جي ۽ پاروتي جي ڪنهن ڳالھ تي پاڻ ۾ ڪاوڙجي ويا. شوجي پاروتي سان پتني وهنوار بند ڪري ڇڏيو ۽ ڳالهائڻ بہ ڇڏي ڏنو. پاروتي سوچيو تہ هاڻي هي گهر منهنجي لاءِ نرڪ بڻجي ڇُڪو آهي. اُنهي ڪري ڪجھ ڏينهن پنهنجي ماءُ وٽ وڃان ٿي. پاروتي پنهنجي پيءُ دڪش جي گهر مائٽن ۾ هلي وئي. اُنهي ڏينهن راجا دڪش هڪ هَوَن يگيہ ڪرائي رهيو هو. راجا دڪش پنهنجي ڏي جو آڏرياءُ نہ ڪيو ۽ چيو اڄ ڇا ونڊ آئي آهين؟ ڏنو ان جو پيار، گهران نڪري وڃ. پاروتي پنهنجي ماءُ کي شري شو جي ناراض ٿيڻ جي ڪٿا ٻُڌائي. ماءُ پنهنجي پتي دڪش کي سڀ ٻُڌايو هو. پاروتي جو هاڻي نہ مائٽن ۾ مڪان آهي ۽ نہ ساهُرن ۾. پيار جي پرٽي اهڙي گنهير حالت پيدا ڪئي جو پاروتي کي خودڪشي ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ چارو نظر نہ آيو، ۽ راجا دڪش جي وڏي هَوَن ڪُنڊ ۾ ٻري مري وئي. ڏرمي ڪربا جو ناس ڪيو. پنهنجو انمول انساني جنم وڃائي ڇڏيو. پيءُ جو ناس ڪرايو ڇو تہ جڏهن شري شوجي کي خبر پئي تہ پنهنجي فوج وني پهتو ۽ پنهنجي سهري دڪش جو سر ڪٽي ڇڏيو. بعد ۾ ٻڪري جي سسي لڳائي جيئرو ڪيو. اُنهي

پيار جي پرٿي ڪهڙو جهيڙو مچايو، شو جي فوج کي بارات ٻُڌائي ٻُري رواج کي جنم ڏنو آهي ۽ اهو پيار وارو پرٿو ٻُري رسم جي پيدائش آهي، جيڪا سماج جي ناس جو ڪارڻ آهي.

شادي جيڪا صحيح رسم سان ٿي، اُهي اڄ تائين سُکي زندگي گذاري رهيا آهن. جيئن شري برهما جي ۽ شري وشنو جي.

شادي ڪرڻ جو مقصد:- شادي ڪرڻ جو مقصد صرف اولاد پيدا ڪرڻ آهي، پوءِ پتي پتني ملي ڪري محنت ڪري ٻارن جي پرورش ڪن ٿا. ان جي شادي ڪندا آهن. پوءِ اُهي پنهنجا گهر وسائيندا آهن. ان کان علاوه پيار وارو پرٿو سماج ۾ خلل وجهڻ جو ٻج آهي. سماج بگاڙڻ جي چٽنگ آهي.

پيار وارو پرٿو ڪيئن هوندو آهي؟

جواب:- جيڪي ٻُري چال چلت وارا چوڪرا ۽ چوڪريون هوندیون آهن، اهي هلڻ وارو عجيب و غريب ڍنگ ڪندا آهن. اُنهن جي شرمن جي نظر ۾ ٽيڙهي هوندي آهي. ڪڏهن هٿرادو مسڪرائڻ. جهڪي اکيان پويان ڏسڻ، ناز نخرن سان هلڻ ان پاپ آتمائن جو شوق هوندو آهي جيڪو آخر ۾ پيار واري پرٿي جو روپ اختيار ڪندو آهي. بعد ۾ اُن کي خبر پوندي آهي ته ٻنهي جا ٻيا ۾ عاشق هئا. پوءِ اُن جي حالت ڀِڳوان شو ۽ پاروتي واري هوندي آهي. نه گهر جا رهندا آهن نه گهاٽ جا. وواهه ڪرڻ جو مقصد مٽي بيان ڪري ڇڏيو آهي. اُن کان هٽي ڪري نوجوان جيڪي قدم کٽن ٿا. اهو زندگي جي سفرکي نرڪ بڻائڻ وارو هوندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن جو پريم بڻجي ۾ وڃي ته اُن جو ڏيان ضرور رکو ته پنهنجي سماج جي مريادا (جيئن قبيلي، ڳوٺ يا شادي واري هنڌ) ڀنگ نه ٿئي جنهن سان ڪُٽنب ۽ ماءُ پيءُ جي عزت کي ڏڪ نه اچي. غلطي سان ايئن ٿي ۾ وڃي ۽ بعد ۾ معلوم ٿئي ته چوڪرن ۽ چوڪرين کي گهرجي ته جلد اُنهي پريم کي توڙي ڇڏين. پنهنجي قوم ۾ وواهه موجود وقت ۾ ڪرڻ سان ڪوبه نقصان نه ٿيندو پر مٽئين مريادا جو ڏيان ضرور رکو. ڀِڳوان شوجي ۾ ديوي پاروتي کي انهي ڪارڻ تياڳ ڪيو هو. ڪٿا هن طرح آهي:-

"ڀِڳوان شو جو پنهنجي پتني کي تياڳ ڪرڻ"

جنهن وقت شري رامچندر پُٽ راجا دسرٿ (راجا ايوڌيا) بنواس جو وقت گذاري رهيو هو. اُنهي دوران سيتا جو اغوا لنڪا جي راجا راوڻ ڪيو هو، شري رام کي خبر نه هئي، سيتا جي ڏُک ۾ شري رام اندر ئي اندر روئي رهيا هئا. آڪاش مان شِو پاروتي ڏنو. پاروتي شِو کان پڇيو ته هي شخص ايترو ٻُري طرح ڇو روئي رهيو آهي؟ شري شِو جي ٻڌايو ته هي عام ماڻهو ناهي، هي شري وشنو جي آهن جيڪي راجا دسرٿ جي گهر جنميا آهن. هينئر بنواس جو وقت گذاري رهيا آهن. ان جي پتني سيتا ۾ گڏ آئي هئي. اُن کي اغوا ڪري ويو آهي. اُنهي ڪري پريشان آهي. پاروتي چيو ته سيتا روپ ناهي آئون اُن جي ساممون ويندیس. اگر مون کي سجاڻي ورتو ته آئون مڃيندیس ته اهي حقيقت ۾ وشنو ڀِڳوان آهن. شِو جي پاروتي کي چيو ته اها غلطي نه ڪجان. تو سيتا روپ ڌارڻ ڪيو ته منهنجي ڪم جي نه رهندين. پاروتي اُنهي وقت ته چيو ٺيڪ آهي، آئون امتحان نه وٺنديس. مگر شِوجي گهر کان ٻاهر نڪرندي ئي سيتا روپ ڌارڻ ڪري شري رامچندر جي ساممون بيني. شري رام چيو ته اي دڪش جي ڌيءَ! اڄ اڪيلي ڪيئن آئين؟ شري شِوجي کي ڪٽي ڇڏي آئي آهين؟ تڏهن ديوي شرمسار ٿي ۽ چيو ته ڀِڳوان شِو سچ ڇئي رهيا هئا ته توهان ترلوڪي ناٿ آهيو، توهان مون کي سجاڻي ورتو، آئون امتحان وٺڻ آئي هيس. ڀِڳوان شِو کي ۾ خبر پئجي وئي ته پاروتي سيتا جو رُوپ ڌارڻ ڪري امتحان ورتو آهي، پاروتي کي چيو ڪيو اُهو ڪم جنهن جي مون منع ڪئي هئي. پاروتي ڪوڙ ڳالهايو ته مون کا ۾ امتحان ناهي ورتو، مگر شِوجي سخت ناراض ٿي ويا ۽ پيار واري شادي نرڪ جو ڪارڻ بڻجي جيڪا مٽي توهان پڙهي آهي.

انهي ڪري نوجوانن کي عرض آهي ته پنهنجي ڪمزوري جي ڪارڻ ماءُ پيءُ ۽ سماج ۾ زهر نه وجهو، شادي ڪرڻ صحيح ڳالهه آهي پر بکواد ڪرڻ ٻُري ڳالهه آهي. شادي جي لاءِ ماءُ پيءُ وقت تي خود پريشان ٿي ويندا آهن ۽ شادي ڪندي ئي دم ڏيندا آهن. پوءِ نوجوان ڇو مٽي جو سور گهُري وٺندا آهن؟ جيستائين شادي نه ٿيندي، پيار محبت رهندي آهي. شادي کان پوءَ ٻار ٿي

ويندا آهن، ستن سالن کان پوءَ محسوس ٿيڻ لڳندو آهي تہ "هي چا ٿيو؟" جيئن هرباٽوي ڪوي (ڪَائڪ) جات مهرسنگھ چيو آهي تہ:

وواهہ ڪرڪي ديک ليئو، جس ني ديکي جيل نهين هئ

جيئن جيل جي چوديواري جي اندر رهڻ مجبوري هوندي آهي اهڙي طرح شادي کان پوءَ ماڻُ پيءَ پنهنجي ڪُٽنب جي پرورش جي لاءِ گرهستي زندگي جيئڻ جي لاءِ سماجي مريادا روپي چوديواري جي اندر رهڻ لازم ٿي ويندو آهي، پنهنجي مرضي نہ هلائي سگھندو يعني نوڪري وارو نوڪري تي ويندو آهي، مزور مزوري تي ۽ هاري ٻني ۾ ڪم ڪار جي لاءِ مجبور آهن. جيڪي ضروري آهن. اُن ڪري شادي شده زندگي مريادا روپي جيل ڇئي ويندي آهي. مگر انهي جيل کان سواءَ سنسار جي پيدائش نہ ٿي سگھندي. پنهنجي ماڻُ پيءُ بہ شادي ڪئي جنهن سان پاڻ کي انمول انساني جنم مليو. انهي شرير ۾ پڳٽي ڪري انسان موڪش حاصل ڪري سگھي ٿو. جيڪو شادي جو ئي وردان آهي انهي پاڪ رشتي کي بد چلن ماڻهو ڪام واسنا واريون ڳالهيون ٻڌائي ۽ راڳ گانا ڳائي نوجوانن ۾ واسنا کي پيدا ڪن ٿا جنهن سان سڪون ۽ مريادا واري انساني سماج ۾ باه لڳي ويندي آهي. جنهن جي ڪارڻ ڪيترائي پريوار اُجڙي ويندا آهن، جيئن اخبارن ۾ خبرون پڙهڻ لاءِ ملنديون آهن تہ چوڪري ۽ چوڪرِي پاڻ ۾ ساڳئي ڳوٺ ۾ پيار ڪري برائي جو بج پوکيو آهي. چوڪري وارن چوڪري کي گهٽو سمجهايو، مگر گندي فلمن کان متاثر چوڪري هڪ بہ نہ ٻُڌي. ڪُٽنب وارن چوڪري کي ماري ڇڏيو جنهن جي ڪارڻ انهي چوڪري جا پائي، پيٽ، ماڻُ پيءُ ۽ پاپي سيئي جيل ويا. عمر قيد ملي وئي. ان بن ڇٽن جي پيار واري پرٽي روپي باهہ سان ڪُٽنب ختم ٿي ويو. وسندڙ گهر اُجڙي ويو. ٻيا ڪيترائي مثال آهن جنهن ۾ خون جا ڪيس هئڻ سان قاهي تائين جي سزا جو قانون آهي.

اي نوجوانو! ويچار ڪريو! ماڻُ پيءُ توهان مان ڪهڙي اُميد کٽي جيئندا آهن. توهان کي پڙهائين ٿا، پاليندا آهن، توهان سماجي مريادا کي وساري ننڍڙي غلطي جي ڪارڻ وڏي غلطي ڪري زندگي ناس ڪري ويندا آهيو. اُنهي ڪري ٻارن کي ست سنگ ٻُڌائڻ لازمي آهي. سماجي اونچ نيچ جو پاٺ پڙهائڻ لازمي آهي جنهن جي لڳ ڀڳ ڪمي ٿي چُڪي آهي.

سوال:- بارات (ڄڃ) جو رواج ڪيئن پيو؟

جواب:- راجا ماڻهن کان شروع ٿيو. اُهي چوڪري جي شادي ۾ سپاهي وني ويندا هئا. رستي ۾ راجا جي حفاظت لاءِ فوج ويندي هئي. جنهن جو سمورو خرچ چوڪري وارو راجا پورو ڪندو هو.

سيٺ شاهوڪار ڏاج ۾ زيادهہ زيور ۽ ڌن ڏيندا هئا. اُنهي ڳوٺ جي ٻين غريب ورگ جي ماڻهن کي مزدوري تي گڏ وني ويندا هئا جيڪي حفاظت لاءِ هوندا هئا. اُن کي پهرين ڏينهن چوڪري وارا پنهنجي گهر منائي کارائيندا هئا. چوڪري وارو هرهڪ محافظ کي هڪ چاندي جو رُپيو ۽ هڪ پتل جو گلاس ڏنو ويندو هو. جيڪو غريب پنهنجي بيل گاڏي وني ويندا هئا، ان کي ڪجهہ وڌيڪ سامان جي لالچ ڏني ويندي هئي. پهرين جهنگ وڌيڪ هوندا هئا. آمدرفت جون سهولتون گهٽ هوندیون هيون. ڪو شاهوڪار اڪيلو ملي ويندو هو تہ اُن کي قُرڻ عام ڳالهہ هوندي هئي. انهي طرح سان ڄڃ روپي فوج جو رواج پيو. پوءِ اُها هڪ ماڻهن کي ڏيکارڻ واري رسم بڻجي وئي، جنهن جي اڃڪلهہ بلڪل ضرورت نہ آهي.

سوال:- پَتَ ۽ دعوت ڪرڻ جو رواج ڪيئن هليو؟

جواب:- اُن جي جڙ بہ بارات (ڄڃ) جو اڇڻ، ڏاج ڏيڻ، ڄڃ وني وڃڻ لاءِ گهوٽ وارن طرفان منائي کارائڻ، ڪنوار وارن طرفان بہ ڄاڃين لاءِ منائي ۽ پئسا. گلاس ڏيڻ سيئي ڪارڻ پَتَ ۽ دعوت ڏيڻ جي شروعات آهي. دعوت ۾ ڳوٺ ۽ پاڙيسري ڳوٺن جا رشتيدار ماڻهو هوندا آهن. جنهن جي چوڪري يا چوڪرِي جو وواهہ هوندو آهي تہ اڪيلو ڪُٽنب خرچ برداشت نہ ٿو ڪري سگھي اُن جي لاءِ 100 يا وڌيڪ ماڻهو انهي گروپ ۾ هوندا هُئا. جنهن جي پُٽ جو وواهہ هوندو هوتہ سيئي ماڻهو پهچ مطابق پئسا ۽

سامان شادي ڪرڻ واري جي پيءُ کي ڏيندا هئا. ڪي 100روپيا يا 200 روپيا، ڪي گهٽ، ڪي وڌيڪ اهو هڪ قسم جو بنا ٽيڪس جو اُڌار هوندو هو، اُن تي وياج نہ ڏيڻو پوندو هو. سيني جو دعوت ۾ ڏنل ڏن (نيئنڊ) لکيو ويندو هو. هرهڪ جي ڪاپي ۾ هرهڪ شادي جي موقعي تي نيئنڊ لکيل هوندو هو، اهڙي طرح شادي واري ڪُٽنب کي ڏن جي مشڪلات نہ ايندي هُئي.

پَتَ:- پَتَ بہ انهي ڪڙي ۾ پويو ويندو آهي. پيٽ جي ٻارن جي وواهہ ۾ ڪجهہ ڪپڑا ۽ روڪ رقم ڏيڻ (پاڻ طرفان ڪيل مدد) کي پات چيو ويندو آهي. جيڪو ڏن پيٽ کي واپس ڏيڻو نہ هوندو آهي. جن جا پاڻ نہ آهن اُهي انهي ڏينهن تمام ڏکي ٽيندڙيون آهن. اڪيلائي ۾ ويهي روئندڙيون آهن.

پيليا:- نياڻي جي اولاد پيدا ٿيڻ تي مائٽن جي طرفان ننڍڙي ٻار جي لاءِ گهر جو ديسي نج گيهہ، ڪجهہ خوراڪ (گيهہ + اٽو پُڳيل + ناريل + بادام+ڪارن مرچن واري ملاوت کي خوراڪ چوندا آهن) ننڍڙي ٻالڪ جا ننڍڙا ننڍڙا ڪپڑا بہ مائٽن وارا ۽ چوڪري جي نٽنڊن طرفان آڻيا ويندا آهن. اها رواج آهي جيڪي ڪپڑا هڪ سال ڪانپوءِ بيڪار ٿي ويندا آهن.

اهڙي طرح جي رواج کي ڇڏڻو آهي ڇو تہ زندگي جي سفر ۾ فضول ٻار آهي. توهان پنهنجي ڏي جي مدد ڪري سگهو ٿا. جيئن ڪُئون ـ مينهن ونڊي آهي. ڏي جي مالي ڪمزوري آهي تہ ان کي روڪ رقم ڏئي سگهو ٿا. ڏي کي پنهنجي ملڪيت مان حق ڏيئي سگهو ٿا جيڪڏهن چوڪري ونڊ چاهي تہ. ڏي کي گهرجي تہ ضرورت پوڻ تي ڏن گهري وٺي مگر پوءِ واپس موتائي ڏي. پرماتما تي يقين رکي. توهان جي عزت برقرار رهندي.

حل:- انهن سيني جو حل آهي تہ شادي کي سوڪشم ويد مطابق ڪرڻ گهرجي. توهان چار ويد پُڙا آهن. يجُروويد، رگ ويد، سام ويد ۽ ارٿرَوَ ويد. مگر پنجون سوڪشم ويد آهي جيڪو خود پورڻ برهم زمين تي ظاهر ٿي پنهنجي مُک ڪمل سان امرت واڻي سان ڏنو آهي.

منهنجا (رامپال داس جا) مُريد انهي پنجين ويد سوڪشم ويد مطابق شادي جون رسمون ادا ڪندا آهن. جنهن ۾ ڪابہ مٽئين رواج جي ضرورت نہ پوندي آهي. شادي يا ڪنهن ٻئي موقعي تي چوڪري يا چوڪرِي جي مائٽن کي ڪو خرچ نہ ڪرڻو پوندو آهي. صرف ڪنيا دان يعني چوڪري دان ڪرڻي آهي. چوڪري پنهنجي پهرڻ لاءِ صرف چار وڳا ڪٽي وڃي سگهي ٿي. چپل تہ پاتل هوندا آهن بس. جنهن گهر ۾ ويندي اهو ڪُٽنب ان چوڪري کي پنهنجي گهر جي پاتين وانگر رکندا. پنهنجي گهر جي مالي حالت مطابق بين پاتين وانگر سيئي ضروري شيون مهيا ڪري ڏيندا. ڏي پنهنجي ماءُ پيءُ، پاءُ، پاڃائي تي ڪوبہ ٻار نہ بڻجندي. جڏهن بہ پنهنجن مائٽن ۾ ويندي تہ ڪوبہ روڪ رقم نہ ونندي. جنهن جي ڪارڻ پاءُ پاڃائي کي بہ پياري لڳندي. پاڃائي کي نٽنڊ اُنهي ڪري بُري لڳندي آهي تہ اڇي وڻي چار پنج هزار خرچ ڪرائي هلي ويندي. مگر اسان جي ڏي احترام سان ايندي ۽ احترام سان واپس هلي ويندي. پنهنجن مائٽن کان ڪابہ شيءَ نہ ونندي. جنهن سان ٻنهي طرفن کان پاڻ ۾ وڌيڪ پريم سدائين لاءِ رهندو. پڇتي بہ سُڻي طرح ٽيندي. اهڙي طرح جيئڻ جي اعليٰ راهہ تي هلي اسان جلد منزل تي (موڪش تائين) پهچنداسُون.

سوال:- جنهن کي اولاد ناهي هوندو، اُنهي وانجهيي (بي اولادي) جو صبح يا شام ڪم تي وڃڻ وقت منهن ڏسڻ بُرو سمجهن ٿا؟ ايئن ڇو؟

جواب:- هي سمورو اڌياتمڪ گيان جي گهٽ هئڻ جي ڪارڻ غلط سوچ آهي. پڙهڻ وارا انهي ڪتاب جي صفحو نمبر 7 تي پڙهو تہ هڪ شخص جا چار پُٽ هئا، اُن کي اڌرنگ تي ويو تہ ڪنهن بہ خدمت نہ ڪئي. ڇا اُن ماڻهو جا درشن اُنهي ڪري سُنا آهن اُن جي بُري حالت کي ڪير ڏسڻ سُڻو سمجهندو؟

"احسان فراموش اولاد"

هڪ شخص جا ٻہ پُٽ هئا، اهو شخص فوج مان رٽائرڈ ٿيو. پينشن ملي. پُٽ ڏار ٿي ويا. ننڍي پُٽ ماءُ کي پنهنجي گهر ۾ رکي چو ته ٻار ننڍڙا هئا. اُن جي سارسنڀال لاءِ ماءُ جي ضرورت پئي. وڏي جي حصي ۾ پيءُ آيو. پيءُ ڇيو پينشن اُن کي ڏيندس جنهن وٽ آئون ماني کائيندس. ننڍو پُٽ چوندو هو ته اڏ اڏ پئسا ورهائي ڏيندو ڪر. پيءُ منع ڪئي ته هڪ ڏينهن پيءُ جي سر ۾ لٺ هنئي. پيءُ جلد مري ويو. ڇوڪر کي عمر قيد جي سزا لڳي ويئي. ماڻهو کي پُٽ حاصل ٿيڻ جي ڪارڻ اُن جا درشن سُنا مجيا ويندا هئا پر اُن سان ته بُرو ٿيو. هاڻي روحاني ساهمي ۾ توري ڏسون ٿا ته بغير اولاد واري جا درشن سُنا آهن يا بُرا؟ جيئن اُنهي پُستڪ ۾ مٿي ثابت ڪيو آهي ته ڪُتنب سُڌاري جي لاءِ بڻجندا آهن. ڪي قرض لاهڻ لاءِ پيءُ، پُٽ، زال، ماءُ پيءُ، پيٽ ۽ پاءُ وغيره جي روپ ۾ جنم ونڊي ڪتنب جي شڪل ۾ نٽ سان رهندي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. مگر ڪيترائي جواني ۾ مري ويندا آهن. ڪي وواهه ٿيندي ئي مري ويندا آهن. اهي سڀ پنهنجو قرض پورو ٿيندي ئي بيشڪ جسم ڇڏي هليا ويندا آهن. جنهن کي اولاد نہ آهي، اُن جو ڪو ڏيڻ ونڻ باقي نہ آهي. اُهي جيڪڏهن پورڻ گرو کان دکشا ونڊي پڄڻتي ڪن ته ان جهڙو نصيب وارو ڪوبہ ناهي، نہ ڪنهن جي جنم جي خوشي، نہ مرڻ جو ڏُک. اُن بي اولادي ماڻهن جو درشن ته تمام بهترين آهي. جيڪڏهن پڄڻتي نہ ڪندا ته چاهي اولاد وارو هجي، چاهي بي اولادي ٻئي پنهنجي زندگي برباد ڪري ويندا آهن، جيڪڏهن پڄڻتي ڪندا آهن ته ٻنهي جا درشن بهترين آهن.

وانجهيا! هوشيار

جن پُڄ آتمائن کي اولاد ناهي هوندو ته روحاني علم جي ڪمي جي ڪري ان جي تڙپ اولاد جي حاصل ڪرڻ لاءِ بڻجندي رهندي آهي. اُنهي جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندا آهن. پوءِ بہ ڪو ڏيڻ ونڻ وارو (اولاد) نہ ملندو آهي ته پوري زندگي اولاد جي حاصلات نہ هڻڻ جي ڏُک کي پوڳيندا آهن. خاص ڪري عورت جي اولاد پيدا ڪرڻ جي خواهش مضبوط هوندي آهي. اها پاڻ کي وانجهيو چورائڻ نہ چاهيندي آهي. چاهي جانچ ڪري ڊاڪٽر ٻُڌائيندا آهن ته تو ۾ بي اولاد جا ڪجهہ بہ لڇڻ نہ آهن، وڏاتا جي ليلا آهي. مگر بغير تتو گيان واري عورت انهي تڙپ ۾ مري ويندي آهي. پڄڻتي نہ ڪرڻ جي ڪارڻ اُن جو اڳيون جنم ڪُتِي جو هوندو آهي. پوءِ يم جا دوت ان کي چوندا آهن ته اي پيٽ! هاڻي اولاد پيدا ڪري سڃي ڪسر ڪڍي وڻ. هڪ وِيام ۾ اٺ اٺ جمندي، پوءِ اڳيون جنم سوئر جو ٿيندو، هڪ ئي دفعي ۾ ٻارنهن ٻچن کي جنم ڏيندي ۽ ست اٺ وِيام ڪندي. اولاد جي سڃي ٻُک متائي ورتي.

اي پُڄ آتمائو، پڑهندڙ پائر/ پينرو! اڌياتمڪ گيان کي سمجهو. انساني جنم کي سڦل بڻايو. جيئڻ جي راهہ سنواريو. يعني پورڻ گرو کان دکشا ونڊي پڄڻتي ڪري ڪلياڻ ڪرايو.

"شادي ۾ مورڪ نچندا آهن"

هڪ ڏينهن اخبار ۾ پڑهيو ته روهتڪ جو چوڪرو پواني ضلعي ۾ شادي جي لاءِ ڪار ۾ وڃي رهيو هو. اُن سان گڏ ٻنهي پيٽڻ جا پتي يعني پيٽويا بہ اُنهي ڪار ۾ گڏ هئا. اڳئين ڏينهن سڀ ڪتنب وارا (پاءُ، پيٽ، ماءُ پيءُ، چاچا، چاچي، پاڃائي) لائوڈ اسپيڪر وڄائي نچي رهيا هئا حد ڪري چڙي هئي. ڪلا نور ويڄهو گهوت جي گاڏي وڏي ٽريلر سان ٽڪرائجي وئي. سيئي ڪار جا مسافر مري ويا. گهوت مري ويو، ٻئي پيٽون وڏوا ٿي ويون. سڀ ڪجهہ ناس ٿي ويو. هاڻي نچي وڻ اسپيڪر وڄائي. پرماتما جي پڄڻتي ڪرڻ سان اهڙو ڏک ٽري ويندو آهي. اُنهي ڪري منهنجي (رامپال داس جي) شيوڪن کي سخت حڪم آهي ته پرماتما کان ڊڄي سڀ ڪم ڪريو. سادي طريقي سان شادي ڪريو. انهي گندي لوڪ (ڪال برهم جي لوڪ) ۾ هڪ پل جو پروسو ناهي ته ڪڍهن بہ بجلي ڪِري سگهي ٿي.

"سنتن جي سڪيا"

هڪ ڀَوڻ جو ماڻهو پهريون دفعو شري نانڪ ديو جي وٽ ويو. اُن ڏٺو ته سنت مايوس حالت ۾ اڪيلو وينو آهي (سمرڻ ڪري رهيو آهي). اُنهي ماڻهو ست نام واهيگرو چيو. شري نانڪ ٻه جواب ڏنو. ماني ڪارائي. گيان ويچار ٻُڌايا. اهو همراهه هليو ويو. هڪ ڏينهن اهو ئي ساڳيو همراهه آيو ۽ چيو مهاراج جي! توهان ڪڏهن خوش نظر نه ايندا آهيو. ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

سنت نانڪ جي چيو ته:-

نا جاني ڪال ڪي ڪر ڊاري، ڪس وڏي ڊل جا پاسا وي

جنهان دي سر تي موت ڪُڙڪتي، اُنهان نون ڪهڙا هاسا وي

آسان ارٿ:- سنت نانڪ جي چيو ته اي پاڻا! هن مرتيو لوڪ ۾ سڀ فاني آهن. خبر ناهي ڪنهن جي وڇڻ جي واري ڪڏهن اچي وڃي؟ انهي ڪري جنهن جي سر تي موت گجي رهي آهي ان ماڻهو کي نچڻ، ڳائڻ، کل مذاق ڪيئن سُنا لڳندا؟ مورک يا نشي وارو ماڻهو ان گندي لوڪ ۾ خوشي ملهائيندو آهي. جيئن هڪ شخص جي زال کي شادي جي 10 سال بعد پُٽ ڄائو. ان جي جمڻ جي خوشي ۾ لڏون ناهيا. ڊول باجا وڄايا حد ڪري ڇڏي. اڳئين سال انهي جنم ڏينهن تي ٻار جي موت ٿي وئي. ڪٿي ان جي جنم ڏينهن جي خوشي جي تياري هئي، ڪٿي روئڻ پٽڻ شروع ٿي ويو. گهر نرڪ بڻجي ويو. هاڻي مجي ونوخوشي.

اهو شخص اها سڃائي ٻڌي گهبرائجي ويو ۽ چيو اي پريو! توهان جي ڳالهه سچ آهي. مگر توهان ڪڏهن خوشي نٿا ملهايو؟ شري نانڪ جواب ڏنو خوشي ڪندو آهيان.

ساڌ ملي سادِي شادي هوندي، ٻِڇڑ دا دل گيري وي

اک دي نانڪ سُنو جِهانا، مشڪل حال فقيري وي

ارٿ:- جڏهن منهنجا شش ست سنگ ٻُڌڻ اچن ٿا ته ساڌ سنگت کي ڏسي مون کي خوشي ٿيندي آهي ته سيئي ڀڳتي ته لڳل آهن، ڪوبه ڀڳتي مارگ تان هٽيو ناهي. جڏهن اُهي ست سنگ ڪانپوءِ ويندا آهن ته مايوسي ڇانئجي ويندي آهي ته ڪٿي ڪو دماغ ڦريل ان کي ورغلائي پرماتما کان پري نه ڪري ڇڏي. شري نانڪ جي چيو ته اگياني سنتن ڀڳتي کي مشڪل بڻائي ڇڏيو آهي. اُهي پورڻ موڪش ڇاڻن ئي نٿا. ڀُلائڻ لاءِ گرو بڻيا آهن جيڪي منيون منيون ڳالهيون ٻُڌائي منهنجن ڀڳتن کي ڪال جي ڄار ۾ ونڌي ويندا آهن. اُنهي ڪري جيستائين وري ست سنگ ۾ سيئي ايندا ناهن. تيستائين مون کي ڳٽتي رهندي آهي. سيئي اچي ويندا آهن ته خوشي ٿيندي آهي، مگر اسان نچندا ڳائيندا آهيون. دل ۾ محسوس ڪندا آهيون. موت کي ڪڏهن به نه وساريندا آهيون. ڪبير صاحب چيو آهي ته:-

موت بساري مورکا، اچرج ڪيا ڪون

تن ماٹي ۾ مل جائي گا، جيون آٹي ۾ لوڻ

ٻيو مثال:- هڪ سيٹ هڪ ڏينهن هڪ سنت جي آشرم ۾ ويو. سنت جي ڪرپا سان ان کي سنو فائدو ٿيو. اهو سنت صوفن، ڪيلن وغيره وغيره ميون جو وڏو ٿيلهو پري ويو. سنت جي هڪ ٽوڪري ۾ وجهي ڇڏيا، جنهن ۾ ميوا پرساد رکندا هئا. سيٹ ٻن ڏينهن کانپوءِ ويو ته ٽوڪري ميون سان ڀريل پيئي هئي. ڪجهه پرساد ته ڀڳتن ۾ ورهائي ڇڏي. ڪجهه ڀڳتن ميوات پرساد ڪٹي آيا اُها ٽوڪري ۾ وجهي ڇڏي. سيٹ سنت کي چيو ته اي مهاراج! توهان ميوا چو نٿا کائو؟ سنت چيو ته مون کي موت ڏسڻ ۾ ايندي آهي، اُنهي ڪري کائي نٿو سگهان. سيٹ پڇيو، مهاراج! ڪڏهن وجي رهيا آهيو دنيا مان؟ سنت چيو اڄ کان چاليهه سال بعد منهنجي موت ٿيندي. سيٹ چيو اي مهاراج! هونئن ته سڀني کي مرڻو آهي، پوءِ چا جي لاءِ ڊڄڻو؟ اها به ڪا ڳالهه آهي. اهڙي طرح ته عام ماڻهو به نه ٿا ڊپ ڪن. توهان ڪهڙي ڳالهه ڪري رهيا آهيو؟ سيٹ ٻئين ٽئين ڏينهن اچي ۽ اها ئي ڳالهه ڪري. انهي نگري

جو راجا انهي سنت جو پيڳت هو. سنت جي راجا کي چيو تہ تنهنجي نگري ۾ ڪِروڙي مِل سيٺ آهي. چندن جي ڪاني جو دڪان آهي. اُن کي ڦاهي جي سزا ٻُڌايو ۽ هڪ مهيني بعد سڀائي چوڏس جو ڦاهي جو ڏينهن مقرر ڪجو. جيل ۾ سيٺ جي ڪوني ۾ ميون جي ٽوڪري پريل رهي ۽ ڪير جو لوٽو هڪ ڪلو گرام جو پريل رهي. ڪائڻ ۾ ڪير، حلوؤ، پُوڙي. ٻڙهي ۽ پاڃي ڏجو. راجا حڪم جي تعميل ڪئي. جيل ۾ سيٺ جي کي 20 ڏينهن بند ٽيڻ ۾ ٿي ويا. ڪمزور ٿي ويو. سنت جيل ۾ ويو هرهڪ قيدي سان مليو. سيٺ کي ڏسي سنت پڇيو ڪٿي جو رهاڪو آهين؟ ڇا نالو آهي؟ سيٺ چيو، اي مهاراج! توهان سڃاڻو ڪونہ ٿا، آئون ڪِروڙي مل آهيان چندن جي دڪان وارو. سنت چيو اڙي ڪِروڙي مل تون ڪمزور ڪيئن ٿي وئين؟ ڪجهہ ڪائين پيئين نٿو. اڙي ميون جي ٽوڪري پريل پيئي آهي. ڪير جو لوٽو بہ پريل پيو آهي. ٽالي ۾ حلوؤ ۽ ڪيرٽي رکيل پئي آهي. سيٺ چيو اي مهاراج! موت جي سزا ٻُڌائي ڇڏي آهي. قسم کائي چوان ٽو تہ آئون بيگناهہ آهيان، بچايو مهاراج. منهنجا ننڍا ننڍا ٻار آهن. سنت چيو تہ مرڻو تہ سيني کي آهي پوءِ ڪهڙو ڊپ. ڪاءُ پيءُ مؤج ڪر. سيٺ سلاخن مان هٿ ڪڍي پير پکڙي ورتا. چيو بچائي ونو مهاراج! ڪجهہ بہ کائي پيئي نٿو سگهان. چانڊوڪي چوڏس ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سنت چيو سيٺ ڪروڙي ملا! جيئن اڄ توکي چانڊوڪي چوڏس ٿي موت ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. اهڙي طرح ساڌوئن سنتن کي پنهنجي چانڊوڪي چوڏس ڏسڻ ۾ ايندي آهي. چاهي چاليهہ سال پوءِ هجي.

تون روحاني علم کان ناواقف انسان مستي ڪندو آهين ۽ اچانڪ موت اچي ويندي آهي. ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندين. اهڙي طرح مون کي منهنجي موت جو ڏينهن ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي جيڪو چاليهہ سال بعد اچڻو آهي. اُنهي ڪارڻ ڪائڻ پيئڻ بہ اهڙي طرح استعمال ڪيو ويندو آهي. مستي من ۾ ڪڏهن بہ نہ ايندي. پرماتما جي ياد بڻي رهندي آهي. تنهنجي گيان جي اکين تي اگيان جي پٽي ٻڌل آهي. جيڪا ست سنگ سان ئي کولي ويندي آهي. جنهن سان جيئڻ جي راهہ ملي ويندي آهي. موڪش ملندو آهي. سنت راجا کي چئي سيٺ کي بَري ڪرايو. سيٺ نام ونڊي ڪلياڻ ڪرايو.

"شادي کان بعد جو سفر"

شادي کانپوءِ زال مڙس جو فرض بڻجي ويندو آهي تہ هڪبئي تي پنهنجو وشواس قائم رکو. مطلب آهي تہ بئي جتي ستي جي مريادا جو گذارو ڪن. پتي کي اٽل يقين هجي تہ منهنجي پتني بئي ماڻهو کي ڪڏهن بہ سونپي نہ سگهندي. چاهي هو ڪيترو بہ خوبصورت ۽ شاهوڪار هجي. اهڙي طرح پتني کي اٽل پروسو هجي تہ منهنجو مڙس بئي عورت تي عاشق ٿي ميلاپ نہ ڪري سگهندو، چاهي سرڳ کان ڪا راڻي بہ اچي وڃي.

- **ڪٿا:-** هڪ فوجي جوان هو. ان جي پتني ستي يعني پتيورتا هئي. اها ڳالهہ فوج ۾ پنهنجن ساٿين سان ڪئي. اها ڳالهہ راجا جي وزير شيرخان وٽ پهتي تہ ان راجا کي ٻُڌائي ۽ اُن سچ ڪوڙ جانچڻ جو عرض ڪيو. راجا اجلاس ڪهرايو ۽ انهي فوجي چاپ سنگهہ چوهاڻ کي ڪهرايو. اجلاس ۾ راجا پڇيو تہ تون چئي رهيو آهين تہ تنهنجي پتني پتيورتا آهي، هُو بئي ڪنهن ماڻهو سان ڪنهن بہ لالچ ۾ ميلاپ نہ ڪندي. فوجي چاپ سنگهہ چيو تہ اها سؤ سيڪڙو سچ آهي. راجا چيو تہ جيڪڏهن ڪوڙ ثابت ٿيو تہ؟ فوجي چيو تہ جيڪا سزا توهان ٻُڌائيندا اها منظور هوندي.

شيرخان وزير چيو تہ راجا جي! اها امتحان آئون خود وٺندس. راجا چيو نيڪ آهي. چاپ سنگهہ چيو تہ منهنجي شادي جي وقت مليل سُهاڳ جي نشاني هڪ پٽڪو ۽ ڪٽاري (چاقو) منهنجي پتني نہ ڏيئي سگهندي. جيڪڏهن شيرخان اها ڪٽي آيو تہ آئون شڪست مڃيندس ۽ منهنجي پتني جي جسم جو ڪو نشان ٻُڌائجان تہ آئون مڃان تہ منهنجي پتني ڏرم تان لهي وئي آهي.

شيرخان چاپ سنگهہ جي ڳوٺ ۾ وڃي هڪ مخبر عورت کي چيو تہ هڪ چاپ سنگهہ فوجي جي پتني رهندي آهي. ان سان منهنجي ملاقات ڪراءِ. توکي تمام گهڻو ڌن ڏينداس. ان عورت چيو تہ اها ڪنهن بہ قيمت تي نہ ٿو ٿي سگهي. پوءِ شيرخان چيو تہ ڪنهن بہ طرح اُن جي گهر مان شادي ۾ ملڻ واري سهاڳ جي نشاني پٽڪو ۽ ڪٽاري آڻي ڏي. چاهي چورائي بہ ڪٽي اڇ ۽ چاپ سنگهہ جي پتني سوموتي جي ذاتي عضوي وٽ يا ستر تي ڪو نشان هجي تہ اهو معلوم ڪري ٻُڌاءِ. اها استري مهمان ٿي چاپ

سنگهه جي نقلي ڦڦي بڏجي سوموتي جي گهر وئي. سوموتي جي شادي جي وقت ۽ پوءِ چاپ سنگهه جي ڦڦي نه آئي هئي. بيمار هئڻ جي ڪارڻ شادي ۾ به نه آئي هئي. ڪيترائي ڏينهن ترسي. سوموتي کي وهنجندي ڏٺو ته ويجهو وڃي ان جي سهڻي جسم جي واکاڻ ڪرڻ جي بهاني انگ انگ ڏٺو. سوموَتي جي ذاتي عضوي وٽ وڏو تِر جو نشان هو. اها سڀ نشاني ڏسي مخبر عورت پٽڪو ۽ چاقو چورائي ڪٽي وئي ۽ شيرخان وزير راجا کي ٻڌايو ته آئون اُن سان ميلاپ ڪري آيو آهيان. اُن جي جنگهه تي ڪارو تِر آهي. هي سُهاڳ جي شيءَ پتيورتا ڪنهن کي به نه ڏيندي. منهنجي پريم ۾ ۽ ڏن جي لالچ ۾ مون کي ڏئي ڇڏيو آهي.

راجا اجلاس گهرايو ۽ چاپ سنگهه کي گهرايو ويو. چيو ته هي پٽڪو ۽ ڪٽاري ڪنهن جي آهي. چاپ سنگهه ڏيان سان ڏٺو ۽ چيو اها منهنجي آهي. شيرخان چيو اجان ٻڌايان اها ٻڌا! تنهنجي پٽني جي ساڃي جنگهه تي ذاتي عضوي وٽ ڪارو تِر آهي. چاپ سنگهه چيو ته اها سڀ سچ آهي مگر منهنجي پٽني پنهنجي ڏرم کان نه هٽي سگهندي. راجا چيو ته اجان به تون اها ئي ڳالهه ڪري رهيو آهين. تون ڪوڙو آهين. توکي هڪ مهيني کانپوءِ ڦاهي تي چاڙهيو ويندو. تنهنجي جيڪا آخري خواهش هجي. اها ٻُڌاءِ. چاپ سنگهه چيو ته آئون پنهنجي پٽني سان ملڻ چاهيان ٿو. راجا اجازت ڏني. چاپ سنگهه پنهنجي پٽني وٽ ويو. ان کي بيوفائي جي ڪارڻ گهٽ وڌ چيو ۽ چيو ته مون کي تنهنجي ڪارڻ ان ڏينهن ڦاهي تي چاڙهيو ويندو. سوموَتي چيو ته تنهنجي ڦڦي جو نالو ونڊي هڪ عورت آئي هئي، اُن منهنجي عضون جا نشان ڏٺا هئا. پٽڪو ۽ چاقو چورائي وئي آهي.چاپ سنگهه چيو ته وزير شيرخان آيو هو. ان اهو سڀ منصوبو ناهيو هو. چاپ سنگهه واپس موٽي ويو. ڦاهي واري ڏينهن کان هڪ هفتو پهرين سوموتي راجا جي نگري ۾ هڪ نچڻي عورت بڏجي وئي ۽ راجا کي ناچ ڏيکارڻ لاءِ چيو. راجا اجازت ڏني. سيئي دربار جا ماڻهو موجود هئا. وزير شيرخان به موجود هو. ناچڻي جي نچڻ سان راجا ڏاڍو خوش ٿيو ۽ نچڻ واري کي چيو گهُر جيڪي گهُرڻو هجي، آئون تمام راضي آهيان. ناچڻي چيو ته وچن ڏي ته گهران. راجا چيو ته راج کانسواءِ جيڪا به گهُر آئون وچن ڏيان ٿو. نچڻي چيو ته تنهنجي دربار ۾ منهنجو چور آهي. منهنجي گهر مان چوري ڪري آيو آهي. وزير شيرخان نالو آهي. اُن کي ڦاهي جي سزا ڏني وڃي. راجا شير خان کان پُڇيو ته شيرخان ڪيتري سچائي آهي؟ شير خان چيو ته اي پروردگار! مون ته اُن عورت جي اڃ کان پهرين ڪڏهن به شڪل ناهي ڏٺي آهي.

تڏهن سوموَتي چيو ته جيڪڏهن منهنجي شڪل به نه ڏٺي آهي ته هي پٽڪو ۽ ڪٽاري ڪنهن جي گهران کڻي آيو آهين؟ آئون اُنهي چاپ سنگهه جي پتيورتا پتني آهيان. جنهن سان تنهنجي ڪوڙ جي ڪارڻ منهنجي پتي کي ڦاهي ڏني پيئي وڃي. چاپ سنگهه کي گهرايو ويو. راجا چاپ سنگهه کي اڃ راج ورهائي ڏنو ۽ معاف ڪري ڇڏيو ۽ شيرخان وزير کي ڦاهي جي سزا ڏني وئي. ڏنڪار هجي اهڙين ڏيئرن تي ناز آهي مُلڪ تي.

غريب داس جي ڪي ڪبير صاحب چيو آهي ته:-

تُرا نہ تيکا ڪُودنا، پُرش نمين رڻڌير

نمين پدمڻي نگر ۾، يا موٽي تڪسير

ارٿ:- ڪبير جي چيو آهي ته غريب داس! جنهن نگر ۽ ديس ۾ تُرا (گهوڙو) تيز ڊوڙڻ ۽ اونچو ڪُڏڻ وارو ناهي ۽ شهري رڻڌير (بهادر) نه آهن ۽ جنهن ديس ۽ نگر ۾ پدمڻي يعني پتيورتا استري نه آهي ته اُها وڏي تڪسير (تمام وڏي غلطي)آهي يعني ڪمي آهي. اهڙي طرح باڪردار مرد ۽ عورت بنهي جو هجڻ لازمي آهي.

❖ شادي کانپوءِ ساهرن ۾ ڪجهه چوڪريون سيئي سينگار ڪنديون آهن. هار سينگار ڪري گلين مان گذرنديون آهن. عجيب و غريب حرڪتون ڪنديون آهن. بُري قسم جا چمڪدار ڪپڑا پهري بازار يا بنين ۾ يا پاڻي پرڻ لاءِ نلڪي يا کوهه تي ويندیون آهن. اُن جو مقصد ڪهڙو هوندو آهي؟ ظاهر آهي ته پنهنجي پتي کان علاوه بين ماڻهن کي پنهنجي طرف مائل ڪرڻ. پنهنجي خوبصورتي

۾ ڏن دولت جو ناتڪ ڪرڻ جيڪا هڪ سُني ننهن يا پيٽ جو لڇڻ نہ آهي. جيڪڏهن چون تہ پتي کي خوش ڪرڻ لاءِ ايئن ڪن ٿيون تہ اُهي گهر تائين ئي محدود رهنديون تہ بهتر لڳندو، مگر اهڙا گڻ من ۾ ٻُرائي جي اٽڪل آهن.

عام ڪيڙا پهرڻ گهرجن، چاهي مهانگا هجن، چاهي سستا. پيٽ- ڏي ۾ ننهن جي نظر سامهون 12 فوٽ تائين هئڻ گهرجي. هلندي، ويهندي، اُٺندي وقت ڏيان رکن تہ ڪا اهڙي چال چلت نہ ٿي وڃي جو ڪنهن جي لاءِ اُتساهہ نہ پيدا ڪري. استري جي غلط طريقي سان واحيات ماڻهن جو حوصلو وڌي ٿو. اُهي پريشان ڪن ٿا. عورت جو ڪلندي ڪلندي ڳالهيون ڪرڻ جذبو جاڳائڻ ۾ شرافت نہ هئڻ هوندو آهي جيڪا سماجي ٻُرائي آهي. جيئن پيٽ - ڏي - ننهن يعني جوان پنهنجن گهر ياتين سان گڏ رهنديون آهن. اهڙو ئي رويو گهر کان ٻاهر هئڻ گهرجي. اُن جي واکاڻ شريف سماج ڪندو آهي. ٻين جوانن کي ان جو مثال ٻُڌائيندا آهن. جيڪڏهن پيٽرول کي چٽنگ نہ لڳندي تہ اهو ڏماکو نہ ڪندو.

❖ اُن جي برعڪس مٿيون رويو اختيار ڪرڻ سماج ۾ باهہ لڳائڻ آهي. اها ڳالهہ جوان ڇوڪرن ۾ ڇوڪرين ٻنهي تي لاڳو هوندي آهي.

جواني بارود جي طرح هوندي آهي. جيڪڏهن ڪا چٽنگ لڳي وڃي تہ سڀ ناس ٿي ويندو. جيڪڏهن چٽنگ نہ لڳي تہ سالن تائين محفوظ رهندي آهي.

❖ هرهڪ شخص چاهي ٿو تہ منهنجي پيٽ - ڏي - ننهن سُني اخلاق واريون هجن، ڳوٺ نگر ۾ ڪو ايئن نہ چوي تہ اُن جو خاندان اهڙو آهي.

❖ جڏهن اسان جوان ڇوڪري ڏسون ٿا ۾ من ۾ ٻُرائي پيدا ٿئي ٿي تہ يڪدم ويچار ڪريو تہ جيڪڏهن اسان جي ڏي-پيٽ جي باري ۾ غلط ويچار ڪري ۾ ٻُري ڪم جي مقصد سان ڪجهہ اٽپٽ طريقيڪار (راز ۾ رهي پنهنجن ٻُرن ويچارن کي ظاهر ڪرڻ، غلط اشارا ڪرڻ، اکيون ڇڄ، ٽيڙهي نظر سان ڏسڻ) اهڙي غلط حرڪت ڪري تہ ڪيئن لڳندو. جواب ظاهر آهي تہ ٽنگون ڇڄي ڇڏيندا. جيڪو ڪمزور آهي، اُهي اڪيلائي ۾ ويهي روئندا، اُنهي وقت ويچار ڪريو تہ:-

جيسا درد اپني هووي، ايسا جان براڻي

جو اپني سو اور کي، ايڪ ئي پيڙ پچاني

حل:- پرميشور ڪبير جي ٻُڌايو آهي تہ:-

ڪبير، پـــر ناري ڪـو ديکيئي، بهن بيٽي کي ياوَ

ڪهہ ڪبير ڪام ناس ڪا، يهي هئ سمج سياوَ

جنسي ظلم ۾ ستم جون ترغيبون:- فلمون، جنهن ۾ نقلي، هٿرادو ڪهاڻيون ۾ ادائون ڏيکاريون ويندين آهن. جنهن کي ڏسي جوان ٻالڪ ان جي نقل ڪري بي شرم ٿيڻ لڳندا آهن. جهڙي حرڪت فلمن ۾ ڏيکاري ويندي آهي اها حرڪت نہ گهر ۾، نہ گلي ۾، نہ پاڪ سماج ۾ ڪري سگهجي ٿو. تہ اُن کي ڏسڻ جو مقصد ڪهڙو رهجي ويندو آهي؟ ڪجهہ بہ نہ. صرف بهانو آهي دل بهلائڻ. اهو ئي وندر سماج ناس ڪرڻ جي جڙ آهي. منهنجا (ليکڪ جا) مُريد بلڪل فلم ناهن ڏسندا.

ٻُرو راڳ، فلمي گانا، ڪلام ۾ گندي گفتگو جيڪي نڪما ڇوڪرا ڪندا آهن اُن جي سنگت ۾ سُنا جوان بہ ملي بڪواد ڪرڻ لڳي ويندا آهن. ڪبير پرميشور جي چيو آهي تہ:-

ڪٿا ڪرو ڪرتار کي، سنو ڪٿا ڪرتار

ڪام ڪٿا سُنيئي نهين، ڪهہ ڪبير ويچار

ارٿ:- پرميشور ڪبير جي سمجهايو آهي تہ يا تہ پرماتما جي مهما جي واکاڻ (ڪٿا) ڪريو يا ڪٿي پرماتما جي چرچا (ڪٿا) ٿي رهي هجي تہ اُها ٻُڌو. ڪام يعني بي حيائي واري ڳالهہ ڪڏهن بہ نہ ٻُڌو، ڪبير جي اها ويچار يعني مت ٻُڌائي آهي.

"وشيش منٽن (گھري راز جي چنڊچاڻ)"

ڪام (SEX) ڊنگ کي خاص ويچار سان سمجھو. پتي پتني ميلاپ کي سماج اھميت ڏي ٿو تہ توھان ٻئي اڪثر اولاد پيدا ڪريو. سيني جي ماءُ پيءُ اولاد پيدا ڪرڻ جي طريقي کي استعمال ڪيو، جنھن سان پنھنجو ۽ پنھنجن پائرن پينرن جو جنم ٿيو تہ ويچار ڪريو تہ اھا ڪريا ڪيتري پاڪ ۽ بھتر آھي جنھن سان پاڻ کي انمول انساني جنم مليو آھي. ڪو ڊاڪٽر بڻيو، ڪو فوجي، ڪو وزير ڪو انجنيئر بڻيو آھي. ڪو ھاري بڻيو آھي جنھن سيني لاءِ اناج پيدا ڪيو، ڪو مزور ٿيو جنھن اسان لاءِ محلات تيار ڪئي. ڪو ڪاريگر بڻيو. انساني جنم ۾ پڳتي دان ڏرم جا ڪم ڪري پنھنجي جيو جو ڪلياڻ ڪرائي سگھون ٿا. ميلاپ اھا آھي. ان کي ڪيترو ئي بکواد ڪري گانا ڳائي، فلمي گانا ڳائي ٻڌائي، ٻُري واسنا جو روپ ڏين جيڪي سرعام ڪن ٿا اھا سنو نٿو لڳي. انسان شريف ساھوارو آھي. ان کي پردي ۾ مريادا ۾ رھي ڪري پاڪائي بڻائي رکڻي آھي.

مٿيان ويچار پڙھي توھان ۾ ڪنھن بہ ماءُ - ڊي - پيءُ جي طرف ڏسي ٻُرا ويچار نٿا پيدا ٿي سگھن. اھا ڪريا ڏاڏا ڏاڏي ڪئي جنھن سان پنھنجو پيءُ جو جنم ٿيو. نانا ناني ڪريا ڪئي جنھن سان ماءُ جو جنم ٿيو. جنھن ماءُ پيءُ پاڻ کي پيدا ڪيو، پاليو ۽ سنياليو. ڪيترا سُنا آھن پنھنجا ماءُ پيءُ جنھن جي پيدائش بہ ڪام ڪريا سان ٿي. اھا ڪھڙي بي حيائي آھي؟ ان کي خانہ بدوش ماڻھو بي حيائي سان پيش ڪري گندو رنگ ڏيئي سماج ۾ باھ لڳائين ٿا.

❖ ملڪ جي قانون ۾ شرط آھن تہ جيڪڏھن ڪو مرد ڪنھن عورت جي ڇيڙ ڇاڙ ڪري ٿو تہ اُن کي ٽي سال جي سزا ڏني ويندي آھي. جيڪڏھن ڪنھن استري سان زنا ڪري ٿو تہ 10 سال جي سزا ملندي آھي. قانون جو علم ھڻڻ سان انسان ٻُرائي، زناخوري کان ڌڃي ٿو. قانون جو علم ھڻڻ بہ لازمي آھي. اھڙي قسم جا پاپ ڪال برھم ڪرائيندو آھي. ڪال ڪير آھي؟ ڄاڻو سرشٽي رچنا ۾ باب ۾.

❖ **فلم ناھي ڈسٽي:-** فلم ھٽرادو ڪھاڻي ھوندي آھي. جنھن کي ڈسڻ وقت اسين پلجي ويندا آھيون تہ جيڪي اُن جا اداڪار آھن. اُھي روزي روٽي لاءِ ڈنڈو ھلائي رھيا آھن. ڪروڙين روپيا ھڪ فلم ۾ ڪم ڪرڻ جا ونندا آھن. مورک جوان ويچار ڪولي ان جي تعريف ڪرڻ بڻجي ويندا آھن. ھو تہ پنھنجو ڈنڈو ھلائي رھيا آھن، توھان مورک سينيما ڈسڻ ۾ فضول خرچ ڪري رھيا آھيو. جنھن ھيري ۽ ھيروئن جا توھان واکاڻ ڪندڙ ٿيا آھيو. توھان اُن جي گھر وجي ڈسو، اُھي توھان کي پاڻي بہ نہ پيئارينداِ. چانھ ماني تہ پري جي ڳالھ آھي. ويچار ڪريو تہ آئون لڏون کائي رھيو آھيان ۽ توھان ڏسي رھيا آھيو، توھان کي ڇا ملیو؟ اھا ئي حالت فلمي اداڪارن ۽ ڈسڻ وارن جي آھي.

❖ **اسان کي پنھنجي سوچ تبديل ڪرڻي آھي**

➢ جيئن اسين گنديون شڪليون ڈسون ٿا تہ ٻُرا ويچار پيدا ٿين ٿا چو تہ اُن تيجسوي شڪل اندر چٽنگ لڳائي ڇڏي، پيٽرول ٻرڻ لڳو. اھڙن تصويرن کي تياگي ڇڏڻ گھرجن.

➢ جيئن اسان ملڪ سان پيار ڪندڙ نوجوانن جا جيون چريتر پڙھندا آھيون ۽ شڪليون ڈسندا آھيون تہ اسان جي اندر حب الوطني جو جذبو پيدا ٿيندو آھي. اھڙيون تصويرون گھر ۾ آھن تہ ڪو نقصان ڪونھي.

➢ جيڪڏھن اسان ساڌوئن، سنتن، فقيرن ۽ سُنن اخلاقن وارن شھرين جو جيون چريتر پڙھندا، ٻُڌندا آھيون تہ سيئي ٻُرايون ڪيڏي سني شھري بڻجڻ جا ويچار ڪندا آھيون. اُنھي ڪري اسان کي سنت ۽ ست سنگ جي تمام گھڻي ضرورت آھي جتي سُنا ويچار ٻُڌايا ويندا آھن.

➢ اسان پنھنجي ننڍڙي ڏي کي وھنجارينداِ آھيون، ڪپڙا پھرائيندا آھيون، اھڙي طرح سيئي ڪن ٿا. اھا ڏي شادي ڪانپوءِ ساھُرن ۾ ويندي آھي. ٻين جي ڏيئر اسان جي گھر ۾ ننھن بڻجي ايندي آھي. نئون چا ٿيو؟ اھا پاڪ ويچارن سان ويچار ڪرڻ جي ڳالھ آھي. اھڙي طرح ويچار ڪرڻ سان خانہ بدوش ويچار ختم ٿي ويندا آھن ۽ ساڌو وارو روپو پيدا ٿي ويندو آھي.

- اخبارن ۾ ب ايتريون بي حيائي واريون تصويرون ڇپيندا آهن جيڪو نوجوانن کي غير معمولي ڪري ڇڏيندا آهن. ڪجھ ڪيڇ جي شهريت ۾ چوڪريون صرف اندر ويئر ۽ چولو پهرن ٿيون اها بلڪل غلط آهي. اهڙي طرح مرد ب اندر ويئر (ڪڇو) جي مشهوري لاءِ صرف ڪڇو پهريل نظر ايندا آهن جيڪا مها نيچ جا لڇڻ آهن. ان کي بند ڪرڻ گهرجي. ان جي لاءِ پاڪ گڏجاڻي جي ضرورت آهي جيڪا قانوني طريقي سان اهڙي طرح جي بي حيائي کي بند ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪري ۽ انسان کي اخلاقي، رحمدل بڻائڻ جي لاءِ بهترين ڪتاب مهيا ڪن، ست سنگ جي سهولت ڪن.
- سنا ويچار ٻڌڻ وارا ٻار پرهيزگار هوندا آهن. ڏسڻ ۾ ايندو آهي ت جنهن ڏي جو پتي شادي جي ڪجھ ڏينهن بعد فوج ۾ پنهنجي ڊيوٽي تي هليو ويو، اٽڪل اٺ نو مهينا موڪل تي نه ايندو. ڪجھ ڏيئرن جا پتي روزگار جي لاءِ ٻاهرين ملڪن ۾ هليا ويندا آهن ۽ تي چار سال تائين ناهن موٽيندا. اهي چوڪريون پرهيزگاري سان رهنديون آهن. ڪنهن غير ماڻهو کي خواب ۾ ب نه ڏسنديون. اُهي اُتم خاندان جون چوڪريون آهن. مرد ب ايترا ڏينهن پرهيزگاري ۾ رهندو آهي. اُهي چوڪرا اونچي گهر جا آهن. اصل خاندان جا هوندا آهن. جيڪي پڑوئا هوندا آهن اُهي تڪيندا رهندا آهن. مٽي جي وارن جي نئين استائيل سان ڪٽائي ڪرائي ڪارا پيلا چشما لڳائي گلي گلي ۾ ڪُتن جي طرح ڦرندا آهن. اُهي خانه بدوش يعني نيچ گهر جا هوندا آهن، اُهي ڪنهن غلط حرڪت کي ڪري وسندڙ گهر کي اُجاڙي ڇڏيندا آهن چو ت اُهي ڪنهن جي پيٽ، ڏيئر کي گهٽ وڌ چوندا جنهن سان جهيڙو ٿيندو. جهيڙي جو روپ ڪيتري قدر وڌي ويندو آهي ۽ ڪنهن جي موت ب تي سگهي تي ان هڪ پڑوئي بن خاندانن جو ناس ڪري ڇڏيو. اُنهي ڪري پنهنجن ٻارن کي بچپن کان ئي ست سنگ جا وچن ٻُڌائي سوچڻ، ويچارڻ وارا ۽ اخلاقي بڻائڻ گهرجن.

"اخلاقي ماڻهو جي ڪٿا"

هڪ سڪديو رشي هو. اهو شري ويد وياس جي جو پُٽ هو. هڪ ڏينهن اُهو دڪشا ونڻ جي مقصد سان راجا جنڪ وٽ مٿلا نگري ويو. راجا جنڪ چيو ت سُڪديو سياڻي نام ڏيندس. ان جي ترسڻ جي سهولت الڳ محل ۾ ڪئي. هڪ خوبصورت نوجوان چوڪري کي رشي جي شيوا لاءِ امتحان ونڻ جي مقصد سان موڪلي. نوجوان چوڪري سُڪديو جي پلنگ تي پيرن جي طرف ويهي رهي. رشي پير سوڙها ڪري موڙي ڇڏيا. چوڪري رشي جي طرف ويجهي ٿيندي وئي ت رشي بيهي رهيو. چيو ت اي پيٽ! تون سُني گهراٽي جي چوڪري نظر اچين پئي. مهرباني ڪري ڪمري کان ٻاهر وڃ نه ت آئون هتان هليو وڃان ٿو. چوڪري هلي وئي. راجا جنڪ کي ٻُڌايو ت سچو ماڻهو آهي. ايئن ايئن ٿيو. صبح جو راجا جنڪ رشي سڪديو جي کان پڇيو ت توهان سان ملڻ استري آئي هئي، تو اُن سان ميلاپ نه ڪري پرهيزگاري جو ناٽڪ ڪيو آهي. توهان پرهيزگار آهيو، ڏنڪار هجي تنهنجي ماءُ پيءُ کي.

❖ ڪبير پرميشور جي جا ويچار ان کان وڌيڪ اونچا آهن. اُهي چوندا آهن ت رُشي سُڪديو ب اگياني نه هو چو ت جڏهن چوڪري سڪديو جي پلنگ تي ويني ت سُڪديو ان کي استري سمجهي پنهنجي جسم کي ڇهڻ نه ڏنو ۽ بيهي ٻاهر وڃڻ جي تياري ڪري ڇڏي. اُنهي مان ثابت ٿيو ت سُڪديو جي کي آتم گيان نه هو. ويچار ڪريو ت نوجوان چوڪري جي مڪان تي چوڪرو ويهي وڃي ت سُڪديو جي چا ڪري ها؟ هُو اُن سان حال احوال پُڇڻ ۽ پلنگ تان اُٿي پري بيهڻ جو ڪم نه ڪري ها. چوي ت ياءُ! پلنگ هڪ آهي، تون پلنگ تي آرام ڪر، آئون هيٺ زمين تي بسترو لڳائي ٿو ونان. جيڪڏهن جوان شريف هوندو ت چوندو ت نه رشي جي! توهان پلنگ تي سمهو، آئون زمين تي آرام ڪريان ٿو. مگر نوجوان چوڪري هئڻ جي ڪارڻ سُڪديو جي کي ڪام دوش جي ڪارڻ ڊپ لڳو.

ڪبير پرميشور جي ٻُڌايو آهي ت مرد ۽ عورت آتما جي مٿان ب ڪپڑا آهن. جيئن گيتاجي اڌياءِ نمبر 02 شلوڪ نمبر 22 ۾ چيو آهي ت اي ارجن! جيو جسم ڇڏي نئون جسم ڌارڻ ڪري ونندو آهي. ان کي موت چئبو آهي، اهو ايئن آهي جيئن انسان پراٽا ڪپڑا ڇڏي نئون پهري ٿو. انهي ڪري آتم جيو کي سمجهه.

مثال:- هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ڳائڻ وارو تولو آيو. ڪيترائي ڏينهن ڳائڻ ڪيو. پراڻي زماني ۾ راڳ جي ناتڪ ۾ مرد ئي استري جو ڪردار ادا ڪندو هو. هڪ چوڪرو پنهنجي ساٿي سان گڏ پهريون دفعو راڳ ڏسڻ ويو. ڊرامي ۾ هڪ چوڪري کي ليڊيز ڪپڙا پارائي رکيا هئا. ڇاتي ۽ نوجوان چوڪري جي طرح ناهي رکي هئي. پهرين دفعي ويل چوڪري پنهنجي ساٿي (جيڪو ڪيترائي دفعا ڊراما ڏسي چڪو هو) کي چيو ته ڏس! ڪيڏي سهڻي چوڪري آهي. ساٿي چيو چوڪِري ناهي چوڪرو آهي. مگر پهرين دفعي ويل چوڪرو مڃڻ لاءِ تيار نه هو. اُن کي پنهنجي ساٿي جي ڳالهين تي اعتبار نه اچي رهيو هو. ڊرامي جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ڊرامائي پنهنجي اُنهي هنڌ تي ويا جتي وينل هئا. ٻئي چوڪرا ۽ اُن سان گڏ اُتي ويا. پنهنجا استري وارا ڪپڑا لاهي ڇڏيا. هٿرادو نهيل ڇاتي ۽ لاهي ٿيلهي ۾ رکي، صرف ڪچو پهري وهنجڻ هليو ويو. اها ڏسي نئين ڏسندڙ کي يقين آيو ته اها حقيقت ۾ چوڪرو آهي. اڳئين ڏينهن اُنهي چوڪري ڏسندڙ کي چوڪري جي لباس واري مرد ۾ عورت واري ٻُري واسنا دل ۾ نه آئي، ان کي چوڪرو ڏسڻ ۾ اچي رهيو هو. اهڙي طرح جيڪڏهن سڪديو رشي کي اڌياتم وويڪ سان آتم گيان هوندو ته اُنهي سان استري نه آتما روپ ۾ مرد سمجهي چوي ها ته توهان پلنگ تي ويهو، آئون زمين تي آرام ڪريان ٿو. ساڌو ۔ سنت ۔ فقير اُنهي خيالاتن سان زندگي گذاريندا آهن. ساڌنا ڪري موڪش حاصل ڪندا آهن.

"صحبت جو اثر ۽ يقين پريو جو"

هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ماڻهو جي شادي کي ڏهه ٻارنهن سال ٿي چڪا هئا. اولاد نه ٿيو هو. اُنهي ڳوٺ کان ٻاهر لڳ ڀڳ ٻه ڪلوميٽر جي فاصلي تي هڪ آشرم هو. اُن ۾ هڪ سِڌي وارو سنت رهندو هو. اهو ڳوٺ مان خيرات گهري ايندو هو. اُن کي ٽي چار يا ڪجهه وڌيڪ ڏينهن کائيندو هو. هڪ ڏينهن اُهو اُنهي گهر خيرات ونڻ ويو جنهن ماڻهو جو ڪو اولاد نه هو. مرد عورت ٻنهي جڻن ساڌو کان اولاد حاصل ڪرڻ لاءِ پيرين پئي عرض ڪيو. ساڌو چيو ته پهرين پُٽ پيدا ٿيندو. ٻن سالن کانپوءِ مون کي ڏيڻو پوندو. اُن کي آئون پنهنجو خليفو بڻائيندس. توهان کي اهو شرط منظور هجي ته ٻُڌايو. اُن کانپوءِ چوڪِري جمندي. پوءِ هڪ پُٽ ٿيندو. ٻنهي جڻن ان شرط کي قبول ڪري ورتو. ساڌو جي آشيرواد سان ڏهين مهيني پُٽ پيدا ٿيو. ٻه سال جو هئڻ تي ساڌو جي حوالي ڪيو. اُنهي کانپوءِ استري کي وري اُميد ٿي، اُن هڪ ڏي کي جنم ڏنو. پوءِ هڪ پُٽ پيدا ٿيو. جنهن جي ڪارڻ ساڌو جي مهما اجان وڌي وئي. اُنهي آشرم ۾ نوجوان چوڪرين جي اچڻ جي منع هئي. جڏهن اُهو چوڪرو سورهن سالن جو ٿيو ته هڪ ڏينهن گرو جي ڇاتي تي زخم ٿي ويو. جنهن جي ڪارڻ ساڌو تڪليف وچان مايوس رهڻ لڳو. جڙي ٻوٽي ناهي انهي زخم تي لڳائي. چار پنج ڏينهن ۾ اهو زخم سُکي نيڪ ٿي ويو ته ساڌو کي آرام آيو. ڪجهه ڏينهن بعد ساڌو کي بخار ٿي ويو. ٻُڌاپڻ ۽ بخار جي ڪارڻ پيدا ڪمزوري جي ڪري هلڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي ويو. ساڌو انهي شش کي ڳوٺ ۾ خيرات ونڻ لاءِ ڪڏهن ب ڪونه موڪليو هو. اهو ويچار ڪري ته ڪٽي جوان چوڪرو ڳوٺ ۾ چوڪرن سان گڏ ويهي ٻُري صحبت ۾ اچي ڪا غلطي نه ڪري ڇڏي.

ڪٽي شادي ڪرڻ جي آس نه پيدا ٿي وڃي، مگر اُن ڏينهن مجبور ٿي ساڌو پنهنجي شش کي چيو پُٽ! خيرات ونڻ اڃ ۽ ڳوٺ ۾ پهرين گلي ۾ چوٿين گهر کان جيڪا ملي. اُن کي ڪٽي هليو اڃجان. اڳتي نه وڃجان. چوڪرو گرو جي حڪم مطابق انهي گهر جي دروازي تي ويو ۽ چيو، الک نرنجن! انهي گهر مان 14 سال جي چوڪري خيرات ڏيڻ لاءِ دروازي تي آئي ته چوڪرو ان جي ڇاتي جي طرف غور سان ڏسي رهيو هو. چوڪِري ڏنو ته انهي ساڌو جي نظر ۾ ٻُرائي آهي. چوڪري چيو ته وڻ بابا خيرات. ساڌو چيو، اي ماءُ جي ڏي! تنهنجي ڇاتي ۾ به ڦوڙا ٿيا آهن. تون آشرم ۾ اڃجان تنهنجا ڦوڙا گرو جي نيڪ ڪري ڇڏيندا. اي ماءُ جي ڏي! توکي گهٽي تڪليف ٿيندي هوندي. منهنجي گروجي کي هڪ ئي ڦوڙي پريشان ڪري ڇڏيو هو. اها ڳالهه ساڌو کان ٻُڌي چوڪِري جو اندازو وڌيڪ مضبوط ٿي ويو ته هي ساڌو نيڪ نه آهي. چوڪِري وڏي آواز ۾ چوڻ لڳي پنهنجي ماءُ پيٽ جا ڦوڙا نيڪ ڪرائي وڻ بد تميز! توکي جوتا هڻندس. ايترو چئي چوڪِري پير جي چپل لاٿي ۽ چيو هليو وڃ هتان کان، وري ڪڏهن ب نه اچجان. شور ٻُڌي چوڪِري جي ماءُ ب دروازي تي آئي ۽ پُڇيو ته ڏي! ڇا معاملو آهي؟ چوڪِري ان ساڌو جو ڪرتوت ماتا کي

ٻڌايو. ماءُ چيو تہ باباجي! ڪٿان کان آيو آهين؟ ساڏو چوڪر چيو تہ انهي آشرم مان آيو آهيان. منهنجا گروجي بيمار ٿي ويا آهن. هلڻ ڦرڻ کان لاچار آهن. اُنهي ڪري پهريون دفعو مون کي خيرات گهُرڻ لاءِ موڪليو آهي. آئون اُن جو شش آهيان. مون ان ڀيڻ کي پڇيو تہ تنهنجي ڇاتي تي ہہ ڦوڙا آهن تمام تڪليف ٿيندي هوندي. منهنجي گروجي کي تہ هڪ ڦوڙو ٿيو هو. ڏينهن رات تڪليف جي ڪري مايوس رهندا هئا. هُو دوا سمجهن ٿا. توهان گرو جي وٽ وڃي ڦوڙا نيڪ ڪرائي ونو. اهو ساڏو چوڪرو انهي استري جو پُٽ هو جيڪو ساڏو کي سونپي ڏنو هو. اها چوڪرِي ان ساڏو جي ننڍڙي ڀيڻ هئي. ماءُ چيو تہ هي تنهنجو ڀاءُ آهي جيڪو مون ساڏو جي حوالي ڪيو آهي. هي دنيا جي خراب ڳالهين کان بچيل آهي. ان کي ڪابہ خبر نہ آهي.جيڪا بُرائي توکي لڳي ڀيئي اها تنهنجي ڀاءُ ۾ نہ آهي. هي تہ پاڪ آتما سان ڇئي رهيو آهي. تون ڳوٺ جي نالائق چوڪرن جي شرارت جي مطابق ويچار ڪري ڏمڪايو آهي. عورت چيو ساڏو جي! منهنجي ڏي جي ڇاتي تي ڦوڙا نہ آهن، اهي ٽڻ آهن ڏس! جيئن منهنجي ڇاتي تي آهن. ان جي شادي ڪنداسون، ان کي اولاد ٿيندو. تڏهن ان جي ٽٽن مان ٻالڪ ڪير ڀيئندا. ساڏو ٻالڪ چيو ان جي شادي ڪڏهن ڪرائيندا؟ ڪڏهن اُن جو اولاد ٿيندو؟ عورت چيو تہ تي چار سال بعد شادي ڪنداسين پوءِ ٻہ تي سال بعد اولاد ڀيدا ٿيندو. ساڏو چوڪري روحاني نظر سان ويچار ڪيو تہ پرماتما کي جنم ٿيڻ واري ٻار جي ڪيڏي چنتا آهي. ان جي جنم کان 7 ـ 8 سال پهرين ڀيئڻ جي سهولت ڪري رکي آهي ڇا هُو اسانجي ڪائڻ جو بندوبست آشرم ۾ نہ ڪندو؟ اسان تہ گرو شش پرماتما جي پروسي وينا آهيون. اڄ ڪانپوءِ خيرات گهرڻ بند. اهو ويچار ڪري رهيو هو تہ عورت پُڇيو باباجي! ڪهڙي چنتا ڪري رهيو آهين؟ ساڏو چيو ماءُ چنتا ختم. اها ڇئي خيرات سميت جهولي گلي ۾ اُڇلائي آشرم خالي هٿين آيو تہ گروجي پُڇيو خيرات ڇو ڪونہ ونئي آئين؟ جهولي ڪنهن کسي ورتي ڇا؟ چوڪر چيو تہ گرو جي! جڏهن پرماتما ٻار جي جنم ٿيڻ کان 7 ـ 8 سال پهرين سيئي ڪائڻ ڀيئڻ جو بندوبست ڪري ٿو تہ ڇا پنهنجي آشرم ۾ نہ ڪندو؟ ضرور ڪندو. انهي ڪري جهولي گلي ۾ اُڇلائي آيو آهيان.ساڏو سمجهي ويو تہ هي ڪم چور رستي ۾ جهولي اُڇلائي آيو آهي تہ روز خيرات ونڻ وڃڻو پوندو. ساڏو بيوس هو، ڪجهہ نہ چيو. سوچيو تہ سياڻي تڪليف ۾ ئي جيئن تيئن خود خيرات آڻيندس.

جڏهن ساڏو ٻالڪ گلي ۾ جهولي ۾ خيرات اُڇلائي آشرم ۾ هليو ويو تہ پرماتما نگر جي ڪجهہ ماڻهن ۾ ويچار پيدا ڪيو تہ وڏو بابا بيمار آهي. ننڍي بابا کي ڪنهن ڪجهہ چيو آهي. خيرات ۾ جهولي اُڇلائي هليو ويو آهي. ساڏو ٻُڪايل آهي. چوڪرو بہ ٻُکيو رهندو. اها ويچار ڪري سڀا طعام تيار ڪيا. کير، ماني ۾ دال تيار ڪري پهرين هڪ ڪٽي پهتو ۾ ساڏو کي چيو تہ ننڍڙو باباجي ڪنهن جي چوڻ تي ناراض ٿي خيرات نہ ورتي. جهولي ۾ خيرات اُڇلائي آيو. توهان کاڏو کائو. ساڏو چيو تہ پهرين چوڪري کي کارايو. ٻالڪ چيو تہ پهرين گروجي کائيندا، پوءِ چيلو کائيندو. ساڏو کاڏو کائڻ لڳو ايتري ۾ هڪ ٻيو حلوؤ، پُوڙي ۾ چٽا ڪٽي اڇي ويو. اهڙي طرح لڳ ڀڳ ڏهہ چٽا ڳوٺ جا اهو ئي ويچار ڪري کاڏو ڪٽي آشرم ۾ پهتا. چيلي چيو تہ اي ڀڳوان! اسان کي خبر نہ هئي تہ توهان ڪيترا سُڻا آهيو؟ اُنهي ڪري توهان جي نالي جي چنتا گهٽ کاڏي جي وڌيڪ رهندي هئي. ڳوٺ وارن واري رکي تہ هڪ ڏينهن هڪ گهر کان ساڏو لاءِ کاڏو موڪليو ويندو. ايئن ئي ٿيو.

نصيحت:- جهڙي صحبت تهڙو اثر. پنهنجي بُرائي ٻئي ۾ نظر ايندي آهي. پرماتما تي اعتماد بنا ڀڳت اڌورو آهي. گهُري ڪائڻ بہ شاسترن جي خلاف آهي. جو تہ ڀڳت جي شرڌا ۾ پاونا سچي آهي تہ پرماتما بندوبست ڪري ڏيندو آهي. مگر گرهستي جا ڪرم ڪري کاڏو حاصل ڪرڻ سڀ کان اُتم آهي. ساڏو سنت جو ڪم ست سنگ ڪرڻ، ڀڳتي ڪرڻ آهي. جيڪڏهن سچي شرڌا سان ڪري ٿو تہ ان کي گهُرڻ جي ضرورت نہ پوندي. سنت غريب داس جي پرماتما کان حاصل گيان سان پنهنجي امرت واڻي ۾ چيو آهي تہ:-

"ويراگ پُراڻ جي انگ مان ڪجهہ واڻيون"

غريب، نـت پيرڻا ڪانجـرسانشي، مانگت هئـہ پـنـياري

جا ڪي تاري لاگي تت ۾، موتي ديت اُڏاري (03)

غريب ؛ دروپد ستا ڪي چير بڙهائي، بِن هي تاني ڪاتي

سڪل منورٿ پورڻ صاحب، تم ڪيون مانگت جاتي (02)

غريب؛ آپ تين آوي رتن برابر، مانگيا آوي لوها

لڪشڻ نهين جوگ ڪي جوگي، جا بسيا بن کوها (06)

غريب؛ ٽوکا ڪارڻ ڦري ڪُوکرا (ڪُتا) ستر گهر ڦر آوي

يہ تو لڪشڻ نهين جوگ ڪي، ڪيون باٹا بِردل جاوي (10)

غريب؛ جن ڪو آتم گيان نهين هئ، وي مانگين ري پائي

چاول چُون اڪنا ڪرڪي، بياج بَڌاوين جائي (24)

غريب؛ جو مانگي سو پڙوئا ڪهئيي، در در ڦري اگياني

يوگي يوگ سمپورڻ جس کا، جو مانگي نہ پيوي پاني (41)

غريب؛ ڪد نارد جمات چلائي، بياس ني ٹُڪڑا مانگيا

وشسٹ وشوامتر گياني، شبد بيهنگم جاگيا (50)

غريب؛ پُرش ڪي بالد آئي، نو لک بودي لاها

ڪيشو سي بڌجهاري جس ڪي، ديوين يگيہ جُلاها (55)

ارٿ:- متئين واڻين جو مطلب آهي تہ جيڪي سچي ساڌنا شاسترن مطابق نٿا ڪن، اُهي ساڌو ويس ناهي ايئن پنندا ڦرندا آهن. جيئن ڪُتو ماني جي ٹُڪري لاءِ ڪيترن ئي گهرن ۾ ويندو آهي. جيئن بين ذاتين وارا اُداڪار، ڪير ۽ غريب ماڻهو ماني لاءِ پٹڪندا آهن. جيڪڏهن ساڌو بہ اهڙو ڪري ٹو تہ ان جي ساڌنا ۾ ڪمي آهي. پرميشور ڪبير جي پنهنجو هرروز ڪم جولاهي جو ڪندا هئا ۽ ست ساڌنا بہ ڪندا هئا ۽ ست سنگ بہ ڪندا هئا. ست پڳتي ڪرڻ واري جي پرماتما ڪهڙي مدد ڪري ٹو، اها ثبوت خود ڪبير جي ڏنو آهي. ڪٿا هن ريت آهي:-

"پرميشور ڪبير جي طرفان ڪاشي شهر ۾
پوجن پنڌارو يعني لنگر (ڏرم يگيہ جو بندوبست ڪرڻ)"

سيني کي خبر آهي تہ ڪاشي شهر ۾ رهڻ وارو ڪبير جُولاهو هڪ جهونپڙي ۾ رهندو هو. ڪُل پنجن پاتين جو ڪُٹنب هو، بہ وات سان چوڻ وارا ماڻ پيڻ (نيرو ۽ نيما) جنهن کي پرميشور ڪبير جي ڪاشي شهر جي باهر لهر تارا نالي تلاءَ ۾ ڪمل جي گُل تي نوجات بالڪ جي روپ ۾ ملیا هئا. هڪ چوڪري مرڻ ڪانپوءِ اُن جي ڪُٹنب وارن قبر ۾ دفنائي رکي هئي. چوڪري جو پيءُ شيخ تقي پير هو جيڪو دلي جي بادشاهہ سڪندر لوڌي جو مذهبي گرو هو. راجا سڪندر جي بيماري پرميشور ڪبير جي جي آشيرواد سان نيڪ ٿي هُئي. جنهن جي ڪارڻ سڪندر لوڌي راجا ڪبير جي ڪي الله جي ذات چوندو هو. جيڪو اُنهي مذهبي پير شيخ تقي کي پسند نہ هو. اهو ڪبير جي سان حسد ڪندو هو. ڪبير صاحب کي نيچ ڏيکاري راجا جي نظرن ۾ پنهنجي مهما برقرار رکڻ چاهيندو هو. اهو ڪبير صاحب کي الله تہ نمیو پر سنت مجڻ جي لاءِ تيار نہ هو. اُنهي شرط رکي تہ جيڪڏهن ڪبير جي ڪنهن مُردي کي زندهہ ڪري تہ آئون ان کي الله (پڳوان) مجيندس.

هڪ ٻارنهن (12) سالن جي چوکر جو لاش گنگا ۾ وهندو وجي رهيو هو. شيخ تقي راجا سڪندر کي چيو تہ جيڪڏهن ڪبير جي اُنهي مئل بالڪ کي زندهہ ڪري تہ اُن کي الله مجان ۽ اُن جو مُربد (شش) بڌجي وڃان.

هزارين ماڻهن جي موجودگي ۾ پرميشور ڪبير جي اُنهي 12 سالن واري چوڪري کي اُنهي وقت زندهہ ڪري ڇڏيو. ڏسڻ وارن چيو تہ ڪمال ڪري ڇڏيو. ٻالڪ جو نالو ڪمال رکي ڇڏيو ۽ پنهنجي پُٽ جي روپ ۾ ڪبير صاحب رکيو. شيخ تقي چيو تہ اهو ٻالڪ صدمي ۾ هو مئل نہ هو. هڪ ڏينهن کان بيهوش هو، اهو تہ اتفاق سان ٽيڪو هو، نالو ڪبير جو ٿي ويو. آئون تہ تڏهن مڃان جڏهن منهنجي چوڪرِي کي زندهہ ڪري جيڪا 20 ڏينهن کان قبر ۾ آهي. پرميشور ڪبير جي چيو تہ اڄ کان ٽئين ڏينهن تنهنجي چوڪري کي زندهہ ڪندس. ايئن ڪر، دلي شهر ۽ آس پاس ۾ اشتهار (Advertisement) ڪري ڇڏ، سڀ ڏسڻ اچن، ايئن ئي ڪيو ويو. چوڪري جي قبر کوٽائي وئي، پرميشور ڪبير جي اُنهي چوڪري کي جلد زندهہ ڪري ڏيکاري. سڀني ڏسڻ وارن چيو تہ ڪمال ڪري ڇڏيو چوڪري جو نالو ڪمالي رکيو. لکين ماڻهن پرميشور ڪبير جي کان دکشا ورتي، پر بد نصيب شيخ تقي پوءِ بہ نہ سمجهيو. اُن جي حسد وڌندي وئي. اُنهي چوڪري پنهنجي پيءُ شيخ تقي سان گڏ وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ڏيڍ ڪلاڪ تائين موجود ماڻهن کي پروچن ڪري ٻُڌايو تہ هي خود الله ڪبير (ڪبير جي) آهن هي عام ماڻهو نہ آهي. توهان بہ ڏٺو آهي تہ مون کي زندهہ ڪيو آهي، منهنجي زندگي جا ڏينهن بقايا نہ هئا. مون کي منهنجو حقيقي پيءُ مليو آهي. آئون ڪبير الله سان گڏ رهندس. ڪبير جي اُن ڪمالي چوڪري کي پاڻ وٽ ڏي جي روپ ۾ رکيو. اهڙي طرح ڪبير صاحب جو ڪُٽنب پنج ڀاتين جو هو. پرميشور ڪبير جي جُولاهي جو ڪم ڪندو هو، جيڪو ڏن ڪمائڻ جي مقصد سان نہ هو. پرميشور ڪبير جي تہ ليلا ڪري اسان کي سچي پڳت جو ڪردار ادا ڪري مثال ڏيڻ چاهيندا هئا، اُنهي مقصد سان اهو ڪم ڪندا هئا. ڪپڙا سبڻ سان جيڪا آمدني ايندي هئي. اُنهي مان تڪليف سان گذر سفر هلندو هو. پرماتما ڪبير جي ست گيان يعني تتو گيان جو پرچار بہ ڪندا هئا. هندو ڌرم جا گرو برهمڻن جي اگيانتا اُجاگر ڪندا هئا. جنهن جي ڪارڻ سيئي پنڊت ڪبير جي جا دشمن ٿي چڪا هئا.

شيخ تقي سيني مسلمانن جو مڪہ پير هو جيڪو پهريان ئي هار کائي چُڪو هو، سيني گروئن برهمڻ ۽ شيخ تقي گڏجاڻي (Meeting) ڪري منصوبي جي تحت سازش ناهي تہ ڪبير غريب آهي. اُن جي نالي جون چئيون موڪليو تہ ڪبيرجي ڪاشي ۾ تمام وڏا سيٺ آهن. اُن جو پورو پتو آهي ڪبير پُٽ نيرو علي انصاري، جُولاهي واري ڪالوني ڪاشي شهر ۾ ڪبير جي ٿي ڏينهن پوجن پنڌارو ڪرائيندا. سڀ ساڌو سنتن کي دعوت آهي. هر روز هرهڪ پوجن ڪرڻ واري کي هڪ دوهر (جيڪا اُنهي وقت ۾ سڀ کان قيمتي ڪمبل جي مڪان تي مجيو ويندو هو) هڪ موهر (10 گرام سون مان نميل گول سڪو) دڪشڻا ڏيندا. هر روز جيڪو جيترا دفعا پوجن ڪندو ڪبير ان کي اوتري دفعا دوهر ۽ موهر ڏيندو. ڪاڏي ۾ لڏون، جليبي، حلوو، ڪيرٽي، ڏؤنرو، مال پوڙي، رس گُلاب وغيره وغيره سيئي منايون ڪائڻ لاءِ ملنديون. ڪچو سيڏو (اٽو، چانور، دال وغيره سڪل جيڪا بغير تيار ٽيل) بہ ڏنو ويندو. هڪ چني شيخ تقي پنهنجي نالي ۽ ٻئي دلي جي حاڪم سڪندر لوڌي جي نالي موڪلي ڇڏي. مقرر وقت کان پهرين واري رات ساڌو سنت پڳت اچڻ لڳا. اڳئين ڏينهن پنڌارو ٽيڻ وارو هو. پرميشور ڪبير جي کي سنت رويداس جي ٻُڌايو تہ توهان جي نالي جون چئيون ڪٽي لڳ ڀڳ 18 لک ماڻهو ڪاشي شهر ۾ آيا آهن. پنڌاري ڪائڻ جي لاءِ آيا آهن. ڪبير جي اڄ تہ پاڻ کي ڪاشي شهر ڇڏڻو پوندو. ڪبير صاحب تہ جاڻڻ هار هئا. پوءِ بہ ڪردار ادا ڪري رهيو هو، چيو تہ رويداس جهونپڙي جي اندر ويهي رهہ. تالو لڳائي ڇڏ، پاڻيهي ئي انتظار ڪري ٽڪجي هليا ويندا. پاڻ ٻاهر نہ نڪرنداسون. ڪبير پرميشور جي ٻئي ويس ۾ پنهنجي راج ڏاني ست لوڪ ۾ وڃي پهتا، اُتان کان نو لک ڊڳن جي مٿان ٽيلها رکي اُنهي ۾ رڌل پڪل سڀ سامان پري ۽ سيڏو سامان (چانور، اٽو، ڪنڊ، دال، گيهہ وغيره) پري زمين تي لٽا. ست لوڪ کان ئي شيوادار آيا. دلي جو سڪندر بادشاهہ ۽ اُن جو پير شيخ تقي بہ آيا، ڪاشي ۾ پوجن پنڌارو هلي رهيو هو. سيني کي هرهڪ پوجن ڪانپوءِ هڪ دوهر ۽ موهر (10 گرام سون) دڪشڻا ڏني ٻئي وئي. ڪيئي بي ايمان سنت تہ ڏينهن ۾ چار چار دفعا پوجن ڪري چارئي دفعا دوهر ۽ مُهر وڻي رهيا هئا. ڪجهہ سڪل سيڏو (چانور، ڪنڊ، گيهہ، دال، اٽو) بہ وڻي رهيا هئا.

اهو سڀ ڏسي شيخ تقي جي روئڻ جهڙي شڪل ٿي وئي ۽ جانچ (Enquiry) ڪرڻ لڳو. سڪندر لوڌي راجا سان گڏ اُنهي تنبو ۾ ويو جنهن ۾ ڪيشو نالي خود ڪبير جي ويس بدلائي وڻجهاري (انهي وقت واپارين کي وڻجهارا چيو ويندو هو) جي روپ ۾ ويٺا هئا. سڪندر لوڌي راجا پڇيو توهان ڪير آهيو؟ ڪهڙو نالو آهي؟ تنهنجو ڪبير جي سان ڪهڙو واسطو آهي؟ ڪيشو روپ ۾ ويٺل پرماتما چيو ته منهنجو نالو ڪيشو آهي، آئون وڻجهارو آهيان، ڪبير جي منهنجو پڳڙي بدل (لنگوٽيو) دوست آهي. مون وٽ اُن جي چڻي آئي هئي ته هڪ ننڍڙو ٻنڌارو (ٻوجن ڪرائڻ جو بندوبست) يعني لنگر ڪرائڻو آهي، ڪجهه سامان ڪٽي اڇجان. اُن جي حڪم جي تعميل ڪندي شيوڪ حاضر آهي. ٻنڌارو هلي رهيو آهي. شيخ تقي ته ڪليجو پڪڙي زمين تي ويهي رهيو جڏهن اهو ٻُڌو ته ننڍڙو ٻنڌارو ڪرٽو آهي، اُتي ته 18 لک ماڻهو ٻوجن ڪرڻ آيا آهن. هرهڪ کي دوهر ۽ موهر ۽ سڪل سيڌو ۽ ڏنو پيو وڃي ان کي ننڍڙو ٻنڌارو ڇڻي رهيو آهي. مگر حسد جي باهه ۾ پرندو آرام گاهه ۾ هليو ويو جتي راجا ترسيل هو. سڪندر لوڌي ڪيشو کان پڇيو ڪبير جي ڇو نه آيا؟ ڪيشو جواب ڏنو اُن جو غلام ويٺو آهي اُن کي تڪليف ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ جڏهن مرضي ٿي اچي ويندا. اهو ٻنڌارو ته ٿي ڏينهن هلڻو آهي.

سڪندر لوڌي هاڻي تي ويهي گاردن سان گڏ ڪبير جي جهونپڙي وٽ ويا. اُتان کان ان کي ۽ رويداس جي کي ۽ گڏ ونڊي ٻنڌاري واري مڪان تي آيا. سيني کي ڪبير سيٺ جي واقفيت ڪرائي ۽ ڪيشو روپ ۾ خود ٻيو ڪردار ادا ڪري موجود سنتن پڳتن کي سوال جواب ڪري ست سنگ ٻڌايو جيڪو 24 ڪلاڪ تائين هليو. ڪيترن ئي لکين ماڻهن پنهنجي غلط پڳتي ڇڏي ڪري ڪبير جي کان دڪشا ورتي، پنهنجو ڪلياڻ ڪرايو. ٻنڌاري جي ختم ٿيڻ کانپوءِ جڏهن بچيل سڀ سامان ۽ تنبو ڍڪن تي رکي هلڻ لڳا. اُنهي وقت سڪندر لوڌي راجا ۽ شيخ تقي، ڪيشو ۽ ڪبير هڪ جگهه تي ويٺل هئا. سيئي ڍڳا ۽ گڏ آيل شيوڪ جيڪي وڻجهاري جي لباس ۾ هئا، گنگا پار ڪري هليا ويا. ڪجهه دير بعد سڪندر لوڌي راجا ڪيشو کي چيو توهان به وجو توهان جا ساٿي ۽ ڍڳا وڃي رهيا آهن. جنهن طرف ڍڳا ۽ وڻجهارا ويا هئا، اُنهي طرف راجا ڏنو ته ڪو به نه هو. حيرت ۾ راجا ڪبير صاحب کان پُڇيو ڪبيرجي! هي ڍڳا ۽ وڻجهارا ايترا جلد ڪيڏانهن هليا ويا؟ اُنهي وقت ڏسندي ئي ڏسندي ڪيشو به پرميشور ڪبيرجي جي جسم ۾ سمائجي ويا ۽ اڪيلو ڪبير جي ويٺل هئا. سڀ ماجرا ڏسي سڪندر لوڌي چيو ته ڪبير جي! هي سڀ ليلا توهان جي ئي هئي. توهان خود پرماتما آهيو. شيخ تقي جي من ۾ ته حسد جي باهه لڳي ويئي. چوڻ لڳو اهڙا اهڙا ٻنڌارا آئون سوين ڪري ڏيان، هي ڪهڙو ٻنڌارو ڪيو آهي؟ مَهوچا ڪيو آهي.

مَهوچا اُن ڪم کي چون ٿا جو ڪنهن گرو جي طرفان ڪنهن پوڙهي جي گتي ڪرائڻ لاءِ ڪرايو ويندو آهي. اُنهي لاءِ سڀ سستو سامان لڳايو ويندو آهي. جگ جو نار ڪرڻ اُنهي ڪم کي چوندا آهن جيڪو ڪنهن خوشي جي موقعي تي ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ ڪم ڪرائڻ وارو دل کولي خرچ ڪندو آهي.

سنت غريب داس جي چيو آهي ته:-

غريب، ڪوئي ڪهي جگ جو نار ڪري هئ، ڪوئي ڪهي مَهوچا
بڙا بڙائي ڪيا ڪريـــن، گـالـي ڪـاڍيـــن اوچـا

حاصل مقصد:- ڪبير جي پڳتن کي مثال ڏنو آهي ته جيڪڏهن توهان مون وانگر سچي من سان پڳتي ڪندا ۽ ايمانداري سان گذر سفر ڪندا ته پرماتما توهان جي اهڙي مدد ڪندو. پڳت ئي حقيقت ۾ سيٺ يعني شاهوڪار آهن. پڳت وٽ ٻئي ڏن آهن. دنيا ۾ جيڪو چاهي اهو به ڏن پڳت وٽ هوندو آهي ۽ ست ساڌنا روپي ڏن به پڳت وٽ هوندو آهي.

"هڪ ٻيو ڪرشمو جيڪو ٻنڌاري ۾ ٿيو هو"

اهو لنگر ٿي ڏينهن هليو هو. ڏينهن ۾ هرهڪ ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ ٻه دفعا کاڌو کائيندا هئا، کي ته ٿي ـ چار دفعا به کاڌو کائيندا هئا. جو ته هرهڪ ٻوجن کان پوءِ دکشڻا ۾ هڪ مُوهر (10 گرام سون) ۽ هڪ دُوهر (قيمتي سوتي شال/ڪمبل) ڏنو ٻئي

ويو. اُنهي لالچ جي ڪري بار بار ڪاڏو ڪائي رهيا هئا. تن ڏينهن ۾ 18 لک ماڻهن ڪاڪوس ۽ پيشاب ڪري ڪاشي ۾ ڇڏي پاسن کان ديڙ لڳائي ڇڏين ها ۽ ڪاشي کي ساڙي ڇڏين ها. ڪاشي واسين ۽ اُنهن 18 لک مهمانن ۽ هڪ لک شيوادار جيڪي ست لوڪ کان آيا هئا. انهي هنڌ تي گند جو ڍير لڳي وڃي ها. ساهه ڪٽڻ ۾ مشڪل ٿي وڃي ها. مگر اهڙو محسوس ئي نه ٿيو. سيڀي ڏينهن ۾ ۾ ۾ چار چار دفعا ڪاڏو ڪائي رهيا هئا مگر ڪاڪوس هڪ دفعو ۾ نه ڪري رهيا هئا ۽ نه ئي پيشاب ٿي ڪيو. ايترو لذيذ ڪاڏو هو جيڪو پيٽ پري ڪائي رهيا هئا. پهرين کان ئي ٻيڙ تي ڪاڏو ڪائي رهيا هئا. انهن سيني کي وڇيٽين ڏينهن ڳڻتي (Tension) لڳي ته نه پيٽ پاري آهي، ٻُک ۾ نيڪ لڳي رهي آهي، ڪٿي بيماري نه لڳي وڃي. ست لوڪ کان آيل شيوڪن کي حقيقت ٻُڌائي ته انهن ڇيو ته اهو ڪاڏو اهڙين جڙي ٻوٽين مان ٺهيل آهي جنهن سان اهو جسم ۾ هضم ٿي ويندو. اسان ته هر روز اهو ئي پوجن تيار ڪندا آهيون، اهو ئي ڪائيندا آهيون. اسين نه ته ڪڏهن ڪاڪوس تي ويندا آهيون ۽ نه وري پيشاب تي. چنتا نه ڪريو. پوءِ ۾ ويچار ڪري رهيا هئا ته ڪاڏو ڪائڻ سان ڪجهه ته ڪاڪوس اچڻ گهرجي. انهن کي ڪاڪوس اچڻ جو دباءُ ٿيو سيڀي شهر کان ٻاهر وڃڻ لڳا، ڪاڪوس جي لاءِ هڪ هنڌ گولي وينا ته صرف هوا خارج ٿي ۽ پيٽ هلڪو ٿي ويو ۽ هوا مان خوشبو نڪتي جيئن ڪيوڙي جو پاڻي ڇڙڪيو هجي. اها سڀ ڏسي شيوادارن جي ڳالهه تي اعتبار آيو. تڏهن انهن جو خوف ختم ٿيو. مگر پوءِ ۾ سيني جي اکين تان اگيان جو پردو نه هٽيو. پرميشور ڪبير جي ڪي پرميشور نه مڃيو.

پُراڻن ۾ ۾ ذڪر اچي ٿو ته ايوڌيا جو راجا رشپ ديوجي راج تياڳ ڪري جهنگ ۾ ساڌنا ڪندو هو. ان جو پوجن سرڳ کان ايندو هو. ان جي ڪاڪوس مان خوشبو نڪرندي هئي. آسپاس جي علائقي جا ماڻهو ان کي ڏسي تعجب ۾ پئجي ويندا هئا. اُنهي طرح ست لوڪ جو ڪاڏو ڪائڻ سان صرف خوشبو نڪرندي آهي، گند نه. سرڳ ته ست لوڪ جي نقل آهي ۽ اهو نقلي (Duplicate) آهي.

سوال:- پڇڻي ڪرڻ لاءِ گهر ڇڏي وڃڻ يا گهر ۾ رهي پڇڻي ڪرڻ، ڪهڙو اُتم آهي؟

جواب:- شاسترن جي طريقيڪار جي مطابق پورڻ گرو کان دڪشا ونڊي پڇڻي مريادا تي رهي ڪري پوري زندگي ساڌنا ڪرڻ سان موڪش ٿيندو. جيڪڏهن گهر تياڳ ڪري جهنگ ۾ هليا ويا ته ڪاڏي جي لاءِ ڳوٺ يا شهر ۾ گرهستي جي در اڇڻو پوندو. اهو ته وري گهر بڻجي ويو. اُنهي ڪري گهر ۾ ئي رهو. سچي ساڌنا ڪريو. موڪش يقيناً ٿيندو. شادي هجي يا نه هجي. ٻئي پڇڻي ڪري موڪش حاصل ڪري سگهن ٿا. اُن جو جواب آهي ته ست ساڌنا شاسترن مطابق ڪري ٻئي موڪش حاصل ڪري سگهن ٿا.

مثالطور:- اسين مجون ٿا ته پڇڻي ڏرو ڪئي ۽ پڇت پهلاج جي موڪش حاصل ڪيو آهي. اُنهن ٻنهي ڇٽن شادي ڪرائي هئي. اولاد ۾ هو. پهلاج جو پُٽ بيلوچن هو. پوٽو راجا بلي هو. جنهن 100 يگيہ ڪيا هئا، پڇوان بامن روپ ناهي ٿي قدم زمين دڪشا ۾ گُهري هُئي. جيڪي چون ٿا ته برهمچاري ماڻهو ئي موڪش جا لائق آهن. ته ويچار ڪريو ته هجڙا (ڪدڙا) ته سدائين برهم چاري آهن اُهي ته وڌيڪ لائق ٿيا.

ست ساڌنا ڪرڻ سان ڪدڙا، برهمچاري، گرهستي ۽ استري سيڀي موڪش پائي ونڊن ٿا. سنت غريب داس جي ڪبيرجِي جي گيان کي ٻُڌايو آهي ته:-

غريب؛ ڊيري ڊانڊي خوش رهو، ڪُسري لهين نه موڪش
ڏرو پرهلاد پار هوئي، قُر ڊيري (گهر) ۾ ڪيا دوش (01)
غريب؛ ڪيلي ڪي ڪوپين هئه، قول پات قل ڪائي
نر ڪا مُک نهين ديکتي، بستي نڪٽ نهين جائي (02)
غريب؛ وي جنگل کي روجهه هين، جو منوشيون بِدکي جائين

نش دن قُرو اجاڙ ۾، يون سائين پاوي نهين (03)

غريب، گاڙي باهو گهر رهو، کيتي کرو خوشحال

سائين سر پر راکئي، سمي پگتي هرلال (04)

ارٿ:- واٽي نمبر 01 جو ارٿ مٿي ٻڌائي ڇڏيو آهي.

واٽي نمبر 02 ۽ 03 جو ارٿ:- ڪجهه ماڻهو چئي رهيا هئا تہ اسان پڳتن جي تلاش ۾ جبلن ۽ جهنگن ۾ وياسين. هڪ هنڌ تي جهنگ ۾ ساڌو رهندو هو. اُن جي باري ۾ اُتي جي پاسي واري ڳوٺ وارا چئي رهيا هئا تہ اهو ساڌو جسم تي ڪيلي جي پن لنگوٽي جي روپ ۾ ٻڌي ٿو ۽ جهنگ ۾ پن، گل ۽ ميوا کائي ٿو. ڳوٺ جي ويجهو ٻہ نٿو اچي. انسان جو منهن ٻہ نٿو ڏسي. ڏسندي ئي ڊوڙ ڪري جهنگ ۾ هليو ويندو آهي. ماڻهو چئي رهيا هئا تہ جنهن کي ٻہ اُن جا درشن ٿي ويندا آهن، مالا مال ٿي ويندو آهي. اسين ڪيترائي ڏينهن درشن جي لاءِ انهي جهنگ ۾ صبح کان شام تائين رهندا هئاسون. هڪ ڏينهن ڊوڙندي ڊوڙندي پُڻي ڏني. درشن ٿي وڃن تہ پئون پارنهن ٿي وڃن. ويچار ڪريو تہ اهو شخص گناهه گار هوندو آهي جيڪو پوليس کان بچڻ لاءِ ڊونگ ڪيو آهي. سنت غريب داس جي اهڙن ماڻهن کي روڪهه جي تشبيهه ڏني آهي. جيڪي ماڻهن کان ڊڄي پڙڪي پڄندا ڦرندا آهن. اهڙا ماڻهو چاهي ڏينهن رات جهنگ ۾ ٽڪن. پرماتما حاصل ٿي نہ سگهندو.

واٽي نمبر 04 جو آسان ارٿ:-

غريب، گاڙي باهو گهر رهو، کيتي کرو خوشحال

سائين سر پر راکئي، سمي پگتي هرلال (04)

ارٿ:-

"هرلال جي ڪٿا"

ڳوٺ بيري (ضلع جهجر، هرياڻا صوبو) ۾ هڪ هرلال نالي جات هاري هو. جيڪو ڏرمي لڇڻ وارو هو. ان جو سڄو ڪٽنب ڏرمي ويچارن وارو هو. پڳُوين لباس ۾ هڪ شخص ڳوٺ بيري جي آسپاس ۾ ترسيو. ان ڪجهه ڏينهن ست سنگ ڪيو. پڳت هرلال جي ان جو تعارف پُڇيو تہ خبر پئي تہ ان جي گهر ۾ ڪوبہ نہ آهي. ماءُ پيءُ بچپن ۾ هليا ويا هئا. پڳتي جي لاءِ گهر ڇڏيو آهي. پڳت هرلال جي عرض ڪيو تہ توهان اسان جي گهر ۾ رهو. اسان کي سنت جي شيوا ملندي. توهان کي پڳتي جو پورو فائدو ملندو. پڳوين لباس واري ها ڪئي. پڳت هرلال جا ٻہ گهر هئا. هڪ ۾ استريون رهنديون هيون ۽ ٻيو ڪجهه فاصلي تي هو جنهن ۾ جانور ٻڌندا هئا ۽ مرد ماڻهو ٻہ رهندا هئا. جنهن کي هال چون ٿا. اُنهي هال جي مٿان ڇؤ ٻارو نهيل هو. ان ۾ ان ساڌو کي رهڻ جي لاءِ آگاهه ڪيو. پورو ڪُٽنب اُن جي شيوا ڪندو رهيو، ٻنهي ٽنهي وقتن تي ڪاڌو کارائيندا هئا. ڪجهه سالن بعد اهو سنت پرلوڪ پڌاري ويو. ان جون آخري رسمون ادا ڪري ان جي يادگار پنهنجي ٻني ۾ ناهي ڇڏي.

شري هرلال جات جي ڊڳي گاڏي سان واپارين جو سامان هڪ منڊي کان ٻي منڊي تائين ڪرائي تي کڻي ويندو هو. جيئن موجود وقت ۾ ٽرڪ يا ڪنٽينر وغيره سان پاڙي تي مال هڪ منڊي کان ٻئي منڊي تائين کڻي ويندا آهن. سنہ 1750ع جي آسپاس جو وقت هو، جڏهن ڊڳي گاڏي سان ڪنڊ، گُڙ، چانور، ڪڪ، جوار، باجهر ۽ گوار وغيره وغيره کي پاڙي تي ڊوئيندا هئا. بيري کان نجف گڙهه جي منڊي جو رستو ڳوٺ ڇُڙاٽي کان ٿي ويندو هو. شري هرلال جو هڪ ڊڳو سفيد رنگ جو هو جيڪو سست هو. گاڏي ۾ هلندي هلندي ڪجهه دير کانپوءِ ويهي رهندو هو. اهو سلسلو هلندو رهيو. هڪ ڏينهن گرمي جي موسم ۾ صبح جو لڳ ڀڳ چار بجي شري هرلال جي نجف گڙهه جي منڊي کان گاڏي پري موٽي رهيو هو. ڳوٺ ڇُڙاٽي ويجهو هڪ ڪوهه کان ڪجهه فاصلي تي اهو ڊڳو ويهي رهيو. هرلال ان کي لنيون هٽڻ لڳو. اُنهي ڪوهه تي ڳوٺ ڇُڙاٽي جو سنت غريب داس وهنجي رهيا هئا. اُن چيو اي هرلال! نہ مار، ڳئون جو جائو آهي. سنت غريب داس جي جات هاري هئا. عام لباس جيڪو هرياڻا جو هو. ڏوتي ۽ ڪُڙتو پهريندا

هئا. هرلال چيو ياڻا هِن منهنجو رت پيئي ڇڏيو آهي. اڌ ميل هلندو آهي، ويهي رهندو آهي، سنت غريب داس جي اُن ڏڪي وڻ ويا ۽ اُن جي ڪن ۾ ڪجهه چيو. هاڻي هي ڏڪو صحيح هلندو. شري هرلال کي يقين نه آيو. گاڏي وٺي روانو ٿيو. اهو سفيد ڏڪو ٻئي ڏڪي کان به تيز هلڻ لڳو. ڪوٺ ڇُڙاٽي کان بيري تائين نه وينو ته شري هرلال کي عجب ۽ خوشي جو ٺڪاڻو نه رهيو. اُن گهر ڪُٽنب وارن کي ٻُڌايو ته انهن کي يقين نه اچي رهيو هو. اُن کانپوءِ هرلال جات ڪوٺ ڇُڙاٽي ۾ ويو. ان کي غلطي اها لڳي ته اُن وهنجڻ واري کان نالو ئي ڪونه پڇيو هو. پوئين پيرين ڪوٺ ڇُڙاٽي جي طرف هليو ويو. ويچار ڪيو هو ته شايد هر روز انهي وقت سنان ڪرڻ ايندو هوندو. انهي ڪري صبح جو چار بجي انهي ڪوهه تي پهتو ته سنت غريب داس جي پُڇيو اي هرلال ياڻا! ان ڏڪي جي باري ۾ ڄاڻڻ لاءِ آيو آهين ڇا؟ هرلال جي چيو ته توهان کان ڪجهه به لڪيل ناهي. آئون توهان کان اهو معلوم ڪرڻ آيو آهيان ته توهان ڪهڙو جادو ڪيو؟ اهو ڏڪو ته ٻئي کان به تيز هلندو آهي. سنت غريب داس جي پُڇيو ته اهو ٻُڌاءِ توهان جي ڇؤ باري ۾ هڪ ساڌو رهندو هو، اُن جو ڪهڙو حال آهي؟ آئون هڪ ڏينهن اُن سان ملي آيو هئس. اُن ڏينهن توهان گاڏي وٺي ڪٽي ويل هئا؟ هرلال جي چيو ته اهو ته چار سال پهرين چولو ڇڏي هليو آهي. اُن جي يادگار (مڑهي) به ناهي ڇڏي آهي. سنت غريب داس جي چيو ته اهو سفيد ڏڪو اهو پاڪنڊي بابا آهي. مون ان سان گيان چرچا ڪئي هئي، اُن کي سمجهايو هو ته تنهنجي پڪتي غلط آهي، توهان پڪتي نه پيا ڪريو. ڪائيندا آهيو ۽ سمهي رهندا آهيو. پرماتما جي دربار ۾ جڏهن ليکو ٿيندو، تڏهن توکي خبر پوندي. جيڪا ڪاڏو آهي اها ڏيڻو پوندو.

غريب، نر سي قر پسوا ڪيجئه، گدا بيل بنائي

چپن پوگ کهان من بوري، ڪُرڙي چرني جائي

غريب، تم ني اس درگاهه کا محل نهين ديکا

ڈرم راءِ کا تل تل کا ليکا

مگر اُهو ساڌو ناراض ٿي ويو ۽ چيو، تون گرهستي آهين، تون وچ. هڪ ساڌو کي نصيحت ڪرڻ آيو آهين.

ڪبيرا، رام نام سي ڪِچ مرين، ڪُشٽ هو گل جائي

شوڪر هو ڪر جنم لي، ناڪ ڈوبتا کائي

ارٿ:- ڪبير جي چيو آهي ته ايماني شخص رام نام جي چرچا سان ڇڙي پوندو آهي. پوءِ ڪوڙهه واري بيماري لڳي مري ويندو آهي. اڳيون جنم سوئر جو حاصل ڪري گند کائيندو آهي. سوئر جو نڪ به گند ۾ ٻُڏل رهندو آهي. اهڙي طرح جو ڏڪ ساهوارو پوڳيندو آهي جيڪو پڪتي نه ڪندو يا نقلي سنت بڊجي عوام ۾ اجائي واکاڻ ڪرائيندو آهي.

اي هرلال! مون ان کي ڪن ۾ ٻُڌايو هو ته اهي ڏينهن ياد ڪر، مون چا چيو هو، تون نه مڃيو هئين. اي جيوا! توکي اُنهي هاري جو قرض لاهڻو پوندو. لٺيون کائي قرض لاهين يا راضي خوشي لاهين. بغير قرض لاهڻ جي جند کانه ڇٽندي. اُنهي ڏڪي جي جوٽي ۾ نقلي بابا کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي آهي. اها پهرين ڪنهن جنم ۾ پرميشور ڪبير جو شش بڻيو هو. پوءِ گِري پنڌ ۾ هليو ويو هو. جنهن جي ڪارڻ هُو سڌو رستو ڇڏي جنم مرڻ جو ڏڪ پوڳي رهيو آهي. هاڻي هي ڪڏهن به نه ويهندو. هرلال جي غريب داس جي چرٽن ۾ ڪري پيو ۽ چيو ته اي سنت مهاراج! مون کي پنهنجو شش بڻائي وٺ. آئون ته گهر بار تياڳ ڪري تو سان گڏ رهندس. منهنجيون ته اکيون ڪلي ويون آهن. پڪتي بنا جيو ڪيترو ڏڪ پوڳي ٿو. سنت غريب داس جي اها واڻي ڇئي:-

غريب، گاڑي باهو گهر رهو، کيتي ڪرو خوشحال

سائين سر پر راکيي، سهي پگت هــرلال

ارٿ:- پرماتما جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ گهر ڇڏڻ جي ضرورت ناهي، پنهنجي بني باري جو ڪم ۽ گاڏي هلائڻ جو ڪم خوشي سان ڪريو. گهر ۾ئي رهو. پرماتما جي پڪتي جيڪا آئون ٻُڌايان، اُها ڪندو رهجان. توهان کي صحيح پڳت چوندا.

غريب، نام اُونڌ، نام بيڌ، نام سووت جاڳ ري

نام کاتي نـام پيـتي، نـام سيـتي لاڳ ري

اهو ئي ثبوت يَجُروِيد اڌياءِ نمبر 40 جي منتر نمبر 15 ۾ آهي تہ:-

وايو انيلم اٺ اِدم امرتـم پِسمانتم شريرم

اوم کرتو سمر، کلوي سمر، کرتُم سمر

ارٿ:- سنت غريب داس جي چيو آهي تہ جيڪي ست ساڌنا جا سچا منتر آڏون توکي ڏيندس. اُن جو جاپ کائيندي، پيئندي، جاڳندي، سُمهندي وقت يعني صبح جو سمهي اُٺو جاپ ڪريو، سمهڻ کان پهرين ۽ جاپ ڪندا رهو، ويهڻ وقت، اُٺڻ وقت، هلندي ڦرندي پرماتما جو نام جاپ ڪندا رهو، اهڙي طرح گهر جو ڪم ڪار ۽ ٽيندو آهي ۽ سمرڻ ۽. جيئن ڇوٽ ۾ ڏسندا آهيون تہ ماڻهو سڄو سڄو ڏينهن تاش کيڏيندا آهن. حُقي تي وقت ضايع ڪندا آهن. سماجي ڳالهين يا ڪنهن ماڻهو جي گلا جي ڳالهہ يا گانا سينيما ڏسڻ ۾ وقت ناس ڪندا آهن. اُنهي وقت کي پرماتما جي پڄتي ۽ ست سنگ چرچا ٻڌڻ ۾ صحيح استعمال ڪريو تہ موڪش ملي سگهي ٿو.

شري هرلال جات جي دڪشا ونڊي گهر آيو. گهر وارن کي سڀ ڳالهہ ٻُڌائي. اُنهي نقلي بابا جي يادگار ٽوڙي اُڇلائي ڇڏي ۽ پوري ڪٽنب کي ڇُڙاڻي ونڊي ويو. سنت غريب داس جي وٽان دڪشا ڏياري. پنهنجو ۽ پنهنجي ڪٽنب جو ڪلياڻ ڪرايو. سنت غريب داس جي حڪم سان اُنهي سفيد ڍڳي کي ڪڌهن ب گاڏي يا هر ۾ نہ جوتيو. اُن کي سيني جانورن کان الڳ واڙي ۾ ٻڌي سُنو ڪاڏو کارائيندو هو. سنت غريب داس جي ٻُڌايو تہ هي پڄت هو. ڪرم خراب سان جانور ٻڌيو آهي. ان کان ڪم نہ وٺ. اهو ڍڳو پنج سال جيئرو رهيو. پڄت هرلال ان کي پڄت سمجهي شيوا ڪئي. پرماتما ڪبير جي پنهنجي پٽڪيل پڄت جي جانور جي جوڙي ۾ ب مدد ڪئي. اُن کي وري جڏهن انسان جنم ملیو تہ ۽ اڳتي ان جي پاڳ ۾ ڪو پورو گرو ملیو تہ مُڪتي آهي، نہ تہ وري چوراسي لک جوڙين ۾ تڪليف تيار آهي.

پڄت هرلال جو اولاد بيري ۾ اڄ ب اُنهي واقعي جا گواهہ آهن.

"تماڪ استعمال ڪرڻ مهاپاپ آهي"

سنت غريب داس جي پڄت هرلال جي کي چيو تہ توهان کي (جيڪو ب دڪشا ونڊي ٿو) تماڪ جو (حُقو، بيڙي، سگريٽ، چلم وغيره) ڪڌهن ب استعمال ناهي ڪرڻو. ٻين نشي آور شين جو استعمال ناهي ڪرڻو. پڄت چيو تہ اي مهاراج جي! تماڪ تہ اٽڪل سيئي هاري پيئندا آهن، اُن ۾ ڪهڙو نقصان آهي؟

جواب:- سنت غريب داس جي چيو تہ توهان رامائڻ يا مهاپارت جون ڪٿائون تہ ٻُڌيون هونديون. اُن ۾ حقي استعمال ڪرڻ جو ڪو ذڪر ناهي. تماڪ جي پيدائش ٻُڌايان ٿو ڪيئن ٿي آهي، ٻُڌ!

"تماڪ جي پيدائش ڪٿا"

هڪ رشي هو ۽ هڪ راجا سنڊُو هو. هڪ ڏينهن راجا جي راڻي پنهنجي پيٽ رشي جي استري ڏانهن پيغام موڪليو تہ سمورو ڪٽنب اسان جي گهر ڪاڏو ڪائڻ لاءِ اچن. آڏون توهان سان ملڻ ب چاهيان ٿي ۽ تمام يادگيري اچي رهي آهي. پنهنجي پيٽ جو پيغام رشي جي پٽني پنهنجي مڙس کي ٻُڌايو تہ رشي چيو تہ سنڊُو سان دوستي سڀ ناهي لڳندي. تنهنجي پيٽ اميري واري زندگي گذاري رهي آهي. راجا کي ڏن ۽ بادشاهي جي وڏائي هوندي آهي. اُهو پنهنجي بيعزتي ڪرڻ لاءِ گهرائي رهيو آهي. ڇو تہ پوءِ پاڻ کي ب ڇوٽو پوندو تہ توهان ب منهنجي گهر ڪاڏي لاءِ اچجو. اسان ان جهڙي طعام جو بندوبست نہ ڪري سگهنداسين. اها سڀ سنڊُو راجا جي سازش آهي. پنهنجي سامهون پاڻ کي مهان ۽ مون کي غريب ثابت ڪرڻ چاهي ٿو. تون اها ويچار من مان

ڪيڙي ڇڏ. اسان جي نہ وڃڻ ۾ خير آهي. مگر رشي جي پٽني نہ مڃي. رشي، پٽني ۽ سمورو ڪٽنب راجا جا مهمان ٻڌجي ويا. راڻي قيمتي زيور پهري رکيا هئا. قيمتي ڪپڙا پاتل هئا. رشي جي پٽني جي گلي ۾ رام نام جپڻ واري مالا ۽ عام ڪپڙا ساڏو وارا جنهن کي ڏسي دربار وارا وزير فقير مسڪرائي رهيا هئا تہ هي آهي راجا جو سنڊيو. ڪٽي راجا پوڄ، ڪٽي گنگو تيلي. اها چرچا رشي جي ڪُٽنب وارا ٻُڌي رهيا هئا. ڪاڏو ڪائڻ ڪانپوءِ رشي جي پٽني چيو تہ توهان بہ اُنهي ڏينهن تي ڪاڏو ڪائڻ اچجو.

مقرر ڏينهن تي راجا هزارين فوجي وٺي ڪٽنب سميت رُشي جي جهونپڙي تي پهتا. رشي جي سرڳ لوڪ جي راجا اِندر کي عرض ڪري هڪ ڪامڌينو (سيئي ڪامنا يعني خواهشون پوريَ ڪرڻ واري ڳئون، اُن جي موجودگي ۾ ڪائڻ جي ڪنهن بہ شيءَ جي خواهش ڪرڻ سان ملي ويندي آهي. اُها پُراڻ پڑهندڙن جي مڃتا آهي) گهُري. اُن جي بدلي رشي پنهنجا پُڄ سنڪلپ ڪيا هئا. اندر ديو هڪ ڪامڌينو ۽ هڪ تمام ڏگهو تنبو (Tent) موڪليو ۽ ڪجهہ شيواڌار بہ موڪليا. تنبو جي اندر ڳئون کي چڏي ڏني. رشي جي ڪٽنب ڳئون جي آرتي ڳائي. پنهنجي ضرورت ٻُڌائي. اُنهي وقت 56 قسمن جا طعام چاندي جي پليٽن، ٽوڪرين ۽ ڪڙهاين ۾ سرڳ کان آيا ۽ تنبو ۾ رکجي ويا. لڏون، جليبي، ڪچوڙي، ڏونئرو، حلوڙ، ڪيرٽي، دال، روٽي ۽ پوڙي، بوندي، برفي، رس گلال وغيره وغيره سان اڏ ايڪڙ جو تنبو پرجي ويو. رشي جي راجا کي چيو تہ ڪاڏو ڪائو. راجا بيعزتي ڪرڻ لاءِ چيو تہ منهنجي فوج بہ گڏ ماني ڪائيندي. گهوڙن کي بہ چارو ڏيڻو آهي. رشي جي چيو تہ پرپو جي ڪرپا سان سڀ بندوبست ٿي ويندو. پهرين توهان ۽ فوج ڪاڏو ڪائو. راجا هلي ڪاڏي ڪائڻ واري هنڌ پهتو، اُتي بہ سهڻا ڪپڙا وڇايل هئا. راجا ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. پوءِ چاندي جي ٿالهين ۾ مختلف قسمن جا طعام ڪٽي شيواڌار رکڻ لڳا. اَن ديو جي استوتي ڪري رشي جي ڪاڏو ڪائڻ جي پرارٿنا ڪئي. راجا ڏنو تہ اُن جي پيٽ ۾ منهنجو ڪرايل پنڌارو ڪجهہ بہ نہ هو. مون تہ صرف رشي جي گهر وارن کي ڪاڏو ڪرايو هو. اُهي بہ ٿي چار شيون تيار ڪرايون هيون. راجا شرم وچان ڦڪو ٿيڻ لڳو. ڪاڏو ڪائڻ وقت ڏاڍو پريشان هو. حسد جي باهہ ۾ ڙڪڻ لڳي. بيعزتي مڃي ورتي. سيئي سپاهي ڪائي ساراهہ ڪئي. راجا جو خون گرم ٿي رهيو هو. پنهنجي تنبو ۾ وڃي رشي کي گهرايو ۽ پُڇيو تہ هي ڪاڏو جهنگ ۾ ڪيئن تيار ٿيو؟ نہ ڪا ديگ چڙهيل آهي ۽ نہ ڪا چُلهو ٻري رهيو آهي. رشي ٻُڌايو تہ مون پنهنجي پُڄ ۽ پڳتي جي بدلي سرڳ کان هڪ ڳئون اُڌاري گهرائي آهي. اُنهي ڳئون ۾ خوبي آهي تہ اسان جيترو ڪاڏو چاهيندا، ترت مهيا ڪري ڏيندي آهي. راجا چيو منهنجي ساممون وٺي اچو تہ مون کي پروسو اچي. رشي ۽ راجا تنبو جي دروازي تي اچي بيٺا، اندر صرف ڳئون بيٺل هئي، دروازي جي طرف منهن هو. تنبو خالي هو چو تہ سيني ڪاڏو ڪائي ورتو هو. باقي بچيل سامان شيواڌار ڪٽي چُڪا هئا. ڳئون کي رشي جي اجازت جو انتظار هو، راجا چيو تہ اي رشي جي! هي ڳئون مون کي ڏئي چڏ. مون وٽ وڏي فوج آهي. انهن لاءِ ڪاڏو هِن کان تيار ڪرايان. تنهنجي ڪهڙي ڪم جي آهي؟ رشي چيو راجن! هي ڳئون ماتا مون اُڌاري وٺي رکي آهي. سرڳ کان گهرائي آهي. آئون ان جو مالڪ ناهيان. آئون توکي نٿو ڏيئي سگهان. راجا پري بيٺل سپاهين کي چيو تہ هِن ڳئون کي وٺي هلو. رشي ڏنو تہ سنڊيو جي من ۾ ڪوٽ اچي وئي آهي. انهي وقت رشي ڳئون ماتا کي چيو تہ اي ڳئون ماتا! تون پنهنجي لوڪ پنهنجي ڏٺي سرڳ راج اندر وٽ جلدي موٽي وڃ. اُنهي وقت ڪامڌينو تنبو کي ڦاڙي سڌي مٿئين طرف هلي رواني ٿي. راجا ڳئون کي ڪيرائڻ لاءِ ڳئون جي پير ۾ تير هنيو. ڳئون جي پير مان خون وهڻ لڳو ۽ زمين تي ڪرڻ لڳو. ڳئون زخمي حالت ۾ سرڳ ۾ هلي وئي. جتي جتي ڳئون جو خون ڪريو هو، اُتي اُتي تماڪ پيدا ٿي وئي. پوءِ ٻج ٻڌجي انيڪ ٻُوٽا اُپرڻ لڳا. سنت غريب داس جي چيو آهي تہ:-

تما + ڪُو = تماڪُو

"ڪُو نام خون ڪا، تما نام گائي، سو بار سوگنڌ، اسي نا پيئي ڪائي"

مطلب آهي تہ فارسي ٻولي ۾ "تما" ڳئون کي چون ٿا. ڪُو = خون يعني رت کي چون ٿا. اها تماڪ ڳئون جي رت مان پيدا ٿي آهي. اُن جي مٽان ڳئون جي وارن جهڙا وار هوندا آهن. اي انسان! توکي سؤ بار قسم آهي تہ اُنهي تماڪ جو استعمال ڪنهن بہ طرح

نہ ڪيو. تماڪ جو استعمال ڪئون جي رت پيئڻ جي برابر آهي. موجود دؤر ۾ پنچائت جو پيالو بڏجي ويو آهي. جيڪا وڏي غلطي آهي. بيوقوفي جو پردو آهي. اُن کي پُلجي بہ استعمال نہ ڪرڻ گهرجي. سنت غريب داس جي ٻُڌايو آهي تہ اي پِڱت هرلال جي! ٻُڌ تماڪ استعمال جو پاپ

غريب، پردوارا استري کا کولي، ستر جنم انڌا هو ڊولي (1)

مدرا پيوي ڪڙوا پاني، ستر جنم شوان کي جاني (2)

مانس آهاري مانوا، پرتچ راکشس جان

مُک ديکو نہ تاس کا، وي قريبن چوراسي کان (3)

سراپان مڌ مانس آهاري، گمن ڪري پوڳي پر ناري (4)

سترجنم ڪتت هئہ شيشم، ساکشي صاحب هئہ جگديشم (5)

سو ناري جاري ڪري، سُراپان سؤبار

هڪ چلم حقا پري، ڊوبي کالي ڌار (6)

حقا هردم پيوتي، لال ملاوين ڏوڙ

اس ۾ سنشيہ هئہ نهين، جنم پچلي سوئر (7)

متئين واڻين جو ارت:-

واڻي نمبر 01 ۾ چيو آهي تہ جيڪو ماڻهو ٻين استرين سان ناجائز تعلق رکي ٿو، انهي پاپ جي ڪارڻ اهو ستر جنم انڌي جا پوڳي ٿو. انڌي ڳڏهہ، انڌي ڊڳي، انڌي مرد عورت وغيره وغيره جا لڳاتار 70 جنمن ۾ ڏک پوڳي ٿو.

واڻي نمبر 02:- ڪڙو پاڻي يعني شراب جيڪو پيئي ٿو، اهو اُنهي پاپ جي ڪارڻ 70 جنمن تائين ڪُتي جا جنم حاصل ڪري ڏک پوڳي ٿو. گندي نالين جو پاڻي پيئي ٿو. ماني نہ ملڻ تي گُوهہ (گند) کائي ٿو.

واڻي نمبر 03:- جيڪي ماڻهو گوشت کائين ٿا، اُهي تہ ظاهر راکشس آهن. ان جو تہ منهن بہ نہ ڏسڻ گهرجي يعني اُن سان گڏ رهڻ سان ٻيا بہ مانس کائڻ جا عادي ٿي سگهن ٿا. اُنهي ڪري اُنهن کان بچو. اُهي تہ چوراسي لک قسم جي جوٽين ۾ پيتڪندا.

واڻي نمبر 04 ۽ 05:- (سُرا) شراب (پان) پيئڻ وارا ۽ پرائي استري سان ميلاپ ڪرڻ وارا، گوشت کائڻ وارن کي ٻيا پاپ ڪرم بہ پوڳٽا پوندا آهن. اُن جي سترجنمن تائين انسان يا ٻڪري، ردِ، مينهن، مرغي وغيره جي زندگي ۾ سر ڪٽجن ٿا. اُنهي ڳالهہ کي آئون پرماتما کي گواهہ رکي چئي رهيو آهيان، سچ مچو.

واڻي نمبر 06:- هڪ چلم پري حقو پيئڻ واري کي ڏيڻ سان پرڻ واري کي جيڪو پاپ لڳي ٿو، اُها ٻُڌو. هڪ دفعو پرائي استري سان پوگ ڪرڻ وارو، هڪ دفعو شراب پيئڻ وارو، هڪ دفعو گوشت کائڻ وارو پاپ جي ڪارڻ متي ڏنل ڏک پوڳي ٿو، سؤ استرين سان پوگ ڪرڻ ۽ سؤ بار شراب پيئي، اُن سان جيڪو پاپ لڳي ٿو. اُهو پاپ هڪ چلم پري حقو پيئڻ واري کي ڏيڻ سان لڳي ٿو. ويچار ڪريو تماڪ استعمال ڪندڙ (حُقي ۾، ٻيڙي سگريٽ ۾ پيئڻ وارو، کائڻ وارو) کي ڪيترو پاپ لڳندو؟ اُنهي ڪري متئين سيني شين جو استعمال هرگز نہ ڪريو.

واڻي نمبر 07:- سماج جي ماڻهن کي ڏسي ڪجهہ ماڻهو حقو يا ٻيون نشي آور شيون استعمال ڪرڻ لڳي ويندا آهن. جيڪڏهن ست سنگ ٻڌي ٻُرائي ڇڏي ڏيندا آهن تہ اُهي جيو پوئين جنم ۾ بہ انسان هئا. اُن جي اندر نشي جي گهري عادت نہ بڏجندي. مگر جيڪي باربار ست سنگ ٻڌي تماڪ وغيره نشن کي نٿا ڇڏين اُهي پوئين جنم ۾ سوئرجي جوٽي ۾ هئا. سوئر جي جسم ۾ بدبوءِ سنگهڻ سان تماڪ جي بدبوءِ ايندي آهي. اُنهي ڪري سوئر جي جنم مان انسان ٽيندڙ ۾ تماڪ جي پيئڻ سنگهڻ جي گهري عادت هوندي آهي. اُهي جلدي حقو يا ٻيو ڪو نشو نہ ڇڏي سگهندو. اُهو پنهنجو انمول انسان شرير روپي لال کي متي ۾

ملائي رهيو آهي. اُن کي تمام گهڻن ست سنگ ٻڌڻ جي راءِ ڏني ويندي آهي. نا اُميد نہ ٿين. سچي من سان پرماتما ڪبير جي کان نشا ڇڏائڻ جي پُڪار عرض ڪرڻ سان سيئي نشا ڇڏائجي ويندا آهن.

"تماڪ جي باري ۾ ٻيا ويچار"

تماڪ يعني حقو پيئڻ وارن جي حالت ٻُڌائي آهي:-

(سنت غريب داس جي گرنٿ ۾ "اٺ تماڪُو کي بينت" نالي اڌياءِ ۾)

پِت بائي کاسي نباسي نباس، ڪف دل ڪليجا ليا هئہ گراس
ڪالا تماڪو اور گورا پيواڪ، دس بيس لنگر جَهان بيني گُناڪ
باجي نئي گُڙ گُڑ اور حُقي هجوم، ڪوري ڪُبڌي بيسا هين نہ شوم
باکي پگڑا اور بانکي هئہ ني، خود ڊوبي اور ڊبوئي هئہ کي
گُناڪڑ اناڪڑ متاکڑ لَهُور، ايک بيني اڙکي ايک بيني گا دور
پيوي تماکو پڑي ڪرم مار، املي کي مُک ۾ مُترکي ڌار
ڪڑوا هي ڪڑوا تو ڪرتا هميش، ڪڑوا هي لي پياري ڪڑوا هي پيش
کامي ڪروڌي تُو لوپي لبوت، وچن مان ميرا گهوما نہ گهونٽ
حقا حرامي غلامي غلام، ڌني کي سري ۾ نہ پَهنچي الام
پامر پرم ڌام نہ جاتي کوئي ، جهوني امل پر دئي جان کوئي
مُردا مجاور حرامي حرام، پيوين تماکُو سو اندري کي غلام
اگيان نيند نہ سو اُٺ جاگ ، پيوي تماکُو گئي قوٽي پاگ
پانگ تماکُو پيوين هي، سُراپان سي هيت، گوشت متي کائي کر جنگلي بنين پريت
غريب، پان تماکُو چابهين، ناس ناک ۾ ديت،سو تو اکارٿ گئي، جيون پڑ پوجي کا کيت
پانگ تماکُو پيوهين، گوشت گلا کباب، مور مرگهہ کُون پکت هين، دين گي کهان جواب
پانگ تماکُو پيوتي. چِسميُون نالِ تمام ، صاحب تيري صاحبي، جاني کهان غلام
گئو اپني امان هئہ، اس پر چُري نا بَهاءِ، "غريب داس" گهي دوڌ کو ، سيي آتم کاءِ

ارٿ:- متئين واڻين جو مطلب آهي تہ انساني جسم کي آڪسيجن جي ضرورت آهي. اُن جي بدران تماڪ جو دونهون (ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ) داخل ٿيندو آهي تہ ڪنگهہ جي بيماري ٿي پوندي آهي ۽ پِتي ۽ دل جي بيماري بہ ٿي ويندي آهي. هڪ بہ ڇڪ تہ حقي جي ويجهو ويهندا، هڪ ڪجهہ فاصلي تي ويهندو ۽ چوندو تہ ٿورو هيڏانهن ڪسڪاءِ.

ٻيو ان جي طرف حقو ڏيندو. پوءِ ني (نلي جنهن مان دونهون کي چڪيندا آهن) گڙ گڙ جو آواز ٿيندو آهي. توهان تہ حقو پيئي ٻُڌي ويا آهيو ۽ ننڍا ٻار بہ اُن کي ڏسي اهو ئي پاپ ڪري نرڪ جي ڪاري ڌار ۾ ٻُڌندا، جيڪي تماڪ پيئن ٿا. اُن جا تہ نصيب قتل آهن. ٻين کي تماڪ پيئڻ لاءِ اُڪسائي ٻوڙيندا آهن. متئين بُرائي ڪرڻ وارا تہ پنهنجي زندگي ايئن فضول وڃائي ويندا آهن. اُنهي جيو کي نرڪ ۽ ٻين ساهوارن جي جيون روپي گلِي ۾ اُڇلايو ويندو آهي. جيڪي ماڻهو متيان گناهہ ڪن ٿا اُهي ڀگوان جي دربار ۾ ڪهڙو جواب ڏيندا، يعني ڳالهائڻ جي لائق نہ رهندا.

پوءِ چيو آهي تہ ڪُئون پنهنجي ماءُ جي برابر آهي، جنهن جو سڀ ڏرم، ذات وارا ڪير، گهِي کائيندا پيئندا آهن اُنهي ڪري ڪُئون کي نہ ماريو. موضوع تماڪ جو هلي رهيو آهي:-

پڳتي مارگ ۾ تماڪ سڀ کان وڌيڪ رڪاوٽ ڪندو آهي جيئن پنهنجي ٻنهي نڪن جي سوراخن جي وچ ۾ ٽيون رستو ايندو آهي جيڪو سوئي جي نوڪ جيترو هوندو آهي. جيڪي تماڪ جا دونهون نڪ مان ڇڏين ٿا. اُهي اُنهي رستي کي بند ڪري ڇڏيندا آهن. اهو ئي رستو متي ترڪوٽي جي طرف ويندو آهي جتي پرماتما جو مڪان آهي جنهن رستي کان اسان کي پرماتما سان ملڻو آهي، اُنهي کي تماڪ جو دونهون بند ڪري ڇڏيندو آهي. حقو پيئڻ وارن کي ڏنو آهي. هرروز حقي جي نلي ۾ لوهہ جي گج (هڪ سنهو سريو) گهمائيندا آهن. جنهن مان دونهون جو جمع ٿيل گند نڪرندو آهي. اها نلي بند ٿي ويندي آهي. انساني جنم ته پرماتما جي حاصل ڪرڻ لاءِ ملیو آهي. پرماتما جي حاصل ڪرڻ واري رستي کي تماڪ جو دونهون بند ڪري ڇڏيندو آهي. اُنهي ڪري تماڪ پڳت لاءِ مهان دشمن آهي. هونئن ب حقو پيئڻ وارا مجين ٿا ته تماڪ سني شيءَ ناهي، جڏهن کو ننڍڙو ٻار پنهنجي ڏاڏي، چاچي، پيءُ کي حقو پيئندي ڏسندا آهن ته اُهي ب نقل ڪن ٿا. حُقي کي پيئڻ لڳندا آهن ته وڏا ماڻهو جيڪي خود حُقو پيئندا آهن. اُهي اُن ٻار کي ڏمڪائيندا آهن ته خبردار! اگر حُقو پيتو ته، اها سُنو ناهي. اگر توهان اُن کي سني شيءَ سمجهو ٿا ته ٻارن کي ب پيئڻ ڏيو. توهان منع ڪريو ٿا چئو ٿا ته هي سنو ناهي نقصانڪار آهي. سياري ۾ هڪ مڪان ۾ ننڍا ٻار ب سمهي رهيا هوندا آهن. اُن ۾ حقو پيئڻ وارو حقو پيئي رهيو هوندو آهي. اهو پاڻ ته گناهہ ڪري رهيو آهي. پنهنجي ڪٽنب کي دونهون پياري پاپ جو پاڳي ٻڌائي رهيو آهي. ننڍي پُٽ ڌيئر کي پيءُ پنهنجي حصي جو کير پيارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته پي، ٿورو اڃان ب پيئي وٺ. ڏس تنهنجو قد وڌو ٿي رهيو آهي. اڃان پيئي وٺ. اهڙي طرح کير جو گلاس ٻار کي پياري دم ڪٽندو آهي، ڇو ته کير ٻار لاءِ فائديمند آهي. حقو ٻيڙي پيئڻ لاءِ منع ڪري ٿو ته دل چوي ٿي ته تماڪ ڇڪڻ ٻُرو آهي. مگر سماج ۾ اها بُرائي عام ٿي چڪي آهي. اُنهي ڪري پاپ نٿو لڳي. جيئن ڪيترائي قبيلا گوشت کائيندا آهن. اُن جي ٻار جي لاءِ اها پاپ عام ڳالهہ آهي.

اهڙي طرح تماڪ پيئڻ ب مهاپاپ آهي، پر رواج پئجي ويو آهي جڙ پاپ نہ لڳندو. اُن کي تياڳي ڇڏڻ گهرجي. پڳت هرلال جي اُنهي ڏينهن حُقو پيچي ڇڏيو، چلم ڦوڙي ڇڏيو، سڄي ڪُٽنب کي سيئي ڳالهيون ٻُڌايون، نام دکشا ڏياري، ڪيترن ئي پيڑهين تائين بيري جي اُن قبيلن ۾ حُقو نہ هو. بعد ۾ ست سنگ جي ڪمي جي ڪري وري ڪجهہ ڪجهہ پيئڻ شروع ٿي ويا آهن.

"تماڪ کان گڏهہ گهوڙا ب نفرت ڪن ٿا"

هڪ ڏينهن سنت غريب داس جي (ڳوٺ ڇُڙاٽي ضلع جهجر وارا) ڪنهن ڪم ڪار سان گهوڙي تي سوار ٿي جِيند ضلعي ۾ ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي رهيا هئا. رستي ۾ ڳوٺ مال کيڙي (ضلع جِيند) جون ٻنيون هيون. اُنهن ٻنين مان گهوڙي تي ويهي وڃي رهيا هئا. ڪٽڪ جو فصل ٻنين ۾ بينل هو. گهوڙو وات ڇڏي ڪٽڪ جي فصل جي وچ مان هلڻ لڳو. ٻنين ۾ فصل جا سنياليندڙ هئا. اُهي لنيون ڪٽي ڊوڙيا ۽ سنت غريب داس کي هٽڻ لڳا تنهنجو دماغ خراب ٿيو آهي ڇا؟ اسان جي فصل جو ناس ڪري ڇڏيو. گهوڙي کي سڏو نٿا هلائي سگهو. جيئن ئي سنت غريب داس جي کي لنيون هٽڻ جي ڪوشش ڪئي ته اُن جا هٿ متي طرف رُڪجي ويا. هرهڪ پنهنجي پنهنجي هنڌ پٿر جي مورتي وانگر بيهي رهيا. اٽڪل پنج منٽن تائين اُنهي حالت ۾ رهيا پوءِ سنت غريب داس جي پنهنجو هٿ آشيرواد ڏيڻ جي حالت ۾ ڪيو ته اُن جا تاڪ لهي ويا ۽ سيئي پوئتي وجي ڪريا. لنيون هٽن مان نڪري ويون. ايئن ٿي ويا جڙ اڏرنگ ٿي ويو هجي. هارين کي سمجهڻ ۾ دير نہ لڳي ته هي ڪو عام ماڻهو ناهي. سيني روئندي معافي گهري تڏهن سنت غريب داس جي چيو ته اي پورا انسان! ڇا وات ويندڙ مسافر سان اهڙو وهنوار ڪندا آهيو، مارڻ لاءِ ڊوڙيا آهيو. پهرين ته اهو سمجهڻ گهرجي ته ڪهڙي ڪارڻ گهوڙو فصل جي وچ ۾ وڃي ويو آهي؟ اُهي هاري چوڻ لڳا، هاڻي ٻُڌايو ته گهوڙو ڪهڙي ڪارڻ فصل ۾ هليو ويو آهي؟ سنت غريب داس جي پُڇيو ته انهي ٻني ۾ ڪٽڪ جي فصل کان پهرين ڇا پوکيو هو. اُنهن ٻڌايو ته جوار پوکي هئي. اُن کان پهرين ڇا پوکيو هو؟ اُنهن ٻڌايو ته تماڪ پوکيل هئي. سنت غريب داس جي ٻڌايو ته اُنهي تماڪ جي بدبوءِ اڃان تائين اُنهي ٻني ۾ اڃي رهي آهي. اُن جي بدبوءِ کان پريشان ٿي منهنجو گهوڙو رستو ڇڏي پري کان هلڻ لڳو. اُن تماڪ کي توهان پيئندا آهيو، توهان ته جانورن کان ب ويل آهيو. ٻُڌي ونو ڏيان سان! اڄ ڪانپوءِ اُنهي ڳوٺ ۾ ڪوب ماڻهو حقو نہ پيئي، تماڪ

استعمال نہ ڪري، جيڪڏهن آڳيا جو پالن نہ ٿيو تہ ڳوٺ کي وڏو نقصان ٿيندو. اُنهي وقت تہ سيني ها ڪئي، سنت جي هلي وڃڻ کانپوءِ چوڻ لڳا تہ پري وڻ حقو. جڏهن حقو پرڻ لڳا تہ هٿ مان چلم ڪري ٽٽي ويو. ٻئي حقي جو چلم لڳايو اُهو بہ هٿ مان ڇُور ڇُور ٿي ويو. ٻني ۾ جيترا بہ حُقا هئا، سڀ ٽٽي ويا. هاري ڏڃي ويا تہ اها اُن سنت جي ليلا آهي. ڳوٺ ويا تہ ڳوٺ جا سيئي حُقا ٽٽي ويا. سڄي ڳوٺ ۾ اُنهي ڳالهہ جو شور مچي ويو. خوف جو ماحول ٿي ويو. هاري ڳوٺ ۾ آيا تہ ڪارڻ معلوم ٿيو. اُن ڏينهن کانپوءِ ڳوٺ ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ حُقو نٿو پيئي. ڳوٺ جو نالو آهي "مال کيڙي"

❖ حُقو پيئڻ وارا چوندا آهن تہ وڻ مون وٽ ڪڙي تماڪ آهي، اُها پر چلم ۾. ٻيو چوندو آهي تہ هي مون وارو وڏيڪ ڪڙو آهي. سنت غريب داس جي ٻُڌايو آهي تہ مرڻ کانپوءِ يم جا دُوت اُنهي ڪڙي (ڪاري) تماڪ پيئڻ واري جي منهن ۾ مُٺ وجهندا آهن. چوندا آهن تہ تُون وڏيڪ ڪارو ڪارو تماڪ پيئڻ پسند ڪندو هئين، وڻ پيارا! ڪارو مُٺ پيئي وڻ. مُٺ جي ڏار اُن جو منهن ڪولي منهن ۾ وجهندا آهن.

سنت غريب داس جي اها ليلا ڪري بُرائي ختم ڪرائي هئي. گيان سان جيڪو اثر پوندو آهي، اها سدائين لاءِ بُرائي ڇڏائي ڏي ٿو. گيان ستسنگ سان ٿيندو آهي. ستسنگ ٻُڌڻ جي چاهہ پيدا ڪريو ۽ ستسنگ ٻُڌو.

عرض:- مٿيون بُرايون سيئي ڇڏي ڏيو، اُنهي سان زندگي جو سفر آسان ٿي ويندو.

"نشو ڪندو آهي ناس"

نشو چاهي شراب، سلفي، آفيم، هيروئن وغيره وغيره ڪوبہ ڪريو ٿا، اها سڄي ناس جو ڪارڻ بڻجندو. نشو سڀ کان پهرين تہ انسان کي شيطان بڻائي ٿو، پوءِ جسم جو ناس ڪري ٿو. جسم جا چار مُکيہ عضوا آهن 1. ڦڦڙ 2. جيرو 3. ٻُکيون 4. دل

شراب سڀ کان پهرين انهن ڇٽني عضون کي خراب ڪندي آهي. سلفا (چرس) دماغ کي پوري طرح ناس ڪري ڇڏيندو آهي. هيروئن شراب کان بہ زياده جسم کي کوکلو ڪندي آهي. آفيم سان جسم ڪمزور ٿي ويندو آهي. پنهنجو ڪم ڪرڻ جي طاقت ڇڏي ويندو آهي. آفيم سان ئي چارج ٿي هلڻ لڳندو آهي. رت خراب ٿي ويندو آهي. اُنهي ڪري اُن کي تہ ڳوٺ ۾ بہ نہ رکو، گهر جي ڪهڙي ڳالهہ. استعمال ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ، سوچڻ بہ نہ گهرجي.

هڪ شخص دِلي پالم هوائي اڈي تي نوڪري ڪندو هو. سنہ 1997ع جي ڳالهہ آهي. اُنهي وقت اُن جو پگهار ٻارنهن هزار روپيا مهينو هو. دلي جي ڳوٺ ۾ هي داس (رامپال داس) ستسنگ ڪرڻ ويل هو. اُتي هڪ پوڙهي پنهنجين پوٽين سان گڏ ستسنگ واري گهر ۾ آئي جيڪا رشتي ۾ ستسنگ ڪرڻ واري جي چاچي هئي. ڳوٺ جي ٻاهرين علائقي ۾ گهر ناهي رهندي هئي. اهو چوڪرو بہ اُن جو هو جيڪو دلي هوائي اڈي تي نوڪري ڪندو هو. تمام گهٽو شراب پيئندو هو. گهر جي هنڌ بني لڳائي رکي هئي. زال ۽ ٻارن کي مارڪٽ ڪندو هو. چو تہ اُن جو هرروز شراب پيئي اچڻ، پٽني کي منع ڪرڻ هر روز جي مهاپارت هئي. پٽني ٻارن کي چڏي پنهنجي پيءُ جي گهر هلي وئي. ڏاڏي ٻارن کي سنياليو. پوءِ خود وڃي پنهنجي ننهن کي سمجهائي پرچائي وٺي آئي. اُنهي رات اها پوڙهي پنهنجي ننهن ۽ پوٽين سان گڏ آيل هئي چو تہ خود جي جيڻ جي گهر ستسنگ هو. انهي ڪري اچڻو پيو.ستسنگ ۾ هرهڪ پهلو تي ليڪچر ڏيڻو هوندو آهي. پهرين پرماتما جي پڄتي لاءِ ۽ نہ ڪرڻ جو نقصان واضح ڪري ٻُڌايو ويندو آهي. اُن ڏينهن اُهو شرابي پهرين گهر آيو، گهر ۾ ڪوبہ نہ مليو تہ ڪجهہ دير تائين گهر ۾ ويٺو. پوءِ هڪ پاڙيسري ٻُڌايو تہ تنهنجي ماءُ تنهنجي چاچي جي گهر سيني کي وٺي وئي آهي. اُنهن جو اڄ ستسنگ ٿي رهيو آهي. اُتي سيني جي دعوت آهي. پرماتما جي رضا ٿي اهو بہ ستسنگ ۾ ويو ۽ سيني جي پويان ويهي رهيو چو تہ شراب پيتل هئي.

ستسنگ وچن:- ستسنگ ۾ ٻُڌايو ويو تہ انساني جنم حاصل ڪري جيڪي ماڻهو سُنا ڪم نہ ٿا ڪن تہ اُن جو نصيب نرڪ بڻجي ويندو آهي. جيڪو نشو ڪري ٿو، اُن جو حال ۽ ايندڙ وقت ٻئي نرڪ هوندا آهن. نشا انسانن لاءِ نہ آهن، اها تہ انسانن کي راکشس بڻائي ٿو. جيڪي ماڻهو پوئين جنم جا پُڄ ڪرمي آهن، اُنهن کي هن جنم ۾ پوئين سنن ڪرمن جي بدلي سُني نوڪري

ملندي آهي يا سنو ڪاروبار هوندو آهي. جيڪڏهن موجوده وقت ۾ سنا ڪرم، پڳتي ۽ دان ڏرم نہ ڪندا تہ مرڻ ڪانپوءِ ايندڙ جنمن ۾ ڪڏهہ، ڪُتا، سوئر ۽ ڍڳا بڻجي ڏکا ۽ گند کائيندا.

جيئن انساني جنم ۾ پورب جنم جي شُبہ ڪرمن جي مطابق سنو ڪاڏو مليو آهي، سنو انسان جو جسم مليو آهي. جڏهن دل چاهي ڪاڏو ڪايو. اُڇ لڳي پاڻي پيئو، مرضي سان چانهہ کير پيئو. ميوا (ڪاجا، بادام وغيره) کائو. جيڪڏهن پورو گرو نہ ڪري سچي دل سان پڳتي ۽ ستسنگ شيوا، دان ڏرم نہ ڪيو تہ اڳئين جنم ۾ ڪڏهہ، ڍڳا، ڪُتا بڻجي بُري حالت ٿي ڏک پوڳيندا. نہ وقت تي ڪاڏو ملندو، نہ پاڻي، نہ ڪا گرمي سردي کان، مچر ماکي کان بچڻ جو اُپاءُ نہ هوندو. انساني جنم ۾ تہ مچرداني سان بچاءُ ڪري ونو ٿا. گرمي کان بچڻ جا اُپاءُ کوجي ورتا آهن. مگر جڏهن جانو ر ٿيندا، تڏهن ڇا ملندو؟ سنت غريب داس جي پرميشور ڪبير جي کان حاصل گيان کي هينئين ريت بڌايو آهي:-

غريب، نـر سيـتي تُـو پشوا ڪيجئہ، گـڏا بـيـل بـنائي

چپن پوگ کهان من بوري، ڪُرڙي چرني جائي

ارٿ:- انساني جنم چڏائي وڃڻ کانپوءِ پڳتي نہ ڪرڻ وارا ۽ پاپ ڪرڻ وارا جيوگڏهہ ڍڳا وغيره جي جوٽين کي حاصل ڪندا. پوءِ انساني جنم وارو ڪاڏو نہ ملندو. گڏهہ بڻجي ڪُرڙي (گندگي جي ڍير) تي گند کائيندو. ڍڳو بڻجندو ۽ نڪ ۾ نٿ وجهندا، رسي سان بڌل رهندو. اُڇ لڳڻ تي پاڻي نہ پيئي سگهندين ۽ نہ بُک لڳڻ تي ڪاڏو کائي سگهندين. مکين ۽ مچرن کان بچڻ لاءِ هڪ پُڇ هوندي. اُن کي ڪُولر سمجهو، پکو ۽ مچرداني سمجهو جنهن ساهوارن جا وڏيڪ پاپ هوندا آهن. جانورن جي جوٽي ۾ انهن جي پُڇ بہ ڪٽجي ويندي آهي. هڪ ڏيڍ فوٽ جو ڏنڍو باقي رهجي ويندو آهي. اُن کي گهمائيندو رهندو آهي.

هڪ ڍڳي جي پوئين ڪُر ۾ اٽڪل $1\frac{1}{2}$ انچ جي ڪلي لڳي وئي. هلڻ سان اجان بہ وڏيڪ اندر هلي وئي. پير سان منڍڪائڻ لڳو. هاري کي لڳو تہ ور پئجي ويو آهي، نس تي نس چڙهي وئي هوندي. هلڻ سان نيڪ ٿي ويندو. ڪيترائي دفعا ايئن ٿيندو آهي تہ نس تي نس چڙهي ويندي آهي تہ ڍڳو هلندي هلندي نيڪ ٿي ويندو هو. مگر هن واري ايئن نہ ٿيو. سڄو ڏينهن ڍڳو هر ۾ هليو. گهر تائين پهتو تہ پير کي تڪليف سان زمين تي رکي رهيو هو. آهستي آهستي هلي رهيو هو. گهر ايندي ئي ويهي رهيو. چارو بہ نہ ڪاڏو. اکين مان آنسو وهي رهيا هئا چو تہ تڪليف گهٽي هئي. صبح جو ڍڳو اُٽيو ئي کونہ، ليٽي رهيو، پير تي وڏيڪ سوج ٿي وئي. ڳوٺ مان جانورن جي ڊاڪٽر کي ونڊي آيا. پُراڻي وقت جي ڳالهہ آهي. اُنهي وقت اهڙو ئي علاج ٿيندو هو. ڊاڪٽر ڏسي چيو تہ اُن جي گوڏن ۾ واءُ آهي. پُراڻي گُڙ کي ڪُٽي نرم ڪري پٽي ٻڌي چڏيو، نيڪ ٿي ويندو. ڪلي لڳل هئي ڪُر ۾ علاج ٿي رهيو آهي گوڏن جو. اٽڪل هڪ مهيني تائين ايئن هليو، هڪ ڏينهن هاري ڏنو تہ ڍڳي جي پير جي تري (ڪُر جي هينيان) مواد نڪري رهيو آهي. اُن کي صاف ڪيو تہ ڪلي لڳل نظر آئي. ڪنهن اوزار سان ڪِلي ڪڍي. تڏهن هڪ هفتي ۾ ڍڳو نيڪ ٿي ويو. پيٽ پري چارو ڪاڏو ۽ پاڻي پيتو.

ويچار ڪريو:- جڏهن هي ساهوارو انساني جنم ۾ هو تہ اُن کي سپني ۾ بہ گيان سوچيو نہ هو تہ هڪ ڏينهن آئون ڍڳو بڻجي ويندس. هاڻي ڳالهائي بہ چئي نہ رهيو آهي تہ تڪليف ڪٽي آهي؟ ڪبير پرميشور جي چيو آهي تہ

ڪبير، جـيـيـا تـو واهـي پـلي، جـو رڻـي هـري نام

نا تو ڪاٽ ڪي ڦينڪ ديئو، مُک ۾ پلو نا چام

ارٿ:- جيئن زبان جسم جو مکيہ عضوو آهي. جيڪڏهن پرماتما جي بندگي ۾ نام جاپ جي لاءِ استعمال نہ ڪيو ويو تہ فضول آهي چو تہ اُنهي زبان سان ڪو ڪنهن کي بُرا لفظ چئي پاپ ڪري ٿو. طاقتور ماڻهو ڪمزور کي غلط ڳالهہ چئي چڏيندو آهي جنهن سان اُن جي آتما روئندي آهي. بددعا ڏيندي آهي. ڳالهائي بہ چئي نہ سگهندو چو تہ مار بہ ملي سگهي ٿي، اها پاپ ٿيو. وري ڪنهن جي گلا ڪري، ڪنهن جي ڪوڙي گواهي ڏئي، ڪنهن کي واپار ۾ ڪوڙ ڳالهائي نڳي انيڪ طرحين جا پاپ انسان پنهنجي زبان

سان ڪندو آهي. پرميشور ڪبير جي ٻڌايو آهي ته جيڪڏهن زبان جو صحيح استعمال نه ڪندا يعني شُڀ وچن، ڏيرج سان ڳالهائڻ، پرماتما جي واڪاڻ يعني چرچا ڪرڻ، ڏرمي گرنٿن جو پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ پرماتما جي نام جاپ ۔ سمرڻ زبان سان نه ڪري رهيو آهي ته اُن کي ڪتي اُڇلائي ڇڏيو. سيئي پاپ جمع ڪري رهيو آهي.

(زبان کي ڪٽڻ جو چوڻ ته عام مثال آهي جيڪو هوش ۾ آڻڻ لاءِ آهي. زبان ڪتي نه اُڇلڻو آهي. پنهنجن سُنن ڪرمن، سنو ڳالهائڻ شروع ڪرڻ، جيڪا رام نام يا واڪاڻ نه ڪري رهيو آهي ته پاڪ منهن ۾ انهي زبان جي چمڙي کي رکڻ بهتر ناهي).

❖ انسان جنم ۾ موجود ساهوارن کي (سنہ 1970ع کان)تمام گھٽيون سهولتون مليل آهن. جنهن جي ڪارڻ ڏينهون ڏينهن پرماتما کان پري ٿي رهيو آهي. اوتري ئي رفتار سان انسان کي ڏک ويجهو اچي رهيو آهي. مالي حالت ته بهتر آهي، مگر من سان انسان کي ڏک ويجهو اچي رهيو آهي. مالي حالت سُدريل آهي مگر اندر سُکون ختم آهي. نشو اُن جو مکيہ ڪارڻ آهي. هڪ پيءُ نوڪري تي ويل آهي، ٻار جي اُميد هوندي آهي ته پيءُ ايندو ڪجھ ضروري شيون آڻيندو. پيءُ ايندو آهي ته ننڍڙا ننڍڙا ٻار لپٽجي ويندا آهن، پيار پائيندا آهن. جنهن ٻارن جو پيءُ نشو ڪندو آهي. اُن جي گھر ۾ جھگڙڻي جو هڻڻ قدرتي آهي. ٻار خوفزده رهندا آهن. اُنهن جو اندروني ۽ جسماني واڌارو نه ٿي سگھندو. اهو گھر نرڪ وانگر بڻجي ويندو آهي. اڄ ته شراب پيئي مست آهن، اُن جي عزت ٻ سماج ۾ نه هوندي.

اڳئين جنم ۾ اهو شخص ڪُتو بڻجندو. گندگي کائيندو. گندي نالين جو پاڻي پيئندو. پوءِ پسو پکي بڻجي ڏُک مٽان ڏُک پوڳيندو. اُنهي ڪري سيئي نشا ۽ بُرائي ڇڏي ڪري انسان جي زندگي گذاريو. پاڪ سماج کي ٻ چين سان جيئڻ ڏيو. هڪ شرابي انيڪ ماڻهن جي آتمائن کي ڏُکائيندو آهي:- پتني جي، پتني جي ماءُ پيءُ، پائرن پينرن جي، پنهنجي ماءُ پيءُ، ٻارن جي، پاءُ وغيره جي. صرف هڪ ڪلاڪ جي نشي ڏن جو ناس، عزت جو ناس، گھر جي سموري ڪُٽنب جي سکون جو ناس ڪري ڇڏيو. ڇا اُهو ماڻهو ايندڙ وقت ۾ سکيو ٿي سگھي ٿو؟ ڪڏهن ٻ نہ. نرڪ جھڙي زندگي گذاريندو. اُنهي ڪري ويچار ڪرڻ گھرجي، بُرائي تُرت ڇڏڻ گھرجي.

سوال:- ڪنهن ڏنو آهي ته اڳئين جنم ۾ ڇا ٿيندو آهي؟

جواب:- مثال جي لاءِ هڪ انڌو شخص جھنگ جي طرف وڃي رهيو آهي. اڳيان هڪ دوست بينو هو. اُن چيو ته اي سورداس جي! هيڏانهن نه وڃ. هي رستو خطرناڪ جھنگ طرف وڃي رهيو آهي. خطرناڪ شينهن، چيتا وغيره جانور رهندا آهن. توهان موٽي وڃو، جيڪڏهن انڌي نشو نه پيتو هوندو ته جلد واپس موٽندو. جيڪڏهن نشي ۾ هوندو ته چوندو ڪنهن ڏنو آهي. جھنگ ۾ خطرناڪ شينهن، چيتا، نانگ وغيره جانور رهندا آهن ۽ اُها ڇئي پنهنجي رستي تي اڳتي هليو ويندو آهي.

ويچار ڪريو:- انڌي کي ڏسڻ ۾ نه ايندو ۽ اکين واري جي ڳالهه تي اعتبار نٿو ڪري ته اُن کي ڪهڙي طريقي سان سمجهايو ويندو؟ جيڪڏهن نٿو مڃي ته اُن جي اها حالت ٿيندي جيڪا اکين وارو ٻُڌائي رهيو هو، شينهن ماري وڃندو.

اهڙي طرح سنت جن اکين وارا آهن. اُنهن اسان کي ٻُڌايو آهي ته جيڪو مٽي ذکر ڪيل آهي. اسان کي گيان جون اکيون ناهن. جيڪڏهن اسان سنتن جي سکيا تي پروسو ڪري رستو نه تبديل ڪندا ته اُهو ٿيندو جيڪو مٽي ٻُڌايو ويو آهي.

غريب، نـر سـيـتـي ثُـو پشوا ڪيجئہ، گدا بـيـل بنائي

چپن پوگ ڪهان من بوري، ڪُرڙي چرني جائي

❖ ڪجھ ماڻهو ته ايتري قدر چوندا آهن ته "ڏنو ويندو جيڪو ٿيو" اُن کي عرض آهي ته گڏهه بڻجڻ ڪانپوءِ توهان ڇا ڏسندا، پوءِ ته ڪنيار ڏسندو. اهڙي قسم جي واڌي ست سنگ ۾ ٻُڌائي ويندي آهي.

اهو شرابي ٻ ستسنگ ۾ اچي وينو ڇو ته گھر ۾ ڪير ٻ نه هو، تالو لڳل هو. ڪجھ دير ڪانپوءِ نشو لهي ويو ۽ سڄو ستسنگ ٻُڌڻو پيو. اُن ڏينهن ڪانپوءِ ان شخص ڪڏهن ٻ شراب نه پيتي ۽ ڪوبہ نشو نه ڪيو، دکشا ورتي، سموري ڪُٽنب کي دکشا

ڏياري. اسان (ليڪڪ ۽ گڏ ستسنگ ۾ ويل پڳت) صبح ڳوٺ کان ٻاهر گھمڻ لاءِ وياسين ته رستي ۾ ان شخص (Air port) واري جو گھر هو. گلي ۾ ان جي ماءُ ٻه بيني هئي. ان چيو ته مهاراج جي! چانھ پيئي وڃو. ڳوٺ جي ماڻھن چيو ان جي گھر لازمي هلڻو پوندو. اُجڙيل پيو آهي اُهو ڪٽنب، ساڌو سنتن جي پير رکڻ سان گھر پاڪ ٿيندو آهي. اسان سڀ اُن جي گھر وياسين. اسان ڪُل پنج ڇڻا هئاسين. ڪٽ اڳڻ ۾ رکيل هئي. مئي جو مھينو هو. وڻ جي ڇانو هئي. اُن جي ماءُ پنھنجي ننھن کي چيو چانھ تيار ڪر. اُن ٻيڻ ڇُلھي ۾ ٻاھ ٻاري ديڳڙي ۾ پاڻي وجھي چانھ تيار ڪرڻ شروع ڪئي. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ اسان چيو ته چانھ جلدي ڪٽي اچو، اسان کي ڪنھن ٻئي ڳوٺ ۾ ستسنگ ڪرڻ وڃڻو آهي. مگر وري ٻه اها ٻيڻ ديڳڙي هيٺ ٻاھ ٻاري رهي هئي. ٻيھر چيو ته روئڻ لڳي وئي. ڳوٺ جو پڳت اُٿي اُتي ويو ۽ ڏنو ته گھر ۾ نہ ڪنڊ آهي، نہ ئي پتي ۽ نہ ئي ڪير. پوڙھي ٻه روئڻ لڳي ۽ چيو ته اُجڙيل آهي گھر مهاراج! بچائي سگھين ته بچائي ڏي. اهو شخص دڪشا ونڊي وقت سان پنھنجي ڏيوتي تي هليو ويو هو. ڪجھ ڏينھن کانپوءِ اسان دلي ۾ ڳوٺ پنجاب کوڙ ۾ ستسنگ ڪري رهيا هئاسين. اُتي اُهو شخص ڪار ۾ ماءُ، پتني ۽ ٽنھي ڏيئرن کي ونڊي ستسنگ ۾ آيو. پھرين ھڪ ڀڳل ٽٽل موٽر سائيڪل هئي. سيني کي سُنا ڪپڑا پاتل هئا. ڇئي رهيا هئا ته هاڻي پيءُ ڪڏھن ٻه امان کي نہ ٿو وڙھي. سڀ تنخواھ امان کي ڏيندو آهي. اسين ته هينئر سرڳ ۾ رهون پيا. ماءُ ڇيو اُن ڏينھن توهان جا اهڙا درشن ٿيا ته اسان اُجڙيل آباد ٿي ويا آهيون. مون چيو ته ٻيڻ! تنھنجو پُٽ ٻُرو نہ هو، اُن اهڙا سُنا ويچار ڪڏھن ٻُڌا ٻه نہ هئا. جيڪڏھن اها ويچار پھرين ئي ٻُڌڻ لاءِ ملي وڃن ته اها ٻُرائي ڪري ئي ڪانہ. اها سڀ پرميشور ڪبير جي ڪرپا آهي جيڪو ان ڏينھن ستسنگ ۾ اچي ويو ۽ اُن جي آتما جو ميل صاف ٿي ويو. توهان جو ڪُٽنب نرڪ مان نڪري سرڳ ۾ تبديل ٿي رهيو هو. پرماتما جي مرضا ۾ رهجو، ڪڏھن ٻه ڏڪ نہ ايندو. ڀڳتي جاري رکجو، ڪيترن ئي پيڑھين جو ڪلياڻ ٿيندو. اهڙي طرح ستسنگ سان انسان جو ڪلياڻ ٿي دنيا ۾ سُکون ۽ پائيچارو وڌندو آهي. ستسنگ ويچار لازمي ٻُڌندا ڪريو. پڙھو "ڀڳتي مرضا "

"ماءُ پيءُ جي شيوا ۽ احترام ڪرڻ اهم فرض"

هرهڪ ماءُ پيءُ جي تمنا هوندي آهي ته منھنجي اولاد لائق بڻجي. سماج ۾ بدنامي نہ ٿئي، سُٹي اخلاق وارو هجي، فرمانبردار هجي. ٻُڌاپي ۾ اسان جي شيوا ڪري. اسان جي ننھن اسان جي چوڻ تي هلڻ واري هجي. سماج ۾ اسان جي عزت رکي. ٻُڌاپي ۾ شيوا ڪري. نرمي سان وھنوار ڪري. ستيُگ، تريتا، دواپر يُگ تائين اها مرضا عروج تي رهي. سيئي سُکيا ستابا رهندا هئا. ڪليُگ ۾ ڪجھ وقت تائين ته نيڪ رهيو. مگر موجود وقت ۾ حالت اُبتڙ ٿي وئي آهي. اُن کي سُڌارڻ جي مقصد جي روشني ۾ سڀ ٿي سگھي ٿو. ٿي ٻه رهيو آهي ۽ ٿيندو. اُها منھنجي آتما مجي ٿي.

"ماءُ جو اولاد ڏانھن پيار"

ھڪ ڇوڪري جو پيءُ مري ڇُڪو هو. اُنھي وقت اُهو 10-11 سالن جو هو. ماءُ پنھنجي اڪيلي پُٽ جي پرورش ڪئي. ماءُ ۽ پيءُ ٻنھي جو پيار ماءُ ڏنو ته ڪٽي پُٽ کي پيءُ جي سڪ ڏڪ نہ ڏي. ڇوڪرو جوان ٿي شراب جو عادي ٿي ويو ۽ عياشي ڪرڻ لڳو. ماءُ کان پئسا ونڊي آواره گردي ۾ خرچ ڪري ڇڏيندو هو. ھڪ ڏينھن ماءُ وٽ پئسا نہ هئا. شراب جي نشي ۾ ماءُ کي مارڪُٽ ڪئي ۽ وٽشيا وٽ ويو. اُنھي ڏينھن پئسا نہ هئا ته وٽشيا چيو ته پنھنجي ماءُ جي دل ڪيڊي ڪٽي اڇ. واپس گھر آيو. ماءُ بيھوش هئي. ڇُرو ھڻي ماءُ جو دل ڪيڊي روانو ٿيو. نشي ۾ نوڪر لڳي ۽ ڪري پيو. ماءُ جي دل مان آواز آيو پُٽ! توکي ڏڪ ته ناهي لڳو.

نشي ۾ ڏُت شيطان وٽشيا وٽ ماءُ جو دل ڪٽي پھتو ته وٽشيا چيو جڏھن تُون پنھنجي ماءُ جو خيرُو نہ آهين ته منھنجو ڪيئن ٿيندين؟ ڪنھن جي ڀڙڪائڻ تي تُون مون کي ٻه ماري ڇڏيندين. مون کي ته تو مان جان ڇڏائڻي هئي ته تون هاڻي غريب ٿي ڇڪو آهين، منھنجي ڪھڙي ڪم جو. اُنھي ڪري اها شرط رکي هئي ته تون ماءُ جي دل نہ ڪيڊي سگھندين. ڇو ته اُها توکي ڪنھن ٻه شيءَ لاءِ منع نہ ڪندي آهي. اي شيطان! هليو وڃ منھنجي اکين جي اڳيان. اهو ڇئي انھي وٽشيا گھر کان ٻاھر ڏکو ڏيئي ڪيڊي

دروازو بند ڪري ڇڏيو. اهو شيطان پنهنجي گهر آيو ماءُ جي لاش تي آلاپ ڪرڻ لڳو. چيو تہ ماءُ! تي سگهي تہ تون مون کي پڳوان جي دربار ۾ بہ مون کي بچائجان. آواز آيو پُٽ! ڪجھ بہ نہ ٿيو، بس توکي خوش ڏسڻ چاهيان ٿي. اُنهي وقت ڪُوٽ جا ماڻهو آيا. ٽاٽي تي اطلاع ڪيو. اُنهي گناهه گار کي راجا قاهي جي سزا ڏني.

راجا قاهي تي چاڑهڻ کان پهرين اُن جي آخري خواهش پُڇي تہ چوڪري چيو تہ ڪجھ شهرين کي گهرايو وڃي. آئون پنهنجي ذميواري کي سيني جي اڳيان بيان ڪرڻ چاهيان ٿو. نگر جا ماڻهو آيا. اُنهي چوڪري پنهنجو ظلم قبوليو ۽ چيو تہ مون مٽيون ظلم ڪيو آهي. منهنجي ماءُ جي آتما بہ آخري دم تائين مون کي سُکيو رکڻ جي خواهش ڪندي رهي. مون کي نشي شيطان ناهي ڇڏيو. وٺشيا سان بُرا تعلقات رکي سماج کي بدنام ڪيو. توهان مون منجهان درس ونجو. جيڪا گهور پاپ مون پنهنجي ماءُ کي پريشان ڪري ڪيو، ڪير نہ ڪري. زال بہ ماءُ جهڙي همدرد نہ ٿي سگهندي، چاهي ڪيتري بہ نيڪ چو نہ هجي. ماءُ پنهنجي اولاد کي ايترو پيار ڪندي آهي تہ سياري ۾ ٻار پيشاب ڪري ڇڏيندو آهي تہ ماءُ خود ان جي پيشاب سان پُسيل ٽڈي ڪپڑن تي سمهندي آهي ۽ ٻار کي هيٺ سُڪل بسترو ڪري ڏيندي آهي. جيڪڏهن ٻار بُک وچان روئي رهيو هوندو آهي تہ کاڏو وچ ۾ ڇڏي اُنهي کي پهرين پنهنجو ڪير پياري مان ڪرائيندي آهي.

"پيءُ ٻارن جي هر ٿيندڙ غلطي معاف ڪري ڇڏيندو آهي"

پرماتما ڪبير جي چيو آهي تہ پيءُ پنهنجي پُٽ ڏيئر جا سڀ گناهه معاف ڪري ڇڏي ٿو:-

اوگڻ ميري باپ جي، بخشو غريب نواج

جو مين پوت ڪپوت هُون، تُو هي پتا ڪو لاج

رام پڳٽ جي پتني وفات ڪري وئي. اُن وقت اُن جو پُٽ ٽن سالن جو هو. اُنهي ماڻهو جي رشتيداري ۾ هڪ اهڙو واقعو پيش آيو هو جنهن اُن کي جهنجهوڙي رکيو هو. ڪٿا هن ريت آهي:-

اُن جو مامو پنهنجي پيٽ يعني رام پڳٽ جي ماءُ کان اٽڪل 10 سال وڏو هو. مامي جا بہ پُٽ هئا. رام پڳٽ جي مامِي گذاري وئي. مامي بي شادي ڪئي. اُنهي مان پُٽ ڄائو. بي زال پهرين واري جي پُٽن سان حسد ڪرڻ لڳي. اهو ويچار ڪيو تہ 15 ايڪڙ زمين آهي. تي ڇٽا ورهائيندا. اُن ڏينهن ٻارن کي شيشو پيهي کير ۽ ماني ۾ کارائي ڇڏيو جنهن سان ٻئي آهستي آهستي بيمار ٿي گذاري ويا. ڊاڪٽر ٻُڌايو تہ ٻار شيشو کائي ويا آهن، جنهن جي ڪارڻ اُن جي موت ٿي آهي. هڪ ڏينهن ان جي زال پاڙي واري کي ٻڌايو تہ مون ايئن ايئن ڪيو منهنجي پُٽ کي 15 ايڪڙ زمين ملي وئي. اُنهي عورت منهنجي ماما کي ٻُڌايو. ماما ننڍي مامي سان تمام گهٽو پيار ڪندو هو ۽ اُن تي اعتبار بہ هو. اُن کي يقين نہ اچي رهيو هو. هڪ ڏينهن ننڍي مامي پنهنجي ٻاءُ کي ٻُڌائي رهي هئي تہ مون ايئن ايئن ڪيو. تنهنجي ٻاٽيجي کي 15 ايڪڙ زمين ملي وئي. اها ڳالهہ منهنجو مامو بہ ٻُڌي رهيو هو چو تہ هو دري جي ٻاهر بينل هو. مامي جي ٻاءُ چيو پيٽ! تو ظلم ڪيو آهي. اُنهي پاپ کي ڪٿي رکندين؟ اڄ ڪانپوءِ تنهنجي شڪل ڏسڻ بہ نہ ايندس. ماما جو دماغ تہ ڪم ڪرڻ ئي ڇڏي ويو. گهر ڇڏي پنهنجي پيٽ جي گهر آيو يعني منهنجي (رام پڳٽ) گهر زندگي گذاري. ڪجھ سال بعد ننڍي مامي مان پيدا ٿيل پُٽ بہ گذاري ويو. اها ننڍي مامي ڪنهن سان گڏ ڀڄي وئي. معلوم ٿيو تہ اُنهي ماڻهو ان جا زيور ڪسي ماري ڪوهہ ۾ اُڇلائي ڇڏي. پوليس کي خبر پئي تہ اُن ماڻهو کي قاهي ڏني وئي. انهي سيئي ناس مهاپارت کي ياد ڪري رام پڳٽ بي شادي نہ ڪئي، چوڪري کي پاڻ سان گڏ رکندو هو. هر هلائيندو هو تہ پُٽ کي ڪُلهي تي ويهاري هلندو هو. ٽڪجي پوندو هو تہ وڻ هيٺ سمهي رهندو هو. خود ماني پچائيندو هو، خود وهنجاريندو هو. ڪپڑا صاف ڪندو. جيئن چوڪرو جوان ٿيو. شادي ڪئي، پوءِ بہ سڄو ڪم پاڻ ڪندو هو. چوڪرو بہ ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائيندو هو. مگر ڏُکيو ڪم پاڻ ئي ڪندو هو. ٻُڌاپو آيو، ڪجھ ڪم نہ ڪري سگهيو پئي. ننهن جو فضول خرچ ٿيڻ لڳو. جنهن جي ڪارڻ پنهنجي سُهري کي رُوکو سُوکو کاڏو ڏيڻ لڳي. پوءِ کاڏو ڏؤ تي بہ نہ ڏيندي هئي. چوڪرو پُڇندو هو تہ پيءُ! شيوا نيڪ ٿي رهي آهي. پيءُ چوندو هو پُٽ! ڪابہ

ڪسر ناهي. وڏي پاڳوان ننهن آئي آهي، منهنجو خاص ڌيان رکندي آهي. اها ڳالهه ننهن به ٻُڌي ۽ وڌيڪ پريشان ڪندي ته منهنجي مڙس کي خبر نه آهي. ٻُڌو به منهنجي چال کان ناواقف آهي. هڪ ڏينهن چوڪري ڏٺو ته پيءُ کي کاڌو صحيح ناهي مليو ته اُن پٽني کي چيو ته پاڪنڊ ڪرڻ لڳي ته گهر ڏسي کاڌو کايو ويندو آهي. توکي گهر جي چنتا ناهي. سڄو گهر مون سان هلي رهيو آهي. مون کي خبر آهي ته گهر ڪيئن هلائڻو آهي. هڪ ڏينهن ٻُڌي کي چڪر آيو ۽ ڪري پيو. ٽنگ ٽٽي وئي. ڊاڪٽر ٻُڌايو ته کاڌو پورو نه ملڻ ڪري جسماني بيماري آهي. ٻنهي وقتن تي اڌ اڌ ڪلو ڪير پياريو، تازو کاڌو کارايو. ڊاڪٽر هليو ويو. پٽني چيو ته ايئن گهر ۾ ڪنگال ٿي ويندا سين. پٽي يعني چوڪر کي به ڳالهه پسند آئي. پوڙهي جي ڪابه پرواهه نه ڪئي. پوڙهي جي ساهُرن وارن کي ڏڪ لڳڻ جي خبر پيئي ته ملڻ آيا. اُنهن پُڇيو پُٽ ۽ ننهن صحيح شيوا ڪن پيا؟ رام پڱٽ چيو ته نه پُڇيو، اهڙا پُٽ ۽ ننهُون سڀني کي ڏي پڳوان. مون کي ڪابه تڪليف نه ٿا هڻڻ ڏين. اها ته ڪنهن ڪرم جي مار سان چوٽ لڳي وئي آهي. اُنهي ڳوٺ ۾ بن پيٽن جي شادي ٿي هئي. هڪ جو رام پڱٽ سان. ٻئي جو پاڙي ۾. جڏهن هُو پنهنجي ٻي چوڪري وٽ ويا ته خبر پيئي ته رام پڱٽ جي ڪابه شيوا نه ٿي رهي آهي. چوڪرو به نڪمو آهي. اُنهي ڳالهه تي ساهُرن وارن کي اعتبار نه آيو. چو ته هو رام پڱٽ جي مُک مان ٻُڌي آيا هئا ته شيوا ۾ ڪا ڪسر ناهي. اها ڪجهه وقت بعد وري رام پڱٽ جي گهر ويا ته اُنهي وقت اُهي پاروٽي ماني پاڻي ۾ پُسائي کائي رهيو هو. اهو ڏسي هُنن کي روئڻ اچي ويو. چوڪري کي گهرايو ۽ چيو ته توکي شرم نٿو اچي. پيءُ آهي، توکي ڪيئن پالي پوشي وڏو ڪيو آهي. چوڪري جي ننهن به اچي وئي. ٻنهي ڇٽن چيو ته اسان ايئن ئي شيوا ڪنداسين. رام پڱٽ چيو، توهان وڃو گهر ۾ جهڳڙو نه ڪرايو. منهنجي قسمت ۾ جيڪو لکيل آهي اهو ملي رهيو آهي. آئون پنهنجي پُٽ کي تڪليف ۾ نٿو ڏسڻ چاهيان. رام پڱٽ جي ڦڦي جو پُٽ به ستسنگي هو. اهو رام پڱٽ کي تمام گهٽو چوندو هو، ڪجهه وقت پڳوان جي پڱٽي ڪندا ڪريو. مون سان گڏ ستسنگ ۾ سنت جا وچن ٻُڌڻ لاءِ هلو ته رام پڱٽ چوندو هو ته آئون پنهنجي پُٽ جي پوجا ڪندس، اها سُڪي رهي، اها منهنجي تمنا آهي. ڦڦي جي پُٽ چيو ته پُٽ جي پوجا پوري ٿي ڇُڪي هجي ته هاڻي ڪري وٺ ڪجهه ڪرم. پوءِ به اُهو چيو ته پُٽ ۽ ننهن کي ڏسي جيئي رهيو آهيان. گهٽو ڪجهه چوڻ کانپوءِ رام پڱٽ پنهنجي ڦڦي جي چوڪري رام نواسي پنهنجي گهر وڃي آيو. اُن جي دوا ڪرائي. سُنو کاڌو کارايو. ڪيترائي مهينا پاڻ وٽ رکيو. رام پڱٽ پڱٽي تي پورو مضبوط ٿي ويو. گهر ۾ ويو ته ٻارن کي چيو پُٽ، ننهن! اڄ تائين مون توهان کان ڪجهه به نه گهريو. اڄ هڪ خيرات گهري رهيو آهيان. توهان مون سان گڏ هڪ دفعو ستسنگ ۾ هلو. اُنهن چيو ته پويان جانورن ۽ ٻارن کي ڪير سنڀاليندو؟ رام پڱٽ چيو ته پُٽ گهر ۾ رهجي ويندو. ڏي ۽ پوٽا پوٽي مون سان گڏ هلو. ايئن ئي ڪيو. جڏهن اُن ننهن ستسنگ جا وچن ٻُڌا. اُتي اچڻ وارن سيني پڱٽن جي شيوا پُراڻا پڱٽ ۽ پڱٽ متي ايئن ڪري رهيا هئا جيئن خاص مهمانن جي گهر ۾ ڪندا آهن. پوڙها، بيمار، معذور، شرڌالوئن جي به خاص شيوا ڪري رهيا هئا. ستسنگ ۾ اهو ٻُڌايو ويندو آهي ته جِيوَ تي رحم ڪرڻ سان پرماتما راضي ٿيندو آهي. ڏکي - بي سهارن جي مدد ڪرڻ انسانن جو اهم فرض آهي.

ديا ڌرم کا مـول هئـ، پاپ مـول اِيمان

کهـ کبير ديالوان کي، پاس رهي پڳوان

رام پڱٽ جي ننهن جنهن پڱٽ متي وٺ وينل هئي. اُن چيو ته اي پيٽ! تُون به ڪجهه شيوا ڪري وٺ.

"ستسنگ وچن" گرووِيو جي ٻُڌائين ٿا ته جيڪو شيوا پڱٽي ڪندو، اُنهي کي ڦل ملندو. آئون کاڌو کائيندس ته منهنجو پيٽ پرجي ويندو. سيئي ساهوارا پرماتما جا ٻچا آهن. توهان امير جا ٻچا سمجهي شيوا ڪريو جيئن امير جي چوڪري 8-9 سالن جي هئي. اُن جي سارسنڀال لاءِ نوڪرياڻي رکيل هئي. هُو اُن چوڪري کي گرمين ۾ اسڪول چڏڻ ويندي هئي ته اُنهي چوڪري جي مٽان چٽي سان چانو ڪري هلندي هئي، خود اُس برداشت ڪندي هئي جنهن سان اُهو شاهوڪار خوش رهندو هو ۽ نوڪرياڻي کي تنخواهه ڏيندو هو. توهان سڀ اها ويچار ڪري پنهنجن ۽ پراين جو ڌيان رکو. سس - سهري جي شيوا نندين وڏن جي شيوا، سيني

جو احترام ڪرڻ، توهان جو اهم فرض آهي. جيڪڏهن توهان پنهنجي سس ـ سهري، ماڻ پيءُ يا ٻين رشتيدارن جي شيوا ڪندا ته پرماتما توهان جي شيوا جو بندوبست ڪندو. توهان پنهنجن ننڍن ننڍن ٻارن کي به ستسنگ ۾ گڏ وٺي ايندا ڪريو. ٻارن ۾ به ننڍي وڏي جي شيوا ڪرڻ، سُڻي وهنوار ڪرڻ جا رواج پوندا. ته ٻار وڏا ٿي توهان جي (ٻُڍاپي ۾) به شيوا ايئن ئي ڪندا. جيئن ڏي هڪ ماڻ پيءُ کي ڇڏي نئين ماڻ (سس) پيءُ (سُهرو) جي گهر ويندي آهي. هاڻي جنم جا ماڻ پيءُ ته ايترا ئي ساٿي هئا. اُنهي پالي وڏو ڪري نئين ماڻ پيءُ کي سونپي ڇڏيو. سس ۽ سهرو جو فرض آهي ته اڇڻ واري ڇوڪرِي کي پنهنجي ڏي وانگر پيار ڏين. فرق خواب ۾ به نئين ڏي ۽ پنهنجي جنم جي ڏيئر ۾ نه ڪريو جيڪا جهڳڙي جي جڙ آهي. ننهن کي گهرجي ته نئين گهر جي پاليسي مطابق پاڻ کي هلائي. ماڻ جي گهر واري برتاؤ کي گهٽ استعمال ڪري. هاڻي ننهن جو گهر ڪُٽنب اهوئي (ساهُرا) آهن.

نصيحت پري ڪٿا:- هڪ ننهن پنهنجي سس کي تمام گهڻي پريشان رکندي هئي. ان کي ٽٽل متي جي برتن جي ٽڪري (نِڪرِي) ۾ ڪاڏو ڪارائيندي هُئي جيئن ڪُٽن کي ڪارائيندا آهيون. ڪڏهن ڪڏهن صاف ڪندي هئي. اُن جي ڇوڪري جي شادي ٿي. ڪجهه وقت گذرڻ ڪانپوءِ سس جي موت ٿي وئي. تڏهن هو پنهنجي ننهن کي چيو ته انهي نڪري کي ٽوڙي ٻاهر اُڇلائي ڇڏ. اها ننهن چوڻ لڳي اي سس جي! توکي به انهي نڪري ۾ ڪاڏو ڏيندس. تو وڏو ظلم پوڙهي سان ڪيو آهي. تڏهن هُو پنهنجي غلطي کي سمجهي روئڻ لڳي. ننهن عقلمند هئي. شام تائين انهي نڪر کي نه ٽوڙيو. سس کي اهو نڪر دشمن ڏسڻ ۾ لڳو. ننهن چيو ته ماڻ جي! مُون ستسنگ ٻُڌا آهن. آئون پنهنجا ڪرم خراب نه ڪنديس. اهو ڇئي نڪر ٽوڙي ڇڏيو. پاپ ڪرم جي ڪارڻ سس کي ڪينسر ٿي وئي. سڄو سڄو ڏينهن رڙيون ڪرڻ لڳندي. ننهن اُن جي شيوا ڪري ڪاب ڪسر نه ڇڏي. پر چوندي هئي ته سس ماڻ! شيوا ته آئون دل و جان سان ڪنديس پر تنهنجي پاپن کي نه آئون ورهائي سگهنديس. اُهي ڏُک ته توهان کي پوڳٽا ئي پوندا. جيڪڏهن ستسنگ ٻُڌا هُجن ته اڄ اهي ڏينهن نه ڏسٽا پون. تڏهن اُن ظالم عورت چيو ته آئون مهاپاپي آهيان. ڇا منهنجو به ڪلياڻ ٿي سگهي ٿو؟ آئون به دڪشا ونڻ چاهيان ٿي. ڇوڪرِي ستسنگي گهر جي هُئي. ان کي خبر هُئي ته دڪشا وٺي پڳتي ڪرڻ سان پاپ ڪرم ناس ٿي ويندا آهن. جنهن جا گهٽا پاپ آهن. پڳتي ڪرڻ سان فائدو به ٽيندو ۽ پاپ گهٽجي ويندا ۽ ايندڙ وقت ۾ وري انسان جنم به ملي ويندو آهي. جيڪڏهن مريادا ۾ رهي آخري دم تائين ساڌنا ڪندو رهي. ستسنگ ۾ گرويو مثال ڏيئي سمجهائيندا آهن ته جيئن ڪنهن جي ڪپڙا گهٽ ميلا آهن ته ٿوري محنت سان ئي نرمل ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن زياده ميل آهي ته به ٽي دفعا صابڻ پاڻي سان ڌوئڻ سان نرمل ٿي ويندا. جنهن وڌيڪ ميلا ڪري رکيا آهن ۽ ٻيا داغ به لڳايا آهن ته به ڊرائي ڪلين سان به صاف ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن صاف ڪرڻ جو ارادو مضبوط آهي ته مستري جا ڪارا ٽيل ڪپڙا به صاف ٿي ويندا آهن. ڇوڪري (ننهن) کي خبر هُئي ته سس مستري واري حالت ڪري رکي آهي. پوءِ پرماتما جي شرڻ سان ضرور لاڀ ٿي ويندو آهي. اُنهي مقصد سان پنهنجي سس ماڻ کي دڪشا ڏياري. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڪينسر ۾ سور گهٽجي ويو. ستسنگ ٻُڌي اُن کي روئڻ آيو ته ماڻ پيءُ جي ننهن ڏيئرن مان ڪهڙيون خواهشون هونديون آهن؟ مون پاپڻ ته سس سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو. مون کي اها بيماري ٽيٽي ئي هئي. جيڪڏهن پهرين اهو گيان ٻُڌڻ لاءِ ملي وڃي ها ته ڇا جي لاءِ اها پاپ ڪربان ها؟ نرمل زندگي گذاريان. سس جي به آتما خوش ڪربان ۽ پنهنجي زندگي سڌل ڪري ونان. متيان وچن ٻُڌي رام پڳت جي ننهن اُن پنهنجي سهيلي (پُراڻي پڳت متي) سان پاڪر پائي زارو قطار روئڻ لڳي. اڌ ڪلاڪ تائين پاڻ کي روڪي نه سگهي. وڌيڪ تسلي ڪانپوءِ سڏڪا روڪيا ۽ پنهنجي سهري سان ڪيل ورتاءُ جو ذڪر روئندي روئندي ڪيو. پنهنجي سهري جي انسانيت به ٻُڌائي ته ڪڏهن به پنهنجي پُٽ کي نه ٻُڌايو ته تنهنجي گهرواري مون سان اهڙو رويو اختيار ڪري ٿي. پُٽ جي پُڇڻ تي اهو چوندو هو ته پُٽ شيوا ۾ ڪنهن به قسم جي ڪمي ناهي. تمام سُڻي گهر جي ڏي آهي، سمجهدار آهي. اسانجو نصيب آهي ته هي پنهنجي گهر آئي. اسان جو ته اُن ڇوڪري (ننهن) گهر وسايو آهي. آئون پاپڻي به اها لفظ ٻُڌي نرم نه ٿيس ڇو ته منهنجي آتما تي پاپ ڪرم جو پردو ڇڻهيل هو، جيڪو به ٽي دفعا ستسنگ ٻُڌڻ ڪانپوءِ پاپ جو ڪاغذ هٽيو آهي. آتما ۾ سُنا خيال پيدا ٿيڻ لڳا آهن. ٽي ڏينهن ستسنگ ٻُڌي پڳت

رام پگت، پوتا، پوتي ۽ ننھن سان گڏ گھر آيو. ٻارن ٻہ اُتي ننڊڙن ٻالڪن کي کاڏو کارايو. پاڻي پيارڻ جي شيوا ڪندي ٻين پُراڻن ستسنگي ٻارن کي ڏسي تہ اُھي ٻہ شيوا ڪرڻ لڳا. گھر ۾ اچي پنھنجي ڏاڏي لاءِ پاڻي جي بالٽي پري ٻڌي پاءُ پيٽ ڪٽي آيا ۽ چوڻ لڳا، ڏاڏا جي! وھنجي اچو. رام پگت چيو تہ ٻچا! تنھنجي پيٽ ۾ سور پوندو ايترو وزن نہ کڻو. آئون پاڻيھي ڪٽي ايندس. ٻار چوڻ لڳا ڏاڏا! ستسنگ ۾ گرو چيو ھو تہ شيوا ڪرڻ سان لاپ ئي لاپ ملندو آھي، ڪوبہ ڏک نہ ٿيندو. اسان ماني کائينداسون تہ اسان جو پيٽ پرجندو. اسان شيوا ڪنداسون تہ اسان کي پُڄ ملندا. جيڪڏھن بيماري ٻہ ھوندي تہ پگتي ۽ شيوا سان ختم ٿي ويندي. اُتي آشرم ۾ ڪيترائي پگت ٻڌائي رھيا ھئا تہ اسان بيمار رھندا ھئا. نام ونڊ ڪانپوءِ جھڙي شيوا ڪري سگھيا، ڪرڻ لڳا. اسان صحتمند ٿي وياسين. ڊاڪٽرن جواب ڏيئي ڇڏيو ھو. ڏسو! اسان جي دوائن جو پرچيون. چار سال کان علاج ھلي رھيو آھي. ھاڻي ڪابہ دوا نہ پيا ڪايون (رگ وید منڈل نمبر 10 سُڪت نمبر 161 منتر نمبر 02 ۾ اھو ئي ثبوت آھي تہ جيڪڏھن روگي مرڻ جي ويجھو اچي ويو آھي تہ يعني اُن کي لاعلاج بيماري ٿي چُڪي آھي. جيڪڏھن اُھو پگتي تي لڳي وڃي تہ پرماتما اُن کي موت جي منھن مان ڪڍي ونی اچي ۽ نيڪ ڪري يقيناً پوري عمر ڏي ڇڏي ٿو. (ليڪڪ)

ايتري دير ۾ ننھن آئي ۽ چيو پيءُ! وھنجي ونو. ڏوتي اُتي ئي ڇڏي ڏجو، آئون پاڻ ڏوئي ڇڏيندیس. رام پگت چيو تہ ڏي! توھان کي گھر جو تمام گھٽو ڪم ڪرٽو ھوندو آھي. ڪاڏو تيار ڪرڻ، پاڻي پرڻ، جانورن کي سنياڻ آھي. آئون پاڻيھي ڏوئي ونندس. منھنجي تنگ ٻہ ھاڻي نيڪ ٿي وئي آھي، بس ٿورو سور رھي ٿو. رام پگت وھنجي ڏوتي بدلائي ڏوتي ڏوئڻ لڳو. اُنھي وقت ٻارن اچي ڏوتي کسي ورتي ۽ ڪٽي اندر پڇي ويا ۽ پنھنجي ماءُ کي ڏني. پوءِ ڪُڙتو ٻہ ڪٽي ويا. ٻيو ڪُڙتو ڪٽي اچي ڏنو، چوڪرو ٻني مان مال جو چارو ڪٽي آيو ۽ پھرين وانگر پيءُ کي ڏنو ۽ بنا ڳالھائڻ جي اندر ھليو ويو. اُن ڏنو تہ پتني نرم حلوؤ تيار ڪري رھي ھُئي. اُن سوچيو تہ ڪو تھوار ھوندو. پوءِ ياڃي ماني ناھي، سڀ کان پھرين گرو پگوان کي ٻہ وٽين ۾ پوڳ لڳايو ۽ پوءِ ھڪ ٿالھي ۾ روتي، ڪٿوري ۾ حلوؤ ۽ ياڃي وجھي پنھنجي سُھري وٽ ڪٽي وئي ۽ چيو پيءُ! ڪاڏو ڪائو. ٻُک لڳي ھوندي، پري کان آيا آھيو. رام پگت چيو ڏي! مون کي اھو ھضم نہ ٿيندو، سُڪل ماني ڪٽي اڇ آئون بيمار ٿي وڃان. رام پگت جي سوچيو ھو تہ سڀي سوچ ۾ اڇ تہ سڀ شيوا ڪندي، مگر چوڪرو ان کي ڏمڪائيندو. ڇو تہ اُن کي ستسنگ جو گيان نہ آھي. ڪٽي گھر ۾ جھگڑو نہ ٿي وڃي. ايتري ۾ چوڪرو ٻہ اچي ويو، پنھنجي زال کي چيو، پيءُ نيڪ ڇئي رھيا آھن. ڪٽي ھل اندر. پيءُ جو ڪمرو گلي تي ھو. ٻارن جي رھڻ جو ڪمرو اندر ھو. پتني چوڻ لڳي چُپ رھو. مون تمام گھٽا پاپ گڏ ڪيا آھن. ھاڻي سھري جي شيوا آئون پاڻ ڪنديس. چوڪرو مان ٿي ويو. رام پگت ٻنھي پوتن کي ٿورو ٿورو حلوؤ ڏنو. ننھن کي ڏيڻ لڳو تہ چيو توھان ڇا ڪائيندا؟ گھر ۾ حلوؤ جام تيار پيو آھي. پيءُ توھان کائو. نہ ڪائيندا تہ منھنجي آتما روئندي. رام پگت جي گرووديو پگوان جو سمرڻ ڪيو ۽ ڪاڏو ڪائڻ شروع ڪيو. ھر روز ننھن خود نرم نرم مانيون گرم ڪٽي پنھنجن ھٿن سان کارائڻ لڳي. ھر روز ڪپڑا صاف ڪري ۽ چوي ، پتاجي! پڇن ڪري وٺ.

ھڪ ڏينھن رام پگت جي ڦڦي جو پُٽ پگت رام نواس آيو. رام پگت ان کي سيني سان لڳايو. ۽ چيو اڙي پاءُ! اسانجو گھر تہ تنھنجي ڪرپا سان سرڳ بڻجي ويو آھي. پگت رام نواسي چيو تہ ماما جي پُٽ رام نواس سان ڪجھ ٻہ نہ ٿيو آھي. گرووديو جي شبد شڪتي جو ڪرشمو آھي. توھان ۽ آئون تہ پھرين گڏ پيا راند ڪندا ھُئاسون. منھنجي ڪرڻ سان ٿئي تہ پھرين ئي ٿي وڃي. گروجي ڇئي رھيا ھئا تہ رام پگت پوئين جنم ۾ پگت ھو. اُن جي گھر جي موھ جي ڪارڻ مريادا ۾ غلطي ٿي ھئي. اُن جي ڪارڻ ايترو ڏُک پوڳيو آھي. ھاڻي ھو مھا ڏکي ٿي چُڪو آھي. تڏھن تو سان گڏ آيو آھي. نہ تہ توھان کيترائي دفعا رام پگت کي پھرين ڇئي چُڪا ھئا تہ ستسنگ ۾ ھل، مگر موھ مايا ۾ انڌو ٿي چُڪو ھو. ھي تڪليف ۽ پُٽن ۽ ننھن جو وھنوار اُن جي لاءِ وردان بڻجي چُڪو آھي.

ڪبير جي چيو آھي تہ:-

سُک کي ماڻي پٿر پڙو، جو نام هردي سي جائي
بلهاري وا ڏُک کي، جــو پـل پـل نـام رٽـائي

ارٿ:- اي پرماتما! ايترو سُک بہ نہ ڏجو جنهن سان توکي وساري ڇڏيون. جنهن ڏُک سان پرماتما جي پل پل ياد رهي، اهڙو ڏک سدائين ڏجو. آئون قربان وڃان اُنهي ڏک تان جنهن جي ڪارڻ پرماتما جي شرڻ ملي.

پڳت رام پڳت جي پڳت رام نواس کي چيو تہ هاڻي ايندڙ ستسنگ ۾ پُٽ پريم سنگھ کي وٺي وڃجان. اُن جو ڪلياڻ ٿي وجي. اڳيون ستسنگ جيڪو هڪ مهيني کانپوءِ ٿيڻو هو. پڳت رام نواس جي آيا ۽ پريم سنگھ کي پنهنجي گھر وٺي وڃڻ جي ٻاهاڻي وٺي ويو. گھر کان ٿي ستسنگ ۾ وٺي ويو. ٿي ڏينهن آشرم ۾ رهيا. ستسنگ ٻُڌو. ٻين پُراڻن پڳتن سان ان جي متي آيل درد ٻُڌا تہ ستسنگ جي رنگ ۾ رڱجي ويو. رام پڳت جو ڪُٽنب هڪدم تبديل ٿي ويو. پڳتي شيوا ڪري ڪلياڻ کي حاصل ٿيو.

"ستسنگ سان گھر جو جھڳڙو ختم ٿيندو آهي"

هڪ عورت پنهنجي ننهن جي هر ڳالھ تي ڪاوڙ ڪندي هئي. ننڍين ننڍين غلطين کي وڏائي ڪري پنهنجي پُٽ کي چوندي هئي. پُٽ پنهنجي پتني کي ڏمڪائيندو هو. اهڙي طرح گھر نرڪ بڻجي ڇُڪو هو. ننهن پنهنجي سس کي ڪڏهن ڪڏهن چوندي هئي تہ توهان ستسنگ ۾ وڃو. توهان جي پاڙيسري عورت بہ ويندي آهي. سس چوڻ لڳي تہ ستسنگ ۾ تہ بدچلت واريون عورتون ويندیون آهن جنهن جي دنيا ۾ ڪا عزت ناهي هوندي. جيڪي سُڻي خاندان جون ناهن. آئون خانداني آهيان. منهنجو ڪهڙو ڪم ستسنگ ۾؟ ايئن ننهن کيترائي دفعا ڪوشش ڪئي پر سس مڃڻ لاءِ تيار ناهي هوندي. هڪ ڏينهن ڳوٺ جي هڪ عورت ڪنهن ڪم جي ڪارڻ اُن جي گھر آئي تہ سس پنهنجي ننهن کي گاريون ڏيئي رهي هئي، ڏمڪائي رهي هئي تہ اڇڻ ڏي تنهنجي مُڙس کي. اڄ تنهنجي ڪَل لاهرائيندیس. ڳالھ ڪهڙي هئي تہ گلاس ۾ چانھ پيل هئي جيڪا سس جي لاءِ گلاس ۾ وڃي ننهن ٻار کي ونڊڻ لاءِ اندر هلي وئي هئي جيڪو سُتل هو، اُٺڻ تي روئي رهيو هو. اُنهي ٻار کي وٺي اڇڻ ۾ هڪ منٽ بہ نہ لڳو هو تہ ايتري دير ۾ ڪُتو آيو ۽ گلاس ۾ پيل چانھ کي چٽڻ لڳو تہ گلاس ڪري پيو ۽ چانھ هارجي وئي.

سس اڳڻ ۾ اُنهي گلاس کان ويھ فوٽ جي فاصلي تي ڪٽ تي وينل هئي، ٽڪل هئي، ٻنين مان گھمي ڦري آئي هئي پر ڪم کي هٽ نہ ڏيندي هئي. اِن ڳالھ تي جھيڙو ڪري رهي هئي. ڳوٺ جي ٻئي پاڙي مان آيل عورت ستسنگ ۾ ويندي هئي. سموري ڳالھ ٻُڌي ان پٽيري (ان سس جو نالو پٽيري هو) کي چيو توهان ستسنگ ۾ هلو. اُن جو اهوئي جواب هو. اُنهي ستسنگ واري پڳت متي گھٽي دير تائين ستسنگ ۾ ٻُڌل ڳالھيون ٻُڌايون، پر پٽيري مڃڻ لاءِ تيار نہ هئي. پٽيري جي ٻي پيڙ انهي پاڙي ۾ پرٽايل هئي. اُنهي کي اها ستسنگ واري عورت مڃائيندي هئي، پٽيري جي پيڙ جو نالو دياڪور هو. جانڪي وڃي دياڪور کي ٻُڌايو تہ تنهنجي پيڙ پٽيري تہ گھر کي نرڪ ڪري رکيو آهي. بغير ڪنهن ڳالھ جي لڑائي ڪندي آهي. آئون ڪالھ ڪنهن ڪم سان ويل هئس، هڪ چانھ جو گلاس ڪُتي کيرايو اُنهي جو مها پارت بڻائي ڇڏيو هو. دياڪور بہ جانڪي جي چوڻ سان ستسنگ ٻُڌڻ وئي هئي ۽ دڪشا ورتي هئي. جانڪي چيو تہ اُن کي جيئن تيئن هڪ دفعي ستسنگ ۾ وٺي هل. جيستائين سنتن جا ويچار ٻُڌڻ لاءِ نہ ملندا تہ ماڻھو اجائي ڳڻتي خود ڪندو آهي ۽ گھر جي پاتين کي بہ چنتا ۾ رکندو آهي. دياڪور اڳئين ڏينهن پنهنجي پيڙ جي گھر آئي. ڪنهن ٻاهاڻي پٽيري کي پنهنجي گھر وٺي وئي. اُتان کان کيتربون ئي ٻيون عورتون ستسنگ ۾ وڃڻ جي لاءِ جانڪي جي گھر جي اڳيان بينل هيون. اها دياڪور کي ستسنگ ۾ هلڻ جي لاءِ چوڻ اُن جي گھرآئي، اُتي ان جي پيڙ پٽيري کي ڏسي ان کي چئي گڏ وٺي وئي. پٽيري پوري زندگي ۾ پھريون دفعو ستسنگ ٻُڌو. آشرم ۾ ڪيئن مرد عورت رهندا آهن، سڀ اکين سان ڏٺو تہ سُڻو لڳو. جيئن ٻکواد ٻُڌندي هئي، اهڙي کابہ ڳالھ آشرم ۾ ڏسڻ ۾ نہ آئي. ستسنگ ۾ ٻُڌايو ويو تہ کيترائي ماڻھو پنهنجيون پيڻون، ڏيئرون، عورتون ستسنگ ۾ نہ ٿا وڃڻ ڏين ۽ نہ ئي خود اچن ٿا. اُهي چوندا آهن تہ اسان جي ستسنگ ۾ وڃڻ سان گھر جي

عزت ختم ٿي ويندي. اسان جون عورتون بدنام ٿي ويندیون. اُنهن کي ويچار ڪرڻ گهرجي تہ ستسنگ ۾ نہ اچڻ سان پرماتما جي قانون جي خبر نہ پوندي تہ پڇتي نہ ڪرڻ وارا مرد عورت اڇئين جنم ۾ تمام وڏي تڪليف پوڳيندا آهن.

سوڪشم ويد ۾ ٻڌايو آهي تہ جيڪي انساني جنم حاصل ڪري پڇتي نٿا ڪن، اُن کي ڪهڙو نقصان ٿيندو آهي؟

ڪبير، هـــري کـي نام بنا، نـاري ڪُـتـيـا هـوءِ
گلي گلي پونکت ڦري، ٽوڪ نہ ڊالي ڪوءِ

سنت غريب داس جي واڻي مان:-

بيبي پـردي رهي ٽي، ڊيوڊي لگي ٽي باهـر
اب گات اُگهاڙي ڦرتي هين، بن ڪُتيا بازار
وي پـردي کي سُوندري، سُنـو سنديشا مـور
گات اُگهاڙي ڦرتي هئہ، ڪرين سرايون شور
نڪ بيسر نڪ پر بني، پهري ٽي هار هميل
سُندري سي ڪُتيا بني، سُن صاحب ڪا کيل

ارٿ:- انسان جيڪڏهن پڇتي نٿو ڪري تہ هُو مرڻ ڪانپوءِ پسو پکين وغيره جي جوڻين کي حاصل ڪندو آهي. پرماتما جي نام جاپ بنا استري اڇئين جنم ۾ ڪُتِي جو جنم ونندي آهي. پوءِ اُگهاڙي جسم گلين ۾ ڀٽڪندي رهندي آهي. بُک مان بي حال هوندي آهي. اُن کي ڪوبہ ماني جو ٽڪرو ڏيڻ لاءِ تيار نہ هوندو جنهن وقت اُها آتما استري روپ ۾ ڪنهن راجا، راڻي يا ڪنهن اعليٰ عهديدارن جي زال هئي. اُهي اُن جي پوئين جنم جي پُڄ جو ڦل هو. جيڪا ڪڏهن ڪنهن جنم ۾ پڇتي ڏرم وغيره ڪيو هو. اها سڀ پڇتي ءِ پُڄ استري جنم ۾ حاصل ڪري ورتا. اُها آتما اونچي گهرن جي ڏي - عورت هئي. تڏهن پردن ۾ رهندي هئي، ڪاجو ڪشمش وجهي حلوؤ ءِ ڪير کائيندي هئي. اُن جو اوبر بچيل نوڪرياڻيون کائيندیون هيون. اُن کي ستسنگ ۾نہ اچڻ ڏنو ويندو هو ڇو تہ هُو اونچي گهر جون ڏيئرون ءِ مايون هيون. گهر مان ٻاهر وڃڻ بيعزتي سمجهندا هئا. وڏن گهرن جي عزت ايتري ۾ مڃي ويندي هئي تہ عورتن کي گهر ۾ پردي ۾ رهڻ اونچو آهي. اُنهي ڪارڻ اُها پُڄ آتما ستسنگ ويچار نہ ٻُڌڻ جي ڪري پڇتي کان پري رهجي ويندي آهي. اُنهي مانش جنم ۾ اُهي استريون گلي ۾ نو نو لک جا هار پهريندیون هيون. اُنهي هارسينگار ۾ پنهنجو جنم سڦل سمجهنديون هيون. پڇتي نہ ڪرڻ سان اُهي هاڻي ڪُتِي جو جنم ونڻي ننگي جسم گلين ۾ هڪ ٽُڪر لاءِ ترسي رهيون هونديون آهن. پهرين شهر۾ مسافر خانا هوندا هئا، مسافر رات ۾ اُن ۾ ترسيل هوندا هئا. صبح جو ماني کائي روانا ٿيندا هئا. اُهي پردي ۾ رهڻ واري سُهڻي عورت ڪُتِي بڻجي ڏرم شالا ۾ ترسيل ياتري جو ڪِريل ٽُڪر کائڻ لاءِ سرائي ۾ پونڪيندي آهي. ماني جو ٽڪرو ڏرتي تي رکيو ويندو آهي. اُن سان گڏ ڪجهہ واري، متي بہ چنبڙي ويندي آهي. اُها سُندري جيڪا ڪاڇن ءِ ڪشمش وارو حلوؤ ءِ ڪير کائيندي هئي، پڇتي نہ ڪندي هئي. اُنهي متي ءِ وارِي وارو ماني جو ٽڪر کائي رهي آهي. جيڪڏهن انسان جنم رهندي پوري سنت کان نام ونڻي پڇتي ڪري ونڻي تہ اُهي ڏينهن نہ ڏسڻا پون.

"پهلو ٻائي جي نصيحت"

هڪڙي راجا پهلو ٻائي جا گيان ويچار ٻُڌا، ڏاڍا متاثر ٿيا. اُن راجا جون ٽي راڻيون هُيون. راجا پنهنجي راڻين کي پهلو ٻائي جي باري ۾ ٻُڌايو. راجا ڪيترائي دفعا پهلو ٻائي پڇتياڻي جي پنهنجي راڻين جي سامهون واکاڻ ڪئي. پنهنجي پٽي جي منهن مان ٻي استري جي واکاڻ ٻُڌي راڻين کي سُنو نہ لڳو. مگر ڪجهہ ڇئي نہ سگهيون. اُنهن پهلو ٻائي کي ڏسڻ جي خواهش ڏيکاري. پهلو ٻائي کي راجا پنهنجي گهر ستسنگ ڪرڻ لاءِ ڇيو تہ پهلو ٻائي ستسنگ جي تٽ ءِ وار راجا کي ٻُڌايو. ستسنگ جي ڏينهن راڻين تمام سٺا ءِ قيمتي ڪپڑا ءِ زيور پاتا. پنهنجي خوبصورتي ڏيکارڻ لاءِ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي. راڻين سوچيو هو تہ پهلو ٻائي

تمام خوبصورت هوندي. پڳتياڻي پهلو ٻائي راجا جي گهر آئي. اُن کي ميرا ڪپڑا پاتل هئا. هٿ ۾ مالا هئي. چهري جو رنگ به صاف نه هو. پڳت متي پهلو ٻائي کي ڏسي ٽيئي راڻيون ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون ۽ چوڻ لڳيون هي آهي اُها پهلو، اسان سوچيو هو ته تمام خوبصورت هوندي. اُنهن جي ڳالهه ٻُڌي پڳت متي پهلو ٻائي چيو ته:-

وستر آپوشڻ تن کي شوپا، يه تن کاچو پانڊو
پگتي بنا بنو گي ڪُتيا، رام پجو ري راندو

ارٿ:- سٺا ڪپڑا ۽ زيور جسم جي سونهن وڌائين ٿا. هي جسم ته فاني آهي جيئن ڪچو دلو هوندو آهي. هي جسم پل ۾ ناس ٿيڻ وارو آهي. ڪهڙي خبر ڪهڙي ڪارڻ، ڪهڙي عمر ۾ ۽ ڪڏهن ڏک اچي وڃي. جيڪڏهن پڳتي نه ڪئي ته اڳئين جنم ۾ ڪُتي جو جنم ٿيندو. پوءِ توهان بنا ڪپڑن جي پٽڪندي ڦرنديون رهنديون. اُنهي ڪري چيو آهي ته "راندو" يعني استربون پڳتي ڪريو. "راند" لفظ بيواهه لاءِ استعمال ٿيندو آهي. مگر عام ريت ۾ عورتون پنهنجن پيارن سهلين کي پيار وچان استعمال ڪنديون آهن. هاڻي تعليم يافته هئڻ جي ڪري اهو لفظ استعمال نٿو ٿئي. پڳت متي پهلو ٻائي ستسنگ ٻُڌايو. ڪبير پرميشور جون ساکيون ٻُڌايون:-

ڪبير؛ رام رتن ڪوڑي پلو، چُون چُون پڑي جو چام
سُندر ديهه ڪس ڪام کي، جا مُک ناهين نام
ڪبيرا؛ نهين پروسا ديهي ڪا، ونش جائي چن مانهين
سوانس سوانس ۾ نام جپو، اور يتن ڪُچ ناهين
ڪبير؛ سوانس سوانس ۾ نام جپو، وڻرٿا سوانس مت کوئو
نه جاني اس سوانس کا، آوڻ هو کي نا هوءَ
غريب؛ سَرَوَ سوني کي لنڪا ٿي، راوڻ سي رڻڌير
ايڪ پلڪ ۾ راج گيا، يم کي پڑي زنجير
غريب؛ مرد گرد ۾ مل گئي، راوڻ سي رڻڌير
ڪنس ڪيشي چاڻور سي، هرٿا ڪش بلبير
غريب؛ تيري ڪيا بنياد هئه، جيو جنم ڏر ليت
غريبداس هري نام بنا، خالي رهه جا ڪيت

پڳتياڻي پهلو ٻائي هن دنيا جي حقيقت ٻُڌائي ۽ پڳتي نه ڪرڻ ڪري ٽيڻ وارا ڏک ٻُڌايا. ننڍڙي راج جي ٽڪري کي حاصل ڪري توهان ايترو فخر محسوس ڪري رهيا آهيو، اها فضول آهي. لنڪا جي راجا راوڻ سون (Gold) جو گهر بڻائي رکيو هو. ست پڳتي نه ڪرڻ سان راج به ويو، سون به هتي رهجي ويو. نرڪ جو پاڳي بڻيو. راجا راڻين اُپديش ونې پڳتي ڪئي ۽ پنهنجي زندگي سڌل ڪئي.

ڪبيرا؛ هري کي نام بنا، راجا رشپ هوءِ
متي لدي ڪمهار کي، گهاس نه نيري کوءِ

ارٿ:- پڳوان جي پڳتي نه ڪرڻ سان راجا گڏهه جو شريو حاصل ڪندو آهي. ڪمهار جي گهر متي کڻندو آهي، گاهه خود جهنگل ۾ کائڻ ويندو آهي.

قرپيچي ٽُو پشوا ڪيجئه، ديجئه بيل بنايه
چار پهر جهنگل ۾ دولي، تو نهين اُدر پرايه

سر پر سينگ ديئي من بوري، ڏوم سي مڇر اُڙاوي
ڪانڊي جوئا جوتي ڪنوا، ڪوندون ڪا پُس ڪاوي

ارٿ:- گڏهه جو شرير پورو ڪري اهو ساهوارو ڏڳي جي جوٽي حاصل ڪندو آهي. انساني جنم ۾ جيوَ کي ڪيترين سهولتون مليل هُيون. بُک لڳندي ئي ماني کائو، کير پيئو، چانهه پيئو، اُڄ لڳي ته پاڻي پيئو. ڏڳتي نه ڪرڻ سان اُهو ساهوارو ڏڳو بڻجي صبح کان شام تائين چارئي پهر يعني 12 ڪلاڪ جهنگ ۾ ڦرندو آهي، هر ۾ هلايو ويندو آهي. ڏينهن ۾ صرف ٻه دفعا کاڏو ڏڳي کي کارايو ويندو آهي. ٻيهر 12 بجي ۽ رات جو. مگر ڏڳي کي وچ ۾ بُک لڳي آهي ۽ چئني طرفن کان چارو ٻيو آهي. مگر کائي نه سگهندو. هاري اُن کي گاهه نه کائڻ ڏيندو. پاڻي ٻه وقت تي ڏينهن ۾ ٻه يا ٽي دفعا پياربو ويندو آهي. سر تي سگ ۽ هڪ پُڇ لڳل هوندي. جڏهن انسان جنم ۾ هو، تڏهن اُهو جيو ڪُولر، پنکا ۽ AC وارن ڪمرن ۾ رهندو هو. هاڻي هڪ پُڇ آهي. اُن کي چاهي ڪُولر جي جڳهه، چاهي پنکي جي بدران ڪم آڻيو. اُنهي سان مڇر اُڏائيندو آهي.

❖ ستسنگ ۾ اهو ٻه ٻُڌايو ٻه ويو ته گهر ۾ جهڳڙي جو ڪارڻ پرماتما جي قانون کي نه سمجهي دنيا جي طريقن ۾ هلڻ آهي. گهر جو ڪوبه پاتي گهر ۾ نقصان ڪرڻ نه چاهيندو. ڪنهن ڪارڻ سان نقصان ٿي ويندي آهي ته اُن کي وٺي جهڳڙو نه ڪرڻ گهرجي. جيڪا نقصان ٿيڻو هو، اهو ته ٿي چُڪو آهي، اها ته نيڪ ٿيڻو ناهي. اجايو جهيڙو ڪرڻ عقلمندي ناهي. جنهن کان غلطي سان ڪو نقصان ٿي ويندو آهي ته اُن کي چوڻ گهرجي اي پُٽ/ڌيئر، ماءُ پيءُ يا سس/ننهن! هي جيڪو ٿي ويو، اهو پنهنجي نصيب ۾ نه هو. توهان ته ڇاڻي واڻي ڪيو ناهي. اُنهي ڪَالهه سان گهر ۾ سُکون قائم رهندو آهي. جهڳڙي سان ڪال واس ڪندو آهي. پوت پريت جو اُنهي گهر ۾ ڏهرو ٿي ويندو آهي. جيڪي جهڳڙو نٿا ڪن، اُهي سُک سان رهن ٿا. جنهن گهر ۾ پرماتما جي پڳتي (آرتي استوتي، جوتي يگيه وغيره) هوندي آهي. اُنهي گهر ۾ ديوتائن جو واس هوندو آهي.

ستسنگ ٻُڌي هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر هليو ويو . ستسنگ ڏينهن جي 12 بجي کان 2 بجي تائين ٿيو. ننهن کي خبر نه هئي ته ساسو ستسنگ ۾ وئي هُئي. اڳئين ڏينهن صبح جو مينهن جو ڪير ڏُهي ننهن اُنهي ڪير جو پريل بالٽي کي چت ۾ لڳل ڪُنڊي واري سريي ۾ هر روز جي طرح ٽنگڻ لڳي. ان کي لڳو ته بالٽي ٽنگجي وئي آهي. مگر سريي جي اُبتي طرف بالٽي جو ڪڙو هو. ننهن سوچيو ته صحيح لڳي ويو آهي ۽ بالٽي چڏي ڏني. بالٽي زمين تي ڪري وئي. ڪير هارجي ويو. آواز ٻُڌي پٽيري آئي. ننهن ڪير جي بجاءِ سس جي طرف مايوسي وچان ڏسي رهي هئي، ڪَالهائڻ نيڪ نٿي سمجهيو چو ته ننهن کي معلوم هو ته اڄ جو سڄو ڏينهن جهيڙي ۾ ويندو. شام جو پٽي ايندو. اُن کان به مارڪٽ ڪرائيندي. اي پرماتما! هي چا ٿيو؟ اهڙي غلطي ڪڏهن به نه ٿي. اي ستگروديو! ڪجهه ته ديا ڪريو. آئون ته توهان جي پڳتي به وساري رهي آهيان. مون کي سڄو ڏينهن سس جا شلوڪ ياد رهندا آهن. پٽيري چيو ڏي! جيڪو ٿيڻو هو، اهو ٿي ويو. اڄ اسان جي نصيب ۾ ڪير آهي ئي ڪونه. چنتا نه ڪر، اُنهي ڪير کي مٽان کان هٽن سان بالٽي ۾ وجهي مينهن کي پياري چڏ. اها چئي جيڪا نام دڪشا ورتي هئي، اُن جو جاپ ڪرڻ لڳي وئي. ننهن کي يقين نه اچي رهيو هو. سوچي رهي هئي ته ماءُ (سس) خبر ناهي ڪهڙي استيشن (ريڊيو آڪاش واڻي) پڪڙي آهي. اُهي ٽڏا لفظ پٽيري جي ٻوري (بارداني) ۾ نه هئا. اُن ۾ بي حيائي پريل هئي. چؤ طرف نڪري رهي هئي. تڏهن به بڙ بڙ جا شعلا نڪرندا هئا. ننهن جو نالو نِشا هو. هو سوچي رهي هئي ته:-

نِشا اڄ راتري ۾ تيري بُري هو گي دشا.

نِشا جي سوچ هئي ته پٽي کي ٻُڌائيندي. هُو ماءُ جي ڪَالهه ٻُڌي منهنجي ڪجهه به نه ٻُڌندو. پلو ٻُرو چوندو. سڄو ڏينهن ۽ رات روئڻ ۾ ويندو. نِشا کير بالٽي ۾ وجهي مينهن کي پياري چڏيو. بالٽي ڏوئي رکي چڏي. پٽيري آئي ۽ چيو ڏيئر! ماني کائي وٺ. چنتا نه ڪر ڏي! آئون ڪالهه منهنجي پيٽ دياڪور سان گڏ ستسنگ ۾ وئي هُيس. منهنجيون ته اکيون ڪُلي ويون. آئون ته تمام گهٽو جهڳڙو ڪرڻ واري هيس. ڏي ٽي سگهي ته معاف ڪجان، اڳ ۾ ٿيو سو ٽي ويو. اڳتي پنهنجي ڏي کي اکين تي رکنديس.

منهنجي اصلي ڏيئر تہ تون آهين. جنم ٿيل ڏي تہ ٻين جي هُئي، اُها هلي وئي. پاڻ ڏُک سُک ۾ پاڳي پائيوار آهيون. هڪ ڏينهن جي ستسنگ تہ منهنجي اک کولي چڏي. ڏي! ايندڙ آچر تي تون بہ هلجان، آئون بہ هلنديس. آهستي آهستي پُٽ کي بہ وٺي هلنديس. نِشا پنهنجي گروديو جو فوٽو ڪپڑي ۾ لڪائي رکيو هو. فوٽو ڪڍي چرٽن ۾ سر رکي چيو تہ اي گروور! اڄ توهان پنهنجي ڏي جي پُڪار ٻُڌي ورتي. گهر سرڳ بڻائي چڏيو. شام جو چتر سنگهہ آيا تہ ماءُ کير هارجڻ جو ذڪر بہ نہ ڪيو. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ چترسنگهہ کي بہ نام ڏيارين. ڪجهہ وقت گذرڻ ڪانپوءِ نِشا جو گروديو اچي ويو. نِشا ٻُڌايو اي گروديو! منهنجي سس تمام سُٺي آهي. اُنهي بہ گرو جو نام وٺي رکيو آهي. پتيري چيو، مهاراج جي! نِشا ڪڏهن بہ نہ ٻُڌايو تہ انهي کان دِڪشا وٺي رکي آهي. اها منهنجي جهيڙي کان ڊجندي هوندي. هاڻي ٻُڌايو آهي تہ جڏهن مون نام ورتو آهي. سُنو ڪيو هِن، جيڪڏهن پهرين ٻُڌائي تہ وڌيڪ ڏکي ڪيان ها ۽ پاپ جي پاڳي بڻجان. نِشا جي گرو چيو، پتيري! تون تہ آسمان مان ڪري ڪجور ۾ اٽڪي وئي آهين چو تہ توهان جي دڪشا شاسترن مطابق نہ آهي. سچي ساڌنا جي بغير موڪش نٿو ٿي سگهي. جيئن بيماري جي صحيح دوا کائڻ سان بيماري کان موڪش ملندو آهي. اهڙي طرح سچي ساڌنا ڪرڻ سان جنم مرڻ جي بيماري کان مُڪتي ملندي آهي. نِشا سوچيو تہ ساسو ناراض نہ ٿي وڃي. اُنهي ڪري وچ ۾ ڳالهائڻ لڳي تہ اي گرو جي! ٻُڌو آهي توهان نئون ڪتاب لکيو آهي. اُها سنگت ڇپائي تيار ڪيو آهي. ڇا توهان وٽ آهي؟ گروجي چيو اي ڏي! توکي ڏيڻ لاءِ آيو آهيان. اهو ڇئي گروجي ٻئي حصي ۾ ويو جتي ترسيل هو. اُتي ٽيلهو رکيل هو. نِشا بہ گڏ وئي ۽ چوٽ لڳي گروديو! ککر جي مک کي نہ ڇيڙ. مشڪل سان سُکون ٿيو آهي. گروجي چيو اي ڏي! هاڻي تنهنجي سس جي پوري لگن پڳتي ۾ آهي. هاڻي مجيندي. گروجي ٿي ڏينهن ترسيا. تتو گيان سمجهايو. پتيري بہ گرو بدلايو ۽ پنهنجو ڪلياڻ ڪرايو. ستسنگ سان گهر سرڳ بڻجي ويو. چارئي طرف سُکون ٿي ويو. جتي گارگند جا سڄو ڏينهن گولا وسندا هئا. هاڻي اُن گهر ۾ پرماتما جي گيان جي گنگا وهڻ لڳي.

پڳت متي نِشا جي گروجي ڪبير پرميشور جي هئا. جيڪي ٻي ويس ۾ ست پڳتي پرچار ڪرڻ لاءِ گهمندا ڦرندا هئا. اُنهي چيو تہ ڪنهن پريو جي پڳتي ڪرڻ گهرجي؟ پڙهو انهي ڪتاب جي باب "پڳتي ڪهڙي پريو جي ڪرڻ گهرجي" ۾.

حاصل مقصد:- پرميشور ڪبير جي ٻُڌايو آهي تہ:-

مـــن نـــيـــكـــي كـــــرلـــــي، دو دن كـا مهـمان (ڏيڪ)
مات پتا تيـرا كُـٹـنـب قبيلا، كوئي دن كا رل مل كا ميلا
انـــت ســمـيـــ اُٹ چـــلـــي اكـيـلا، تـــج مايا مـنـدان (1)
كهان سي آيا، كهان جائيگا، تن چوٹي تب كهان سمائي گا
آخـــر تـجهـــ كـــو كـــون كـهـي گا، گـــرو بـــن آتـم گيان (2)
كـون تـمهـارا سچا سائـي، جـونـي هـئـــ يـ سكل سڳائي
چـلـني سي پهلي سوچ ري پائـي، كهان كـريـگا وشـرام (3)
رهت مال پـنـگهٹ جيُون پرتا، آوت جات پـري كـري ديتا
جُـگـن جُـگـن تُـــو مـــرتا جـيـتا، كـروا لـي كـلـيـاڻ (4)
لـك چوراسي كي سَهي تراسا، اوچ نـيـچ گهـر لـيـتا باسا
كـهـي كـبـيـر سـب مـتـائـون آسا، كـر مـيـري پهـچان (5)

ارٿ:- پرميشور ڪبير جي پنهنجي من کي سمجهائڻ لاءِ اسان کي سُجاڳ ڪيو آهي تہ هن دنيا ۾ بن ڏينهن لاءِ يعني ٿورن ڏينهن لاءِ مهمان آهيو. اُنهي ٿوري انساني جنم ۾ آتم گيان نہ هٿ جي ڪارڻ انيڪ پاپ گڏ ڪري انمول انساني جنم ناس ڪري ويندو آهي. ڏن ڪمائڻ جو طريقيڪار تہ دنيا جا ماڻهو ٻُڌائي سگهن ٿا، مگر گروديو جي کان بغير آتم گيان يعني جيو ڪٹان کان

آيو؟ انساني جنم جو مکيه مقصد ڪهڙو آهي؟ ستگرو ڏارڻ ڪرڻ کان بغير يعني ونڊ بنا جيو جو انساني جنم ناس ٿي ويندو آهي. اها ڳالهه گرو کانسواءِ ڪوبه نه ٻڌائيندو. چاهي ڏرتي جو راجا به بڻجي وڃي. پر آئيندہ ۾ جانور جو جنم ملندو. جنم مرڻ جو چڪر گرو جي گيان ۽ دڪشا منتر (نام) بنا ختم نٿو ٿي سگهي. جيستائين جنم مرڻ جو چڪر ختم نه ٿيندو تہ ٻڌايو آهي تہ:-

يہ جيون رهت کا کنوان لوئي، يا گل بنڌا هئ سب کوئي
کيڑي ڪُنجر اور اوتارا. هرهت ڊور بنڌي ڪئي بارا

ارٿ:- جيئن رهت جي کوهه ۾ لوهه جو چڪر لڳل هوندو آهي. اُن جي مٿان بالٽيون لڳايون ويندیون آهن. پهرين ڊگي يا اُٺ سان هلائيندا هُئا. جيئن گهاٽو اُٺ يا ڊگي سان هلايو ويندو آهي. (پهرين وڌيڪ هلائيندا هُئا). رهٽ جي بالٽي هيٺ کوهه مان پاڻي پري ايندي آهي مٽي خالي ٿي ويندي آهي. اهو چڪر سدائين هلندو رهندو آهي. اهڙي طرح زمين روپي کوهه مان پاپ ۽ پُڃ جي بالٽي پري مٽي سرڳ، نرڪ ۾ خالي ڪئي. اهڙي طرح زمين روپي کوهه مان پاپ ۽ پُڃ جي بالٽي پري مٽي سرڳ، نرڪ ۾ خالي ڪئي. اهڙي طرح جنم مرڻ جي چڪر ۾ جيو سدائين رهندو آهي. مٿئين شبڊ ۾ اهو سمجهايو آهي تہ دنيا ۾ ڪُٽنب، ڌن سيئي ڇڏي ڪري هڪ ڏينهن اڪيلو هليو ويندين. پوءِ ڪٽي ٻئي هنڌ جنم ونڊي اها ئي ڪربا ڪري هليو ويندين.جيڪڏهن توهان گهر کان ڪنهن ٻئي شهر ويندا آهيو تہ وڃڻ کان پهرين پڪ ڪندا آهيو تہ اُتي ويندا سين. اُن کان پوءِ ڪٽي آرام ڪندا سين. اي جيو! چوراسي لک قسم جي ساهوارن جي جسم ۾ تڪليفون برداشت ڪندو آهين. مرندو ـ جمندو (نئين ساهواري جو جنم ونندو) آهين. ڪڏهن راجا بڻجي وڏو ٿي ويندو آهين. ڪڏهن ڪنگال بڻجي نيچ سڏبو آهين. پرميشور ڪبير جي سمجهائي رهيا آهن تہ اي پراڻي! تون مون کي سَجاڻ. آئون قادر پرماتما آهيان. آئون توهان جا سيئي جنم مرڻ جا جهنجهٽ ختم ڪري ڇڏيندس.

(شبڊ نمبر 02)

نام سمرلي سُکرم ڪر لي، ڪون جاني ڪل ڪي، خبر نهين پل ڪي (ٽيڪ)
ڪوڑي ڪوڑي مايا جوڑي، بات ڪري چل ڪي
پاپ پُڃ ڪي بانڊي پوٽريان، ڪيسي هووي هلڪي (1)
مات پتا پريوار پائي بنڊو، تريا مطلب ڪي
چلتي بربان ڪوئي نه ساٿي، يہ ماڻي جنگل ڪي (2)
تارون بيچ چندرما جيُون جهلڪي، تيري مهما جهلا جهل ڪي
بني ڪُوکرا بشڻا کاوي، اب بات ڪري بل ڪي (3)
يہ سنسار رين ڪا سپنا، اوس بوند جل ڪي
ستنام بنا سيي ساڌنا، گارا دل دل ڪي (4)
انت سميہ جب چلي اڪيلا، آنسو نين ڍلڪي
ڪهه ڪبير گهه شرڻ ميري، هو رڪشا جل ٽل ڪي (5)

ارٿ:- پرماتما ڪبير جي ٻڌايو آهي تہ اي پُليل انسان (مرد/عورت)! پرماتما جو نام جاپ ڪر ۽ شُبه ڪرم ڪر. خبر ناهي ڪالهه يعني آئيندہ ۾ ڪهڙو واقعو پيش ٿيندو. هڪ پل جي به خبر ناهي.

ڌن ميڙڻ ڏکي ڪرڻ کانسواءِ ٿي نٿو سگهي جنهن مان ڪجهه ڏرم تي خرچ ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح پاپ ۽ پُڃ جون به ڳڻڻيون ٻڌي ورتيون. اُهي ڪيئن هلڪيون ٿين؟ پاپ نرڪ ۾، پُڃ سرڳ ۾. ماءُ پيءُ، ياءُ، زال، وغيره وغيره ڪُٽنب وارا پنهنجي پنهنجي مطلب جون ڳالهيون سوچيندا آهن. پوئين جنمن جي ڪارڻ ڪُٽنب روپ ۾ ڳنڍيل آهيون. جنهن جنهن جو وقت پورو ٿيندو، ڏيتي ليتي ختم ٿي ويندي تہ اُهو جلد ڪُٽنب ڇڏي هليو ويندو. جيئن ريل گاڏي ۾ڊبو پريل هوندو آهي جنهن جنهن جتي

جتي جو تڪيت وٺي رکيو آهي. اُتي اُتي لهي ويندا آهن. هي ڪُٽنب ريل جي ڊبي جي طرح آهي، موت ڪانپوءِ اهو جسم متي ٽي ويندو آهي. اُنهي وقت تنهنجو ڪوبہ ڪُٽنب جو فرد گڏ نہ هوندو.

هڪ همراہ پنهنجي پٽني سان تمام پريم ڪندو هو، پوڙهو ٿيو تہ اُن جو موت ويجهو هو. اُن پنهنجي زال کي چيو تہ تون مون سان گڏ هلندين. هُن جلد منع ڪئي تہ "نہ آئون نہ مرنديس تو سان گڏ، تو کان ٽي سال ننديي آهيان". پوڙهي کي اُن وقت ڏاڍو صدمو رسيو. اُن پنهنجي زال سان ڳالهائڻ بہ بند ڪري ڇڏيو. ويجهي اچي تہ منهن موڙي ڇڏي. ڳالهائي ڪجهہ بہ نہ. 60 سال جي سات ۾ اُنهي پوڙهي کي پهريون دفعو احساس ٿيو تہ ڪوبہ ڪنهن جو ناهي. جيڪڏهن اُنهي پوڙهي کي سمجهہ هجي ها ۽ اصلي پريم هجي ها تہ چوي ها تہ مون کي بہ گڏ وٺي هلجو. پوڙهي کي ڇا گڏ ڪٽي وڃڻو هو. اُن جو من تہ خوش ٿي وڃي. آساني سان مري وڃي ها. وقت کان پهرين پوڙهي کي ڪير ماريندو؟ اُنهي مان ثابت آهي تہ حقيقي پريم جون ڳالهيون تہ پري جي ڳالهہ آهي. سيئي لالچ خاطر جُڙيل آهن. اي انسان! پوئين جنمن جي جپ تپ ۽ ڏرم سنسڪار سان موجود وقت ۾ وزير، وزير اعليٰ، وزير اعظم يا اعليٰ عهدي تي آفيسر بڻجي اهڙي سوڀيا ڏيئي رهيا آهيو جيئن رات جو تارن جي وچ ۾ چند جي سونهن هوندي آهي. جيڪڏهن ستسنگ ويچار نہ ٻُڌا تہ آتم گيان جي بنا پرماتما جي پڳٽي نہ ڪري ايندڙ جنم ۾ ڪُتو بڻجي بشتا (گوبر، گند) کائيندو. هينئر تُون پنهنجي طاقت يعني جسماني قوت، عهدي جي طاقت جون ڳالهيون ڪرين ٿو. پوءِ جانور بڻجي مهان ڏک پوڳيندين.

غريب؛ نر سيتي تُو پشوا ڪيجئہ، گڏا بيل بنائي

چپن پوگ ڪهان من بوري، ڪُرڙي چرني جائي

دنيا ۾ تنهنجي زندگي ايئن آهي جيئن صبح جو ماڪ جي ڦڙن وارو بوند گاهہ تي چمڪندي رهندي آهي. جيڪا ڪجهہ وقت ۾ ختم ٿي ويندي آهي. اُنهي ڪري پورڻ ستگرو کان ست نام يعني سچو نام جاپ منتر وٺي پڳٽي ڪري جيو جو ڪلياڻ ڪرائي وٺ. سچي شاسترن مطابق پڳٽي منترن کان علاوه سپني شاسترن جي اُبتڙ ساڌنائون تہ متي جي ڀار جي برابر آهن. ڪيڙ جي بجاءِ ٻيڙي ڦاسائيندي آهي. اُها ساڌنا پرميشور ڪبير جي وت هئي ۽ ڪجهہ سنتن کي بہ پرميشور ڪبير جي ٻُڌائي هئي. مگر اُنهن کي ٻين کي ٻُڌائڻ جي منع ڪيل هئي. موجود وقت ۾ (سنہ 1997ع کان) مون داس (رامپال داس) وٽ آهي. مون کان علاوه موجود دؤر ۾ ڪنهن بہ سنت يا گرو وٽ شاسترن جي ثبوتن وارا پڳٽي منتر نہ آهن. اچو دکشا وٺو ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي ڪُٽنب جو جيون سڦل بڻايو. جيڪڏهن توهان مون (رامپال) کان علاوه ڪنهن ٻئي پنٿ جي سنت يا گرو کان دکشا وٺي تہ اها ڳالهہ ٿي آسمان مان ڪريا کجور ۾ اٽڪيا. گهر جا رهندا نہ گهاٽ جا.

آئون (ليکڪ) پهرين ڳوٺ ڳوٺ ۾ ستسنگ ڪندو هئس. منهنجا ستسنگ ٻڌندا جيڪي آتما کي ڇُهي وڃندا آهن، مون کان نام دکشا نٿا وٺن، ٻين پڳٽن کان دکشا وڃندا هئا، اُتان کان ڪوبہ فائدو نہ ٿيو. مون کان دکشا ورتي تہ سُڪيا ٽي ويا.

متي ذڪر ڪيل ستسنگ وچن مان نچوڙ نڪري ٿو تہ جيڪڏهن ستسنگ جا ويچار ٻُڌڻ لاءِ ملي وجن تہ گهر سرگ بڻجي ويندو آهي. اُن جي بغير نرڪ جهڙي زندگي گُذارڻي پوندي آهي. اهڙي طرح دنيا جو پار ٽي سگهي ٿو. سيئي پريمي پيار سان زندگي بسر ڪري موڪش حاصل ڪري سگهن ٿا. اهو تمام لازمي آهي.

"موجود وقت جون ڪجهہ سچيون ڪٿائون"

(نوٽ:- هينئين ڪٿا هتي ۽ باقي ڪٿا صفحو نمبر 251 تي پڙهندا)

"پڳٽ سُريش جي اُجرِيل ڪُٽنب کي آباد ڪيو"

ڳوٺ ڊيگهل، پانا ڳنجا پڳٽ جو نالو سُريش اهلاوت ۽ پڳٽ متي جو نالو يش ونتي.

ڊيگهل ڳوٺ گواهه آهي ته پڳٽ سُريش شراب، سُلفي، تماڪ جو تمام گهٽو عادي هو. گهر جي حالت بگاڙي رکي هئي. پيٽ يش ونتي (سُريش جي گهر واري) لاعلاج بيماري ۾ مُبتلا هُئي. ٻه چوڪرا ننڍي عمر جا هئا جيڪي پيءُ کي گهر ۾ ايندو ڏسي لڪي ويندا هئا. گهر ۾ جهڳڙو هوندو هو. ادي يش ونتي جو هڪ پاءُ هرياڻا پوليس ۾ DSP هو جيڪو هاڻي رٽائرڊ ٿي چڪو آهي. نالو آهي پڳٽ راجيندر سنگهه راني، ڳوٺ پاپڊوگا. اُنهي پنهنجي پيٽ جي علاج ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي هئي، مگر فضول وئي. منهنجو هڪ پڳٽ جيڪو هرياڻا پوليس ۾ نوڪري ڪري رهيو هو. اُهو آريا سماج جي مهان پرچارڪ شري جوهري سنگهه جو پُٽ آهي (ڳوٺ جسرانا ضلع سونيپت) ان سان گڏ منهنجو ننڍو پاءُ مهندر سنگهه به هرياڻا پوليس ۾ نوڪري ڪندو هو. جنهن کي سنه 2016 ۾ رٽائرڊ ٿيڻو هو. مگر عام پلائي جي مقصد کي سمجهي سنه 2005ع ۾ رٽائرڊ ٿي مون سان گڏ هٽ وندائي رهيو آهي. منهنجو پاءُ SP روهتڪ جو ڊرائيور هو. پڳٽ جئبير ملڪ DSP ججهر جو ڊرائيور هو. ٻئي جڏهن ملندا هئا ته منهنجو پاءُ اُن سان گيان چرچا ڪندو هو. پهرين ته آريا سماجي هئڻ جي ڪارڻ پڳٽ جئبير ته تمام ڏکي ٿيو. پنهنجن آريا سماج وارن سان مليو، پر آخر ۾ سچ کي اکين سان ڏسي مڃي ورتو ته سچائي اها ئي آهي. اُن سنه 1994ع ۾ مون کان دڪشا ورتي. سنه 96 - 1995 تائين پڳٽ راجيندر سنگهه راني ججهر ۾ نوڪري ڪري رهيو هو ۽ جئبير جي اُن جو ڊرائيور هو. پڳٽ راجيندر جو هڪ پاءُ پوليس ۾ نوڪري ڪندو هو. ادي يش ونتي واري بيماري اُن کي هئي. جنهن جي ڪارڻ سنه 1995ع ۾ انتقال ڪري ويو. ڊرائيور جي ناتي پڳٽ جئبير جي به DSP سان گڏ اُن جي گهر ويو. سڀ حالات کان واقف ٿيو. واپس اچڻ تي هڪ ڏينهن جئبير جي DSP صاحب کي عرض ڪيو ته توهان پنهنجي ڪُٽنب کي بچائڻ چاهيو ٿا ته سنت رامپال جي کان دڪشا ونو. پهرين ته نه مڃيو، پر ترائي ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي پيٽ يشونتي کي پنهنجي ننڍي پاءُ سڪوير سان گڏ دڪشا ڏيارڻ موڪلي. هي داس (رامپال داس) زراعت جي شعبي ۾ جونيئر انجنيئر (J.E) جي عهدي تي فائز هو. گرو جي حڪم سان دڪشا ڏيڻ ۽ پرچار ڪرڻ ۾ لڳي ويس. مقصد کان واقف ٿي عام پلائي ۽ دنيا جي خير ۾سنه 1995ع ۾ نوڪري تان استيفيٰ ڏيئي پرچار ڪرڻ ۾ لڳي ويو هئس. (استعيفيٰ هرياڻا سرڪار طرفان قبول آهي) ڳوٺ ڳوٺ ۾ سنت غريب داس جي مهاراج جي واٽي جو اڪنڊ پاٺ ڪندو هئس. ستسنگ ڪندو هئس. ٽي ڏينهن اها ڏرمي ڪريا هلندي هئي. گيان سمجهائي بُرائي ڇڏائي دڪشا ڏيندو هئس. جنهن جي ڪارڻ دهلي ۾ اُپديشي پڳٽ جگديش داس جي گهر پاٺ هلي رهيو هو. پڳٽ جگديش به پهرين نمبر جا شرابي، شراب پيئندڙ هئا ۽ DTC دلي ۾ نوڪري ڪندو هو. اُن جي پتني جي لاعلاج بيماري به داس کان دڪشا ونڻ ڪانپوءِ نيڪ ٿي وئي هئي. ڪندڙ پرماتما آهي، اُن جي شڪتي سنت جي ذريعي ايندي آهي. جيئن تار ذريعي بجلي ايندي آهي. تار بجلي نه آهي. اهڙي طرح سنت پرماتما پلي نه آهن پر تار ضرور آهن. اُنهي وقت ادي يشونتي جي زبان ڪم ڪرڻ ڇڏي وئي هئي. هو گونگي ٿي ڇُڪي هئي. سُڪوير جي پنهنجي پيٽ کي گڏ ونڻ شام جي وقت پڳٽ جگديش جي گهر آيا. مون کي سيئي مُصيبت ٻُڌائي. اُهي سيئي پاءُ پيٽ رات جو ستسنگ ٻُڌي اُتي ترسيا. ادي يشونتي کي نام ڏنو، پرساد کارايو. صبح جو اُٺندي پنهنجي پاءُ کي چيو پاءُ! آئون ڳالهائڻ لڳي وئي آهيان، آئون نيڪ ٿي وئي آهيان. اها چمتڪار ڏسي ٻئي پاءُ پيٽ موجود ماڻهن (جيڪي ستسنگ ٻُڌڻ ۽ پوڄ لڳڻ وقت آيا هئا) کي ٻُڌائي رهيا هئا ته ڪمال ٿي ويو. اُن ڪانپوءِ DSP صاحب ۽ سڄي ڪُٽنب ۽ رشتيدارن دڪشا ورتي. اڄ سڀ خوشحال آهن. پڳٽي ڪري رهيا آهن. پڳٽ سُريش پهرين نمبر جو شرابي هو، پنهنجي زال کي نيڪ ٽيندو ڏسي ستسنگ ۾ اچڻ لڳو. شراب ۽ ٻيا سڀ نشا ڇڏي نام ونڻ سُڌري ويو. اُنهي وقت تائين ڪوبه آشرم نه ناهيو هو. ڳوٺ ڳوٺ ۾ پرچار ڪيو ويندو هو. اڄ به يشونتي جي پوري ڪُٽنب جي سموري ڊيگهل ڳوٺ ۾ مثال آهي. سُريش چوڌري پڳٽ بڻجي ويو. سڄي بُرائي ڇڏي ڏني. ٻئي چوڪرا دهلي پوليس ۾ هڪ ئي ڏينهن ۾ سپاهي پرتي ٿي ويا. ماڻهن کي لڳو ته پئسا ڏيئي پرتي ڪرايا هوندا. مگر سچ اهو آهي ته هڪ به روپيو ڪنهن کي به نه ڏنو. توهان

خود جانچ ڪري سگھو ٿا. ٻنهي ڇوڪرن جي شادي ۾ هڪ رپئي کان وڌيڪ ڪجھ به نہ ورتو، اهو به جانچ جو موضوع آهي. اهڙا اهڙا انيڪ مثال آهن. اها ڪهاڻي ٻڌائڻ جو منهنجو مقصد اهو آهي ته جيئن گيتاجي اڌياءِ نمبر 16 شلوڪ نمبر 23 ۽ 24 ۾ ڇيو آهي ته شاسترن جي طريقيڪار کي ڇڏي من مرضي وارن نمونن ڪرڻ وارن کي ڪابہ لاپ پرماتما کان نہ ملندو. شاسترن مطابق پڳتي ڪرڻ سان پرماتما جي شڪتي سان نہ ٽيڙ جوڳا ڪم به ٿي ويندا آهن. موڪش به ملندو آهي. رگويد منڊل نمبر 10 سُڪت نمبر 161 منتر نمبر 2 ۾ ثبوت آهي ته پرماتما جي پڳتي ڪرڻ واري جي لاعلاج بيماري به ناس ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن روڳي موت جي قريب پهچي ڇُڪو آهي ته ست پڳتي ڪرڻ واري کي صحتمند ڪري پرماتما سؤ سيڪڙو عمر ڏي ٿو يعني پڳت پوري عمر جيئرو رهي ٿو.

جيئن پهرين بجلي جي سهولت نہ هئي ته اتو هٿ سان هلڻ واري چڪي سان ماءُ-پيٽون پيهنديون هُيون. مرد ماڻهو هٿ سان ڪرمي (تيز ڇُرو) سان جانورن جو چارو (ڪانا) ڪُتر ڪندا هئا. پوءِ هٿ سان هلائڻ واري مشين ايجاد ٿي. اهو به مشڪل ڪم هو. موجود دور ۾ بجلي جي شڪتي سان اٽي واري چڪي هلندي آهي. مشينون (ڪانا ڪُتر ڪرڻ واريون مشينون) هلنديون آهن. ناممڪن ڪم ممڪن ٿي رهيو آهي. جلدي ۽ بهترين ٿي رهيو آهي. بجلي جو قانوني طور ڪنيڪشن ونڊو هوندو آهي. بجلي جي مربادا جو پالڻ ڪرڻو پوندو آهي. نہ ته سُک ڏيندڙ بجلي ناس جو سبب بڻجي ويندي آهي. اهڙي طرح پرماتما جو ڪنيڪشن ونڊو پوندو آهي ۽ پرماتما جي مربادائن جو پالڻ ڪرڻو پوندو آهي. تڏهن سڀ سُک ۽ موڪش پرماتما ڏيندو آهي. مربادا ڀنگ ٽيڙ سان پرماتما جي شڪتي اچڻ بند ٿي ويندي آهي. سڀئي سهولتون ملڻ بند ٿي ويندیون آهن. ڏيگهل ڳوٺ جي ماڻهن اُن کوڙن آچارين جي ڳالهہ کي سچ سمجهي ڪرونٽا آشرم ۾ پنهنجي ڳوٺ وارن کي وڇڻ ڪان روڪيندا هئا ته پڳت سُريش جي ۽ ادي يشونتي جي هٿ ٻڌي ڳوٺ جي اُنهن ماڻهن کي چوندا هئا ته گام ـ رام، ماربو چاهي چڏي ڏيو، اسان آشرم ۾ وڇڻ بند نہ ڪنداسين. اسان جو گهر اُتان کان آباد ٿيو آهي، نہ ته اڄ اسان اُجڙي وڃون ها. پرماتما اُن جي سچي پڳتي جو قل به اهڙو ئي ڏي رکيو آهي. پڳت سُريش جو موبائيل نمبر 9034029495 آهي.

"ستسنگ نہ ٻڌڻ سان سڀ ڪجھ ناس ٿيو"

ڪبير، رام نام ڪـــڙوا لاگي، ميني لاگي دام
دُوئيڏا ۾ دونون گئي، مايا ملي نہ رام

پنجاب صوبي ۾ منهنجي (رامپال داس جي) پوئڙ گروديو جي جو آشرم "تلونڊي پائي جي" نالي قصبي ۾ آهي، اُن جي ست لوڪ وڇڻ ڪانپوءِ اُن جو داس (رامپال داس) مهيني جي ٻئي آچر تي ستسنگ ڪرڻ ويندو هئس. منهنجي گروديو جي جا ڪجھ شش تلونڊي پائي جي قصبي جا سيٺ به آهن. اُن جا رشتيدار جمعي تي هڪ پوڙهي جي مرڻ تي تعزيت ڪرڻ ڪُٽنب سميت آيل هو. اُهي چنچر به بجي ڪانپوءِ ٻنپهرن جو پنهنجي گهر چندي گڙهہ وڇڻ لڳا ته ستسنگي رشتيدار اُن کي چيو ته اڄ به اجان ترسو، صبح جو 8 کان 10 بجي ستسنگ ٿيندو. توهان ستسنگ ٻُڌي پرساد وٺي وڃجو. رشتيدارن چيو ته سياڻي آچر جو هڪ پارٽي ايندي. ٻه بجي اُن سان منهنجو اقرار نامو ٽيڙو آهي جنهن سان مون کي پنج لک جو فائدو ٿيندو. اهو واقعو سنہ 1998ع جو آهي ستسنگ وارن چيو ته توهان آچر جو 11 بجي صبح جو ويندا ته به توهان وقت تي پهچي سگھو ٿا. فون ڪري اُنهن کي واقف ڪري چڏيندا‌سين ته ڪجھ دير سان اچي ويندا. مگر اُهو نہ مڃيو. اُن جي ڪُٽنب ۾ ڪُل چار ياتي هئا. زال ۽ ڏي پُٽ ـ چارئي پنهنجي ماروتي ڪار ۾ سوار ٿي چندي گڙهہ وڇڻ لاءِ چنچر جو روانا ٿي ويا.

چندي گڙهہ کان ٽورو پهرين امبالا شهر وٽ هڪ بجري پربل ٽرڪ خراب حالت ۾ بينل هئي، اُن جا پويان ٽائر کڏي چڏيا هئا. جئڪ لڳل هو. مايا جي لالچي کي صرف پنج لک جو فائدو ئي نظر اچي رهيو هو. ڪار تيز رفتار سان هلائي رهيو هو. ڪار اُنهي بجري جي پربل ٽرڪ جي هينيان وڃي لڳي ۽ جئڪ نڪري ويو. سمورو پربوار دٻجي ويو. تمام گهٽي افسوس سان چوٽو ٿو

پوي تہ جيڪڏهن ستسنگ ٻڌڻ جي لاءِ ترسي پون تہ اها ناس نہ ٿئي. مايا جي بغير ڪم هلي ويندو پر ڪايا (جسم) جي بنا ڪم نہ هلندو. ڇو تہ جسم آهي تہ پرماتما جي پڄڻي ڪري آتم ڪلياڻ ڪرائي سگهجي ٿو. پرميشور ڪبير جي سُجاڳ ڪيو آهي تہ:-

ڪبير، رام نام ڪــڙوا لاگي، ميٺي لاگي دام

دُوئيڏا ۾ دونون گئي، مايا ملي نہ رام

اُنهي ڪري اي ڀاءُ ڀينرو! ستسنگ جي طرف شوق رکو، آتم ڪلياڻ ڪرايو ۽ جيئڻ جي راهہ کي آسان بڻايو.

"ستسنگ ۾ اچڻ سان وڏي مصيبت ٽري ويندي آهي"

ڪبيرا، سنت شــرڻ ۾ آني سـي، آئي ٽلي بلا

جي پاڇيہ ۾ سولي هو، ڪانٽي ۾ ٽل جا

هڪ ڳوٺ ۾ سنت جو آشرم هو جيڪو ڳوٺ کان لڳ ڀڳ ٻہ ڪلوميٽر جي فاصلي تي هو. اُن ڳوٺ جا ڪيترائي ڪُٽنب اُنهي سنت جا شش هئا. سنت سال ۾ صرف ٻہ دفعا اُن آشرم ۾ ايندا هئا. اُن سان گڏ ڪجهہ گڏ رهندڙ شش ٻہ ايندا هئا. اُهو سنت پنهنجي منڊل سان هرهڪ بار ٻہ مهينا اُنهي آشرم ۾ رهندو ۽ پوءِ ٻئي آشرم ۾ هليو ويندو هو. سنت جي پنهنجي پروگرام مطابق بن مهينن لاءِ آيل هو. اُن ڳوناٽن پڄڻن جي ڪائڻ جو انتظام پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ ڪري رکيو هو. هڪ ڪُٽنب هڪ ڏينهن جو ڪاڏو آشرم وارن کي گهر کان تيار ڪرائي ڪٽي اڇي ڪارائيندا هئا. هرهڪ پڄڻ جي خواهش هوندي هئي تہ پنهنجي گروديو جي ڪي اُتم ڪاڏو ڪيرٽي پاڇي ماني کارايون. هڪ ڪُٽنب جي ڪاڏي ڪارائڻ جو ڏينهن هو. اُن ڏينهن ڪير خراب ٿي ويو. اُن عورت جو نالو ڪستوري هو. اُن جي پاڙي ۾ هڪ ڪُٽنب هو . جنهن ۾ صرف ٻہ ڇٽا ماڻُ ۽ پُٽ هئا. ڪارڻ اهو هو تہ انهي ادي رامون جي مڙس جو موت اُن وقت ٿي جڏهن ڇوڪرو ٻن سالن جو هو. اُن ڀيڻ هڪ واقعو ڏٺو هو تہ اُن جي ڪُٽنب ۾ ٻي دادسري جي ستسنگ ۾ هڪ عورت بيواهہ ٿي وئي هئي. هڪ پُٽ ٿي سال جو هو. اُن پنهنجي ڏير سان شادي ڪري ورتي. ڏير ٻہ پهرين شادي شده (married) هو. ڏير مان اُن کي هڪ پُٽ پيدا ٿيو. ڏير ۽ ڏيراڻي ان سان مزور جي طرح سلوڪ ڪندا هئا. رُکو، سُکل پاروٽو ٽُڪر پهرين ماڻُ ۽ پُٽ کي ڏيندا هئا. جنهن جي ڪري ڇوڪري جي وڏي ٿيڻ تي خودڪشي ڪرڻي پيئي. هو ٻہ ڇرين وانگر الاهي ڪيڏانهن هلي وئي. (سڀ ڏير ـ جيٺ بُرا ناهن هوندا) اُنهي واقعي کي ياد ڪري اُن رامون ادي جيٺ يا ڏير سان شادي نہ ڪئي. (لتو نہ پهريو) پنهنجي پُٽ ڪرمپال کي پالي سنيال ڪئي، محنت مزوري ڪئي. ڪجهہ زمين ٻہ هئي. اُنهي ۾ محنت ڪري ڳئون مينهن کي پالينديو هئي. پنهنجي پُٽ کي سُنو گيهہ ـ کير وغيره کارائيندي پياريندي هئي. وپچار ڪندي هئي تہ پُٽ جلد جوان ٿي ويندو. اُن جي شادي ڪرائيندس. هي پنهنجي ڪم کي سنيالي ونندو. آئون سُک جي زندگي گهاريندس. مگر ستسنگ بنا گيان نہ، گيان ستگرو ڏي ٿو. پڄڻي بنا جيو سُکي نٿو ٿي سگهي. چاهي ڪيترو ٻہ شاهوڪار ڇو نہ هجي سر تي پيءُ جي ڇانو نہ هئي، پُٽ ماڻُ جي لاڏ ڪوڏ سان خراب ٿي ٿيندو آهي. ماڻُ جو لڇڻ پنهنجي اولاد کي سيئي سُک ڏيڻ هوندو آهي. ڇوٽي آهي تہ بيواهہ جو پُٽ ۽ وانديو جي ڏي بگڙجندي آهي. سبب اهو آهي تہ پيءُ ڪم ڪار جي ڪري ڏي جي چل چلت تي ڏيان نہ رکي سگهندو. ماڻُ پُٽ جي چال چلت تي ڏيان نہ رکي سگهندي. ڏي کي تہ پاڻ سان گڏ رکندي آهي. جنهن جي ڪارڻ ڪرمپال نشو ڪرڻ لڳو. ماڻُ سان جهيڙو ڪري پئسا يا باجهر، جوار، ڇٽا ڪٽي ويندو، اُن کي وڪڻي نشو ڪندو هو. ماڻُ سڇو ڏينهن روئندي رهندي هئي تہ سوچيو ڇا هو، اها ڪهڙي بدنصيبي؟ اڃڻي سپ اُبتو ٿي رهيو هو. اُنهي ڳڻتي جي ڪري ٽڪجي وئي هئي. پڄڻ متي ڪستوري پنهنجي پاڙيسري رامون (رام پياري) جي گهر وئي. پهرين حال احوال جي گفتگو ڪندي پُڇيو تہ پُٽ ڇا ڪري رهيو آهي؟ ڪيئن آهيو ماڻُ ۽ پُٽ؟ اها ڳالهہ ٻُڌي ادي رامون روئڻ لڳي ۽ چيو ادي! ڪجهہ ٻہ نہ آهي. ڇوڪرو بگڙي ويو آهي، نشو ڪندو آهي. چيو نٿو مجي، جهگڙو ڪري ٿو. گار گند تي لهي ايندو آهي. توکي خبر آهي تہ ڪُٽنب ۽ ڳوٺ وارن مون مٿان ڪيترو دباءُ وڌو هو. جيٺ جو لتو اوڍڻ لاءِ (مڙس جي وڏي پاءُ سان وري شادي ڪرائڻ) مون راج ونتي جي واقعي کان ڊڄي جيٺ سان شادي نہ ڪئي پنهنجي پُٽ کي سُکيو ڏسڻ جي لاءِ.

اڄ هن اُنهي کان به وڌيڪ ڏُک ڏيئي ڇڏيو. دل چاهي ٿي ته کيڏانهن هلي وڃان يا خودڪشي ڪري ڇڏيان. پڳت متي ڪستوري چيو اي پيٽ! غلط ڳالهيون نه سوچ. وڏو ٿي سُڌري ويندو. تون مري وئين ته توکي خبر آهي چاچا سڄي زمين هڙپ ڪري ويندا. چوڪري کي وڌيڪ نشا ڪرائي ماري ڇڏيندا. اهڙو ويچار نه ڪر. هڪ ڪم ڪر، مون سان گڏ ستسنگ ۾ هل. هتي اڪيلي جي من ۾ اهڙا خيال ايندا رهندا. سُکي ڪنڊو ٿي وئي آهين. رامون چوڻ لڳي، نه ادي نه. مون کي ڳوٺ جا ماڻهو ايئن ئي شڪ جي نظر سان ڏسندا آهن. ڪو ماڻهو ڪنهن ڪم سان گهر ائيندو آهي ته چت تي چڙهي هڪ اک سان ڏسندا آهن. تنهنجي ته سر تي ڏٽي (مڙس) آهي. آئون ستسنگ ۾ هلنديس ته جيئڻ به حرام ڪري ڇڏيندا. مون کي مرڻو ئي پوندو. پيٽ اهو ٻُڌاءِ ته صبح صبح ڪيئن اڇٽ ٿيو؟ ڪستوري چيو ته پيٽ توکي خبر آهي ته منهنجا گرودیو آشرم ۾ ترسيل آهن. اڄ ڪاڏو ڪارائڻ جو وارو منُهنجو آهي. ادي کيرٽي ناهٽي هئي. کير خراب ٿي ويو هو. ڪجهه اُڌارو ڏي. سپاٽي واپس ڪنديس. اها ڳالهه ٻُڌي رامون پيٽ ۾ جهٽڪو آيو ۽ کير ڏُهي بالٽي ڪنڊي ۾ لٽڪائي ڇڏي هئي. ڪٽي سمورو کير ڪستوري جي بالٽي ۾ وجهي ڇڏيو. ڪستوري چيو اي پيٽ! ڪجهه ته رک. رامون چيو پيٽ! نه ڇاٽي ڪهڙي جنم جو پُڄ ڪُليو آهي. مون بد نصيب جو کير پُڄ ۾ استعمال ٿيندو. بس پيٽ ڪٽي وڃ. سنتن پڳتن کي ڪاڏو ڪاراءِ. ڪستوري پيٽ عجب ۾ پئجي وئي ته سمورو کير آئون ستسنگي هوندي به نه ٿي ڏئي سگهان. ڪلو يا به ڪلو ته رکندي هيس. ادي رامون کي ته ستسنگ جي اُتساهه جي ضرورت آهي. اُنهي ڏينهن ته ڪستوري کي وقت نه مليو. اڳئين ڏينهن جي يارهن ٻارهن بجي رامون جي گهر وئي. ڳوٺ ۾ 12 کان 2 بجي تائين ڏينهن جو وقت عورتن کي ڳالهين ڪرڻ لاءِ ملي ويندو آهي. بن ڪلاڪن تائين ستسنگ جون ڳالهيون جيڪي ستگروديو کان ٻُڌيون هيون سيئي ٻُڌايون. مگر لوڪ لڄ جي ڪارڻ رامون مڃڻ لاءِ تيار نه هئي. پيٽ ڪستوري ٻُڌايو ته اي پيٽ! تو ميران ٻائي جو نالو ٻُڌو آهي، رامون چيو ها، ڪرشن جي پڳتياٽي هئي. ڪستوري چوڻ لڳي اُها مندر ۾ ويندي هئي. ناڪر قبيلي ۾ جنم هو. عورتن کي گهر کان ٻاهر وڃڻ جي سخت منع هئي پر ميران ٻائي کي ڪنهن جي پرواهه نه هئي. پوءِ اُن جي شادي راجا سان ٿي وئي. راجا ڏرمي ويچارن وارو هو. اُن ميران کي مندر وڃڻ کان نه روڪيو. اُن جي بدلي دنيا جي طعنن کان بچڻ لاءِ ميران سان گڏ ٽي چار عورتون نوڪرياٽيون موڪلڻ لڳو. جنهن جي ڪارڻ سڀ نيڪ هلندو رهيو. ڪجهه سال ڪانپوءِ ميران جي پتي جي موت ٿي وئي. ڏير راج گادي تي وينو. اُن قبيلي جي ماڻهن جي چوڻ تي ميران کي مندر وڃڻ کان منع ڪئي. پر ميران ٻائي نه مڃي. جنهن جي ڪري راجا ميران کي مارڻ جو منصوبو ناهيو. ويچار ڪيو ته اهڙي سازش ناهي وڃي ته جيئن اها مري به وڃي ۽ بدنامي به نه ٿئي. راجا ويچار ڪيو ته اُن کي ڪيئن مارجي؟ راجا چيو ته نانگ پڪڑڻ وارا اهڙو نانگ پڪڑي اچن ته دٻي کي کولينديءِ کولڻ واري کي ڏنگ هڻي ۽ همراهه مري وڃي. ايئن ئي ڪيو ويو. راجا پنهنجي چوڪري جو جنم ڏينهن ملهايو. اُن ۾ رشتيدار ۽ ٻيا عزت وارا ماڻهو آيا. راجا ميران جي نوڪرياٽي کي چيو ته هي وٽ قيمتي هار آهي. منهنجي پُٽ جو جنم ڏينهن آهي. پري پري کان رشتيدار آيل آهن. ميران کي چئو ته سُندر ڪپڑا پهري ۽ اُن هار کي گلي ۾ پهري، نه ته رشتيدار چوندا ته پنهنجي پاپي کي صحيح نٿو رکي. منهنجي عزت جو سوال آهي. ٻانهي اُن زيورات واري دٻي کي ميران ٻائي کي ڏنو ۽ راجا جو حڪم ٻُڌايو . اُنهي زيورن واري دٻي ۾ زهريلو ڪاري اڇي رنگ جو نانگ هو. ميران ٻائي اُن دٻي کي کوليو اُن ۾ هيرن موتين سان تيار ٿيل هار هو. ميران ٻائي ويچار ڪيو ته جيڪڏهن آئون هار نه پهريندیس ته اجايو جهڳڙو ٿيندو. منهنجي لاءِ ته هي متي آهي. اها ويچار ڪري ميران اها هار گلي وڌو. راجا جو مقصد هو ته اڄ نانگ جي ڏنگ سان ميران جي موت ٿي ويندي ته سيني کي يقين ٿي ويندو ته راجا جو ڪوبه هٿ نه آهي. اسان جي سامهون ميران کي نانگ جي ڏنگڻ سان مرتيو ٿي آهي. ڪجهه وقت بعد راجا وزيرن سميت ۽ ڪجهه رشتيدارن سميت ميران جي محل ۾ ويو ته ميران ٻائي جي گلي ۾ سهڻو مهانگو هار ڏسي راڻو بوکلائجي ويو ۽ چيو، بد چلن! هي هار ڪهڙي يار کان ڪٽي آئي آهين؟ ميران ٻائي جي اکين ۾ لڙڪ هئا. چوڻ لڳي ته توهان ئي ٻانهي کي ڏيئي موڪليو هو. راجا واپس هليو ويو. راجا سوچيو ته هاڻي اُن کي زهر آئون پنهنجي سامهون پياريندس، نه پيتو ته سر ڪٽي ڇڏيندس.

"ميران ٻائي کي زهر سان مارڻ جي اجائي کوشش"

هڪ نانگ جهلڻ واري کي چيو ته تمام پينڪر زهر آڻي ڏي جنهن کي زبان تي رکندي ئي ماڻهو مري وڃي. اهڙو زهر آندو ويو. راجا ميران کي چيو ته هي زهر پيئي وڃ نه ته تنهنجو سر ڪٽيو ويندو. ميران سوچيو ته سسي ڪٽڻ سان ته تڪليف ٿيندي زهر پيئي ٿي ونان. ميران زهر جو پيالو پرماتما کي ياد ڪري پيئي ڇڏيو مگر اُن کي ڪجھ به نه ٿيو. نانگ جهلڻ واري کي گهرايو ۽ اُن کي چيو ته اهو نقلي زهر تو آندو هو. نانگ جهلڻ واري چيو ته اهو پيالو ڪٿي آهي؟ اُن کي پيالو ڏنو ويو. اُن پيالي ۾ ڪير وجهي هڪ ڪُتي کي اُتي ئي پياري ڇڏيو. ڪُتو ٻئي دفعا زبان به نه لڳائي سگهيو هو ته مري ويو.

راجا ڏنو ته هي ڪنهن به طرح مرڻ واري نه آهي. تڏهن اُن کي مندر ۾ وڃڻ کان نه روڪيو. اُن سان گڏ ڪيتريون ئي نوڪرياڻيون ۽ گارڊ به موڪلڻ لڳو ته ماڻهو اها نه چون ته آوارا گردي ۾ ويندي آهي.

"ميران ٻائي کي ستگرو شرڻ ملي"

جنهن شري ڪرشن مندر ۾ ميران ٻائي پوجا ڪرڻ ويندي هئي. اُن جي رستي ۾ ننڍو باغيچو هو. اُن ۾ گهاتي ڇانو وارا وڻ به هئا. اُن باغيچي ۾ پرميشور ڪبير جي ۽ سنت رويداس جي ستسنگ ڪري رهيا هئا. صبح جو اٽڪل 10 بجي جو وقت هو. ميران ڏنو ته هتي پرماتما جي چرچا ۽ ڪٿا هلي رهي آهي. ڪجھ دير ٻُڌي هلون ٿا.

پرميشور ڪبير جي ستسنگ ۾ مختصر تخليق ڪائنات جو علم ڏنو. چيو ته شري ڪرشن جي يعني شري وشنو جي ڪان مٿي ٻيو سرو شڪتي مان پرماتما آهي. جنم مرڻ ختم نه ٿيو ته پڳتي نه ڪرڻ جي برابر آهي. جنم مرڻ ته شري ڪرشن (شري وشنو جي) جو به ختم نه ٿيو آهي. اُن جي پوجارين جو ڪيئن ٿيندو. جيئن هندو سنت جن چوندا آهن ته گيتا جو گيان شري ڪرشن جي يعني شري وشنو جي ارجن کي ٻُڌايو. گيتا گيان داتا گيتاجي اڌياءِ نمبر 2 شلوڪ نمبر 12، گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 5، گيتاجي اڌياءِ نمبر 10 شلوڪ نمبر 2 ۾ ثابت ڪري رهيو آهي ته اي ارجن! تنهنجا ۽ منهنجا تمام گهٽا جنم ٿي چُڪا آهن. تون نٽو ڄاڻين، آئون ڄاڻان ٿو. اُن مان ثابت ٿئي ٿو ته شري ڪرشن جو به جنم مرڻ ختم نه آهي. هي اوناشي نه آهي. اُنهي ڪري گيتا جي اڌياءِ نمبر 18 شلوڪ نمبر 62 ۾ گيتا گيان چوڻ واري ٻُڌايو آهي ته اي پارت! تون هر طرح سان اُنهي پرميشور جي شرڻ ۾ وڃ. اُنهي پرميشور جي ڪرپا سان ئي تون پرم سناتن پرم ڌام کي ۽ پرم شانتي کي حاصل ٿيندين.

پرميشور ڪبير جي مُک ڪمل مان اُهي وچن ٻُڌي پرماتما جي لاءِ پتڪندڙ آتما کي نئين روشني ملي. ستسنگ کان پوءِ ميران ٻائي سوال ڪيو ته اي مهاتما جي! توهان جي اجازت هجي ته وهم جي دور ڪرڻ جو عرض ڪريان. ڪبير جي چيو سوال ڪريو پيٽ جي!

سوال:- اي مهاتما جي! اڄ ڏينهن تائين مون ڪنهن کان به نه ٻُڌو ته شري ڪرشن کان مٿي به ڪو پرماتما آهي. اڄ توهان جي وات مان ٻڌي آئون بن راهن تي بيهي وئي آهيان. آئون مجان ٿي ته سنت ڪوڙ نٿا ڳالهائين. پرميشور ڪبير جي چيو ته توهان جي مذهبي اگياني گروئن جو ڏوهه آهي. اُنهن کي گيان ناهي ته توهان جا پاڪ ڪتاب کهڙو گيان چون ٿا؟ ديوي پُراڻ جي ٽئين اسڪند ۾ شري وشنو جي خود مجين ٿا ته آئون (وشنو)، برهما ۽ شنڪر فاني آهيون. اسانجو آويرياو (جنم) ۽ ترورياو (مرتيو) ٿيندو رهندو آهي. (ليک ختم).

ميران ٻائي چوڻ لڳي اي مهاراج جي! شري ڪرشن جي مون کي روبرو درشن ڏيندا آهن. آئون اُن سان گفتگو ڪندي آهيان. ڪبير جي چيو ته اي ميران ٻائي جي! تون هڪ ڪم ڪر، پڳوان شري ڪرشن جي ڪان پُڄي ونجان ته توهان کان مٿي به ڪو مالڪ آهي. اُهي ديوتا آهن. ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائيندا. ميران ٻائي کي لڳو ته هو چري ٿي ويندي جيڪڏهن شري ڪرشن کان مٿي ڪا به پرماتما آهي ته. رات جو ميران ٻائي شري ڪرشن جي کي پُڪار ڪئي. ترلوڪي ناٿ پرگهٽ ٿيو. ميران ٻائي پنهنجي شڪ کي

دور ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو ته اي پريو! چا توهان کان به مٿي ڪا پرماتما آهي. هڪ سنت ستسنگ ۾ ٻڌايو آهي. شري ڪرشن چيو ته اي ميران! پرماتما ته آهي پر اُهو ڪنهن کي درشن نه ڏيندو. مون تمام سماڌي ۾ ساڌنا ڪري ڏٺو آهي. ميران ٻائي ستسنگ ۾ پرميشور ڪبير جي ڪان اُهو ٻڌو هو ته اُنهي پورڻ پرماتما کي آئون روبرو ڏيکاريندس. ست ساڌنا ڪري اُن وٽ ست لوڪ ۾ موڪلي ڇڏيندس. ميران ٻائي پوءِ شري ڪرشن جي ڪان سوال ڪيو ته چا توهان جيو جو جنم مرڻ ختم ڪري سگهو ٿا؟ شري ڪرشن چيو ته اهو ممڪن ناهي. پرميشور ڪبير جي چيو هو ته مون وٽ اهڙو پڳتي منتر آهي. جنهن سان جنم مرڻ سدائين لاءِ ختم ٿي ويندو. اُهو پرم ڌام حاصل ٿيندو. جنهن جي باري ۾ گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 04 ۾ چيو آهي ته تتو گيان ۽ تتودرشي سنت جي ملڻ ڪانپوءِ پرماتما جي اُنهي پرم ڌام جي کوج ڪرڻ گهرجي جتي وڃڻ ڪانپوءِ ساڌو وري موتي سنسار ۾ ڪڏهن به نه ايندو. اُنهي هڪ پرماتما جي پڳتي ڪريو. ميران ٻائي چيو ته اي پڳوان شري ڪرشن جي! سنت جي چئي رهيو هو هو ته آئون جنم مرڻ ختم ڪري ڏيان ٿو. هاڻي آئون چا ڪريان؟ مون کي پورڻ موڪش جي چاهه آهي. شري ڪرشن جي چيو اي ميران! تون اُن سنت جي شرڻ وڃ، پنهنجو ڪلياڻ ڪراءِ. مون کي جيترو گيان هو، اُهو ٻُڌائي ڇڏيو. ميران اڳئين ڏينهن مندر ۾ نه وئي. سڌي سنت وٽ پنهنجي نوڪرياڻي سان گڏ وئي ۽ دڪشا ونڊ جي خواهش ظاهر ڪئي ۽ شري ڪرشن جي سان ٽيل ڳالهه ٻولهه ڪبير جي سان ڪئي. اُن وقت چوت چات عروج تي هئي. ناڪر ماڻهو پاڻ کي سڀ کان اوچا سمجهندا هئا. پرماتما مان بڙائي (اهنڪار) واري ماڻهو کي ڪڏهن به نه ملندو. ميران ٻائي جي امتحان جي لاءِ ڪبير جي سنت رويداس جي کي چيو ته توهان ميران رانوڙ کي پرٿم منتر ڏيو. هي منهنجو حڪم آهي. سنت رويداس حڪم جي تعميل ڪئي. ڪبير صاحب جي ميران کي چيو پيٽ! هو وينو آهي سنت جي، اُن وٽ وڃي دڪشا وڃ. پيٽ ميران جلد رويداس وٽ وئي ۽ چيو، سنت جي! دڪشا ڏئي ڪلياڻ ڪريو. سنت رويداس جي ٻُڌايو ته پيٽ! آئون چمار ذات مان آهيان. تون نڪرن جي ڏي آهين. تنهنجي سماج جا ماڻهو بُرو پلو چوندا. ذات کان ٻاهر ڪري ڇڏيندا. تون ويچار ڪري وڃ. ميران ٻائي لائق آتما هئي. پرماتما جي لاءِ سر قربان ڪرڻ جي لاءِ سدائين تيار رهندي هئي. چوڙ لڳي، سنت جي! تون منهنجو پيءُ، آئون تنهنجي ڏي. مون کي دڪشا ڏي. پاڙ ۾ پوي سماج. سياڻي ڪُتي بڪجندس، ته اُهو نڪر سماج منهنجي ڪهڙي بچاءَ ڪندا؟ ستسنگ ۾ وڏي گروجي (ڪبير جي) ٻُڌايو آهي ته:-

ڪبيرا، ڪُل ڪرڻي ڪي ڪارڻي، هنسا گيا بگوءِ
تب ڪُل ڪيا ڪر لي گا، جب چار پائون کا هوءِ

سنت رويداس جي اُتي ڪبير صاحب وٽ وبا ۽ سموري ڳالهه ٻُڌائي. پرماتما چيو ته دير نه ڪر. وڃ آتما کي پنهنجي پلي ۾. اُنهي وقت سنت رويداس جي ادي ميران کي پرٿم منتر صرف پنج نام ڏنا. ميران ٻائي کي ٻُڌايو ته هن جي پوجا ناهي، اُن جي ساڌنا آهي. اُن جي لوڪ ۾ رهڻ جي لاءِ، ڪائڻ پيئڻ جي لاءِ جيڪو پڳتي ڏن ضروري آهي، اُهو اُنهي منتر سان ملندو. هتي جو قرض لاهڻو آهي. پوءِ موڪش جا لائق ٿيندا آهيون. پرميشور ڪبير جي ۽ سنت رويداس جي اُتي هڪ مهينو ترسيا. ميران ٻائي پهرين ته ڏينهن جو گهر کان ٻاهر ويندي هئي. پوءِ رات جو به ستسنگ ۾ وڃڻ لڳي ڇو ته ستسنگ ڏينهن ۾ گهٽ ۽ رات جو وڌيڪ ٿيندو هو. ڪي ڏينهن جو وقت ڪڍي وڻندا هئا ته ڪي رات جو. ميران جو ڏير راڻو جي ميران کي رات جو گهر کان ٻاهر ويندي ڏسي جلي ويو. مگر ميران کي روڪڻ طوفان کي روڪڻ جي برابر هو. اُنهي ڪري راڻا جي پنهنجي ماسي يعني ميران جي ماءُ کي گهرايو ۽ ميران کي سمجهائڻ جي لاءِ چيو. چيو ته هن اسان جي عزت جو ناس ڪري ڇڏيو. ڏي ماءُ جي ڳالهه مڃي وڻندي آهي. ميران جي ماءُ ميران کي سمجهايو. ميران اُن جو جلد جواب ڏنو.

"شبد"

ستسنگ ۾ جانا ميران چوڙ دي، آئي ماري لوگ ڪرين تڪرار
ستسنگ ۾ جانا ميرا نا چوڙي ري، چاهي جل کي مرو سنسار (ٽيڪ)

ٿاري ستسنگ کي راهہ ۾ آي، آهي وهان پہ رهتي هين ڪالي ناگ
ڪوئي ڪوئي نانگ تني ڊس ليوي،
جب گرو ماري مهر ڪري رِي، آري وي تو سرپ گنڊيوي بن جاوين (1)
ٿاري ستسنگ کي راهہ ۾ اي، آهي وهان پہ رهتي هين ببر شير
ڪوئي ڪوئي شير تني کا ليوي .
جب گروئان کي مهر ڪري ري، آري وه تو شيران کي گيدڙ بن جاوين (2)
ٿاري ستسنگ کي بيچ ۾ ئي، آئي وهان پہ رهتي هين ساڌو سنت
ڪوئي ڪوئي سنت تني لي رمي ري، تيري ري من ۾ ماتا پاپ هئہ ري ،
سنت ميري مان باپ هين ري، آري يہ ڪر دين گي ٻيڙا پار (3)
وه تو جات چمار هئہ اي، اس ۾ ماري هار هئہ اي
تيري ري ليکي ماتا چمار هئہ ري، ميري سرجنهار هئہ ري.
آري وه تو ميران کي گرو رويداس (4)

اها ڪٿا ٻڌي رام پياري (رامون) جون اکيون ڪليون. اڳئين ڏينهن ڪستوري سان گڏ ستسنگ ۾ وئي ۽ هڪ ستسنگ ٻڌندي ئي دڪشا ورتي. پوءِ هڪ ڏينهن جي ڪاڏو کارائڻ جي شيوا گهُري، تہ ڪُتنب وارن چيو تہ پيٽ! اسان پنهنجي شيوا نٽا ڇڏي سگهون. گرو جي اڳئين بار ايندا، تڏهن تنهنجي واري لڳائيندا سون. پڳت متي رامون کي تہ پل جي چين نہ هُئي، روئڻ جهڙو چهرو ڪري ڇڏيو. اُنهي وقت ڪستوري چوڻ لڳي پيٽ! اڳتي جڏهن منهنجي واري ايندي تڏهن صبح جو ڪاڏو آڻون کارائيندیس ۽ رات جو تون کارائجان. رامون جي خوشي جو ٺڪاڻو ئي نہ رهيو. ڪٿي بہ پير نہ لڳي. وارو اچڻ تي رات جو ڪاڏو تيار ڪيو. کيرڻي، حلوؤ، سائي پاڄي ۽ ماني تيار ڪئي. مگر ليلا ستگرو جي. رامون کي تيز بخار آيو. جسم باهہ وانگر ٻرڻ لڳو. هڪ قدم بہ هلڻ جي همت نہ رهي. اُنهي وقت رامون جو چوڪرو آيو. رامون چيو پُٽ! اڄ منهنجو هڪ ڪم ڪر، تنهنجو زندگي پر احسان نہ وسارنديس. پُٽ مون گُرو ڪيو آهي. اڄ رات جو ڪاڏو پڳت متي ڪستوري جي واري کان گهُري ورتو آهي. پُٽ ڏس مون کي تيز بخار ٿي ويو آهي. بدن باهہ جي طرح ٻري رهيو آهي. هلڻ جي همت نہ آهي. چوڪرو چوڻ لڳو مون کي وقت ڪونهي. آڻون ڪونہ ڏينڊس پوجن آشرم ۾. ماءُ تون اُن آشرم ۾ نہ وڃ. مون کي توهان جي باري ۾ تمام گهٽو ٻُڌڻو پوندو آهي. اهو ٻُڌي پڳت متي رامون زارو زار روئڻ لڳي. چوڪري کي رحم آيو. مگر تيز ڳالهايو، ڪٿي آهي ڪاڏو، ڏئي اچان ٿو. رامون پيٽ اُتي ۽ سپ ڪاڏو ڏئي ڇڏيو. چوڪرو اُن ڪاڏي کي ٿال ۾ رکي آشرم ۾ ڪٽي ويو. رامون گروجي کي بار بار عرض ڪندي هُئي تہ گرو جي چوڪرو نشا ڪندو آهي. گهر جا نڪر ٿانو پيچي ڇڏيندو آهي. ڳالهہ نٿو مڃي. اُن کي بہ شرڻ ۾ ونو مهاراج! اڳئين ڏينهن آشرم ۾ چوڪري کي ڏسي ٻيا پڳت ۽ پڳتياڻيون چوڻ لڳيون تہ گروجي ٻُڌي ورتي رامون ڏکي جي. چوڪرو خود ڪاڏو ڪٽي آيو آهي. گرو کي خبر پئي تہ خوش ٿيو تہ ڏي رامون آباد ٿي وئي. پڳوان ٻُڌي ورتي. چوڪرو چوڻ لڳو مهاراج جي! منهنجي ماءُ کي بخار ٿي ويو آهي. مون کي موڪليو آهي، ڪاڏو ڪائو. سنت جي ڪاڏو ڪائڻ جي لاءِ ويهي رهيا ۽ سوچيو چوڪرو پهريون دفعو آيو آهي. ڪجهہ گيان ٻُڌايان. سنت جي چوڻ شروع ڪيو تہ پُٽ! ماءُ پيءُ جي شيوا ڪرڻ گهرجي. اُن جي آگيا جو پالڻ ڪرڻ گهرجي. موڪش جي لاءِ گرو بڻائي ست پڳتي ڪرڻ گهرجي. نشي تہ وڌا وڌا گهر برباد ڪري ڇڏيا. چوڪرو تہ اندر ۾ سڙندي بہ وينو رهيو. اُن کي پل پل جي دير محسوس ٿي رهي هئي جو تہ اُن رات ۾ هُن پنهنجي ساٿين چورن سان گڏ راجا جي گهر چوري ڪرڻ وڃڻو هو. رات جي 12 بجي نگر کان ٻاهر مندر ۾ گڏ ٿي چوري ڪرڻ وڃڻو هو. اُن جي خواهش هئي تہ راڻين جا مهانگا مهانگا هار هوندا آهن. اُها چوري ڪري ايندا سون. مالا مال ٿي ويندا سون. اُنهي ڪري چوڪري سنت جي ڪي چيو تہ اي بابا جي! جلدي ڪاڏو ڪائي ونو، مون

کي نصيحت جي ضرورت نہ آهي. سنت جي کي سُنو نہ لڳو. من ۾ خيال ڪيو تہ رامون حقيقت ۾ تڪليف ۾ آهي اُن شيطان کان. ڪاڏو ڪائيندي ئي بنا ڏوئڻ جي برتن ڪٽي نگر جي طرف روانو ٿيو. اڌ سفر کان وڌيڪ سفر ڪرڻ ڪانپوءِ اُن جي پير ۾ وڏو ڪنڊو (ٻير جو ڪنڊو) لڳي ويو. پير ۾ تمام گھٽي تڪليف ٿيڻ لڳي. هلڻ ۾ بہ مشڪلات ٿي. جيئن تيئن گھر آيو. اگڻ ۾ برتن اُڇلائي، لڳو پنھنجي ماءُ کي طعنا مھڻا ڏيڻ. اڄ ئي تنھنجي گرو جا درشن ڪيا، اڄ ئي منھنجو پاڻ ڦٽي ويو. منھنجي پير ۾ ڪنڊو لڳي ويو. آئون هلڻ جي لائق بہ نہ رهيو. اڄ کان پوءِ آشرم جي طرف منھن ڪري بہ نہ سمھندس. رامون کي بخار هلڪو ٿي ڇُڪو هو. جلدي اُٿي ۽ ڪنڊي لڳل پير کي ڏوتو. اُن جي مٿان تيل جي ميڻ (تيل جي هيڻ جمع ميل) کي ڪپڙي سان ٻڌيو ۽ صبح جو ڪنڊو ڪيڏ جو منصوبو ناهيو. ڇوڪرو ماءُ سان تمام گھڻو وڙهيو. گنديون ٻُريون ڳالهيون بہ چيُون چو تہ ڇوڪري ڪرمپال کي چوري ۾ شامل نہ هئڻ جي ڪارڻ تمام وڏو نقصان ٿيڻ لڳي رهيو هو. جيئن تيئن صبح ٿيو. ڇوڪري جو ڪنڊو ڪيڏيو، ماءُ (رامون) گھر جي ڪم ڪار ۾ لڳي وئي. ڪجھ دير ۾ هڪ بيبنڊ باجا وڄندي آيا. نگر واسين کي خبر هوندي هئي تہ اهڙي قسم جو ساز اُنهي وقت شهر ۾ وڄايو ويندو هو جڏهن ڪنهن کي موت جي سزا ڏني ويندي آهي. اهڙي طرح هرهڪ ماڻهو پنھنجي پنھنجي گھر کان ٻاهر نڪري ايندا هئا ۽ معلوم ڪندا هئا تہ ڪنهن کي ڪهڙي ڪارڻ سُولِي تي چاڙهيو پيو وڃي. راجا جا سپاهي اُنهن چور ماڻهن کان چورائي رهيا هئا تہ پنھنجو گناھ ٻُڌايو. اُهي چئي رهيا هئا تہ اسان راجا جي گھر چوري ڪرڻ ويا هئاسون، اسان تمام وڏو گناھ ڪيو آهي. اڄ شام جو اسان کي سُولِي کي چاڙهيو ويندو. جيڪو بہ ٻُڌندو هجي تہ اُها غلطي ڪڏهن بہ نہ ڪجو. ڪرمپال کي پنھنجي ساٿين کي سجاڻيندي ديئ کانہ لڳي ۽ ماجرا بہ سمجھي ويو. رامون چيو تہ نيڪ ٿيو ۽ ڪندا چوري، توهان کي اُها سزا هئڻ گھرجي، ڪمائي کائي نٿا سگھو. رامون پنھنجي گھر هلي وئي. ڪرمپال دروازي تي خوف واري حالت ۾ دٻل بيهي رهيو، پوءِ گھر ۾ وڃي زور زور سان روئڻ لڳو. رامون ڏٺو تہ ڪرمپال ڇو روئي رهيو آهي؟ ڪرمپال اُٿيو ۽ پنھنجي ماءُ جي سيني سان چنبڙي ويو، چوڻ لڳو امان! پلو ٿئي تنھنجي گرو جو، جنھن تنھنجي پُٽ جي سُولِي جي سزا ڪنڊي ۾ ٽاري ڇڏي. امان! اڄ تنھنجي پُٽ کي سُولي تي چڙهڻو هو. امان! تون ڪيئن جيئري رهين ها؟ رامون چوڻ لڳي ڇا منھنجو پُٽ چور آهي؟ ڇو سُولِي تي چڙهندو؟ چورن کي سزا ملندي آهي. ڪرمپال چيو ها امان! تنھنجو پُٽ چور هو. اڄ ڪانپوءِ قَسم آهي تنھنجو امان، ڪڏهن نشو نہ ڪندس، تو سان گڏ ستسنگ ۾ هلندس. تو سان گڏ گھر جي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائيندس. آئون پنھنجي زندگي ۾ ڪڏهن بہ پنھنجي ماءُ کي پريشان نہ ڪندس. رامون چوڻ لڳي اي نڪما! چوري بہ ڪرڻ لڳي ويو هئين. ڇوڪرو چوڻ لڳو ها امان! پڪو چور ٿي ويو هئس. ڏنڪار هجي تنھنجي ستگرو کي، ڏنڪار هجي منھنجي امان کي، جنھن کي اهڙي مها پُرش جي شرڻ ملي آهي. امان اڄ ئي هل مون کي دڪشا ڏياري اڄ. رامون جلد ڇوڪري کي پڳت متي ڪستوري وٽ ونی وئي. سڀ احوال ٻُڌايو. ڪستوري بہ سڀ ڪم ڇڏي اُن سان گڏ آشرم ۾ وئي ۽ گروجي کي ڏنيواد ڪيو. سمورو واقعو ٻُڌايو، ڇوڪري کي نام ڏياريو. هڪ ٻئي ڳوٺ جي ستسنگي ڪُتنب جي ڇوڪري سان شادي ٿي وئي. سمورو ڪُتنب ستسنگ ۾ اچڻ لڳو ۽ شيوا کري سُکي گذارڻ لڳا.

رامون ستسنگ جي رنگ ۾ ايئن رڱجي وئي، جڏهن بہ ستگروديو منڊلي سميت آشرم ۾ اچي ترسندا هئا، هو صبح جو ويندي هُئي، دير تائين شام جو واپس ايندي هئي ۽ شيوا کندي هئي، برتن صاف ڪندي، گرو جي جا ڪپڑا ڏوئندي، ستسنگ جو هڪ لفظ بہ نہ ڇڏيندي هئي. هڪ دفعي سردي جي موسم هئي. صبح جو 10 بجي ستسنگ شروع ٿيو. گرو جي رامون کي چيو ڏي! ڪپڑا ڏوئي اڄ ندي تان. اُس ٿوري دير هوندي آهي. ستسنگ کان پوءِ ويندين تہ ڪپڑا سُکي نہ سگھندا. رامون ڪپڑا بالٹي ۾ وجھي رواني ٿي. ندي ٿوري فاصلي تي هئي. ڪپڑا پاڻي ۾ بالٹي ۾ پُسائي سوڌا وجھي ڇڏي، سوچيو تہ ڪپڑا جيتري دير سوڌا ۾ پُسي ويندا، تيستائين ستسنگ ٻُڌي ٿي اچان. آشرم کان ٻاهر ديوار سان ڪن لڳائي ستسنگ وچن ٻُڌڻ لڳي. ستسنگ سماپت ٿيڻ تي "ست صاحب" جي ڏُن ٻُڌي تہ رامون کي ڪپڑا ياد آيا. ڊوڙندي ڊوڙندي ندي جي طرف وئي ۽ ڊڄي رهي هئي تہ اڄ غلطي ٿي وئي آهي. گرو جي وچن جي نافرمانبرداري ٿي وئي. مون تي عذاب نازل ٿيندو. گرو جي ناراض ٿيا تہ منھنجي شيوا تي پاڻي ڦري

ويندو. اي پڳوان! هي چا ٿيو؟ اُنهن ويچارن ۾ ندي تي پهتي ڏنو ته بالٽي خالي پئي آهي ۽ ڪپڑا ڏوئي وٽن تي سُڪايا پيا آهن. جيڪي سُڪي چُڪا هئا. رامون انهن پينرن کي چوڻ لڳي جيڪي پهرين ندي تي پنهنجا پنهنجا ڪپڑا ڏوئي رهيون هيون ته اي پينرؤ! هي ڪپڑا توهان ڏوئي سُڪايا آهن چا؟ سيئي عورتون رامون جي طرف نهارڻ لڳيون. هڪ چيو ته پيٽ! تنهنجو دماغ هلي ويو آهي چا ؟ ڪهڙو مذاق ڪري رهي آهين؟ تون ئي ڪپڑا ڏوئي رهي هُئين بي صبري سان. اسان کي به چنبا لڳي رهيا هئا. توکي چيو به هو ته آهستي آهستي ڪپڑا ڏوءِ. تون خود وٽن تي ڪپڑا سُڪائي وئي هُئين. هاٿي پنگ جو نشو ڪري آئي آهين چا؟ رامون روئڻ لڳي ۽ سيئي ڪپڑا ڪٽي بالٽي ۾ وجهي آشرم جي طرف رواني ٿي. آشرم ۾ ڪنهن شيوادار رامون کي آشرم کان ٻاهر ستسنگ ٻُڌندي گهڻي دير تائين ڏنو هو. اُن گروجي کي ٻُڌايو ته اڄ توهان جا ڪپڑا پُسيل ئي رهندا چو ته رامون ته ستسنگ سماپت ٿيڻ تائين ٻاهر ديوار کي ڪن لڳائي ستسنگ ٻُڌي رهي هئي. هينئر وئي آهي ڪپڑا ڏوئڻ. ايتري ۾ رامون آشرم ۾ داخل ٿي ۽ ڪپڑا گروجي وٽ رکي زارو زار روئڻ لڳي. سنت جي ڪپڑن کي هٿ لڳايو ته ڪپڑا سُڪل هئا. رامون کان روئڻ جو ڪارڻ پُڇيو ٻُڌايو ته گرو جي! توهان ڏکي ٿي پاڻ ڪپڑا ڏوتا آهن. مون کان غلطي ٿي وئي. مون ايئن ايئن سوچيو هو ته ڪجهه دير ستسنگ ٻُڌي ڪپڑا ڏوئنديس مگر ڌيان نه رهيو. گروجي چيو ته ڏي! پرماتما ڪبير جي رامون بڌجي ڪپڑا ڏوئي ويا آهن.

جِيُون بچا گئو کي نظر ۾، يُون سائين کُون سنت
پگتون کي پيچي قري، پگت وچل پگونت

پرماتما ابراهيم سلطان ادم کي نرڪ مان ڪيڻ لاءِ ٻانهي جو روپ عورت ناهي جسم تي ڪوڙا ڪاڌا هئا. ڏي ڏکي نه ٿي. مقصد غلط نه هو پرماتما ته سچي لگن ۽ پاو جا ٻُڪيا آهن. رامون مان ٿي. ستسنگ سان رامون آباد ٿي ۽ موڪش به مليو.

ڪبير، ستگرو کي شرڻ ۾ آني سي، آئي ٽلي بلا
جي پاگئه ۾ سولي هو، ڪانٽي ۾ ٽل جاءِ

"چور ڪڏهن به شاهوڪار نه ٿيندو"

ڪبير پرميشور جي پنهنجي قانون مطابق هڪ نگر کان ٻاهر جهنگ ۾ آشرم ناهي رهندا هئا. ڪجهه ڏينهن آشرم ۾ رهندا هئا، ستسنگ ڪندا هئا. پوءِ گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪري ويندا هئا. اُن جو هڪ جات هاري چيلو هو جيڪو ڪجهه مهينن کان شش ٿيو هو. هاري غريب هو. اُن وٽ هڪ ڍڳو هو. اُنهي سان ڪنهن ٻئي هاري سان گڏ ٿي ٻني پوکيندو هو. به ڏينهن ٻين جو ڍڳو خود وٽي ٻنهي ڍڳن سان هر ڪاهيندو هو. پوءِ به ڏينهن ٻيو هاري اُن جو ڍڳو وٽي پنهنجي ڍڳي سان هر هلائيندو هو. هاري پنهنجي ڪچي مڪان جي اڳڻ ۾ ڍڳي کي ٻڌندو هو. هڪ رات جو چور اُنهي هاري جي ڍڳي کي چورائي ويو. هاري ڏنو ته ڍڳو چوري ٿي ويو آهي ته صبح جو هو آشرم ۾ ويو. گرو جي سان پنهنجو ڏک وڌيو. گروجي چيو ته پُٽ! يقين رک پرماتما تي، دان ڏرم پڳتي ڪندو رهه. توکي پرماتما ٻه ڍڳا ڏيندو. جيڪو چورائي ويو آهي اُهو پاپ جو پاڳي بڻيو آهي. پرميشور جي ڪرپا سان برسات سُني پئي. هاري پڳت جي فصل چؤڻي ٿي. پڳت هاري ٻه ڍڳا خريد ڪيا ۽ اُنهن کي سنو ڪاڏو ڪارايو. ڍڳا پاڏن جهڙا طاقتور ٿي ويا. ڳوٺ ۾ اُن جي ڍڳن جي واکاڻ هلندي هئي. هڪ سال کان پوءِ اُهو چور اُنهي علائقي ۾ چوري ڪرڻ آيو. ڪٿي به وجهه نه لڳو. اُن ويچار ڪيو ته جنهن جو ڍڳو چورايو هو اُن جي گهر ڏسان ٿو ڪو ٻيو ڍڳو وٽي آيو هوندو. ڏنو ته ٻه ڍڳا پاڏن جهڙا بينل آهن. چور ٻئي چورائي ويو. هاري جاڳيو ته ٻئي ڍڳا چوري ٿي ويا آهن. گروجي کي ٻُڌايو ته گروجي چيو پُٽ! تنهنجي گهر چار ڍڳا ڏيندو پڳوان. چور ڪڏهن به سيٺ نٿو ٿي سگهي. پاپ ئي پاپ گڏ ڪندو آهي. رضا پرماتما جي، آشيرواد گرو جي جو، برسات هارين جي موج ڪري ڇڏي. پڳت هاري وٽ زمين موجود هئي. مگر برسات گهٽ ٿيڻ ڪري ٿوري زمين پوکيندو هو. برسات سُني ٿي وئي ٻه ڍڳا خريد ڪيا ۽ ٻه قرض تي ورتا. پوک گهڻي زمين تي هئي. هڪ نوڪر هاري رکيو. هڪ سال ۾ سڀ قرض به لهي ويو. ڍڳا چار ٿي ويا پاڏن جهڙا متارا ۽ همت وارا. گهر به پڪو تيار ڪيو. چور بن سالن کان پوءِ اُتي ويو ۽ پهرين هاري جي حالت ڏسڻ ويو. چور ڏنو ته چار

ڏڳا پاڻن جھڙا وينا آهن ۾ چور وٽ ہن ڏينهن جو اتو باقي هو. وڏيڪ غريب ٿي ويو هو. چور هاري کي رات جو ننڊ مان اُٿاريو تہ هاري چيو ياءُ! منهنجي ننڊ خراب نہ ڪر، تون پنهنجو ڪم ڪر. پرماتما پنهنجو ڪري رهيو آهي، مون کي سمهڻ ڏي. چور پيرين پوڻ لڳو ۾ چوڻ لڳو اي ديوتا! مون کان هاڻي چوري نٿي ٿئي، اي ياءُ! تنهنجو هڪ ڏڳو مون چورايو، تو وٽ اڳئين سال ہہ متارا ڏڳا ہڏل هئا. اُهي ہئي آئون چورائي ويو هئس، اڄ ہن سالن کان پوءِ تنهنجي اڳڙ ۾ چار ڏڳا پاڻن جھڙا ہڏل آهن. منهنجو سڀ ڪجھ ناس ٿي چُڪو آهي. ہار ہہ ٻُڪيا رهندا آهن. مون کي مارين چاهي بخش ڪرين، مون کي تنهنجي تبديلي جو راز ٻُڌاءِ. آئون جات هاري آهيان. زمين ہہ آهي. غريبي حد کان وڌيڪ آهي. ڀڳت هاري اُن کي چيو تہ تون وهنجي اڇ، ماني کاءُ. چور ايئن ئي ڪيو. پوءِ ڀڳت اُنهي چور کي آشرم ۾ ونيو ويو. گرووديو کي سڀ واقعو ٻُڌايو. گرووديو چور کي سمجهايو. ست اٽ ڏينهن ڀڳت هاري پنهنجي گهر ۾ ترسايو ۽ هر روز گروجي سان ملائي ستسنگ ٻُڌايو. چور دڪشا ورتي. گرو جي چيو تہ ڀڳت پُٽ! نئين ڀڳت کي هڪ ڏڳو اُڌارو ڏي ڇڏ، ہني پوکيندو. تنهنجا ٻئسا موتائي ڏيندو. ڀڳت چيو گروجي! نيڪ آهي. ڀڳت هاري هڪ نئين ڀڳت کي هڪ ڏڳو ڏنو. نئون ڀڳت هر مهيني ستسنگ ۾ ايندو هو. سڄي ڪُٽنب کي نام (دڪشا)ڏياري ڇڏي. ہن سالن ۾ مالي حالت بهتر ٿي وئي. هڪ ڏڳو ۽ گڏ ٿي پهرين وارن (چوري وارن) ڏڳن جا ٻئسا ڪٽي چور ڀڳت اُنهي هاري ڀڳت جي گهر آيو. اُن جا ہار ہہ گڏ هئا. هاري ڀڳت کي اُن چور ڀڳت سيئي رقم ڏئي چيو تہ مون کي معاف ڪجان. تنهنجا احسان تہ منهنجيون ست پيڙهيون ہہ نہ لاهي سگهنديون. پُراڻي ڀڳت چيو تہ اي ياءُ! اها سڀ گرو جي ڪرپا آهي. اُن جو وچن ڪامياب ٿيو آهي. توهان اُهي سڀ ٻئسا گروجي کي دان روپ ۾ ڏيو. مون کي تہ اُنهن پهرين ئي ڪيترائي دفعا ڏڳن جي رقم ڏيئي ڇڏي آهي. منهنجي ڪم جي ناهي. ہئي ڀڳت گروجي وٽ ويا ۽ سڀ دان چرٹن ۾ رکيو. گرو جي کاڏي پيتي (لنگر) ۾ لڳائي ڇڏي، ستسنگ ڪيو. اهڙي طرح چوري جو ڏن ڏڳ ۾ ويندو آهي. ڀڳت سدائين آباد ٿيندو رهندو آهي.

❖ **سنسڪار وڇڙندڙ مرض جي طرح پکڙجندا آهن:-**

سنا ۽ خراب سنسڪار وڇڙندڙ مرض جي طرح پکڙجندا آهن. جيئن ڀڳت جي هٿ سان پوکيل بج ۾ ہہ ڀڳتي سنسڪار داخل هوندا آهن جيڪي ان اناج کي کائين ٿا، اُن ۾ ڀڳتي جي چاهت هوندي آهي.

جيڪڏهن ڪو نشو ڪرڻ وارو ۽ ڪنهن طرح جي ہين ويچارن کي من ۾ آڻي هاري بج پوکي ٿو تہ اُن بج ۾ ہہ اُن جا ويچار داخل ٿيندا آهن. جيڪي ان اناج کي کائڻ وارن تي اثر انداز ٿين ٿا.

مثالطور:- هڪ ٻيڙ گرو دڪشا ونی رکي هئي. اُن جي گهر گرو جي آيا ۽ گڏ هڪ چيلو ہہ آيو هو. اُن ٻيڙ جي ٻيڙ ہہ ڪنهن ڪم ڪار سان اُنهي ڏينهن آئي.

اُن جو نانی مري ويو هو. چوڪري جا ننڍڙا ننڍڙا ٻار هئا. اُها تمام پريشان رهندي هئي. هرپل خيال اُٽندا هئا تہ ڏي جو گذارو ڪيئن ٿيندو؟ ڏي تہ برباد ٿي وئي. ڏير ۽ جيڏ ڪنهن جا ہہ نہ ٿيندا. ہارن کي ڪير پاليندو؟ اي پڳوان! هي ڇا ٿيو؟ ڪهڙي جنم جا پاپ سامهون آيا آهن؟ اُپديشي ٻيڙ کاڏو پچائڻ لڳي تہ اُن جي ٻيڙ مدد ڪرڻ لڳي. وڏيڪ کاڏو اُن ٻيڙ تيار ڪيو. جنهن جو نانِي مري چُڪو هو. سنت ڀڳت ماني کائي سمهي رهيا. صبح جو ڀڳت گرووديو کي چيو تہ اي گرووديو! اڄ رات ۾ ننڊ جي دوران من تمام ڏکي رهيو. جيئن منهنجو نانِي مري ويو. ڏي جا ننڍا ننڍا ٻار آهن. اُن جي بيحد چنتا ستائيندي رهي. اُن جو ڇا ٿيندو؟ ڪيئن گذارو ٿيندو؟ گرو جي پنهنجي شش کي پُڇيو تہ اي ڏي! رات جو کاڏو ڪنهن ناهيو هو؟ اُن جو جواب ڏنو تہ منهنجي ننڍڙي ٻيڙ آئي آهي، اُن ناهيو هو. سنت پُڇيو اُن کي ڪا تڪليف آهي ڇا؟ شش جواب ڏنو تہ اي گرووديو! ڏڪ تہ تمام گهٽو آهي. چوڪري جا ننڍڙا ننڍڙا ٻار آهن. نانِي جي مرتيو ٿي چُڪي آهي. سڄو سڄو ڏينهن منهنجي ٻيڙ اُن ئي ڳڻتي ۾ رهندي آهي. ڏينهن ۾ ڪيترائي دفعا ايئن چوندي رهندي آهي تہ ڏي جو ڇا ٿيندو؟ ڪيئن ہار جي پرورش ڪندس؟

گروجي شش کي ٻڌايو تہ اُن پيٽ جا ويچار ڪاڏي ۾ داخل ٿيا ۽ ڪائڻ واري تي اثر ڪيو. مون کي اها پريشاني سڄي رات رهي. اهڙي طرح جيڪڏهن پڳٽ نام سمرڻ يا آرتي يا سنتن جي واٽي کي ٻڌندي ڪاڏو تيار ڪيو وڃي تہ ڪائڻ واري ۾ اُهي سنسڪار سُڻي اُمنگ پيدا ڪندا آهن. پڳٽي جي چاهت وڌندي آهي. ڪو هاري ڳانا، راڳ ڳائيندو ڀج پوکي ٿو يا ڪاڏو تيار ڪرڻ واري ڳانا يا راڳ ڳائيندي ڪاڏو تيار ڪري ٿي تہ اُن اناج ۾ اُهي سنسڪار داخل ٿي ويندا آهن. اُنهي ڪائڻ واري جي سياڻ ۾ اهڙي طرح بڪواس ڪرڻ چاهيندو جنهن جو نتيجو اڄ (1997ع جي آس پاس) ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. چگائي ۾ گهٽ، بُرائي ۾ وڌيڪ تعداد ۾ ماڻهو لڳل آهن.

جيڪڏهن سنتن جي واٽي پاڻ، آرتي، سمرڻ ڪرڻ وارن جو تعداد زياده ٿي ويندو تہ ماحول پڳٽي وارو ٿي ويندو. هرهڪ ماڻهو جي من ۾ پڳٽي جهڙا پاو پيدا ٿي ويندا. اُن ماحول کي ناهڻ لاءِ گهر گهر ۾ آرتي، رميٽي ۽ نت نيم هلائڻ گهرجي. گرو کان دڪشا ونڊي نام جو سمرڻ ڪرڻ گهرجي. جنهن سان ماحول ۾ پڳٽي جي خيالن جا عنصر وڌيڪ پرجي ويندا ۽ بُرن سنسڪارن وارا خيال ختم ٿي ويندا. پڳٽي سنسڪار آڪسيجن سمجهو ۽ بُرا ويچار ڪاربان داءِ آڪسائيڊ سمجهو. آڪسيجن روپي پڳٽي سنسڪار سلينڊر ئي سلينڊر ڪائڻا پوندا يعني ست گرنٿ صاحب جي پاڻن مٽان پاڻ ڪرڻا پوندا ۽ تنهي وقتن جي سنڌيا (هر روز وارو ڪم) ڪرڻو پوندو. سمرڻ ڪرڻو پوندو. پڳٽي ڪرڻ وارن جو تعداد وڌندو تہ پڳٽي جا ويچار بہ زمين تي زياده پکڙجندا، جنهن سان هرهڪ جي من ۾ سُکون محسوس ٿيندو. ستسنگ ڪرڻ ڪنهن جي گهر ويندا هئاسين تہ پهرين ڏينهن بہ اسان جو من بي چين ٿي ويندو هو. پوءِ هرهڪ پڳٽ پنهنجي پنهنجي رميٽي، صبح جو نت نيم، شام جي آرتي ۽ سمرڻ ڪندي، پوءِ ستسنگ ٻڌائيندا هئاسون، تڏهن اُن گهر جا بُرا ويچار (بُرا سنسڪار) نڪري ويندا هئا. سنسڪارن جي اڪثريت هئڻ سان من سُکون ۾ هوندو آهي. تڏهن اسان ستسنگ يا پاڻ ڪري اڳئين ڳوٺ ۾ ويندا هئاسين تہ سڄو ڪُٽنب روئڻ لڳي ويندو هو. اُنهن کي ايتري راحت سنت ۽ پڳٽن جي سنگ ۾ ملندي هئي. اُن سنسڪارن جو اثر مهينن تائين رهندو آهي. جيڪڏهن نام ونڊي هر روز جون ٽيئي سنڌيائون ۽ سمرڻ ڪُٽنب جا ماڻهو ڪرڻ لڳي وڃن تہ اها سڪون سدائين رهندو آهي.

❖ جيڪو ٻيڙي حقي ۾ تماکو پيئي ٿو ۽ اُهو ڀج پوکي ٿو تہ اُنهي اناج ۾ بہ تماک جي واسنا (سوڪشم عنصر) داخل ٿي ويندا آهن. اُنهي اناج کي ڪائڻ واري ۾ بہ تماک واپرائڻ جي اُمنگ پيدا ٿي ويندي آهي. جنهن جي ڪارڻ نشا نوجوانن ۾ تيزي سان وڌي رهيا آهن. جيستائين ٻار آهن، تيستائين تہ پيءُ - چاچا، ڏاڏا جي ڊپ ڪان تماک استعمال نٿا ڪن مگر نوجوان ٽيندي ئي اُهي سنسڪار طاقتور ٿي ويندا آهن ۽ نشي جي عادت جلد پئجي ويندي آهي. منهنجو مقصد آهي تہ انسانيت مان نشا ۽ ٻيون سيئي بُرايون جڙ ڪان ختم ڪري ڌرتي تي سرگ ناهيان. پرماتما ڪبير صاحب جو چيل وچن ثابت ٽيندي ڏسڻ چاهيان ٿو. اُنهن جي اُمنگ ۽ شڪتي سان هي انمول ڪم ڪامياب ٿي سگهي ٿو. هي داس ۽ منهنجا شش سچي نيت سان اُنهي مِشن جي ڪاميابي جي لاءِ جدوجهد ۾ لڳل آهن. ڪاميابي جي پوري اُميد آهي.

"دنيا جي چُون چُون ۾ بہ پڳٽي ڪرڻي پوندي"

هڪ ٽاٽيدار (SHO) گهوڙي تي سوار ٿي پنهنجي علائقي ۾ ڪنهن ڪم ڪار سان وڃي رهيو هو جيڏ (جون) جو مهينو، ڏينهن جي هڪ بجي جي گرمي، هرياڻا صوبو. هڪ هاري نار سان فصل کي پاڻي ڏي رهيو هو. ڊڳن سان ڪمند کي پيڙهڻ واري گهاڻي جي طرح نار کي هلايو ويندو هو. بالٽين جي ڪڙي (Chain) جيڪو پُلي (ڦيٽو)جي مٽان هلندي هئي، جنهن سان کوهہ مان پاڻي ڪڍي ٻني ۾ وڃڻ واري نالي ۾ ڪرندو هو. نار (رهٽ) جي هلڻ سان زور زور سان چُون چُون جو آواز ٿي رهيو هو. صوبيدار ۽ گهوڙي ٻئي اُجايل هئا. صوبيدار پاڻي پيئڻ ۽ گهوڙي کي پيارڻ جي لاءِ نار جي طرف روانو ٿيو. نار سان ٽيندڙ چُون چُون جي آواز سان گهوڙي چرڪ ڪاڏي. صوبيدار هاري کي چيو تہ اُنهي چُون چُون جي آواز کي بند ڪر. هاري ڊڳن کي بيهاريو. نار هلڻ بند ٿي ويو ۽ کوهہ مان پاڻي نڪرڻ بہ بند ٿي ويو. جيڪو پاڻي پهرين نڪتو هو اُهو تہ زمين ۾ هليو ويو. صوبيدار گهوڙي کي ونڊي ويجهو

آيو ڏنو تہ نالي ۾ پاڻي نہ هو. صوبيدار چيو اي هاري! پاڻي ڪيڏ. هاري ڏڪا هڪليا. نار مان ڇُون ڇُون جو آواز ۽ پاڻي ٻئي هلڻ لڳا. گهوڙي وري چرڪ ڪائي ڀڄي وئي ۽ هڪ ايڪڙ (200 فوٽ) جي فاصلي تي وڃي بيني. صوبيدار گهوڙي تي وينل هو. صوبيدار وري چيو تہ هاري! شور بند ڪر، هاري ڏڪا بيهاري چڏيا. پاڻي نالي مان ويندي ئي ختم ٿي ويو. گهوڙي کي ويجهو وني آيو. پاڻي نہ مليو تہ وري پاڻي ڪيڻ جو حڪم ڏنو. نار هلندي ئي گهوڙي ڀڄي وئي. هاري چيو تہ صوبيدار جي! اُنهي نار جي ڇُون ڇُون ۾ ئي پاڻي پيئڻو پوندو نہ تہ ٻئي مرندا. صوبيدار گهوڙي تان لٿو. لغام جهلي آهستي آهستي گهوڙي کي ويجهو وني آيو. هلندي نار ۾ ئي ٻنهي پاڻي پيتو ۽ جان بچائي. اُنهي ڪري دنيا جي ڪم ڪار کي ڪندي ڪندي ئي پڇتي، دان ڏرم، سمرڻ ڪرڻو پوندو. ضرور ڪريو.

"هاڻي پڇتي مان چا ٿيندو؟ عمر تہ ٿوري ئي باقي رهي آهي ؟

ضلعي جيند ۾ ڳوٺ "منور پُر" ۾ پڇت رام ڪمار جي گهر تن ڏينهن جو پاٺ ۽ ستسنگ ٿي رهيو هو. ڳوٺ ۾ ماڻهو ستسنگ کي پاڪنڊ مجن ٿا چو تہ پُراڻي زماني ۾ ستسنگ جو پروگرام پوڙهيون عورتون ڪنديون هيون. رات جو ستسنگ ڪنديون هيون ۽ ڏينهن ۾ ننهن کي پاڻ پاٽيجن جي گارين سان بد دعا ڏينديون هيون. ڪي تہ ٻين جي ذخيري مان ٻہ پٿر تائين ٻہ چورائي وڻنديون هيون. ڪڏهن پڪڙجي ويندیون هيون تہ بدنام ٿيندیون هيون. اهڙن قسمن جي واقعن جي ڪري ستسنگ کان ماڻهن کي الرجي هئي. پڇت رام ڪُمار جي پوري ڪُٽنب دکشا وني رکي هئي. اُن کي خبر هئي تہ هي ستسنگ مختلف آهي. جڏهن رام ڪمار جي پيءُ کي خبر پئي تہ اسان جي گهر ۾ وڏو پُٽ ستسنگ ڪري رهيو آهي تہ تمام بيعزتي سمجهي ۽ سوچيو تہ ڳوٺ وارا چا چوندا؟ اُنهي ڪري اُهو پوڙهو ٽي ڏينهن پنهنجي وڏي پُٽ جي گهر نہ آيو. ننڍي پُٽ جي گهر چؤپاري ۾ رهيو. ڏينهن جو ٻنين ۾ هليو ويندو هو، رات جو چؤپاري ۾ حقو پيئي ۽ ڏُک ڪري تہ اهي ڪهڙا ڏينهن ڏسي رهيو آهيان.

رات جو داس (ليڪڪ) ستسنگ ڪيو. لائوڊ اسپيڪر لڳائي رکيو هو. رام ڪُمار جي چوڪري کي معلوم هو تہ ڏاڏاجي مٿي چؤپاري ۾ آهن. اُن هڪ اسپيڪر جو رخ ڏاڏي جي چؤپاري جي طرف ڪري چڏيو. ستسنگ جا وچن ٻُڌڻ پوڙهي جي مجبوري ٿي وئي. ٻہ ڏينهن ستسنگ ٻُڌي پوڙهو ٽئين ڏينهن پاڻ جي پوگ تي رام ڪمار جي گهر آيو. رام ڪمار جي پتني ٻُڌايو تہ مون سوچيو هو تہ پوڙهو ڪم بگاڙڻ آيو آهي. مهاراج جي ڪي غلط چوندو. پاڻ جي پوگ لڳڻ کان پوءِ رام ڪمار جو پيءُ منهنجي سامهون وينو ۽ چوڻ لڳو. مهاراج جي! آئون تہ اُنهي ستسنگ مان گهٽو ناراض هئس. مگر ٻہ ڏينهن توهان جي ڳالهہ ٻُڌي، مون کي جهنجهوڙي چڏيو. مون تہ مانش جنم جو پورو ئي ناس ڪري چڏيو. مون اٺ ايڪڙ زمين وڏيڪ خريد ڪئي، ٻنهي پُٽن کي پالي سنيالي وڏا ڪيا. ڏينهن رات ٻني ٻاري جي ڪم ۾ لڳو رهيس. توهان جي ويچارن مان معلوم ٿيو تہ مون زندگي برباد ڪري چڏي. هاڻي تہ 75 سالن جي عمر ٿي چُڪي آهي. هاڻي تہ پڇتي سان چا ٿيندو؟ اُها ڳالهہ چئي پوڙهو روئڻ لڳو. هچڪي لڳي وئي. مون اُن کي آٿت ڏيندي چيو تہ تون يقين رک اجان ٻہ ڪجهہ ناهي بگڙيو. هڪ مثال تہ گروجي کان هِن داس (رامپال داس) ٻُڌو هو. ٻُڌايو تہ جيئن کوهہ ۾ بالٽي ڪري وئي هجي ۽ اُن جي رسي (جيڪا بالٽي سان ٻڌي ويندي آهي، جنهن سان بالٽي ذريعي پاڻي کوهہ مان ڪڍيو ويندو آهي. پُراڻي وقت ۾ کوهہ اٽڪل 100/150 فوٽ اُونها هوندا هئا) ٻہ کوهہ ۾ وڃي رهي هجي. جيڪڏهن ڊوڙي رسي کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان رسي جو چيڙو ٻہ هٿ ۾ اچي ويو تہ ڪجهہ ٻہ نہ ويو. بالٽي ٻہ ملي وئي ۽ پاڻي ٻہ حاصل ٿي ويو. جيڪڏهن ويچار ڪري تہ بالٽي تہ وئي، وڃڻ ڏيوتہ چربائپ آهي. اهڙي طرح توهان جي عمر روپي رسي جو چيڙو (End) بچي آهي. هاڻي دکشا وني سيئي نشا چڏي ڪري مربادا ۾ رهي ساڌنا ڪريو، موڪش ٿي ويندو. اُنهي وقت اُنهي پڇت آتما دکشا ورتي ۽ پوري لگن سان پڇتي ڪئي. اهو 85 سال جي عمر ۾ جسم چڏي ويو، جيون سڦل ڪيو. هو حقو پيئندو هو. اُن ڏينهن چڏي ڏنو جنهن ڏينهن دکشا ورتي اُن کان پوءِ حقي کي هٿ ٻہ نہ لڳايو. رام ڪُمار جي ننڍي پاءُ جي ڪُٽنب ٻہ نام ورتو. پوڙهو پڇت

خود اُنهن کي وڻي ستسنگ آيو هو. پڳتي ڪرڻ جو چوندو هو. ڳوٺ مُنوپر جا ماڻهو اچرج ۾ پئجي ويا تہ ايترو حقو پيئڻ واري ڪيئن حقو ڇڏي ڏنو؟ حقو پيئڻ وارن وٽ بہ نہ ٿو ويهي.

"ايڪي چوٽ سڏاريا، جن ملن دا چاھ"

هرياڻوي چوٽي آهي تہ:-

"گھام کا اور گيان کاچمکا سا لگيا کري"

اُنهي ۾ ڪم ٿي ويندو آهي. مطلب آهي تہ بڊي جي مهيني ۾ اُس (گھام) جو زور وڌيڪ هوندو آهي. بني ۾ ڪم ڪرڻ وارن کي اُس ماري وجهندي آهي. (گھام مارنا = اُس سان جسم ۾ نقصان ٿيڻ، جنهن جي ڪري جسم ۾ گرمي وڌي ويندي آهي. بخار ٿي ويندو آهي، اُن کي چوندا آهن گھام ماري ويو) اُهو ماڻهو ڊاڪٽر کي چوندو آهي تہ مون کي خبر نہ پئي تہ ڪڏهن گھام ماري ويو. ڊاڪٽر چوندو هو تہ گھام جو تہ چمڪ لڳندو آهي يعني اچانڪ اثر پئجي ويندو آهي. اهڙي طرح جنهن کي گيان جو اثر ٿيڻو آهي تہ هڪ بہ لفظن سان ئي گيان ٿي ويندو آهي، پڳتي تي لڳي ويندو آهي.

"چؤڌري جِيتا جاٽ کي گيان ٿيو"

ڳوٺ ڪيڪڑا ضلع باغ پت (اُتر پرديش) اٽڪل 275 سال اڳ هڪ جيتو رام جاٽ هو. نو سو بيگھا زمين هئي. ڳوٺ جو نمبردار (ڊِل وصول ڪندڙ) هو. سيني کان شاهوڪار ۽ پنچائتي ماڻهو هو. سچ جو پاسو وٺندو هو. ڪوڙ کي اهميت نہ ڏيندو هو. اُنهي ڳوٺ (ڪيڪڑا) ۾ هڪ سنت گھيسا داس جي اُنهي وقت ۾ ستسنگ ڪندو هو. اُهو چمار ذات جو هو. اُنهي وقت اوچ نيچ جو پيد ياءُ عروج تي هو. سنت گھيسا داس جي ڪي پرميشور ڪبير جي اٽڪل 7/8 سال جي عمر ۾ جهنگ ۾ مليا هئا. اُن کي اُتم گيان ۽ دڪشا ڏيئي انتر ڌيان ٿي ويا هئا. وڌا ٿي سنت شري گھيسا داس ستسنگ ڪرڻ لڳا. آسپاس جا ماڻهو ستسنگ ٻڌي دڪشا وٺي ڏکن کان آجا ٿيڻ لڳا. ڏينهن ۾ پنهنجي گذاري ڪرڻ لاءِ ڪم ڪار ڪندا هئا ۽ رات جو ستسنگ ٻڌندا هئا. مهيني ۾ بہ ڏينهن ستسنگ ڪندا هئا. رات جو ستسنگ ۾ مرد ۽ عورت سيئي ايندا هئا. ڳوٺ ۾ ڳالھ هلڻ لڳي تہ رات ۾ عورتن جو وڃڻ نيڪ نہ آهي. ڪابہ نہ وٽندڙ واقعو پيش اچي سگھي ٿو. اُنهي ڪري ستسنگ کي بند ڪرايو وڃي. ڳوٺ ڪيڪڑا جي پنچائت ٿي. پنچائت ۾ ستسنگ بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ اُهو پيغام خود پنچائت جي اڳواڻ چوڌري جيتارام جي کي ڏنو. چوڌري جيتارام جي گھيسا داس جي گھر ويا. اُنهي ڏينهن ستسنگ هلي رهيو هو. ڳوٺ جي پنچائت جي چرچا پوري ڳوٺ ۾ ٿي ڇُڪي هئي. جڏهن چوڌري جيتارام جاٽ پهتا تہ ستسنگ ٻڌندڙن کي لڳو تہ چوڌري صاحب جاٽ دماغ جا آهن. سنت جي سان جهڳڑو ڪندا. جيتارام جي گھر کان لٽ کٽي آيا هئا جيڪا رستي ۾ هڪ وڻ سان اُپي ڪري رکي آيا هئا. خيال آيو تہ پڳٽ ٽوڙئي جهيڑو ڪندا آهن. سُڻي سياءُ ۾ لٽ کٽي وڃڻ پنچائتي کي نٽي سونهي. ستسنگ هلي رهيو هو. چوڌري صاحب ويچار ڪيو تہ ڪجھ اُن جي ڳالھ ٻڌان ٿو، پوءِ چوندس. ستسنگ ۾ اُهو ئي گيان ٻُڌايو ويوجيڪو توهان هرلال جي ذڪر ۾ پڙهي آيا آهيو. چوڌري صاحب تہ پريمي ٿي ويو. اکين ۾ تہ لڙڪ جون لارون وهڻ لڳيون. اُٿي سنت گھيسا داس جي چرٽن ۾ سيس نمايو ۽ چيو تہ اي گرووديو! مون گناھ گار کي مارين يا ڇڏين، غلطي تمام گھٽي ڪري ڇڏي آهي. آئون بد جيو ستسنگ بند ڪرائڻ جو حڪم کٽي آيو آهيان. معاف ڪريو پريو. توهان دل کولي ستسنگ ڪريو. ڪوبہ نہ روڪيندو. سنت گھيسا داس جي چيو تہ چوڌري صاحب! جيڪو ڪم ڪرڻ آيو هُئين اُهو ڪر. جيتا جاٽ روئڻ لڳو ۽ چيو معاف ڪريو، معاف ڪريو، مون کي دڪشا ڏيو. چوڌري جيتارام جاٽ جي پڳٽ ٻڌجي ويا ۽ خود بہ رات جو ستسنگ ٻڌڻ لڳا. ڳوٺ ڪيڪڑا جي گھر گھر ۾ چوڌري صاحب جيتارام جاٽ جي سنت گھيسا داس جي شرڻ ۾ وڃڻ جي گلا ٿيڻ لڳي. چوڻ لڳا تہ سنت گھيسا داس جين ساڌو (سيوڑا) آهن. جادو جنتر جاڻي ٿو. ڳوٺ جي چوڌري تي جادو جنتر ڪري پنهنجي وس ڪري ڇڏيو آهي. پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ جو جنتر منتر جاڻي ٿو. چوڌري جيتارام جي گھر وارا چوڪرا ۽ ياءُ چاچا سيئي جيتارام جاٽ ۽ گھيسا رام سنت جا مخالف ٿي پيا. ڳوٺ وارا چوڌري جيتارام کي چوڻ لڳا تہ چوڌري صاحب ٻُڌاپڻ ۾ بہ

توهان بگڙي ويا. چوڌري جيتارام جي کي اڏياتمڪ گهام (بخار) چڙهي ويو يعني گيان جو مضبوط اثر ٿي ويو. هو چوندو هو ته ڳوٺ وارا! منهنجا ته پاڻ ڪُلي ويا آهن جو آئون پڳٽ بڌجي ويس ۽ توهان جي نظر ۾ بگڙي ويس. پڳوان ڪري مون وانگر توهان سيئي بگڙي وجو. بنا بگڙڻ جي ڪم نه هلندو. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ ڳوٺ جي پنچائت ٿي ۽ سنت گهيسا داس جي ۽ پڳٽ جيتارام جي کي ڳوٺ ڇڏڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو. ٻئي گرو شش ترت ڳوٺ ڇڏي پري مڪان تي هڪ ڳوٺ ۾ ستسنگ ڪري عوام کي سمجهائڻ لڳا. تمام گهٽا ماڻهو شش ٿي ويا. سنتن جي هلي وڃڻ کان پوءِ ڳوٺ ڪيڙا ۾ اڻ منداڻتا موت ٽيڻ لڳا، پنچائتن جي گهر ۾ پرماتما جو ناراضپو ٿي ويو. ڪنهن جي چاري ۾ باهه لڳي ته ڪنهن جا جانور مرڻ لڳا. ڪنهن جي ڪُٽنب ۾ پريت ڳالهائڻ لڳا، ڪنهن جون ڏيئرون بيواهه ٿي ويون، ڪنهن کي اڏرنگ جي شڪايت. ڳوٺ جي جانورن ۾ بيماري پکڙجي وئي. ڳوٺ ۾ ڪجهه ماڻهو ڪنهن جهاڙ ڦونڪ ڪرڻ واري وٽ ڳوٺ ۾ ٽيندڙ فسادن جو ڪارڻ ڄاڻڻ جي لاءِ ويا. جهاڙ ڦونڪ واري ٻڌايو ته توهان جي ڳوٺ ۾ به سنت پڳٽ رهندا هئا، اُهي ڳوٺ مان هليا ويا آهن. اُهي واپس ايندا تڏهن ڳوٺ وسندو نه ته اُجڙي ويندو. اُنهن ماڻهن ڳوٺ ۾ اچي پنچائت ڪري سڀ ڳالهه ٻڌائي. ڳوٺ جي چگڻ مُڙسن سنتن پڳٽن کي واپس آڻڻ جي لاءِ اُنهي ڳوٺ ۾ ويا. پڳٽ جيتا داس گرو گهيسا داس جي کي چيو ته لڳي ٿو ته گرووديوا! هتان کان به ڪيڙ لاءِ ڳوٺ وارا اچي ويا آهن. ڏسوا! هُو اچي رهيا آهن. سنت گهيسا داس جي چوڻ لڳا، رک چادر ڪُلهي تي، هلندا رهنداسُون. ايتري ۾ ڳوٺ جو چوڌري ويجهو اچي ويو ۽ پنهنجي پنهنجي مٽي جو صافو سنت گهيساداس ۽ پڳٽ جيتاداس جي چرڻن ۾ رکي ڇڏيا، سيئي ماڻهو چوڻ لڳا مهاراج جي! غلطي معاف ڪريو. توهان جي اڇڻ کان پوءِ ڳوٺ اُجڙڻ لڳي ويو آهي. بچائڻو هجي ته بچائي ونو. نه ته اسان به هتي توهان وٽ ئي رهنداسُون. اُنهي ڳوٺ جا ماڻهو به گڏ ٿي ويا. سيئي واقعي جي خبر پيئي. موجود ڳوٺ وارا ماڻهو چوڻ لڳا ته چوڌريو! توهان وسندا ته اسان اُجڙنداسُون. جڏهن کان اهي ٻئي ديوتا ڳوٺ ۾ آيا آهن، ڳوٺ ۾ ڪنهن جي ٿُو ٿُو، مين مين به نه رهي. به دفعا برسات وسي چُڪي آهي. ڏسو فصل لهرائي رهيا آهن. ڪيڙا وارن وڌيڪ عرض ڪيو ته بنهي مها پُرشن ته موٽڻ جي ها ڪئي ۽ موجود ڳوٺ وارن کي چيو ته اسين وقت وقت تي ايندا رهنداسُون. هرهڪ پورٽماسي تي توهان ڪيڙا اچجو. پرماتما ڪبير جي سڀ نيڪ رکندا، بنهي مهاپُرشن جي اڇڻ سان ئي سڄي ڳوٺ ۾ مڪمل سُکون ٿي ويو. جانور صحتمند ٿي ويا. ٻئي ڏينهن تمام گهٽي برسات پيئي. هاري ماڻهو کيڙن ۾ نه ماپي رهيا هئا. 36 برادري خوش هئي. سيئي جهيڙا فساد بند ٿي ويا. اڄ تائين ان ڳوٺ ۾ سنت گهيسا داس جي ۽ پڳٽ جيتارام جي نالي ميلا لڳندا آهن. سنت غريب داس جي چيو آهي ته:-

غريب؛ جس منڊل ساڌو نهين، ندي نهين گُنجار

تج هنسا وه ديسڙا، جم کي موٽي مار

اُنهي ڪري اي پڙهندڙؤ! جڏهن به جنهن عمر ۾ ستگرو ملي وڃي. پڳٽي شروع ڪرڻ گهرجي. سنت غريب داس جي چيو آهي ته:-

غريب؛ چلي گئي سو جان دي، لي رهتي ڪُون راک

اُتري لاوَ چڑهائيو، ڪرو اپوني چاک

ارٿ:- جيڪا عمر گذري وئي، اُن جي ڪٽتي ڇڏي باقي جي حفاظت ڪريو يعني پڳٽي، دان ۽ شيوا ۾ لڳائي ڇڏيو. جيئن پُراڻي وقت ۾ ڪوهه مان بني جي ريج ڏيڻ لاءِ چمڙي جي چڑس استعمال ٿيندي هئي. جنهن ۾ به ٽي ڪوئنٽل پاڻي پرجي ويندو هو. اُن کي ڪاڻ جي چرخي جي مٿان ٽلهي رسي سان بڌي ڇڪيندا هئا. جيڪڏهن رسي چرخي تان لهي ويندي هئي (ترڪي ويندي هئي) ته اُن کي ڇڪڻ مشڪل ٿي ويندو هو. اُن کي جيئن تيئن وري چرخي تي چاڙهيو ويندو هو.جنهن سان چڑس کي باهر ڪيڻ آسان ٿي ويندو هو جيڪو اُن مان فائدو وٺڻ جو اعليٰ طريقو آهي. اُنهي ڪري اي انسان! جيڪڏهن گرو شرڻ نه ملي آهي ته اوهان

جي رسي لٽل پيئي آهي. زندگي جو هرڪم ڪار مصيبت بڻيل پيو آهي. اُنهي زندگي جي رسي کي وري چرخي تي چاڙهيو، پوءِ هلايو آسان ٿي ويندو يعني گرو جي شرڻ وني پنهنجي زندگي جي رستي کي آسان بڻايو.

"وئشيا جو اُڌار"

❖ ستسنگ ٻُڌڻ سان زندگي سُڌري ويندي آهي:-

ڪبير پرميشور جي رات جو گهر گهر ۾ ستسنگ ڪندا هئا. ڏينهن ۾ پنهنجي گذر سفر لاءِ سيئي ٻُڌندڙ ۽ ڪبير جي ڪم ڪار ڪندا هئا.

هڪ رات ۾ ستسنگ هلي رهيو هو. ٿوري فاصلي تي ڪاشي شهر جي مشهور وئشيا (طوائف) چمپاڪلي جو عاليشان گهر هو. اُن رات جو وئشيا کي گراهڪن جي ڪوت هئي، جنهن جي ڪارڻ انتظار ۾ جاڳي رهي هئي. اُن کي پرماتما ڪبير جي جي مُک ڪمل مان پياري امرت واڻي ٻُڌڻ ۾ آئي. ستسنگ ۾ ٻُڌايو ويو ته انسان (مرد/عورت) جو جنم وڏي پُڃ سان ملندو آهي. جيڪي مرد ۽ عورتون پڳتي نٽيون ڪن، دان شيوا نٽا ڪن، اُهي پرماتما جا چور آهن. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 3 شلوڪ نمبر 12 ۾ چيو آهي ته جيڪي ماڻهو پرماتما کان حاصل ٿيل ڌن جو ڪجهه حصو دان ڏرم ۾ لڳائڻ ڪانسواءِ خود پيٽ پيري ٿو اُهو ته پرماتما جو چور آهي). جيڪو انسان چوري، ڦر، ڏڳي، عياشي ڪن ٿا. اُهي مها اپراڌي آهن. جيڪي عورتون وئشيا (طوائف) جو ڌنڌو ڪن ٿيون. اُهي به وڏيون گناهه گار آهن. پرماتما جي دربار ۾ اُن کي ڪنن ڏنڊ ڏنو ويندو. انساني جنم سُنا ڪرم ڪرڻ ۽ پڳتي ڪرڻ جي لاءِ حاصل ٿيندو آهي.

ڪبير، چوري جاري وئشيا ورتي، ڪيو نا ڪريو ڪوئي
پٽيه پائي نه ديهي، اوچي ٿور نه ڪوئي

انساني جنم کي حاصل ساهواري کي گهرجي ته سڀ کان پهرين پورڻ گرو جي شرڻ ۾ وڃي دڪشا حاصل ڪريو. پوءِ زندگي ۾ گرو جي مريادا ۾ رهي ڪري ساڌنا ۽ شيوا، دان ڏرم ڪندو رهه. پنهنجو روزانو وارو ڪم به ڪندا رهو. پر سڀ بُرائي ڇڏي ڏيو. اُن جو ڪلياڻ ضرور ٿيندو آهي. اڌياتم گيان نه هئڻ جي ڪري انسان (مرد/ عورت) صرف ڌن ڪمائڻ کي پنهنجو مکيه مقصد ناهي زندگي جي سفر کي طئ ڪري ٿو. جيڪڏهن توهان وٽ ارب کرب تائين ڌن دولت آهي جيڪا پنهنجي پوري زندگي ۾ ات پٽ، دوکو ڏڳي ڪري ميڙي آهي. اچانڪ موت ٿي ويندو آهي. سڄي عمر جو ڪنو ڪيل ڌن ته هتي رهجي ويو. گڏ ته جسم به نه ويو. گڏ ويا ته اُهي پاپ جيڪي پوري زندگي ۾ مايا جي ميڙڻ ۾ ٿيا هئا.

ڪايا تيري هئه نهين، مايا ڪهان سي هوءِ
گرو چرڻ ڪمل ۾ ڌيان رک، اِن دونون کو کوءِ

ارٿ:- جنهن ڪايا (جسم) کي صحتمند رکڻ لاءِ انسان پنهنجي ڌن دولت کي به وڪڻي علاج ڪرائي ٿو. چيو آهي ته ڪايا به توهان سان گڏ نه هلندي. مايا جي ڪهڙي ڳالهه ٿا ڪريو. پورڻ گرو کان دڪشا وني ڏينهن رات پڳتي ڪر. گرو جي ٻُڌايل گيان کي آڌار بڻائي زندگي جي واٽ تي هل. ڪايا ۽ مايا کان موهه هٽائي پڳتي ڌن گڏ ڪر.

ڪبير، سب جگ نرڌنا، ڌنونتا نه ڪوءِ
ڌنونتا سو جانيو، رام نام ڌن هوءِ

اي انسان! انسان جي پوئين تاريخ ڏسي وٺ.

سَرَو سوني ڪي لنڪا ٿي، راوڻ سي رڌير
ايڪ پلڪ ۾ نشٽ هوئا، جم ڪي پڑي جنجير

ارٿ:- شري لنڪا جي راجا راوڻ وٽ ايترو ڌن هو تہ اُن سون جا محل بڻائي رکيا هئا. جڏهن ناس ٿيو تہ هڪ رتي (گرام) سون بہ راوڻ گڏ نہ ڪٽي وڃي سگهيو.

غريب؛ پگتي بن ڪيا هوت هئہ، پرم رها سنسار
رتي ڪنچن پايا نهين، راوڻ چلتي بار

ارٿ:- سنت غريب داس جي بہ اُنهي ڳالهہ جو حوالو ڏنو آهي تہ پڳتي بغير جيوَ کي ڪو فائدو نہ ٿيندو. مايا ميڙڻ جي لاءِ پوري زندگي پٽڪندو رهندو آهي. شري لنڪا جي راجا راوڻ وٽ لامحدود ڌن، سون وغيره هو. مگر دنيا ڇڏي وڃڻ وقت هڪ گرام سون بہ گڏ نہ ڪٽي وڃي سگهيو. ست پُرش جي ست پڳتي نہ ڪرڻ سان يم دوتن طرفان هٿ ڪڙي لڳائي مٿي يم راج وٽ وٺي ويا. نرڪ ۾ وڌو ويو. اُنهي ڪري اي انسان! بُرن ڪمن کان ڈجو، ست پڳتي گرو ڌارڻ ڪري ڪربو.

وهمن کي دور ڪندي پرميشور ڪبير جي ستسنگ ۾ ٻُڌايو آهي روحاني علم نہ هئڻ جي ڪارڻ سُنن ماڻهن کان بہ پاپ ٿي ويا آهن. جڏهن اُنهن ستسنگ ٻُڌو تہ سيئي بُرايون ڇڏي ڪري پڳتي ڪري پنهنجو ڪلياڻ ڪرايو آهي. پرميشور ڪبير جي ٻُڌايو آهي تہ مون وٽ ساڌنا جا اُهي اُتم منتر آهن جيڪي سيني پاپن کي ناس ڪري ڇڏيندا آهن. پُڄ بچي ويندا آهن. (جيئن موجود دؤر ۾ سائنسدانن هڪ اهڙي دوا جي تحقيق ڪئي آهي جيڪا بني ۾ وجهڻ سان گاهہ ۽ ڪڪ پن ڪچري کي ناس ڪري ڇڏيندي آهي، فصل محفوظ رهندو آهي). اُهي منتر آئون پنهنجي لوڪ کان وٺي آيو آهيان.

سوهم شبد هم جگ ۾ لائي، سار شبد هم گپت چپائي

(رگويد منڈل نمبر 9 سُڪت نمبر 95 منتر نمبر 02 ۾ بہ ثبوت آهي تہ پرماتما روبرو ظاهر ٿي پنهنجي امرت واڻي سان مڪتي جي سچي رستي جو جذبو جاڳائيندو آهي. اُهو پرماتما سيني ديون جو ديو يعني سيني جو مالڪ پڳتي جي لڪيل نام جي ايجاد ڪندو آهي) جيڪڏهن ڪو مهاپاپي بہ آهي. ست ساڌنا ڪرڻ لڳي ويندو آهي ۽ اڳتي ڪو پاپ نٽو ڪري تہ اُن جا سيئي پاپ ناس ٿي ويندا آهن. پڳتي ڪري پنهنجو ڪلياڻ ڪرائي سگهو ٿا.

مٽيان امرت وچن ٻڌي اُها پيٽ وٺشيا جيئن گهري نند مان اُٿي هجي، ڦٽڪڻ لڳي. گهر ۾ تالو لڳائي ستسنگ جي مڪان تي اچي وئي. پويان عورتن جي طرح ويهي رهي. ستسنگ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ آواز لڳو تہ جيڪو دڪشا ونڻ چاهي ٿو، اُهي اڳيان گرويو وٽ اچي وڃن. ڪجهہ مرد ۽ عورتون اُٿي اڳتي آيا. اُها وٺشيا بہ آئي ۽ گرويو جي ڪي پنهنجي واقفيت ڪرائي ۽ ٻُڌايو تہ مون کي 40 سال جي عمر ۾ پهريون دفعو اُهي اُپڪاري وچن ٻُڌڻ لاءِ مليا آهن. اي پرماتما! ڇا مون جهڙي پاپڻ جو بہ ڪلياڻ ٿي سگهي ٿو؟ هونئن تہ توهان سيئي حل ستسنگ ۾ ٻُڌائي ڇڏيا مگر پنهنجي گلا خور زندگي جي طرف جهاتي پائي ڏسان ٿي تہ شرمندگي محسوس ٿئي ٿي ۽ يقين نہ ٿي رهيو آهي تہ مون جهڙي گناهہ گار کي معاف ڪيو ويندو.

پرميشور ڪبير جي چيو آهي تہ:-

ڪبير؛ جب هي ستنام هردي ڌريو، پئيو پاپ ڪو ناس
جيسي چنگاري اگني کي، پڑي پُراڻي گهاس

ارٿ:- جيئن ڪروڙ ٽن سُڪل گاهہ جو ڍير لڳل هجي، جيڪڏهن اُن ۾ ماچيس جي هڪ تيلي ٻاري وڌي وڃي تہ اُنهي گاهہ کي خاڪ ڪري ڇڏيندي. پوءِ هوا لڳندي تہ اُنهي خاڪ کي بہ اُڏائي ڪٽي ويندي. سيئي ناس ٿيو. اهڙي طرح ڪروڙين جنمن جا پاپ چو نہ هجن، منهنجي سچي منتر جو جاپ اُن کي جلائي رک ڪري ڇڏيندو. آئيندہ ڪابہ غلطي نہ ڪجو. ڪلياڻ ٿي ويندو. (يجُروويد جي اڌياءِ نمبر 8 منتر نمبر 13 ۾ بہ اهوئي ثبوت آهي تہ پرماتما پنهنجي پڳت (اينسه اينسه) جي گهور پاپن جو بہ ناس ڪري ڇڏيندو آهي. جيو جو ڪلياڻ ڪري ڇڏيندو آهي)

اُن پيڙ پاپ جو ڪم (وٺشيا جو ڏنڏو) ڇڏي ڏنو. پرماتما ڪبير جي ڪان دڪشا وٺي مريادا جو پالن ڪندي پوري زندگي ساڏنا ڪري چمپاڪلي موڪش پاتو.

"رنڪا بنڪا جي ڪٿا"

پرميشور ڪبير جي ڪان چمپاڪلي پُڇيو تہ اي پڳوان! هِن پاپ جي ملڪيت ۾ پئسن ڪي ڇا ڪريان؟ پرميشور ڪبير جي چيو تہ اي ڏيءِ! اُنهي نرڪ جي ڏن ڪي دان ڪري ڇڏ. گهر وڃي چمپاڪلي ويچار ڪيو تہ جيڪڏهن سڄو ڏن خيرات ڪري ڇڏيو تہ ڇا ڪائيندیس؟ ڪو ٻيو ڏنڏو نہ آهي. چمپاڪلي ستسنگ ۾ وڌيڪ وقت وڃڻ لڳي. هڪ ڏينهن ستسنگ ۾ ٻُڌايو ويو تہ:-

رنڪا (مرد) ۽ بنڪا (استري) پرماتما جا پرم پڳت هئا. تتو گيان ڪي چگي طرح سان سمجهيو هو. اُنهي آڌار سان پنهنجي زندگي بسر ڪري رهيا هئا. اُن جي هڪ ڏيءَ هئي جنهن جو نالو ابنڪا هو. هڪ ڏينهن نام ديو پڳت پنهنجي گروجي ڪي چيو تہ گرووديو توهان جا پڳت رنڪا ۽ بنڪا تمام غريب آهن. توهان اُنهن ڪي ڪجهہ ڏن ڏئي ڇڏيو تہ اُنهن ڪي جهنگل مان ڪاڻيون وٺي شهر ۾ وڪڻي گذارو نہ ڪرڻو پوي. ٻئي جهنگل ۾ ويندا آهن. ڪاڻيون چونڊي وٺي ايندا آهن. پڃن جو ڪم مُشڪلات سان هلندو آهي. گرووديو چيو، پائي! مون ڪيترا دفعا ڏن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر هي سپ دان ڪري ڇڏيندا آهن. ہ تي پيرا تہ آڻون خود روپ بدلائي ڪاڻيون خريد ڪرڻ وارو بڻجي ويو آهيان. اُن جي ڪاڻين جي قيمت ٻين ڪان سؤ پيرا وڌيڪ ڏني هئي. اُنهن جون ڪاڻيون هر روز ہ ٻ آنن ۾ وڪڻجنديون هيون. مون ڏهہ روپين ۾ خريديون هيون. اُنهن چار آنا رکي باقي روپيہ مون کي ستسنگ ۾ دان ڪري ڇڏيا. هاڻي توهان ٻُڌايو تہ ڪيئن ڏن ڏيان؟ پڳت نام ديو جي وري عرض ڪيو تہ هاڻي وري هڪ دفعو ڏن ڏئي ڏسو، ضرور ونندا! گرو ۽ نامديو جي هُن رستي تي ويا جنهن رستي ڪان رنڪا- بنڪا ڪاڻيون وٺي جهنگل ڪان ايندا هئا. گروجي رستي ۾ سون (Gold) جا تمام گهڻا زيور اُڇلائي ڇڏيا جنهن جي قيمت لاکون روپيا هئي. نام ديو ۽ گرووديو هڪ جهاڙ جي پويان لڪي بيهي ويا. رنڪا اڳيان هلي رهيو هو متي تي ڪاڻيون رکي ۽ هُن جي پويان ڪاڻيون وٺي بنڪا ہ سؤ فوٽ جي اندر ۾ هلي رهي هئي. پڳت رنڪاجي ڏنو تہ سونا زيور تمام قيمتي آهن ۽ بنڪا عورت ذات آهي، ڪٿي زيورن ڪي ڏسي لالچ اچي نہ وڃي ۽ پنهنجو ڏرم ڪرم خراب ڪري ڇڏي. انهي لاءِ پيرن سان اُنهي زيورن تي متي وجهڻ لڳو. پڳت متي بنڪا ہ پورڻ گرو جي چيلي هئي. اُنهن ڏنو تہ پتي ديو سونن زيورن تي متي وجهي رهيو آهي، مقصد ہ سمجهي وئي. وڏي آواز سان چيو تہ هلو پڳت جي! چو متي تي متي وجهي رهيا آهيو. بنڪا جي سمجهي ويو تہ ارادي جي مضبوط آهي، ڪچي نہ آهي. ٻنهي اُنهن لکن جي ڏن جو اُلنگهن ڪري نگر هليا ويا. گروجي چيو تہ ڏسي ورتو پڳت نامديوجي! پڳتي هجي تہ اهڙي هجي.

هڪ ڏينهن شام چار بجي گروجي ستسنگ ڪري رهيا هئا. ستسنگ جو مڪان رنڪا جي جهونپڙي ڪان چار ايڪڙ ڪن پري هو. رنڪا ۽ بنڪا ٻئي ڄڻا ستسنگ ٻُڌڻ ويل هئا. اُن جي ڏي ابنڪا (عمر 19 سال) جهونپڙي جي ٻاهران ڪٽ تي وينِي هئي. جهونپڙي ۾ باهہ لڳي وئي. سڄو سامان ٻري ويو. ابنڪا ڊوڙي ڊوڙي آئي ۽ ڏنو تہ ستسنگ هلي رهيو هو. گروجي ستسنگ ٻُڌائي رهيا هئا. ٻُڌڻ وارا باقي ڌيان سان ستسنگ ٻُڌڻ ۾ مگن هئا. خاموشي ڇانيل هئي. ابنڪا زور زور سان چيو تہ ماتاجي! جهونپڙي ۾ باهہ لڳي وئي. سڄو سامان ٻري ويو. ماتا بنڪا اُتي ۽ ڏي ڪي هڪ طرف وٺي وئي ۽ پُڇيو تہ ڇا بچيو آهي؟ ڏي ابنڪا ٻُڌايو تہ هڪ ڪٽ ٻاهر هئي، اُها ئي بچي آهي. پڳت رنڪا ہ اُتي اچي ويو هو. ٻنهي چيو تہ ڏي! اُنهي ڪٽ ڪي ہ باهہ جي حوالي ڪري اڇ، ستسنگ ٻُڌي وڃ. جهونپڙي نہ هوندي تہ باهہ نہ لڳندي، تہ ستسنگ جي وچن جو آنند پنگ نہ ٿيندو. ابنڪا وئي ۽ ڪٽ ڪي جهونپڙي واري باهہ ۾ وجهي ستسنگ ٻُڌڻ اچي وئي. ستسنگ ڪانپوءِ گهر ويا. اُنهي وقت جو ڪاڏو ستسنگ ۾ پنڌاري ۾ ڪائي ورتو هو. رات ۾ ٻريل جهونپڙي جي ويجهو هڪ وڻ جي هيٺيان بغير بستري جي سمهي رهيا. پڳتي ڪرڻ جي لاءِ وقت تي اُٺيا تہ اُن جي مٿان سُندر جهونپڙي هئي ۽ سپ برتن ۽ اتو- دال وغيره وغيره متي جي گهڙي ۾ ٻريل هئا. اُنهي وقت آڪاش واٽي تي تہ پڳت پربوار! هي پرماتما جي مهر آهي. توهان انهي جهونپڙي ۾ رهو، هي حڪم آهي گرووديو جو. تنهي ڄڻن چيو تہ جيڪا حڪم

گرودیو! صبح ٹیو تہ نگر جا ماڻهو ڏسي اچرج ۾ پئجي ویا تہ جھونپڙي ٻئي وڻ سان گڏ جڙيل هئي، هُن پُراڻي جي رک پيئي هُئي. نئين جھونپڙي هڪ هفتي کان پھرين نھي نہ سگھندي هُئي. سيني ڇيو تہ هي تہ اُن جي گرو جي جو چمتڪار آهي. نگر جي ماڻھن ڏنو ۽ گروجي کان دڪشا ونڊ جو ارادو ڪرڻ لڳا. هزارين نگر واسين دڪشا ورتي. (هي سڀ ليلا پرميشور ڪبير جي ڪاشي شهر ۾ پرڳٽ هئڻ کان لڳ ڀڳ ٻہ سؤ سال اڳ جي هئي. اُنهي وقت ڀڳت نامديو جي کي ٻہ شرڻ ۾ ورتو هو)

مٽئين ڪٽا ٻُڌي واضح ٹيو تہ ڀڳت متي چمپاڪلي جي من جو ڊپ ختم ٿي ويو ۽ سڀ ملڪيت ۽ ڌن پرماتما ڪبير گروجي جي حوالي ڪري ڇڏيو. پرماتما ڇيو تہ ڏي! جڏهن تون ئي منهنجي ٿي وئي تہ ملڪيت تہ پنهنجو پاڻ ئي منهنجي ٿي وئي. هِن منهنجي ملڪيت کي ايتري رکي وٺ جيتري ۾ تنهنجو گذارو ٿئي، باقي دان ڪندي رهجان. ڀڳت متي چمپاڪلي ايئن ئي ڪيو. مڪان رکي ڇڏيو ۽ باقي روپيا گرو جي جي آگيا مطابق پوڄن پنڌاري ۾ دان ڪري ڇڏيا.

"ڪبيرجي طرفان ششن (مريدن) جو امتحان ونڊ"

بندي ڇوڙ ڪبير جي طرفان ڪيتريون نہ ٹيڻ جھڙيون ليلائون ڪرڻ سان موهت ٿي ڇوهڻ لک چيلا بڻيا هئا. پرميشور تہ پُوت۔پوشيہ ۽ هلندڙ وقت کي ڄاڻيندا آهن. اُن کي خبر هئي تہ هي سڀ چمتڪار ڏسي ۽ اُنهن کي منهنجي آشيرواد سان ٹيل جسماني لاپ جي ڪارڻ منهنجي جئہ جئہ ڪار ڪري رهيا آهن. اُنهن جو مون تي وشواس نہ آهي تہ آئون پرماتما آهيان. مگر ڏيکا ڏيکي چوندا ضرور آهن تہ ڪبيرجي اسان جو ستگرو جي تہ خود پرماتما آيا آهن. پنهنجا لاپ ٻہ ٻُڌائيندا هئا. هڪ ڏينهن پرميشور ڪبير جي چيلن جو امتحان ونڊ چاهيو تہ ڏسون تہ ڪيترو گيان کي سمجهيا آهن. جيڪڏهن اُنهن کي وشواس ئي نہ آهي تہ هي موڪش جي لائق نہ آهن. هي تہ منهنجي سر تي اجايو پار آهن. هي ويچار ڪري هڪ منصوبو ناهيو. پنهنجي پرم ششيہ رويداس کي چيو تہ هڪ هاٿي ڪرائي تي وٺي اچو.

ڪاشي نگر ۾ هڪ سٺي وٺشيا (طوائف) عورت هئي. اُن جي گهر کان ڪجھ فاصلي تي ڪنهن ڪبير جي جي ڀڳت جو گهر هو. ڪبير جي اُن جي اگڻ ۾ رات جي وقت ستسنگ ڪري رهيو هو. اُنهي ڏينهن اُن وٺشيا وٽ ٻہ گراهڪ نہ هو.ستسنگ جا وچن ٻُڌڻ جي لاءِ هُو پنهنجي گهر جي ڇت تي ڪرسي رکي ويهي رهي. سڄي رات ستسنگ ٻُڌو ۽ اُٿي ستسنگ جي مڪان تي آئي ۽ پرماتما ڪبير جي کي پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ چيو تہ گروجي! ڇا مون جھڙي پاپڻي جو ٻہ چوٽڪارو ٿي سگھي ٿو. مون پنهنجي زندگي ۾ پھريون ڀيرو آتم ڪلياڻ جي ڳالھ ٻُڌي آهي. هاٿي مون وٽ صرف ٻہ ئي اُپاءُ آهن يا تہ منهنجو ڪلياڻ ٿئي، يا آئون خودڪشي ڪري پاپن جو انت آڻيندس. پرماتما ڪبير جي چيو ڏي! خودڪشي ڪرڻ مهاپاپ آهي. ڀڳتي ڪرڻ سان سيئي پاپ پرماتما ناس ڪري ڇڏيندا آهن. توهان مون کان اُپديش وٺي ساڌنا ڪريو ۽ اڳتي پاپن کان پري رهجان. اُن ڀيڻ واعدو ڪيو ۽ پرماتما ڪبير جي کان دڪشا وٺي ڀڳتي ڪرڻ لڳي. جتي ٻہ پرماتما ڪبير جي ستسنگ ڪندا هئا، اُتي ستسنگ ٻُڌڻ وڃڻ لڳي. جنهن جي ڪارڻ ڪبير جي ڀڳتن کي اُن جي ستسنگ ۾ اڇڻ سُنو نہ لڳو. اُهي اُن چوڪري کي چوندا هئا تہ تنهنجي ڪري گرو جي بدنامي ٿئي ٿي، تون ستسنگ ۾ نہ ايندي ڪر. تون سيني کان اڳيان گروجي وٽ ويهندي آهين اُتي نہ ويهندي ڪر. چوڪري اها ڳالھ گرو ڪبير جي کي ٻُڌائي ۽ زارو زار روئڻ لڳي. پرميشور جي چيو تہ ڏي! تون ستسنگ ۾ ايندي رهہ. ڪبير جي ستسنگ وچن سان ثابت ڪيو تہ ميرو ڪپڙو صابڻ ۽ پاڻي کان پري رهي صاف ڪيئن ٿو ٿي سگھي؟ اهڙي طرح پاپي ماڻهو ستسنگ کان ۽ گروجي کان پري رهي آتم ڪلياڻ ڪيئن ٿو ڪرائي سگھي؟ ڀڳت وٺشيا ۽ بيمار کان نفرت نہ ڪندا، احترام ڪندا آهن. اُن کي گيان چرچا سان موڪش حاصل ڪرڻ جو اُتساهہ جاڳائيندا آهن. پرماتما ڪبير جي بار بار سمجهائڻ تي ٻہ ڀڳت جن اُن چوڪري کي ستسنگ کان منع ڪندا رهيا ۽ ٻھانا ڪندا هئا تہ تنهنجي ڪري گروجي ڪاشي ۾ بدنام ٿي ويا آهن. ڪاشي جا ماڻهو اسان کي بار بار چوندا آهن تہ توهان جي گروجي وٽ وٺشيا (طوائف) ٻہ ويندي آهي. اُهو ڪهڙو گرو آهي.

اُنهي ڇوڪري کي ڇيو تہ ڏي! تون مون سان گڏ هاڻي تي ويهي هلندين. ڇوڪري ڇيو جيڪو حڪم گرووديو جي! ٻئي ڏينهن لڳ ڀڳ 10:00 بجي هاڻي تي ٽيئي سوار ٿي ڪاشي نگر جي مکيہ بازار مان گذرڻ لڳا. سنت رويداس جي هاڻي کي هڪلي رهيا هئا. ڇوڪري رويداس جي پويان ڪبيرجي کان اڳ ۾ يعني ٻنهي جي وچ ۾ ويٺل هئي. ڪبير جي هڪ بوتل ۾ گنگا جو پاڻي پريو. اُنهي بوتل کي منهن تي لڳائي گھونٽ گھونٽ ڪري پيئي رهيا هئا. ماڻهن کي لڳو تہ ڪبير جي شراب پيئي رهيا آهن. شراب جي نشي ۾ وٺشيا کي سرعام بازار ۾ وڻي گھمي رهيو آهي. ڪاشي جا ماڻهو هڪٻئي کي ٻُڌائي رهيا آهن تہ ڏسو! وڌا وڌا اُپديش ڏيندو هو ڪبير جولاهو. اڄ اُن جا پول پڌرا ٿي ويا آهن. اُهي ماڻهو ستسنگ جي بهاني اهڙا ڪم ڪندا آهن. ڪاشي جا ماڻهو ڪبير جي چيلن کي جهلي ڏيکاري رهيا هئا تہ ڏسو توهان جي پرماتما جا ڪرتوت. شراب پيئي رهيا آهن. وٺشيا کي وڻي سرعام گھمي رهيا آهن. اها ليلا ڏسي اُهي چوهٽ لک نقلي شش ڪبير جي کي چڏي هليا ويا. پهرين واري ساڌنا ڪرڻ لڳا. لوڪ لج ۾ ڦاسجي گرو ومُڪ ٿي ويا.

پرماتما ڪبير جي خاص ڪري اهڙي ليلا اُن وقت ڪئي جنهن وقت دلي جو حاڪم سڪندر لوڌي ڪاشي ۾ آيل هو. اُنهي وقت سڪندر لوڌي ڪاشي ۾ موجود هو. قاضي - پنڊتن راجا کي شڪايت ڪئي ڪبير جُولاهي ظلم ڪري چڏيو. لج شرم چڏي ڪري سرعام وٺشيا سان گڏ هاڻي تي بُرو ڪم ڪري رهيو آهي. شراب پيئي رهيو آهي. راجا ترت پڪڙي گنگا ۾ ٻوڙي مارڻ جو حڪم ڏيئي چڏيو. پنهنجن هٿن سان راجا سڪندر هٿن ۾ هٿڪڙي ۽ پيرن ۾ بہ پير ڪڙي ۽ گلي ۾ توڪ لڳائي. ٻيڙي ۾ ويهاري گنگا درياءِ جي وچ ۾ وڻي وڃي سپاهين درياءِ ۾ اُڇلايو. هٿ ڪڙي، پيرڪڙي ۽ توڪ پاڻيهي تڻي پاڻي ۾ وڃي ڪريا، پرماتما پاڻي تي آرام سان وينا هئا. ڪجھ وقت ڪانپوءِ پرماتما ڪبير جي گنگا جي ڪناري تي آيا. سپاهين شيخ تقي جي حڪم تي ڪبير جي کي پڪڙي ٻيڙي ۾ ويهاري ڪبير پرماتما جي پيرن ۽ چيلھ تي ڳرا پٿر ٻڌي، هٿ پويان رسي سان ٻڌي گنگا ندي جي وچ ۾ اُڇلايو. رسي تڻي وئي، پٿر پاڻي ۾ ٻُڏي ويا. پرميشور ڪبير جي پاڻي تي ويٺل رهجي ويا. جڏهن ڏنو تہ ڪبير جي گنگا درياءِ ۾ ٻُڏيو ناهي تہ ڪروڌ ۾ اچي شيخ تقي راجا کي چئي توب جا گولا اُڇلائڻ جو حڪم ڏنو. پهرين ڪبير جي کي پٿر هنيا، گوليون هنيون، تير هنيا. آخر ۾ توب جا گولا چار پهر يعني ٻارنهن ڪلاڪ تائين ڪبير جي مٿان هلايا. کي تہ اُتي ڪناري تي ڪري وڃن، کي ٻئي ڪناري تي وڃي ڪرن، کي پري وڃي تلاءِ ۾ ڪرن. هڪ بہ گولو، پٿر، بندوق جي گولي يا تير پرميشور ڪبير جي آسپاس بہ نہ ويو. ايترو ڪجھ ڏسي ڪري بہ ڪاشي جا ماڻهو پرميشور کي سچاڻي نہ سگھيا. تڏهن پرميشور ڪبير جي ڏنو تہ اُهي تہ عقل جا اندا آهن. اُنهي وقت گنگا جي پاڻي ۾ سمائجي ويا ۽ پنهنجي پڳٽ رويداس جي گھر ظاهر ٿيا. ڏسندڙن کي يقين ٿي ويو تہ ڪبير جُولاهو گنگا ۾ ٻُڏي مري ويو آهي. اُن تي واري ۽ ڳارو ڄمي ويو هوندو. سيئي خوشي ڪندا، نچندا ڪُڏندا نگر ڏانهن هليا ويا. شيخ تقي پنهنجي منڊلي سان گڏ سنت رويداس جي گھر اهو ٻُڌائڻ لاءِ ويا تہ جنهن ڪبير کي توهان پرماتما چوندا هئا اُهو تہ ٻُڏي ويو آهي، مري ويو آهي. سنت رويداس جي گھر وڃي ڏنو تہ ڪبير جي يڪتارو وڄائي شبد ڳائي رهيا هئا. شيخ تقي جي تہ ماءُ مري وئي. راجا سڪندر وٽ وڃي ٻُڌايو تہ اهو نظربند ڪري پڃي ويو آهي. رويداس جي گھر وينو آهي. اهو ٻُڌي بادشاهہ سڪندر لوڌي سنت رويداس جي گھر ويا. پرماتما ڪبير جي اُتان کان انترڌيان ٿي گنگا درياءِ جي وچ ۾ پاڻي تي سماڌي لڳائي جيئن زمين تي ويهندا آهن. رويداس جي کي پُڇيو تہ ڪبير جي ڪٿي آهن؟ سنت رويداس جي چيو تہ اي بادشاهہ جي! اُهي پورڻ پرماتما آهن. اُهي ئي الک الله آهن. توهان اُن کي سُجاڻو. اُهي تہ مرضي جا مالڪ آهن. جيڏانهن چاهين هليا وڃن. مون کي ڪا خبر ناهي. ڪيڏانهن هليا ويا؟ اُهي تہ سيني سان گڏ رهندا آهن. اُنهي وقت ڪنهن ٻُڌايو تہ ڪبير جي تہ گنگا جي وچ تي ويهي پڳٽي ڪري رهيا آهن. سيئي ماڻهو راجا ۽ سپاهي گنگا درياءِ جي ڪناري تي ٻيهر ويا. راجا ٻيڙي موڪلي حڪم ڏنو تہ ٻاهر وڻي اچو. سپاهين ٻيڙي ڪبير جي وٽ وڻي وڃي راجا جو حڪم ٻُڌايو تہ توهان کي سڪندر بادشاهہ ياد ڪري رهيا آهن. توهان هلو، پرماتما ڪبير جي انهي ٻيڙي ۾ ويهي ڪناري تي آيا.

راجا سڪندر وري گرفتار ڪرائي هٿ پير ٻڌي خوني هاٿي سان مارڻ جو حڪم ڏنو. چئني طرفن کان عوام بيٺل هئي. سڪندر اونچي مڪان تي ويٺل هو. پرماتما کي ٻڌي زمين تي رکي رهيا هئا. مهاوت (هاٿي جو ڊرائيور) هاٿي کي شراب پياري ۽ ڪبير جي کي ڪُچلي مارڻ جي لاءِ ڪبير جي طرف وڌيو. ڪبير جي پاڻ وٽ هڪ شينهن بيٺل ڏيکاريو. اهو صرف هاٿي کي ڏسڻ ۾ آيو. هاٿي رڙ ڪري خوف وچان واپس پڇي ويو. مهاوت کي نوڪري جو ڊپ ستائڻ لڳو. هاٿي کي پالا هٽي ڪبير جي طرف وڃڻ لڳو، مگر هاٿي واپس پڇي. تڏهن مهاوت کي به شينهن بيٺل نظر آيو ته ڊپ منجهان اُن جي هٿن مان انڪوش ڪري ويو، هاٿي پڇي ويو. پرميشور ڪبير جي کي ڏنل ڪُنڊيون ڪُلي ويون. ڪبير جي اُتي بيٺا ۽ آرس موڙي ته ڏڳها ٿي ويا. سر آسمان کي چهندي نظر اچڻ لڳو. روشن جسم ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو. سڪندر راجا خوف مان ٿرڪندي پرميشور ڪبير جي چرڻن ۾ ڪريو. معافي لاءِ عرض ڪيو. ۽ چيو ته توهان پرميشور آهيو. منهنجي جان بخشيو. مون کان تمام وڏي غلطي ٿي آهي. آئون هاٿي توهان کي سجاڻي ويو آهيان. توهان خود الله زمين تي آيا آهيو. تڏهن پرميشور ڪبير جي ڪاشي نگر ۾ آيا ۽ اُنهي گٽڪا جي گهر جي چونڪ تي ويهي رهيا. چوڪِري پرماتما جي چرڻ دٻائي رهي هئي. پرميشور ڪبير جي جا پير پنهنجن ستڻ (گوڏن کان متي ٽنگ) تي رکيا.

قبر گٽڪا کي سنگ چلي، ڪاشي پري شراب، غريب داس اُس پُري ۾ جُولاها پئيا خراب(726)
تاري باجي پُري ۾، پشٽ جُلهدي نيچ، غريب داس گٽڪا سجي، دهُون سنتون کي بيچ(727)
گاوت بين بلاسپد ، گنگا جل پيونت، غريب داس وهول پئي، متوالي گهومنت(728)
پڑوئا پڑوئا سب کهين، ڪوئي نہ جانين کوج، داس غريب ڪبير ڪرم بانڌت سر کا بوجھ(729)
ديکو گنڪا سنگ لئي، ڪهتي ڪوم چتيس، غريب داس اُس جُلهدي کا درشن آن هديس(730)
شاھ سڪندر ڪُون سُني، پِشٽ هوئي دو سنت، غريب داس چارون ورون، اُٺ راگي سب پنٽ(731)
چارون ورڻ شٽ آشرم ، دونون دين خوشحال، غريب داس هندو ترڪ ، پڑيو شهر گلي جال(732)
شاھ سڪندر ڪَي گئي، سُن قبيلي ارداس، غريب داس تلبان هوئي، پڪڙي دونون داس(733)
ڪهہ ڪبير يہ ڪيا ڪيئا، گنڪا ليني سنگ، غريب داس پولي پگٽ، پڑيو پجن ۾ پنگ(734)
سنو سڪندر بادشاھ ، همري عرج آواج. غريب داس وه راکسي، جن يہ ساجيا ساج(735)
جڑيا ٽوڪ جنجير گل، شاھ سڪندر آپ. غريبداس پد لين هئہ، تيري اجپا جاپ(736)
هاٿون جڙي هٿ ڪڙي، پگ بيڙي پهرايہ، غريبداس بيچ گنگ ۾ تهان دينا چٽڪايَ(737)
جهڙ گئي ٽوڪ جنجير سپ، لگي ڪناري آءٔ، غريبداس ديک خلق، سُيون قاضي بادشاھ(738)
نيچي نيچي گنگا جل، اوپر آسن ٽير. غريبداس بُوڙي نهين، بيٺي اڌر ڪبير(739)
يو اچرج ڪيا پئيا، ديکن دونون دين، غريبداس قاضي کهين، بانڌ ديا جل سين(740)
گل ۾ قانسي ڌار دي، بانڌو شلا سُڌار، غريب داس يُو جُلهدي، جب بُوڙهي گنگ ڌار(741)
شلا ڏري جب ناو ۾، بانڌي گلي ڪبير، غريب داس قند ٽوٽ ڪي، نا ڊوبي جل نير(742)
شلا چلي شاھ اور ڪُون، ديکت ڪاشي خيال، غريبداس ڪبير ڪا ، آسن اڌر همال(743)
تير باڻ گولي چلين، توپ رهڪليُون شور، غريب داس اُس جلهدي کي، گئي ايک نهين اور(744)
اڌر ڌار گولي بَهين، جل کي بيچ گياڪ، غريبداس اُس جُلهدي پر، شستر چُوٽي لاڪ(745)
توپ رهڪلي سب چلين ، تير باڻ ڪمان. غريبداس وه جُلهدي ، جل پر رهي امان(746)
اڌر ڌار اپار گتي، جل پر لگي سماڌي، غريب داس نج برهم پد ڪيلين آدي انادي(747)

جُلم هُوئا بُوڙي نهين، سستر لگي نہ باڻ. غريب داس اب ڪون گتي، ڪيسي ليجئہ پراڻ(748)
لگي سماڌي اگاڌ ۾ربچري ڪاشي گنگ، غريب داس ڪلول سر، چوٽين چڑھ ترنگ(749)
چياري پھر گولي جگي، ڏمي ملڪ ميدان، غريب داس پوکر سڪين، رهي ڪبير امان(750)
اپني ڪرني سب ڪري، ٽاڪي دونون دين، غريبداس اب جُلهدي پينڌ گئي جل مين(751)
ڊُوبيا ڊُوبيا سب ڪهين، هو گئي گارت گور. غريب داس قبلي ڏني ، تم آگي ڪيون جور(752)
آنند منگل هوت هئہ، بٽين بڌائي بيگ، غريب داس اُس جُلهدي پر، ڦر گئي ريتي ريگھہ(753)
هستي گهوڙي چڙهت هين، پان منائي چير، غريب داس ڪاشي مُوشي، بُوڙي گنگ ڪبير(754)
جاوو گهر رويداس ڪي، هلڪاري حجُور، غريب داس ڪُسيا ڪَهو، ڪهيو نهين قصور(755)
جهالر ڊولڪ بجڪ هين، گاوين شبد ڪبير، غريب داس رويداس سنگ، دونون ايڪ ئي تير (756)
قاضي پنڌت سب گئي، شاه سڪندر اُٺ. غريب داس رويداس ڪي ، پيڪ گئي جٽ جُوٽ(757)
ڪوني ڪُنلي سب جهَڪي، باسن ٽينڊر گولي، غريب داس رهداس سُنو، ڪها گئي وه بول(758)
وي پرگٽ پورڻ پُرش هين، اوناشي الک الله. غريب داس ريهداس ڪهين سُنو سڪندر شاھ(759)
سُورج مُکي سُيان سر ڪِلي قول گلزار، غريب داس قاضي پنڌت، ڪرتا شاھ پُڪار(760)
شاه سڪندر ڦر گئي، اُس گنگا ڪي تير، داس غريب ڪبير هري ، بيني اوپر نير(761)
بيني ملاح جهاز ۾ ، گئي ڏار ڪي بيچ، غريب داس هري هري ڪرين، پريم ڦوهاري سيچ(762)
ڪري عرج ملاح تهان، دين دُني بادشاھ، غريب داس آسن اُڏار. لگي سماڌي جُولاها(763)
پونر ڦرت هين گنگا جل، ڦول اُڪائي ڪوٽ، غريب داس تهان بندگي، هريجن هري ڪي اوٽ(764)
سنڪل سيڑهي لاي ڪر، اُتري تهان ملاح، غريب داس هم بندگي، ياد ڪيو بادشاه (765)
بيني ڪبير جهاج ۾، آئي گنگا گهاٽ، غريب داس ڪاشي ٽڪي، هانڊي بوھ بِڌي باٽ (766)

"خوني هاٿي سان ڪبير صاحب کي مارڻ جي بُري سازش"

خوني هاٿي مست هئہ، پگ بندي جنجير، غريب داس جَهان ڊاريا، مسڪ باندَ ڪبير(767)
سينهن روپ صاحب ڏريا، پاگ اُلٽي فيل، غريب داس نهين سمجهتي، يہ دنيا حليل(768)
بني ڪيهري سينهن جت، چور شڪر آسمان، غريب داس هستي لڪيا ديکي نهين جِهان(769)
ڪُوٽي شيش مهاوت، انڪوش شير گر گاپ، غريب داس اُلٽا پگي، تاري ديجئہ ٽاپ(770)
پالي ڪوڪُو ماربي، چرخي چوٽين پاڪ، غريب داس نهين نڪٽ جائي، ڪلکي ديوين لاڪ(771)
جيسي پگتي ڪبير ڪي، ايسي ڪري نا ڪو، غريب داس ڪُنجر ٽڪي، اُلٽي پاگي روءِ(772)
دُم گووين ، مُونڊي ڏُني، سين نہ سمجهي ايڪ، غريب داس ديکين نهين، آگي ڪڙا اليڪ(773)
پيلوان ديکياتپي ، ڪڙا ڪيهري سنگھہ، غريب داس آئي تهان، ڏري مولا بهو رنگ(774)
اُتري مولا عرس تين، پاو پگتي ڪي هيت، غريب داس تب شاھ لکي ڪبير پُرش سَهيت(775)
ليلا ڪي ڪبير ني، دو روپ ۾ رهي ديس، غريب داس ڪبير ڪي، پاس ڪڙي جگديش(776)
جيائي انگڑائيان، لمبي يئي ديال، غريب داس اُس شاھ ڪُون، مانو دشريا ڪال(777)
ڪوٽي چندر ڪشي پان مُک، گرد ڪُنڊ دُم ليل، غريب داس تهان نا ٽڪي، پاگ گئي رڻفيل(778)
نين لال پوھہ پيٽ هين، ڊونگر نڪ پهار، غريب داس اُس شاھ ڪُون، سينهن روپ ديدار(779)

مستڪ شڪر سورگ لڳ، ديـرگهه ديهه بِلند، غريب داس هري اُوتري، ڪاٽن يـم ڪي ڦند(780)
گرد ناپي نريئه ڪلا، دُدڪاري نهين ڪوئي، غريب داس ترلوڪ ۾ ، گاج تاس ڪي هـوئي(781)
جِيون نرسنگهه پرهلاد ڪي، يُون وه نرسنگهه ايڪ، غريب داس هري آيا، راکن جن ڪي ٽيڪ(782)
بار بار ستايا ڪـر، مستڪ لينا پار، غريب داس شاهه يُون ڪهي بڪسو اب ڪي بار(783)
تهان سينهن ليـو لين هوئا، پرچا اب ڪي بار، غريب داس شاهه يُون ڪهي، الله ديا ديدار(784)
سُن ڪاشي ڪي پنڊتو، قاضي مُلان پير، غريب داس اُس ڪي چرڻ ليئو، الله اليڪ ڪبير(785)
يُـو ڪبـير الله هئه، اُتـري ڪاشي ڏام، غريب داس شاهه يُون ڪهي، جهگر مُويي بي ڪام(786)
قاضي پنڊت رونيا، هم تياگيا يـو ديش، غريب داس شڌ دل ڪهين، جادو سيهر هميشه(787)
اِن جـادو جـنـتـر ڪيـا، هـسـتي ديا پڳائُ، غريب داس اِت نـا رهـي، ڪاشي بـڊري جاءِ(788)
ڪاشي بِـڊري چِهُون دشا، ٽانين هارا ايڪ، غريب داس ڪيسي ٽـنـيي، بِڊِري بوهت انيڪ(789)

"دِڪشا ڪان پوءِ"

پورڻ گرو ڪان دِڪشا ونڊي پوري يقين سان گروديو جي طرفان ٻُڌايل ساڌنا پوري عقيدي سان ڪريو.

- ڪبير جي ٻُڌايو تہ:- (1) صبر ڪريو

ڪبير؛ ڏيري ڏيري ري منا، ڏيري سب ڪچ هـو
مالي سينچي سوگهڑا، سميہ آئي ڦل هـو

ارٿ:- جيئن مالي انب جو بج پوکي ٿو. اُن کي پاڻي ڏي ٿو. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ بج ڦٽندي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پوءِ ہہ وقت وقت تي پاڻي ڏيندو رهندو آهي. حفاظت جي لاءِ ڪنڊيدار وٽن جي واڑ (Fences) ڪندو آهي. هڪ انب جي ٻوٽي کي وڻ ٿيڻ ۾ اٽڪل 8-10 سال لڳي ويندا آهن. تيستائين مالي (ٻوٽو لڳائڻ وارو باغ جو مالڪ يا نوڪر) اُنهي ٻُوٽي کي پاڻي ڏيندو رهندو آهي. جڏهن انب جو وڻ بڻجي ويندو آهي تہ انب جا ميوا لڳندا آهن جو خود جو ڪُٽنب کائيندو آهي ۽ وڪڻي پنهنجو گذارو ہہ ڪندو آهي. اهڙي طرح پِڳت نام روپي ٻج کي پوکي جيڪڏهن دڪشا ونڊي اُن جو سمرڻ، دان روپي پاڻي ڏيندي رهڻ گهرجي. انب جي وڻ جي طرح آهستي آهستي پِڳتي روپي وڻ بڻجڻ کانپوءِ سُڪن جو ديـر لڳي ويندو. جيئن انب جي وڻ ۾ ٽن جي تعداد ۾ انب لڳا، کائي ۽ وڪڻي ڏن ڪمايو. اهڙي طرح پِڳت کي صبر رکڻ گهرجي. آهستي آهستي پِڳتي جو نتيجو اچڻ شروع ٿي ويندو.

- (2)**يقين:-**

پرماتما جي پِڳتي جو لاءِ اُن کي ٿيندو آهي، جيڪو پرماتما جي مهما تي پورڻ يقين رکي ٿو.

"پرماتما جي لاءِ ڪجهہ ہہ ناممڪن ناهي"

هڪ نگر کان ٻاهر جهنگ ۾ ہہ مهاتما ساڌنا ڪري رهيا هئا. هڪ 40 سال کان گهر ڇڏي ساڌنا ڪري رهيو هو. ٻيو هينئر ہہ سال کان ساڌنا ڪرڻ لڳو هو. پرماتما جي دربار کان هڪ ديودوت هر روز ڪجهہ وقت اُنهن ٻنهي ساڌوئن وٽ صَرف ڪندو هو. ٻنهي پِڳتن جا آشرم ڳوٺ جي اوپر ۽ اولهہ ۾ هئا. وڏي جو مڪان اوپر ۾ ۽ ننڍي جو مڪان ڳوٺ جي اولهہ ۾ جهنگ ۾ هو.

ديودوت هرروز هڪ هڪ ڪلاڪ ٻنهي وٽ ويهندو هو ۽ پرماتما جي چرچا هلندي هئي. ٻنهي ساڌوئن جو سُنو وقت گذري ويندو هو. هڪ ڏينهن ديودوت پِڳوان شري وشنو کي چيو تہ پِڳوان! ڪيترا نگري جي ٻاهر توهان جا ہہ پِڳت رهن ٿا. شري وشنو چيو تہ هڪ پرم پِڳت آهي ۽ ٻيو پاکنڊي پِڳت آهي. ديودوت ويچار ڪيو تہ جيڪو 40 سالن کان ساڌنا ڪري رهيو آهي، اُهو پڪو پِڳت هوندو ڇو تہ وڏي وڏي ڏاڑهي، سر تي وڏي جٽا (وار) آهن ۽ وقت ہہ 40 سال گهٽو هوندو آهي. ديودوت چيو اي پرپو!

جيڪو چاليهہ سال کان توهان جي پڄڻتي ڪري رهيو آهي. اُهو هوندو پرم پڄت. پرپو چيو، نہ. ٻيو جيڪو ٻن سالن کان ساڏنا ۾ لڳل آهي. پرپو چيو تہ ديودوت! منهنجي ڀالهہ تي يقين نہ آيو. ديودوت چيو، ايئن نہ آهي پرپو. مگر منهنجو نيچ ذهن مڃي رهيو آهي تہ وڏي عمر وارو ئي سُنو پڄت آهي. شري وشنو جي چيو تہ سياڻي تون دير سان زمين تي وڃجان. ٻئي دير سان اڇڻ جو ڪارڻ پُڇندا تہ تون ٻُڌائجان تہ اڄ پرپو هاڻي کي سوئي جي نوڪ مان ڪڍيو هو، اها ليلا ڏسي آيو آهيان. اُنهي ڪري اڇڻ ۾ دير ٿي وئي. جيڪو جواب ملندو اُن مان خبر پئجي ويندي تہ ڪهڙو پرم پڄت آهي؟ پهرين هرروز ديودوت صبح جو اٺ بجي جي آسپاس وڏي پڄت وت ويندو هو ۽ ڏهہ بجي جي آسپاس ننڍي عمر واري وت ويندو هو. اڳئين ڏينهن وڏي عمر واري وت ڏينهن جو 12 بجي ويو. دير سان اڇڻ جو ڪارڻ پُڇيو تہ ديودوت ٻُڌايو تہ اڄ 11.30 بجي ڏينهن جو پرماتما کي ليلا ڪرڻي هئي. اُها ڏسي آيو آهيان. چاليهہ سال واري پُڇيو تہ ڪهڙي ليلا ڪئي پرپو؟ ٻُڌاءِ. ديودوت چيو تہ شري وشنو جي ڪمال ڪري ڇڏيو، هاڻي کي سوئي جي نوڪ (سوراخ) مان ڪڍيو. اها ٻُڌي پڄت چوڻ لڳو تہ اي ديودوت! اهڙو ڪوڙ ڀالهاءِ جيڪو ٻُڌي اُن تي يقين اچي. اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ هاڻي سوئي جي سوراخ مان نڪري وڃي.منهنجي اڳيان ڪڍي ڏيکار. ديودوت سمجهي ويو تہ پڳوان سچ چئي رهيو هو. هي تہ جانور آهي پڄت ناهي جنهن جو پڳوان تي يقين ناهي تہ اهو قادر آهي. جيڪو ڪم انسان نٿو ڪري سگهي اهو پرماتما ڪري سگهي ٿو. اُن جي پڄڻتي اجائي ۽ پاکنڊي آهي. ديودوت نمستي ڪري روانو ٿي ويو ۽ ننڍي پڄت وت ويو. پڄت دير سان اڇڻ جو سبب پُڇيو تہ ديودوت هڪ مان ٻُڌايو تہ هي ڪا غلط ٻولي نہ ڀالهائي. چيو تہ پڄت چا ٻُڌايان؟ پرماتما تہ اچرج ڪري ڇڏيو، ڪمال ڪري ڇڏيو. ڏسي اکيون ئي ڦاٽي پيون. پرماتما هاڻي کي سوئي جي سوراخ (ڏاڪو وڃڻ وارو سوراخ) مان ڪڍي ڏنو. اهو ٻُڌي پڄت چوڻ لڳو تہ اي ديو دوت جي! اُن ۾ اچرج جي ڪهڙي ڀالهہ آهي؟ پرماتما سڄي زمين کي ٻہ سوئي جي نوڪ مان ڪڍي سگهي ٿو هاڻي تہ ڪهڙي ڀالهہ آهي؟ ديودوت پڄت کي سيني سان لڳايو ۽ چيو تہ ڏنڪار آهي توهان جي ماڻ پيءُ کي، جنهن توهان کي جنم ڏنو. قربان وڃان تنهنجي پرماتما جي اتل يقين تان.

پڙهندڙؤ! هي تہ هڪ مثال آهي. حقيقت ۾ پڄت کي پرماتما تي پورو يقين هڻڻ گهرجي تہ پرماتما جيڪو چاهي اُهو ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪو چوي تہ پرماتما اها نٿو ڪري سگهي، هو نٿو ڪري سگهي تہ اُهو پڄڻتي جي لائق ٻہ نہ آهي. ڇو پنهنجو وقت پڄڻتي جو ناٽڪ ڪري اجايو وڃائي؟ پرماتما تي پورڻ يقين ڪري پڄڻتي راهہ تي هلندا تہ منزل تي پهچندا.

- 3. **"پرماتما جيڪو ڪري ٿو، سُنو ئي ڪري ٿو"**

دڪشا ونڊ ڪانپوءِ پڄت مٽان پڄڻتي جي راهہ ۾ ڪيتريون ٻہ مشڪلاتون اچن، من ۾ اهو اچي تہ پرماتما جيڪو ڪري ٿو، پڄت جي پلي لاءِ ئي ڪندو آهي.

ڪٿا:- هڪ راجا ۽ وڏو وزير گرو جا چيلا هئا. وڏي وزير کي پورو يقين هو، مگر راجا کي ستسنگ ٻُڌڻ جو وقت گهٽ ملندو هو. جنهن جي ڪارڻ هو پرماتما جي قانون کان پورو واقف نہ هو. مگر پڄڻتي شرڌا سان ڪندو هو. وڏي وزير کي راجا هميشہ پاڻ سان گڏ رکندو هو. اُن جي سپ کان وڌيڪ عزت ڪندو هو. هڪ وزير کي وڏي وزير کان اُنهي ڀالهہ تان حسد هو. هُو وڏي وزير کي راجا جي نظرن مان ڪيرائڻ لاءِ راجا کي وڏي وزير جي باري ۾ گلائون ڪندو هو. هڪ وزير چاهيندو هو تہ راجا مون کي وڏو وزير بڻائي. اُنهي لاءِ بار بار چوندو هو تہ راجن! اهو وڏو وزير اعتبار جي لائق نہ آهي. اهو توهان کي ڪڏهن ٻہ دوکو ڏيئي سگهي ٿو. هڪ ڏينهن راجا ۽ وڏو وزير ۽ اهو چاپلوس وزير ۽ ٻيا وزير ڪنهن ٻئي شهر وڃڻ جي تياري ۾ محل جي اندر هال ۾ بينل هئا. راجا پنهنجي تلوار کي ڪڍي ڌار (تيز-تڪو) چيڪ ڪري رهيو هو ۽ ٻين وزيرن سان ڀالهيون ٻہ ڪري رهيو هو. جنهن جي ڪارڻ راجا جي هڪ آڱر ڪٽجي ڪري وئي. چاپلوس چوڻ لڳو تہ اي راجا! هي چا ٿي ويو؟ اسانجو راجا ڪيڏو سهڻو هو. اڄ اسانجي بدنصيبي جو ڏينهن آهي. هاءِ! هي چا ٿي ويو. عوام جو ڪهڙو بار پنهنجي پاڻ تي کڻي ورتو؟ وڏو وزير چوڻ لڳو، سُنو ٿيو. پرماتما جيڪو ڪندو آهي سُنو ڪندو آهي. راجا تڪليف مان مايوس هو ۽ مٽان وري اِهي لفظ ٻُڌا تہ وڏي وزير تي غصو اچي ويو ۽ سپاهين کي

چيو تہ اُن کي جيل ۾ وجهي ڇڏيو. ايئن ئي ڪيو ويو. چاپلوس چغل خور کي وڏو وزير مقرر ڪيو ويو. آگر جو علاج ڪرايو. ڇهن مهينن ۾ آگر جو زخم پرجي ٺيڪ ٿي ويو. ڪا تڪليف نہ رهي. هاڻي راجا جي ساڃي هٿ ۾ تي آگريون ۽ هڪ اگوٺو بچيل هو. راجا پنهنجي نئين وڏي وزير مان ڏاڍو خوش هو چو تہ اُن جو داوَ لڳي ويو هو. هُو راجا کي چوندو هو تہ اي راجن! مون توهان کي ڪيترائي دفعا چيو هو تہ هي توهان کي دوکو ڏيندو. اُنهي ڏينهن توهان پنهنجي ڪنن سان ٻُڌي ورتو تہ اهو ڇئي رهيو هو تہ آگر ڪتجي وئي تہ سُنو ٿيو. هُو توهان جي مرڻ ۾ خوش هو. ڪڏهن بہ توهان کي مارائي ڇڏي ها. راجا اُن چاپلوس جي هر ڳالهہ کي سچ سمجهڻ لڳو هو. هڪ ڏينهن راجا اُن نئين وڏي وزير سان گڏ جهنگ ۾ شڪار ڪرڻ ويو. ٻئي جهنگ ۾ اندر گهڙي ويا. اڳيان ڪجهہ پيل ماڻهو هئا. اُنهن ٻنهي جڻن کي پڪڙي ورتو ۽ پنهنجي مذهبي مرشد وٽ وٺي ويا. اُنهي ڏينهن جهنگلي ماڻهن جو ڪو تهوار هو. هڪ ماڻهو کي ڪٽي ديوي جي قرباني ڪرڻي هئي. اُنهن جي هٿ ۾ بہ جٽا اڇي ويا. مرشد چيو تہ بہ وٺي آيا آهيو تہ ٻنهي جي قرباني چاڙهي ٿا ڇڏيون. ديوي وڏيڪ خوش ٿيندي. مگر اُن جي جانچ ڪريو تہ ڪا عضوو ٽٽل نہ هجي يعني هٿ يا آگر ڪٽيل نہ هجي. جانچ ڪئي معلوم ٿيو تہ هڪ شخص جي هڪ هٿ جي آگر ڪٽيل آهي. پوپي چيو تہ اُن کي ڇڏي ڏيو، ٻيو صحيح آهي تہ اُن جو ڪنڌ ڪٽي ڇڏيو. اُنهي وقت راجا کي ڇڏي ڏنو ۽ چاپلوس وڏي وزير جي سسي راجا جي سامهون ڪٽي ڇڏي ۽ ديوي کي قرباني طور ڏني. راجا هلي روانو ٿيو ۽ پنهنجي محل ۾ آيو. سڌو جيل طرف ويو ۽ وڏي وزير کي بري ڪري ڇڏيو. راجا وڏي وزير کي سيني سان لڳايو ۽ چيو تہ جڏهن منهنجي آگر ڪتجي هئي ۽ توهان چيو هو تہ بهتر ٿيو. پڳوان جيڪو ڪري ٿو اهو بهتر ڪري ٿو. اها صحيح ڳالهہ آهي. جيڪڏهن اُن ڏينهن منهنجي آگر نہ ڪتجي ها تہ اڄ منهنجي جان وڃي ها. پڳوان بهتر ڪيو. راجا وري چيو تہ منهنجي لاءِ تہ سُنو ٿيو مگر توهان کي ڇهہ مهينا جيل اجايو بغير ڏوهہ جي ڪٽڻي پيئي. توهان لاءِ ڪهڙو سُنو ٿيو؟ مها منتري چوڻ لڳو تہ اڄ آئون جيل ۾ نہ هجان ها تہ توهان سان گڏ هجان ها. اُتي منهنجي سسي ڪتجي ها. منهنجو موت ٿيڻو هو. ڇهن مهينن جي قيد سان منهنجي زندگي بچي وئي.

اهڙي طرح پڳت کي پرماتما تي يقين ڪري پنهنجي زندگي جي سفر تي هلڻو آهي.

❖ **"اِڪ ليوا اِڪ ديوا دوتم، ڪوئي ڪسي ڪا پتا نہ پُوتم"**

هڪ هاري جي گهر پُٽ پيدا ٿيو. پُٽ اٽن سالن جو ٿيو تہ پتني جي ديهانت ٿي وئي. هاري وٽ 16 ايڪڙ زمين هئي. ڪجهہ سالن کان پوءِ هاري بي شادي ڪئي. اُنهي زال مان بہ هڪ پُٽ پيدا ٿيو. ڪجهہ سالن کانپوءِ اُن پتني جي بہ موت ٿي وئي. هاري جو پهرين پتني وارو پُٽ 16 سالن جو ٿيو. اُن جو وواهہ ڪري ڇڏيو. هاري بہ مري ويو. ننڍو چوڪرو 10/12 سال جي عمر ۾ بيمار ٿي ويو. ڪجهہ ڏينهن علاج ڪرايو. پوءِ وڏي پاءُ (ماسي جي پُٽ) ۽ اُن جي زال ويچار ڪيو تہ علاج تي ڇو خرچ ڪيو؟ جيڪڏهن مري ويو تہ اُن جي حصي جي اٽ ايڪڙ زمين پاڻ کي ملي ويندي. اها خيال ڪري پاڙي جي ڳوٺ مان هڪ ڊاڪٽر علاج لاءِ آيل هو، اُن کي چيو تہ اُن چوڪري کي دوا ۾ زهر ملائي ڏي ڇڏ. اسان توهان کي ڏن ڏينداسين. پنج سو رپين جي لالچ ۾ ڊاڪٽر اُنهي چوڪري کي دوا ۾ زهر ڪارائي ماري ڇڏيو. ڳوٺ وارن کي ٻُڌايو ويو تہ بيماري جي ڪارڻ موت ٿي وئي. ڪنهن کي بہ شڪ نہ ٿيو. چوڪري جي موت بيماري جي ڪارڻ ٿيو، مجي ورتو.

اُنهي ماسي جي پُٽ جي مرڻ کانپوءِ وڏي پاءُ کي پُٽ پيدا ٿيو. خوشي جو نڪاٽو ئي نہ رهيو. ٻار جي جنم جي خوشي ۾ لنگر ڪرايو. سڄي ڳوٺ ۾ مٺائي ورهائي وئي. اُن کانپوءِ ڪوبہ اولاد نہ ٿيو. اڪيلي پُٽ کي پيار سان پاليو. سُنا ڪيو، گيهہ، دهي ڪارائي پيئاري ٿُلهو متارو ڪري ڇڏيو. سورنهن سالن جي عمر ۾ وواهہ ڪري ڇڏيو. اُنهي وقت ٻالڪپڻي جي شادي کي فخر جي ڳالهہ سمجهندا هئا. اُهو چوڪرو بيمار ٿي پيو. ڊاڪٽر مٽان ڊاڪٽر گهرايا ويا. مهانگي کان مهانگي دوا ڪارائي وئي پر فضول وئي. اُنهي وقت هڪ مهيني ۾ هڪ هڪ هزار جي دوا ڪارائي وئي. هيرن ۽ موتين کي ٻاري رک دوا ۾ ملائي چوڪري کي ڪرايو ويو. جنهن جي ڪارڻ اٽ ايڪڙ زمين بہ وڪرو ڪرڻي پيئي. مگر بيماري گهٽڻ جي بجاءِ وڌندي وئي ۽ آخري ڏينهن اڇي ويا. چوڪري

جو پيءُ ڪَٽڻي واري حالت ۾ پُٽ جي ويجهو وينو هو. اُنهي وقت چوڪرو چوڻ لڳو. ياءُ هڪ ڪم ڪر. پيءُ چيو پُٽ! آئون تنهنجو پيءُ آهيان. چوڪرو چوڻ لڳو آئون تنهنجو اُهو ياءُ آهيان جنهن کي تو زهر ڏيئي مارايو هو. آئون پنهنجو بدلو ونڻ لاءِ تنهنجي پُٽ جي روپ ۾ جنميو آهيان. اُنهي چوڪري جي ماءُ بہ اُتي موجود هئي. چوڪرو چوڻ لڳو تہ اٺ ايڪڙ زمين منهنجي حصي جي هئي. اُها مون وصول ڪري ورتي آهي. هاڻي صرف ڪفن ۽ ڪانين جو حساب باقي آهي. اُن جي تياري ڪر. اها ڳالهہ ٻُڌي پيءُ عرف ياءُ جو وات ڦاٽل رهجي ويو. پنهنجي ڪيل تي پنهي ڇٽن (زال ـ مُڙس) پڇتايو. پرماتما جو قانون اٽل آهي. وڏي ياءُ پُٽ جي روپ ۾ جنم ٿيل ننڍي ياءُ کان سوال ڪيو تہ اسان لالچ ۾ اچي جيڪو پاپ ڪيو، اسان کي تہ پرماتما ڦل ڏيئي ڇڏيو. جنهن مقصد جي لاءِ تنهنجي جان ورتي هئي اُها اٺ ايڪڙ زمين بہ وئي ۽ ٻيو اولاد آهي ئي ڪونہ. اها باقي زمين ڪو ٻيو ئي وڻي ويندو. اسان جو تہ ناس ٿيو سو ٿي ويو، اهو تہ ٿيڻو ئي گهرجي ها. پرماتما نياءِ ڪيو. مگر جيڪا چوڪري تنهنجي زال جي روپ ۾ آئي آهي، اُن ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي؟ جنهن جي ڪارڻ هي ستي رواج جي تحت تو سان گڏ زنده ساڙي ويندي. اُن سان گڏ پڳوان انياءِ ڪيو آهي. ننڍو ياءُ عرف پُٽ چوڻ لڳو منهنجي مرڻ ڪانپوءِ بہ سال بعد اهو ڊاڪٽر مري ويو هو جنهن مون کي 500 رپين جي لالچ ۾ زهر ڏيئي ماريو هو. هي زال اُها ڊاڪٽر واري آتما آهي. ان کي اها ڦل ملندو. زنده جلائي ويندي. اُنهي وقت ستي رواج عروج تي هو. پتي جي مرڻ ڪانپوءِ پتني کي زنده اُنهي ڇتا ۾ جلايو ويندو هو.

پيارا پڙهندڙؤ! ويچار ڪريو، پرماتما جي نظر ڪان ڪوبہ لڪيل ناهي. جهڙو ڪندو تهڙو پرڻو پوندو. هرهڪ ڪُٽنب اهڙي ريت سنسڪار جي ڪارڻ هڪبئي سان جُڙيل آهن. ڪو پوئين جنم جي قرض لاهڻ لاءِ جنميو آهي، ڪو پوئين جنم جو قرض ونڻ لاءِ جنميو آهي. مثالطور:-

پيءُ پُٽ کي پڙهايو. شادي کان بہ ڏينهن پهرين حادثي ۾ مري ويو، اهو پنهنجو قرض پيءِ کان ونڻ لاءِ آيو آهي. پُٽ جوان ٿيو، ڪم ڪار ڪري گذر سفر ڪرڻ لڳو، پيءُ بيمار ٿي ويو، لکين رپيا لڳا، اجايا ويا، مري بہ ويو. اُهو پيءُ پوئين جنم جو قرض ونڻ آيو هو. ڪجهہ ڏيڻ آيو هو. چوڪري جي شادي ڪئي. بن سالن ڪانپوءِ چوڪري وئي. تمام گهڻو ڏاج ورتو هو. اُهو نانو پوئين جنم جي قرض جي بدلي ۾ چوڪري بہ وڻي ويو ۽ ملڪيت بہ. موجود دور ۾ جيڪو ڪنهن سان دوکو ڪري ڏن هڙپ ڪري وڃندا آهن. اڳئين جنم ۾ اهو نانو بڻجي اهو ڏن وصول ڪندو. پرماتما جو اٽل قانون آهي. عقلمند کي اشارو ئي ڪافي آهي. مٿي ڏنل صرف ڪٿا ناهي مگر اُها حقيقت آهي. ڪو اهو چوي ٿو تہ اها ڊيڄارڻ لاءِ ڪٿا ناهي آهي. ڪنهن ڏنو آهي چا ٿيندو؟ جيئن چور کي شريف ماڻهو سمجهائيندا آهن تہ ياءُ! چوري نہ ڪر. جڏهن پڪڙيو ويندين تہ پهرين تہ عوام ڏاڍي مار ڪيندي پوءِ پوليس ماريندي ۽ جيل ۾ ڏڪ پوڳڻو پوندو. جيڪڏهن ڪو چوي تہ اهو تہ چور کي ڊيڄارڻ لاءِ چيو آهي، ڪنهن ڏنو آهي اڳتي چا ٿيندو آهي؟ ويچار ڪريو تہ چور کي سڃائي کان آگاهہ ڪري ڊيڄاريو آهي ۽ سڃائي بہ آهي. جيڪڏهن چور سڃائي سان ڊڄي چوري ڪرڻ ڇڏي ڏيندو تہ اُن جي پلائي آهي. جيڪڏهن چوندو تہ ڪنهن ڏنو آهي، اڳتي چا ٿيندو؟ اُن تان اها سڀ گذرندي جيڪا پهرين ٻڌائي وئي آهي. اهڙي طرح جيڪا متئين ڪٿا کي صرف سمجهائڻ ۽ ڊيڄارڻ لاءِ ئي مجيندو تہ بُرو حال ٿيندو. اُن کي ايتري ئي سچ سمجهڻ گهرجي جيترو چور کي هوشيار ڪيو ويو آهي.

❖ ليڪڪ اها ڪٿاسنہ 1978ع ۾ هڪ جانورن جي ڊاڪٽر کان ٻڌي هُئي، جيڪا هاري جي ٻن پُٽن واري ڪٿا کان پوءِ ٻڌائي آهي. هُو اُن ڪٿا کي پاڻ وٽ ويهڻ وارن کي ضرور ٻڌائيندو هو مگر عمل قطعي نہ ڪندا هئا. ڏهہ روپين جي دوا ڏيئي چار (Distilled Water) جون سُيون لڳائي 200/300 روپيہ وصول ڪندو هو. پوءِ شام جو ملندو هو تہ پنهنجا ڪارناما بہ ٻڌائيندو هو. جيڪڏهن گهٽ پڙسا وٺندس تہ مينهن وارو اهو سمجهندو تہ سُني دوا نہ آهي. مينهن کي صحتمند تہ ڏهہ روپين جي دوا مان ٿي وڃڻو هو. ويچار ڪريو تہ اهڙن ماڻهن جي ڪٽڻي ۽ ڪرڻي ۾ فرق آهي تہ اُنهن جي ٻڌايل اُنهن ڪٿائن جو پين تي ڪيترو اثر

پوندو؟ سنت غريب داس جي چيو آهي ته اهي ڪالهيون چوڻ ۽ ٻڌڻ جون ناهن، عمل ڪرڻ جون آهن يعني اُنهن تي عمل ڪرڻ گهرجي. پرماتما جي قانون کي سمجهي نرمل زندگي گذاريو. زندگي جي رستي کي کنڊن کان آجو ڪريو.

"ايڪ ليوا ايڪ ديوا دوتم"

جنهن وقت شري شِو جي پنهنجي پتني پاروتي جي کي امرناٿ جي مڪان تي هڪ سڪل وڻ جي هيٺيان ويهي نام دڪشا (امر منتر) ڏنو هو. اُن وڻ جي ٿُڙ ۾ ٿيل سوراخ ۾ مادي طوطي بيضا لاهي رکيا هئا. صحتمند بيضا ته شِو جي جي هٿن سان وڃايل تاڙي سان ٻچا ٻڌجي اُڏامي ويا. اُن ۾ هڪ بيضو گندو هو. اُن جو جيو اُن جي اندر هو. جڏهن شري شِو جي شري پاروتي کي دڪشا منتر ٻڌايو ته گندو بيضو صحتمند ٿي ويو ۽ طوطي جو ٻچو ٻڌجي ويو ۽ پر ٿي ويا، اُڏامڻ جي لائق ٻڌجي ويو. پاروتي جي سماڌي لڳي وئي. اُن ها ها جو جواب ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو. طوطو جواب ڏيڻ لڳو ته شري شِو جي ڏنو ته پاروتي جي ته سماڌي لڳي وئي آهي، ٻُڌي ڪالهائي ڪجهه نه رهي آهي. ها ها جو آواز ڪنهن جو آهي؟ ڏنو ته وڻ جي ٿُڙ واري سوراخ ۾ طوطو بولي رهيو آهي. شري شِو جي اُن کي مارڻ چاهيو ته طوطو اُڏامي ويو. پويان پويان شو جي سِڌي سان اُڏامي مارڻ لاءِ روانو ٿيو. رشي ويدوياس جي پتني پناه ڏني منهن کوليو ته طوطي جي جسم کي ڇڏي جيو وياس جي پتني جي گرپ ۾ وات جي ذريعي داخل ٿي ويو. شري شِو جي وياس جي پتني کي چيو منهنجو گيان چورائي جيو طوطي جي جسم کي ڇڏي توهان جي گرپ ۾ هليو ويو آهي. اُهو منهنجو چور آهي، اُن کي مارينڊس. اُنهي وقت رشي ويدوياس جي به اچي ويو هو. سيئي ڪالهيون ٻُڌي رهيو هو. وياس جي چيو پڪوان! ڪير ڪهڙو چور؟ شري شو جي ٻُڌايو ته آئون پاروتي کي دڪشا ڏيئي رهيو هئس. اندر جي ڪملن جو راز ٻُڌائي رهيو هئس ته اُنهي طوطي ٻُڌي ورتو. هي ڪنهن نالائق کي منتر ٻُڌائي ڇڏيندو ته اُهو امر ٿي عوام کي تڪليف ڏيندو. هي امر ٿي ويو. آئون انهي جيو کي مارينڊس. وياس چيو اي پڪوان شو! جڏهن هي امر ٿي ويو ته توهان مارينڊا ڪيئن؟ اها ڪالهه ٻُڌي شري شنڪر جي پاروتي وٽ موڪي ويو. پاروتي کي سيئي ڪالهيون ٻُڌايون. شري ويد وياس جي پنهنجي ديوي شڪتي جي نظر سان ڏنو ته معلوم ٿيو ته پتني جي گرپ ۾ پُٽ آهي. ٻارنهن سالن کانپوءِ پُٽ پيدا ٿيو. ماءُ چوندي هئي ته پُٽ جو نالو سُڪديو رکڻو آهي. اُن جي گرپ ۾ رهندي مون کي ڪابه ڏک نه رسيو. من ۾ خوشي رهندي هئي. سُک محسوس ٿيندو رهندو هو. اُنهي ڪري گرپ ۾ ئي ٻالڪ جو نالو سُڪديو ئي رکي ڇڏيو هو. طوطي جي بيضي ۾ رهڻ ۽ جلد انسان جسم حاصل ڪرڻ جي ڪارڻ برهمڻ ماڻهو اُن کي شُڪ ديو (شُڪ معنيٰ طوطو) به چوندا هئا. رشي شُڪ ديو جي جنم ٿيندي ئي ٻارنهن سالن جو جسم ٿي ويو ۽ اُٿي هلڻ لڳو ته رشي ويد وياس جي چيو، هي پُٽ! ڪٿي هلڻ سکيو؟ سُڪديو جي پنهنجي ماءُ پيءُ جي طرف پُٺ ڪري چوڻ لڳو، توهانجو ۽ منهنجو ايترو سنگ آهي (رشتو آهي).

رشي ويدوياس جي چيو، اي پُٽ سُڪديو! اسان تنهنجي جنم وٺڻ جو 12 سال انتظار ڪيو ۽ اڄ تون ڇڏي وڃي رهيو آهين. هڪ دفعي منهن ته ڏيکار. سُڪديو رشي چوڻ لڳو، اي رشي جي! تمام گهٽا دفعا توهان منهنجا پيءُ بڻيا، انيڪ دفعا آئون توهان جو پيءُ بڻيس. اهو ته وڏو جهنجهٽ آهي. آئون پڇڻي ڪري جنم مرڻ کان مُڪتي ڪرائيندس. آئون توهان جي طرف منهن اُنهي ڪري نه ڪري رهيو آهيان ته ڪٽي توهان جو مون ۾ موهه نه ٿي وڃي. اها چوٽي سنت غريبداس جي پنهنجي امرت واڻي ۾ ٻُڌائي آهي ته:-

ايڪ ليوا ايڪ ديوا دوتم، ڪوئي ڪسي کا پتا نه پوتم
رڻ سنبڌ جڑيا اک ٺانا، انت سمـيـه سب بـارا بـانا

ارٿ:- سُڪديو جي چيو ته جيڪي ڪُٽنب جا پاتي پيءُ پُٽ وغيره وغيره جيڪي رشتن ۾ آهن. اُهي سڀ پوئين جنم جي قرض ڏيڻ لاءِ وٺڻ لاءِ مليا آهن. حقيقت ۾ ڪوبه ڪنهن جو پيءُ پُٽ ناهي. مرڻ ڪانپوءِ سيئي پنهنجن پنهنجن ڪرمن مطابق مختلف هنڌن تي وڃي ٻيا جسم ڌارڻ ڪري وٺندا آهن. اُنهي ڪري ڪوبه ڪنهن جو پيءُ پُٽ ناهي.

پڙهڻ وارن متي هاري جي پُٽن واري ڪٿا ۾ پڙهيو آهي ته وڏي پاڻ ننديي ماسي جي پُٽ کي ان ايڪڙ زمين جي لالچ ۾ مارايو ته اُهو ئي جيو اُن جو پُٽ بڌجي پنهنجو قرض ونڻ لاءِ جائو ۽ پنهنجو حساب چُڪائي مري ويو. اُنهي ڪري چيو آهي ته:-

ايڪ ليوا (قرض ونڻ وارو) ايڪ ديوا (قرض چُڪائڻ وارو) دوتم. ڪوئي ڪسي کا پتا نهين پوتم. رڻ سنبڌ جڙيا اِڪ نانا يعني ڪُٽنب روپ ۾ نٽ سان رهندي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. اوچتو موت تي ويندو آهي. آخري وقت ۾ بارا باٽا يعني مرڻ کانپوءِ کي ڪيڏانهن جنم ونندا يعني ٻارنهن (12) باٽ (رستو) تي هليا ويندا. ايتري وارتا پيءُ سان ڪري سُڪديو آسمان ۾ اُڏامي ٻئي هنڌ هليو ويو.

پيارا پڙهندڙؤ! اُنهي ڪري پڳتي ڪريو ۽ جيو جو ڪلياڻ ڪرايو. صرف ڪُٽنب سان چنبڙي پنهنجي زندگي برباد نہ ڪريو. پرماتما جي پڳتي سان قرض بہ آساني سان لهي ويندو.

"ڪرڻي ۽ ڪٿڻي ۾ ڳجهو فرق آهي"

هڪ ماڻهو ڪٿا ڪندڙ مشهور هو ۽ هرروز رامائڻ جو پاٺ بہ ڪندو هو. هڪ ڏينهن ڪنهن ڪم ڪار سان پاٺ ڪرڻ واري جو شهر وڃڻ ٿيو. اُن سان گڏ اُن جو ساٿي بہ هو. ڳوٺ کان 3 ڪلوميٽر پري ريل جي استيشن هئي. صبح جو پنج بجي گاڏي تي چڙهڻو هو. اُنهي ڪري وهنجي استيشن تي پهچي ويو. وبچار ڪيو ته پاٺ گاڏي ۾ ڪري ونندس. گاڏي ۾ چڙهي ويو. جنهن گاڏي ۾ اهي ٻئي چڙهيا. اهو پريل هو. ڪابہ سيٽ خالي نہ هئي. ڪجهہ ماڻهو بيٺا هئا. گاڏي هلڻ لڳي. ڪجهہ دير کانپوءِ اُهي پاڻي سيٽ تي ويٺا. ٻن ڇٽن کي چيو ته پاڻ مون کي سيٽ ڏيو، مون کي رامائڻ جو پاٺ ڪرڻو آهي. اڄ جلدي گاڏي تي پهچڻ جي ڪارڻ گهر ۾ نہ ڪري سگهيس. ماڻهن سڄي سيٽ خالي ڪري ڏني. اُهي سيئي اُٿي بيهي رهيا ۽ چوڻ لڳا اي مهاراج! اسان جو ته اڄ وڏو پاڳ آهي جيڪو اڄ اسان کي بہ پاڪ گرنٿ رامائڻ جو امرت گيان ٻُڌڻ لاءِ ملندو. پنڊت جي پاٺ وڏي آواز ۾ چوڻ شروع ڪيو. موضوع هو. پرت پنهنجي وڏي پاڻ جي لائق راج کي قبول نہ ڪيو. جيستائين شري رامچندر جي بنواس پورو ڪري نہ آيا، تيستائين راج گادي تي پنهنجي پاڻ رامچندر جي جُتي رکي ۽ خود زمين تي ويهي ۽ نوڪر بڌجي بادشاهي جو وقت سنپاليو. جڏهن پاڻ رامچندر ايوڌيا موٽيا ته اُن کي راج موٽائي ڏنو. پاڻ هجي ته اهڙو هجي. پاٺ ختم ٿيڻ تي سيني چيو واه پنڊت واه! ڪمال ڪري ڇڏيو. هڪ همراه اُنهي دٻي ۾ ايئن وينو هو جنهن پنهنجي پيءُ جي ورسي تي هڪ ڏينهن جو پاٺ ڪرڻو هو. ڪوبہ پاٺ نہ ڪندڙ نہ ملي رهيو هو. ورسي اڳئين ڏينهن ئي هئي. اُن پنڊت کي چيو ته اي گروجي! سپاڻي منهنجي پيءُ جي ورسي جي موقعي تي پاٺ ڪري ڏيو. پنڊت جي چوڻ لڳو ته سپاڻي نہ ٿو ڪري سگهان. سيني موجود مسافرن چيو ته پنڊت جي! توهان جو ته ڪم اهو ئي آهي، اُنهي ويچاري لاءِ مصيبت بڻيل آهي. مگر پاٺ ڪندڙ نٻ جواب ڏيئي رهيو هو. سيني پڇيو ته اهڙو ڪهڙو لازمي ڪم آهي، جيڪو توهان سپاڻي پاٺ جي منع ڪري رهيا آهيو. پنڊت ڳالهہ کي ٽاري بس ايئن ئي، اُن جو ساٿي چوڻ لڳو ته آئون سچائي ٻُڌايان، هي سپاڻي چو پاٺ نٿو ڪري سگهي. اُنهي پنهنجي پاڻ تي پنجاهہ گز جي گندگي جي ڍير تي مقدمو ڪيو آهي آئون اُن جو گواهہ آهيان. سپاڻي تاريخ آهي. موجود ماڻهو چوڻ لڳا پنڊت جي! ڪٿا ته ڪهڙي دل کي ڇُهندڙ ٻُڌائي ۽ توهان عمل ته قطعي نہ پيا ڪريو. اهڙي ماڻهو جي ڪيل ڪٿا ۽ ٻُڌندڙن تي ڪهڙو اثر پوندو؟

ڪبير صاحب چيو آهي ته:-

ڪرني تج ڪٿني ڪٿين، اگياني دن رات
ڪُوڪر (ڪُتي) جِيُون پونڪت ڪرين، سُني سُنائي بات

غريب داس جي چيو آهي ته:-

غريب؛ بيجڪ کي باتان کهي، بيجڪ ناهين هات

پرٿوي ڏوبن اوتري، يه ڪه ڪهه ميني بات

"ستسنگ سان ملي پڄتي جي راهه"

سنت نتيانند جي جو ننڍپڻ ۾ نالو نندلال هو. اُهو برهمڻ خاندان ۾ جنميو هو. سنت غريب داس جي (ڳوٺ ڇُڙاٽي ضلع جهجهر) ۾ئي ساڻئي وقت ۾ هئا. سنت غريبداس جي زندگي سنہ 1717 -1778ع تائين رهي هُئي. اُنهي وقت برهمڻن جو خاص احترام ڪيو ويندو هو. اونچي ذات مڃي ويندي هئي. اُنهي ڪري فخر هئڻ لازمي هو. نندلال جي ماءُ پيءُ جي ديهانت ٿي وئي هُئي، اُنهي وقت اُهي 7-8 سالن جو هو. اُن جو نالو نارنول جي نواب جي بادشاهي ۾ اونچي عهدي تي موجود هو. سندس پالڻ پوشڻ نانا ناني ڪئي. تعليم ڏيارڻ ڪانپوءِ ناني پنهنجي ڏوهٽي نندلال کي نارنول ۾ هڪ مختيارڪار لڳائي ڇڏيو. هڪ ٽه ذات برهمڻ، ٻيو ٽه اُن وقت مختيارڪار جو عهدو. جنهن جي ڪارڻ اهنڪار جو هئڻ عام ڳالهه آهي. مختيارڪار جو وواه به نانا ناني ڪري ڇڏيو هو. مختيارڪار جي محل کان ٿوري فاصلي تي هڪ وشنو سنت شري گُماني داس جي پنهنجي ڪنهن پڄت جي گهر ستسنگ ڪري رهيو هو. اُهو به شري وشنو جي جو پڄت هو. سيئي سنت جن پنهنجي ستسنگ ۾ پرماتما ڪبير جي امرت واڻي جو سهارو ضرور ونندا هئا. ستسنگ ۾ ٻُڌايو ويو ٽه انسان جو جنم ڇا جي ڪري ملندو آهي؛ مگر ستسنگ نه ٻُڌڻ جي ڪارڻ دنياوي ڪم ڪار ۾ پنهنجو انمول انساني جنم ناس ڪري ويندو آهي. اڳيان جي ڪارڻ جيوَ ڏن، عهدي ۽ ذات جو ايمان ڪري ٿو. پڄتي نه ڪرڻ واري جيوَ اڳئين جنم ۾ گڏهه ڪُتا، ڍڳا وغيره جانورن ۽ پکين جي جسم ۾ تڪليف پوڳي ٿو. اُنهي ڪري ايمان ڇڏي ڪري پورڻ سنت کان دڪشا ونڊي پنهنجو ڪلياڻ ڪرائڻ گهرجي. نه ٽه جبل کان به وڌا ڏُڪ پوڳٽا پوندا.

سوامي گماني داس جو آشرم نارنول شهر جي لڳ ڀڳ ڏيڍ ($1\frac{1}{2}$)ڪلوميٽر تي هو. ستسنگ جو آواز ٻُڌي، مختيارڪار گهر جي ڇت تي ڪرسي رکي ويهي رهيو. پورو ستسنگ ٻُڌو. دڪشا ونڊڻ جو مضبوط جوش جاڳي پيو. مگر ذات ۽ عهدي جو اهنڪار پريشان ڪري رهيو هو. برهمڻن جي ڪيتري عزت آهي. ٻيو ٽه آئون مختيارڪار آهيان. ستسنگ ۾ عام ماڻهو ويندا آهن. مون کي شرم لڳندو. ڪيئن ويندس آشرم ۾؟ آخر ۾ هڪ ڏينهن فيصلو ڪري ورتو ٽه صبح جي وقت کان پهرين آشرم ۾ پهچي ويندس. ٻيا ماڻهو ويندا تيستائين ٽه دڪشا ونڊي موڪي ايندس. ستسنگ ڪري سنت جي آشرم ۾ هليا ويا. صبح جو اُٺي ڪجهه دير سير به ڪندا هئا. هڪ ڏينهن نندلال گهوڙي تي چڙهي صبح جو آشرم جي طرف وڃي رهيو هو. گهاني داس جي سير جي لاءِ اُنهي رستي وڃي رهيو هو. سوامي مٺي جا وار ڪترائي ڇڏيا هئا. پاڪي (Blade) قيرائي ڇڏي هئي. مٺي تي ڪوبه ڪپڙو نه هو. نندلال برهمڻ هئڻ جي ناتي سؤڻ ڪسؤڻ تي اعتبار رکندو هو. ڪنهن سُني ڪم لاءِ ويندو ۽ اڳيان کان نوڙهو ماڻهو ڪو اڇي ويندو هو ته پنهنجو وڃڻ رد ڪري ڇڏيندو هو. آشرم ۾ دڪشا ونڊڻ وڃي رهيو هو. زندگي جو سڀ کان اُتم ڏينهن هو. اڳيان نوڙهو ماڻهو مليو. نندلال جي پنهنجي مٺي کي ڏڪ هنيو ۽ ڪاوڙ آئي. ويچار ڪيو ته اڄ دڪشا جو موقعو ناهي ڇڏڻو. مگر پنهنجي سؤڻ ڪسؤڻ کي به حل ڪرڻو هو. اُنهي ڪري پنهنجو پاڻ حل ڪيو ورتو ته اُنهي همراهه جي سِر ۾ ٽونگو (هٿ جي هڪ آڱر جو اُبتو حصو) هڻي ٿو ڇڏيان. ڪسؤڻ ختم ٿي ويندو. اُنهي مقصد سان گهوڙو اُنهي ماڻهو (سنت گماني داس جي) وٽ وڃي بيهاريو ۽ چيو ته بد نصيب! تو کي اڄ ئي وار ڪُوڙائي منهنجي سامهون اچڻو هو. اڄ آئون پنهنجي زندگي جي سڀ کان اعليٰ ڪم جي لاءِ آشرم ۾ وڃي رهيو هئس. اهو چئي گماني داس جي مٺي ۾ ٽونگا هنيا ۽ گهوڙو آشرم جي طرف ڪاهي روانو ٿيو. سنتن سان اهڙا واقعا ته عام ٿيندا آهن، اُهي اڪثر ڏيان ناهن ڏيندا. ويچار ڪيو ته همراهه سُني گڻ وارو ۽ ڪنهن اونچي خاندان جو لڳي رهيو آهي. ڪم ته مال چارڻ وارن جهڙو ڪري ويو. نندلال آشرم ۾ ويو. اُتي سنت جا شش مليا. رام ــ رام چيو. اچڻ جو سبب ٻُڌايو. گهوڙو وڻ سان ٻڌيو ۽ سنت جي آسڻ وٽ وڃايل رلي تي ويهي رهيو. سنت گماني داس سير کانپوءِ وهنجي آسڻ تي وينا ته گهوڙو ڏٺو. پوءِ سمجهندي دير نه لڳي. نندلال کي ڏٺو ته شرم وڃان ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. گماني داس کي آشرم جي پڄتن ٻُڌايو ته هي مختيارڪار دڪشا ونڊڻ آيو آهي. نندلال جي سنت جي چرڻن ۾ سِر رکيو ۽ ٽونگي هڻڻ جو ڪارڻ ٻُڌايو. سنت گماني داس چيو ته اي پڄت جي! جڏهن اسان

هڪ آني جو دلو ڪنيار کان ونڊ ويندا آهيون تہ اُن کي ٿونگا هڏي هڏي وڃائي ڏسندا آهيون تہ ڪٿي تتل تہ نہ آهي. توهان تہ زندگي جو سودو ڪرڻ آيا آهيو. توهان گرو وڃائي ڏنو آهي ڪو پاپ ناهي ڪيو. نتياننڊ جي سنت جي ٽڏي گڏن سان اڃان بہ وڌيڪ متاثر ٿيو. دڪشا ورتي. سنت گماني داس جي اُن جو نالو بدلائي نتياننڊ رکي ڇڏيو. جڏهن ستسنگ کان جيئڻ جو رستو مليوتہ نتياننڊ جي واڻي چوڻ لڳو:-

برهمڻ ڪُل ۾ جنم ٿا، مين ڪرتا بهت مروڙ
گرو گماني داس نـي، ديـئا ڪُـبڊ گـڊ تـوڙ

پوءِ ڪيترو فرمانبردار ٿيو، اُها هن واڻي مان معلوم ٿئي ٿو تہ:-

سر سونپيا گرو ديو کو، سڦل هويا يہ شيش
نـتـانـنـد اس شـيـش پـر، آپ بـسـي جگديش

ارٿ:- جيستائين ستسنگ جا ويچار ٻُڌڻ لاءِ نہ ملندا تہ پُل جي ڪارڻ انسان اهنڪار ۾ سڙندو رهندو آهي. جڏهن گيان ٿيندو آهي تہ اڄ راڄ آهي، مرڻ کان پوءِ گڏهہ ڪُتو بڻجندس تہ ان اهنڪار جو ڇا ٿيندو؟ اُنهي ڪري پڇت پنهنجي اُنهي رڪاوٽ کي گيان سان صاف ڪري پڇتي جي راهہ تي هلندا آهن ۽ ڪاميابي ماڻيندا آهن. شري لنڪا جو راجا راوڻ پڇتي تہ گهٽي ڪئي مگر اهنڪار نہ ويو. جنهن جي ڪارڻ ناس ٿي ويو. راوڻ بہ برهمڻ هو. نتياننڊ بہ برهمڻ هو. ستسنگ ٻُڌي نرمل ٿي ويو. راوڻ کي تہ ستسنگ ٻُڌڻ لاءِ مليو ئي ڪونہ. جنهن جي ڪارڻ جنم اجايو ويو ۽ نہ مِٽڻ جهڙو داغ بہ لڳي ويو. نتياننڊ جي چيو تہ منهنجو جنم برهمڻ ڪُل هئڻ جي ڪارڻ ذات جي ايمان جي ڪارڻ تمام گهٽي مروڙ (اهنڪار) ڪندو هئس. جڏهن گرو گماني داس جي جا ستسنگ وچن ٻُڌا تہ ذات جو اهنڪار روپي ڪُبڊ جو گڊ ختم ٿي ويو. جنم ڪامياب ٿيو.

نتياننڊ جو شبد:-

اور بات تـيـري ڪام نـهـين آوي، سـنـتـو شرڌي لاگ ري
ڪـيـا سـووي غـفـلـت ۾ بـنـدا، جاگ جاگ نـر جاگ ري
تـن سـرائـي ۾ جـيـو مـسـافـر، ڪرتا رهـي دمـاغ ري
رات بـسـيـرا ڪـر لـي ڊيـرا، چـلـي سـويـرا تـياگ ري
اور بات تـيـري.....
عـمـدا چـولا بـنـا انـمـولا، لـگـي داغ پـر داغ ري
دو دن ڪـي گـذران جـگـت ۾، جـلـي بِـرانـي آگ ري
اور بات تـيـري.....
ڪُبڊ ڪانچلي چڑهہ ري چت پـر، تو هويا منش سي ناگ ري
سـوجهي نهـين سجـن سُک ساگـر، بنا پريم بيراگ ري
اور بات تـيـري.....
هـر سُمري سو هـنس ڪهاوي، ڪامي ڪروڌي ڪاگ ري
پـونـرا نا پـرمـي وش ڪـي بـن ۾، چـل بي غـم پُر داغ ري
اور بات تـيـري.....
شبد سين ستگرو ڪي پـچاڻي، پايا اٽـل سهـاگ ري

"نتياننند"محبوب "گماني"، پرگھٽي پورڻ پاڳ ري

اور بات تيري.....

"شبد"

تن من شيش ايش اپني پہ، پھلم چوٽ چڑھاوي
جب کوئي رام پگٽ گٽ پاوي، ھو جي (ٽيڪ)
ستگرو تلک اجپا مالا، يُگت جٹا رکاواوي
جت کو پين ست کا چولا، پيتر بيک بناوي (1)
لوک لاج مرياداجگت کي، ترڻ جِيُون توڑ بگاوي
کامني کنک زھر کري جاني، شھر اگم پُر جاوي (2)
جيُون پتي پرتا پتي سي راتي، آن پُرش نا پاوي
بسي پيھر ۾ پريت پريتم ۾، نِيُون کوئي ڏيان لگاوي (3)
نندا استوتي مان بڑائي، من سي مار گِراوي
اشٹ سڌي کي انک نا ماني، آگ قدم بڑھاوي (4)
آشا ندي اُلٽ کر ڌاتي، آڌا بند لگاوي
پوجل کار سمندر ۾، بَھُور نہ کوڑ ملاوي (5)
گگھن محل گووند "گماني"، پلک مانھين پُھنچاوي
"نتياننند" ماڻي کا مندر، نور تيج ھو جاوي (6)

(حقيقت ۾ اھو مٽي لکيل شبد کبير صاحب جو نہ آھي. پوءِ بہ اسان کي گيان حاصل کرڻو آھي).

سنت نتياننند جي پنھنجي زندگي جي آخري ڏينھن جٽيلا تلاءُ تي پڳٽي کري گذاريا. جٽيلا تلاءُ پواني ضلعي جي تعلقي دادري ۾ کيترن ئي ڳوٺن جي سرحد تي ٹھيل آھي. (ڳوٺ ماجرا، بگووا، باس وغيره وغيره جي سرحد تي آھي) سنت نتياننند جي شري وشنو (شري کرشن) جي پڳٽي کندا ھئا. اُن جا گرو شري گماني داس دلي جي سنت شري چرڻ داس وٹشٹو جا شش ھئا. پڑھڻ وارا سرشٹي رچنا اڌياءَ ۾ انھي کتاب ۾ پڑھو. توھان کي گيان ٿي ويندو تہ سنت نتياننند جي کي کھڙي منزل جو موکش مليو ھوندو. سنت غريب داس جي کي پرماتما کبير جي مليا ھئا. اُنھن سنت غريب داس جي کي ٻُڌايو تہ سنت پڳٽ کنھن بہ سطح جي پڳٽي کري رھيا آھن، اُھي قابل احترام آھن. مگر جيستائين پرم ستگرو (پورڻ گرو) نہ ملندو جيکو بن اکرن جو سچو نام دکشا ۾ ڏيندو آھي. تيستائين نہ تہ اُن گرو جي مکتي آھي ۽ نہ شش جي.

غريب؛ ساڌ سب نيک ھين، آپ اپني نور
جو جن ڈام پَھنچاوين، سو ساڌو کوئي اور
غريب؛ ساڌ ھماري سگي ھين، نہ کاھو کو دوش
جو سار نام بتاوي، سو ساڌو سِر پوش

شري کرشن جي جو جنم مرڻ رھي ٿو تہ پوجا کندڙ کي موکش نہ ملي سگھندو. جيکو گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوک نمبر 4 ۾ چيو آھي تہ "تتودرشي سنت کان تتو گيان ملڻ کانپوءِ پرميشور جي اُنھي پرم پد جي کوج کرڻ گھرجي جتي وڃڻ کانپوءِ ساڌک وري موٽي سنسار ۾ کڈھن بہ نہ ايندو". صرف اُنھي پرميشور جي پڳٽي کريو. جنھن سنسار روپي وڻ جي پيدائش کئي آھي. دنيا جي پکيڙ جنھن سان ٿي آھي.

هندو سماج جا گرو چوندا آهن تہ گيتا جو گيان شري ڪرشن ارجن کي ٻڌايو. شري ڪرشن جي شري وشنو جو اوتار خود شري وشنو جي مڃيا وڃن ٿا. شريمد ڀگونت گيتا جي اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 5 ۾ گيتا گيان چوڻ واري ڇيو آهي تہ ارجن! منهنجا ۽ تنهنجا تمام گهڻا جنم ٿي چُڪا آهن. تون نٿو ڄاڻين آئون ڄاڻان ٿو. (اُنهي مان ثابت ٿيو تہ شري وشنو جي فاني آهن، جنم مرڻ ٿيندو رهندو آهي). شري ديوي پُراڻ جي ٽئين اسڪند ۾ خود وشنو جي ڇيو تہ آئون (وشنو)، برهما ۽ شنڪر ڄمندا مرندا آهيون. اسانجو تہ آويرياو (جنم) ۽ تروياو (مرتيو) ٿيندو رهندو آهي. {اُنهي مان بہ ثابت ٿئي ٿو تہ شري وشنو جي اوناشي نہ آهن. گيتاجي اڌياءِ نمبر 2 شلوڪ نمبر 17، گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 17 ۾ اوناشي پرماتما تہ گيتا گيان داتا کان بہ ٻيو ڇيو آهي. پوءِ گيتاجي اڌياءِ نمبر 18 شلوڪ نمبر 62 ۾ گيتا گيان داتا ڇيو آهي تہ اي پارت! هر طرح سان تُون اُنهي پرميشور جي شرڻ ۾ وڃ. اُنهي پرميشور جي ڪرپا سان ئي تون پرم شانتي کي ۽ سناتن پرم ڌام کي پائيندين}

اُنهي ثبوتن مان صاف صاف خبر پوي ٿي تہ نتياننڊ جي کي گيتا ۾ ذڪر ڪيل پورڻ موڪش حاصل نہ ٿيو. ڪبير جي ڇيو آهي تہ:-

جـو جـاڪي شرڻ بسي، تاکو تاکي لاج
جل سوهي مڇلي چڑهي، بهـ جاتي گجراج

ارٿ:- جيڪو ڀڳت جنهن بہ ديوي ديوتا جي ڀڳتي ڪري ٿو، اُهو اشت پنهنجي ڀڳت کي راحت ضرور ڏيندو آهي. جيڪا عام ماڻهو لاءِ نہ هئڻ جي برابر هوندي آهي. مثالطور:- جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو ٿاڻي دار (SHO) جي خدمت ڪئي آهي يعني دوستي رکي آهي تہ ٿاڻي دار پنهنجي دوست کي ٿاڻي ۾ اچڻ سان ڪرسي تي ويهاريندو آهي. چاهہ ماني کارائيندو پيئاريندو آهي جيڪو عام ماڻهو لاءِ نٿو ٿي سگهي. اها عام ماڻهو جي لاءِ نہ هئڻ کان گهٽ نہ آهي. جيڪڏهن ڪنهن پوليس اعليٰ (S.P) سان سجاڻپ ڪرائي آهي تہ اُن کي اجان بہ وڌيڪ فائدو هوندو آهي. اهڙي طرح اسان مٿي وڃون تہ صوبي ۾ جيڪڏهن وزير اعليٰ سان سجاڻپ آهي تہ اُن کي جيڪو فائدو ٿيندو تہ اُها هيڻين وارن جي پيٽ ۾ نہ هئڻ جي برابر هوندو. اهڙي طرح جيڪڏهن ملڪ جي وزير اعظم سان دوستي ٿي وڃي تہ فائدي جي ڪابہ حد نہ هوندي.

ليڪڪ اهو چوڻ چاهي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو ديوي ديوتائن جي ڀڳتي ڪري ٿو تہ لاڀ تہ اُن کي بہ ملندو آهي مگر جيڪو لاڀ پورڻ پرماتما جي ڀڳتي سان ٿيندو آهي اوترو لاڀ ديوي ديوتائن جي پوجا ڪرڻ سان نہ ملندو. جيڪڏهن وزيراعظم جو ساٿي آهي تہ اُن سان گڏ ملڪ جا سيئي وڏا وزير، وزير، ۽ آفيسر صاحبان ٿي ويندا آهن. سيئي اُن جو ساٿ ڏيندا آهن. مخالفت جو مڪان نہ رهندو. اهڙي طرح پورڻ پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ واري ڀڳت سان گڏ دنيا جا سيئي ديوي ديوتا ساٿ ڏيندا آهن. اُهي هر ممڪن مدد ڪندا آهن، رڪاوٽ ناهن ڪندا. جيڪڏهن ڪو پوت ــ پِتر، پريت، پيرَوَ، بيتال پورڻ پرماتما جي ڀڳت کي نقصان ڪرڻ جو سوچيندا بہ آهن تہ ديوي ديوتا بہ اُن کي دور ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پُڏائيندا آهن تہ توکي معلوم آهي تہ هي ڪنهن جي شرڻ ۾ آهي؟ پوءِ اُهي شيطان شڪتيون ڊپ وچان ڪابہ نقصان ڪرڻ جي همت ناهن ڪنديون. جيڪڏهن غلطي سان ڪنهن پوت پريت، پرماتما جي ڀڳت سان ڇيڙ ڇاڙ ڪئي تہ اُن کي پرماتما جا گَڻ پڪڙي وٺي ويندا آهن ۽ مارڪٽ ڪري سلاخن جي اندر بند ڪري ڇڏيندا آهن. پرماتما ڪبير جي ڇيو آهي تہ:-

ايڪي ساڌي سب سڌي، سب ساڌي سب جاءِ
مالي سينچي مول کو، ڦولي ڦلي اگهاءِ

اُنهي ڪري پورڻ پرماتما جي ڀڳتي ڪريو. موجود دور ۾ منهنجي (رامپال داس) جي علاوه پوري دنيا ۾ ڪنهن وٽ ست گيان نہ آهي. توهان اچو ۽ دڪشا وٺي پنهنجو ۽ پنهنجي ڪُٽنب جو ڪلياڻ ڪرايو.

"مُني رام کٽا کندڙ پنڌت جي ڪرٽي"

مني رام نالي کٽا کندڙ پنڌت مشهور هو. هرياڻا جي هڪ ڳوٺ ۾ رامائڻ جي کٽا جو پروگرام رکيو ويو. رامائڻ جي کٽا وڌ ۾ وڌ يارهن (11)ڏينهن ۾ ختم ٿيندي هئي. مني رام پنڌت ٽيهه ڏينهن ۾ مڪمل ڪئي. ويچار ڪيو هو ته وڌيڪ ڏينهن کٽا هلندي ته هر روز وڌيڪ دان ايندو. اهڙي طرح زياده دکشٽا حاصل ٿيندي. ٽيهه (30) ڏينهن جي کٽا ۾ مني رام پنڌت جي کي ٽيهه رپيه ئي حاصل ٿيا. ڳوٺ جي ڪجهه ماڻهن جنهن ڏينهن مني رام کٽا کي سماپت ڪري رهيو هو. اُن ڏينهن اُنهي وقت دلي کان نچڻ ڳائڻ واري مشهور رنڊي چمپاڪلي جو ناچ ڳائڻ ڪرايو. سڄو ڳوٺ ناچ ڳائڻ ڏسڻ ۾ ٻُڌڻ لاءِ ڪنا ٿي ويا. ٻن ڪلاڪن ۾ چمپاڪلي کي پنج سو رپيه ملايا. مني رام جي کي 30 ڏينهن ۾ ڪل 30 رپيه ملايا. پنڌت جي ڏک جي ڪا حد نه رهي. رستي ۾ ڳوٺ ڇُڙاٽي هو. مني رام جي کي خبر هئي ته هتي غريب داس جي پرم سنت رهندا آهن. اُن سان ملاقات ڪري پوءِ اڳتي وڃان. سنت غريب داس وٽ ڳوٺ ۾ آسپاس جي ڳوٺن جا ڏهه ٻارنهن ٻڳت وينا هئا. اُن وقت پنڌت مني رام پهتا. سنت غريب داس جي کي رام رام ڪيو، سنت غريب داس جي رام رام چيو ۽ سُنو هنڌ ويهڻ لاءِ ڏنو. حال احوال پُڇيو ته مني رام چوڻ لڳا، اي مهاراج! ڪل يُگ جو پهرو اچي ويو آهي، ڏرم جو ناس ٿي چُڪو آهي. زندگي تباه ٿي چڪي آهي مطلب عوام جو ڏرم جي طرف چاهه ختم ٿي چُڪو آهي. ڏرتي آسمان ڦاٽي پون ته به اچرج جي ڳالهه نه آهي. موجود ٻڌتن پُڇيو ته پنڌت جي اهڙي ڪهڙي ڳالهه ٿي آهي؟ مني رام چوڻ لڳو چا ٻُڌايان؟ سنت غريب داس جي ته سڀ ڄاڻين ٿا. ٻڌتن پُڇيو ته مهاراج جي! اهڙي ڪهڙي ڳالهه ٿي وئي جنهن سان پنڌت کي تڪليف پهتي آهي؟ سنت غريب داس جي چيو ته:-

غريب، ڦوٽي آنک وويک کي، انڌا هئه جگديش

چمپاڪلي کي پانچ سؤ، مني رام کي تيس

ارٿ:- جنهن جگديش نالي همراه ڄاڻي واڻي شرارت ڪري مني رام جي کٽا جي ٻوگ لڳڻ واري ڏينهن ڳائڻ نچڻ واري چمپاڪلي جو پروگرام ڪرايو هو. انهي وٽ گيان جون اکيون نه آهن انڌو آهي. ڳوٺ جي ماڻهن جون به وويک (سوچ ويچار) واريون اکيون به نڪري چڪيون آهن يعني اُنهن به ويچار ڪونه ڪيو ته ڏرم کٽا هلي رهي آهي. اُن جي مخالفت اُنهي بد سلوڪ سان نه ڪرڻ گهرجي. اي ٻڌتو! مني رام جي يارهن ڏينهن ۾ ختم ٿيڻ واري کٽا کي وڌيڪ دکشٽا ملڻ جي لالچ ۾ ٽيهه ڏينهن تائين ڪئي. ڳوٺ جي ڪجهه شرارتي ماڻهو به مني رام جي مقصد کان واقف ٿي ويا. جنهن جي ڪارڻ اُنهن پنڌت جي کي سبق سيکارڻ جي لاءِ رنڊي کي گهرائي مهاپاپ ڪيو آهي. اها سچائي سنت غريب داس جي وات مان ٻُڌي مني رام جي اچرج جو نڪاٽو ئي نه رهيو. اهو سوچي رهيو هو ته اڄ سادا يارهن بجي صبح ٻوگ لڳائي سڏو هتي پهتو آهيان. سنت غريب داس جي کي ڪيئن معلوم ٿيو؟ هي ته پرماتما آهي. سيئي سڄاڻين ٿا. مني رام آسڻ تان اُٿيو ۽ سنت غريب داس جي پيرين پئي چوڻ لڳو، پرپو! توهان سچ چيو آهي ته مون به لالچ ۾ کٽا کي ڏکهي ڪئي هئي. توهان ته ڄاڻڻ هار آهيو. اي پرپو! ڏرم ڪرم ۽ جيئڻ جي سچي راه ڏيکاريو. سنت غريب داس جي ستسنگ ڪري اُنهي پُڇ آتما مني رام جي کي ٻُڌايو ته:-

اي مني رام جي! تون پاڻ ڪري عوام کان ڏن ونين ٿو. اهو توتي قرض بڌجي ٿو. اُن کي وياج سميت موٽائڻو پوندو آهي. توهان کي مڪمل روحاني علم ناهي. توهان کٽا، پاڻ ۽ ستسنگ ڪرڻ جا لائق نه آهيو. توهان ماڻهن کي اُتساهڻ لاءِ گلي ۾ مالا (هڪ تلسي جي مٽيي کي ڏاڪي ۾ وجهي گلي ۾ ٻڌندا آهن جيڪا وشنو پنٿ جي سڄاڻپ هوندي آهي)وجهي رکي آهي. هڪ مالا 108 (هڪ سؤ اٺ) رودراڪش جي مٽين جي ٻڌي رکي آهي جيڪا منتر جاپ جي لاءِ هوندي آهي. جنهن کي سنت جن سمرٽي به چوندا آهن. نراڙ تي تلڪ لڳائي رکيو آهي، پيلا ڪپڙا پهري رکيا آهن. سنت غريب داس جي واڻي ۾ ٻُڌايو آهي ته

ڪنئي مالا سمرٽي، پهري سي ڪيا هوء

اوپر ڏوندا ساڌ کا، انتر راکيا کوءِ

ارٿ:- اي مني رام جي! باهر جي ڏيکاءُ ۾ تہ تون ساڌو لڳين ٿو يعني باهرين ڏيکاءُ جي توهان نموني بازي ڪري رکي آهي. توهان جي لباس کي ڏسي تہ پڳٽ سماج ڪتجي مري وڃن، پر اندر ساڌو جا گڻ بلڪل ناهن. لالچ جي ڪارڻ اندر ۾ گند پري رکيو آهي. ساڌو وارو نمونو بلڪل ناهي. اُنهي ڪري ڪنني مالا سُمرٽي کي گلي ۾ وجهڻ سان پڳٽ نہ ٿيندو. آتم ڪلياڻ جي لاءِ پورڻ سنت کان دڪشا ونڊي پوري زندگي مريادا ۾ رهي پڳٽي ڪرڻ سان ڪلياڻ ٿيندو آهي. توهان پاڻ ڪرڻ جا لائق نہ آهيو. بغير لائق جي پاڻ ڪرڻ عوام سان دوکو آهي. توهان جا مائٽ رُشي واقعي ئي پنڌت هئا. عقلمند ماڻهو هئا. اُهي اهڙي غلطي نہ ڪندا هئا. سنت غريب داس جي مثال ڏيئي سمجهايو تہ:-

"راجا پريڪشت جو چوٽڪارو"

جنهن وقت راجا پريڪشت کي رُشي جي شراپ جي ڪري تڪشڪ نانگ کائيندو تہ راجا پريڪشت جي چوٽڪاري جي لاءِ شريمد پاگوت (سُڌا ساگر) جي ست ڏينهن جي ڪٿا ڪرٽي هئي. ڏرتي جي سپني رُشين ۽ پنڌتن کان شريمد پاگوت جي ڪٿا راجا پريڪشت کي ٻُڌائڻ لاءِ چيو ويو. اُهي حقيقت ۾ پنڌت هئا. اُهي پرماتما جي قانون کي سمجهندا هئا. اُنهن کي اها بہ معلوم هو تہ ستين ڏينهن نتيجو ايندو. دنيا جي عقل وارن ماڻهن جي نظر ستين ڏينهن پريڪشت جو چا ٿيندو، اُن تي اٽڪيل هئي. ڏرتي جي سپني پنڌتن شريمد پاگوت جي ڪٿا ٻُڌائڻ جي لاءِ منع ڪري ڇڏي ۽ چيو تہ اسان لائق نہ آهيون. اسان کنهن جي انسان جنم سان کيڏي پاپ جا پاڻي نہ بڻجنداسُون. جنهن ويد وياس شريمد پاگوت کي لکيو هو، اُن بہ ڪٿا ٻُڌائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سپني رُشين ٻُڌايو تہ سرڳ کان رشي سڪديو کي انهي ڪم لاءِ گهرايو وڃي. اُهي ڪٿا ٻُڌائڻ جا لائق آهن. راجا پريڪشت جي لاءِ سرڳ کان سڪديو رشي کي گهرايو ويو. ڪجهہ وقت نرڪ پوڳي يڏشتر پُڇ ڦل پوڳي رهيو هو. اُن ڪُتنب جي موهہ جي لالچ ۾ اڇي ارجن جي پوٽي پريڪشت جي چوٽڪاري جي لاءِ پنهنجا ڪجهہ پُڇ سڪديو رشي کي دان ڪيا. اُنهن پُڇن جي قيمت سان شري سُڪديو رشي جي وڻان ۾ ويهي ڏرتي تي پريڪشت راجا کي شريمد پاگوت جي ڪٿا ٻُڌائڻ لاءِ آيو. ست ڏينهن ڪٿا ٻُڌائي پريڪشت جو راج ۽ ڪُتنب کان موهہ ختم ڪيو. تڪشڪ نانگ پريڪشت کي ڪٿا جي دوران ئي ڪاڌو. اُنهي وقت راجا جي موت ٿي وئي. مگر ڪٿا ٻُڌڻ سان پريڪشت جو ڏيان دنيا کان هٽي سرڳ جي سُک ۾ سمايل هو. راجا جي عهدي تي رهندي پريڪشت جي وڏا وڏا ڏرم يگيہ ڪرايا هئا. جنهن جي ڪارڻ اُن جي پُڇن جو ڏير لڳل هو. واٽي ۾ پرماتما جو قانون ٻُڌايل آهي تہ:-

ڪبير؛ جهان آشا تهان باسا هوئي، من وچن ڪرم سمريو سوئي

گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 6 ۾ بہ اهو ئي ثبوت آهي تہ "اي پارٿ! پرماتما جو اهو قانون آهي تہ آخري وقت ۾ جنهن ۾ آس رکي سمرڻ ڪندو آهي اُهو اُن کي حاصل ٿيندو آهي" اُنهي قانون مطابق راجا پريڪشت جو جيو استول جسم ڇڏي (جيڪو نانگ جي زهر سان مري ويو هو) سوڪشيم جسم واري سُڪديو رشي سان گڏ وڻان ۾ ويهي سرڳ ۾ هليو ويو.

سنت غريب داس جي (ڳوٺ ڇُڙاٽي، ضلع جهجر) مني رام کي ٻُڌايو تہ سُڪديو رُشي جي طرفان ٻُڌايل ڪٿا سان راجا پريڪشت جو من دنيا کان هٽي سرڳ جي حاصلات جي لاءِ مڳهن ٿي ويو هو. جنهن جي ڪارڻ مرڻ کان پوءِ اُن جنم ۾ بادشاهي جي دوران کيل ثوابن جي اُجوري سرڳ هليو ويو. جنم مرڻ جو چڪر اڃان باقي آهي. ڪال برهم جي لوڪ ۾ سرڳ، مها سرڳ (برهم لوڪ) کي حاصل ڪرڻ ئي چوٽڪارو سمجهن ٿا. جيڪا مڪمل روحاني علم جي اٿوري جو نتيجو آهي. ڪال برهم جي لوڪ وارو چوٽڪارو بہ ڏرتي جي ڪنهن رشي پنڌت جي سطح جو نہ آهي. چو تہ اُن جو پاڻ يا ڪٿا يعني ستسنگ ڪرڻ ۾ تڪبر مقصد رهندو آهي. هرهڪ رشي کي پنهنجي مشهوري جي شوق ۾ حسد جي بيماري بہ لڳي رهندي آهي. سُڪديو جي هڪ سنت جنڪ جي جا شش هئا. راجا جنڪ کي پورڻ پرماتما ڪبير جي مليا هئا. اُن کي سوهم نام جاپ ڏنو هو. راجا جنڪ جو پهريون ۽ پيارو شش

سُکديو جي هو. جنڪ جي اهو منتر صرف سُکديو کي ڏنو هو. جنهن ڪري سُکديو جو سرڳ جو وقت زياده آهي. راجا جنڪ سان ڪال دوڪو ڪيو هو. جنهن جي ڪري اُن جو سرڳ جو وقت گهٽ رهجي ويو هو ۽ اُهي سنہ 1469ع ۾ پنجاب صوبي ۾ (پارت ۾) شري ڪالورام مهتا (ڪتري ــ اروڙا) جي گهر شري نانڪ نالي جنم ورتو. (موجود وقت ۾ پاڪستان ملڪ ۾ آهي). سُکديو جي ڪي ڏرتي تي ڪنهن سان بہ ڪا بُرائي ۽ حسد يا وڌائي جي چاھ نہ هئي. اُن جي ٻُڌايل ڪٿا جو اثر پريڪشت جي من تي پيو. جنهن جي ڪري اُن جو سرڳ واس ٿيو. جيڪڏهن ٻيا رشي ڪٿا ڪن تہ راجا جو من راج ۽ پريوار ۾ رهجي وڃي. اُن جو وري جنم ڏرتي تي ٽئي ۽ پُڄ ڪرمن کي راجا بڻجي ناس ڪري.

سنت غريب داس جي ٻُڌايو آهي تہ اي مهاراج! جيستائين جيو جو جنم مرڻ ختم نٿو ٽئي تہ اُن کي پرم شانتي نہ ٿيندي. پوءِ راجا بڻجي راج جي فائدي ــ نقصان جي باھ ۾ سڙي ٿو. غريب بڻجي ڏک پوڳي ٿو. پوءِ پسو پکين جي جوٽين ۾ ڏک پوڳي ٿو. توهان شري وشنو عرف شري ڪرشن جي جا پڳٽ آهيو. (وشنو ساڏو شري وشنو جي کي اشٽ روپ ۾ مجين ٿا) توهان اُهو بہ مجو ٿا تہ شري ڪرشن يعني شري وشنو جي شريمد پگونت گيتا جو گيان ارجن کي ٻُڌايو. گيتا گيان ٻُڌائڻ وارو گيتا جي اڌياءِ نمبر 18 شلوڪ نمبر 62 ۾ ثابت ڪري ٿو تہ مون کان ٻيو ڪو پرم ايشور آهي. اي پارت! تون هرطرح سان اُنهي پرميشور جي شرڻ ۾ وڃ. اُنهي پرميشور جي ڪرپا سان ئي تون پرم شانتي ۽ سناتن پرم ڌام (ست لوڪ) کي حاصل ڪندين.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 29 ۾ گيتا گيان داتا ٻُڌايو آهي تہ "جيڪو پڳٽ جرا (ٻُڍاپڻ) ۽ مرڻ کان ڇوٽڪارو يعني موڪش حاصل ڪرڻ جي لاءِ جدوجهد ڪن ٿا (ڪال لوڪ جي راج ۽ سرڳ ۽ مها سرڳ تائين جي خواهش نٿا رکن) اُهي تت برهم کان مڪمل روحاني علم کان ۽ سيني ڪرمن کان واقف آهن."

گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 01 ۾ ارجن گيتا گيان ڏيڻ واري کان سوال ڪيو تہ ڪنهن تت برهم جي باري ۾ گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 29 ۾ چيو آهي تہ اُهو تت برهم ڇا آهي؟ اُن جو جواب گيتا گيان داتا گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 03 ۾ ڏنو آهي ٻُڌايو آهي تہ اُهو پرم اڪشر برهم آهي.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 جي شلوڪ نمبر 5 ۽ 7 ۾ گيتا گيان داتا پنهنجي پڳٽي ڪرڻ لاءِ چيو آهي جنهن سان منهنجي حاصلات ٿيندي ۽ گيتا جي اڌياءِ نمبر 8 جي شلوڪ نمبر 8-9- 10 ۾ اُنهي پنهنجي ڪان ٻئي پرم اڪشر برهم جي پڳٽي ڪرڻ لاءِ چيو آهي جنهن سان اُنهي جي حاصلات ٿيندي آهي.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 2 شلوڪ نمبر 12، گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 05، گيتاجي اڌياءِ نمبر10 شلوڪ نمبر 02 ۾ گيتا گيان چوڙ واري ٻُڌايو آهي تہ اي ارجن! منهنجا ۽ تنهنجا تمام گهٽا جنم ٿي چُڪا آهن، اڳتي بہ ٿيندا رهندا.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 02 شلوڪ نمبر 17 ۾ جيڪو اوناشي پرماتما چيو آهي ۽ گيتا جي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 16 ۽ 17 ۾ ٽي پُرش (پرپو) ٻُڌايا آهن. شلوڪ نمبر 16 ۾ شر پُرش ۽ اڪشر پُرش جو ذڪر آهي. ٻئي فاني ٻُڌايا آهن. پوءِ گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 17 ۾ اوناشي پرم اڪشر برهم جي معلومات ڏني آهي اُهو اُتم پُرش يعني سيني کان اعليٰ پرماتما چيو آهي. اُهو تنهي لوڪن جي پالنا ۽ سار سنڀال ڪري ٿو. حقيقت ۾ اوناشي آهي. گيتا جي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 04 ۾ گيتا گيان ڏيڻ واري ثابت ڪيو آهي تہ تتو درشي سنت ملڻ ڪانپوءِ پرميشور جي اُنهي پرم پد جي کوج ڪرڻ گهرجي جتي وڃڻ ڪانپوءِ وري موٽي پڳٽ سنسار ۾ ڪڏهن بہ نہ اچي. اُنهي پرماتما جي ئي پڳٽي ڪرڻ گهرجي جنهن سان سنسار روپي وڻ جي واڌويجهہ ۽ پکيڙ ٿي آهي يعني جنهن پرماتما پوري دنيا جي رچنا ڪئي آهي. (گيتا جو ليک ختم).

سنت غريب داس جي مني رام کي ٻُڌايو تہ پرم اڪشر برهم يعني تت برهم جي پڳٽي مُون (سنت غريب داس جي) وٽ آهي. جيڪڏهن توهان کي پورڻ موڪش حاصل ڪرڻو آهي تہ دڪشا وٺ ۽ ڪلياڻ ڪرائي وٺ. مني رام جي کي گيتا جا سيئي شلوڪ برزبان ياد هئا. جلدي سمجهي ويو ۽ دڪشا وني پاڪنڊ تياڳي ڪلياڻ ڪرايو.

"پنڌت جو مفهوم"

لـگـي جَهان بـرسـني گهن گهور کـي، اُنـت تمان شـبـد ڏُني اتي سوهائي
سُن سوهين هنس هنسني يُڌت (جوڙا. ولر) هَوَ ايک هي نور ايـک رنـگ راگي
کـرت بِهار (سير) مـن پاونـي مـکـتـي ۾ کـرم اور پـرم سب دور پاگي
رنـک اور پـوپ (راجا) کـوئـي پـرک لاوي نهـين کرت کولاهل بهت پاگي
کـام اور کـروڌ مـد لـوپ ايـمـان سـب چـاڙ پـاکـنـڊ سـت شـبـد راگـي
پُـرش کـي بـدن (شريـر) کـون مهـما کهُون جگت ۾ اُپما ڪُچ نهين پائي
چند اور سُور (سوريہ) گڻ جوتي لاگي نهين ايک هي نک (ناخن) پرڪاش پائي
پـروانـا جـن نـاد ونـش کـا پائـيـا پهـنـچـا پُـرش کـي لـوک جـائـي
کهـ کـبـيـر يـهـي پانـتـي سي پائـيـو ست پُرش کي راه سو پرکٹ گائي

ارٿ:- اُنهي امرت واڻي ۾ صاف ظاهر آهي تہ اي پرميشور ڪبير جي ستگرو روپ ۾ ڌرتي تان ڌرمداس جي کي ونـي ست لوڪ ويا تہ رستي ۾ 9 مڪان آيا. جيئن ناسوت، ملڪوت اهي فارسي ٻولي جا لفظ آهن. انهن ستن آسمانن جي پار اچينت، وشنو لوڪ وغيره سيني کان پار جڏهن ستلوڪ ۾ پهتا تہ ڌرمداس جي چئي رهيا آهن تہ مون کي آجيان سان ونڍ لاءِ ست لوڪ جا هنس (نر) هنسڻي (ناري) نچندي ڳائيندي ڍول وغيره ساز وڄائيندي. عورتون مٿي تي ڪلش (دلو) رکي ونڍ آيا. اُن جي جسم جي روشني سورهن سجن جي برابر هئي. منهنجي جسم جي روشني بہ اُن جي جسم جي روشني جي برابر 16 سجن جي برابر ٿي وئي.

جيڪي پرٿوي لوڪ کان موڪش حاصل ڪري هنس ويندا آهن. اُهي پهپ ديپ ۾ وني ويندا آهن. اُتي سڀ سُک آهن، اُهو ست لوڪ جو حصو آهي. پر سڀ کان پهرين هينيان کان ويل موڪش حاصل جيوَ کي پهپ ديپ ۾ رکيو ويندو آهي. اُتي جو نظارو ٻُڌايو پيو وڃي. جتان کان اُن جو جنم ٻين هنڌن تي ڪُٽنب ۾ ٿيندو آهي. اُن کان پوءِ اُنهي هنڌ جو ذڪر آهي جتي نر ناري مان پيدائش ٿي ڪُٽنب بڻجندو آهي. جتي نر ناري جي جوڙن جو گروپ سُک سان ويهي ڳالهيون ڪندا رهندا آهن. بادل گجگوڙ ڪندا آهن، بوندا باندي ٿيندي آهي. اها الڳ مڪان آهي جتي ست لوڪ واسي سير و تفريح جي لاءِ ويندا آهن. ڪجهہ هنڌ اهڙا آهن جتي نہ بادل ڏسڻ ۾ ايندا آهن، برسات وسندي رهندي آهي.

❖ دڪشا کان پوءِ پڃڻ کي چا ڪرڻ گهرجي؟ اُن جي معلومات پاڪ ڪبير ساگر جي اڌياءِ "ڌرم ٻوڌ" ۾ بہ آهي.

براءِ مهرباني پڙهو اڌياءِ "ڌرم ٻوڌ" جو نچوڙ:-

ڪبير ساگر ۾ ٽيتيهين اڌياءِ "ڌرم ٻوڌ" صفحو نمبر (1521) 177 تي آهي. اُنهي اڌياءِ ۾ پرميشور ڪبير جي ڌرم ڪرڻ جو خاص گيان ٻُڌايو آهي. اُها بہ صاف ظاهر ڪيو آهي تہ ڪبير پرميشور جي سچي پنڌ ۾ ڏينهن ۾ ٽي دفعا سنڌيا ڪئي ويندي آهي. سنڌيا جو مطلب آهي بن وقتن جو ميلاپ. هڪ سنڌيا صبح جو، اُنهي وقت ڏينهن ۽ رات جو ميلاپ هوندو آهي. رات هوندي آهي، ڏينهن جي شروعات ٿيندي آهي. ٻئي سنڌيا ڏينهن جي 12 بجي ٿيندي آهي. اُن وقت چڑهندڙ ڏينهن جو ٻپهر پورو ٿيندو آهي، لهندڙ ڏينهن جي شروعات ٿيندي آهي. اها وچ ڏينهن جي سنڌيا آهي. ٽئين سنڌيا شام جي وقت هوندي آهي. اُن وقت ڏينهن ۽ رات جو ملن ٿيندو آهي. هونئن عام طور تي شام جو سنڌيا چون ٿا. سنڌيا جو مطلب پرماتما جي استوتي ڪرڻ بہ هوندي آهي.

ويدن ۾ ثبوت آهي تہ جيڪو جڳت جو تارڻ هار هوندو، اها ٽي پيرا سنڌيا ڪندو ۽ ڪرائيندو آهي. صبح ۽ شام پورڻ پرماتما جي استوتي آرتي ۽ وچ ڏينهن ۾ دنيا جي سيني ديوتائن جي پرارٿنا ڪرڻ جو چوندو آهي.

پرماڻ :- رگ وید منڈل نمبر 8 سُکت نمبر 01 منتر نمبر 29 ۾ ۽ ٻُجروید اڌیاءِ نمبر 19 منتر نمبر 26 ۾ آهي.

ڪبير ساگر ۾ ڏرم ٻوڌ اڌیاءِ ۾ صفحو نمبر 177 تي به اهو ئي پرماڻ آهي.

سانجھ سڪار مڌياه سنڌيا تينون ڪال

ڏرم ڪرم تتپر سدا ڪيجئ سُرتي سنڀال

ارٿ:- ٻڌڻ کي گهرجي ته تنهي وقتن جي سنڌيا ڪريو. سانجھ يعني شام جو، سڪار يعني صبح جو ۽ مڌيان يعني ٻنهڙن (ڏينهن جي وچ) ۾ سنڌيا ڪرڻ وقت سُرتي يعني ڌيان آرتي ۾ چيل واڌي ۾ رهي ۽ ڏرم جي ڪم ڪار ۾ سدا تيار رهي سُستي نه ڪري.

ڏرم ٻوڌ صفحو نمبر (1522)178 تي:-

ڪوٽن ڪٽڪ گهيري جيُون نتيہ ڪريا نج ڪينھ

سمرن ٻجن ايڪانت ۾ من چنچل گھَہ لين

ارٿ:- ٻڌڻ جي مڃاڻ چاهي ڪروڙين تڪليفون اچن، مگر پنهنجي روزاني جي ڪريا (تنهي وقتن جي سنڌيا) ضرور ڪرڻ گهرجي ۽ چنچل من کي روڪي سُکون ۾ پرماتما جي دڪشا واري نام جو جاپ ڪريو.

ڪبير؛ پڳتون ارُو گرو ڪي سيوا ڪر شرڌا پريم سهت

پرم پرپو (ست پُرش) ڌياوهي ڪري اتيشيہ من پريت

ارٿ:- پنهنجي گرودیو ۽ ستسنگ ۾ يا گهر آيل ٻڌڻ جي سدا آڏرياءُ سان شيوا ڪريو. عقيدي ۽ پريم سان شيوا ڪرڻ گهرجي. پرم پرپو يعني پرم اڪشر پُرش جي ٻڌڻي تمام گهڻي پريم سان ڪريو.

"ٻڌڻ جَتي ۽ ستي هڻڻ گهرجي"

"جَتي جا لڇڻ"

پُرش يتي (جَتي) سو جانيو، نج تريا تڪ ويچار

ماتا ٻهن پُتري سڪل اور جگ ڪي نار

يتي پُرش اُن کي چوندا آهن جيڪي پنهنجي استري کانسواءِ ٻئي عورت ۾ زال مڙس وارو طريقو نه رکي. پرائي زال کي عمر مطابق ماءُ، ڀيڻ يا ڌي واري خيال سان ڇاڻي.

"ستي استري جا لڇڻ"

استري سو جو پتي ورتا ڏرم ڏري، نج پتي سيوت جويَ

انيہ پُرش سب جگت ۾ پِتا پُرات سُت هويہ

اپني پتي ڪي آگيا ۾ رهي، نج تن من سي لاگ

پيا وپريت نہ ڪُڇ ڪري، تا تريا ڪي بڙياگ

ارٿ:- ستي زال اُن کي چوندا آهن جيڪا پنهنجي مڙس سان پريم رکي. پنهنجي مڙس کان علاوه دنيا جي ٻين ماڻهن کي عمر مطابق پيءُ، ياءُ، ۽ پُٽ جي خيال سان ڏسي يعني سلوڪ ڪري. پنهنجي مڙس جي حڪم هيٺ رهي تن من سان شيوا ڪري. ڪوبہ ڪم مڙس جي چوڻ جي اُبتڙ نه ڪري.

"دان ڪرڻ ڪيترو لازمي آهي"

ڪبير منوڪامنا ٻهائي ڪي هرش سمت ڪري دان

تا کا تن من نرمل هوئي، هوئي پاپ کي هان
کبير، يگيہ دان بن گرو جي، نش دن مالا قير
نشقل وه کرڻي سکل ، ستگرو پاگي ٽير
پرڻم گرو سي پُوچيي، کيجئہ کاج بَهُور
سو سکدايک هوت هئہ، منِي جيو کا کور

ارٿ:- کبير پرميشور جي ٻُڌايو آهي تہ بغير کنهن ضرورت جي جيکا دان کيو ويندو آهي. اهو دان ٻئي قل ڏي ٿو. موجود وقت جي زندگي ۾ ڪم ڪار بهتر ٿيندا ۽ انسان جي لاءِ پُڄ ٿيندا ۽ جيکي ضرورت جي پورائي لاءِ کيو ويندو آهي. اهو ڪم پوري ٿيڻ کانپوءِ ختم ٿي ويندو آهي. بغير ضرورت جي پورائي جي لاءِ کيو ويو، دان آتما کي نرمل ڪندو آهي، پاپ ناس ڪندو آهي.

❖ پهرين گرو ڌارڻ ڪريو، پوءِ گرودیو جي حڪم مطابق دان ڪرڻ گهرجي. بنا گرو جي ڪيترو ئي دان ڪريو ۽ ڪيتري ئي نام سمرڻ جي مالا ڦيريو، سڀ اجائي ڪوشش آهي. اها ستگرو پُڪار- پُڪار ڪري چوي ٿو.

❖ پهرين گرو جو حڪم ونو، تڏ هن پنهنجو نئون ڪم ڪرڻ گهرجي. اهو ڪم سُک ڏيندڙ هوندو آهي ۽ من جي سڀ چنتا متائي ڇڏيندو آهي.

کبير، اپياگت آگم نرکي، آدر مان سميت
پوجن چاجن، بت تتا، سدا کال جوديت

ارٿ:- توهان جي گهر ڪو مهمان اچي وڃي تہ آجيان سان کاڏو ۽ بسترو پنهنجي مالي حالت مطابق سدا وقت ڏيڻ گهرجي.

سوئي ملیچ سم جانيي، گرهي جو دان وهين
يهي کارڻ نت دان ڪري، جو نر چتر پروين

ارٿ:- جيڪو گرهستي ماڻهو دان نٿو ڪري، اهو تہ ملیچ يعني پاپي ماڻهو جي برابر آهي. اُنهي ڪري اي ٻُڌيمان! نِت (سدائين) دان ڪريو.

پاتر ڪُپاتر ويچار کي، تب ديجئہ تاهي دان
ديتا ليتا سُک لهہ، انيہ کوئي نهين هان

ارٿ:- دان نالائق کي نہ ڏيڻ گهرجي، لائق کي دان وڏي چاهہ سان ڏيڻ گهرجي. لائق جي باري ۾ گرودیو ٻُڌايو آهي. پوءِ کوبہ ٻُکيو آهي، اُن کي کاڏو ڏيڻ گهرجي. پنهنجي ڏن مان بيمار جو علاج ڪرڻ گهرجي، ٻوڏ متاثرين، زلزلي جي متاثرين کي گڏ ڪري کاڏو ڪپڑا پنهنجي هٿن سان ڏيڻ لائق کي ڏنل دان چيو آهي. اُنهي سان کوبہ نقصان نہ ٿيندو.

"ڈرم ٻوڌ صفحو نمبر 179 جو نچوڙ"

کبير، قل کارڻ سيوا ڪري، نش دن ياچي رام
کهہ کبير سيوا نهين، جو چاهي چؤگني دام

ارٿ:- جيڪو کنهن ڪم جي پورائي لاءِ سيوا (پوجا) ڪندو آهي. ڏينهن رات پرماتما کان گهرندو آهي. پرميشور کبير جي چيو آهي تہ اها شيوا شيوا ناهي جيکا چؤٽو ڏن شيوا جي بدلي چاهي ٿو.

کبير، سجن سگي ڪٹنب هِتُو، جو کوئي دواري آوَ
کبهو نرادر نہ کيجئہ، راکي سب کا پاوَ

ارٿ:- شريف ماڻهو سڳا يعني رشتيدار، ڪُٽنب يعني پريوار وارا ۽ هِتُو يعني توهان جي خير گهرڻ وارا توهان جي گهر اچڻ ٽئي تہ ڪڏهن بہ بيعزتي نہ ڪرڻ گهرجي. سيني جو آدرپاءُ ڪرڻ گهرجي.

ڪبير؛ ڪوڑي ڪوڑي جوڑ ڪر، ڪيني لاک ڪروڑ

پئسا ايڪ نہ سنگ چلي، ڪيتي دام بٹور

ارٿ:- دان ڌرم تي پئسا خرچ ڪيا ڪونہ، لکين ڪروڑين رپيا جمع ڪري ورتا. دنيا ڇڏي وڃڻ وقت هڪ رپيو بہ گڏ نہ هلندو ڇاهي ڪيترو بہ ڌن ڪنو ڪري وڃ.

جو ڌن هري ڪي هيت، ڌرم راهہ نہ لگات

سو ڌن چور لباڙ گهي، ڌر ڇاتي پر لات

ارٿ:- جيڪو ڌن پرماتما جي نالي خرچ نٿو ٽئي، ڪڏهن ڌرم ڪرم ۾ نٿو لڳي. اُن جي ڌن کي ڏاڙيل، چور، ڦورو ڇاتي تي لت رکي يعني ڏيڇاري کسي ويندا آهن.

ست ڪا سودا جو ڪري، دمب چل چيدر تياگي

اپني پاگ ڪا ڌن لهي، پر ڌن وش سم لاگي

ارٿ:- پنهنجي زندگي ۾ پرماتما کان ڈڄي سچ جي آڌار سان سيئي ڪم ڪرڻ گهرجن جيڪو توهان جي پاڳ ۾ ڌن لکيل آهي، اُنهي ۾ شُڪر ڪرڻ گهرجي. پرائي ڌن کي زهر برابر سمجهي.

پُوکا جَهِي گهر تي ڦري، تاکو لاگي پاپ

پُوکون پوجن جو ديت هئہ، ڪٹي ڪوٹي سنتاپ

ارٿ:- جنهن گهر مان ڪو ٻُکيو واپسي موٽي ويندو آهي. اُن کي پاپ لڳندو آهي. ٻُکين کي کاڌو ڏيڻ وارن جا ڪروڑين وگهن ٿري ويندا آهن.

پرٿم سنت کو جيمائيي، پيچي پوجن پوگ

ايسي پاپ کو ٹاليي، ڪٹي نتيہ کا روگ

ارٿ:- جيڪڏهن توهان جي گهر کو سنت (پڳت) اچي وڃي تہ پهرين اُن کي کاڌو کارائڻ گهرجي. پوءِ توهان کي ماني کائڻ گهرجي. اهڙي طرح توهان جي سر تي هرروز اچڻ واري پاپ جي تڪليف کي تارڻ گهرجي.

ڌرم پوٿ صفحو نمبر 180 جو نچوڙ:-

ڪبير؛ يديپ اُتم ڪرم ڪر، رهي رهيت ايمان

ساڌو ديکي سر نواتي، ڪرتي آدر مان

ارٿ:- اهنڪار ڇڏي اُتم ڪرم ڪرڻ گهرجن. سنت پڳت کي ايندي ڏسي سر جهڪائي پرڻام ۽ آجيان ڪرڻ گهرجي.

ڪبير؛ بار بار نج شروڻتي، سُني جو ڌرم پُراڻ

ڪومل چت اُدار نت، هنسا رهيت بکان

ارٿ:- پڳت کي گهرجي تہ اُهو بار بار ڌرم ڪرم جي باري ۾ ستسنگ گيان ٻُڌي ۽ پنهنجو چت نرم رکي، ساهوارن کي تڪليف نہ ڏيڻ پرم ڌرم آهي. اهڙا جيو کي تڪليف نہ ڏيڻ وارا پروچن ٻُڌڻ گهرجن.

ڪبير؛ نياء ڌرم يگت ڪرم سب ڪري، نہ ڪرنا ڪبهو انياء

جو انيائي پُرش هين، بنڌي يم پُرجاء

ارٿ:- سدائين انصاف وارا ڪم ڪرڻ گهرجن. ڪڏهن بہ ناانصافي نہ ڪرڻ گهرجي، جيڪي ناانصافي ڪن ٿا، اُهي يم راج جي لوڪ ۾ نرڪ ۾ ويندا آهن.

ڏرم پوڌ صفحو نمبر 181 جو نچوڙ:-

ڪبير؛ گرهہ ڪارڻ ۾ پاپ بَهُو، نت لاگي سُن لوبہ

تاهتي دان اوشيہ هئہ، دور تاهتي هوبہ

ڪبير؛ چڪي چؤنڪي چُولهہ ۾، جهاڙو ارو جل پان

گرهہ آشرمي ڪو نتيہ يہ، پاپ پنهنچي وڏي جان

ارٿ:- گرهستي کي چڪي مان اٽو پيهڻ ۾، ڪاڏو ناهڻ ۾، چلهہ ۾ باهہ ٻاري ويندي آهي. چؤنڪا يعني ڪنهن هنڌ تي ليپو لڳائڻ ۾ ۽ ٻُهارو ڏيڻ ۾، ڪائڻ ۽ پيئڻ ۾ پنجن قسمن سان پاپ لڳندا آهن. اي دنياوي انسانو ٻُڌو! انهن جي ڪارڻ توهان کي هرروز پاپ لڳندا آهن. اُنهي ڪري دان ڪرڻ لازمي آهي. اهي پاپ دان ڪرڻ سان ئي ناس ٿيندا.

ڪبير؛ ڪُڇ ڪٽي ستسنگ تي، ڪُڇ نام کي جاپ

ڪُڇ سنت کي درشـتـي، ڪُـڇ دان پرتاپ

ارٿ:- پڳت جا پاپ ڪيترن ئي ڏرمي ڪربائن سان ختم ٿيندا آهن. ڪجهہ ستسنگ وچن ٻُڌڻ سان گيان يگيہ جي ڪارڻ، ڪجهہ نام جي جاپ سان ، ڪجهہ سنت جي درشن ڪرڻ سان ۽ ڪجهہ دان جي اثر سان ختم ٿيندا آهن.

جيئن ڪپڙا پهريندا آهيون، متي ڏوڙ لڳڻ سان ميرا ٿيندا آهن. اُن کي پاڻي صابڻ سان ڏوتا ويندا آهن. اهڙي طرح هرروز جي ڪم ڪار ۾ پاپ لڳڻ لازمي آهي. اهڙي طرح ڪپڙن جي طرح ستسنگ وچن، نام سمرڻ، دان ۽ سنت درشن روپي صابڻ، پاڻي سان هرروز ڏوئڻ سان آتما نرمل رهندي آهي. پڳتي ۾ من لڳل رهندو آهي.

ڪبير، جو ڏن پائي نہ ڏرم ڪرت، ناهين سد ويوهار

سـو پـريـو ڪي چور هـيـن، ڦرتي مارو مار

ارٿ:- جيڪو ڏن پرماتما انسان کي ڏنو آهي. اُن مان جيڪو دان نٿو ڪري ۽ نہ سُنو استعمال ڪندا آهن، اُهي پرماتما جا چور آهن. جيڪي مايا ميڙڻ جي ڌُن ۾ هيڏانهن هوڏانهن پيتڪندا آهن. سنت غريب داس جي چيو آهي تہ:-

جن هري کي چوري ڪري، اور گئي رام گڻ پُول

تـي وڏنا بـاگُـل ڪيـئي، رهي اُرڌ مُک جهُول

ارٿ:- اها ثبوت گيتاجي اڌياءِ نمبر3 شلوڪ نمبر 10 کان 13 ۾ چيو آهي تہ جيڪي ڏرم ڪرم نٿا ڪن، اُهي پرماتما طرفان ڏنل ڏن سان دان وغيره ڏرم ڪرم نٿا ڪن، اُهي تہ چور آهن. اُهي تہ پنهنجي جسم جي پرورش لاءِ ئي اناج پچائيندا آهن، ڏرم ۾ نٿا لڳائين اُهي تہ پاپ ئي ڪائيندا آهن.

"پارن کي تعليم لازمي ڏيارڻ گهرجي"

ڪبير؛ مات پتا سو شترو هين، بال پـڑهاوين ناهين

هنسن ۾ بُگلا ياٿا، تٿا انـپڑھ سو پنڊت مانهين

ارٿ:- جيڪي ماءُ پيءُ پنهنجن پارن کي پڙهائين نٿا، اُهي پنهنجن پارن جا دشمن آهن. پڙهيل ۽ اڻپڙهيل ماڻهن ۾ ايئن هوندو آهي جيئن هنس پکين ۾ بگهہ. هتي پڙهائڻ جو مقصد مذهبي علم ڪرائڻ آهي، ستسنگ وغيره ٻُڌڻ سان آهي.

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي روحاني علم ناهي تہ اُهو چگن ۽ بُرن ڪمن کي نہ سڃاڻي سگهندو. جنهن جي ڪارڻ اُهو پاپ ڪندو رهندو آهي. جيڪي ستسنگ ٻُڌندا آهن. اُن کي سيني ڪرمن جو ۽ روحانيت جو علم ٿي ويندو آهي. اُهي ڪڏهن بہ پاپ نٿا

ڪن. اُهي هنس پکي جهڙا آهن. جيڪي تلاءَ مان صرف موتي کائيندا آهن. جيت جٽيا، مڇيون وغيره نه کائيندا. اُن جي برعڪس روحاني علم کان ناواقف ماڻهو ٻگهه پکي جي لڇڻ جهڙو هوندو آهي. ٻگهه پکي مڇيون، کيڙا مکوڙا وغيره پاڻي جا جيت کائي ٿو. جسم ۾ ٻئي (هنس پکي ۽ ٻگهه پکي) هڪجهڙي شڪل ۽ سفيد رنگ جا هوندا آهن. اُن کي ڏسي نٿو سجاڻي سگهجي، اُن جي ڪرم سان معلوم ٿيندو آهي. اهڙي طرح تتو گيان سان ڀرپور انسان سڏن ڪمن سان ۽ تتو گيان کان ناواقف ماڻهو ٻُرن ڪمن سان سجاڻيو ويندو آهي.

ڪبير، پهلي اپني ڏرم کو، پلي پانتي سکلائيي
انيہ ڏرم کي سيک سُن، پٽڪ بال بُڌي جائي

ارٿ:- ٻارن کي يا ڪُٽنب جي ٻين ماڻهن کي پهرين پنهنجي ڏرم جو علم مڪمل طرح سان ڪرائڻ گهرجي. جن کي پنهنجو ڏرم يعني ڏرمي ڪم ڪار جو علم ناهي، اهو ٻارن جهڙي سوچ جو هوندو آهي. اُهي ٻئي ڏرم جي نصيحت ٻُڌي پٽڪي ويندا آهن. جن کي پنهنجي ڏرم (پنٿ، رستو) جو مڪمل گيان آهي تہ اُهو پُلجي نٿو سگهي.

ڏرم پوڙ صفحو نمبر 180 جو نچوڙ:-

ڪبير، جو ڪُڇ ڏن کا لاپ هو، شُڌ ڪمائي کين
تا ڏن کي دسوين انش کو، اپني گرو کو دين
دسوان انس گرو کو ديجئہ، اپنا جنم سڦل کر ليجئہ

ارٿ:- پاڪ نيڪ ڪمائي سان جيڪو لاپ ٿئي ٿو. اُن جو ڏهون حصو پنهنجي گرو ديو کي دان ڪرڻ گهرجي.

ڪبير، جو گرو نڪٽ نواس ڪري، تو سيوا کر نت
جو ڪُڇ دُور بسي، پل پل ڏيان سي هِت

ارٿ:- جيڪڏهن گرو جو مڪان توهان جي رهائش جي ويجهو آهي تہ هرروز شيوا جي لاءِ وڃو. جيڪڏهن پري آهي تہ اُن جي ياد پل پل ڪرڻ گهرجي، اُنهي سان پڳت جو خير هوندو آهي يعني لاپ حاصل ٿيندو آهي.

ڪبير، چني ماس گرو درش ڪرن تي، ڪبهو نا چُڪو هنس
گرو درش اور ستسنگ، ويچار سو اُدري جات هئ ونس
ڪبير، چني ماس نا ڪر سڪي، ورش ۾ ڪرو ڏايہ
ورش ۾ درش ناهين ڪري، سو پگت ساکٽ نهرائي
ڪبير، جو گرو پرلوڪ گمن ڪري، سيک مانيو شيش
هردم گرو کو سات جاني، سمرو نت جگديش
ڪبير، گرو مرامت جانيو، وستر تياگا ستول
سوڪشيم ديهي گمن ڪري، ڪلا امر وه قول
ڪبير، ست لوڪ ۾ بيٺ ڪر، گرو نرکي تو هي
گرو تج نا اور مانيو، اذياتم هاني هوئيي
ڪبير، گرو کي شش کي، جگديش ڪري سهاءَ
نام جپي اور دان ڏرم ۾، ڪبهُو نہ السهاءَ
ڪبير، جيسي روي آڪاش سي، سب کي سات رهاء
اُشٽتا ارو پرڪاش کو، دور هي تي پهنچائي

ڪبير ايسي گرو جَهان بسي، سب پر ڪري رضا
گرو سميپ جان ڪر، سڪل وڪار ڪرت لجا

ارٿ:- گرو جي جا درشن ڇهين مهيني لازمي ڪريو. ستسنگ ۾ گرو درشن سان سمورو ونش مڪت ٿي ويندو. جيڪڏهن ڇهين مهيني درشن نٿا ڪري سگهو تہ سال ۾ بي صبر ٿي يعني تمام گهٽي چاھ سان درشن ڪرڻ وڃو. جيڪڏهن هڪ سال ۾ گرو درشن نٿو ڪري تہ اُهو شش پڃتي کان وانجهيل مجيو ويندو آهي.

جيڪڏهن گروجي ست لوڪ هليا ويا آهن تہ اُن جي نصيحت کي آڌار مڃي پنهنجو ڌرم ڪرم ڪندا رهو. پنهنجي گرودیو کي پل پل پاڻ سان گڏ سمجهي پرميشور جو پڃن ڪريو. جيڪڏهن گرو جي دڪشا منتر ڏنا آهن، اُن جو جاپ ڪندا رهو.

گرو جي کي مري ويل نہ سمجهو، هي ستول جسم ڇڏيو آهي. جيئن ڪپڑا لاهيا ويندا آهن. جسم تہ محفوظ رهندو آهي. اهڙي طرح استول جسم روپي ڪپڑا ڇڏيا آهن. نوري جسم سان ست لوڪ هليا ويا آهن. اُتي امرپد حاصل ڪري ورتي آهي. توهان جو انتظار ڪري رهيا آهن. توهان کي بہ وڃڻو آهي. بغير مرڻ جي (استول جسم کي ڇڏي) ست لوڪ نٿو وڃي سگهجي. اها تہ چيلن کي بہ ڇڏڻو پوندو آهي. پوءِ گرو جي جسم ڇڏڻ جو ڏُک نہ ڪري ان جي طرفان ٻڌايل ساڌنا ڪري ۾ مربادا جو پالڻ ڪندي پنهنجو جيون سڦل ڪريو.

گرودیو ست لوڪ ۾ ويهي توهان کي ڏسي رهيو هوندو آهي. گرو جي جي دنيا ڇڏي وڃڻ کانپوءِ بي کي گرو روپ ۾ نہ ڏسڻ گهرجي، نہ تہ پڃتي جي هاجي ٿي ويندي.

گروجي اُپديشي شش جي پرميشور مدد ڪري ٿو. شش کي گرو جي ٻڌايل نام جاپ ۾ دان ڌرم ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ سستي نہ ڪرڻ گهرجي.

جيئن سج پري آسمان مان سيني کي تپش ۾ روشني ڏي ٿو. سيني کي پاڻ سان گڏ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهڙي طرح گروجي ڪٽي بہ وينو آهي. اُتان کان پنهنجن پڃتن تي رحم ڪندو آهي. گروجي کي ساٿ ۾ ڏسندڙ سمجهي سيني بُراين کي ڪرڻ ۾ شرم ڪري پرهيز ڪريو.

ڌرم پوڌ صفحو نمبر 183 جو نچوڙ:-

ڪبير، ڪيتي جنڪادڪ گرهي جو جن ڌرم پروين
پايو شُپ گتي آپ هي، اور نَهُو متي دين

ارٿ:- راجا جنڪ جهڙا گرهستي پنهنجي ڌرم جا عالم هئا يعني انساني ڪرم جا گياني هئا. جنهن جي ڪارڻ خود بہ سُپ گتي حاصل ڪئي يعني سرگ پائي ۾ ٻين کي بہ سرگ حاصل ڪرڻ جو رستو ٻڌايو.

ڪبير، هري کي هيت نہ ديت، ڏن ديت ڪُمارگ مانهين
ايسي انيائي اڌم، بانڈي يم پُر جائين

ارٿ:- جيڪي ماڻهو ڌرم نڪاڻ ۾ پئسي جو غلط استعمال ڪن ٿا. شراب پيئن ٿا، گوشت کائين ٿا، تماڪ استعمال ڪن ٿا يا فضول ڏيکاءُ لاءِ خرچ ڪن ٿا. اهڙا انيائي نيچ يم لوڪ يعني نرڪ لوڪ ۾ ٻڌي وڃي ويندا آهن.

"پگت جو وهنوار ڪهڙو هجي؟"

نج ڏن کي پاگي جيتي سگي بندُو پريوار
جيسا جاکو پاگ هئ، ديجئ ڌرم سنيار

ارٿ:- پرميشور ڪبير جي چيو آهي تہ ملڪيت جا جيڪي بہ جيتري حصي جا قانوني طور تي لائق آهن. اُنهن کي پورو پورو حصو ڏيڻ گهرجي. پنهنجي ڌرم ڪرم کي ڌيان ۾ رکي يعني پڳت کي گهرجي تہ جنهن جو جيترو حصو ٿئي ٿو، پرماتما کان ڊڄي پورو پورو ورهائي ڏي.

ڌرم پوڌ صفحو نمبر 184 جو نچوڙ:-

ڪبير، ڪاٺ پڑي تب جهڪئي نينن آوي نير
يتن تب ڪُچ بني نهين، تَنُ وياپ مرتيو پير

ارٿ:- پوڙهو ٿي يا بيمار ٿي جڏهن انسان ڪت تي پيل هوندو آهي ۽ اکين مان آنسو وهي رهيا هوندا آهن. اُنهي وقت کو بچاءُ نہ ٿي سگهندو. مرڻ جي وقت هٿ واري تڪليف ٿي رهي هوندي آهي. چوندا آهن تہ جيڪي پڳتي نہ ٿا ڪن اُن جو آخري وقت تمام تڪليفن وارو هوندو آهي. اُنهن جو ساهه آساني سان نڪو نڪري، اُن کي ايتري تڪليف ٿيندي آهي جيئن هڪ لک وڇون ڏنگ هڻي رهيا هجن. اُنهي وقت يم جا دوت اُن جو گلو بند ڪري چڏيندا آهن. ماڻهو نہ ڳالهائي سگهندو آهي نہ پورو ساهه کڻي سگهندو آهي. صرف اکين مان لڙڪ نڪري رهيا هوندا آهن. اُنهي ڪري پڳتي ۽ سُڌا ڪرم جيڪي مٿي ٻُڌايل آهن. انسان کي لازمي ڪرڻ گهرجن.

ڪبير، ديکي جب يم دوتن کو، اِت اُت جيو لکائي
مها پينکر پيش لکي، پئييت هو جاءِ

ارٿ:- يم جي دوتن جو پينکر روپ هوندو آهي. مرڻ جي وقت يم دوت اُنهي ڌرم ۽ بغير پڳتي واري ماڻهو کي ئي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. اُن کي ڏسي ڊپ منجهان اها ساهوارو جسم ۾ ئي هيڏانهن هوڏانهن لکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

ڪبير، پڳتي دان ڪيا نهين، اب رهي ڪاس کي اوٽ
مار پِيٽ پراڻ نڪالهين، يم توڙين گي هوٽ

ارٿ:- نہ گرو ڪيو، نہ پڳتي ۽ نہ دان ڌرم ڪيو، هاڻي ڪنهن جي اوٽ ۾ بچندين؟ يم جا دوت مارڪُٽ ڪري ساهه ڪڍندا ۽ بغير ويچار ڪرڻ جي ڏڪ هڏندا يعني بي رحم ٿي ڏاڍي مارڪُٽ ڪري تنهنجا هڏ ڦوڙيندا. هڏ ڦوڙڻ بي رحمي سان مارڻ يعني بغير رحم ڪرڻ جي مارڪُٽ ڪندا.

ڌرم پوڌ صفحو نمبر 185-186 تي عام گيان آهي.

ڌرم پوڌ صفحو نمبر 187 جو نچوڙ:-

ڪبير، مان اپمان سم ڪر جاني، تجي جگت کي آس
چاهه رهيت سنسير رهيت، هرش شوڪ نهين تاس

ارٿ:- پڳت کي گهرجي تہ جيڪڏهن ڪو بيعزتي ڪري اُنهي طرف ڌيان نہ ڏي. اُن جي ڏهين تي رحم ڪري ۽ جيڪو عزت ڪري ٿو اُن تي بہ ڌيان نہ ڏي يعني ڪنهن جي احترام ڪرڻ جو فخر ڪري پنهنجو ڌرم خراب نہ ڪري. نفعي ۽ نقصان کي پرماتما جي ڏنل سمجهي صبر ڪري.

ڪبير، مارگ چلي اڏو پڳتي، چار هاٿ مانهين ديک
پر تريا پرڌن نا چاهي سمجهہ ڌرم کي ليک

ارٿ:- پڳت رستي تي هلڻ وقت هيٺ ڏسي هلي، پڳت جي نظر مسافري وقت چار هٿ يعني ڇهہ فوٽ پري اڇتي رهڻ گهرجي. ڌرم ڪرم جي گيان جو ويچار ڪري پرائي استري ۽ پرائي ڌن کي ڏسي بُري نظر نہ ڪري.

ڪبير، پاتر ڪُپاتر ويچار ڪر، پڪشا دان جو ليت

نيچ ڪرمي سوم ڪا، دان مها ڏڪ ديت

ارٿ:- سنت يعني گرو کي پنهنجي شش کان علاوه دان نہ ونڊڻ گهرجي. ڪُڪرمي ۽ اڌرمي جو ڏن تمام تڪليف رسائيندو آهي.

صفحو نمبر 188 تي عام گيان آهي.

ڏرم ہوڏ صفحو نمبر 189 تي:-

ڪبير؛ اِندري تتو پرڪرتي سان، آتم جان پار

جاپ ايڪ پل نهين ڇُوٽي، ٽوٽ نہ پاوي تار

ارٿ:- آتما کي پنجن تتوَن کان الڳ سمجهو. جسم آتما نہ آهي. لڳاتار ست نام جو جاپ ڪريو.

ڪبير؛ جپ جپ ڪر کي ٽڪ گئي، هري يش گاوي سنت

کي جن ڏرم پُراڻ پڙهي، ايسا ڏرم سڏانت

ارٿ:- جيڪڏهن پڳت جاپ ڪندي ڪندي ٽڪجي وجي تہ پرماتما جي مهما جي واٽي پڙهي، جيڪڏهن ياد آهي تہ ڳائي، يا پنهنجي ڏرمي ڪتابن کي پڙهي اها ڏرم جو اصول آهي.

ڏرم ہوڏ صفحو نمبر 190 جو نچوڙ:-

ڪبير؛ گياني روگي ارٿارٿي جگياسُو يہ چار

سو سب هي هري ڏياوتي، گياني اُترِي پار

ارٿ:- پرماتما جي پڳتي چئن قسمن جا ماڻهو ڪن ٿا.

1. **گياني:-** گياني کي يقين ٿي ويندو آهي تہ انساني جنم صرف پرماتما جي پڳتي ڪري جيو جو ڪلياڻ ڪرڻ جي لاءِ حاصل ٿيندو آهي. اُن کي اها بہ سمجهہ هوندي آهي تہ صرف هڪ پورڻ پرماتما جي پڳتي سان موڪش ٿيندو. ٻين ديوي ديوتائن جي پڳتي سان جنم مرڻ جو ڏڪ نہ ڪٽجندو. پورڻ ستگرو کان دڪشا ونڊ سان ڳالهہ نهندي اُنهي ڪري گياني پڳت پار ٿيندا آهن.
2. **ارٿارٿي:-** جيڪي ڏن لاءِ ئي پڳتي ڪندا آهن.
3. **آرت يعني تڪليف ۾ مبتلا:-** صرف پنهنجي ڏک کي ڪٽڻ جي لاءِ پڳتي ڪن ٿا.
4. **جگياسُو:-** جگياسُو پرماتما جو گيان اڌورو سمجهندا آهن ۽ تقرير ڪندڙ بڊجي واکاڻ جي ٻُک ۾ زندگي ناس ڪري ويندا آهن. اهو ثبوت گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 16 ۽ 17 ۾ آهي.

ڏرم ہوڏ صفحو نمبر 191 جو نچوڙ:-

ڪبير؛ شما سمان نہ تپ، سُک نهين سنتوش سمان

ترشٽا سمان نهين بياڌي کوئي، ڏرم نہ ديا سمان

ارٿ:- پرميشور ڪبير جي چيو آهي تہ معاف ڪرڻ تمام وڏو تپ آهي. اُن جي برابر تپ نہ آهي. سنتوش جي برابر ڪو سُک ناهي، ڪنهن شيءَ جي حاصلات جي خواهش جي برابر ڪوبہ مصيبت ناهي ۽ دیا جي برابر ڏرم نہ آهي.

ڪبير؛ يوگ (پڳتي) کي انگ چار هين، سنيم ، منن ايڪانت

وشئہ تياگ نام رتن، هووي موڪش نشچنت

ارٿ:- پڳتي جا چار ضروري پهلو آهن. سنيم يعني هرهڪ ڪم ڪار ۾ پرهيز رکڻ گهرجي. ڏن ميڙڻ ۾، ڳالهائڻ ۾، ڪائڻ پيئڻ ۾، وشيہ يوگن ۾ سنيم (پرهيز) رکي. يعني پڳت کي گهٽ ڳالهائڻ گهرجي، بُراين کي ڇڏڻ گهرجي. پرماتما جو پڃن ۽ واٽي ستسنگ کي ٻڌڻ لازمي آهي. ايئن ساڌنا ۽ مربادا پالڻ ڪرڻ سان موڪش يقيناً ملندو آهي.

❖ **پورڻ پرماتما پڄڻ جي عمر بہ وڌائي ڏيندو آهي:-**

رگويد منڈل نمبر 10 سُڪت نمبر 161 منتر نمبر 02 ۾ چيو آهي تہ پورڻ پرماتما پنهنجي پڄڻ جي بيماري ختم ڪري چڏيندو آهي. جيڪڏهن بيمار جي عمر باقي نہ آهي، اها مرتيو ديوتا وٽ وڃڻ وارو آهي تڏهن بہ پرماتما اُن کي صحتمند ڪري شت ورش يعني سو سال تائين زندگي ڏي چڏي ٿو. اُن جي عمر ۾ واڌ ڪري چڏي ٿو. پڙهو "ڪبير ساگر" جي اڌياءِ "گروڙ ٻوڌ" کان ثبوت:-

"اڌياءِ "گروڙ ٻوڌ" جو نچوڙ"

ڪبير ساگر ۾ يارهون اڌياءِ "گروڙ ٻوڌ" صفحو نمبر (625) 65 تي آهي.

پرميشور ڪبير جي ڏرم داس جي کي ٻڌايو آهي تہ مون وشنو جي جي رٽ پڪين جي راجا گروڙ جي کي اُپديش ڏنو، اُن کي تخليق ڪائنات ٻڌائي. امر لوڪ جي ڪٿا ست پُرش جي مهما ٻڌي گروڙ ديو تعجب ۾ پئجي ويو. پنهنجن ڪنن تي يقين نہ ڪري رهيو هو. من ئي من ۾ ويچار ڪري رهيو هو تہ اڄ آئون چا ٻڌي رهيو آهيان؟ آئون تہ ڪا خواب نہ ڏسي رهيو آهيان. آئون ڪنهن ٻئي ديس ۾ تہ نہ هليو ويو آهيان. جيڪو ديس ۾ پرماتما مون ٻڌو آهي، اُهو جيئن منهنجي سامهون عڪس ۾ هلي رهيو آهي. جڏهن گروڙ ديو انهن خيالن ۾ گُم هو، تڏهن مون چيو، اي پڪين جا راجا! چا منهجي ڳالهين کي ڪوڙ سمجهيو آهي. چُپ ٿي ويو آهين. سوال ڪر، جيڪڏهن ڪا وهم آهي تہ حل ڪراءِ. جيڪڏهن توهان کي منهنجي واڻي مان ڏک رسيو آهي تہ معاف ڪجان. منهنجن اُنهن وچنن کي ٻڌي گروڙ جون اکيون ڀرجي آيون ۽ چوڻ لڳو اي ديو! توهان ڪير آهيو؟ توهان جو مقصد چا آهي؟ ايترو ڪڙو سچ ٻڌايو آهي جيڪو هضم نہ ٿي رهيو آهي. جيڪا پنهنجي امر لوڪ ۾ امر پرميشور ٻڌايو آهي، جيڪڏهن اُهو سچ آهي تہ اسان کي دوکي ۾ رکيو ويو آهي. جيڪڏهن اها ڳالهہ ڪوڙي آهي تہ توهان گلاخور آهيو، گناه گار آهيو. جيڪڏهن سچ آهي تہ گروڙ توهان جو داس خاص آهي. پرميشور ڪبير جي ڏرمداس جي کي ٻڌايو تہ مون چيو، اي گروڙ ديو! جيڪا وهم توهان کي ٿيو آهي، اُها ٿي سگهي ٿي. مگر توهان صبر کان ڪم ورتو آهي. اها توهان جي قابليت آهي. مگر آئون جيڪا توهان کي امر پُرش ۽ ست لوڪ جي معلومات ڏئي رهيو آهيان، اها بلڪل سچ آهي. منهنجو نالو ڪبير آهي. آئون اُنهي امرلوڪ جو واسي آهيان. توهان کي ڪال برهم ڀُلائي چڏيو آهي. اهو گيان برهما، وشنو ۽ شو جي کي بہ نہ آهي. توهان ويچار ڪريو گروڙ جي! جيو جو جنم ٿيندو آهي، آنند سان رهڻ لڳندو آهي. ڪُتنب ٿيندو آهي. اُن جي پرورش ڪرڻ ۾ دنياوي رواجن جو گذر ڪندي ڪندي پوڙهو ٿي وڃي ٿو. جنهن ڪُتنب کي ڏسي پاڻ کي خوش نصيب سمجهي ٿو. اُنهي ڪُتنب کي چڏي، دنيا چڏي مجبور ٿي وڃڻو پوندو آهي. خود بہ روئي رهيو آهي. آخري ساه ڪڍي رهيو آهي، ڪُتنب بہ تڪليف ۾ آهي، اها ڪهڙي ريت آهي؟ چا اها مناسب آهي؟ گروڙ ديو چوڻ لڳو، اي ڪبير ديو! اها تہ دنيا جو قانون آهي، جمندو آهي تہ مرندو بہ آهي. پرميشور چيو تہ چا ڪو مرڻ چاهي ٿو؟ چا ڪو ٻُڍاپڻ پسند ڪري ٿو. گروڙ ديو جو جواب = نہ. پرميشور ڪبير جي چيو تہ جيڪڏهن ايئن هجي تہ نہ ٻُڍاپڻ هجي، نہ موت تہ ڪيئن لڳندو؟ گروڙ ديو چيو تہ چئجي ئي چا، ايئن ٿي وڃي تہ آنند ٿي وڃي مگر اها تہ خوابي خيال وانگر آهي. اي ڏرمداس! مون چيو تہ توهان ويدن ۽ پُراڻن کي ڪيئن مڃو ٿا، سچ يا ڪوڙ؟ گرورديو چيو بلڪل سچ.

ديوي پُراڻ جي تئين اسڪند ۾ خود وشنو جي چيو آهي تہ اي ماءُ! تون پاڪ سروپ آهين. هي سڄو سنسار توهان سان ئي چمڪي رهيو آهي، آئون، برهما ۽ شنڪر توهان جي ڪرپا سان موجود آهيون. اسان جو تہ جنم ۽ مرتيو ٿيندو رهندو آهي.

پرميشور ڪبير جي جي مُک ڪمل مان اهڙو پختو ثبوت ٻُڌي گروڙ ديو چرڻن ۾ ڪري پيو. پنهنجي نصيب کي سراهيو ۽ چيو تہ جيڪو ديو ڪائنات جي تخليق، برهما، وشنو مهيش ۽ درگا ديوي ۽ نرنجن تائين جي پيدائش جاڻي ٿو، اُهو ئي پيدا ڪندڙ پرميشور آهي. اڄ تائين ڪنهن بہ اهڙو گيان نہ ٻُڌايو. جيڪڏهن ڪنهن جيو کي خبر هجي ها، چاهي اُهو رشي مهرشي بہ هجي ڪٿا

ضرور ڪري. مون وڏن وڏن منڊليشورن جا ستسنگ ٻڌا آهن. ڪنهن وٽ بہ اهو علم ناهي. اُنهن کي ويدن ۾ گيتاجي جو گيان نہ آهي. توهان خود کي لکايو آهي. مون توهان کي سجاڻي ورتو آهي. براءِ مهرباني مون کي شرڻ ۾ ونو پرميشور.

ڪبير پرميشور جي گروڙ ديو کي چيو تہ توهان پهرين پنهنجي سوامي شري وشنو جي کان اجازت وٺي اچو تہ آئون پنهنجو ڪلياڻ ڪرائڻ چاهيان ٿو. هڪ مهان سنت مون کي مليا آهن. مون اُن جو گيان ٻُڌو آهي. جيڪڏهن اجازت ملي تہ آئون پنهنجو ڪلياڻ ڪرائي ونان. آئون توهان جو داس نوڪر آهيان. توهان مالڪ آهيو. پاڻ کي هروقت گڏ رهڻو آهي. جيڪڏهن آئون لکي دکشا ونان تہ توهان کي صدمو رسندو. گروڙ ايئن ئي ڪيو. وشنو جي کي سپ ڳالهہ ٻُڌائي. شري وشنو جي چيو تہ توهان کي منع نٿو ڪريان. تون آزاد آهين. تو بهتر ڪيو، سچ ٻُڌايو، مون کي ڪو اعتراض نہ آهي.

اي ڏرمداس! مون گروڙ کي پرٿم منتر دکشا پنج نام (ڪملن کي کولڻ واري هرهڪ ديو جي ساڌنا جا نام) جي ڏني. گروڙ ديو چيو تہ گرووديو! اهي منتر تہ انهن ديوتائن جا آهن. امر پُرش جو تہ منتر آهي. پرميشور ڪبير جي چيو تہ اهي ان جي پوجا جا منتر نہ آهن. اها انهن ديوتائن کي پنهنجي مطابق ڪري اُن جي چار مان نڪرڻ جي چابي (Key) آهي. اهي انهن کي وس ۾ ڪرڻ جا منتر آهن. جيئن پاڻي کي پاڻ طرف موهت ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن اُن کي پاڻو پاڻو ڪندا آهيو تہ اُهو آواز ڪرڻ واري جي طرف ڏسندو ئي نہ. جڏهن اُن جي وس ڪرڻ جو نالو ورتو ويندو آهي هُرر – هُرر تہ اُهو جلد اثر سان جوش ۾ اچي ويندو آهي. آواز ڪرڻ واري جي طرف ڊوڙي ايندو آهي. اهڙي طرح توهان جيڪڏهن شري وشنو جي جو ڪنهن ٻئي نام سان جاپ ڪندا رهندا تہ اُهو ڏيان نہ ڏيندا. جڏهن توهان انهي منتر جو جاپ ڪندا تہ وشنو ديو جي جلد متاثر ٿي ساڌنا ڪرڻ واري جي مدد ڪري ٿو. اهي ديوتا تنهي لوڪن (پرٿوي، سرڳ ۽ پاتال) جا وڏا ديوتا آهن. اهي صرف لکيل ڪرم ئي ڏيئي سگهندا آهن. انهي منتر جي جاپ سان اسان جا پُڄ وڌيڪ ۽ پڄڻي ڏن وڌيڪ گڏ ٿي ويندو آهي. اُن جي بدلي ۾ اهي ديوتا پڄت جي مدد ڪندا آهن. اهڙي طرح اُن جي ساڌنا ۽ پوجا جو فرق سمجهڻو آهي. جيئن پاڻ کي انب کائڻو آهي تہ پهريان محنت مزوري، نوڪري ڪرڻي پوندي. ڏن ملندو تہ انب کائڻ لاءِ ملندو. نوڪري پوجا نہ هوندي آهي. اُنهي وقت اسان جو پوجا انب هوندو آهي. پوجا جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي ڪوشش نوڪري آهي. اهڙي طرح اسان جو پوجا پرميشور ڪبير جي آهن ۽ امر لوڪ آهي. اُنهي لاءِ اسان شري برهما، شري وشنو، شري شو، شري گڻيش ۽ شري درگا جي مزوري ڪندا آهيون ساڌنا ڪندا آهيون. پوجا پرميشور جي ڪندا آهيون. گروڙ تمام خوش ٿيو ۽ اُنهي امرت گيان جي چرچا ڪرڻ لاءِ شري برهما جي سان مليا. اُن کي ٻُڌايو تہ مون هڪ مهرشي کان اچرج پربو گيان ٻُڌو آهي. مون کي اُن جو گيان سچو لڳو آهي. اُنهن ٻُڌايو تہ توهان (برهما) وشنو ۽ شو فاني آهيو. پورڻ ڪرتار نہ آهيو. توهان صرف نصيب ۾ لکيل ئي ڏيئي سگهو ٿا. توهان ڪنهن جي بہ عمر وڌائي نہ سگهندا آهيو. توهان ڪنهن جا بہ ڪرم گهٽ وڌ نٿا ڪري سگهو. پورڻ پرماتما ٻيو آهي. امر لوڪ ۾ رهي ٿو. اهو پاپ ڪرم ڪٽي ڇڏي ٿو. اهو موت کي تاري ڇڏي ٿو. عمر وڌائي ڇڏي ٿو. ثبوت بہ ويدن ۾ ٻُڌايو آهي. رگويد منڊل نمبر 10 سُڪت نمبر 161 منتر نمبر 02 ۾ چيو آهي تہ بيمار جي بيماري وڌي وئي آهي، هن جو موت اچي ويو آهي تہ بہ اُنهي پڄت کي موت جي ديوتا کان ڇڏائي اچان، اُن کي نئين زندگي ڏي ڇڏيان ٿو. اُن کي پوري عمر جيئڻ لاءِ ڏيئي ڇڏيندو آهيان.

رگويد منڊل نمبر 10 سُڪت نمبر 161 منتر نمبر 05 ۾ چيو آهي تہ اي پُنر جنم (ٻيهر جنم مليل) مليل جيوَ! تُون منهنجي پڄتي ڪندو رهجان. جيڪڏهن تنهنجيون اکيون بہ نڪري وڃن تہ تنهنجيون اکيون بہ ٺيڪ ڪري ڏيندس. تو سان بہ ملندس يعني آئون توکي حاصل بہ ٿيندس.

برهماجي کي ويد برزبان ياد آهن. جلد سمجهي ويو. مگر دنيا ۾ لوڪ ويد جي آڌار سان برهما جي پنهنجو پاڻ کي پرجاپتي يعني سپني کي پيدا ڪندڙ مڃي رهيو هو. ويدن کي برزبان ياد ڪري ونڻ الڳ ڳالهہ آهي. ويد منترن کي سمجهڻ خاص گيان آهي.

تڪبر ۾ اچي برهما جي چيو تہ ويدن جو گيان مون کان علاوه پوري دنيا ۾ ڪنهن کي ناهي. اُن منترن جو ارٿ غلط لڳايو آهي. ڪبير پرميشور اهڙن ماڻهن جي باري ۾ چيو آهي تہ:-

ڪبير، جان بُوجهہ ساچي تجي، ڪري جُوٺ سي نيهہ

تا ڪي سنگت اي پرپو، سوپن ۾ پي نا ديـئـہ

برهما جي گروڙ جا وچن ٻُڌي تمام ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ چيو تہ تنهنجو پکي وارو عقل آهي. توکي ڪو ڪجهہ چئي ڇڏي. اُن جي ڳالهين تي اعتبار ڪري ونو ٿا. توکي پنهنجي عقل ناهي. برهماجي اُنهي وقت وشنو، مهيش، اِندر ۽ سيني ديوتائن ۽ رشين کي گهرايو. سڀا لڳي وئي. برهماجي ان کي گهرائڻ جو مطلب ٻُڌايو تہ گروڙ اڄ نئين ڳالهہ ڪري رهيو آهي تہ برهما، وشنو ۽ مهيش فاني آهن. پورڻ پرماتما تہ ڪو ٻيو آهي. اهو امرلوڪ ۾ رهي ٿو، تون ڪرتار نہ آهين. اها ڳالهہ ٻُڌي شري وشنو جي ۽ شري شو جي تمام ڪاوڙ ۾ اچي ويا ۽ گروڙ کي برهما وارا طعنا (بُرائي ڪڍي بُرو پلو چوڻ) چيا. پوءِ سيني ملي فيصلو ڪيو تہ ماتا درگا جي کان سڀ معلوم ڪريون ٿا. سيئي گڏجي ماتا وٽ ويا. اهو ئي سوال پُڇيو تہ ڇا اسان (برهما، وشنو ۽ شو) کان علاوه ٻيو ڪو پرپو آهي؟ ڇا اسين فاني آهيون؟ ماتا سڀو سنئون جواب ڏنو تہ توهان کي اها غلط فهمي ڪڍهن کان ٿي وئي آهي تہ توهان اوناشي ۽ جڳت جا ڪرتار آهيو. جيڪڏهن ايئن آهي تہ توهان منهنجا بہ ڪرتار (پيءُ) ٿيا، جڏهن تہ توهان جوجنم منهنجي منهنجي ڪُک مان ٿيو آهي. حقيقت ۾ پرماتما ٻيو آهي. اهو ئي اوناشي آهي. اُهو ئي سيني جو ڪرتار آهي. اها ڳالهہ ٻُڌي سڀا (اجلاس) ختم ٿي ويو. سيئي هليا ويا. پر برهما وشنو شو جي گلي ۾ اها سڀ نہ لهي رهيو هو. اُنهن گروڙ کي گهرايو. گروڙ اچي پرٽام ڪيو. حڪم ملڻ تي وينو. تنهي ديوتائن چيو، اي پڪين جا راجا! توهان کي ڪيئن يقين آهي تہ اسين جڳت جا پيدا ڪندڙ نہ آهيون؟ توهان جيڪا چاهيو، امتحان ونو. گروڙ جي اُڏامي مون (ڪبير صاحب) وٽ آيو ۽ سڀ احوال ٻُڌايو. تڏهن مون چيو تہ بنگ ديش (موجود ۾ بنگلاديش) ۾ هڪ برهمڻ جو ٻارنهن سالن جو ٻالڪ آهي. اُن جي عمر ختم ٿيڻ واري آهي. اهو ڪجهہ ڏينهن جو مهمان آهي. مُون اُن ٻالڪ کي شرڻ ۾ ونڻ لاءِ برهما، وشنو ۽ شو جي حالت ٻُڌائي آهي جيڪا گروڙ توکي ٻُڌائي آهي. اُنهي ٻالڪ تمام گهٽو ٻُرو پلو چيو ۽ منهنجي گيان کي نہ مڃيو. تڏهن مون ٻالڪ کي چيو تہ تنهنجي عمر ٿي ڏينهن باقي آهي. جيڪڏهن تنهنجا برهما، وشنو ۽ شو قدرت وارا آهن تہ پنهنجي حفاظت ڪراءِ . آئون ايترو چئي انترڌيان (غائب) ٿي ويس. ٻالڪ بي چين آهي. اُن ٻالڪ کي وني ديوتائن وٽ وڃ. اُن سان ڪجهہ ٿيڻو ناهي. پوءِ تون مون سان ڏيان ۾ ڳالهيون ڪجان. آئون توکي اڳتي ڇا ڪرڻو آهي اُهو ٻُڌائيندس. گروڙ جي اُنهي ٻالڪ کي وني برهما، وشنو ۽ شو وٽ ويو. گروڙ ٻالڪ کي سمجهايو تہ تون اُنهن ديوتائن کي چئجان تہ آئون توهان جو پڳٽ آهيان. منهنجا ڏاڏا ــ پرڏاڏا، پيءُ ۽ مون سدائين توهان جي پُوجا ڪئي آهي. منهنجي زندگي جا بہ ڏينهن باقي آهن. منهنجي عمر بہ ڇا آهي؟ براءِ مهرباني منهنجي ڄمار وڌايو. ٻار اها عرض ڪيو تہ تنهي ڇڻ ڪوشش ڪئي مگر فضول. پوءِ ويچار ڪيو تہ ڏرم راءِ (انصاف ڪندڙ) وٽ هلون ٿا. سيني جو حساب (account) اُن وٽ آهي. اُنهي کان واڌ ڪرائي ٿا ونون. اها ويچار ڪري سڀ جا سڀ ڏرم راءِ وٽ ويا. اُن کي تنهي ديوتائن چيو تہ پهرين تہ اها ٻُڌايو تہ انهي برهمڻ ٻار جي ڪيتري عمر باقي آهي؟ ڏرم راءِ ڊائري (رجسٽر) ڏسي ٻُڌايو تہ سياڻي ان جي موت ٿي ويندي. تنهي ديوتائن چيو تہ توهان انهي ٻار جي عمر وڌائي ڏيو. ڏرم راءِ چيو اها ناممڪن آهي. تنهي چيو تہ توهان وٽ بار بار نہ ايندا سون، اڄ عزت ــ بيعزتي جو سوال آهي. اسان جي اڇڻ جي عزت تہ رکو. ڏرم راءِ چيو تہ هڪ پل بہ نہ وڌائي سگهبي آهي، نہ گهٽائي سگهجي ٿي. جيڪڏهن توهان پنهنجي عمر اُن کي ڏيو تہ وڌائي سگهان ٿو. اها ٻُڌندي ئي سيني جي هوا نڪري وئي. اُنهي وقت چوڻ لڳا تہ اها تہ پرميشور ئي ڪري سگهي ٿو. اُتان کان جلد هليا ويا ۽ گروڙ کي چيو تہ ڪا بي قدرت واري طاقت آهي تہ تون ان جي عمر وڌائي ڏيکار. گروڙ ڪبير جي سان ڏيان ۾ رابطو ڪيو. پرميشور ڪبير جي ڏيان ۾ ٻُڌايو تہ توهان اُنهي لاءِ مانسرور جو پاڻي ڪٽي اچو، اُتي هڪ شروڻ نالي پڳٽ ملندو اُن کي مون سڀ ڪجهہ سمجهائي ڇڏيو آهي، توهان امرت وني اچو. گروڙ جي کي جيئن ئي حڪم مليو،

ايئن ئي ڪيو. امرت ڪٽي اُنهي ٻار کي پياريو. اُن ٻالڪ وٽ آئون ويس. گروڙ اُنهي ٻالڪ کي سڀ سمجهائي ڇڏيو ته امرت ته ٻهانو آهي. اهي خود پرميشور آهن. اُن پاڻي پڙهي ڏنو هو. ٻالڪ تون ڏکشا وٺ، اُنهي امرت سان ته تون 10 ڏينهن جيئرو رهندين. ٻالڪ مون کان ڏکشا ورتي . جڏهن ٻالڪ 15 ڏينهن تائين نه مئو ته گروڙ جي برهما، وشنو ۽ شو کي گهرايو ته اها ٻالڪ جيئرو آهي. منهنجي گروجي کان ڏکشا ورتي آهي. اُنهي ٻالڪ کي پوري ڇمار جيئڻ جو آشيرواد ڏيئي ڇڏيو آهي. برهما، وشنو ۽ شو ٽيئي ڏرم راءِ وٽ ويا. گڏ گروڙ ٻه ويو. ٽنهي ديوتائن ڏرم راءِ کي پُڇيو ته اهو ٻالڪ ڪيئن جيئرو آهي؟ اُن کي مري وڃڻو هو. ڏرم راءِ اُن جو ڪاتو ڏنو ته اُن جي عمر ڊگهي لکي پئي هئي. ڏرم راءِ چيو ته اهو مٽان کان ئي ٽيندو آهي. اهو ته ڪڏهن ڪڏهن ٽيندو آهي. اُنهي پرميشور جي ليلا کي ڪير ڄاڻي سگهي ٿو؟ ٽنهي ديوتائن کي اچرج لڳو، پر وڏائي جي ڪارڻ روبرو ڏسي ٻه سڄ کي نه مڃيو. پنهنجو اهم روبو نه ڇڏيو. گروڙ کي يقين اتل ٿي ويو.

ڪبير، راج تجنا سهج هئ، سمج تريا کا نيم
مان بڙائي ايرشا، درلپ تجنا يهم

اُنهي گروڙ ٻوڌ جي آخر ۾ واسو جي ناگ ڪنيا وارو موضوع غلط طريقي سان لکيل آهي. اُنهي ۾ گروڙ کي گروپد تي لکي رکيو آهي، اهو ايئن نه آهي. جيڪو ٻه ڪيو، پرميشور ڪبير جي ڪيو آهي.

"پڑهو ڪجهه امرت واڻي گروڙ ٻوڌ مان"

ڏرم داس وچن
ڏرمداس وينتي ڪري، سنو جگت آڌار
گروڙ ٻوڌ پيد سب، اب ڪهو تتو ويچار
ستگرو وچن (ڪبير وچن)
پرٿم گروڙ سين پينٺ جب پئيو، ست صاحب مين بول سُنائو
ڏرمداس سُنو ڪهو بُجهائي، جيهي وڌي گروڙ کو سمجهائي
گروڙ وچن
سنو وچن ست صاحب جب هي، گروڙ پرماڻ کيا تب هي
شيش نوائي تِن پُوچا چاهيي، هو تم ڪون ڪهان سي آئي
گياني (ڪبير) وچن
ڪها ڪبير هئ نام همارا، تتو گيان ديني آئي سنسارا
ستيه لوڪ سي هم چل آئي، جيو چُڑاون جگ ۾ پرگهٽ آئي
گروڙ وچن
سُنت وچن اچمبو مانا، ست پُرش هئ ڪون پگوانا
پرتيڪش ديو شري وشنو ڪهاوي، دش اوتار ڏر ڏر جائي
گياني (ڪبير) وچن
تب هم ڪهيا سنو گروڙ سُجانا، پرم پُرش هئ پُرش پُرانا (اصل ڪان)
وه ڪبهو نه مرتا پائي، وه گرپ سي ديهه ڏرتا ناهي
ڪوٽي مري وشنو پگوانا، ڪيا گروڙ تم نهين جانا
جا ڪا گيان بيد بتلاوين، وبد گيان ڪوئي سمجهه نه پاوين

جس ني ڪينا سڪل بستارا، برهما، وشنو مهاديو ڪا سرجن هارا
جوني سنڪٽ وه نهين آوي، وه تو صاحب اڪشيہ ڪهاوي

گروڙ وچن

رام روپ ڏري وشنو آيا، جن لنڪا ڪا مار رايا
پورڻ برهم هئہ وشنو اوناشي، هئہ بنڌي ڇوڙ سب سڪ راشي
تيتيس ڪوٽي ديوتن ڪي بند ڇُڙائي، پورڻ پرپو هئہ رام رائي

گياني (ڪبير) وچن

تم گروڙ ڪيسي ڪهو اوناشي، ست پُرش بنا ڪٽي نهين ڪال ڪي ڦانسي
جا دن لنڪ ۾ ڪري چڑهائي، ناگ ڦانس ۾ بنڌي رگهو رائي
سينا سهيت رام بنڌائي، تب تم ناگ جا مار پائي
تب تيري وشنو بنڌن سي ڇُوٽي، يا ڪو پُوجي پاگ جا ڪي ڦوٽي
ڪبير ايسي مايا اتپٽي، سب گهٽ آن اڙي
ڪس ڪس ڪو سمجهائون، ڪنوان پانگ پڑي

گروڙ وچن

گياني گروڙ هئہ داس تمهارا، تم بن ناهين جيوَ نستارا
اتنا ڪهي گروڙ چرڻ لپٽايا، شرڻ ليوو اويگت رايا
ڪبهو نہ ڇوڙون تمهارا شرٽا، تم صاحب هو تارڻ ترٽا
پٽر ٻڌي پر پڑي هئہ گياني، هو تم پورڻ برهم ليا هم جاني

گياني ڪبير وچن

تب هم گروڙ ڪو پانچ نام سنايا، تب وا ڪو سنشيہ آيا
يہ تو پوجا ديوتن ڪي داتا، يا سي ڪيسي موڪش وڏاتا
تم تو ڪهو دوسرا اوناشي، واسي ڪٽي ڪال ڪي ڦانسي
نائب سي ڪيسي صاحب ڊرهي، ڪيسي مين پوساگر ترهي

گياني (ڪبير) وچن

ساڌنا ڪو پوجا مت جانو، ساڌنا ڪو مجدوري مانو
جو ڪوئي آم ڦل ڪانا چاهي، پهلي بهت محنت ڪراوي
ڏن هووي ڦل آم ڪاوي، آم ڦل اشٽ ڪهاوي
پوجا اشٽ پوجہ ڪي ڪهيي، ايسي محنت ساڌنا لهئيي
يہ سُن گروڙ پئيو آنندا، سنشيہ سول ڪيو نِڪندا

ارٿ:- پرميشور ڪبير جي ڪي گروڙديو چيو تہ اي پرميشور! توهان تہ انهن ديوتائن جا نام منتر ڏنا آهن، اها اُنهن جي پوجا آهي. توهان ٻڌايو تہ اهي صرف 16 ڪلا وارا پرپو آهن. ڪال هڪ هزار ڪلا وارو پرپو آهي. پورڻ برهم لامحدود ڪلائن جو پرميشور آهي. توهان سرشٽي رچنا (تخليق ڪائنات) ۾ اُهو ٻڌايو تہ ڪال توهان کي روڪي رکيو آهي. ڪال برهم جي ماتحت ٽيئي ديوتا برهما، وشنو ۽ شوجي آهن. اي پرميشور! نائب (ننديو) ڪان صاحب (مالڪ، سوامي) ڪيئن ڏجندو؟ يعني برهما، وشنو ۽

شو جي تہ صرف ڪال برهم جا نائب آهن. جيئن نائب مختيارڪار يعني ننڍو مختيارڪار هوندو آهي تہ ننڍي کان وڏو ڪيئن ڏپ ڪندو؟ مطلب آهي تہ اهي ڪال برهم جا نائب آهن. توهان اُنهن جي پڄڻي ٻڌائي آهي. اُنهن جا منتر جاپ ڏنا آهن. اُهي نائب پنهنجي صاحب (ڪال برهم) کان ڪيئن ڇڏائي سگهندا؟ تڏهن پرميشور ڪبير جي پوجا ۾ ساڌنا ۾ فرق ٻڌايو تہ جيڪڏهن ڪنهن کي انب جي ميوي کائڻ جي خواهش ٿي آهي تہ انب جو ميوو اُن جو پوجئہ آهي. اُنهي پوجئہ شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي ڪوشش ساڌنا چئي ويندي آهي. جيئن ڏن دولت ڪمائڻ لاءِ محنت ڪرڻي پوندي آهي. اُنهي ڏن سان انب خريد ڪري کائي سگهجي ٿو. اهڙي طرح پورڻ پرماتما اسان جو اشت ديو يعني پوجئہ ديو آهي. جيڪو ديوتائن جو منتر جاپ محنت (مزدوري) آهي. جيڪا نام جاپ جي ڪمائي روپي پڄڻي ڏن ملندو، اُن کي ڪال برهم ۾ چڏي ڪرمن کان آجو ٿي پنهنجي اشت يعني پوجئہ ديو ڪبير ديو (ڪوير ديو) کي حاصل ڪنداسين. اها ڳالهہ ٻڌي گروڙ جي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ گروجي پورڻ گرو هئڻ جو بہ ثبوت مليو تہ پورڻ گرو ئي شڪ جو خاتمو ڪري سگهي ٿو ۽ دڪشا ورتي. گروڙ کي تريتا يُگ ۾ شرڻ ۾ ورتو هو. شري وشنوجي جو واهن (رٿ) هئڻ جي ڪارڻ ۽ بار بار اُن جي مهما ٻڌڻ جي ڪارڻ ۽ ڪجهہ چمتڪار شري وشنو جي جا ڏسي گروڙ جي شرڌا گرو ۾ گهٽ ٿي وئي مگر گرو دروهي نہ ٿيو. پوءِ وري ڪنهن جنم ۾ انساني جنم ونندو، تڏهن پرميشور ڪبير جي گروڙ جي آتما کي شرڻ ۾ ونڻي مڪت ڪندا. دڪشا ڪانپوءِ گروڙ جي برهما، وشنو ۽ شو جي سان گيان چرچا ڪرڻ جو ويچار ڪيو. گروڙ جي هلي برهما وٽ ويو. اُن سان گيان چرچا ڪئي.

"گروڙ وچن برهما جي طرف کان"

برهما ڪهي تم ڪيسي آئي، ڪهو گروڙ موهي ارڻائي
تب هم ڪها سنو نرنجن پُوتا، آيا تمهين جگاون سُوتا
جنم مرڻ ايڪ جهنجهٽ پاري، پورڻ موڪش ڪرائو ترپُوري

"برهما وچن"

همارا ڪوئي نہ جنم داتا، ڪيول ايڪ هماري ماتا
پِتا همارا نراڪار جاني، هم هين پورڻ سارنگ پاني
همارا مرڻ ڪبهو نہ هووي، ڪون اڳيان ۾ پڪشي سووي
تبهي برهما ومان منگاوا، وشنو برهما ترت بُلاوا
گئي ومان دونو پاسا، پل ۾ آن وراجي پاسا
اِندر ڪُبير وروڻ بُلائي، تيتيس گروڙ ديوتا آئي
آئي رشي مني اور ناٿا، سڌ ساڌڪ سب آجاتا
برهما ڪها گروڙ نيند ۾ بولي، ڪوري جهوٺي ڪفر بَهُو تولي
ڪهہ ڪوئي اور هئہ سرجنهارا، جنم مرڻ بتاوي همارا
تاتي يہ مين مجلس جوڙي، گروڙ کي من ڪيا باتان دوڙي
رشي مني انويو بتاتا، برهما وشنو شو وڏاتا
نرگڻ سرگڻ يهي بن جاوي، ڪبهو نهين مرڻ ۾ آوي

"وشنو وچن"

پڪشي راج يہ ڪيا من ۾ آئي، پاپ لگي بنا آلوچڪ پائي

هم سي اور کون بڙيرا داتا، هم هي کرتا اور چوٿي ماتا
تم ري گتي اگيان هر ليني، هم هين پورڻ کرتار تيني
"مهاديو وچن"
کهہ مهاديو پکشي هئہ پُولا، هردي گيان اِن نهين تولا
برهما بناوي، وشنو پالي، هم سب کا کرتي کالي
اور بتا گروڙ اگياني، رشي بتاوي تم نهين ماني
چلو ماتا سي پُوچي باتا، نرٹيہ کرو کون هئہ وڏاتا
سب ني کها سهي هئہ باني، نرٹيہ کري گي ماتا راني
سب اُٹ گئي ماتا پاسا، آپن سمسيہ کري پرکاشا
"ماتا وچن"
کهي ماتا گروڙ بتائو، اور کرتا هئہ کون سمجهائو
"گروڙ وچن"
ماتا تم جانت هو ساري، سچ بتا کهي نياکاري
سيا ہِ جهوني بات بناوي، واکا ونش سمول جاوي
مين سُنا اور آنکون ديکا، کرتا اويگت الگ وشيشا
جَهان سي جنم هوئا تمهارا، وه هئہ سب کا سرجنهارا
وبد جا کا نت گڻ گاوين، کيول وهي ايک امر بتاوين
مر هين برهما وشنو نريشا ، مر هين سب شنکر شيشا
امر پُرش ست پُر رهتا، اپني مُک ستيہ گيان وه کهتا
وبد کهي وه پرٹوي پر آوي، پولي جيون کو گيان بتلاوي
کيا يہ جهوٹ شاستر ساري، تم وئرٹ بني بيني سرجنهاري
مان بڑائي چوڑو پائي، تاکہ پگتي کري امراپُر جائي
ماتا کهنا ساچي باتا. بتائو ديوي هئہ کون وڏاتا
"ماتا (درگا) وچن"
ماتا کهي سُنو ري پوتا، تم جوگي تينون اوڏوتا
پگتي کري نا مالک پائي، اپني کو تم امر بتائي
وه کرتا هئہ سب سي نيارا، هم تم سب کا سرجنهارا
گروڙ کهتا هئہ سچي باني، ايسي وچن کها ماتا راني
سب اُٹ گئي اپني ستانا، ساچ وچن کيهو نهين مانا
"گروڙ وچن"
برهما وشنو موهي بُلايا، مهاديو پي وهان بيٹ پايا
تينون کهين کوئي دو پرماڻ، تب هم تو هي ساچا جان
مين کها گونگا گڑ کاوي، دوجي کو سواد کيا بتلاوي

مين جات هون ستگرو پاسا، لا پرماڻ ڪرو پرم وناشا
تر ديو ڪهين لو پکشي راج هماري، پورڻ ڪرين تيري آشا ساري
هم هي مارين هم هي بچاوين، هم رهت سدا نِرداوين
گروڙ ڪها هم ڪرين پريکشا، تم پورڻ تو لُون تمهاري دکشا
اُڙ وهان سي گرو پاسي آيا، سب ورتانت ڪهي سُنايا
"ستگرو (ڪبير) وچن"

گروڙ سُنو بنگ ديش ڪو جائو، بالڪ مري گا ڪهو اس ڪو بچائو
دن تين ڪي آيُو شيشا، ڪرو جيوت برهما وشنو مهيشا
قر هم پاس آنا پائي، هم بالڪ ڪو ديوين جِوائي
بنگ ديش ڀر گروڙ گيو، بالڪ ليا سات
تر ديواسي عرض ڪري، جيون دي بالڪ ڪرو سُناٽ
"تر ديو وچن"

ڏرم راءِ پر ليکا سارا، باسي جاني سب ويچار
گروڙ اور بالڪ ساري، گئي ڏرم راءِ درباري
ڏرم راءِ سي آيُو جاني، دن تين شيش بکاني
يا ڪي آيُو بڙهي ناهين، مرتيو اتي نيڑي آئي
تر ديوا ڪهين آئي راکو لاجا، هم ڪيا مُک دکاوين ڏرم راجا
ڏرم ڪهي آپن آيُو ري پائي، تو بالڪ ڪي آيُو بڙهه جائي
چلي تينون نہ نهين پار بسائي، بني بيني ٽي سمرٽ رائي
سُن گروڙيہ ستيہ هئہ پائي، آئي مرتيو نہ ٽالي جائي
"گروڙ وچن"

سمرٽ ڀر گٽ ايسا بتايا، آيُو بڙهاوي اور امر ڪروايا
اب مين جائون سمرٽ پاسا، بالڪ بچني ڪي پوري آسا
گيا گروڙ ڪبير ڪي شرڻا، ديا ڪرو هو صاحب جرڻا (وشواس)
"ڪبير صاحب وچن"

سنو گروڙ ايڪ امر باني، يہ امرت لي بالڪ پِلاني
جيوي بالڪ عمر بڙهه جاوي ، جگ بچري بالڪ نرداوي
بالڪ لانا ميري پاسا، نام دان ڪر ڪال وناشا
جيسا ڪها گروڙ ني ڪينا، بالڪ ڪو جائي امرت دينا
لي بالڪ ترنت ئي آئي، ستگرو سي دکشا پائي
آشيرواد ديا ستگرو سوامي، ديا ڪري پرپو انتريامي
بدلا ڏرم راءِ ڪا ليکا، برهما وشنو شو آنکون ديکا
گئي قر ڏرم راج درپارا، ليکا قر دکائو تمهارا

ڈرم راءِ جب کاتا کولا، اچرج ديک مُک سي بولا
پرميشور کا يہ ليک نرالا، اس کا کيا کرت هئہ کالا
وہ سمرٿ راکن هارا، وا ني ليک بدل ديا سارا
سؤ ورش يہ بالک جيوي، پگتي گيان سڌ رس پيوي
يہ پي ليک اسي کي مانهين، آنکون ديکو جهوٺ ناهين
ديکا ليکا تينون ديوا، اچرج هوئا گَهُون کيا پيوا
بولي برهما وشنو مهيشا، پرم پُرش هئہ کوئي وشيشا
جو چاهي وہ مالک کرسي، وا کي شرڌ ڪر کيسي مرسي
پکشيراج تم ساچي پائي، ناحق هم مغز پچائي
کرو تم جو مان من تيرا، تمهارا گروڙ پاگ بڙهيرا
پورڻ برهم اوناشي داتا، ساچ ہ هئہ کوئي اور وڏاتا
اتنا کهي گئي اپني ڈاما، گروڙ اور بالک کري پرڻاما
پگت کري بالک چت لائي، گروڙ اور بالک پئي گرو پائي
ڈرم داس يہ گروڙ کو بوڌا، ايک ايک وچن کها مين سوڌا

❖ شري هنومان جي جا گرو کير هئا؟ توهان پڙهو" کبير ساگر" جي اڌياءِ "هنومان ٻوڌ" جو نچوڙ:-

"اڌياءِ "هنومان ٻوڌ" جو نچوڙ"

کبير ساگر جي صفحو نمبر 113 تي ٻارهون اڌياءِ "هنومان ٻوڌ" آهي.

کبير ساگر جي اُنهي اڌياءِ ہ پون سُت هنومان جي کي شرڌ ہ ونڊ لاءِ موضوع آهي. ڈرم داس جي سوال کيو آهي تہ اي پرميشور کبير بنڌي چوڙ جي! ڇا توهان بهتر آتما پون پُتر هنومان جي کي بہ ملايا آهيو.

جواب (پرميشور کبير جي جو) = ها.

سوال (ڈرم داس جو):- اي پربو! ڇا اُن بہ توهان جي گيان کي قبول کيو؟ هُو تہ مون وانگر شري رام عرف وشنو جي ہ اٽل شرڌا رکندو هو. اُن کي پنهنجي شرڌ ہ ونڊ تہ سج اولهہ کان اُپارڻ جي برابر آهي.

جواب (پرميشور کبير جي جو):- پرميشور کبير جي پون پُتر هنومان جي کي شرڌ (پناهہ) ہ ونڊ جو احوال ٻُڌايو. توهان ئي پڙهو آسان ارٿ ڪندڙ (رامپال داس) طرفان هنومان جي کي ڪيئن پرميشور کبير جي شرڌ ہ ورتو ۽ رامائڻ جو مختصر ذڪر:-

رامائڻ گرنٿ ہ ذڪر اچي ٿو تہ هڪ ٻالي نالي راجا هو. اُن جو پاڻ سُگريو هو. ڪنهن سبب جي ڪري ٻالي پنهنجي پاڻ سُگريو کي پنهنجي راج مان ڪيڍي ڇڏيو.اُن جي زال کي پنهنجي قبضي ہ زال بڻائي رکي ڇڏي. سُگريو پري ڪنهن ملڪ ہمايوس ٿي گهمي رهيو هو. هنومان جي رام رام ڪندي هڪ جبل تي ويندل ڏسڻ ہ آيو. ٻنهي جي دوستي ٿي وئي. سُگريو جي پنهنجو ڏڪ هنومان سان وندِيو. هنومان جي سُگريو جي مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو. سُگريو هنومان کي ٻُڌايو تہ ٻالي ہ اهڙي سِڌي آهي تہ جيڪو اُن سان جنگ ڪري ٿو تہ سامهون واري جي اڌ شڪتي ٻالي ہ داخل ٿي ويندي آهي. اها ڳالهہ ٻُڌي هنومان بہ چُپ ٿي ويو. جنگ ڪرڻ جو ارادو ڇڏي ڏنو. اُنهي وقت رامچندر پُٽ دسرت جي کي بنواس مليو هو. اُن جي پتني سيتاجي ۽ پائي لڪشمڻ بہ بن ہ گڏ ويا هئا. شري لنڪا جي راجا راوڻ جي پيڻ شورپڻکا لڪشمڻ کي ڏنو تہ اُن سان شادي ڪرڻ جي اُميد ظاهر ڪئي. لڪشمڻ چيو تہ منهنجو وواه ٿي چُڪو آهي. (لڪشمڻ جي پتني جو نالو اُرملا هو). شورپڻکا بار بار شادي ڪرڻ بابت آگاهي ڏني تہ شيش

نانگ اوتار لڪشمڻ کاوڙ ۾ اچي اُن جو نڪ ڪٽي ڇڏيو. شور پٽکا پنهنجي ٻُري حالت جو داستان پنهنجي پاءُ راوڻ کي ٻُڌايو ۽ پورو پتو ٻُڌايو. راوڻ بدلو وٺڻ جي لاءِ رام جي پتني سيتا کي اغوا ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو. ساڏو جو لباس ڌاري پنهنجي مامي ماريچ جي مدد سان راوڻ سيتا جي کي اغوا ڪري ورتو.

سيتا جي کوج ۾ شري رام ۽ شري لڪشمڻ جي بن بن ۾ پٺڪي رهيا هئا. اُنهي وقت اُنهن کي شري هنومان جي ۽ شري سُگريو جي مليا. پاڻ ۾ واقفيت ڪرائي. سُگريو شري رام کي پنهنجو ڏک ٻُڌايو. شري رامچندر جي شرط رکي ته جيڪڏهن آئون تنهنجو راج توکي ڏياريان ته توهان کي سيتا جي کوج ۽ واپسي جي لاءِ منهنجي مدد ڪرٽي پوندي. ڳالهه پکي ٽي وئي. شري رامچندر جي وڻ جي اوٽ وٽي ٻالي سان جنگ ڪري ماري سُگريو کي راج تلڪ ڏنو. سُگريو پنهنجي واعدي کي پاڙيو. سيتا جي کوج جي لاءِ چئني طرفن ماڻهو موڪليا ويا. جتائُو پکي شري رام کي ٻُڌايو ته سيتا ماتا کي لنڪيشور راوڻ کڻي ويو آهي. اُنهي کان ماتا کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي ته منهنجا پر ڪٽي ڇڏيا. راوڻ سان ڳالهه ٻولهه ڪري سيتا کي واپس موڪلائڻ جي لاءِ شري رام هنومان کي قاصد بڻايو. شري رامچندر جي شري هنومان جي کي سيتا کي يقين ڏيارڻ لاءِ پنهنجي هٿ جي مُندي (Ring) ڏني جنهن تي شري رام لکيل هو. سيتا اُنهي مُندي سان هنومان تي اعتبار ڪري سگهندي هُئي ته جيڪو مون سان ملڻ آيو آهي، اهو شري رام جو موڪليل آهي. هنومان شري رام جي مُندي (Ring) وٽي آسماني رستي اُڏامي شري لنڪا ۾ ويو. راوڻ جو هڪ نولکو باغ هو. اُنهي ۾ سيتا کي راوڻ راکشس قيد ڪري رکيو هو. هنومان جي سيتا ماتا کي مُندي ڏيئي پنهنجو يقين ڏياريو. سيتا جي پنهنجو سمورو ڏُک جيڪو راوڻ راکشس ڏيئي رهيو هو، هنومان جي کي ٻُڌايو. سيتا جو پنهنجو ڪنگڻ (سُهاڳ جو ڪڙو) هٿ مان ڪڍي هنومان کي ڏنو. چيو اي پاءُ! توهان اُهو ڪنگڻ شري رام جي کي ڏيکاريندا تڏهن يقين ايندو ته تون سيتا جي تلاش ڪري آيو آهين. هنومان سان گڏ سيتا جي اڇڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته آئون تو سان گڏ نه هلنديس. هنومان جي ميوات کائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ته سيتا چيو پاءُ! جيڪي ميوا ڇٽي ڪريا آهن، اُهي ڦل کائي سگهين ٿو. ميوا ٽوڙي کائڻ جي مون کي به اجازت ناهي. اُنهي ڳالهه تي کاوڙ مان هنومان جي پهرين ته وڻن کي ڪيرايا، پوءِ پڪل ميوا کاڌا، پوءِ اُنهي وڻن کي سمنڊ ۾ اُڇلائي ڇڏيا. ايئن هنومان جي راوڻ جو نولکو باغ برباد ڪري وڻ سمنڊ ۾ اُڇلائي ڇڏيا. لنڪا جي راجا راوڻ هنومان جي پُڇ تي ڪپڙو ۽ ڪيهه ٻڌي باهه ڏني هُئي. هنومان جي پنهنجي پُڇ جي باهه سان راوڻ جي لنڪا کي باهه جي حوالي ڪري ڇڏيو.

اُن ڪانپوءِ آسمان مان اُڏامندي سمنڊ پار ڪري هڪ جبل تي لٿو. صبح جو وقت هو، جبل تي تلاءَ صاف پاڻي سان ڀريل هو. پرسان باغ هو جنهن ۾ ميويدار وڻ هئا. هنومان جي کي بُک لڳي هُئي. وهنجڻ جو ويچار ڪيو، ڪنگڻ کي هڪ پٿر تي رکي ڇڏيو. وهنجڻ وقت هنومان جي هڪ اک ڪنگڻ طرف هئي. لنگور بندر آيو، اُنهي ڪنگڻ کنيو ۽ هلي روانو ٿيو. هنومان کي چنتا لڳي ته اهو ڪنگڻ هُو ڪٽي سمنڊ ۾ نه اُڇلائي ڇڏي. منهنجي محنت تي پاڻي نه ڦري وڃي. هاڻي لنڪا ۾ وڃڻ جو رستو بند ٿي ويو آهي. اُنهي پريشاني ۾ هنومان بندر جي پويان ڊوڙڻ لڳو. ڏسندي ڏسندي ئي بندر اهو ڪنگڻ هڪ رشي جي جهوپڙي جي ٻاهر رکيل دلي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ اڳتي پڄي ويو. هنومان جي سُک جو ساهه کنيو. دلي مان ڪنگڻ کڻڻ چاهيو ته ڏٺو گهڙي ۾ هڪجهڙا ڪيترائي ڪنگڻ هئا. هنومان جي کي وري ڳڻتي ٿي. ڪنگڻ ڪٽي ڏسي، ڪوبه فرق نه ڏٺو، پنهنجو ڪنگڻ ڪهڙو آهي؟ آئون غلط ڪنگڻ ڪٽي وڃان ۽ شري رام چوي ته اهو ڪنگڻ سيتا جو ناهي. منهنجي جدوجهد اجائي ٿي ويندي. سامهون هڪ رشي هنومان جي کي پريشان ڏسي مُسڪرائي رهيو هو. جهوپڙي کان ٻاهر وينو هو. رشي چيو، اچو پون پُترا! ڪهڙي اُلجهن ۾ آهين؟ هنومان جي چيو اي رشي جي! شري رامچندر جي پتني کي لنڪا جو راجا راوڻ اغوا ڪري کڻي ويو آهي. آئون پتو ڪري آيو آهيان. رشي جي چيو ڪهڙي نمبر واري رامچندر جي ڳالهه ڪري رهيو آهين؟ هنومان کي اچرج لڳو ته رشي پنهنجي هوش حواس ۾ آهي يا پنگ پيتل آهي؟ هنومان جي پُڇيو، اي رشي جي! ڇا رام ڪيترائي آهن؟ رشي جي چيو، ها، ڪيترائي ٿي ڇُڪا آهن ۽ اڳتي به جمندا مرندا رهندا. هنومان جي کي رشي جو رويو سُنو نه لڳو ۽ رشي سان بحث ڪرڻ به پاڻ لاءِ سُنو نه سمجهيو. رشي پُڇيو توهان ميوا کائو،

ڪاڏو تيار ڪيان ٿو، ڪاڏو ڪائو. ٽڪل آهين، آرام ڪريو. هنومان جي چيو رشي جي! منهنجو سُڪون ختم ٿي ويو آهي. مون کي سيتا ماتا ڪنگڻ ڏنو هو. اُنهي ڪنگڻ جي بغير شري رامچندر کي يقين نہ ٿيندو تہ سيتا جي تلاش ٿي چُڪي آهي. اُنهي ڪنگڻ کي پٽر تي رکي آئون وهنجي رهيو هئس. بندر ڪٽي دلي ۾ وجهي ڇڏيو. مون کي سُجاڻپ ۾ نہ اچي رهيو آهي تہ اصلي ڪنگڻ ڪهڙو آهي. مون کي سيئي هڪجهڙا لڳي رهيا آهن. رشي روپ ۾ وينل پرميشور ڪبير جي چيو، اي پون جا لاڏلا! توهان ڪوبہ هڪ ڪنگڻ ڪٽي وجو. ڪوبہ فرق نہ آهي ۽ چيو جيترا بہ ڪنگڻ دلي ۾ پيا آهن، اوترائي دفعا شري رام پُٽ دسرٿ کي بنواس ۽ سيتا جو اغوا ٿيڻ، هنومان طرفان تلاش ٿي چُڪي آهي. هنومان جي چيو رشي جي! اها ٻُڌايو ، توهان جي ڳالهہ مجان ٿو. پُڇان ٿو تہ هرهڪ دفعي سيتا جو اغوا ٿيڻ، هنومان کي تلاش ڪري ڪنگڻ ونڻ ۽ بندر طرفان دلي ۾ ڪنگڻ وجهڻ ٿيندو آهي تہ ڪنگڻ تہ هتي رهجي ويو، هنومان ونڊي چا ويندو آهي؟ رشي منيندر جي چيو تہ مون اُنهي گهڙي کي آشيرواد ڏيئي رکيو آهي تہ جيڪا بہ شيءَ اُنهي گهڙي ۾ ڪري اها بہ هڪجهڙيون ٿي وڃن. اها چئي رشي جي هڪ متي جو ڪتورو گهڙي ۾ وڌو تہ هڪ ٻيو ڪتورو اهڙو ئي بڻجي ويو. رشي منيندر چيو، اي هنومان! توهان هڪ ڪنگڻ ڪٽي وجو. ڪوبہ پريشاني نہ ٿيندي. هنومان وٽ ٻيو ڪوبہ چارو ئي نہ رهيو هو. اُنهي گهڙي مان هڪ ڪنگڻ ڪٽي اُڏامي روانو ٿيو.

شري رامچندر جي کي هنومان جي سيتاجي جي نشاني ڪنگڻ ڏنو ۽ جيڪي ماتا سيتا ڳالهيون چيون هيون، اُهي سڀ ٻُڌايون.شري رامچندر جي ڪنگڻ ڏسي جزباتي ٿي ويو. هنومان جي کي چاتي سان لڳايو. چيو، هي سنت جن! آئون تنهنجو احسان ڪيئن چُڪائي سگهندس؟ توهان پنهنجي زندگي مصيبت ۾ وجهي منهنجو تمام ڏکيو ڪم ڪيو آهي. هي ڪنگڻ سيتا جو ئي آهي.هاڻي اجلاس گهرايان ٿو. اڳتي جو پروگرام تيار ڪريون ٿا. سمنڊ تي پُل ٺاهڻ تي ويچار ڪيو ويو. نل نيل جي هٿن ۾ رشي مُنيندر جي آشيرواد سان شڪتي هئي تہ پنهنجن هٿن سان پاڻي ۾ ڪا شيءَ وجهندا تہ اُها ٻُڏندي نہ هئي. پٽر، ڪانسي جا برتن وغيره جيڪا بہ شيءَ اُهي وجهندا، اُها پاڻي تي ترندي هئي. اُنهي وقت نل نيل تڪبر ڪري پنهنجي واڪاڻ جي خواهش سان پنهنجي گرو رشي منيندر جو نالو نہ ورتو جنهن جي ڪارڻ اُنهن جي اُها شڪتي ختم ٿي وئي. رامچندر جي ۽ سيئي موجود جوڌا جوان هنومان سميت تمام گهڻا پريشان ٿيا. ٽن ڏينهن تائين شري رام گوڏي جيتري پاڻي ۾ بينل رهيو. رستو ڏيڻ جو عرض ڪندو رهيو ، مگر سمنڊ ۾ ڪابہ فرق نہ پيو. تڏهن شري رام لڪشمڻ کي چيو تہ منهنجو اگني ٻاڻ ڏي، سمنڊ کي ڦونڪي ٿو ڇڏيان. "لاتُون کي پوت باتون سي نهين مانتي" اُنهي وقت سمنڊ برهمڻ روپ ڌاري شري رام جي سامهون هٿ ٻڌي بيهي رهيو ۽ چيو تہ پگوان! منهنجي اندر دنيا آباد آهي. توهان گناه جا پاڳيوار نہ بڻجو. توهان ايئن ڪريو تہ نانگ مري وجي لڻ بہ بچي.

توهان جي فوج ۾ نل نيل نالي بہ سپاهي آهن اُنهن کي اُن جي گروجي جو آشيرواد آهي. اُنهن جي هٿن سان پٽر بہ منهنجي مٽان تري سگهن ٿا. تڏهن نل نيل کي پٽر وجهي ڏيکارڻ جو چيو تہ نل نيل پنهنجي واڪاڻ چاهي ۽ گرو کي ياد نہ ڪيو جنهن جي ڪارڻ رشي منيندر جي اُنهن جي شڪتي کسي ورتي، پٽر ٻُڏي ويا. سمنڊ انهن جي غلطي ٻُڌائي تڏهن نل نيل پنهنجي گرو کي ياد ڪيو. شري رامچندر جي کي بہ محسوس ٿيو تہ جڏهن گرو پنهنجي ششن کي شڪتي ڏيئي سگهي ٿو تہ منهنجي ڪم کي بہ ڪري سگهندو. شري رامچندر جي وشنو جي جا اوتار هئا. شري وشنو کال نرنجن جا پُٽ آهن. جنهن وقت پرميشور ڪبير جي پهريون دفعو کال جي لوڪ ۾ آيا هئا تہ جوتي نرنجن پهرين تہ پرميشور سان جهگڑو ڪيو هو، جڏهن وس نہ هليو تہ چرڻن ۾ ڪري معافي گهري ۽ ڪجهہ آشيرواد بہ ورتو. اُن مان هڪ اهو هو تہ منهنجو انش وشنو تريتا يُگ ۾ رامچندر نالي راجا دشرٿ جي گهر جنم وٺندو، اُن کي بنواس ملندو. اُنهي سان گڏ اُن جي پتني بہ هوندي. اُن کي هڪ راکشس لنڪا نگري ۾ ڪٽي ويندو. تڏهن رامچندر سمنڊ جي مٽان پُل ٺاهڻ چاهيندو، اُها نہ نهي سگهندي.توهان اُها پُل ٺاهجو. ٻيو آشيرواد ورتو هو تہ دٻاپر يُگ ۾ اُهو ئي وشنو روپ ۾ جمندو. مرڻ کانپوءِ اُهو جگنناٿ نالي سان پُري نگر ۾ سمنڊ جي ڪناري مندر نهرائيندو. سمنڊ اُن کي ٺاهڻ نہ ڏيندو. توهان اُنهي مندر جي سمنڊ کان حفاظت ڪجو. پرميشور ڪبير جي چيو تہ آئون اُهو ڪم ڪندس. اُنهي وچن کي پاڙڻ جي لاءِ رشي

منيندر روپ ۾ پرميشور کبير جي سيٽُو بند تي ظاهر ٿيا ۽ ايندي ايندي جبل جي چوڌاري پنهنجي لڻ سان لکير پائي آيا. نل نيل پري کان پنهنجي گرو جي کي سجاڻي ورتو ۽ چيو ته اسان جو گرو اچي ويو آهي. شري رامچندر جي پنهنجي تکليف ٻُڌائي ۽ نوڙت سان پنهنجي ڪم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ آشيرواد گهريو. پرميشور چيو نل نيل غلطي ڪئي جنهن جي ڪارڻ اُنهن جي شڪتي ختم ٿي وئي آهي. مون سامهون واري جبل جي چوڌاري لکير پاتي آهي اُن جي اندر جا پٿر لکڙي سان هلڪا ڪري ڇڏيا آهن، اُهي نہ ٻُڏندا. هنومان جي رام پڳٽ هئا. اُن اُنهن پٿرن تي رام ـ رام لکيو ۽ ڪٽي روانو ٿيو ۽ رکيا ته پٿر نہ ٻڏا. نل نيل ڪاريگر يعني رازا بہ هئا. جنهن جي ڪارڻ نل ۽ نيل پٿرن کي برابر ڪري هڪبئي ۾ ڦاسائي ملايا هئا. پهرين شري رامچندر جي کان پٿر تريا نہ هئا، نل نيل بہ ناڪام ٿي ويا. هنومان بيهي رام ـ رام چئي رهيو هو. چاهيو ٿي ته پٿر ترن، پر سپ اجايو ويو. رشي منيندر جي (ڪبيرجي) پٿر هلڪا ڪيا هئا جنهن جي ڪارڻ پٿر سمنڊ ۾ ٻُڏا نہ هئا. هنومان جي ته پنهنجو رام ـ رام جو پاڻ ڪرڻ جي لاءِ شرڌا سان رام ـ رام پٿرن تي لکي رهيو هو. هُو ته جتي بہ ويهندو هو اُهو ئي وٽن تي رام ـ رام لکندو رهندو هو. هنومان جي ته شري رامچندر جي پُٽ دسرٿ کي سجاڻيندو بہ نہ هو اُن کان پهرين بہ رام نام جو جاپ ڪندو هو. جيئن ته لوڪ وبد (ڏند ڪٿا) ٻُڌندا آهيون ته نل نيل پٿر تاريا هئا تڏهن پُل نهي ڪي چوندا هئا ته هنومان جي پٿرن تي رام ـ رام لکيو جنهن جي ڪارڻ پٿر تريا هئا. اهو بہ ٻُڌندا هئاسُون ته شري رام پٿر تاريا هئا. سبب اهو رهيو ته جيڪي ڳالهيون پٿر تارڻ جون ٿيون هيون ۽ منيندر رشِي جي چيو هو ته مون جبل جا پٿر هلڪا ڪري ڇڏيا آهن. اها ڳالهہ 30/20 ماڻهن جي سامهون ٿي هُئي باقي ڪروڙين ماڻهو جنگ جي لاءِ آيا هئا، اُهي ته حڪم ملندي ئي پٿر ڪٽڻ لڳا. اُنهن ڏٺو ته هنومان جي رام ـ رام لکي رهيا هئا ٻيا اُنهن پٿرن کي ڪٽي وڄي رهيا هئا. اڳيان نل نيل پٿرن سان پُل ناهي رهيا هئا. شري رامچندر جي نل نيل کي شاباسي ڏيئي رهيا هئا ٻين موجود ماڻهن هڪبئي کي ٻُڌايو ته هنومان جي پٿرن جي مٿان رام ـ رام لکيو جنهن جي ڪارڻ پٿر پاڻي تي تري رهيا آهن. ڪجهہ ماڻهن کي لڳو ته نل نيل جي هٿن ۾ ڪرامت آهي. جنهن جي ڪارڻ پٿر تري رهيا آهن. انهي طرح اها غلط فهمي پکڙجي وئي. پُل ناهي جنگ ۾ لڳي ويا. اڪثر ماڻهو مري ويا، ڪجهہ بچيا اُهي پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويا. اُنهن پنهنجن پنهنجن ڳوٺن ۾ اها غلط خبر ڦهلائي ڇڏي جيڪا اڄ تائين بغير بحث جي هلي رهي آهي. سچائي اها آهي ته جيڪو هن داس (رام پال داس) ٻُڌائي آهي. جنگ لڳي، شري رامچندر جي فوج تي نانگ وانگر ڦاسائڻ وارو هٿيار ڇڏيو ويو جنهن جي ڪارڻ شري رام، هنومان، جامبونت، سُگريو، انگد سميت سيئي فوجي نانگن ۾ ٻڌجي ويا. نانگ ويڙهجي ويا . هٿن کي بہ جسم سان گڏ جکڙي ڇڏيا. جيئن ڪمند جي ڪانن کي هاري ٻڌي ڇڏيندا آهن ايئن آلسي ٿي ويا. تڏهن گروڙ کي گهرايو ويو. گروڙ سيئي نانگ ڪٽيا. تڏهن سيئي فوجي ۽ شري رام آجا ٿيا. لڪشمڻ کي تير لڳڻ سان بيهوشي اچي وئي هئي (ڪوما ۾ هليو ويو هو). تڏهن هنومان جي لنڪا کان ڊاڪٽر کي کڻي آيو. ڊاڪٽر چيو ته دروٽاگري جبل تي سنجيوَني ٻوٽي آهي. اُن جي سجاڻپ آهي ته اُها رات ۾ جگنو جي طرح چمڪي ٿي. سج اُپرڙ کان پهرين اُها ٻوٽي کڻي اڇجي ته لڪشمڻ جيئرو ٿي سگهي ٿو، دير ٿي وئي ته موت يقيناً آهي. هنومان جي کي اهو ڪم شري رام سونپيو ته بجرنگ بلي! تو کان سواءِ اهو ڪم نٿو ٿي سگهي. حڪم ملندي ئي هنومان آسمان ۾ اُڏري روانو ٿيو. دروٽاگري تي پنهنجي مايا سان سيني نقلي جڙي ٻوٽين ۾ بہ چمڪ پيري ڇڏي. ڊاڪٽر ٻُڌايو هو ته اُهي ٻوٽيون تمام ٿوري تعداد ۾ هونديون آهن. ڏينهن ۾ اُن جي سُجاڻپ نہ ٿي سگهندي ڇو ته اُن جي آسپاس اهڙا ئي دوائن وارا ٻوٽا پيدا ٿين ٿا. هنومان جي کي سمجهندي دير ئي نہ لڳي. اُن دروٽاگري جبل کي کنيو ۽ آسمان مان اُڏامي روانو ٿيو. هنومان جي کي لکشمڻ ۽ شري رام طرفان پنهنجي پاءُ پرت جي باري ۾ ٻُڌايل شڪتي ڪُٽڪي رهي هئي. هُو چوندو هو ته اڄ پرت هجي ها ته اڪيلي راوڻ کي ۽ اُن جي لک پُٽن ۽ سوا لک پوٽن کي يم لوڪ موڪلي ڇڏي. هنومان جي جي من ۾ آيو ته هلندي هلندي پرت جو بہ جائزو وٺي هلان ٿو. پرت کي معلوم هو ته راوڻ ۽ رام جي جنگ هلي رهي آهي. آسمان مان جبل سميت هنومان جي کي ويندو ڏسي خيال ڪيو ته ڪو راڪشس وڄي رهيو آهي. اُهو تمام گهٽو نقصان ڪري سگهي ٿو. پرت تير هلايو. هنومان تير لڳڻ جو بهانو ڪري هي رام ـ هي رام ڪندي ڏرتي تي

ڪري پيو. جبل کي به ڏرتي تي رکي ڇڏيو. رام لفظ ٻُڌي پرت کي سمجهندي دير ئي نه لڳي ته هي ته ڪو پنهنجي پاسي جو آهي. ويجهو وڃي پُڇيو توهان ڪير آهيو؟ ڪٿي وڃي رهيا آهيو؟ جبل ڇا جي لاءِ ڪنيو آهي؟ منهنجو نالو پرت آهي. آئون شري رام ۽ لڪشمڻ جو پائي آهيان. هنومان ٻُڌايو ته منهنجو نالو هنومان آهي. رام ـ راوڻ جي جنگ هلي رهي آهي. توهان جي پاءُ لڪشمڻ کي تير لڳڻ سان بيهوشي آئي آهي. ڊاڪٽر دروٽاگري تي علاج جي دوا ٻُڌائي آهي. منهنجي سُجاڻپ ۾ نه آئي آهي، انهي ڪري جبل کڻي وڃي رهيو آهيان. سج اُپرڻ کان پهرين پهچڻو آهي نه ته لڪشمڻ جي موت ٿي ويندي. توهان بغير سوچي سمجهي تير هڻي ڇڏيو، هاڻي آئون ڪيئن وقت تي پهچي سگهندس؟ سج اُپرڻ کان پوءِ لڪشمڻ هن جهان ۾ نه رهندو. پرت تيرهڻڻ جو سبب ٻُڌايو ۽ چيو هي انجلي جا پُت! چنتا نه ڪر توهان دروٽاگري کي کڻو ۽ ٻاڻ جي اڳئين حصي تي ويهو . توهان ٻئي پير اڳيان پويان ڪري بيهي وجو. آئون تير سان توهان کي جبل سميت توکان به پهريان لنڪا ۾ موڪلي ڇڏيندس. هنومان جي ڪي پنهنجي شڪتي تي تمام غرور هو. زمين تي رکيل تير تي ٻئي پير رکي جبل کي هٿ تي کڻي هنومان بيٺو. پرت تير کي هنومان جي ۽ جبل سميت ڏرتي تان کڻي ڏنش کي ڏوري تي چاڑهڻ جي لاءِ پنهنجي ڇاتي جي برابر وٽي ڇوڙڻ لڳو ته هنومان جي کي اچرج لڳو ته منهنجي ۽ دروٽاگري جي وزن کي ايئن ڪنيو جهڙوڪ صرف تير کي ئي ڪنيو آهي. هنومان جي چيو اي دسرٿ جا لال! آئون ته توهان جو امتحان وٺي رهيو هئس. آئون بلڪل نيڪ آهيان. آئون خود اُڏامي وقت کان پهرين پهچي ويندس.توهان جي واڪاڻ توهان جا ٻئي پاءُ ڪندا هئا. جيڪڏهن پرت هجي ته اڪيلو ئي راوڻ ۽ راوڻ جي فوج جي لاءِ ڪافي هو. مون کي اُنهن جي ڳالهين تي يقين نه اچي رهيو هو. اڄ پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو آهيان. توهان حقيقت ۾ بهادر ۽ طاقتور آهيو. توهان منهنجو به ايمان چڪنا چور ڪري ڇڏيو. اهو چئي هنومان جي اُنهي تير کان ڇلانگ لڳائي اُڏامي ويو. اُنهي وقت تير ذري برابر به نه هِليو.

سوچڻ جي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن ڪو وزن کڻي ٿو ته ٻنهي هٿن سان يا هڪ هٿ سان جهلي کڻي وڃندو آهي. مگر اُنهي وزن کي ڪنهن ڏنڊي سان کڻڻ چاهي ته تڏهن به نٿو کڻي سگهجي. ٿوري وزن کي ئي ڏنڊي سان کڻي سگهجي ٿو. پرت جي مهابلي هنومان جي ۽ دروٽاگري کي ڏرتي کان 50 فوٽ مٿي کنيو. تربتا يُگ ۾ انسان جو قد لڳ ڀڳ 70 يا 80 فوٽ هوندو هو. اها ڪا عام ڳالهه نه آهي. ڪو ڪنهن ماڻهو کي ڏنڊي سان کڻي ڏيکاري، ڪيئن محسوس ٿيندو؟ لڪشمڻ کي ڊاڪٽرسنجيوني دوا پياري هوش ۾ آڻيو. جنگ ٿي راوڻ ماريو ويو. راوڻ پريو شِو جي پڄتي ڪئي هئي. پنهنجا ڏهه دفعا سِر ڪٽي شِو جي کي سونپيا هئا. ڏهه دفعا شِو اُنهن کي واپس ڪري ڏنا ۽ آشيرواد ڏنو ته تنهنجو موت ڏهه دفعا سِر ڪٽڻ ڪانپوءِ ٿيندو. راوڻ جا ڏهه سِر ڪٽيا ويا هئا. پوءِ نابي ۾ تير لڳڻ سان نابي امرت ختم ٿيڻ سان راوڻ جو موت ٿيو هو. ڏهه دفعا سِر ڪٽيا ويا، ڏهه دفعا واپس سِر ڏڙ تي لڳي ويا. پوءِ وِيبشڻ جي ٻُڌايو ته راوڻ جي نابي ۾ امرت آهي، رامچندر راوڻ جي نابي ۾ تير هڻڻ جي پوري ڪوشش ڪري ورتي هئي. مگر راوڻ جو ڌيان به اوڏانهن گهٽو ٽڪيل هو ته نابي تي تير نه لڳي. رامچندر جي پرميشور کي ياد ڪيو ته انهي راڪشس کي ماريو ۽ منهنجي مدد ڪريو. اي مهاديو! اي ديون جا ديو! اي مها پريو! منهنجي سهائتا ڪريو . توهان جي ڏي (سيتا) تمام گهٽي تڪليف ۾ آهي. توهان جا ٻچا تيٽيهه ڪروڙ ديوتا به اِنهي راڪشس قيد ڪري رکيا آهن. پرميشور ڪبير جي اُنهي وقت گُپت روپ ۾ رامچندر جي هٿن تي پنهنجا سوڪشيم هٿ رکي تير راوڻ جي نابي ۾ هنيو تڏهن راوڻ جو موت ٿيو.

{پرميشور ڪبير جي جي ملڻ ڪانپوءِ سنت غريب داس جي (ڳوٺ چُڙاڻي ضلع جهجر هرياڻا صوبو) پرميشور ڪبير جي واڪاڻ ٻُڌائي آهي. ڪبير جي ٻُڌايو آهي ته:-

ڪبير ڪهه ميري هنس کو، ڏک نه ديجئه کوئي
سنت ڏکائي مين ڏکي، ميرا آپا پي ڏکي هوئي
پنهنچون گا چن ايڪ ۾، جن اپني کي هيت
تيتيس کوٽي کي بند چُڙائي راوڻ مارا کيت.

جو ميري سنت کو ڏکي ڪري، واڪا کوٹُون ونش هرڻاکش اُدر وداريا، مين هي ماريا ڪنس
رام ڪرشن ڪبير ڪي شهزادي، پگتي هيت پئي پيادي}

لنڪا جو راج راوڻ جي ننڍي ڀاءُ وِيبشڻ کي ڏنو. سيتا جي شري رامچندر اگني پريڪشا ورتي. جيڪڏهن راوڻ سيتا ميلاپ ڪيو آهي تہ باھ ۾ جلي مري ويندي. جيڪڏهن سيتا پاڪ صاف آهي تہ باھ ۾ نہ ٻرندي. سيتاجي باھ ۾ نہ ٻري. موجود لکين ماڻهن سيتا ماتا جي جئ جئ ڪار لڳائي. سيتا ستي جو عهدو ماڻيو. راوڻ جو موت آسوج مهيني جي ڏسم ساهي تي ٿيو هو.

راوڻ جي موت جي ويهہ ڏينهن کانپوءِ 14 سال جي بنواس جو عرصو پورو ڪري شري رام لڪشمڻ ۽ سيتا پُشپڪ وِمان ۾ ويهي ايوڌيا نگري ۾ آيا. اُنهي ڏينهن کتي مهيني جي اُماس هئي. اُنهي ڪاري اُماس تي ڏِگي جي گيهہ جا ڏيئا پنهنجي پنهنجي گهرن جي اندر ۽ مٿي ڇتن تي ٻاري شري رام سيتا ۽ لڪشمڻ جي استقبال جي خوشي ملهائي. پرت پنهنجي ڀاءُ شري رامچندر جي ڪي راج واپس ڏنو. هڪ ڏينهن شري رامچندر کي سيتا چيو تہ آئون جنگ ۾ وڙهڻ وارن پهلوانن کي ڪجهہ انعام ڏيڻ چاهيان ٿي. انعام ۾ سيتا هنومان جي کي پنهنجي گلي ۾سچن موتين جي مالا ڪڍي ڏني ۽ چيو اي هنومان! هي انمول سوکڙي آئون توکي ڏيئي رهي آهيان اها سنيالي رکجان. هنومان جي اُنهي مالا جو موتي ٽوڙيو ، پوءِ پيچيو. پوءِ ٻيو، ڏسندي ڏسندي سيئي موتي پيچي زمين تي اُڇلي ڇڏيا. سيتا جي کي هنومان جي جو اهو وهنوار سنو نہ لڳو.ڪاوڙ ۾ پرجي چوڻ لڳي تہ اي مورک! هي ڇا ڪري ڇڏيو؟ اهڙي انمول مالا جو ناس ڪري ڇڏيو. تون وانر جو وانر ئي رهيو. هليو وچ منهنجي اکين کان پري. اُنهي وقت شري رامچندر جي ۽ سيتا سان گڏ آسڻ تي موجود هئا. اُن ۽ هنومان جي انهي ورتاءُ کي صحيح نہ مجيو ۽ خاموش رهيا. هنومان جي چيو ماتا جي! جنهن شيءَ ۾ رام_نام لکيل نہ آهي اُها منهنجي کنهن ۽ ڪم جي ناهي. مون موتي پيچي ڏٺا آهن انهن ۾ رام _ نام نہ نڪتو آهي. انهي ڪري منهنجي ڪم جا نہ آهن.سيتا چيو ڇا تنهنجي جسم ۾ رام _ نام لکيل آهي؟ پوءِ انهي جسم کي کنهن جي لاءِ گڏ ڪنيو آهي، ان کي ٽوڙي پيچي ڇڏ. اُنهي وقت هنومان جي پنهنجو سينو چيري ڏيکاريو، انهي ۾ رام _ نام لکيل هو. هنومان جي اُنهي وقت ايوڌيا ڇڏي اُتان کان تمام پري هليو ويو.

شري رامچندر جي پنهنجي ايوڌيا نگري جي عوام جا ڏڪ درد ڄاڻڻ جي لاءِ لکي ڇپي رات جي وقت پوشاڪ بدلائي گهمندا ڦرندا هئا. ڪجهہ سالن کانپوءِ جڏهن راجا رامچندر جي رات ۾ ايوڌيا جي گلين ۾ گهمي رهيو هو . هڪ گهر مان اونچي اونچي آواز اچي رهيو هو. راجا رامچندر ويجهو وڃي ڳالهہ ٻولهہ ٻُڌي. هڪ ڏوبي جي پتني جهڳڑو ڪري گهر کان هلي وئي هئي. اُها ۽ تي ڏينهن پنهنجي پيڙ جي گهر رهي پوءِ واپس موتي آئي. ڏوبي اُن کي مارڪُٽ ڪري رهيو هو. چئي رهيو هو تہ نڪري وڃ منهنجي گهر مان، تون ۽ راتون ٻاهر رهي آهين. آئون توکي گهر ۾ نہ رکندس. تو تي داغ لڳل آهي. هو چئي رهي هئي مون کي قسم ڀگوان جو. قسم راجا رام جو آئون پاڪ صاف آهيان. توهان مون کي مارڪُٽ ڪئي آئون غصي ۾ پنهنجي پيڙ جي گهر وئي هيس. آئون بيڏوهي آهيان. ڏوبي چيو تہ آئون دسرٿ جو پُٽ رامچندر نہ آهيان جيڪو پنهنجي داغ لڳل پتني کي گهر وني آيو آهي جيڪا سالن تائين راوڻ جي گهر رهي هئي. ايوڌيا نگري جا سڀ ماڻهو ڳالهيون ڪري رهيا آهن. ڪهڙو جيئڻ آهي اهڙي ماڻهو جو جنهن جي پتني ناپاڪ ٿي وئي هجي. راجا رام ڏوبي جي وات مان اها ڳالهہ ٻُڌي تہ ڪنن ۾ ڇڻ گرم تيل وجهي ڇڏيو هجي.

اڳئين ڏينهن رامچندر جي اجلاس گهرايو ۽ نگري ۾ هلندڙ ڳالهہ جي باري ۾ ٻُڌايو ۽ چيو تہ اها ڳالهہ تيستائين بند نہ ٿيندي جيستائين آئون سيتا کي گهر مان نہ ڪيندس.اُنهي وقت سيتا جي کي اجلاس ۾ گهرائي وئي ۽ گهر مان ڪيڻ جو حڪم ڏنو ويو. سبب ٻہ ٻُڌايو ويو. سيتا عرض ٻہ ڪيو تہ اي سوامي! توهان منهنجي اگني پريڪشا ٻہ ورتي هئي آئون ٻہ آتما سان چوان ٿي تہ راوڻ مون سان ميلاپ ناهي ڪيو. سبب اهو هو تہ اُن کي هڪ رشي جو شراپ لڳل هو تہ جيڪڏهن تون ڪنهن پرائي استري سان ميلاپ ڪندين تہ تنهنجي اُنهي وقت موت ٿي ويندي. جيڪڏهن پرائي استري جي رضا سان ميلاپ ڪندين تہ ايئن نہ ٿيندو. جنهن جي ڪارڻ راوڻ مون کي ميلاپ ڪرڻ جي لاءِ هٺ ٻہ نہ لڳايو هو. هي پريو! آئون گرپ وتي (حامله) آهيان. اهڙي حالت ۾ ڪٿي ويندیس؟

راوڻ جهڙن ماڻهن جي ڪا ڪمي نہ آهي. رامچندر جي حڪم ڏيئي اجلاس ڇڏي هليو ويو. چوندو ويو تہ آئون گلا جو پاڪي نہ ٻڌجندس. منهنجي ڪُتنب کي داغ لڳندو. سيتا جي ڪي بہ زمين بہ پيرن هيٺيان ڪسڪندي نظر آئي. آسمان ۾ انڌيرو ڏسڻ ۾ آيو. دنيا ۾ ڪجهہ ڏينهن جي زندگي باقي لڳي.

سيتا ايوڏيا ڇڏي هلي وئي. پوئتي ڪنڌ ورائي پنهنجي رام کي ۽ اُن جي محلاتن کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندي رهي ۽ پري جهنگ ۾ وڃي رشي والميڪ جي ڪُٽيا جي ويجهو ٽڪجي ڪري پئي، بيهوش ٿي پئي. رشي والميڪ سنان ڪرڻ جي لاءِ آشرم کان ٻاهر نڪتا. سامهون هڪ نوجوان گرڀ وتي (حامله) چوڪري بيهوش حالت ۾ ڏسي ويجهو ويا. پنهنجي آشرم مان دوائون کڻي آيا. سيتا کي ڏنيون. گرمي جي موسم هئي. ٽڏي پاڻي جا چنڀا منهن تي هنيا. اُنهي وقت سيتا هوش ۾ آئي. رشي نالو ۽ ڳوٺ پُڇيو تہ ٻُڌايو تہ هيٺ ڏرتي، مٿي آسمان اڳتي ڪجهہ ٻُڌائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. رشي رحمدل هوندا آهن چيو ڏي دنيا تہ لالچ جي آهي. ڏنيواد ڪر پرماتما جو، تون منهنجي آشرم ۾ آئي آهين.ڏي مون کي پنهنجو پيءُ سمجهہ ۽ مون وٽ رهہ. سيتا جي رشي والميڪ جي جي آشرم ۾ رهڻ لڳي. رشي ڳالهہ اڳتي نہ وڌائي. پرميشور ڪبير جي تربتا يُگ ۾ رشي منيندر جي روپ ۾ آيل هئا. هنومان جي سان مليا. ست صاحب چيو. هنومان جي رام ـ رام چيو ۽ اُٿي بيهي رشي جو آڏرپاءُ ڪيو ۽ هڪ پٽر تي خود ويهي رهيو، ٻئي پٽر تي رشي کي ويهڻ لاءِ چيو. ٻئي ڇٽا پنهنجي جگهہ تي وينا. هنومان جي رشي کي سجاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. رشي چيو ڇا سوچي رهيو آهين هنومان؟ آئون اُهو رشي آهيان منهنجي آشرم ۾ وانر سيتا جو ڪنگڻ گهڙي ۾ وڌو هو. اُن ۾ ٻيا بہ اهڙا ئي ڪنگڻ هئا. اي هنومان! اُهو ڪنگڻ ڪيئن رهيو؟ هنومان جي ڪي سجاڻيندي دير نہ لڳي ۽ رشي کي پرڻام وري ڪيو. اي رشي جي! توهان جو ڪيئن اچڻ ٿيو؟ پرميشور ڪبير جي (منيندر رشي روپ ۾) چيو اي پون پُٽرا! آئون تو کي پڳتي گيان ڪرائڻ آيو آهيان. تون جنهن دسرٿ جي پُٽ رامچندر جي پوجا پورڻ پرماتما سمجهي ڪري رهيو آهين تون دوڪي ۾ آهين. جيڪو جنمي مري ٿو اُهو پورڻ پرماتما نٿو ٿي سگهي. پورڻ پرماتما تہ اوناشي (لافاني) آهي. هنومان چيو اي رشيور! آئون توهان جي وچن سان گهايل ٿيو آهيان. منهنجي خواهش کي چوٽ لڳي آهي. توهان ٻئي موضوع تي ڳالهہ ڪريو. پرميشور ڪبير جي چيو تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو غلط رستي تي وڃي رهيو هجي، اُهو اُنهي رستي کي صحيح سمجهي وڃي رهيو هجي، جيڪو ڏاڙيلن جي ديري ۾ ويندو هجي. جيڪڏهن ڪو سڄڻ اُن کي ٻُڌائي تہ جنهن رستي تي تون وڃي رهيو آهين، توهان جي جان ۽ مال کي خطرو آهي. اڳتي ڏاڙيلن جو ديرو آهي، پهرين ماريندا آهن، پوءِ ڦُريندا آهن. جيڪڏهن اُهو ماڻهو چوي تہ توهان منهنجي خواهش کي نقصان پهچائي رهيا آهيو. اها ڪيترو سچ آهي؟ هنومان جي چُپ رهيا، مگر مُسڪرايو، مڃي ڇڏي رهيو هو تہ توهان سچ ڏا ڇڏو. هنومان جي چهري تي شانتي جا نشان ڏسي پرميشور ٻُڌايو تہ شري رامچندر جي، شري وشنو جي جا اوتار آهن. شري وشنو جي، شري برهماجي ۽ شري شوجي جو پيءُ ڪال برهم آهي. اُنهي کي جوتي نرنجن بہ چوندا آهن. ڪال کي اُنهي غلطي جي ڪارڻ بددعا لڳل آهي تہ هڪ لک انساني جسم وارن ساهوارن کي هرروز ڪائيندو. سوا لک هرروز پيدا ڪندو. جنهن جي ڪارڻ اُن پنهنجن ٽنهي پُٽن کي هڪ هڪ شعبي جو مالڪ بڻائي رکيو آهي. شري برهما جي رجوگڻ آهن، جنهن جي اثر سان سيئي ساهوارا مجبور ٿي اولاد پيدا ڪن ٿا. جنهن جي ڪارڻ برهما جي ڪي غلطي سان پيدا ڪندڙ مڃي رکيو آهي. پيدا ڪندڙ تہ پورڻ پرماتما آهي.

ڪال پنهنجي ٻئي پُٽ وشنو کي ڪرم مطابق پالڻ ڪرڻ جو شعبو ڏنو آهي، وشنو ستوگڻ آهن. ڪال ٽئين پُٽ شو تموگڻ کي هڪ لک انسان جسم وارن ساهوارن کي ماري اُن وٽ موڪلڻ جو شعبو ڏيئي رکيو آهي. اهو خود ائويڪٽ (لڪيل) رهندو آهي. توهان ڏسي رهيا آهيو، هتي ڪوبہ جيو امر نہ آهي، ديوتا بہ مرندا آهن. برهما، وشنو، شو بہ ڄمندا مرندا آهن. جيڪو پوري عمر جيئندا آهن، ٻُڌاپُڻ بہ سيني ۾ ايندو آهي. هڪ لوڪ اهڙو آهي جتي ٻُڌاپُڻ ۽ مرڻ نہ آهي. اُتي ڪوبہ راوڻ ڪنهن جي پتني جو اغوا نٿو ڪري. توهان جي اکين جي سامهون لنڪا ۾ ٽيل رام راوڻ جنگ ۾ ڪيترا ماڻهو ۽ ٻيا ساهوارا ماريا ويا. هڪ سيتا کي ڇڏائڻ جي لاءِ. توهان شري رامچندر جي لاءِ پنهنجي جان جي بازي لڳائي لنڪا کي جلايو. راوڻ جي پاءُ اهِي راوڻ جيڪو پاتال جو راجا هو.

اُهو رام ۾ لڪشمڻ جو اغوا ڪري وڃي ويو. اُن جي ٻلي ڏيڻ وارو هو. توهان اُتي ويا ۽ اُنهن ٻنهي کي جيئرو وڃي آيا. توهان ئي ٻڌايو، اُهي پرماتما آهن. جنهن وقت نانگ ڦاسي هٿيار جي هلائڻ سان نانگن شري رام ۾ توهان ۽ سيئي فوج ۾ لڪشمڻ تائين ٻڌي ڇڏيو هو. نانگ توهان سيني کي جڪڑي ڇڏيو هو. توهان سڀ مجبور هئا. ڪجهہ وقت ۾ توهان سيني کي راوڻ جي فوج آساني سان چيري ڇڏي ها. اُنهي وقت گروڙ کي پُڪاريو ويو. اُن نانگن کي ڪٽيو. توهان ۽ شري رام ٻنڌن کان آجا ٿيا. جيڪڏهن پرماتما ايترا مجبور آهن تہ پنهنجا ٻنڌ ٻہ نہ ڪٽي سگهيا تہ پوجارين جو ڇا ٿيندو؟ ويچار ڪريو.

ڪاڻي بنڌن وپت ۾، ڪٽن ڪيو سنگرام

چينهو ري نر پراڻيا، گروڙ بڙو ڪے رام

هنومان جي چيو رشي جي! سمنڊ تي پُل ناهڻ ڇا عام ماڻهو جو ڪم آهي؟ اُها پرماتما بغير نڙو ناهي سگهجي.

سمندر پاٽ لنڪا گيو، سيتا ڪو پرتار

اگست مني ساتون پيئي، ان ۾ ڪون ڪرتار

جيڪڏهن توهان سمنڊ تي پُل ناهڻ سان شري رامچندر کي پرماتما مڃو ٿا تہ اگست رشي ست سمنڊن کي پيئي ورتو هو. انهن ۾ ڪير آهي پرماتما؟

رشي منيندر جي ٻڌايو تہ توهان پُلجي ويا آهيو ڇا؟ هڪ رشي آيو هو. اُن هڪ جبل جي پٿرن کي پنهنجي لڻ سان لڪير ڪڍي هلڪو ڪيو هو. تڏهن پٿر تريا هئا. تڏهن پُل نهي هئي. رامچندر تہ ٽن ڏينهن کان رستو گهري رهيو هو. سمنڊ ئي ٻڌايو هو تہ نل نيل جي باري ۾. هنومان جي چيو تہ اها تہ وشوڪرما جي هئا جيڪو ويس بدلائي شري رام جي گهرائڻ سان آيو هو. پرميشور ڪبيرجي چيو تہ وشوڪرما جي تہ پُل جي اڏاوت تہ ڪري سگهيو ٿي پر پاڻي تي پٿر نڙو تاري سگهي. نل نيل جي هٿن ۾ شڪتي هئي اُن جي هٿن سان وِڏل شيءَ پاڻي تي تري سگهندي هئي. اُنهي ڏينهن اُن ۾ تڪبر اچي ويو هو. اُن جي شڪتي ختم ٿي وئي هئي. اهو آشيرواد منهنجو ئي هو. هنومان چيو ڇا توهان رُشي منيندر آهيو؟ پرميشور جي چيو ها. منيندر جي چيو تہ توهان پنهنجي جان جي پرواہ نہ ڪري رام جي لاءِ ڇا ڇا ڪيو؟ جڏهن سيتا توهان کي گُٽا لفظ چيا ۽ گهر ڇڏڻ لاءِ چيو اُنهي وقت شري رام اُتي موجود هئا. هڪ لفظ ٻہ نہ چيو تہ سيتا ايئن نہ ڪر. پون پُٽر اَندر کان تہ مڃي رهيو هو تہ مگر ٻاهر کان ڇئي رهيو هو تہ رشي جي! ڪنهن جي گلا نہ ڪرڻ گهرجي. منيندر جي چيو تہ سچ چوڻ گلا نہ هوندي آهي. جيڪڏهن شري رامچندر ۽ سيتا جي اندر سڀي انسان وارا گڻ ٻہ هجن ها تہ ٻہ توهان جو سڃي عمر احسان مڃن ها ۽ پنهنجي چرڻن ۾ رکن ها. توهان تہ اُن ڪانسواءِ جيئڻ ٻہ سنو نٿا سمجهو. ۽ ٻُڌا! توهان سان جهڙو وهنوار ڪيو ان جو ڦل ٻہ سيتا ۽ رامچندر کي ملي ڇُڪو آهي. ڪجهہ سالن ڪانپوءِ سيتا کي شري رام گهر ڪان ڪڍي ڇڏيو آهي. اُنهي وقت اُها گرڀ وتي (حامله) هئي. اُها ٻُڌي هنومان جي اکين مان آنسو نڪري آيا ۽ رشي جي چرڻن ۾ ڪري پيو، ڪجهہ ٻہ نہ ڳالهايو. ايوڏيا واسين 2 سال ڏياري (ديوالي) ۽ دسهڙو ملهايو هو. اُن ڪانپوءِ بند ڪري ڇڏيو هو تہ جنهن ديوي جي لاءِ راوڻ ماريو، اڄ اها وري ڪيترن راوڻن جو ڏک پوڳيندي. ديوالي خوشي جو اهجاڻ آهي. جڏهن راجا ۽ راڻي الڳ الڳ ٿي ويا تہ نہ ديوالي راجا کي سڀي لڳندي ۽ نہ عوام کي. اُنهي ڪري ديوالي جو تهوار اُنهي وقت کان بند ٿي ويو هو. جيڪو ٻہ سال ملهايو هو، اُنهي جي آڏار سان پوري عوام اهو تهوار ملهائي رهي آهي.

اهڙي طرح دسهڙو ۽ راوڻ کي ساڙڻ واري رسم هلي رهي آهي. جيڪڏهن ڪنهن جي گهر ڪنهن جوان جي مرتيو ٿي ويندي آهي تہ اُهو ڪُٽنب ۽ رشتيدار کوبہ تهوار نٿا ملهائين.

هنومان جي چيو، اي پريو! پرميشور جي ڳالهہ ٻولهہ ڪريو. ڪبير پرميشور جي سرشٽي رچنا (تخليق ڪائنات) ٻُڌائي. سچي ڪٿا ٻُڌي هنومان جي گد گد ٿي ويا. ست لوڪ ڏسڻ جي پرارٿنا ڪئي، پرميشور آسمان ۾ اُڏامي ويا. هنومان جي ڏسي رهيو هو. ڪجهہ دير انتر ڌيان ٿي ويا. هنومان جي اچرج ۾ پئجي ويو تہ هاڻي اهو رشي ڪيئن ملندو؟ ايتري ۾ آسمان ۾ خاص قسم جي

روشني ڏسڻ ۾ آئي. هنومان جي کي ڊوبه درشني (قدرتي نظر) ڏيئي ست لوڪ ڏيکاريو. رشي منيندر جي سنگھاسڻ تي ويٺل ڏسڻ ۾ آيا. اُن جي جسم جي روشني حد کان وڌيڪ هئي. سر تي مُڪٽ ۽ راجائن جي طرح چتر هو. ڪجھ دير اها نظارو ڏيکاري قدرتي نظر ختم ڪري چڏي. منيندر جي هيٺ آيا هنومان جي کي يقين ٿيو تہ اهو پرميشور آهي. ست لوڪ سُک جو مڪان آهي. پرميشور ڪبير جي کان دڪشا ورتي ۽ پنهنجي زندگي ڪامياب ڪئي. مُڪتي جا لائق بڻيا. اهڙي طرح پاڪ آتما عام پلائي واري گڏن واري هنومان کي پرميشور ڪبير جي پنهنجي شرڻ ۾ ورتو. بغير لالچ واري آتما کي دنيا ۽ ڪال جي پلي ئي پلائي جو ڦل نہ ڏي، مگر پرميشور اهڙين آتمائن کي شرڻ ۾ ضرور وٺندو آهي. جو تہ اهڙي آتما ئي پرم پڃڪت بڻجي پڃڪتي ڪندا آهن ۽ موڪش پائيندا آهن. دنيا جا ماڻهو جيڪي بغير لالچ وارن کي دوکو ڏيندا آهن اُهي عمر پرڏڪ ۾ زندگي گذاريندا آهن.

شري رامچندر جي کي آخري وقت ۾ پنهنجن ئي پُٽن لو ۽ ڪش کان هار جو منهن ڏسڻو پيو. سيتا اُنهن جو درشن ڪرڻ بہ مناسب نہ سمجهيو. ڏسندي ئي ڏسندي زمين ۾ سمائجي وئي. اُنهي پچتاءُ سان شري رامچندر جي ايودَيا وت وهندڙ سريُو ندي ۾ چلانگ لڳائي پنهنجي زندگي جي ليلا جل سماڌي وٺي ختم ڪئي. بغير لالچ واري هنومان جي کي بغير لوڀ جي ڏکين جي مدد ڪرڻ جو ڦل مليو. پرماتما خود آيا، موڪش جو رستو ٻڌايو. جيو جو ڪلياڻ ٿيو. هنومان جي وري انسان جو جنم حاصل ڪندو. تڏهن پرميشور ڪبير جي اُن کي شرڻ ۾ وٺي نجات ڏياريندا. اُنهي آتما ۾ ست پڃڪتي بج پئجي چُڪو آهي.

اسين ڪال جي ڇار ۾ ڪيئن ڦاٽا؟

انهي جو جواب براءِ مهرباني پڙهو باب "سرشٽي رچنا " ۾ جيڪو انهي ڪتاب " جيئڻ جي راھ " جي صفحي نمبر 194 کان 236 تائين آهي.

"پرميشور ڪبير جي ڪال سان ڳالھ ٻولھ"

هينئر اسان ڪال جي لوڪ ۾ رهي رهيا آهيون. آتما جي مٿان استول جسم چاڙهي ڪال جيو بڻائي چڏيو آهي. انهي جيو کي ڀُلائي چڏيو آهي. پورڻ پرماتما جيڪو جيو جو جنڪ (پيدا ڪندڙ) آهي، وساري چڏيو آهي. خود کي پرماتما ثابت ڪيو آهي. اهو پرماتما جي انش جيو آتما کي پريشان ڪري ٿو تہ جيئن پرماتما دُکي ٿئي. اها من رُوپ ۾ هر آتما سان گڏ رهي ٿو. غلطي ڪرائي ٿو، ڏنڊ جيو آتما پوڳي ٿي. جيئن شراب وغيره جي نشي جي ہاڙ ڪرائڻ، زنا (Rape) ڪرائڻ ۽ ٻيا پاپ ڪرائڻ. اها من جي اُمنگ سان ڪال ڪرائي ٿو. جڏهن توهان ليڪڪ (سنت رامپال جي) کان دڪشا وٺندو، تڏهن اها ستو هلندو چو تہ جيو آتما سان گڏ پرماتما جي شڪتي رهڻ لڳندي آهي. آتما کي تتو گيان سان ووڪ ٿي ويندو آهي. پرماتما جي شڪتي جي ڪارڻ آتما مضبوط ٿي ويندي آهي. ڪال برهم صرف ڪبير پرماتما کان ڊڄي ٿو. سنت غريب داس جي چيو آهي:-

ڪال ڈري ڪرتار سي، جئہ جئہ جگديش
جـــورا جـــوڙي جھاڙتا، پـگ رج ڈاري شيش
غريب، ڪال جو پيسي پيسنا، جورا هئہ پڻھيار
يہ دو اصل مزدور هين، ستگرو ڪبير ڪي دربار

ارٿ صاف آهي. پرماتما ڪبير جي اسان جي آتما کي ڪال جال مان ڪڍڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن. ڪال برهم ڪاسائڻ جا جتن ڪري ٿو. اڳتي جي موضوع ۾ صاف ثبوت آهي.

جڏهن پرميشور سيني برهمانڈن جِي رچنا ڪئي ۽ پنهنجي لوڪ ۾ آرام ڪرڻ لڳا. اُن ڪانپوءِ اسان سيئي ڪال جي برهمانڈ ۾ رهي پنهنجو کيل ڪرم ڏنڊ پوڳڻ لڳاسين ۽ تمام گھٽا پريشان رهڻ لڳا. سُک ۽ شانتي جي کوج ۾ پڻڪڻ لڳاسين ۽ اسان کي پنهنجي نج گھر ست لوڪ جِي ياد ستائڻ لڳي، وري واپس وڃڻ لاءِ پڃڪتي شروع ڪئي. ڪنهن چئني وبدن کي زباني ياد ڪيو تہ

ڪي گهور تپ ڪرڻ لڳا، ڪي وري هون، يگئہ ۾ ڏيان سماڏي ڪرڻ لڳا. پر پنهنجي نِج گهر يعني ست لوڪ نہ وڃي سگهيا، چاڪاڻ تہ اُهي سيئي ڪم ڪرڻ سان اڳئين جنم ۾ چگهي زندگي (جيئن راجا ۾ مها راجا، وڏو واپاري، اڏيڪاري ديوَ ۾ مهاديوَ، سرڳ ۾ مها سرڳ وغيره) حاصل ڪري ۾ پوءِ لک چوراسي پوڳڻ لڳا. تمام پريشان رهڻ لڳا ۾ پرم پِتا پرميشور کان عرض ڪرڻ لڳا تہ اي ديالو! اسان کي پنهنجي نِج گهر (ست لوڪ) جو رستو ڏيکاريو. اسان من سان توهان جي پڇڻي ڪندا آهيون. توهان اسان کي درشن ڇو نہ ڏيئي رهيا آهيو؟

اِهو قصو ڪبير پرميشور ڏرمداس جي کي ٻُڌائيندي چيو تہ ڏرمداس! مان اِنهن جيوَن جي پُڪار ٻُڌي پنهنجي ست لوڪ کان جوگجيت جو رُوپ بڻائي ڪال لوڪ ۾ آيس. تڏهن 21هين برهمانڊ ۾ جتي ڪال جو نج گهر آهي. اُتي تپت شلا تي جيوَن کي پُوجي سُوڪشم شرير مان گند ڪڍيو پئي ويو. منهنجي پهچڻ کانپوءِ اُنهن جيوَن جو برڻ بند ٿي ويو. اُنهن مونکي ڏسي چيو تہ اي مهاپُرش! توهان ڪير آهيو؟ توهان جا درشن ڪرڻ سان ئي اسانکي تمام وڏي سُک ۾ آرام جو احساس ٿي رهيو آهي. پوءِ مون ٻُڌايو تہ مان پاربرهم پرميشور ڪبير آهيان. توهان سيئي جيوَ منهنجي ست لوڪ کان اڇي هتي ڪال برهم جي لوڪ ۾ قاسي ويا آهيو. هي ڪال روزانو هڪ لک انسانن جي سوڪشم شريرن مان گند ڪڍي ڪائيندو آهي ۾ پوءِ مختلف قسمن جي يوٽين ۾ ڏنڊ پوڳڻ جي لاءِ ڇڏي ڏيندو آهي. تڏهن اُهي جيوَ آتمائون چوڻ لڳيون تہ اي ديالو پرميشور! اسانکي هِن ڪال جي جيل مان آزاد ڪرايو. مون ٻُڌايو تہ هي برهمانڊ ڪال_ برهم ٽي دفعا پڇڻي ڪري مون کان حاصل ڪيا آهن. جيڪي شيون توهان هتي استعمال ڪري رهيا آهيو اهي سيئي ڪال جون آهن ۾ توهان سيئي پنهنجي مرضي سان هن لوڪ ۾ گُهمڻ آيا هئا. انهي ڪري هاڻي توهان جي مٿان ڪال برهم جو تمام گهڻو قرض چڙهي چُڪو آهي ۾ اُهو قرض منهنجي سچي نام جي جاپ کانسواءِ لهي نہ سگهندو.

جيستائين توهان قرض مان آزاد نہ ٿي سگهندا تيستائين توهان ڪال برهم جِي جيل کان باهر نڪا وڃي سگهو. اِنهي لاءِ توهان کي مون کان نام اُپديش وٺي پڇڻي ڪرڻي پوندي، تڏهن مان توهان کي آزاد ڪرائي وٺي هلندس. اسان اڳا اِها ڳالهہ ڪري ئي رهيا هئاسين تہ اُتي ڪال برهم اڇي پهتو. هِن تمام گهڻي ڪاوڙ ۾ اڇي مون تي حملو ڪري ڇڏيو. مون پنهنجي شبد شڪتي سان هُن کي بيهوش ڪري ڇڏيو. وري ڪجهہ دير کانپوءِ هُو هوش ۾ آيو. منهنجي چرڻن ۾ ڪِري مون کان معافي گُهرڻ لڳو ۾ چوڻ لڳو تہ توهان مون کان وڏا آهيو، مون تي ڪجهہ دیا ڪريو ۾ مهرباني ڪري مونکي اِهو ٻُڌايو تہ توهان منهنجي لوڪ ۾ ڇو آيا آهيو؟ تڏهن مون ڪال پُرش کي ٻُڌايو تہ ڪجهہ جيوَ آتمائون پڇڻي ڪري نِج گهر يعني ست لوڪ واپس وڃڻ چاهين ٿيون اُنهن کي ست پڇڻي جو رستو ملي نہ رهيو آهي. اِنهي ڪري اُهي پڇڻي ڪرڻ کانپوءِ به هِن لوڪ (ڪال لوڪ) ۾ ئي رهجي ويندا آهن. مان اُنهن کي سچو پڇڻي مارڳ ۾ تنهنجو راز ٻُڌائڻ جي لاءِ آيو آهيان تہ تون ڪال آهين، هڪ لک جيوَن کي روز کائيندو آهين ۾ سوا لک جيوَن کي روز پيدا ڪندو آهين ۾ پڇوان بڏجي ويندو آهين. مان اُنهن کي ٻُڌائيندس تہ توهان جنهن جي پڇڻي ڪندا آهيو، اُهو تہ پڇوان نہ پر ڪال آهي. ايترو ٻُڌندي ئي ڪال چيو تہ جيڪڏهن سڀ جيوَ واپس هليا ويا تہ منهنجي پوجن (خوراڪ) جو ڇا ٿيندو؟ مان بُک مري ويندس منهنجو توهان کي عرض آهي تہ تِن يُگن ۾ جيوَ گهٽ وٺي وڃجو ۾ سيني کي منهنجو راز نہ ڏِجو تہ مان ڪال آهيان ۾ سيني کي کائيندوآهيان. جڏهن ڪل جڳ اڇي تڏهن توهانجي مرضي چاهي جيترا جيوَ وٺي وڃجو، اِهي وچن ڪال مون کان حاصل ڪري ورتا.

ڪبيرصاحِب ڏرمداس جي کي اڳتي وڌيڪ ٻُڌائيندي چيو تہ ستيگ، تريتا ۾ دُوَاپُر يگن ۾ به مان آيو هئس ۾ ڪيترن ئي جيوَن کي ست لوڪ وٺي ويس پر اُن جو پيڇ ڪونہ ٻُڌايو. هاڻ مان وري ڪليُگ ۾ آيو آهيان ۾ ڪال سان منهنجي ڳالهہ بولهہ ٿي آهي. ڪال برهم مونکي چيو آهي تہ پلي جيترو چاهيو اوترو زور لڳائي وٺو پر توهانجي ڳالهہ ڪير نہ ٻُڌندو، پهرين تہ مون ڪنهن جيوَ کي پڇڻي جي لائق ئي ڪونہ ڇڏيوآهي، اُنهن ۾ سگريٽ، شراب، گوشت وغيره ڪائڻ جون عادتون وجهي اُنهن جي خيالن کي بگاڙي ڇڏيو آهي. مختلف قِسمن جي پاکنڊ پوجائن ۾ جيوَ آتمائن کي لڳائي ڇڏيو آهي. پي ڳالهہ اِها هوندي تہ جڏهن توهان

پنهنجو "ست گيان" ڏيئي پنهنجي ست لوڪ واپس هليا ويندا تڏهن مان (ڪال) پنهنجا دُوت/نقلي گُرو موڪلي توهان جي پنڌ سان مِلندڙ جُلندڙ ٻارهن پنڌ هلائي جيوَن کي (ورغلائي) ڇڏيندس. مهما ءِ ڳالهيون ست لوڪ جون ڪندا، گيان توهان جو ٻُڌائيندا، پر نام جاپ منهنجو ئي ڏيندا، جنهن انجام جي صورت ۾ جن منهنجو ٻڌندا. اِهي ڳالهيون ٻڌي ڪبير پرميشور چيو ته تون پلي پنهنجي ڪوشش ڪجان مان حقيقي رستو ٻُڌائي ئي ويندس، جيڪو منهنجو گيان ٻُڌي ونندو اُهو تنهنجي بهڪاءُ ۾ ڪڏهن به ڪونہ ايندو.

ستگروڪبيرصاحب جِي فرمايو ته اي نرنجن! جيڪڏهن مان چاهيان ته تنهنجي سڄي تماشي کي پل ۾ ۽ ختم ڪري سگهان ٿو. پر ائين ڪرڻ سان منهنجو ڏِنل وچن پنڌ ٽئي ٿو. اهو سوچي مان پنهنجن پيارن هنسن کي حقيقي گيان ڏيئي شبد جي طاقت ڏيئي ست لوڪ ونِي ويندس ءِ فرمايو ته،

سُنو ڏرم رايا، هم سنکون هنسا پد پرسايا
جِن لينا همارا پروانا، سو هنسا هم ڪيئي امانا

(پويترڪبير ساگر ۾ جيوَن کي پُول پُليان ۾ وجهڻ جي لاءِ ءِ پنهنجي ٻُک متائڻ جي لاءِ طرح طرح جي طريقن جو ذڪر)

دوا دس پنڌ ڪرون مئين ساجا، نام تُمهارا لي ڪرُون آواجا
دوا دس يم سنسار پِنهون، نام تُمهارا پنڌ چليهو
پرٿم دُوت مم پرگهٽي جائي، پيڇي انس تُمهارا آئي
يهي وڌي جيوَن کو پرمائون، پُرش نام جيون سمجهائون
دوا دس پنڌ نام جو ليئي، سو همري مُک آن سمي هي
ڪها تُمهارا جيوَ نهين ماني، هماري اور هوئي باد بکاني
مئين درِد ڦندا رچي بنائي، جا ۾ جيوَ رهي اُرجهائي
ديول ديوَ پاشان پوجائي، تيرٿ ورت جپ - تپ من لائي
يگيہ، هوم اور نيم اچارا، اور انيڪ ڦند هم دارا
جو گياني جائو سنسارا، جيوَ نہ ماني ڪها تُمهارا

(ست گُرو وچن)

گياني ڪهي سُنو انيائي، ڪائون ڦند جيوَ لي جائي
جيتڪ ڦند تُم رچي ويچاري، ست شبد سي سيئي بِداري
جون جيوَ هم شبد درِداوي، ڦند تُمهارا سڪل مُڪتاوي
چوڪا ڪر پروانا پائي، پُرش نام تيهي ديئون چِنهائي
تاڪي نِڪٽ ڪال نهين آوي، سنڌي ديڪي تاڪون سِر ناوي

مٿيئن ذڪر مان ثابت ٿئي ٿو ته جيڪي انيڪ پنڌ هلي رهيا آهن، جِن وٽ ڪبير صاحب جي ٻُڌايل سچي پِڪتي جو رستو نہ آهي. اُهي سڀ ڪال جي چڪر ۾ آهن. انهي ڪري عقلمند کي گهرجي ته سوچ ويچار ڪري پِڪتي مارگ ونِ ڇاڪاڻ ته منُش جنم انمول آهي، جيڪو بار بار نہ ملندو. ڪبير صاحب فرمائين ٿاتہ:-

ڪبير؛ مانُش جنم دُرلپ هي، ملي نہ بارم بار
تروَر سي پتا ٽُوٽ گري، بهُور نہ لگتا دار

"ڪال نرنجن ڪبير جي ڪان ۾ يُگن ۾ جيو ٽورا وڃي وڃڻ جو واعدو وڃڻ"

(تفصيل سان ۽ مڪمل ذڪر)

سوال:- ڪبير جي جي نالي سان ٻارنهن پنڌن جو اصل اڳواڻ ڪير آهي ۽ تيرهون پنڌ ڪير هلائيندو؟

جواب:- جيئن ته ڪبير ساگر جي نظر ثاني ڪندڙ سوامي يُگلانند (ٻهاري) افسوس ظاهر ڪيو آهي ته وقت وقت تي ڪبير صاحب جي گرنٿن سان ڇيڙ ڇاڙ ڪري اُن جي بُري حالت ڪري ڇڏي آهي.

مثالطور:- پرميشور ڪبير جي جو جوگجيت جي روپ ۾ ڪال برهم سان بحث مباحثو ٿيو هو. اُهو "سوسم وید ٻوڌ" صفحو نمبر 117 کان 122 تائين ۽ "انوراگ ساگر" 60 کان 67 تائين آهي.

پرميشور ڪبير جي پنهنجي پُٽ جوگجيت جي روپ ۾ ڪال جي پهرين برهمانڈ ۾ ظاهر ٿيا جيڪو ايڪيهون برهمانڈ آهي جتي تپت شلا نهيل آهي. ڪال برهم جوگجيت سان جهڳڙو ڪيو. پوءِ بيوس ٿي چرڻ پڪڙي معافي گهري ۽ واعدو ڪرائي ڪجهه سهولتون گهريون.

1. ٽي يُگن (ست يُگ، تريتايُگ، دٻاپُر يُگ) ۾ ٽورا جيو پار ڪرڻ.
2. زور زبردستي ڪري جيو منهنجي لوڪ مان نه وڃي وڃڻ.
3. توهان پنهنجو گيان سمجهائيندا، جيڪو توهان جو گيان مڃي اُهو توهان جو ۽ جيڪو منهنجي گيان کي مڃي اُهو منهنجو.
4. ڪليُگ ۾ پهرين منهنجا دوت پرگهٽ ٿيڻ گهرجن، پوءِ توهان جا دوت اچن.
5. تريتا يُگ ۾ سمنڊ تي پُل ٻاهجو. اُنهي وقت منهنجي پُٽ وشنو رامچندر روپ ۾ لنڪا جي راجا راوڻ سان جنگ ڪندو، سمنڊ رستو نه ڏيندو.
6. دٻاپُر يُگ ۾ بوڌ شرير ڇڏي ويندس. راجا اندر دمن منهنجي نالي سان (جگنناٿ نالي سان) سمنڊ جي ڪناري منهنجي اجازت سان مندر ٻاهڻ چاهيندو، اُن کي سمنڊ رکاوٽ وجهندو. توهان اُنهي مندر جي حفاظت ڪجو. پرميشور سيئي عرض قبول ڪيا ۽ پڪوپهه ڪيو. تڏهن ڪال برهم ڪلڙ لڳو ۽ چيو ته اي جوگجيت! توهان وجو دنيا ۾. جنهن وقت ڪل يُگ ايندو اُنهي وقت ۾ پنهنجا ٻارنهن دوت (نقلي ستگرو) دنيا ۾ موڪليندس. جڏهن ڪل يُگ جا پنج هزار پنج سو پنج سال پورا ٿيندا تيستائين منهنجا دوت تنهنجي نالي سان (ڪبير جي نالي سان) ٻارنهن ڪبير پنڌ هلائي ڇڏيندا. ڪبير جي جوگجيت روپ ۾ ڪال برهم کي چيو هو ته ڪل يُگ ۾ منهنجي نالو ڪبير هوندو ۽ آئون ڪبير نالي سان پنڌ هلائيندس انهي ڪري ڪال نرنجن چيو هو ته توهان ڪبير نالي سان هڪ پنڌ هلائيندا ته آئون (ڪال برهم) ڪبير نالي سان ٻارنهن پنڌ هلائيندس. سيني انسانن کي ورغلائي پنهنجي ڇار ۾ قاسائي رکندس. انهي کان علاوه ٻيا به ڪيترائي پنڌ هلائيندس جيڪي ست لوڪ، سچ کنڈ جون ڳالهيون ڪندا ۽ ست ساڌنا اُنهن وٽ نه هوندي. جنهن جي ڪارڻ اُهي ست لوڪ جي خواهش ۾ غلط نام جو جاپ ڪري منهنجي ڇار ۾ ئي رهجي ويندا.

ڪال برهم پڇيو هو ته توهان ڪهڙي وقت ڪل يُگ ۾ پنهنجو ست ڪبير پنڌ هلائيندا؟ ڪبير جي چيو هو ته جنهن وقت ڪل يُگ پنج هزار پنج سو پنج سال گذري ويندو، تڏهن آئون پنهنجو اعليٰ تيرهون ڪبير پنڌ هلائيندس.

ڪال چيو ته اُنهي وقت کان پهرين آئون پوري ڌرتي تي شاسترن جي طريقيڪار ڇڏي ڪري من مرضي وارا نمونا ڪرائي شاسترن جي خلاف گيان ٻُڌائي ڪُوڙي نام ۽ غلط ساڌنا جا ماهر ڪري ڇڏيندس. جڏهن تيرهون انش اچي ست ڪبير پنڌ هلائيندو اُن جي ڳالهه تي ڪو اعتبار نه ڪندو، اُلٽو اُن سان جهڳڙو ڪندا. ڪبير جي کي معلوم هو ته جڏهن ڪليُگ جا پنج هزار پنج سو سال پورا ٿيندا (سنه 1997ع ۾) تڏهن تعليم جو انقلاب آڻيو ويندو. سيئي انسان تعليم سان پرپور ڪيا ويندا اُنهي وقت منهنجو داس سيني ڌرم گرنٿن کي چگي ريت سمجهي ڪري انسان سماج جي روبرو ڪندو. سيني ثبوتن کي اکين سان ڏسي تعليم يافته انسان سچ کان واقف ٿي جلد منهنجي تيرهن پنڌ ۾ دڪشا ونندا ۽ پوري دنيا منهنجي ٻُڌائي مطابق پڄتي وڌي ۽ تتو گيان کي دل

سان قبول ڪري ٻڌڻي ڪندا. اُنهي وقت ٻيهر ستيڳ جهڙو ماحول ٿي ويندو. پاڻ ۾ نفرت، چوري، زناخوري، ڦُر- ڌڪي ڪوبہ نہ ڪندو. ڪوبہ ملڪيت نہ ميڙيندو. ٻڌڻي کي وڌيڪ اهميت ڏني ويندي. جيئن اُنهي وقت اُن ماڻهو کي وڏو سمجهيو ويندو جنهن وٽ وڌيڪ ڌن هوندو، وڏا گذر سفر جا وسيلا هوندا، وڏيون وڏيون عمارتون ٺاهي رکيون ويندیون، مگر تيرهين پنٿ جي شروع ٿيڻ کان پوءِ اُنهن ماڻهن کي مورک سمجهيو ويندو ۽ جيڪي ٻڌڻي ڪندا، عام مقام ٺاهي رهندا، اُن کي مهان، وڏو ۽ احترام جي لائق انسان سمجهيو ويندو.

"ٿبوت جي لاءِ پويتر ڪبير ساگر مان الڳ الڳ اڌيائن جي امرت واڻي"

"ڪبير جي ۽ جوتي نرنجن جي ڳالهہ ٻولهہ"

انوراگ ساگر جي صفحو نمبر 62 کان:-

"ڏرم راءِ (جوتي نرنجن) وچن"

ڏرم راءِ اس بنتي ٺاني ، مين سيوڪ دوتيا نہ جاني (1)

گياني بنتي ايڪ همارا، سو نہ ڪرهون جهہ سي هو مور بگارا (2)

پُرش دينهہ جس موڪهون راجُ، تم پي ديهو تو هووي مم ڪاجُ (3)

اب مين وچن تُمهارو ماني، ليجو هنسا هم سو گياني (4)

صفحو نمبر 63 کان انوراگ ساگر جي واڻي:-

دياونت تم صاحب داتا، اَيتِڪ ڪرپاڪرو هو تاتا (5)

پُرش شانپ موڪهون دينها، لک جيو نت گراسن ڪينها (6)

صفحو نمبر 64 کان انوراگ ساگر جي واڻي:-

جو جيو سڪل لوڪ تب آوي، ڪيسي ڇديا مور متاوي (7)

جيسي پُرش ڪرپا موپي ڪينها، پوساگر ڪا راج موهي دينها (8)

تم پي ڪرپا موپر ڪرهُ، جو مانگي سو موهي ديهو برهُ (9)

ست يُگ، تريتا، دئاپُر مانهين، تينون يُگ جيو ٿوڙي جاهين (10)

چوٿا يُگ جب ڪليُگ آوي، تب تم شرڻ جيو بهُو جاوي (11)

صفحو نمبر 65 کان انوراگ ساگر جي واڻي، متئين واڻي پنڪت نمبر 03 کان:-

پرتم دُوت مم پرڪٽي پائي، پيچي انش تُمهارا آئي (12)

صفحو نمبر 64 کان انوراگ ساگر جي واڻي، متئين واڻي پنڪت نمبر 06 کان:-

ايسا وچن هر موهي ديجئہ، تب سنسار گمن تب ڪيجئہ (13)

"جوتي نرنجن وچن = گياني وچن"

صفحو نمبر 64 کان انوراگ ساگر جي واڻي، متئين واڻي پنڪت نمبر 07 کان:-

اري ڪال تم پر پنچ پسارا، تينون يُگ جيون دُک ڏارا (14)

بينتي تيري لينهہ مين جاني، موڪهُون نگا ڪال اپماني (15)

جس بينتي تُو سوسن ڪينهي، سو اب بخشس توهي دينهي (16)

چوٽا يُگ جب ڪليُگ آوي، تم هم اپنا انش پناوي (17)

"ڏرم راءِ (ڪال وچن"

صفحو نمبر 64 کان انوراگ ساگر جي واڻي، متئين واڻي پنڪت نمبر 17 کان:-

هي صاحب تُم پنڌ چلائُو، جيو اُبار لوڪ لَي جائُو (18)

صفحو نمبر 66 کان انوراگ ساگر جي واڻي، متئين واڻي پنڪت نمبر 08، 09، 16 کان 21 تائين:-

سنڌ چاپ (سار شبد) موهي ديجئ گياني، جيسي ديوين گي هنس سمداني(19)

جو جن موڪون سنڌ (سار شبد) بتاوي. تاڪي نڪٽ ڪال نهين آوي(20)

ڪهي ڏرم راءِ جائو سنسارا، آنهُ جيو نام آڌارا(21)

جو هنسا تمهري گُٽ گاوين، تاهي نڪٽ هم نهين جاوين(22)

جو ڪوئي لي هي شرڻ تمهاري. مم سر پگ دي هووي پاري(23)

هم تو تُم سنگ ڪينهہ دِنائي، تاتي جان ڪنهي لڙڪائِي(24)

ڪونِ اوگُن بالڪ ڪرهي، پتا ايڪ چت نهين ڏرهي(25)

جو پتا بالڪ ڪُون دي هَي نڪاري، تب ڪو رڪشا ڪري هماري(26)

سار نام ديڪو جيهہ ساٽا، تاهي هنس مين نوائُون ساٽا(27)

گياني (ڪبير) وچن

انوراگ ساگر جي صفحو نمبر 66 تي:-

جو تو هي ديهون سنڌ بتائي، تو ٿُون جيون ڪو هَئي هو دُکدائي (28)

تم پر پنچ جان هم پاوا، ڪال چلي نهين تمهارا دعويٰ (29)

ڏرم راءِ تو هي پرڪٽ پاڪا، گُپت انڪ بيرا هم راڪا (30)

جو ڪوئي ليهِي نام همارا، تاهي چوڙ تُم هو جانا نيارا (31)

جو تُم مور هنس ڪو روڪو پائي، تو تم رهن نهين پائي (32)

"ڏرم راءِ (ڪال نرنجن) وچن"

انوراگ ساگر جي واڻي مان صفحو نمبر 62 ۽ 63 کان:-

بيسڪ جائو گياني سنسارا، جيو نہ ماني ڪها تمهارا (33)

ڪها تمهارا جيو نا ماني، همري اور هوبي باد بڪاني (34)

درد قندا مين رچا بنائي، جا ۾ سڪل جيو اُرجهائي (35)

وید شاستر سمرت گٽ گانا، پُتر ميري تين پرڌانا (36)

تِنهُو بهُو باجي رچ رکا، همري مهما گيان مُک پاڪا (37)

ديول ديو پاشاڻ پوجائي، تيرٿ، ورت، جپ تپ من لائي (38)

پوجا وشوَ ديو اراڌي، يہ متي جيوون راڪا باندي (39)

جگ (يگيہ) هوم اور نيم اُچارا، اور انيڪ قند مين ڌارا (40)

"گياني (ڪبير) وچن"

هـــم نـي ڪها ســـنو انيائي، ڪاڻُون ڪنڊ جيـو لـي جائي (41)
جيـتي ڪنـڊ تُم رچي ويچاري، ستيہ شبد سي سيپي وڌاري (42)
جَـون جيـو هـم شبـد درڌاوي، ڪنـدتمهارا سڪل مُڪتاوي (43)
جب هي جيو چينهي گيان همارا، تج هي پرم سب تـور پسارا (44)
ستيہ نام جيـون سمجهاوين، هـنس اُپار لوڪ لي جاوين (45)
پُـرش ســمـرن سار بيـــرا، نام اويـــچل جناوهُون
شـيـش تـمـهـاري پاويـن دي ڪـي، هـنـس لـوڪ پـنـاهُـون (46)
تـاڪي نڪٽ ڪال نـهـين آوي، سنڊ ديڪ تا ڪـو سر ناوي (48)
(سنڊ = ستيہ نام + سار نام)

"ڏرم راءِ (ڪال) وچن"

پـنـڊ ايڪ تـم آپ چلائو، جيون ڪو ست لوڪ لي جائو (49)
دوادس پنڊ ڪرون مين ساجا، نام تمهارا لي ڪرون اواجا (50)
دوادس يـم سنسار پـنـائـون، نام ڪبير لي پنڊ چلائون (51)
پـرڻـم دُوت مـيـري پـرڪـنـي جائي، پيچي انش تمهارا آئي (52)
يهِي وڌي جـيـون ڪـو پـرمـائـون، آپن نام پُـرش ڪا بتائون (53)
دوادس پـنـڊ نـام جـو لـي هِـي، همري مُڪ ۾ آن سميهِي (54)

"گياني (ڪبير) وچن" چَوپائي

اڌياءِ "سوسم ويد بوڌ" صفحو نمبر 121:-

اري ڪـال پـــر پـنـــچ پـســارا، تـيـنـون يُـگ جـيـون دُڪ آڌارا (55)
بـيـنـتي تـيـري لـين مـين مـانـي، مـوڪـهـون نـگـي ڪـال ايـماني (56)
چـوٿا يُـگ جـب ڪـل يُـگ آئـي، تـب هـم اپـنـا انش پـنـائـي (57)
ڪال ڪنڊ چوٿي نر لوئي. سڪل سرشٽي پروانڪ (دڪشت) هوئي (58)
گهر گهر ديڪو بوڌ (گيان) ويچارا (چرچا)، ستيہ نام سب نور اُچارا (59)
پانچ هـزار پـانـچ سـو پـانـچا، تـب يهہ وچن هـوئـي گا ساچا (60)
ڪـلـيُـگ بـِيـت جـائـي جـب ايـتـا، سب جيو پرم پُرش پد چيتا (61)

پاوارٽ:- (واٽي نمبر 55 کان 61 تائين) پرميشور ڪبير جي چيو ٽہ هي ڪال! تو تمام وڏو جهنجهٽ رچي رکيو آهي. ٽي يُگن (ست يُگ، تريتا، دئاپُر) ۾ آتمائن کي تمام گهٽو ڏُک ڏيندين. جيئن تون چئي رهيو آهين. تو مون کان پرارٿنا ڪئي هئي، اُها قبول ڪري ورتي. تو مون سان دوکو ڪيو آهي، مگر چوٿون يُگ جڏهن ڪلجُگ ايندو، تڏهن آئون پنهنجو انش يعني ڪرپا پاترآتما موڪلينڊس. هي ڪال! تنهنجا ناهيل سڀ ڪنڊ يعني اگيان جي سهاري سان غلط گيان ۽ ساڌنا کي ست شبد ۽ ست گيان سان ختم ڪندو. اُنهي وقت پوري دنيا پروانڪ يعني اُنهي منهنجي سنت کان دڪشا ونڊي شش ٽيندا. اُنهي وقت تائين يعني جڏهن ڪليُگ پنج هزار پنج سو پنج نہ گذري ويندو، ست نام، مُول نام (سار شبد) ۽ مول گيان (تتو گيان) ظاهر نہ ڪرڻو آهي. پر جڏهن ڪل يُگ پنج هزار پنج سو پنج سال پورا ٽيندا، تڏهن گهر ـ گهر ۾ منهنجي اڌياتمڪ گيان جي چرچا ڪندا ۽ ست نام، سار شبد

سيني اُپديشين کي دان ڪيو ويندو. هي جيڪا ڳالهہ آئون چئي رهيو آهيان، اهو منهنجو وچن اُنهي وقت سڦل ٿيندو، جڏهن ڪل يُگ جا 5505 (پنج هزار پنج سو پنج) سال پورا ٿي ويندا. جڏهن ڪل يُگ ايترا سال گذري ويندو. تڏهن سيئي انسان پرم پُرش يعني ست پُرش جي پد مطلب اُنهي جي پرم پد کي سمجهي ويندا جنهن جي باري ۾ گيتا جي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 4 ۾ چيو آهي تہ تتودرشي سنت جي حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ ساڌڪ موڪي سنسار ۾ ڪڏهن بہ نہ ايندو. جنهن پرميشور سنسار روپي وڻ کي وستار ڪيو آهي مطلب جنهن پرميشور سرشٽي جي رچنا ڪئي آهي، اُنهي پرميشور جي پڄڻي ڪريو.

مٿئين واڌي جو آسان ارٿ آهي تہ اُن وقت اُن پرميشور جي پد (ست لوڪ) جي باري ۾ سيني کي مڪمل گيان هوندو.

سوسم ويد بوڌ صفحو نمبر 170:-

اٺ سوسم ويد جي سڦوت وارتا- چوپائي

ايڪ لاک اور اسي هجارا، پير پيغمبر اور اوتارا (62)

سو سب آهِي نرنجن ونشا، تن ڏري – ڏرين ڪرين نج پتا پرشنسا (63)

دش اوتار نرنجن ڪي ري. رام ڪرشڻ سب آهين بديري (64)

اِن سي بڑا جيوتي نرنجن سوئِي. يا ۾ قير بدل نهين ڪوئي (65)

پاو ارٿ:- پرميشور ڪبير جي ٻڌايو آهي تہ ڏهہ اوتار جنهن کي هندو مجين ٿا، اُهي سڀ ڪال جا موڪليل آهن. انهي ڏهہ اوتارن ۾ رام ۽ ڪرشن خاص آهن. اهي سڀ ڪال جي مهما ناهي سيني جيون کي ڀُلائي ڪال جي ساڌنا مضبوطي سان ڪري ويا آهن. انهي سيني جو مُکيہ جوتي نرنجن ڪال (برهم) آهي.

سوسم ويد بوڌ صفحو نمبر 171 (1515):-

ست ڪبير وچن

دوها:- پانچ هجار اور پانچ سوَ پانچ جب ڪليُگ بِيت جائي

مها پُرش فرمان تب جگ تارن ڪُون آئي (66)

هندو ترک آدي سبيَ، جيتي جيو جهان

ستيہ نام ڪي ساک گهِي، پاوين پد نروان (67)

يٹا سريت گڻ آپ هِي ، ملي سنڈو ۾ ڈائي

ست سُکرت ڪي مڊيہ تُم ، سب هي پنٿ سمائي (68)

جب لگ پورڻ هوئي نهين، نيڪ ڪا تٹي بار

ڪپٹ – چاٹُري تبهي لوَن، سوسوم بيد نراڌار (69)

سب هِي ناري – نر شُڌ تب ، جب نيڪ ڪا دن آونت

ڪپٹ چاٹُري چوڑ ڪي ، شرڻ ڪبير گهنت (70)

ايڪ انيڪ هوَ گئي، پُنهہ انيڪ هو ايڪ

هنس چلي ست لوڪ سب، ستيہ نام ڪي ٹيڪ (71)

گهر گهر بوڌ ويچار هو، دُرمتي دور پائي

ڪل يُگ ۾ سب ايڪ هوئي، برتين سمج سُپائي (72)

ڪهان اُگر ڪهان شُدر هو، هري سب کي پو پير (پيڑ)

سو سمان سم درشٹي هي، سمرٿ ستيہ ڪبير (73)

پاوارت:- پرميشور ڪبير جي ٻڌايو آهي تہ هي ڏرم داس! مون جوتي نرنجن يعني ڪال برهم کي بہ ٻڌايو هو، هاڻي توهان کي بہ ٻڌائي رهيو آهيان.

سوسم ويد بوڌ جي واڻي نمبر 66 کان 74 جو آسان ارث:- جنهن وقت ڪل يُگ پنج هزار پنج سو پنج سال گذري ويندو، تڏهن هڪ مهاپُرش دنيا کي پار ڪرڻ جي لاءِ ايندو. هندو، مسلمان وغيره - وغيره جيترا بہ پنٿ تيستائين نهندا ۽ جيترا جيو سنسار ۾ آهن، اُهي مانو شرير حاصل ڪري اُنهي مهاپُرش کان ست نام ونې ست نام جي شڪتي سان موڪش حاصل ڪندا. اُهو مهاپُرش جيڪا ست ڪبير پنٿ هلائيندو، اُن (تيرهين) پنٿ ۾ سڀ پنٿ خود بہ خود اهڙي تيز رفتار سان سمائجي ويندا جيئن الڳ الڳ ندين پنهنجو پاڻ ڏوڙي سمنڊ ۾ ملي ويندين آهن. اُن کي ڪير روڪي نٿو سگهي. ايئن اُنهي تيرهين پنٿ ۾ سب پنٿ تيزي سان ملي هڪ پنٿ نهي ويندو. مگر جيستائين نيڪ جو وقت نہ ايندو يعني ڪل يُگ پنج هزار پنج سو پنج سال پورا نہ ٿيندا، تيستائين آئون جيڪو هي گيان سوسم ويد چئي رهيو آهيان، توهان لکي رهيا آهيو، بي بنياد محسوس ٿيندو.

جنهن وقت اُهو مقرر ٿيل وقت ايندو. اُنهي وقت عورت- مرد سڻن خيالن ۽ پويتر وهنوار وارا ٿي ڪپٽ، غلط صحبت ڇڏي ڪري منهنجي (ڪبير جي جو) شرڻ گرهڻ ڪندا. پرماتما کان فائدو وٺڻ جي لاءِ هڪ "مانو" ڏرم مان انيڪ پنٿ (مذهبي گروهہ) نهي ويا آهن، اُهي سڀ وري هڪ ٿي ويندا. سڀئي هنس (نروڪار پڃٽ) آتمائون ست نام جي شڪتي سان ست لوڪ هليا ويندا. منهنجي اڌياتم گيان جي چرچا گهر گهر ۾ هوندي. جنهن ڪارڻ سڀني جي بدنيتي ختم ٿي ويندي. ڪليُگ ۾ وري هڪ ٿي سهج ورتاؤ ڪندا يعني شانتي سان زندگي گذارينداِ. ڪٿي اُگر مطلب جيڪڏهن ڦورو، ڪاسائي هجي، ڪوبہ بُرائي ڪرڻ وارو نيچ هوندو. پرماتما ست پڃٽي ڪرڻ واري جي پوپيڙ يعني دنياوي تڪليفون دُور ڪندو. ست ساڌنا سان سڀني جون دنياوي تڪليفون ختم ٿي ويندين ۽ اُنهي تيرهين پنٿ جو پرورتڪ (سربراهہ) سڀني کي هڪ نظر سان ڏسندو مطلب اوچ نيچ جو ڀيد ڀاو نہ ڪندو. اُهو سمرٿ ست ڪبير ئي هوندو. (مم سنت مجهي جان ميرا هي سَورُوپم)

سوال:- اُهو تيرهون پنٿ ڪهڙو آهي، اُن جو سربراهہ ڪير آهي؟

جواب:- اُهو تيرهون پنٿ "يٿارٿ ست ڪبير" پنٿ آهي. اُن جو سربراهہ خود پرميشور ڪبيرجي آهن. موجود وقت ۾ اُن جو هلائيندڙ اُن جو غُلام رام پال داس پُٽ سوامي رام ديوانند جي مهاراج آهي. (اڌياتمڪ نظر سان گرو جي کي پتا مجيو ويندو آهي جيڪو آتما جو پالڻ ڪندا آهن.)

ثبوت:- هونئن تہ سنت ڏرم داس جي پريوار پرمپرا وارن مهنتن سان جُڙيل عقيدتمندن ناسمجهي جي ڪارڻ تيرهون ونش ۽ هلائيندڙ ڏرمداس جي بند (ڪتنب) جي پيڙهي وارن کي ثابت ڪرڻ جي غلط جاکوڙ ڪري رهيا آهن مگر هاڻي جي ڪپڙن کي ڍڪي تي وجهي کو چوي تہ هي ڪپڙا ڍڪي جا آهن. عقلمند تہ جلد سمجهي ويندا تہ هي ڍڪي جا وستر نہ آهن. هي تہ ڍڪي کان ڪيترائي دفعا وڌي جانور جا آهن. چاهي هو اهو نہ ٻڌائي سگهي تہ اهي هاڻي جا آهن.

مثالطور:- پاڪ ڪبير ساگر جي اڌياءُ "ڪبير چريتربوڌ" جي صفحي نمبر 1834 ۽ 1835 تي لکيل آهي

"تيرهن گاڏين جي ڪاغذن کي لکڻ"

هڪ وقت دِلي جي بادشاهہ چيو تہ ڪبير جي 13 (تيرهن) گاڏين جي ڪاغذن کي ادائي ڏينهن يعني 60 ڪلاڪ ۾ لکي ڏي تڏهن آئون اُن کي پرماتما مڃي وڻندس. پرميشور ڪبير جي پنهنجو ڏنڌو اُنهي تيرهن گاڏين ۾ رکي ڪاغذن تي گهمايو. اُنهي وقت سڀني ڪاغذن ۾ امرت واڻي سمپورڻ اڌياتمڪ گيان لکي ڇڏيو. راجا کي وشواس ٿي ويو، مگر پنهنجي ڏرم جي ماڻهن (مسلمانن)جي دباءُ ۾ اُنهي سڀني گرنٿن کي دلي جي زمين ۾ پوري ڇڏيو. ڪبير ساگر جي اڌياءِ ڪبير چريتر بوڌ گرنٿ ۾ صفحو نمبر 1834 - 1835 تي غلط لکيل آهي تہ جڏهن مُڪتامڻي صاحب جو وقت ايندو ۽ اُن جو جهنڊو دلي نگر ۾ چڙهندو. تڏهن اُهي سڀ پستڪ زمين مان ڪڍيا ويندا. جيڪو مڪتامڻي اوتار (ڏرمداس جي) ونش جي تيرهين پيڙهي وارو هوندو.

جائزو:- مٿئين ليک ۾ ملاوت جو ثبوت هن ريت آهي تہ موجود وقت ۾ ڏرمداس جي ونش گادي داما کيڙا ضلع رائيڳڙھ صوبي چتيس ڳڙھ ۾ آهي. اُنهي گادي تي چوڏهين ونش گرو شري پرڪاش مُني نالي صاحب ويٺل آهي. تيرهون ونش گرو شري اُدت نالي صاحب هو جيڪو موجود وقت ۾ سنہ 2013 کان 15 سال پهرين 1998ع ۾ جسم ڇڏي ويا هئا. جيڪڏهن تيرهين گادي واري ونش گرو جي باري ۾ اهو لکيل هوندو تہ اُهي ڪيرائي ونن ۽ دلي ۾ جهنبو چاڙهين. ايئن نہ ٿيو تہ اُهو تيرهون پنٿ ڏرمداس جي جي ونش پرمپرا مان نہ آهي.

وري "ڪبير چريتر بوڌ" جي صفحو نمبر 1870 تي ڪبير ساگر ۾ 12 (بارنهن) پنٿن جا نالا لکيل آهن جيڪي ڪال (جوتي نرنجن) ڪبير جي جي نالي سان نقلي پنٿ هلائڻ جو چيو هو. اُن ۾ پهريون "نارائڻ داس" لکيل آهي. بارهون پنٿ غريب داس جو لکيل آهي. حقيقت ۾ پهريون پنٿ چوڙامڻي جي آهن، جاڻي واڻي ڪٽي چانٽي ڪئي آهي.

اُنهن کي ياد هوندو تہ پرميشور ڪبير جي نارائڻ داس جي کي شش بڻايو ئي نہ هو. نارائڻ داس تہ شري ڪرشن جي جو پوجاري هو. اُنهي تہ پنهنجي ننڍي پائي چوڙامڻي جي جو گهور وروڌ ڪيو هو.جنهن ڪارڻ شري چوڙامڻي جي قدرمال هليا ويا هئا. بعد ۾ بانڌوڳڙھ نگر نشت ٿي ويو هو. "ڪبير چريتر بوڌ" ۾ صفحو نمبر 1870 تي بارهن پنٿن جي سربراهن جا نالا لکيل آهن. اُنهي ۾ پهريون غلط نالو لکيل آهي. باقي نيڪ لکيل آهي.

1. نارائڻ داس جي جو پنٿ 2. ياگو داس (جاگُو داس) جي جو پنٿ 3. سُورت گوپال پنٿ 4. مُول نرنجن پنٿ 5. ٽڪساري پنٿ 6. پگوان جي جو پنٿ 7. ست نامي پنٿ 8. ڪمالہ (ڪمال جي جو) پنٿ 9. رام ڪبير پنٿ 10. پريم ڏام (پرم ڏام) جي واڻي پنٿ 11. جيوا داس پنٿ 12. غريب داس پنٿ.

پوءِ وري "ڪبير واڻي" اڌياءِ جي صفحو نمبر 134 تي ڪبير ساگر ۾ لکيل آهي تہ:

"ونش پرڪار"

پهريون ونش اُتم (اهو چُوڙامڻي جي باري ۾ چيل آهي)
ٻيون ونش اهنڪاري (اهو ياگُو يعني جاگُو داس جي جو آهي)
ٽيون ونش پرچنڈ (اهو سُورت گوپال جي جو آهي)
چوٿون ونش بِيرهي (هي مول نرنجن پنٿ آهي)
پنجون ونش نندرا (هي ٽڪساري پنٿ آهي)
ڇهون ونش اُداس (هي پگوان داس جي جو پنٿ آهي)
ستون ونش گيان چتُرائي (هي ست نامي پنٿ آهي)
اٺون ونش دوادس پنٿ وروڌ (هي ڪمال جي جو ڪمالہ پنٿ آهي)
نائون ونش پنٿ پوجا (هي رام ڪبير پنٿ آهي)
ڏهون ونش پرڪاش (هي پرم ڏام جي واڻي پنٿ آهي)
يارهون ونش پرڪٽ پسارا (هي جيوا پنٿ آهي)

بارهون ونش پرڪٽ هوئي اُجيارا (هي سنت غريب داس جي ڳوٺ ڇُڙاڻي ضلع جهجر، صوبو هرياڻا وارو پنٿ آهي جنهن پرميشور ڪبير جي سان ملڻ ڪانپوءِ اُن جي مهما جو ۽ يٿارٿ گيان کي چيو جيڪو پرميشور ڪبير جي جي مهما جو ڪجھ پرڪاش ٿيو.

تيرهين ونش متي سڪل انڌيارا {هي يٿارٿ ڪبير پنٿ آهي جيڪو سنہ 1994ع کان شروع ٿيو آهي جيڪو مون داس (رام پال داس) طرفان هلي رهيو آهي}

داما کيڙا واري ڏرم داس جي جي ونش گادي وارن اصل راز لکائڻ جي کوشش ڪئي تہ آهي، پر سچائي کي متائي نہ سگهيا.

ڪبير ساگر جي اڌياءِ "ڪبير واڻي" جي صفحو نمبر 136 تي:-

دوادش پنٿ چلو سو پيد

دوادش پنٿ کال فرمانا، پولي جيو نہ جائي نڪانا
تاتين اگم ڪهہ هم راکا، ونش همارا چُڙامڻي شاخا
پرٿم جگ ۾ جاگُو پرماوي، بنا پيد وه گرنٿ چُراوي
دوسر سُرت گوپال هوئي، اڪشر جو جوگ درڀاوي. سوئي

(**جائزا:-** هتي پهريون پنٿ جاگُوداس ٻُڌايو آهي جڏهن تہ واڻي ثابت ڪري رهي آهي تہ پهريون ونش چُوڙامڻي آهي. ٻيون جاگوداس. اهو ئي ثبوت "ڪبير چريتر بوڌ" صفحو نمبر 1870 ۾ آهي. ٻيون پنٿ جاگُوداس آهي. اڌياءِ "سوسم وید بوڌ" جي صفحي نمبر 155 (1499) تي بہ ٻيون جاگُوداس لکيل آهي. هتي پهريون لکي ڇڏيو. هتي پهريون چُوڙامڻي پنٿ لکڻ صحيح آهي)

تيسرا مول نرنجن باني ، لوڪ وید کي نرٽيہ ڀاني

(هي چوٿون لکڻ گهرجي)

چوٿي پنٿ ٽڪسار (ٽڪساري) پيد لو آوي. نير پون کو سنڌ بتاوي.

(هي پنجون لکڻ گهرجي)

پانچوان پنٿ بيج کو ليکا. لوڪ پرلوڪ کهي هم ۾ ديکا.

(هي پگوان داس جو پنٿ آهي جيڪو ڇهون لکڻ گهرجي ها)

ڇٺا پنٿ ست نامي پرڪاشا، گهٽ کي مانهين مارگ نواسا.

(هي ستون پنٿ لکڻ گهرجي)

ساتوان جيو پنٿ لي بولي باني، ٻيو پرتيت مرم نهين جاني.

(هي انون ڪمال جي جو پنٿ آهي)

آنوان رام ڪبير ڪهاوي، ستگرو پرم لي جيو درڀاوي

(حقيقت ۾ هي نائون پنٿ آهي)

نَومين گيان کي ڪلا دکاوي، ٻئي پرتيت جيو سڪ پاوي

(حقيقت ۾ يارهون جيو پنٿ آهي. هتي نائون غلط لکيل آهي)

دسوين پيد پرم ڏام کي باني، ساک هماري نرٽيہ ڀاني.

(هي نيڪ لکيل آهي، مگر يارهون نہ لکيو. جيڪڏهن پهريون چُوڙامڻي جي جو مجو تہ صحيح ڪم نهي ٿو. حقيقت ۾ پهريون چُوڙامڻي جي آهن. هن ڪانپوءِ ٻارهين پنٿ غريب داس جي واري پنٿ جو ذڪر شروع ٿيندو آهي. سنت غريب داس جي جو جنم سنبت 1774 (سترهن سو چوهتر) ۾ ٿيو آهي. هتي غلطي سان سترهن سو پنجهتر لکيل آهي. هي پرنٿ ۾ غلطي آهي)

سنبت سترهن سو پچهتر (1775) هوئي. تا دن پريم پرڪٽين جگ سوئي
آگيا رهي برهم بوڌ لاوي، ڪولي چمار سب کي گهر ڪاوي
ساکي هماري لي جيو سمجهاوي، اسنکيہ جنم ٹور نهين پاوي

بارهوين پنٺ پرگهٽ هووي باني ، شبد هماري کي نرٽيه ناني
استر گهر کا مرم نهين پاوي، يه بارهوان پنٺ هم هِي (کبيرجي) کو ڏياوي
بارهين پنٺ هم هي (کبير جي هي) چل آوين. سپ پنٺ مٺا ايک هي پنٺ چلاوي
پرٽم چرڻ کليُگ نريانا (نرواڻ). تب مگهر مانڊو ميدانا

پاو ارٿ:- هتي بارهين پنٺ سنت غريب داس واري ۾ واضح آهي جو ته سنت غريب داس جي کي پرميشور کبير جي ملیا هئا ۽ اُن جو گيان يوگ کولي ڇڏيو هو. تڏهن سنت غريب داس جي پرميشور کبير جي مهما جي واٽي ڇئي جيکو گرنٿ روپ ۾ هلندڙ وقت ۾ پرنٽ کرايو ويو آهي. ويچار کرڻو آهي. سنت غريب داس جي جي پنٺ تائين 12 (بارهن) پنٺ هلي چُڪا آهن. اهو به لکيل آهي ته پلي ئي سنت غريب داس جي منهنجي مهما جي ساکي ــ شبد چوپائي لکي آهي، مگر اُهي بارهين پنٺ جا پوئلڳ پنهنجي پنهنجي عقل سان واٽي جو ترجمو کندا، مگر صحيح طرح سان نہ سمجهي سنت غريب داس جي تائين واري پنٺ جي پوئلڳن يعني بارهن پنٺن وارن منهنجي واٽي کي صحيح طرح سمجهي نہ سگهندا. جنهن کري کيترن ئي جنمن تائين ست لوک وارو امرڏام استان حاصل نہ کري سگهندا. هي بارهن پنٺن وارا کبير جي جي نالي سان پنٺ هلائيندا ۽ منهنجي نالي سان مهما حاصل کندا، مگر اهي بارهن جا بارهن پنٺن وارا پوئلڳ استر يعني لافاني گهر (ست لوک) کي حاصل نہ کري سگهندا. پوءِ چيو آهي ته اڳتي هلي بارهين پنٺ (سنت غريب داس جي واري پنٺ ۾) آئون يعني خود کبير جي ئي هلي ايندس، تڏهن سيني پنٺن کي مٽائي هڪ پنٺ هلائيندس. کليُگ جو اهو پهريون چرڻ هوندو، جنهن وقت ۾ آئون (کبير جي) سنبت 1575 (عيسوي سن 1518) کي مگهر نگر (اُتر پرديش) کان موکش حاصل کندس يعني کو ليلا کري ست لوک ويندس.

پرميشور کبير جي کليُگ کي تن چرڻن ۾ ورهايو آهي. پهريون چرڻ ته اُهو آهي جنهن ۾ پرميشور ليلا کري وجي چُڪا آهن. وچئين پيڑهي اُها آهي جڏهن کليُگ پنج هزار پنج سو پنج سال گذري ويندو. آخري چرڻ ۾ سپ کرت گهني (احسان فراموش) ٿي ويندا، کوبہ پڳتي نہ کندو.

مون داس (رامپال داس) جو قيام سنت غريب داس جي واري بارهين پنٺ کان ٿيو آهي. اهو تيرهون پنٺ هاڻي هلي رهيو آهي. پرميشور کبير جي هلايو آهي. گرو مهاراج سوامي رام ديوانند جي جو آشيرواد آهي. هي کامياب ٿيندو. سڄي دنيا پرميشور کبير جي پڳتي کندي.

سنت غريب داس جي کي پرميشور کبير جي ستگرو روپ ۾ ملیا هئا. پرماتما ته کبير جي ئي آهن. هُو پنهنجو گيان پُڌائڻ لاءِ خود زمين تي ۽ ٻين لوکن ۾ پرگهٽ ٿيندا آهن. سنت غريب داس جي "اسُر نکندن رميٽي " ۾ چيو آهي ته "**ستگرو دلي منڊل آئسي، سوتي ڏرتي سوم جگائسي. دلي کي تخت چتر قبر پي قرائسي، چوسٺ جوگني منگل گائسي**"

سنت غريب داس جي جا ستگرو "پرميشور کبير جي بندي چوڙ" هئا.

پرميشور کبير جي کبير ساگر اڌياءِ "کبير واٽي" صفحو نمبر 136 ۽ 137 تي چيو آهي ته بارهون پنٺ سنت غريب داس جي ذريعي هلايو ويندو.

سنبت سترهن سو پچهتر (1775) هوئي، تا دن پريم پرکٽين جگ سوئي
ساکي هماري لي جيو سمجهاوي، اسنکيه جنم نور نهين پاوي
بارهوين پنٺ پرگهٽ هووي باني، شبد هماري کي نرٽيه ناني
استر گهر کا مرم نهين پاوي، يه بارهوان پنٺ هم هِي (کبيرجي) کو ڏياوي
بارهوين پنٺ هم هِي چل آوين، سپ پنٺ مٺا ايک هي پنٺ چلاوي

پاوارت:- پرميشور کبيرجي واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ ٻارهين پنٿ تائين جا پوئلڳ منهنجي مهما جي ساکي جيڪو مون (پرميشور کبير جي) خود ڇئي آهي جيڪا کبير ساگر، کبير ساکي، کبير بيجڪ، کبير شبداولي وغيره وغيره گرنٿن ۾ لکيل آهن. اُن کي ۽ منهنجي ڪرپا سان غريب داس جي طرفان ٻُڌايل واڻي جي لکيل راز کي صحيح طرح نہ سمجهي خود غلط تشريح ڪري پنهنجن ششن کي سمجهائيندا، مگر ست کان واقف ٿي ڪري ڪيترائي جنم لافاني مڪان مطلب سناتن پرم ڌام (ست لوڪ) کي حاصل نہ ڪري سگهندا. وري آئون (پرميشور کبير جي) اُنهي غريب داس واري پنٿ ۾ ايندس جيڪو ڪليُگ ۾ پنج هزار پنج سو پنج سال پوري ٿيڻ تي يٿارٿ ست کبير پنٿ هلايو ويندو. اُنهي وقت تتو گيان جي گهر گهر ۾ چرچا هلندي. تتو گيان کي سمجهي سڀ سنسار جا منش منهنجي پڄتي ڪندا. سڀئي سنٿ ويچارن وارا بڻجي شانتي سان رهندا. انهي مان ظاهر آهي تہ تيرهون پنٿ جيڪو يٿارٿ کبير پنٿ آهي، اُهو هاڻي مون داس (رامپال داس) ذريعي هلايو پيو وڃي. ڪرپا پرميشور کبير صاحب جي آهي. جڏهن پرميشور کبير جي" توتادر" مڪان تي برهمڻ جي پنڌاري ۾ پاڻي کان وڌ ــ منتر چورائي سگهندا آهن تہ اُهي خود بہ ڇئي سگهندا هئا. طاقتور جي طاقت انهي ۾ آهي تہ اُهو جنهن ۾ چاهي، پنهنجي مهما جي واقفيت ڏياري سگهندا آهن. شايد انهي لاءِ پرميشور کبير جي پنهنجي ڪرپا سان مون داس (رامپال داس) کان هي تيرهون پنٿ هلايو آهي.

"موجود وقت ۾ ڪليُگ ڪيترو گذري چڪو آهي"

هندو ڌرم ۾ آدي شنڪر آچاريہ جي خاص جگهہ آهي. ٻين لفظن ۾ چئون تہ هندو ڌرم جو حفاظت ڪندڙ ۽ سرجيون داتا بہ آدي شنڪر آچاريہ جي آهن. اُن کان پوءِ جيڪو پرچار اُن جي چيلن ڪيو، اُن جي نتيجي ۾ هندوئن ۾ ديوتائن جي پوجا جي لهر آئي آهي. اُن جا اشٽ ديو شري شنڪر پڳوان آهن. اُن جي پوجہ ديوي پاروتي جي آهن. اُن سان گڏ شري وشنو جي ۽ ٻين ديوتائن جا پوجاري آهن. خاص ڪري "پنج ديو پوجا" جو قانون آهي.

1. شري برهما جي 2. شري وشنو جي 3. شري شنڪر جي 4. شري پاراسر رشي جي 5. شري ڪرشن جي دوپيائن عرف وياس جي پوجہ آهن.

پُستڪ "جيوني آدي شنڪر آچاريہ" ۾ لکيل آهي تہ آدي شنڪر آچاريہ جي جو جنم 508 سال عيسيٰ جي کان پهرين ٿيو هو.

وري پُستڪ "همالياہ تيرٿ" ۾ اڳڪٿي ڪئي هئي جيڪو آدي شنڪر آچاريہ جي جي جنم کان اڳ ڪئي آهي. چيو آهي تہ آدي شنڪر آچاريہ جي جو جنم ڪليُگ جي ٽن هزار سال گذري وڃڻ کان پوءِ ٿيندو.

هاڻي ڳٽڻ جي طريقي سان جانچ ڪري ڏسون تا. موجود وقت ۾ يعني 2012ع ۾ ڪليُگ ڪيترو گذري چُڪو آهي؟

آدي شنڪر جي جو جنم عيسيٰ جي جي جنم کان 508 سال پهرين ٿيو هو.

عيسيٰ جي جي جنم کي ٽي ويا 2012 سال.

شنڪر آچاريہ جي کي ڪيترا سال ٽي ويا = 2520 = 508+ 2012 سال.

مٿان کان حساب لڳايو تہ شنڪر آچاريہ جي جو جنم ٿيو = ڪليُگ 3000 سال گذري وڃڻ تي.

ڪُل سال 2012 ۾ ڪليُگ ڪيترو گذري چُڪو آهي = 3000 + 2520 = 5520 سال .

هاڻي ڏسون تا تہ 5505 سال ڪليُگ ڪهڙي عيسوي سن ۾ پورو ٿئي ٿو. 5520ـ 5505 = 15 سال 2012 کان پهرين.

2012ـ15 = 1997 عيسوي سن تي ڪليُگ 5505 سال پورو ٿي ويندو آهي. سنبت جي حساب سان ڦڳڻ مهيني يعني فيبروري ــ مارچ ۾ پورو ٿي ويندو آهي.

جيڪي سنت جن مجين تا تہ شريمد پگونت گيتا 5151 سال اڳ ڇئي وئي هئي. اُهو غلط آهي.

"گرو بغير موڪش ناهي"

سوال:- ڇا گرو ڪانسواءِ پڇڻي نڻي ڪري سگهجي؟

جواب:- پڇڻي ڪري سگهجي ٿي، مگر فضول ڪوشش رهندي.

سوال:- ڪارڻ ٻڌايو؟

جواب:- پرماتما جو قانون آهي جيڪو سوڪشم وید ۾ چيل آهي:-

ڪبير، گرو بن مالا قيرتي، گرو بن ديتي دان
گرو بن دونون نشفل هو، پوچو وید پُراڻ
ڪبير، رام ڪرشن سي ڪَون بڑا، اُنهون بي گرو ڪين
تين لوڪ ڪي وي ڈڻي، گرو آگي آڏين
ڪبير، رام ڪرشن بڑي تنهون پُر راجا
تن گرو بند ڪينهه نج ڪاجا

پاوارٿ:- گرو ڌارڻ ڪرڻ ڪانسواءِ جيڪڏهن نام جاپ جي مالا قيربندا آهن ۽ دان ڏيندا آهن، اُهي ٻئي فضول آهن. جيڪڏهن توهان کي شڪ آهي ته پنهنجن ويدن ۽ پُراڻن ۾ ثبوت ڏسو.

شريمد پگونت گيتا ڇئني ويدن جو نچوڙ آهي. گيتاجي اڌياءِ نمبر 02 شلوڪ نمبر 07 ۾ ارجن چيو ته هي شري ڪرشن! آئون توهان جو شش آهيان، توهان جي شرڻ ۾ آهيان. گيتاجي اڌياءِ نمبر 04 شلوڪ نمبر 03 ۾ شري ڪرشن جي ۾ داخل ٿي ڪري ڪال برهم ارجن کي چيو ته ٿُون منهنجو پڇڻ آهين. پُراڻن ۾ ثبوت آهي ته شري رامچندر جي رشي وششٹ جي کان نام دڪشا ورتي هئي ۽ پنهنجي گهر ۽ راج ڪاج ۾ گرو وششٹ جي کان آگيا وني ڪم ڪندا هئا. شري ڪرشن جي رشي سنديپني جي کان اڪشر گيان حاصل ڪيو ۽ شري ڪرشن جي جي اڌياتمڪ گرو شري درواسا رشي جي هو.

ڪبير پرميشور جي اسان کي سمجهائڻ چاهيندا آهن ته توهان شري رام ۽ شري ڪرشن جي کان ته ڪنهن کي وڏو مطلب شڪتي وارو نڻا مجو. اُهي ته ڻنهي لوڪن جا مالڪ هئا، اُنهن به گرو بڻائي پنهنجي پڇڻي ڪئي ۽ انساني زندگي سڦل ڪئي. انهي مان سمجه ۾ گيان ٿي وڃڻ گهرجي ته ٻيا ماڻهو جيڪڏهن بغير گرو جي پڇڻي ڪندا آهن ته ڪيترو صحيح آهي؟ مطلب فضول آهي.

بغير گرو جي ڏيکا سيکي چيل يا ٻڌل پڇڻي کي لوڪ وید جي مطابق پڇڻي ڪندا آهن. لوڪ وید جو مطلب آهي، ڪنهن علائقي ۾ هلندڙ پڇڻي جو گيان جيڪو تتو گيان جي اُبتڙ هوندو آهي. لوڪ وید جي مطابق هي داس (سنت رام پال داس) شري هنومان جي، بابا شيام جي، شري رام، شري ڪرشن، شري شوجي ۽ ديوي ديوتائن جي پڇڻي ڪندو هو. هنومان جي پڇڻي ۾ منگل وار جو ورت، بوندي جو پرساد ورهائڻ خود ديسي گيهه جو چُرمو ڪائيندو هئس، بابا هنومان کي ڍالڍا بناسپتي گيهه مان ڻهيل ٻُندي جو پوگ لڳائيندو هئس. هري رام، هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري جو منتر جاپ ڪندو هئس. ڪنهن ٻڌايو آهي ته:-

اوم نام سب سي بڑا، اس سي بڑا نه ڪوئي
اوم نام ڪا جاپ ڪري، تو شڏ آتما هوئي

انهي ڪري اوم نام جو جاپ شروع ڪري ڇڏيو. اوم نمهه شوايه، هي شو جو منتر جاپ ڪندو هئس. اوم پگوت واسو ديوايه نمهه، هي وشنو جي جو جاپ ڪندو هئس. تيرٿن تي وڃڻ، دان ڪرڻ، اُتي سنان ڪرڻ، هي به لوڪ وید جي مطابق ڪرڻ ويندو هئس.

جيئن گهر ۾ سُک ٿيندو آهي تہ آئون مجيندو هئس تہ هي سڀ منهنجي مٿي ذکر ڪيل پڄڻي جي ڪارڻ ٿي رهيا آهن. جيئن امتحان ۾ پاس ٿيڻ، شادي ٿيڻ پُٽ ۽ ڌيئرن جو جنم ٿيڻ ۽ نوڪري لڳڻ. اهي سڀ سُک مٿئين ساڌنا جي ڪري ئي مجيندو هئس. ڪبير پرميشور جي سوڪشم ويد ۾ چيو آهي:-

ڪبير، پيچي لاگيا جائون ٽا، مين لوڪ وید کي سات

راستي ۾ ستگرو ملي، ديپڪ دينہ هات

پاوارٿ آهي تہ ساڌڪ لوڪ وید مطلب ڏند ڪٿا جي مطابق پڄڻي ڪري رهيو هئس. اُنهي شاسترن جي اُبتڙ ساڌنا جي مارگ تي هلي رهيو هئس. رستي ۾ مطلب پڄڻي مارگ ۾ هڪ ڏينهن تتودرشي سنت ملي ويو. اُن شاسترن جي وڌي مطابق شاسترن جي ثبوتن وارو ساڌنا روپي ڏيئو ڏئي ڇڏيو مطلب ست شاسترن مطابق ساڌنا جو گيان ڪرايو تہ زندگي برباد ٿيڻ کان بچي ويئي. ستگرو طرفان ٻڌايل تتو گيان جي روشني ۾ خبر پئي تہ آئون غلط پڄڻي ڪري رهيو هئس. شريمد پگونت گيتا اڌياءِ نمبر 16 شلوڪ نمبر 23 - 24 ۾ چيو آهي تہ شاسترن جي وڌي کي ڇڏي ڪري ساڌڪ من مرضي مطابق ساڌنا ڪندا آهن، اُنهن کي نہ تہ سُک هوندو آهي، نہ سِڌِي حاصل ٿيندي آهي ۽ نہ ئي گتي مطلب موڪش حاصل ٿيندو آهي مطلب غلط ساڌنا آهي. پوءِ گيتاجي اڌياءِ نمبر 16 شلوڪ نمبر 24 ۾ چيو آهي تہ ارجن! انهي سان تنهنجي لاءِ ڪرتويہ ۽ اَڪرتويہ جي بندوبست ۾ شاستر ئي ثبوت آهن.

جيڪو مٿئين ساڌنا هي داس (سنت رامپال داس) ڪندو هو ۽ سڄو هندو سماج ڪري رهيو آهي، اُهي سڀ گيتاجي ۽ ويدن ۾ بيان نہ هئڻ سان شاسترن جي اُبتڙ ساڌنا ٿي جيڪو غلط آهي.

ڪبير، گرو بن ڪاهو نہ پايا گيانا، جيون ٽوٽا پُس چڑي مُوڊ ڪسانا

ڪبير، گرو بن وید پڑهي جو پراڻي، سمجهي نہ سار رهي اگياني

انهي ڪري گرو جي کان وید شاسترن جو گيان پڑهڻ گهرجي جنهن سان ست پڄڻي جي شاسترن مطابق ساڌنا ڪري مانش جيون ڪامياب ٿي وڃي.

"پورڻ گرو جي وچن جي شڪتي سان پڄڻي ٿيندي آهي"

مثال:- گرو جي کان دڪشا ونهي پڄڻي ڪرڻ فائديمند آهي. بغير گرو جي پڄڻي ڪرڻ سان ڪوبہ لاڀ نہ ٿيندو.

مثالطور:- هڪ راجا جي راڻي تمام ڏرمي هئي. اُنهي پرميشور ڪبير جي کان گرو دڪشا ونهي رکي هئي. اُهو هرروز گرو درشن جي لاءِ ويندي هئي. راجا کي هي سنو نہ لڳندو هو، مگر اُهو پنهنجي پتني کي اُتي وڃڻ کان روڪي نہ رهيو هو. ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ هُو تمام وڏي شڪتي شالي راجا جي چوڪري هئي، ٻيو هو پنهنجي پتني کي راضي ڏسڻ چاهيندو هو.

هڪ ڏينهن راجا پنهنجي پتني کي چيو تہ تون ناراض نہ ٿئين تہ هڪ ڳالهہ چوان؟ راڻي چيو ڇئو! راجا چيو تہ تون پنهنجي گرو وٽ ويندي آهين، پڄڻي تہ گرو جي بغير بہ ٿي سگهي ٿي. راڻي چيو تہ گروجي ٻُڌايو آهي تہ گرو جي بغير پڄڻي ڪرڻ فضول آهي. راجا چيو تہ آئون توسان گڏ سپاڻي تنهنجي گروجي سان ملندس، اُن کان اها ڳالهہ واضح ڪرائيندس.

راجا سنت جي کان سوال ڪيو تہ توهان عوام کي بيوقوف بڻائي رهيا آهيو تہ بغير گرو پڄڻي نہ ٿيندي، چو پڄڻي سڏل نہ ٿيندي؟ نام منتر جاپ ڪرڻا هوندا آهن. هڪ ٻئي کان پُڇي جاپ ڪري ونجي، ڪافي آهي. سنت چيو تہ راجن! توهان جي ڳالهہ ۾ دم آهي، آئون توهان جي راج دربار ۾ ايندس. اُتي انهي ڳالهہ جو جواب ڏينڊس. مقرر ڏينهن تي سنت جي راجا جي دربار ۾ ويو. راجا سنگهاسڻ تي ويٺل هو، چؤ طرف سپاهي بيٺل هئا. سنت جي ويهڻ جي لاءِ الڳ سان ڪرسي رکي هئي. سنت جي ويندي ئي چؤ طرف بيٺل سپاهين کي راجا جي طرف هٿ ڪري چيو تہ انهي کي گرفتار ڪري ونو. سپاهي ڇُريا بہ ڪونہ. سنت جي لڳاتار ٽي دفعا اهو ساڳيو حڪم ڏهرايو تہ هن کي گرفتار ڪري ونو، مگر راجا کي سپاهين گرفتار نہ ڪيو.

راجا کي سنت جي تي ڪروڌ اچي ويو تہ هي نيچ منهنجي پٽني کي انهي لاءِ بهڪائي رهيو آهي تہ هن جي راج کي حاصل ڪري ونڻ. راجا هڪ دفعو چيو تہ سپاهيو! هن کي گرفتار ڪري ونو. راجا جي هٿ جو سنت جي طرف اشارو هو. اُنهي وقت سپاهين سنت کي گرفتار ڪري ورتو.

سنت جي چيو تہ راجن! توهان پنهنجي گهر تي گهرائي سنت جي بيعزتي ڪري رهيا آهيو، هي سُني ڳالهہ ناهي. راجا چيو تون اها کهڙي بڪواس ڪري رهيو هئين؟ مون کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏيئي رهيو هئين. سنت چيو آئون توهان جي اُنهي سوال جو جواب ڏيئي رهيو هئس تہ گرو کان دڪشا ونڊي پڄتي ڪرڻ ڇو فائديمند آهي؟ مون کي ڇڏايو تہ توهان کي جواب ڏيان. راجا سپاهين کي چيو تہ ڇڏي ڏيو. سپاهين سنت کي ڇڏي ڏنو. سنت چيو تہ هي راجا جي! مون ساڳيا الفاظ چيا هئا، "هن کي گرفتار ڪري ونو" سپاهي ڇُرپا ٻہ کين. توهان ٻہ ساڳيا ئي الفاظ چيا هئا تہ سپاهين مون کي گرفتار ڪري ورتو. توهان جي وچن ۾ راج جي شڪتي آهي. منهنجي وچن ۾ اڌياتمڪ شڪتي آهي. توهان اُنهي نام جاپ جي لاءِ ڪنهن کي پڄتي ڪرڻ لاءِ چوندين تہ اُهو منتر ڪوبہ ڪم نہ ڪندو. آئون اهوئي نام جاپ ڪرڻ جو چوندس تہ يڪدم ڪم ڪرڻ شروع ڪندو. اُنهي ڪري پورڻ سنت کان دڪشا ونڻ سان ساڌڪ ۾ اڌياتمڪ شڪتي شروع ٿي ويندي آهي، اُن جي آتما ۾ پڄتي جو بج ڦٽي نڪري ايندو آهي. سوڪشم وید ۾ چيو آهي تہ:-

"ستگرو پشو مانش کر ڌاري، ستہ ديئہ کر برهم بچارين."

پاوارت:- ستگرو پهرين منش کي ستسنگ ٻڌائي ٻڌائي نيڪ انسان ناهيندا آهن، سيني ٻراين کي ڇڏائيندو آهي. پوءِ پنهنجي پڄتي جي سڌي مطلب شڪتي شش جي اندر ۾ شبد سان داخل ڪري برهم مطلب پرماتما جي ساڌنا ڪرڻ جا ويچار مضبوط ڪندا آهن جنهن سان ساڌڪ جي شرڌا پڄت ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندي آهي. پوءِ اهو ديوتا ٿي ويندو آهي. ڪبير جي چيو آهي تہ:-

ڪبير، بلهاري گرو آپنا، گهڙي- گهڙي سو- سو بار
مانش سي ديوتا ڪيا، ڪرت نا لائي بار

انهي ڪري چيو آهي تہ:-

ڪبير، گرو بن مالا ڦيرتي، گرو بن ديتي دان
گرو بن دونون نشفل هو، پوچو وید پُراڻ
يوگ، يگيہ تپ دان ڪراوين، گرو ومُک ڦل ڪيِي نهين پاوين.

پاوارت:- بغير گرو جي نام جاپ جي مالا ڦيريندا آهن يا دان ڏيندا آهن، اُهو فضول آهي. هي ويدن ۽ پُراڻن ۾ ٻہ ثبوت آهي. پوءِ آخري چوپائي جو مطلب آهي تہ جيڪڏهن دڪشا ونڊي وري گرو کي چڏي اُنهي منترن جو جاپ ڪندو رهي ۽ يگيہ، هون، دان ٻہ ڪندو رهي، اُهو ٻہ فضول آهي. اُن کي ڪوبہ لاڀ نہ ٿيندو.

ڪبير، تاتي ستگرو شرڻ ليجئہ، ڪپٽ پاو سيِ دور ڪريجئہ.

ٻيو ثبوت:-

ڪبير، گرِ يوگيشور گرو بنا، ڪرتي هري کي سيو
ڪهہ ڪبير بئڪُنٹ سي، ڦير ديا شڪديو
راجا جنڪ گرو ڪيا، ڦر ڪينهي هري کي سيو
ڪهي ڪبير بئڪُنٹ ۾، چلي گئي شڪديو

پاوارٿ:- رشي ويدوياس جي جي پُٽ سُکديو جي پنهنجي پورب جنم جي پڄڻتي جي شڪتي سان اُڏامي سرڳ ۾ هليو ويندو هو. هڪ ڏينهن هُو شري وشنو جِي جي لوڪ ۾ نهيل سرڳ ۾ داخل ٿيڻ لڳو. اُتي جي پهريدارن رشي سُکديو جي کي سرڳ جي دروازي تي پُڇيو تہ رشي سُکديو جي پنهنجي پوجڻ گرو جِي جو نالو ٻُڌايو؟ سُکديو جي چيو تہ گرو جي کهڙي ضرورت آهي؟ ٻيا گرو ڏارڻ ڪري هتي آيا آهن، مون خود ۾ ايتري شڪتي آهي تہ آئون بغير گرو جي هتي اچي ويو آهيان. پهريدارن ٻُڌايو تہ رشي جي هي توهان جي پورب جنم ۾ گڏ ٿيل پڄڻتي جي شڪتي آهي. جيڪڏهن وري گرو ڏارڻ ڪري پڄڻتي نہ ڪندين تہ پورب جي پڄڻتي ڪجهہ ڏينهن هلندي. توهان جي انساني زندگي برباد ٿي ويندي.

مثالطور:- موجوده وقت ۾ اِنورٽر جي بئٽري جو چارجر لڳائي چارج ڪري رکيو آهي. جيڪڏهن چارجر هٽايو وڃي تہ به اِنورٽر پنهنجو ڪم ڪندو رهندو ڇو تہ اُن ۾ پاور گڏ ٿي ڇُڪو آهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ اُهو سپ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي، نہ ٽيوب لائيٽ ٻرندي، نہ پنکو هلندو. اُن کي وري چارج ڪرڻ ضروري آهي. اُن جي لاءِ چارجر گهرجي. چارجر گرو سمجهو، بجلي پرميشور سمجهو.

رشي سکديو ۾ پنهنجي ستي جو ايمان هو، اُهو نہ مڃيو. ڳالهہ پڳوان وشنو تائين پهچي وئي. شري وشنو جي به اها ئي ڳالهہ ڄئي تہ رشي جي پهرين توهان گرو بڻايو، پوءِ هتي اچو. سُکديو جي چيو پڳوان پرٿوي لوڪ تي منهنجي برابر ڪوبہ نہ آهي، نہ ڪو وڏي جو گرو آهي. براءِ مهرباني توهان ئي ٻُڌايو تہ آئون ڪنهن کي گرو بڻايان؟ شري وشنو جي ٻُڌايو تہ توهان راجا جنڪ کي گرو بڻايو. ايترو ڄئي شري وشنو پنهنجي محل ۾ هليا ويا. سُکديو رشي واپس پرٿوي تي آيو. راجا جنڪ کان دڪشا وٺي اُن جي ٻُڌايل پڄڻتي منترن جو جاپ ڪيو، تڏهن رشي سکديو جي کي سرڳ ۾ رهڻ ڏنو. انهي ڪري گرو بڻائي پڄڻتي ڪرڻ سان ئي ڪاميابي ممڪن آهي. بغير گرو پڄڻتي، دان، وغيره وغيره ڪرڻ فضول آهي.

❖ گرو پورڻ هجي، ڪوڙي گرو سان ڪوبہ فائدو نہ ٿيندو؟

سوال:- پورڻ گرو جي کهڙي سچاڻپ آهي؟ اسان جنهن بہ سنت کان گيان ٻُڌون ٿا تہ اُهو اسان کي پورڻ لڳندو آهي.

جواب:- سوڪشيم ويد ۾گرو جا گُڻ ٻُڌايل آهن:-

غريب، ستگرو کي لکشڻ ڪهون مڏُر بئين ونود

چار ويد چهہ شاستر، ڪهہ انارهہ بوڌ

سنت غريب داس جي (ڳوٺ ڇُڙاڻي ضلع جهجر، هرياڻا) کي پرميشور ڪبير جي مليا هئا. اُن جي آتما کي مٽي پنهنجي ست لوڪ (سناتن پرم ڌام) ۾ ونيو ويا هئا. مٽي سيني لوڪن جو درشن ڪرائي واپس ڌرتي تي ڇڏيو هو. اُن کي مڪمل اڌياتم گيان ٻُڌايو هو. اُن جو گيان يوگ پرميشور ڪبير جي کوليو هو. اُن جي آڌار سان سنت غريب داس جي گرو جي سچاڻپ ٻُڌائي آهي تہ جيڪو سچو گرو مطلب ستگرو هوندو، اُهو اهڙو ئي گيان ٻُڌائيندو آهي تہ اُن جي وچن آتما کي پُرسڪون ڪري ڇڏيندا آهن، تمام گهٽو منو لڳندو آهي ڇو تہ اُهي سچ تي بينل هوندا آهن. سبب آهي تہ ستگرو چار ويد ۽ سيني شاسترن جو گيان تفصيل سان بيان ڪندو آهي.

اهڙو ثبوت پرميشور ڪبير جي سوڪشيم ويد ۾ ڪبير ساگر جي اڌياءِ "جيو ڌرم بوڌ" ۾ صفحو 1960 تي ڏنو آهي:-

گرو کي لکشڻ چار بکانا، پرٿم بيد شاستر کو گيانا

دوجي هري پڄڻتي من ڪرم باني، تيجي سم درشٽي ڪر جاني

چوٿي ويد وڏي سب ڪرما، يہ چار گرو گُڻ جانون مرما

آسان ارٿ:- ڪبير پرميشور جي چيو آهي تہ جيڪو سچو گرو هوندو، اُن جا چار خاص لڇڻ هوندا آهن:-

1. سيني ويدن ۽ شاسترن کي اُهو چڱي طرح ڄاڻيندو آهي.

2. ٻيو اُهو خود بہ پڄڻي من ڪرم وچن سان ڪندو آهي مطلب اُن جي ڪٽڻي ۽ ڪرڻي ۾ ڪو بہ فرق نہ هوندو.

3. ٽيون لڇڻ هي آهي تہ اُهو سيني چيلن سان هڪجهڙو ورتاءُ ڪندو آهي، پيد ياو نہ رکندو.

4. چوٿون لڇڻ هي آهي تہ هُو سڀ پڄڻي ڪرم ويدن (چار وید جي تہ سيني کي خبر آهي 1. رگ وید 2.يجُروید 3.سام وید 4. اٿروید ۽ پنجون وید سوڪشيم وید آهي، انهي سيني ويدن) جي مطابق ساڌنا ڪندو ۽ ڪرائيندو آهي.

❖ ويدن (چئني ويدن رگ وید، يجُروید، سام وید ۽ اٿروید) ۾ صرف اوم هي هڪ نام آهي جاپ ڪرڻ جو.

ثبوت = يجُروید اڌياءِ نمبر 40 منتر نمبر 15 ۽ 17 ۾.

منتر 15 ۾ چيو آهي تہ اوم نام جو سمرڻ ڪم ڪندي ڪندي ڪريو، خاص تڙپ سان ڪريو، منش جنم کي مڪيہ فرض سمجهي سمرڻ ڪريو، اوم جو جاپ مرڻ گهڙي تائين ڪرڻ سان ايترو امرپد حاصل ٿي ويندو جيترو اوم جي جاپ سان ٿيندو آهي. (يجُروید اڌياءِ نمبر 40 منتر نمبر 15

يجُروید اڌياءِ نمبر 40 منتر نمبر 17 ۾ وید گيان داتا برهم ئي آهي. چيو آهي تہ جيڪو پورڻ پرماتما آهي، اُهو ئي اويڪت (لڪيل) آهي. هو سيني جي نظر ۾ نہ ايندو. (اُن جي معلومات يجُروید اڌياءِ نمبر 40 منتر نمبر 10 ۾ ٻُڌايل آهي تہ اُن جو سچو گيان تتودرشي سنت ئي ڄاڻيندا آهن، اُن کان ٻُڌو) وري يجُروید اڌياءِ نمبر 40 منتر نمبر 17 ۾ اڳتي چيو آهي تہ (اهم کم برهم) مان برهم آهيان. منهنجو اوم نام آهي. مان مٿي دوبہ آڪاش روپي برهم لوڪ ۾ رهندو آهيان. (يجُروید اڌياءِ 40 منتر 17)

اهو ئي ثبوت شري ديوي مهاپُراڻ:- (گيتا پريس گورکپور مان ڇپيل، سڇيتر موٽا تائيپ صرف هندي) جي ستين اسکند ۾ صفحو نمبر 562 ۽ 563 تي شري ديوي جي راجا هماليا کي ٻُڌايو آهي تہ راجن! توهان جيڪڏهن آتم ڪلياڻ چاهيو ٿا تہ منهنجي پڄڻي سميت سيني ڳالهين کي ڇڏي ڏي، صرف هڪ "اوم" نام جو جاپ ڪريو، برهم حاصل ڪرڻ جو مقصد رکو. انهي سان توهان برهم کي حاصل ڪري ونندا، اُهو برهم برهم لوڪ روپي دوبہ آڪاش ۾ رهندو آهي. انهي مان ثابت ٿيو تہ ويدن ۾ صرف هڪ "اوم" نام ئي جاپ ڪرڻ جو آهي. شريمد پگوت گيتا جيڪا ويدن جو نچوڙ آهي، اُنهي ۾ اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 13 ۾ چيو آهي:-

اوم اتي ايڪ اڪشرم برهم وياهرن مام انوسمرڻ

يہ پرياتي تجن ديهم سہ ياتي پرمام گتِم

ترجمو:- گيتا گيان داتا برهم چيو آهي تہ مون برهم جو صرف اوم، هي هڪ شبد آهي، اُن جو اُچارڻ ۽ سمرڻ ڪندي جيڪو ساڌڪ شرير ڇڏي ويندو آهي، اُهو موت کانپوءِ اوم نام جي سمرڻ سان ملڻ واري پرم گتي مطلب برهم لوڪ کي حاصل ڪندو آهي.

شريمد پگونت گيتا ۽ ويدن ۾ انهي کان علاوه مطلب "اوم" کان سواءِ ڪوبہ نام برهم ساڌنا جو نہ آهي.

انهي مان ثابت ٿيو تہ "اوم" نام جو جاپ جو ثبوت شاسترن ۾ بہ آهي.

❖ گيتا گيان داتا واضح ڪيو آهي تہ ارجن! تنهنجا ۽ منهنجا ڪيترائي جنم ٿي چڪا آهن، اڳتي بہ ٿيندا. منهنجي پيدائش کي رشي ۽ ديوتا گڻ نٿا ڄاڻن. (گيتا اڌياءِ 2 شلوڪ 12، گيتاجي اڌياءِ 4 شلوڪ 5، گيتاجي اڌياءِ 10 شلوڪ 2)

انهي مان ظاهر ٿيو تہ گيتا گيان داتا برهم فاني آهي، جمندو ۽ مرندو آهي. اُن جا پوجاري پُڻ جنم مرڻ جي چڪر ۾ ئي رهندا. انهي لاءِ گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 16 چيو آهي تہ برهم لوڪ ۾ ويل ساڌڪ بہ پُنر جنم (موت کانپوءِ وري جنم ونڻ) ۾ رهندا آهن. انهي ڪري گيتا گيان داتا گيتا اڌياءِ نمبر 18 شلوڪ نمبر 62 ۾ چيو آهي تہ هي پارت! تون سروياو سان اُنهي پرميشور جي شرڻ ۾ وڃ، اُنهي پرميشور جي ڪرپا سان ئي تون پرم شانتي ۽ سناتن پرم ڌام مطلب ست لوڪ کي حاصل ٿيندين.

وري گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 4 ۾ گيتا گيان داتا چيو آهي تہ جڏهن تتودرشي سنت کان تتو گيان حاصل ٿي وڃي تہ اُن جي ٻُڌايل مطابق ساڌنا ڪري اُن کانپوءِ پرميشور جي اُنهي پرم پد جي کوج ڪرڻ گهرجي جتي وڃڻ کانپوءِ ساڌڪ وري موٽي سنسار ۾ ڪڏهن بہ نہ ايندو. صرف اُنهي پرميشور جي پوجا ڪريو.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 29 ۾ گيتا گيان داتا چيو آهي:-

جـرا مـرڻ مـوڪـشايـه مام آشـرتيـه يـه تـنـتي يـي

تي تت برهم وڏُوه ڪرتسنم اڌياتمم ڪرم چه اڌيلم

پاوارث:- گيتا گيان داتا ٻُڌايو آهي ته جيڪو منهنجي ٻُڌايل گيان تي قائم رهي مطلب منهنجي چوڻ مطابق تتودرشي سنتن کان تتو گيان ڇاڻي ونندا آهن. جيڪي جرا مطلب ٻُڍاپڻ ۽ موت جي تڪليف کان موڪش حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪندا آهن. سنسار جي ڪنهن قيمتي شيءَ جي خواهش ڇڪتي جي بدلي ۾ نه ڪندا آهن. اُهي (تت برهم وڏُوه) اُنهي برهم کي مڪمل اڌياتمڪ کي ۽ سيڻي ڪرمن کي ڇاڻيندا آهن.

❖ ارجن گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 1 ۾ پُڇيو ته "تت برهم" ڇا آهي؟ انهي جو جواب گيتا گيان داتا گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 3 ۾ڏنو آهي. چيو آهي ته اُهو "پرم اڪشر برهم" آهي.

❖ گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 5 ۽ 7 ۾ ته گيتا گيان داتا پنهنجي ڇڪتي ڪرڻ جو چيو آهي ۽ يقين ڏياريو آهي ته منهنجي ڇڪتي سان مون کي حاصل ٿيندين، منهنجي ڇڪتي سان جنم مرڻ، ڪرمن جو چڪر قائم رهندو، جنگ ۾ ڪرٽي پوندي، پرم شانتي نه ٿي سگهندي.

❖ وري گيتا گيان داتا جلد ئي گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 8، 9 ۽ 10 ۾ چيو آهي "تت برهم" مطلب "پرم اڪشر برهم" جي ڇڪتي ڪرڻ وارو اُنهي سچدانند گهن برهم مطلب مون کان ٻئي دوپ پرميشور کي حاصل ٿيندو.

❖ اهڙي طرح پرم اڪشر برهم جي مهما گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 17 ۾ ٻُڌائي آهي. گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 16 ۾ ٻہ پُرش ٻُڌايا آهن، هڪ شر پُرش. هي گيتا گيان داتا آهي جنهن جو 21 برهمانڈن جو علائقو آهي. اهو ئي گيتا گيان داتا برهم آهي.

ٻيون اڪشر پُرش ٻُڌايو آهي جنهن جو 7 شنک برهمانڈن جو علائقو آهي. اهي ٻئي ناشوان ٻُڌايا آهن. انهن جي لوڪن ۾ سڀ جاندار ناشوان ٻُڌايا آهن:-

گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 17 ۾ ٻُڌايو آهي ته:-

اُتم پُرش تُو انيه پـرماتما اِتـي اُڌارتـهـه

يهه لوڪ تريم آوشيه ويرتي اوييهه ايشورهه

ترجمو:- اُتم پُرش = پرشوتم مطلب پرم اڪشر برهم ته مٿي ٻُڌايل شر پُرش ۽ اڪشر پُرش کان الڳ آهي جنهن کي پرماتما سڏيو ويندو آهي جيڪو تنهي لوڪن {شرپُرش جي 21 برهمانڈن وارو لوڪ، ٻيو اڪشر پُرش جي 7 شنک برهمانڈن وارو لوڪ، ٽيون مٿي جي چار لوڪن (ستيہ لوڪ، الک لوڪ، اگم لوڪ ۽ انامي لوڪ) اهڙي طرح ٽهيل تنهي لوڪن} ۾ داخل ٿي سيڻي جو پرورش ڪندا آهن، اُهي حقيقت ۾ اوناشي پرميشور آهن.

❖ گيتاجي اڌياءِ نمبر 17 شلوڪ نمبر 23 ۾ انهي پرم اڪشر برهم جي حاصلات جا منتر ٻُڌايا آهن:-

اوم تت ست اِتي نرديشه برهمڻه تروڌه سمرته

بـراهـمـڻـا تـيـن ويـداه يـگـيـه چـه وِهـتا پُـرا

برهمڻه = سچدانند گهن برهم مطلب پرم اڪشر برهم جي ڇڪتي جي ساڌنا جي مطلب پرميشور جي اُنهي پرم پد کي حاصل ڪرڻ جا منتر ٻُڌايا آهن، جتي وڃڻ کانپوءِ ساڌڪ وري موتي سنسار ۾ ڪڏهن به نه ايندو آهي. جتي پرم شانتي کي حاصل ٿيندو آهي جيڪو سناتن پرم ڌام آهي.

اوم = "برهم" مطلب "شرپُرش" جو منتر آهي جيڪو ظاهر آهي.

تت = هي "اڪشر پُرش" جو جاپ منتر آهي. اهو منتر اشاري ۾ آهي، حقيقي منتر سوڪشم ويد ۾ ٻُڌايو آهي. هي منتر دڪشا جي وقت شش کي روبرو ڪيو ويندو آهي، ٻين کي نہ ٻُڌايو ويندو.

ست= هي "پرم اڪشر پُرش" جي ساڏنا جو منتر آهي. هي بہ اشارو آهي.شش کي دڪشا جي وقت ٻُڌايو ويندو آهي. سچو منتر سوڪشيم ويد ۾ لکيل آهي. اهو ئي ثبوت سام ويد جي منتر نمبر 822 ۾ بہ آهي تہ تن نام جي جاپ سان پورڻ موڪش حاصل ٿيندو آهي:-

منتر نمبر 822 سام ويد اُتارچڪ اڌياءِ نمبر 3 کنڊ نمبر 5 شلوڪ نمبر 8 (سنت رامپال داس طرفان ڪيل ترجمو):-

منيشي پي پَوتي پورويہ ڪوير نريہ يتہ پري ڪوشا اسيشيہ دت

تري تسيہ نام جنيين مڏو شرنن درسيہ وايُو سڪيايہ ورڌين (8)

منيشي پي – پَوتي – پورويہ – ڪوير– نريہ – يتہ – پري– ڪوشان – اسيشيہ دت – تري – تسيہ – نام – جنين – مڏو – شرنھ – نہ – اندرسيہ – وايوم – سڪيايہ – ورڌين.

لفظي معني:- (پورويہ) سناتن مطلب سيني کان پهرين پرگهت (ڪوير نريہ) ڪبير پرميشور انسان جو روپ بڻائي مطلب گرو روپ ۾ پرگهت ٿي (منيشي پيھ) ٻُڌيمان پڳتن کي (تري)تين (نام) منتر مطلب نام اُپديش ڏيئي (پَوتہ) پاپ رهيت يعني پويتر ڪري (جنين) جنم ۽ (شرنھ) مرتيو کان (نہ)آزاد ڪندا آهن ۽ (تسيہ) اُن جي (وايُوم) پراڻ مطلب زندگي جا سواسا ڪرمن جي مطابق ڳڻپ ڪري وڌل هوندا آهن اُنهن کي (ڪوشان) پنهنجي پنداري مان (سڪيايہ) رشتيداري جي آڌار سان (پري) مڪمل طرح سان (ورڌين) وڌائي ٿو. (يتھ) جنهن جي ڪارڻ (اندرسيہ) پرميشور جي (مڏُو) حقيقي آنند کي (اسيشيہ دت) پنهنجي آشيرواد پرساد سان حاصل ڪرائيندو آهي.

پاو ارت:- انهي منتر ۾ واضح ڪيو آهي تہ پورڻ پرماتما ڪوير مطلب ڪبير مانش شرير ۾ گُرو روپ ۾ پرگهت ٿي ڪري پرپو پريمين کي تن نالن جو جاپ منتر ڏيئي سچي پڳتي ڪرائيندو آهي ۽ اُنهي ساڻي پڳت کي پويتر ڪري پنهنجي آشيرواد سان پورڻ پرماتما مطلب پنهنجي حاصلات جو رستو ٻُڌائي مڪمل سُک حاصل ڪرائيندا آهن. پڳت جي عمر وڌائيندو آهي. اهو ئي ثبوت گيتاجي اڌياءِ نمبر 17 شلوڪ نمبر 23 ۾ آهي تہ اوم – تت – ست اِتي نرديش برهمڻ تروڌيہ سُمرتہ پاوارٹ آهي تہ پورڻ پرماتما جي حاصل ڪرڻ جو اوم (1) تت (2) ست (3) هي منتر جاپ سُمرڻ ڪرڻ جو حڪم آهي. انهي نام کي تتو درشي سنت کان حاصل ڪريو. تتو درشي سنت جي باري ۾ گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 34 ۾ چيو آهي ۽ گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 1 کان 4 ۾ تتو درشي سنت جي سجاڻپ ٻُڌائي آهي ۽ چيو آهي تہ تتودرشي سنت کان تتوگيان سمجهي اُن کان پوءِ اُنهي پرم پد پرميشور جي کوج ڪرڻ گهرجي. جتي وڃڻ کان پوءِ ساڏڪ موتي واپس سنسار ۾ نہ ايندو مطلب تہ پورڻ موڪش ٿي ويندو آهي. انهي پورڻ پرماتما کان سرشٽي جي رچنا ٿي آهي.

خاص:- مٿئين تفصيل مان واضح ٿيو تہ پويتر چارئي ويد بہ گواهه آهن تہ پورڻ پرماتما ئي پوجا جي لائق آهي، اُن جو اصل نالو ڪوير ديو (ڪبير پرميشور) آهي ۽ تنهي منتر جي نام جو جاپ ڪرڻ سان ئي پورڻ موڪش ٿيندو آهي.

انهي تنهي منتر جو جاپ چئني ويدن جي نچوڙ شريمد پگونت گيتا ۾ ثبوت آهي تہ انهي سان اهو مقام حاصل ٿيندو آهي، جتي وڃڻ کان پوءِ ساڏڪ واپس موتي سنسار ۾ نہ ايندو. جيڪو سناتن پرم ڌام آهي، جتي وڃڻ کان پوءِ پرم شانتي حاصل ٿيندي آهي.

ويدن ۽ گيتا ۾ هي قيمتي تن نام جو منتر اُلجهيل ۽ اشارن ۾ آهي. انهي لاءِ چئني ويدن ۽ گيتاجي مطابق ساڏنا ڪرڻ سان اُهو مقام ۽ پرماتما حاصل نہ ٿي سگهندا. انهي لاءِ گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 32 ۽ 34 ۾ گيتا گيان داتا واضح ڪيو آهي تہ يَگن يعني ڌارمڪ انوشٹان جو مڪمل گيان (برهمڻ مکي) سڃدانند گهن برهم مطلب پرم اڪشر برهم پنهنجي مُک ڪمل سان

واٽي چئي ٻڌائيندو آهي، جيڪا سچدانند گھن برهم جي واٽي چئي ويندي آهي، اُنهي کي تتو گيان ۽ سوڪشم ويد بہ چوندا آهن. اُن جي جاڻڻ کان پوءِ سيني پاپن کان مڪت ٿي ويندو آهي. جنهن ۾ مڪمل پڄڻي منتر ۽ طريقو ٻڌايو آهي. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 32)

گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 34:- اُنهي تتو گيان کي تون تتودرشي سنتن وٽ وڃي سمجھہ، اُن کي ڊنڊوت پرڻام ڪرڻ سان، ڪپٽ ڇڏي نمرتا پاو سان سوال ڪرڻ سان اُهو پرماتما تتو کي چگي طرح جاڻڻ وارو گياني مهاتما توکي تتوگيان جو اُپديش ڏيندو. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 34)

سجنو! اُهو تتودرشي سنت هي داس (سنت رام پال داس) آهي. اُهو تتو گيان مون وٽ آهي. مون کانسواءِ موجوده وقت ۾ ڪنهن وٽ نہ آهي. دنيا ۾ اٽڪل 7 ارب آدمشماري آهي. اُنهن اربين انسانن ۾ مون کانسواءِ ڪوبہ انهي گيان کي جاڻڻ وارو نہ آهي.

گيتا جي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 12 کان 15 تائين تہ گيتا گيان داتا ٿنهي گڻن (رجوگڻ برهماجي، ستوگڻ وشنوجي ۽ تموگڻ شوجي) جي پڄڻي ڪرڻ وارا 1. راڪشش فطرت ڌارڻ ڪيل 2. انسانن ۾ نيچ 3. بُرو ڪم ڪرڻ وارا 4. مورک منهنجي پڄڻي بہ نٿا ڪن.

وري گيتا گيان داتا گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 16 کان 18 تائين پنهنجي ساڌنا ڪرڻ وارن جي حالت ٻڌائي آهي تہ منهنجي پڄڻي چار قسم جا پڄڻ (1. آرت، 2. ارٿارٿي 3. جگياسُو 4.گياني) ڪندا آهن. انهن مان صرف گياني ساڌڪ سريشٹ ٻڌايو آهي. مگر اُهي بہ تتوگيان نہ هئڻ جي ڪري مون واري مطلب برهم جي اَنُوتم مطلب نيچ گتي ۾ ئي رهجي ويندا آهن.

❖ گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 19 ۾ گيتا گيان داتا چيو آهي تہ منهنجي پوجا بہ جنم ــ جنمانتر جي انت جي جنم ۾ ڪو گياني آتما نيڪ طرح سان ڪندو آهي. نہ تہ ٻي پوجا ۾ لڳا رهندا آهن. اهو ٻڌائڻ وارو مهاتما تہ تمام دُرلڀ آهي تہ صرف واسوديو يعني سرو گتم برهم ئي سڀ ڪجھہ آهي. اُنهي جي پڄڻي سان پرم شانتي حاصل ٿيندي آهي، اُنهي جي پڄڻي سان سناتن پرم ڌام حاصل ٿيندو آهي. اُنهي جي پڄڻي سان اُهو پرم پد حاصل ٿيندو آهي جتي وڃڻ کانپوءِ ساڌڪ وري موٽي سنسار ۾ ڪڏهن بہ نہ ايندو، اُهو پرم اڪشر برهم سيني جو پيدا ڪندڙ آهي، اُهو ئي سنسار روپي وڻ جي پاڙ آهي جيڪا ٿنهي لوڪن ۾ داخل ٿي سيني جي سارسنڀال ڪندو آهي ، اُهو ئي پاپ ناس ڪندڙ آهي، اُهو ئي پورڻ موڪش ڏيندڙ آهي، اُنهي جي پڄڻي ڪرڻ گھرجي.

پياري پڙهندڙؤ! اُهو تتودرشي سنت موجود وقت ۾ هي داس (سنت رامپال داس) آهي. مون وٽ سيني ويد شاسترن جو گيان آهي. واسوديو پڳوان جي پڄڻي جا مڪمل منتر آهن.

هاڻي "واسُديو" جي وصف ٻڌايان ٿو:-

"واسُديو جي وصف"

گيتاجي اڌياءِ نمبر 3 شلوڪ نمبر 14 ۽ 15 ۾ چيو آهي تہ سيئي ساهوارا اَن مان پيدا ٿيا آهن. وڌيڪ معلومات توهان کي هيٺين ڏيئي ڇڏيو آهي، اُتي پڙهجو. هتي صرف انهي ذڪر کي ونون ٿا.

پوءِ چيو آهي تہ برهم يعني شر پُرش جي پيدائش اوناشي پرماتما کان ٿي آهي جنهن جي باري ۾ گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 17 ۾ چيو آهي. انهي مان ثابت آهي تہ "سَروگتم برهم" = حاضر ناظر پرم اڪشر برهم يعني واسُوديو سدا ئي يگين کي پورا ڪندڙ آهن.

ويچار ڪريو:- سروگتم برهم جو مطلب آهي حاضر ناظر پرم اڪشر پرماتما. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 3 شلوڪ نمبر 15)

1. شري برهما جي، شري وشنو جي ۽ شري شوجي ٽيئي ديوتا هڪ برهمانڈ ۾ نميل ٿنهي لوڪن (سرگ لوڪ، پرٿوي لوڪ، پاتال لوڪ) ۾ صرف هڪ هڪ شعبي يعني گُڻ جا سربراه آهن. اهي سروگتم برهم يعني حاضر ناظر پرماتما=واسُوديو نہ آهن.
2. برهم يعني شرپُرش:- هي صرف 21 برهمانڈن جو مالڪ آهي. اهو بہ حاضر ناظر يعني واسُوديو نہ آهي.

3. اڪشر پُرش:- هي صرف ست شنک برهمانڊن جو پرپو آهي، هي ۾ حاضر ناظر يعني واسُوديو نہ آهي.

4. پرم اڪشر برهم:- هي سيني برهمانڊن جو مالڪ آهي، سيني جي سارسنيال لهڻ وارو آهي، اهو واسُوديو آهي.

خاص:- وڌيڪ معلومات جي لاءِ پڙهو انهي پستڪ جي "سرشٽي رچنا" جي اڌياءِ ۾.

❖ جيئن تہ توهان کي پهرين پُڌايو آهي تہ پرم اڪشر برهم خود ڌرتي تي پرگهٽ ٿي سڀني آتمائن کي ملندا آهن. اُنهن کي تتو گيان پُڌائيندا آهن. انهي قانون مطابق اهو ئي پرماتما سنت غريب داس جي کي (ڳوٺ ڇُڙاڻي ضلع جهجر صوبو هرياڻا) سنہ 1727ع ۾ مليا هئا. هڪ جندا مهاتما جي لباس ۾ هئا. غريب داس جي جي آتما کي اُنهي سناتن پرم ڌام ۾ ونې ويا هئا. پوءِ مٿين سيني برهمانڊن ۾ پرپوئن جي حالت پُڌائي تتو گيان کان واقف ڪرائي واپس جسم ۾ وڃڻيو هو. اُنهي وقت سنت غريب داس جي عمر 10 سال هئي. اُن ڏينهن سنت غريب داس جي کي مئل سمجهي چتا تي رکي آخري رسم جي تياري ڪري رهيا هئا تہ اُن وقت اُن جي آتما کي جسم ۾ داخل ڪري وڃڻي. زندھ ٿيڻ تي سيني خاندان جي ماڻهن جي خوشي جو ٺڪاڻو نہ رهيو. اُنهي کانپوءِ سنت غريب داس جي هڪ انمول پستڪ جي رچنا ڪئي. اُن ۾ اڪين ڏنو ۽ خود پرماتما کان پُڌايل گيان کي پُڌايو جيڪو هڪ گوپال داس نالي دادو پنٿي ساڌو لکيو هو. جيڪو موجود وقت ۾ چيچي ڇُڪو آهي.

❖ پنجاب صوبي ۾ لُڌيانا شهر جي ويجهو هڪ واسيئرڳوٺ آهي اُن ۾ هڪ پرپو پربمي شخص رام راءِ عرف جهومڪ راءَ رهندو هو. اُن سنت غريب داس جي مشهوري پُڌي تہ درشن ڪرڻ جي لاءِ ڳوٺ ڇُڙاڻي ۾ ويو. سنت غريب داس جي اهو گيان پُڌايو جيڪو هن داس (سنت رامپال داس) کي سنت غريب داس کان حاصل ٿيو آهي جيڪو توهان کي انهي پستڪ ۽ ٻين پستڪن ذريعي پُڌايو آهي.

اُنهي رام راءِ سوال ڪيو آهي تہ مهاتما جي! هي گيان تہ اڄ تائين ڪنهن ۾ نہ پُڌايو. سنت غريب داس جي واڻي ذريعي پُڌايو.

ڪوٽيون مڌيہ ڪوئي نهين راءِ جهومڪ را، اربون ۾ ڪوئي غرق سنو راءِ جهومڪ را

ترجمو ۽ ياوارث:- سنت غريب داس جي پُڌايو آهي تہ هي گيان ڪروڙن ۾ ڪنهن وٽ نہ ملندو، اربن مان ڪنهن هڪ وٽ ملندو. اُهو سنت سيني گيان سان پرپور ساڌنا جي منترن سان غرق مطلب پرپور هوندو آهي.پياري پڙهندڙؤ! اُهو سنت موجود دؤر ۾ بروالا ضلعي هسار وارو آهي. گيان سمجهو ۽ فائدو ونو.

سوال:- پراڻي زماني کان هلي ايندڙ پڌتي جي ساڌنا کي توهان غلط ڪيئن چئي سگهو ٿا؟ جيئن تپ سيني رشين مُنين ڪيو هو، اسان سڄي هندو سماج ۾ ڏسي رهيا آهيون، سپ هري ڪرشنا، هري رام، راڌي راڌي شام ملادي، اوم نمہ شوايہ، اوم نمہ پگونتي واسُوديوايہ نمہ، جئہ سيارام، راڌي شام، اوم تت ست، انهن مان ڪو هڪ منتر جاپ ڪندي اچي رهيا آهيون. هلندڙ وقت ۾ بہ ڪري رهيا آهن. شري رامچندر جي، شري ڪرشن جي کي اسان پورڻ پرماتما مجيندا آهيون، انهي ڪري انهن جا نام جپيندا آهيون. توهان انهن نام جاپ منترن کي فضول جاپ پُڌائيندا آهيو، ثابت ڪري ڏيکاريو.

جواب:- پراڻي زماني ۾ جيڪڏهن اها ساڌنا هُئي ۽ اهي منتر هوندا هئا تہ شريمد پگونت گيتا اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 1 ۽ 2 ۾ گيتا گيان داتا اهو نہ چوي ها تہ هي يوگ مطلب جيڪا پڌتي جو طريقو آئون گيتا جي گيان ۾ پُڌائي رهيو آهيان، اهو هينئر تقريبن ختم ٿي ڇُڪو آهي، ناس ٿي ويو آهي. اهو گيان ۽ پڌتي مون سورج ديوتا کي چئي هئي، پوءِ سورج ديوتا منُو کي، منُو پنهنجي پُٽ اڪشواڪُو کي چيو، پوءِ ڪجهہ راجا رشين سمجهيو. هينئر تمام گهٽي وقت کان يعني دئاپُر يگ کان تمام گهٽو وقت پهرين ئي ختم هو ۽ منُو، اڪشواڪُو وغيره وغيره سپ ستيُگ جي پهرين دؤر ۾ ٿيا هئا. جيڪڏهن توهان شري رامچندر پُٽ راجا دشرٿ ۽ ڪرشن چندر پُٽ واسُوديو کي پورڻ پرماتما مجيندا آهيو. انهي ڪري انهن جا نام هري رام، هري ڪرشنا وغيره وغيره جاپ ڪندا آهيو ۽ انهي سان موڪش مجيندا آهيو تہ شريمد پگونت گيتا ۾ ذڪر ڪيل مڪمل پُراڻي يوگ يعني پڌتي جي

طريقيڪار جي اُبتڙ هئڻ سان بيڪار آهن. شاسترن جي طريقيڪار کي چڏي ڪري من مرضي نمونو ٺيو. جنهن جي ڪارڻ متئين سوال ۾ لکيل ٻيا منتر ۽ شاسترن جي ثبوت مطابق نہ آهن انهي ڪري فضول آهن. گيتاجي اڌياءِ نمبر 16 شلوڪ نمبر 23 ۽ 24 ۾ چيو آهي تہ جيڪو شاسترن جي طريقيڪار چڏي من مرضي وارا نمونا ڪري ٿو اُن کي نہ تہ سُک حاصل ٿيندو آهي نہ سڌي، نہ اُن جي گتي ٿيندي آهي مطلب تہ فضول ساڌنا آهي.(گيتاجي اڌياءِ نمبر 16 شلوڪ نمبر23)

گيتاجي اڌياءِ نمبر 16 شلوڪ نمبر 24 ۾ چيو آهي تہ انهي ۾ تنهنجي لاءِ ارجن، ڪرتويہ ۽ اڪرتويہ جي فيصلي ۾ شاسترئي ثبوت آهن. ياوارت آهي تہ جيڪا پڌتي جي وڌي پرماڻت شاسترن ۾ (چار ويدن = رگويد، يجُروويد، سام ويد ۽ اٿروويد ۽ انهي چئني ويدن جي نچوڙ شريمد پگوت گيتا ۽ سوڪشيم ويد = جيڪو پرماتما خود پنهنجي مُک سان چيو هو. هي پڌتي جي گيان ۽ سماڌان جا ثبوتن وارا شاستر آهن) بيان ٿيل نہ آهي، اُها شاسترن جي اُبتڙ ساڌنا آهي. انهي ڪري پڌتي جا ڪهڙا ڪرم ڪرڻ گهرجن ۽ ڪهڙا نہ ڪرڻ گهرجن، اُن جي لاءِ شاسترن کي ئي آڌار سمجهو. شاسترن ۾ بيان ٿيل پڌتي وڌي کي اپنايو ۽ باقي سڀ چڏي ڏيو.

❖ شري رام جي جو جنم تريتا يُگ جي آخري مرحلي ۾ ٿيو هو. شري ڪرشن جي جو جنم دئاپُر يُگ جي آخري مرحلي ۾ ٿيو هو. ستيُگ کان ئي انسان پڌتي ڪندو رهيو آهي. اُن وقت ڪير رام هو؟ توهان چوندا تہ شري وشنو جي تہ ستيگ کان ٻہ پهرين جا آهن ۽ شري رام، شري ڪرشن ٻہ خود شري وشنو جي ئي هئا. ستيُگ ۾ ٻہ ثبوت آهي تہ مهرشي والميڪي جي رام رام نام جاپ ڪندو هو، هُو وشنو وشنو نہ جپندو هو. انهي مان واضح ٿيو تہ شري وشنوجي، شري رام، شري ڪرشن جي کان الڳ ڪو "رام" مطلب "مالڪ" آهي. اُنهي رام جو جاپ ڪرڻ گهرجي جيڪو گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 29 ۾ آهي. جنهن جي باري ۾ چيو آهي تہ "تت برهم" کي جاڻڻ وارا صرف جرا مطلب پُڍاپو ۽ مرتيو کان چوٽڪارو پائڻ جي لاءِ ئي پڌتي ڪندا آهن. ارجن گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 1 ۾ سوال ڪيو آهي تہ اُهو "تت برهم" ڇا آهي؟

گيتا گيان داتا گيتا جي اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 3 ۾ جواب ڏنو تہ اُهو "پرم اڪشر برهم" آهي. گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 جي ئي شلوڪ نمبر 5 ۽ 7 ۾ گيتا گيان داتا پنهنجي پڌتي ڪرڻ جو چيو آهي جنهن جو جاپ منتر گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 جي ئي شلوڪ نمبر 13 ۾ پُڌايو آهي.(اوم اِتي ايڪ اڪشرم برهم ويوهارن مام انُوسمرڻ.....)

❖ گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 جي ئي شلوڪ نمبر 8، 9 ۽ 10 ۾ گيتا گيان داتا پاڻ کان الڳ هُن تت برهم مطلب پرم اڪشر برهم جي پڌتي ڪرڻ جو چيو آهي. هُن جي پڌتي جو نام جاپ منتر گيتاجي اڌياءِ نمبر 17 شلوڪ نمبر 23 ۾ پُڌايو آهي:-

اوم تت ست اِتي نرديشه برهمڻه تروڌه سمرته

براهمڻا تَين ويداچه يگيا چه وِهِته پُرا

آسان ارٿ:- برهمڻه = سڃدانند گهن برهم مطلب پرم اڪشر برهم جي پڌتي جو اوم، تت، ست منتر جي سمرڻ جو (نرديشه) حڪم آهي. جيڪو (تروڌه) تن طرحن سان (سمرته) سمرڻ جي لاءِ چيو آهي (براهمڻا) ودوان مطلب تتودرشي سنت (تَين) هُن (ويداه) گيان جي آڌار سان پڌتي ڪندا هئا (چه) ۽ (يگياه) ڌارمڪ يگين جو انوشنان (چه) ۽ الڳ پڌتي ڪرم (پُرا) سرشٽي جي آدي مطلب سرشٽي جي شروعات ۾ (وِهِته) ڪيا ويندا هئا.

شريمد پگونت گيتا مان ثابت ٿيو تہ گيتا گيان داتا کان الڳ ڪو ٻيو پورڻ پرماتما آهي جيڪو شري وشنو جي، شري برهماجي ۽ شري شوجي کان ٻہ الڳ آهي. جنهن جي باري ۾ گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 جي شلوڪ نمبر1، 4 ۽ 17 ۾ ۽ گيتاجي اڌياءِ نمبر 18 جي شلوڪ نمبر 62 ۾ ۽ ٻين ڪيترن ئي جاين تي گيتا ۾ چيو ويو آهي، اُهو پورڻ پرماتما آهي. گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 جي شلوڪ نمبر 16 ۾ ٻہ پُرش پُڌايا آهن. ٻئي فاني پُڌايا آهن. اُنهي جي ماتحت جيترا ٻہ ساهوارا آهن، اُهي ٻہ فاني آهن. (1) شرپُرش

آهي، هي صرف 21 برهمانڊن جو پرپو آهي، (2) اڪشر پُرش هي 7 شنک برهمانڊن جو پرپو آهي. اهي ٻئي ئي پورڻ پرماتما نہ آهن. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 16)

❖ گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 17 ۾ گيتا گيان داتا چيو آهي تہ اُتمہ پُرشہ تُوھ انيہ مطلب پرشوتم تہ ڪو ٻيو مٿي واضح ڪيل ٻنهي پُرشن (شر پُرش ۽ اڪشر پُرش) کان الڳ آهي جنهن کي (پرماتما اِتي اُڌارتہ) پرماتما چيو ويو آهي. (يہ لوڪ تريم) جيڪو ٽنهي لوڪن ۾ (آوشيہ وِپرتي) داخل ٿي پالڻ پوشڻ ڪندو آهي، (اويہ اِيشورھ) اوناشي پرميشور آهي. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 17)

❖ پورڻ پرماتما پرم اڪشر برهم آهي ثابت ٿيو. هُن جي ڀڳتي جو منتر اوم،تت، ست آهي، هي ٻہ ثابت ٿيو. اوم، تت، ست جيڪي ٽي منتر آهن، اُهي مٿي ذڪرڪيل ٽنهي پرپوئن (اوم = شر پُرش مطلب شر برهم گيتاگيان داتا جو، تت = هي اشارو آهي جيڪو اِنهي پُستڪ ۾ تفصيل سان آهي، اُتي پڙهو، هي تت نام جاپ = اڪشر پُرش جو آهي) ست = هي ٻہ اشارو آهي، وڌيڪ تفصيلات شروع ۾ ڏنل باب ۾ اِنهي پُستڪ ۾ پڙهو. هي ست منتر پرم اڪشر برهم جو آهي. شريمد ڀگونت گيتا ۾ اِهي پورڻ موڪش جي حاصلات جا منتر اشاري ۾ آهن. جيڪو اڄ تائين (سنہ 2012 ع تائين) ڪنهن ٻہ ظاهر نہ ڪيا. توهان جيڪي هري اوم، تت ست جاپ ڪندا آهيو، اُهو ٻہ فضول آهي ڇو تہ توهان کي تت ۽ ست جي حقيقي منترن جو گيان نہ آهي.

مثالطور:- هڪ امير شخص پنهنجي دولت کي پنهنجي گهر ۾ ڪڏ ڪوٽي پوري ڇڏيو. اُنهي مڪان جي صرف امير شخص کي ئي خبر هئي. اُنهي امير شخص هڪ پيڊ ۾ علامتي مڪان لکي ڇڏيو. امير شخص جي مرتيو اوچتو ٿي وئي. پٽا جي آخري رسم ڪري پُٽن اها پيڊ ڪنئي جنهن ۾ پيءُ ڇيو هو تہ هن پيڊ يعني ڊائري ۾ دولت ڪٽي آهي، اهو لکيل آهي. جنهن کي پتاجي ڪنهن کي ٻہ ڏيکاريندا هئا.

امير شخص جي مڪان جي اڳيان اڳڻ هو، اُنهي اڳڻ جي هڪ ڪنڊ ۾ مندر نمبل هو. پيڊ ۾ لکيل هو تہ چانڊوڪي چوڏهين جي رات 2 بجي سڄو ڏن مندر جي گنبڊ ۾ پوري رکيو آهي. ڇوڪرن مندر جو گنبڊ رات جو 2 بجي ٽوڙي ڏن ڳوليو، پر ڪجهہ ٻہ نہ مليو. پُٽن کي ڏاڍو ڏُک ٿيو. هڪ ڏينهن اُن جي پيءُ جو دوست ٻئي ڳوٺ کان غم جو اظهار ڪرڻ لاءِ آيو. پُٽن مقرر جاءِ تي ڏن نہ ملڻ جي پريشاني کان آگاھ ڪيو. اُن امير شخص جي دوست اُها پيڊ گهرائي ۽ لِکت پڙهي تہ چيو تہ مندر جي گنبڊ کي وري اڏاوت ڪرايو. اهڙي ئي ڪريو آئون وري ڪنهن ڏينهن ايندس، تڏهن ڏن وارو مڪان ٻُڌائيندس. اُهو شخص چانڊوڪي چوڏهين تي آيو. رات جو ٻہ بجي جنهن مڪان تي مندر جي گنبڊ جي چنڊ جي روشني جو پاڇو هو، اُنهي مڪان تي کوٽائي ڪرائي. سڄو ڏن جيڪو پيڊ ۾ لکيل هو ، اُهو ملي ويو. پُٽ خوش ۽ امير ٻڌجي ويا.

توهان جيڪو هري اوم تت ست جو جاپ ڪري رهيا آهيو. توهان مندر جو گنبڊ کوٽي رهيا آهيو، ڪجهہ ٻہ هٿ نہ ايندو. مقرر هنڌ حقيقي منتر مون داس (سنت رامپال داس) وٽ آهن. اُن کي حاصل ڪري ڀڳتي جا امير ۽ سُکي ٻڌجي ويو.

سوال:- راڌاجي ڳوٺ برسانا (اُتر پرديش) ويجهو ورنداون جي رهڻ واري هئي. اُتي جا ماڻهو "راڌي راڌي" نام جپيندا آهن. صبح صبح يا ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ ملندا آهن تہ اُهي رام رام نہ چوندا. اُهي چوندا آهن، چاچا راڌي راڌي. چاچو چوندو آهي تہ پُٽ راڌي راڌي. ڇا اُهي بيوقوف آهن؟

جواب:- تتو گيان جي ڪمي سان لوڪ وید کي سچو گيان مڃي هي شاسترن جي خلاف منترن جا جاپ هلي رهيا آهن. هونئن تہ توهان کي پهرين مون واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ گيتاجي اڌياءِ نمبر 16 جي شلوڪ نمبر 23 ۽ 24 ۾ چيو آهي تہ جيڪي شاستر وڌي کي ڇڏي ڪري من مرضي وارا نمونا ڪندا آهن مطلب جيڪو نام جاپ شاسترن ۾ نہ آهن، اُنهن جو جاپ ڪندا آهن، اُنهن کي نہ سُک حاصل ٿيندو آهي، نہ سِڌي حاصل ٿيندي آهي ۽ نہ ئي اُنهن جو موڪش ٿيندو آهي مطلب فضول جاپ ساڌنا آهي. اِنهي سان تنهنجي لاءِ ارجن ڪرتويہ ۽ اَڪرتويہ جي بندوبست ۾ شاستر ئي ثبوت آهن. اهو پهرين ٻُڌائي چُڪو آهيان. هاڻي ڳالهہ آهي تہ

چاچا ــ پاتيجا راڌي راڌي شبد ڇو اُچارڻ ڪندا آهن. توهان ڄاڻو ٿا تہ راڌا جي ڪير هئي؟ راڌا پڳوان شري ڪرشن جي محبوبا هئي. اُن وقت برسانا ڳوٺ جي ماڻهن راڌا جي ڪي دراچاري، بدچلن، نرلج وغيره انيڪ ٻُرن لفظن سان اظهار ڪندا هئا. چوندا هئا تہ هي ٻئي ڳوٺ جي نند بابا جي پُٽ سان لڪي لڪي ملڻ ويندي آهي، هن ڪي پنهنجي گهر ۾ بہ نہ اچڻ ڏجو. نياڻين تي غلط اثرات پوندا. شريمان جي! هاڻي اُنهي برسانا جا ماڻهو راڌا جي لاءِ خود (عورت ــ مرد، جوان ڇوڪريون) چوندا آهن تہ راڌي ــ راڌي شام ملادي، جيئن توهان پهرين واري سوال ۾ ٻُڌايو هو تہ اسان هي نام بہ جاپ ڪندا آهيون. هاڻي نہ راڌاجي آهي نہ ڪرشن جي. هاڻي بڪ بڪ ڪري رهيا آهيو ٻُڌل ڳالهہ ڪي بخار جي بيماري وانگر راڌي راڌي شام ملادي. اها ئي حالت ٻين منترن جي آهي جيڪو پنهنجي پهرين سوال ۾ ڇيو آهي، اُن ڪي ڄاڻو. اُهي بہ شاسترن ۾ ثبوت نہ هڻڻ ڪري فضول آهن.

❖ هاڻي توهان ڪي انهي سوال جو جواب ٻُڌايان ٿو تہ چاچا بہ چوندا آهن راڌي راڌي، پاتيجو بہ چوندو آهي راڌي راڌي. توهان ڪي خبر آهي تہ راڌاجي شري ڪرشن جي جي محبوبا هئي. توهان ڪي اها بہ خبر آهي تہ جڏهن رڪمڻي جي ڪي شري ڪرشن جي پجائي رت ۾ ويهاري ڪٽڻ لڳو تہ رڪمڻي جي جي ياءُ پنهنجي پيٽ کي چڏائڻ جي لاءِ گهوڙي تي سوار ٿي پويان ڊوڙيو هو. شري ڪرشن جي ڪُٽيو هو. پوءِ رت جي پويان ٻڌي گهيليو هو. رڪمڻي جي بہ شري ڪرشن جي محبوبا هئي. اُنهن جي وچ ۾ رڪمڻي جو ياءُ آيو هو. اُن جي ڪهڙي حالت ڪئي هئي. شري ڪرشن جي رڪمڻي جي جي پرارٿنا تي رڪمڻي جي ياءُ جي جان بخشي هئي. جيڪڏهن اڄ پڳوان شري ڪرشن موجود وقت ۾ هجن ها، راڌا بہ هجي ها ۽ برسانا وارا چاچا ــ پاتيجا پاڻ ۾ اهي الفاظ چون تہ "راڌي راڌي" تہ چا شري ڪرشن جي پسند ڪندا؟ ڪڏهن بہ نہ، چاچا ــ پاتيجا ٻنهي ڪي رت سان ٻڌي گهيلي ها. جيڪڏهن توهان ڪنهن جي محبوبا جو نالو وٺي بڪواس ڪندا تہ پريمي جي مٿان ڪهڙي گذرندي؟ جيڪڏهن طاقتور هوندو تہ منهن توڙي چڏيندو، ڪمزور هوندو تہ روئيندو. هُن جي زندگي ڪي ڪهندو، چا هُو خوش ٿيندو؟ نہ. انهي ڪري هي نام جيڪي شاسترن جي ثبوت وارا نہ آهن، ان جو جاپ فضول آهي. شاسترن جي ثبوتن وارا نام مون وٽ آهن. اچو ۽ پنهنجو چوڪارو ڪرايو.

سوال:- توهان سوال (پورڻ گرو جي سچاڻپ ڪهڙي آهي؟) جي جواب ۾ هڪ هنڌ تي لکيل آهي تہ ثابت ٿيو تہ اوم نام جو جاپ شاسترن مطابق آهي. (ڪال برهم جي پوجا ڪرڻ گهرجي يا نہ؟)جي جواب ۾ تمام گهڻن رشين جي پوجا ڪي شاستر وڌي چڏي ڪري من مرضي وارا نمونا چئي ويندي آهي جيڪو اوم نام جو جاپ ڪندا هئا.

جواب:- اُهي رشي جي اوم نام جي جاپ سان گڏ هٺ ڪري گهور تپ بہ ڪندا هئا. جنهن ڪري اُنهن جي ساڌنا ڪي شاسترن جي خلاف ڇيو آهي. اوم نام جي جاپ جو شاسترن ۾ ثبوت تہ آهي، موڪش ڏيندڙ نہ آهي جنهن سان گهٽيا گتي مڪتي حاصل ٿيندي آهي. انهي ڪري اُنهن رشين جي پوجا وڌي شاسترن جي خلاف آهي. وید ۽ گيتاجي ۾ اُنهي پورڻ پرماتما جي پڄتي ڪرڻ جو ڇيو آهي. اُن جي پڄتي نہ ڪري من مرضي واري پوجا شاسترن جي خلاف آهي.

سوال:- مهرشي والميڪي جي تہ ستيُگ ۾ ٿيا هئا، اُهي بہ رام رام جپيندا هئا. چا هي منتر بہ شاسترن مطابق نہ آهن؟

جواب:- پهرين مون ٻُڌايو آهي تہ گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 جي شلوڪ نمبر 1 ۽ 2 ۾ گيتا گيان داتا ٻُڌايو آهي تہ هي گيان مون سورج ديوتا کي ٻُڌايو هو. سورج پنهنجي پُٽ منُو جي کي ٻُڌايو. پوءِ ڪجهہ راج رشين کي حاصل ٿيو. ستيگ جي شروعات ۾ ئي اهي سڀ سورج، منُو ۽ راج رشي ٿيا هئا. اُن ڪانپوءِ هي گيان ناس ٿي ويو هو. مهرشي والميڪي جي کي سپت رشي جي ملیو هو. اُن تپسيا ڪري سِڌيون حاصل ڪيون هيون. اهو ئي هٺ يوگ ڪري تپ وڌي مهرشي والميڪي جي کي هُن ٻُڌائي چڏي. جنهن هٺ يوگ تپ کي مهرشي والميڪي جي تن من ۽ شرڌا سان ڪئي. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ شريمر جي متئين حصي (سر) مان آواز ٻُڌڻ ۾ آيو. اهو هو "رام رام". اُنهي شبد جو اُچارڻ مهرشي والميڪي جي تپسيا جي دوران ڪرڻ لڳو. ٻُڌڻ وارن کي ايئن لڳندو آهي جيئن هي مران مران چئي رهيو آهي، حقيقت ۾ رام رام جو ئي اُچارڻ ڪندو هو. اُن کي تپسيا جو نتيجو ملیو، هُن ۾ سڌيون داخل ٿي ويون. اُن جي دوبہ درشتي کُلي وئي. جنهن ڪري هُن شري رامچندر جي جي جنم کان هزارين سال پهرين ئي رامائڻ ۽ شري

رامچندر جي جي جنم جي زندگي جا سمورا واقعا لکي ڇڏيا، گرنٿ جو نالو آهي "والميڪي رامائڻ" جيڪا سنسڪرت ٻولي ۾ لکي وئي هئي. رام رام جي جاپ سان ڪوبہ اذياتمڪ لاپ نہ ٿيندو. مگر پرماتما جو بوڌ شبد هئڻ سان اُچارڻ ڪرڻ سان پرماتما جي پُل نہ ٿيندي. انهي ڪري رام رام جي اُچارڻ جي مقبوليت هندو ڌرم ۾ پُراڻي وقت کان آهي. جيئن سوامي رامانند جي رام رام جي شبد سان سمپوڌت ڪندا هئا. هُن جا شش بہ هڪ ٻئي کي رام رام سان سمپوڌت ڪندا هئا، مگر جاپ منتر اوم هو. اهڙي طرح اسان ڪبير پنٿي "ست صاحب" چوندا آهيون. اسان جو جاپ منتر ٻيو آهي. اُنهي ٻڌگتي سان ٻڌگوان تائين وڃي سگهجي ٿو. سوڪشم ويد ۾ چيو آهي:-

ستگرو ملي تو اچا منٽي، پد مِل پدَي سمانا
چل هنسا اُس لوڪ پنائون، جو اجر امر استانا
چار مُکتي جهان چمپي ڪرتي، مايا هو رهي داسي
داس غريب اپيہ پد پرسي، ملي رام اوناشي

"ٻڌگتي ڪهڙي پرڀو جي ڪرڻ گهرجي" گيتا مطابق

اُنهي جي لاءِ سوڪشم ويد ۾ چيو آهي تہ:-

"ٻڃن ڪرو اُس رب کا، جو داتا هئہ ڪُل سب کا"

شريمد ڀگونت گيتا جي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 1 کان 4 ۽ 16 ۽ 17 ۾ چيو آهي تہ هي سنسار ايئن آهي جيئن پيپر جو وڻ آهي. جيڪو سنت انهي سنسار روپي پيپر جي وڻ جا جڙ کان وٺي ٽنهي گُڻن روپي شاخن تائين حصا الڳ الڳ ٻُڌائيندو آهي. (سمه ويد وت) اُهو ويد جي مطلب کي ڄاڻڻ وارو آهي مطلب اُهو تتودرشي سنت آهي.

پنهنجي طرفان رچيل سرشٽي جو گيان ۽ حقيقي اذياتمڪ گيان پرماتما خود پرٿوي تي پرگهٽ ٿي ڪري پنهنجي مُک ڪمل سان ٻُڌائيندو آهي. ثبوت جي لاءِ پڙهو هينيان ويد منتر. انهي منترن جي فوٽوڪاپي مهرباني ڪري ڏسو پستڪ "گيتا تيرا گيان امرت" ۾ جنهن جو ترجمو آريہ سماج جي سربراه مهرشي ديانند ۽ اُن جي پوئلڳن ڪيو آهي. اُنهي جون غلطيون ليڪڪ (سنت رام پال داس) نيڪ ڪيون آهن.

رگ ويد منڈل نمبر 9 سُڪت 86 جي منتر نمبر 26 ـ 27، رگ ويد منڈل نمبر 9 سُڪت 82 منتر نمبر 1ـ2، رگ ويد منڈل نمبر 9 سُڪت 96 منتر نمبر 16 کان 20، رگ ويد منڈل نمبر 9 سُڪت 94 منتر نمبر 1، رگ ويد منڈل نمبر 9 سُڪت 95 منتر نمبر 2، رگ ويد منڈل نمبر 9 سُڪت 54 منتر 3، رگ ويد منڈل نمبر 9 سُڪت 20 منتر 1 ۾ثبوت آهي تہ جيڪو سيني برهمانڈن جو رچڻهار، سيني جو پالڻهار پرميشور آهي. اُهو سيني لوڪن کان مٿئين لوڪ ۾ وينو آهي. (رگ ويد منڈل نمبر 9 سُڪت 54 منتر نمبر 3) اُهو پرماتما اُتان کان گتي ڪري مطلب شرير سميت هلي ڪري هتي پرٿوي تي ايندو آهي، ٻڌگتن جي مشڪلاتن کي ناس ڪندو آهي. اُن جو نالو ڪويردیو مطلب ڪبير پرميشور آهي. هتي نيڪ آتمائن کي ملندو آهي، تتو گيان پنهنجي مُک ڪمل سان ڇڻي ٻُڌائيندو آهي. اُهو پرماتما مٿئين لوڪ ۾ وينل آهي. (رگ ويد منڈل نمبر 9 سُڪت 86 منتر نمبر 26 ۽ 27، منڈل نمبر 82 منتر نمبر 1 ـ 2 ۽ منڈل نمبر 9 سُڪت 20 منتر1)

پرماتما زمين تي ڪَوِي (شاعر) وارو رويو اختيار ڪندا آهن. (رگ ويد منڈل نمبر 9 سُڪت 94منتر نمبر1)

پرماتما پنهنجي وات سان واڻي ڇڻي ٻڌگتن کي ٻڌگتي ڪرڻ جو جذبو جاڳائين ٿا. پرماتما ٻڌگتي جا لکيل منتر ايجاد ڪن ٿا. (رگ ويد منڈل نمبر 9 سُڪت 95 منتر نمبر 2)

پرماتما تتو گيان کي ڪوير واڻي (ڪبير واڻي) جي ذريعي دوهن، چوپاين، بيتن ذريعي چئي ٻڌائيندا آهن. اُها ڪويرديو (ڪبير پرميشور) آهن جيڪي سنت روپ ۾ پرگھٽ ٿيندا آهن. اُنهي پرميشور طرفان رشي يا سنتن جون نهيل لامحدود واڻيون جيڪا تتو گيان آهن، اُهي اُن جي عقيدتمندن جي لاءِ امرت جي برابر راحت ڏيندڙ هوندیون آهن.

اُهي پرميشور مشهور ڪوين (شاعرن) مان به هڪ مشهور ڪوي جو درجو حاصل ڪن ٿا. اُن کي ڪوي چوندا آهن، مگر اُهي پرماتما هوندا آهن. اُهي پرماتما ٽئين مڪتي ڌام (ست لوڪ) ۾ براجمان آهن. جيئن انسان ٻيا ڪپڑا پهرين ٿا ايئن ئي اُهي پرماتما مختلف روپ ۾ ڌرتي تي پرگھٽ ٿيندا آهن. مٽئين رگ وید جي منترن مان ثابت آهي ته پرماتما پنهنجي امر ڌام کان اچي ڌرتي تي ظاهر ٿيندا آهن. اُهي سنين آتمائن کي ملندا آهن. اُهي تتودرشي سنت جو ڪردار ادا ڪري تتو گيان دوهن، چوپاين، شبدن ذريعي چوندا آهن. اُنهي پرميشور سنہ 1398ع کان 1518ع تائين 120 سال ڌرتي تي پارت ملڪ جي پاڪ ڌرتي تي ڪاشي شهر ۾ جُلاهي (ڏاڻڪ) جي روپ ۾ رهي تتو گيان ٻڌايو.

ڪبير، اڪشر پُرش ايک پيڙھئہ، شر پُرش واکي ڌار

تينون ديو شاخا هين پات روپ سنسار

خاص:- ڪبير واڻي پُستڪ ۾ هڪ واڻي هينئن به لکيل آهي:-

ڪبير، اڪشر پُرش ورکش کا تنا هئہ، شر پُرش هئہ ڌار

تردیو شاخا ييئي، پات جانو سنسار

آسان ارٿ:- وڻ جو جيڪو حصو ڌرتي کان ٻاهر ڏسڻ ۾ ايندو آهي اُن جي معلومات ٻڌائي آهي ته وڻ جو جيڪو ٽڙ هوندو آهي اُن کي ته "اڪشر پُرش" سمجهو. ٽڙ کان متي ڪيترائي ٽلها تار نڪرندا آهن اُنهن مان هڪ تار کي "شر پُرش" سمجهو. پوءِ اُنهي تار جون سمجهو ته تي شاخون نڪريون آهن. اُهي تي ديوتا (رجو گڻ برهماجي، ستوگڻ وشنو جي ۽ تمو گڻ شو جي) سمجهو ۽ اُن شاخن تي لڳل پن سيئي ساهوارا سمجهو.

پرميشور ڪبير جي تتو گيان ۾ سپ گيان ٻڌايو آهي. گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 32 ۾ چيو آهي ته يگين يعني ڌرمي ڪريائن جي معلومات (برهمڻه مڪ) سچدانند گھن برهم يعني پرم اڪشر برهم پنهنجي مُک ڪمل سان چيل واڻي ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي، اُهو تتو گيان آهي.

گيتاجي اڌياءِ نمبر4 شلوڪ نمبر 34 ۾ چيو آهي ته جيڪو تتو گيان پرماتما خود ٻڌائيندا آهن اُن کي اُن جا ڪرپا بخشيل سنت ئي سمجهندا آهن.اُنهي تتو گيان کي تون تتودرشي سنتن وٽ وڃي سمجھ. اُن کي ڊنڊوت پرڻام (ڌرتي تي پيٽ جي طاقت ڊگھو ليٽي پرڻام ڪرڻ) ڪري ، نوڙت سان سوال ڪرڻ سان اُهي تتودرشي سنت تتو گيان جو اُپديش ڪندا.

پرميشور اهو تتو گيان خود ڌرتي تي پرگھٽ ٿي ٻڌايو هو. گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 1 ۾ تتودرشي سنت جي سچاڻپ ٻڌائي آهي ته جيڪو سنت سنسار روپي وڻ کي مول (پاڙ) کان وڍي سيني حصن کي ڇاڻي ٿو ،اُهو تتودرشي سنت آهي.

❖ هاڻي سمجهو سنسار روپي وڻ جا سڀ حصا:-

1. **مول (پاڙ):-** هي پرم اڪشر برهم آهي جيڪو سيني جو مالڪ آهي. سيني جي پيدائش ڪندو آهي. سيني جو پالڻ پوشڻ ڪرڻ وارو آهي جنهن جي معلومات گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 1 جي سوال جو جواب گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 جي ئي شلوڪ نمبر 3، 8، 9، 10 ۽ 20، 21، 22 ۾ ڏنو آهي. اُنهن جو ذڪر گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 جي شلوڪ نمبر 17 ۾ آهي. جيئن گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 16 ۾ به پُرش ٻڌايا آهن:- هڪ "شر پُرش" ۽ ٻيو "اڪشرپُرش"، اهي ٻئي ۽ اُن جي ماتحت جيترا به شرير ڌاري ساهوارا آهن، اُهي سڀ فاني آهن. جيو آتما ته ڪنهن جي به نٽي مري.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 جي ئي شلوڪ نمبر 17 ۾ چيو آهي تہ (اُتم پُرشه) مطلب پُرشوتم تہ (انيه) ٻيو ئي آهي جنهن کي (پرماتما اِتي اُڌارتيه) پرماتما چيو ويندو آهي (يه لوڪ تريم) جيڪو تنهي لوڪن ۾ (اوشيہ وِپرتي) داخل ٿي سيني جو پالڻ پوشڻ ڪندو آهي (اويہ اِشورہ)اوناشي پرميشور آهي، هي پرم اڪشر برهم سنسار روپي وڻ جي مُول (پاڙ) روپي پرميشور آهي. هي اُهو پرماتما آهي جنهن جي باري ۾ سنت غريب داس جي چيو آهي:-

"پيڃن ڪرو اُس رب کا، جو داتا هئہ ڪُل سب کا"

هي لامحدود برهمانڊن جو مالڪ آهي. هي شرپُرش ۽ اڪشر پُرش جو بہ مالڪ ۽ پيدا ڪندڙ آهي.

2. **اڪشر پُرش:-** هي سنسار روپي وڻ جو ٽڙ سمجهو. هي ست شنک برهمانڊن جو مالڪ آهي، فاني آهي.
3. **شر پُرش:-** هي گيتا گيان داتا آهي، اُن کي "شربرهم" بہ چوندا آهن. هي صرف 21 برهمانڊن جو مالڪ آهي، فاني آهي.
4. **ٽيئي ديوتا (رجوگُڻ برهما، ستوگُڻ وشنو ۽ تموگُڻ شو) ٽي شاخون:-** هي هڪ برهمانڊ ۾ نهيل تنهي لوڪن (پرٿوي لوڪ، پاتال لوڪ ۽ سرڳ لوڪ) ۾ هڪ هڪ گُڻ جا وزير آهن، مالڪ آهن.

جيئن = رجوگُڻ شعبي جو شري برهما جي مالڪ آهي، جنهن جي اثر سان سڀ ساهوارا اولاد پيدا ڪندا آهن. ستوگُڻ شعبي جو شري وشنو جي مالڪ آهي، جنهن سان هڪ ٻئي ۾ ممتا بڻي رهندي آهي، ڪرمن جي مطابق سيني جو ڪيل نتيجو ڏيندا آهن. تموگُڻ شعبي جو شري شنڪر جي مالڪ آهن، جنهن جي ڪري سيني جو انت ٿيندو آهي ۽ پن روپ ۾ سنسار جا ساهوارا سمجهو. هي آهي سنسار روپي وڻ جي سرڳن جي الڳ الڳ معلومات. هي گيان خود پرميشور ڪبير جي پنهنجي مُک ڪمل سان چيو هو. اهو ڪبير واڻي، ڪبير بيجڪ، ڪبير شبداولي ۽ ڪبير ساگر ۾ شري سيٹ ڏرم داس (بانڊوگڙ واري) طرفان لکيا ويا هئا. اُنهي پرميشور تہ پُڌايو ئي هو يا موجود وقت ۾ هي داس (سنت رامپال داس) سمجهايو آهي. اها مهرباني پرميشور ڪبيرجي آهي تہ مڪمل اڌياتمڪ گيان مون کي حاصل آهي.

گيتا جي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 1 جي مطابق تتودرشي سنت جي سڃاڻپ کان بہ هي ثابت ٿيو تہ هي داس (سنت رامپال داس) اهو تتو درشي سنت آهي.

گيتا جي اڌياءِ نمبر 15 جي شلوڪ نمبر 1 کان 4 ۽ 16 کان 17 جو نچوڙ روپي چيتر.

وري موضوع تي اچون ٿا تہ **"پيڃن ڪرو اُس رب کا، جو داتا هئہ ڪُل سب کا."**

ايستائين تہ هي پُڌايو آهي تہ پڳتي ڪرڻ گهرجي مگر هاڻي اهو ثابت ڪريون ٿا تہ پڳتي ڪنهن جي ڪريون؟

1. شري برهما جي رجوگُڻ جي يا 2. شري وشنو جي ستوگُڻ جي يا 3. تموگُڻ شري شوجي روپي تنهي شاخن جي يا وري 4.شرپُرش گيتا گيان داتا تار جي يا 5. اڪشرپُرش تڙ جي يا 6. پرم اڪشر پُرش = پاڙ جي.

مثالطور:- جيڪڏهن اسان نرسري کان ڪو انب جو ٻوٽو آڻيندا آهيون، اُن کي پنهنجي ٻني يا گهر جي اڱڻ ۾ پوکيندا آهيون تہ ڪيئن پوکيندا آهيون؟

زمين ۾ کڏو کوٽيندا آهيون، ٻوٽي جي مُول (پاڙ) کي کڏي ۾ رکي متي ۾ ڊکي ڇڏيندا آهيون. پوءِ ٻوٽي جي مُول (پاڙ) ۾ پاڻي ڏيندا آهيون، پاڻ ڏيندا آهيون، مطلب ٻوٽي جي پاڙ جي پوجا ڪندا آهيون. پاڙ کان خوراڪ تڙ ۾، تڙ پنهنجي ضرورت مطابق خوراڪ رکي باقي بچيل خوراڪ ڏار ۾ موڪلي ڇڏيندو آهي. ڏار پنهنجي لاءِ ضروري خوراڪ رکي باقي شاخن ۾ موڪلي ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح شاخون باقي خوراڪ کي پنن تائين موڪليندیون آهن. اهڙي ريت اهو ٻوٽو وڻ ٻڌجي ميوات ڏيندو آهي.

پڙهندڙ تمام گهٽا سمجهدار آهن. سمجهي ويا هوندا تہ اسان کي ڪهڙي پرماتما جي پوجا ڪرڻ گهرجي؟

سوڪشم ويد ۾ پرميشور ڪبير جي پُڌايو آهي تہ:-

ڪبير، ايڪي ساڌي سب سڌي،سب ساڌي سب جايہ

مالي سينڇي مول ڪون، ڦولي ڏلي اگهايو

هڪ مُول مالڪ جي پوجا ڪرڻ سان سڀني ديوتائن جي پوجا ٿي ويندي آهي جيڪا شاسترن جي مطابق آهي. جيڪي تنهي ديوتائن مان هڪ يا ٻه (شري وشنو ستوگُڻ ۽ شري شنڪر تموگُڻ) جي پوجا ڪندا آهن يا تنهي جي پوجا اِشٽ روپ ۾ ڪندا آهن تہ اُهو گيتاجي اڌياءِ نمبر 13 جي شلوڪ نمبر 10 ۾ واضح ٿيل هڪ پرماتما جي پڄڻي نہ هڻڻ ڪري فضول آهي. جيئن ڪو عورت پنهنجي پتي جي علاوه ٻئي مرد سان جنسي ميلاپ نہ ڪندي، اُهو اوپيچارڪي عورت آهي. جيڪا ڪيترن مردن سان سمپرڪ ڪندي آهي، اها وپيچارڪي هڻڻ سان سماج ۾ نندا جي لائق هوندي آهي.

متي پاڙ ھيٺ ٽارين وارو اُبتو لٽڪيل سنسار رُوپي وڻ جو نقشو

شاسترن مطابق ساڌنا مطلب سڌو پوکيل پگتي روپي ٻوٽي جو چترڻ شاسترن جي خلاف ساڌنا مطلب اُبتو پوکيل پگتي روپي ٻوٽي جو نقشو ڏسو.

پُورڻ برِهم ڪبير صاحب (ڪويرديو)

گيتا اڌيائي 15

شلوڪ 1 ڪان 4

شلوڪ نمبر 16 ڪان 17

جي سمجهاڻي

پاڙ

ڪبير اڪشرپُرش اڪ پيڙهي ،

نرنجن واڪي ڌار

تينون ديوا ساڪاهي

پات رُوپ سنسار

اڪشرپُرش برِهم

ٿڙ

ڌار برِهم

شرپُرش

وشٽو

شِو

برهما

شاستر خلاف ساڌنا مطلب اُبتو پوڪيل پگتي رُوپي ٻُوٽو

مٿئين ثبوتن مان واضح ٿيو تہ هڪ مول مالڪ جي پڄڻي ڪرڻ سان ساڌڪ جو آتم ۔ ڪلياڻ ممڪن آهي.

پيا ثبوت:- گيتاجي اڌياءِ نمبر 3 شلوڪ نمبر 10 کان 15 ۾ انهي مٿئين ٻڌايل پڄڻي جي حمايت ڪئي آهي.

❖ گيتا اڌياءِ نمبر 3 شلوڪ نمبر 10 = پرجاپتي مطلب سپني جي مالڪ دنيا جي شروعات ۾ يگيہ سميت يعني ڌرمي ڪرياڻن جي گيان سميت ماڻهن کي پيدا ڪري حڪم ڏنو هو تہ توهان سڀئي ڌرمي ڪرياڻن ذريعي واڌويجهہ کي حاصل ڪريو. اهو يگيہ يعني ڌرمي ڪربا توهان کي خواهشي خوراڪ عطا ڪرڻ وارا آهن. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 3 شلوڪ نمبر 10)

❖ اِنهي شاسترن مطابق ڌرمي ڪربا جي ذريعي ديوتائن (سنسار روپي ٻوٽي جي تارين) کي اهميت ڏيو مطلب تہ پورڻ پرماتما (ڪُل مالڪ) کي اِشٽ مجي ساڌنا ڪرڻ سان شاخون ازخود وڌي ويندیون آهن جيئن تہ پهرين ثابت ٿي چڪو آهي. پوءِ اُهي ديوتا (تاريون وڌيون ٿي ميوا ڏيندیون) توهان کي نتيجو ڏين يعني جڏهن اسان شاسترن مطابق ساڌنا ڪنداسين تہ اسان جا پڄڻي ڪرم نهندا، ڪرمن جو ڦل اهي ٿيئي ديوتا (شري برهماجي، شري وشنوجي ۽ شري شوجي روپي تاريون) ڏيندا آهن. اهڙي طرح هڪيئي کي ڦل ڏيندي توهان جو ڪلياڻ ٿي ويندو ۽ انهي سان ٻئي پرماتما کي حاصل ٿي ويندا. (اها گيان گيتا گيان داتا ٻڌائي رهيو آهي) (گيتاجي اڌياءِ نمبر 3 شلوڪ نمبر11)

❖ شاسترن مطابق ڪيل يگيہ يعني ڪربا ذريعي وڌايل ديوتا يعني سنسار روپي ٻوٽي جون تاريون توهان کي بغير گهرڻ جي خواهشي خوراڪ لازمي ئي ڏيندا رهندا. جيئن ٻوٽي جي پاڙ کي پاڻي ڏيڻ سان ٻوٽو وڌو ٿي وڻ ٿي ويندو آهي اُهي تاريون ميون سان پرجي ويندیون آهن. پوءِ اُنهي وڻ جون تاريون ازخود هر سال ميوا ڏيندیون رهنديون يعني توهان جي ڪيل شاسترن مطابق پڄڻي ڪرم جو ڦل جيڪو جمع ٿي ويندو آهي، اُنهي سان اهي ديوتا توهان کي ڏيندا رهندا، توهان گهُرو يا نہ گهرو. جيڪڏهن اُنهن ديوتائن ذريعي ڏنل توهان جي ڪرم سنسڪار جو ڏن وري ڏرم ۾ نہ لڳايو تہ اُهو پڄت پڄڻي جو چور آهي. اُهو اڇڻي پُڄ ڪرمن کان خالي ٿي نقصان پوڳيندو آهي. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 3 شلوڪ نمبر 12)

❖ يگيہ مان بچيل اَن کي ڪائڻ وارا سنت سپني پاپن کان آجا ٿي ويندا آهن. مطلب آهي تہ تتودرشي سنت سپ کان پهريائين پرم اڪشر برهم کي پوڳ لڳائي پوءِ بچيل ڪاڌي کي سپني پڄڻن ۾ ورهائيندو آهي. اها سچاڻپ آهي سچي ساڌنا جي تہ اهو سنت سڀئي پڄڻي منتر بہ شاسترن مطابق ڏيندو آهي. جنهن جي ڪارڻ پڄت سپني پاپن کان آجا ٿي ست لوڪ ۾ هليو ويندا آهن ۽ جيڪي پاپي ماڻهو شاسترن جي طريقيڪار مطابق ڌرمي ڪربائون نہ ٿا ڪن يا ڌرم نہ ٿا ڪن، صرف پنهنجي جسم جي پرورش جي لاءِ اَن پچائين ٿا اُهي تہ پاپ کي کائيندا آهن. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 3 شلوڪ نمبر 13)

❖ سڀئي ساهوارا اَن سان پيدا ٿيندا آهن يعني اَن کائڻ سان جسم ۾ اولاد پيدا ڪرڻ جو مادو پيدا ٿئي ٿو جنهن سان سپني ساهوارن جي پيدائش ٿئي ٿي. اَن جي پيدائش برسات سان ٿيندي آهي. برسات شاسترن جي طريقيڪار مطابق ڪيل يگيہ يعني ڌرمي ڪربا سان ٿيندي آهي. يگيہ يعني ڌرمي ڪربا شاسترن ۾ ذڪر ڪيل طريقي سان ڪيا ويندا آهن. ڪرم کي برهم يعني شرپُرش کان پيدا ٿيل ڄاڻو ڇو تہ اسان برهم (ڪال) جي لوڪ ۾ آيل آهيون تہ اسان کي ڪرم ڪري ئي سپ حاصل ٿيندو آهي. جڏهن اسان ست لوڪ ۾ هڪاسين تڏهن بنا ڪرم ڪري سپ حاصل هو. انهي ڪري ڇيو آهي تہ ڪرم کي برهم (ڪال) کان پيدا ٿيل سمجهو ۽ برهم جي پيدائش لافاني پرماتما کان ٿي. (جنهن جو ذڪر گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 17 ۾ آهي ۽ سرشٽي رچنا اڌياءِ ۾ پڙهو) انهي مان ثابت ٿئي ٿو تہ (سَرَو گتم برهم) حاضر ناظر پرم اڪشر پرماتما يعني پرم اڪشر برهم سدائين يگين ۾ يعني ڌرمي ڪرياڻن کي (پرتِيشنتم) پورو ڪندڙ آهن يعني سپ ڌرمي ڪرياڻن ۾ پرم اڪشر برهم ايشٽ روپ ۾ پوجا جي لائق آهن. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 3 شلوڪ نمبر14 ۽ 15).

پرم اڪشر برهم گيتا گيان داتا کان الڳ آهي.

گيتا گيان داتا خود گيتاجي اڌياءِ نمبر 18 شلوڪ نمبر 62 ۾ چيو آهي تہ هي پارت! تُون سڀ ئي طرح سان اُنهي پرماتما مطلب پرم اڪشر برهم جي شرڻ ۾ وڃ، اُنهي پرميشور جي ڪرپا سان ئي تون پرم شانتي کي ۽ لافاني مڪان مطلب سناتن پرم ڌام کي حاصل ٿيندين.

❖ گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 4 ۾ گيتا گيان داتا ٻُڌايو آهي تہ تتودرشي سنت ملڻ ڪانپوءِ تتوگيان روپي شاستر ذريعي اڳيان کي ڪٽي پرميشور جي اُنهي پرم پد جي کوج ڪرڻ گهرجي جتي وڃڻ ڪانپوءِ ساڌڪ موٽي وري ڪڏهن سنسار ۾ جنم نہ ونندو مطلب اُن کي سناتن پرم ڌام حاصل ٿي ويندو آهي، جتي پرم شانتي آهي، ڪوبہ تڪليف نہ آهي، اُتي موت نہ ٿيندي، اُتي ٻُڌاپو نہ هوندو، اُتي ڪنهن بہ شي جي ڪوٺ نہ آهي. جنهن پرميشور کان سنسار روپي وڻ جي واڌويجهہ پکيڙ تائين پهتي آهي، اُنهي پرميشور جي پڳتي ڪرڻ گهرجي.

❖ گيتاجي اڌياءِ نمبر 13 شلوڪ نمبر 17 ۾ گيتا گيان داتا ٻُڌايو آهي تہ اُهو پربرهم مطلب مون کان ٻيو پرپو ٻين لفظن ۾ پرم اڪشر برهم (جنهن جي باري ۾ گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 3 ۾ چيو آهي) جوتين جو بہ جوت، مايا کان تمام پري چيو ويندو آهي، بوڌ روپ (ڄاڻڻ لائق) پرماتما تتو گيان سان حاصل ڪرڻ جي لائق آهي جيڪو سيني جي هرديہ ۾ خاص روپ سان موجود آهي. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 13 شلوڪ نمبر 17)

ويچار ڪريو:- جنهن تتوگيان سان پرم اڪشر برهم حاصل ٿيندو آهي، اُن کي سوڪشم ويد بہ چوندا آهن. جنهن جو گيان گيتا گيان داتا کي نہ آهي. انهي لاءِ گيتا گيان داتا گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 32 ۽ 34 ۾ ٻُڌايو آهي تہ يگين مطلب ڏرمي ڪرياڻن جو تفصيل سان گيان خود (برهمڻ مُکڻ) سچيدانند گهن برهم پرماتما مطلب پرم اڪشر برهم پنهنجي مُک ڪمل سان ڇئي ٻُڌايو آهي جيڪو سچيدانند گهن برهم جي واڻي ڇئي ويندي آهي، اُن کي تتوگيان چوندا آهن. اُن کي سمجهي ساڌڪ سيني پاپن کان مُڪت ٿي ويندو آهي. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 32)

پڙهندڙن کان عرض آهي تہ گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 32 جي مُول پاٺ ۾ "برهمڻ" شبد آهي. گيتاپريس گورک پُر کان ڇپيل گيتا يا ٻين پريسن کان ڇپيل گيتا ۾ ترجمو ڪندڙن برهمڻ جو ارٿ "ويد" ڪيو آهي جيڪو غلط آهي.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 17 شلوڪ نمبر 23 ۾ بہ "برهمڻ" شبد آهي، اُن ۾ ترجمو ڪندڙن درست ارٿ "سچيدانند گهن برهم" ڪيو آهي. انهي ڪري گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 جي شلوڪ نمبر 32 ۾ "برهمڻ مُکڻ" جو ارٿ سچيدانند گهن برهم جي مُک ڪمل سان چيل واڻي ۾ ڪرڻ نيڪ آهي.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 شلوڪ نمبر 34 ۾ گيتا گيان داتا چيو آهي تہ اُنهي تتوگيان کي جنهن کي پرميشور پنهنجي مُک ڪمل سان ٻُڌايو آهي، تون تتودرشي سنتن وٽ وڃي سمجهہ، اُن کي ڊنڊوت پرڻام ڪرڻ سان نمرتا پوروڪ سوال ڪرڻ سان اُهو پرماتم تتو کي چڱي طرح وارو تتودرشي مهاتما توکي تتوگيان جو گيان اُپديش ڪندو.

پرپو پريمي پڙهندڙؤ! انهي مان واضح ٿيو تہ اُهو تتوگيان جنهن سان پرم اڪشر پرماتما حاصل ٿيندو آهي، اهو گيتا گرنٿ ۾ نہ آهي. گيتاجي ڇئني ويدن (رگ وید، يجُروید، سام وید ۽ اٿروید) جو مختصر سار آهي، اُن جو نچوڙ آهي. انهي مان ثابت ٿيو تہ سوڪشم ويد وارو تتو گيان ڪنهن بہ موجود وقت جي شاسترن ۾ نہ آهي. اُهو گيان مون (سنت رامپال داس) وٽ آهي، دنيا ۾ ڪنهن وٽ نہ آهي.

سوال:- ڇا شري برهما جي رجو گُڻ، شري وشنوجي ستو گُڻ ۽ شري شو جي تموگُڻ بہ اِيشٽ روپ ۾ پوجا جي لائق نہ آهن؟ هندو ڏرم ۾ انهن ديوتائن جي پوجا ڪئي ويندي آهي. هندو ڏرم گُرو، شنڪر آچاريہ ۽ ٻين انهن جي پوجا اِيشٽ روپ ۾ مڃي ڪرڻ جو چوندا آهن، اُهي خود بہ ڪندا آهن. توهان جي ڀَالهہ بلڪل شڪ واري لڳي ٿي، ڇا توهان گيتاجي ۾ ثابت ڪري سگهو ٿا؟

جواب:- هندو ڌرم جي ڌرم گروئن کي پنهنجن سد گرنٿن جو گيان نہ آهي. جيئن اڪثر گيان ڏيڻ واري اُستاد کي پنهنجي نصاب جي ڪتابن جي ليک جو ئي علم ناهي تہ اُهو اُستاد شاگردن جي لاءِ نقصانڪار هوندو آهي. اُهو شاگرد نيڪ ناهي، اها ئي حالت هندو ڌرم جي ڌرم گروئن جي آهي.

ثبوت:- شريمد پگوت گيتا جي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 12 کان 15 ۾ گيتا گيان داتا چيو آهي تہ تنهي گُڻن سان (رجوگُڻ برهما جي سان پيدائش، ستوگُڻ وشنو سان پالڻ پوشڻ ۽ تموگُڻ شري شنڪر جي سان موت) جيڪو ٿي رهيو آهي، اُن جو ڪارڻ مان آهيان، مگر اُنهن ۾ آئون ۽ اُهي مون ۾ نہ آهن. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 12)

پهرين اهو ثابت ٿا ڪريون تہ رجوگُڻ برهما ستوگُڻ وشنو ۽ تموگُڻ شنڪر آهن:-

1. مارڪنڊي پُراڻ (گيتا پريس گورکپُر کان ڇپيل صرف هندي سچيتر موتا تائيپ) جي صفحو نمبر 123 تي لکيل آهي تہ برهما وشنو ۽ مهيش برهم جون مکيہ شڪتيون آهن. اهي ئي تي گُڻ آهن، اهي ئي ٽيئي ديوتا آهن.
2. شري ديوي پُراڻ (شري ڪيمچند شري ڪرشن چندر وينڪيٽيشور پريس ممبئي کان ڇپيل) جي ٽئين اسڪند جي اڌياءِ نمبر 5 شلوڪ نمبر 8 ۾ چيو آهي تہ:-

يدا ديا ڌرمنا سدا امبڪي ڪٹم اَهَم وِهِتہ تموگُڻہ

ڪملجہ رجوگُڻہ ڪٹم وهيتہ چہ شري هري ستوگُڻہ (ديوي پُراڻ 8/5/3)

ترجمو:- پِڱوان شو پنهنجي ماتا درگا جي کان سوال ڪري رهيو آهي تہ اي ماتا! جيڪڏهن تون اسان تي مهربان آهين تہ مون کي تموگُڻ چو پيدا ڪيو؟ ڪمل کان پيدا ٿيل برهما جي کي رجو گُڻ ۽ شري وشنو جي کي ستوگُڻ چو ٻڌايو؟

- اِنهي مان ثابت ٿيو تہ رجوگُڻ ڇئو، چاهي برهما جي ڇئو، ستوگُڻ ڇئو، چاهي وشنو جي ڇئو، تموگُڻ ڇئو، چاهي شوجي ڇئو.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 12 جو ارت:- گيتا گيان داتا ڪال برهم آهي ثبوت گيتاجي اڌياءِ نمبر 11 شلوڪ نمبر 31 ۽ 32، اڌياءِ نمبر 11 شلوڪ نمبر 31 ۾ ارجن پڇيو تہ:- هي مهان پاوا! توهان ڪير آهيو؟ جڏهن تہ شري ڪرشن جي تہ ارجن جو سالو هو. شري ڪرشن جي پيٽ سيدرا جي شادي ارجن سان ٿيل هئي. ويچار ڪريو تہ جيڪڏهن گيتا گيان داتا شري ڪرشن جي هجن ها تہ ارجن کي اها ڄاڻڻ جي نوبت نہ اچي ها تہ توهان ڪير آهيو؟ ڇا جيجا پنهنجي سالي کي نہ سڃاڻيندو هوندو؟ حقيقت ۾ شري ڪرشن جي جسم ۾ پوت وانگر داخل ٿي ڪال برهم گيتا جو گيان ڇئي رهيو هو. وڌيڪ ثبوت جي لاءِ پڙهو پُستڪ" گيتا تيرا گيان امرت"، "گهري نظر گيتا ۾"، "گيان گنگا"، "اڌياتمڪ گيان گنگا" ۽ ستسنگ جي DVD شريمد پگونت گيتا جو گيان ڪنهن چيو. اها سڀ اسان جي ويب سائيٽ www.jagatgururampalji.org تي موجود آهي. مفت ڊائون لوڊ ڪري سگهو ٿا. Youtube تي بہ search ڪري سگهو ٿا (Satsang Barwala Ashram يا Sant Rampal Ji) گيتا گيان داتا ڪال برهم آهي جيڪو گيتاجي اڌياءِ نمبر 11 شلوڪ نمبر 32 ۾ خود ڇئي رهيو آهي تہ آئون ڪال آهيان، هينئر ظاهر ٿيو آهيان يعني هينئر پرگهٽ ٿيو آهيان. جيڪڏهن شري ڪرشن جي گيتا گيان ڇئي رهيا هوندا تہ هي نہ چوندا تہ آئون هينئر آيو آهيان چو تہ شري ڪرشن جي تہ پهرين بہ موجود هئا. شري ڪرشن جي ڪڏهن بہ پهرين نہ چيو تہ آئون ڪال آهيان، نہ ڪڏهن بعد ۾ چيو تہ سيني جي ناس ڪرڻ وارو مهاڪال آهيان. ڪوروَن جي دربار ۾ پنهنجو وراٹ روپ بہ ڏيکاريو هو. وراٹ روپ پِڱتي يُڪت هرهڪ آتما کي هوندو آهي. ڪو ڪو ئي اُن کي ظاهر ڪري سگهندو آهي. هي پِڱتي جي شڪتي جي مطابق هوندو آهي.

گيتاگيان داتا گيتاجي اڌياءِ نمبر 11 شلوڪ نمبر 47 ۾ چيو آهي تہ ارجن! منهنجو هي وراٹ روپ تو ڪانسواءِ پهرين ڪنهن نہ ڏٺو آهي. "پڙهندڙن کي عرض آهي تہ شري ڪرشن جي تہ پنهنجو وراٹ روپ پهرين ڪوروَن جي دربار ۾ ڏيکاريو هو" جنهن کي موجود سوين ڪوروَن سميت هزارين ماڻهن ڏٺو هو. جيڪڏهن شري ڪرشن جي گيتا گيان ڇئي رهيا هجن تہ اهو

ڪڏهن بہ نہ چون تہ هي منهنجو وراڻ روپ تو ڪانسواءِ پهرين ڪنهن نہ ڏٺو هو. انهي مان ظاهر آهي تہ گيتاگيان داتا "ڪال برهم" آهي جنهن کي گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 جي شلوڪ نمبر 16 ۾ شرپُرش چيو ويو آهي. جنهن گيتاجي اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 13 ۾ چيو آهي تہ

"اوم اِتي ايڪ اڪشرم برهم ويوهارن مام انوسمرڻ
يہ پرياتي تجن ديهم سهہ ياتي پرمام گتيم"

ترجمو:- گيتا گيان داتا چيو آهي تہ (مام برهم) مون برهم جو (اوم اِتي ايڪ اڪشرم) هي هڪ اوم اڪشر آهي. (ويوهارن)اُچارڻ ڪري (انوسمرڻ) سمرڻ ڪندي (يہ پرياتي تجن ديهم) جيڪو ساڏڪ شريرتياڳي ويندو آهي، (سهہ ياتي پرمام گتيم) اُهو اوم نام سان هئڻ واري پرم گتي کي حاصل ٿيندو آهي، انهي کي وڌيڪ واضح ڪريان ٿو.

شري ديوي پُراڻ (سچيتر موتا ٽائيپ صرف هندي، گيتا پريس گورکپُر کان ڇپيل) جي ستين اسڪند ۾ صفحو نمبر 562 کان 563 تي ذڪر هن طرح آهي:-

شري ديوي جي راجا هماليا کي برهم گيان جو اُپديش ڏئي ٿي. چيو تہ هي راجن! تون اوم نام جو جاپ ڪرجنهن سان برهم جي حاصلات ٿيندي آهي. هي اوم نام برهم جو جاپ منتر آهي ۽ سيني ڳالهين کي، پوجائن کي ڇڏي صرف هڪ اوم نام جو جاپ ڪر، برهم جي حاصلات جو مقصد رک، تنهنجو ڪلياڻ ٿيندو. انهي سان برهم کي حاصل ٿي ويندين، اُهو برهم ديوبہ آڪاش روپي برهم لوڪ ۾ رهندو آهي. اِنهي ديوي مها پُراڻ مان ثابت ٿيو تہ اوم نام جاپ برهم جو آهي.

پيا ثبوت:- شري شو مها پُراڻ (گيتا پريس گورک پُر کان ڇپيل سچيتر موتا ٽائيپ) جي وڏويشور سمينتا جي صفحو نمبر 23 کان 25 تي ذڪر هن طرح آهي:-

هڪ دفعي شري برهما جي رجوگُڻ ۽ شري وشنو جي ستوگُڻ جي جنگ ٿي وئي. ڪارڻ هو تہ شري برهما جي شري وشنو جي رهائشگاهہ تي وڃي چيو تہ اي ايماني! تو منهنجي اڇ تي اُٿي آدر نہ ڪيو، تُون پُٽ ٿي ڪري بہ پتا جو آدرپاءُ نٿو ڪرين. آئون سڃي جڳت جو پيدا ڪرڻ وارو سيني جو پتا آهيان. اهي وچن ٻُڌي شري وشنو جي کي اندر کان تہ تمام گهٽو ڪروڌ آيو مگر ٻاهر کان چُپ رهيو چيو تہ اڇ پُٽ، آئون تنهنجو پيءُ آهيان. تنهنجي پيدائش منهنجي ناڀي ڪمل کان ٿي آهي. انهي ڳالهہ تي ٻنهي هٿيار کڻي ورتا، پاڻ ۾ جنگ ڪرڻ لڳا. اُنهي وقت ڪال برهم انهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ تيز روشني وارو ٿنيو بيهاري ڇڏيو. جنهن ڪارڻ سان ٻنهي يُڌ ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو. اُنهي وقت ڪال برهم پنهنجي پُٽ شِو جو روپ بڻايو ۽ پنهنجي پتني درگا کي پاروتي بڻائي اُنهن وت پرگهٽ ٿي ويا. اُنهن ٻنهي کي چيو تہ توهان ٻنهي کي گيان نہ آهي تہ هتي جو اِيش (ڀگوان) ڪير آهي؟ آئون برهم آهيان. هي سنسار منهنجو آهي، هي وشنو ۽ برهما! توهان ٻنهي تپ ڪري مون کان هڪ هڪ ڪم حاصل ڪيو آهي. برهما کي سرشٽي جي پيدائش ۽ وشنو کي پالڻ پوشڻ. پُٽ ٻُڌو! مون انهي طرح مهيش ۽ رودر کي بہ هڪ هڪ ڪم خاتمو ۽ موت ڏنا آهن. وري چيو آهي تہ منهنجو هڪ اڪشر اوم منتر جاپ ڪرڻ جو آهي. هي پنج آوين (اَ، اُ، ي، ناد ۽ بندو) کي گڏي هڪ اوم اڪشر ٺهيو آهي. پڙهندڙن کي ثابت ٿيو تہ "اوم" هڪ اڪر برهم جو جاپ منتر آهي. هي بہ ثابت ٿيو تہ شري برهماجي، شري وشنو ۽ شري مهيش کان الڳ ڪال برهم آهي ۽ برهما جي، وشنو جي ۽ شوجي ٽيئي ڪال برهم جا پُٽ آهن.

پيو ثبوت:- شري شِو مهاپُراڻ (گيتا پريس گورک پُر کان ڇپيل، سچيتر موتا ٽائيپ) ۾ رُودر سنهيتا جي صفحو نمبر 110 تي لکيل آهي تہ رجوگُڻ برهما، ستوگُڻ وشنو ۽ تموگُڻ شِو تنهي ديوتائن ۾ گُڻ آهن. آئون انهن کان الڳ آهيان.

اِنهن سيني ثبوتن مان واضح ٿيو تہ گيتا گيان داتا ڪال برهم آهي، اِن کي شراپ لڳل آهي تہ هي هرروز هڪ لک انساني شريرڌاري ساهوارن کي ڪائيندو ۽ سوا لک هرروز پيدا ڪندو.

اِنهي ڪري هن پنهنجي تنهي پُڻن کي هڪ ڳُڻ ۾پور بڻائي رکيو آهي، انهن جي شرير مان نڪرندڙ ڳُڻن جو سوڪشم اثر هرهڪ ساهواري کان مجبور ڪري ڪم ڪرائيندو آهي. جيئن بورچي خاني ۾ مرچن جي بدبوءِ ايندي آهي، ڇڪ ايندي آهي. اُنهن ڇڪن کي ڪير به نہ روڪي سگهندو. آڪار ۾ مرچ بورچي خاني ۾ هوندا آهن پر اُنهن مان نڪرندڙ ڳُڻ پري ڪمري ۾ وينل ماڻهن کي متاثر ڪري ڇڏيندا آهن.

اهڙي طرح ٽيئي ديوتا (شري برهما جي، شري وشنوجي، ۽ شري شوجي) پنهنجي پنهنجي لوڪ ۾ رهندا آهن، مگر اُنهن جي شرير کان نڪرندڙ ڳُڻن جو سوڪشم اثر تنهي لوڪن (سرگ لوڪ، پاتال لوڪ، پرٿوي لوڪ) جي پراڻين کي متاثر ڪندا رهندا آهن. جنهن سان ڪال برهم جي لاءِ هڪ لک انسان خوراڪ لاءِ تيار ٽيندا آهن. انهي ڪري گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 12 ۾ گيتا گيان داتا برهم چيو آهي تہ:-

❖ تنهي ڳُڻن سان جيڪو به تي رهيو آهي، اُن جو اصل ڪارڻ آئون ئي آهيان. جيئن رجوگُڻ برهما جي کان پيدائش، ستوگُڻ وشنو جي کان پالڻ پوشڻ ۽ تموگُڻ شو جي کان خاتمو ٽيندو آهي. هي سڀ منهنجي لاءِ ئي انهن جي طرفان تي رهيو آهي ايئن سمجهہ، مگر اُهو مون ۾ ۽ آئون اُنهن ۾ نہ آهيان ڇو تہ ڪال برهم انهن تنهي ديوتائن کان الڳ رهندو آهي. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 12)

❖ سڄو سنسار اِنهن تنهي ڳُڻن (رجوگُڻ برهماجي، ستوگُڻ وشنو ۽ تموگُڻ شو) تي ئي موهت آهي. انهن تائين گيان رکندو آهي. انهن تنهي ديوتائن کان پري مون کي ۽ (اوييم) اُنهي لافاني پرماتما کي نٿو ڄاڻي. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 13)

❖ ڇو تہ هي الوڪڪ ترگڻمئي مايا (يعني منهنجي پُڻن طرفان ڦهلايل مايا ڄار) تمام خطرناڪ آهي، نڪمي آهي. جيڪي پڳت صرف مون کي (ڪال برهم) کي پوجين ٿا، اُهي انهي مايا (برهما، وشنو، مهيش جي پڳتي سان ٽيڻ واري لاپ کان وڌيڪ لاپ برهم پڳتي ۾ آهي. انهي ڪري چيو آهي تہ جيڪو انهن تنهي سان ملڻ واري لاپ کي ڇڏي ڪال برهم جي ساڌنا ڪندا آهن، اُهي ان جو اُلنگهن ڪري يعني ان جي ساڌنا جو تياڳ ڪري ڇڏيندا آهن) جو اُلنگهن ڪري ويندا آهن. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 14)

❖ گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 15 ۾ چيو آهي تہ:- تنهي ڳُڻن (رجوگُڻ برهما جي، ستوگُڻ وشنو جي ۽ تموگُڻ شو جي) روپي مايا ڄار ذريعي جن جو گيان لتجي چڪو آهي يعني جيڪو ساڌڪ انهن تنهي ديوتائن کان الڳ پرپو کي نٿا سڃاڻن. انهن سان ملڻ واري نالي ماتر لاپ سان ئي موڪش مڃي انهن سان چنبڙيل رهندا آهن، انهن جي پوجا ڪندا رهندا آهن. اهڙا ماڻهو راڪشش لڇڻ کي ڌارڻ ڪيل، انسانن ۾ نيچ، بُرا ڪم ڪرڻ وارا مُورک مون ڪال برهم کي نٿا پوجين. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 15)

❖ گيتاجي اڌياءِ نمبر 14 شلوڪ نمبر 19 ۾ گيتا گيان داتا چيو آهي تہ جنهن وقت درشٽا يعني تتو گيان ٻُڌڻ وارا ۽ جيڪي تنهي ڳُڻن (رجوگُڻ برهما جي، ستوگُڻ وشنو جي ۽ تموگُڻ شو جي) جي اِشت روپ ۾ پوجا ڪرڻ وارا پنهنجي پُراڻي ويچارن کي نٿا بدلائين يعني انهن تنهي ڪانسواءِ ڪنهن کي به ايشور نٿا مڃين ۽ انهن تنهي کان پري پورڻ پرماتما جو گيان به حاصل ڪري وٺندا آهن، اُهي منهنجي ئي ڄار ۾ رهجي ويندا آهن.(گيتاجي اڌياءِ نمبر 14 شلوڪ نمبر 19)

گيتاجي اڌياءِ نمبر 14 شلوڪ نمبر 20 ۾ گيتا گيان داتا چيو آهي تہ جنم ونڌي آيل انسان انهن تنهي جو اُلنگهن ڪري يعني انهن تنهي جي پوجا ڇڏي ئي جنم مرڻ ۽ ٻُڍاپڻ ۽ ٻين سيني ڏُکن کان آجا ٿي پرمانند يعني گيتاجي اڌياءِ نمبر 18 جي شلوڪ نمبر 62 ۽ اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 4 ۾ ذڪر ڪيل پرم شانتي ۽ سناتن پرم ڌام کي حاصل ٽيندا آهن.

حاصل مقصد:- تنهي ديوتائن (رجوگُڻ برهما جي، ستوگُڻ وشنو جي ۽ تموگُڻ شو جي) جي پوجا ڪرڻ وارا راڪشش لڇڻ کي ڌارڻ ڪيل انسانن ۾ نيچ، بُرا ڪم ڪرڻ وارا مورک چيو آهي. ٻاوارث آهي تہ انهن جي پوجا نہ ڪرڻ گهرجي.

ڪارڻ:-

1. شري برهماجي رجوگُڻ جي پوجا هرڻاڪشپ ڪئي هئي، پنهنجي پُٽ پرهلاد جو دشمن بڻيو هو، راڪشش چورايو، ڪُتي واري موت مئو.
2. شري شو جي تموگُڻ جي پوجا راوڻ ڪئي هئي، سيتا ماتا کي کڻي ويو، پتني بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، راڪشش چورايو ۽ ڪُتي جي موت مئو.
3. شري وشنو جي پوجا ڪرڻ وارا ويشنو سڏائيندا آهن. هڪ دفعي هري دوار ۾ هڪ ڪنڀ جو ميلو لڳو. اُنهي ميلي ۾ سنان ڪرڻ جي لاءِ سيئي سنت (گِري، پُري، ناٿ، ناگا وغيره وغيره) پهچي ويا. ناگا شري شو جي تموگُڻ جا پوجاري هوندا آهن ۽ ويشنو شري وشنو ستوگُڻ جا پوجاري هوندا آهن. سيئي هري دوار ۾ هري جي مڪان تي سنان ڪرڻ جي تياري ڪرڻ لڳا جيڪي تعداد ۾ اٽڪل 20000 هئا. ڪجھ دير ڪانپوءِ ايترا ئي تعداد ۾ ويشنو ساڌو هري جي مڪان تي پهتا. ويشنو ساڌوئن ناگن کي چيو تہ اسان سريشٺ آهيون، اسان پهرين سنان ڪنداسين. انهي ڳالھ تي جهيڙو ٿي پيو. تلوار، ڪٽاري، ڇُرين سان وڙهڻ لڳا، اٽڪل 25000 بنهي پاسن جا ساڌو تنهي گُٽن جا اُپاسڪ ڪتجي مري ويا.

انهي ڪري گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 12 کان 15 ۾ تنهي گُٽن (رجوگُڻ برهما جي، ستوگُڻ وشنو جي ۽ تموگُڻ شو جي) جي پوجارين کي راڪشش لڇڻ وارا انسانن ۾ نيچ ٻُرا ڪرم ڪرڻ وارا مورڪ چيو آهي. انهي مان ثابت ٿيو تہ شري برهما جي رجوگُڻ، شري وشنو ستوگُڻ ۽ شري شوجي تموگُڻ جي پڄتي ڪرڻ وارا مورڪ، راڪشش، انسانن ۾ نيچ ۽ نيچ ڪم ڪرڻ وارا مورڪ آهن يعني انهن جي پوجا ڪرڻ شريمد پگونت گيتا ۾ منع ڪئي آهي، انهن جي اِشٽ روپ ۾ پوجا ڪرڻ بيڪار آهي.

"پوجا ۽ ساڌنا ۾ فرق"

سوال:- ڪال برهم جي پوجا ڪرڻ گهرجي يا نہ؟ گيتاجي ۾ ثبوت ڏيڪاريو.

جواب:- نہ ڪرڻ گهرجي. پهرين توهان کي پوجا ۽ ساڌنا جو فرق ٻُڌايون ٿا.

پڄتي مطلب پوجا:- جيئن تہ اسان کي خبر آهي تہ زمين جي اندر منو ٽڏو پاڻي آهي. اُن کي حاصل ڪيئن ڪري سگھجي ٿو؟ اُن جي لاءِ بور جي ذريعي زمين ۾ سوراخ ڪيو ويندو آهي، اُنهي سوراخ (Bore) ۾ لوهه جا پائيپ وڌا ويندا آهن، پوءِ هينڊ پمپ (نلڪو) جي مشين لڳائي ويندي آهي، تڏهن اُهو ٽڏو جيون داتا پاڻي حاصل ٿيندو آهي.

اسان جو پوجڻ پاڻي آهي، اُن جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪيل مشين ۽ محنت مزوري ساڌنا سمجهو. جيڪڏهن اسان مشينن جي پوجا ۾ لڳا رهنداسين تہ پاڻي حاصل نہ ٿي سگھندو، مشين ذريعي پوجڻ شيءَ حاصل ٿيندي آهي.

پيو مثال:- جيئن پتيورتا استري پريوار جي سپني پاتين جو احترام ڪندي آهي، سس ـ سهري جو ماتا پتا جي برابر، نٽند کي وڏي ننڍي پيٽ جي برابر، جيٺ ـ ڏير کي وڏي ننڍي ڀاءُ جي برابر، جيٺاڻي ــ ڏيراڻي کي وڏي ننڍي پيٽ جي برابر، مگر اُهو پوجا پنهنجي پتي جي ڪندي آهي. جڏهن اُهي الڳ هوندا آهن تہ پنهنجي حصي جون سڀ شيون ڪٽي پنهنجي پتي واري مڪان ۾ هلي ويندي آهي.

پيو مثال:- جيئن اسان جي خواهش انب کائڻ جي هوندي آهي، اسان جي لاءِ انب پوجڻ آهي. اُن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڏن جي ضرورت پوندي آهي. ڏن گڏ ڪرڻ جي لاءِ مزدوري/نوڪري/ڪيتي—واڙي ڪرڻي پوندي آهي تڏهن انب جو ڦل حاصل ٿيندو آهي. انهي ڪري انب پوجڻ آهي ۽ بي ڪربا ساڌنا آهي. ساڌيہ شيءَ کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ساڌنا ڪرڻي پوندي آهي. ساڌنا الڳ آهي، پوجا مطلب پڄتي الڳ آهي. ثابت ٿيو.

سوال هلي رهيو آهي تہ چا برهم جي پوجا ڪرڻ گهرجي. جواب ۾ چيو آهي تہ نہ ڪرڻ گهرجي. هاڻي شريمد پگونت گيتا ۾ ثبوت ڏيڪارجن ٿا.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 12 کان 15 ۾ تہ گيتا گيان داتا ٻُڌائي ڇڏيو تنهي ڳُڻن (رجوگُڻ شري برهما جي، ستوگُڻ شري وشنو جي ۽ تموگُڻ شري شِو جي)جي پڳتي فضول آهي. وري گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 جي شلوڪ نمبر 16-17-18 ۾ گيتا گيان داتا برهم پنهنجي پڳتي سان هئڻ واري گتي مطلب موڪش کي "انُوتم" مطلب گهٽيا ٻُڌايو آهي. ٻُڌايو آهي تہ منهنجي پڳتي چار قسمن جا ماڻهو ڪندا آهن.

1. **ارڻارٿي:-** ڏن لاءِ جي لاءِ ويدن جي مطابق انوشنان ڪرڻ وارا.
2. **آرت:-** تڪليف دور ڪرڻ جي لاءِ ويدن جي مطابق انوشنان ڪرڻ وارا.
3. **جگياسُو:-** پرماتما جي باري ۾ ڄاڻڻ جا خواهشمند.

(گيان سمجهي ڪري خود وڪتا ٿي وڃڻ وارا)

انهن تنهي قسمن جي برهم پوجارين کي فضول ٻُڌايو آهي.

4. **گياني:-** گياني کي خبر هوندي آهي تہ منُش جنم ملڻ تمام اڻلب آهي. منُش جنم حاصل ڪري آتم ــ ڪلياڻ ڪرائڻ گهرجي. اُنهن کي هي بہ گيان ٿي ويندو آهي تہ بين ديوتائن جي پوجا سان موڪش لاءِ ٿيڻ وارو نہ آهي. انهي لاءِ هڪ پرماتما جي پڳتي اننيہ من سان ڪرڻ سان پورڻ موڪش ممڪن آهي. اُن کي تتودرشي سنت نہ ملڻ سان اُنهن جهڙو بہ ويدن کي سمجهيو، اُنهي آڌار سان برهم کي هڪ سمرٿ پرپو مجي ڪري يجُروويد اڌياءِ نمبر 40 منتر نمبر 15 مان اوم نام وٺي پڳتي ڪئي، مگر پورڻ موڪش نہ ٿيو. اوم نام برهم ساڌنا جو آهي، اُنهي سان برهم لوڪ حاصل ٿيندو آهي جنهن کي پهرين ئي ثابت ڪيو ويو آهي. گيتا جي اڌياءِ نمبر 8 شلوڪ نمبر 16 ۾ چيو آهي تہ برهم لوڪ تائين سيئي لوڪ پُنراورتي ۾ آهن مطلب تہ برهم لوڪ ۾ ويل ساڌڪ بہ وري موٽي سنسار ۾ جنم مرتيو جي چڪر ۾ اچي ڪرندا آهن.

ڪال برهم جي ساڌنا سان اُهو موڪش حاصل نہ ٿيندو جيڪو گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 جي شلوڪ نمبر 4 ۾ ٻُڌايو آهي تہ "تتوگيان سان اگيان کي ڪٽي ڪري پرميشور جي اُنهي پرم پد جي کوج ڪرڻ گهرجي جتي وڃڻ ڪانپوءِ ساڌڪ وري موٽي سنسار ۾ ڪڏهن بہ نہ ايندو."

❖ گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 جي شلوڪ نمبر 18 گيتا گيان داتا چيو آهي تہ هي گياني آتما (جيڪي چوٽين نمبر جا برهم جا ساڌڪ چيل آهن) آهن تہ اُدار مطلب نيڪ، مگر اهي تتوگيان جي ڪمي سان منهنجي نيچ گتي ۾ ئي اٽل رهيا. گيتا گيان داتا پنهنجي ساڌنا سان هئڻ واري گتِي کي بہ انُوتم مطلب نيچ چيو آهي، انهي ڪري برهم پوجا ڪرڻ بہ نيڪ ناهي.

ڪارڻ:- هڪ ڇُٽڪ نالي رُشي گياني آتما هو. اُنهن اوم نام جو جاپ ۽ هڻ يوگ هزارين سال ڪيو. جنهن سان هُن ۾ سِڌيون اچي ويون. برهم جي ساڌنا ڪرڻ سان جنم مرتيو، سرگ- نرڪ جو چڪر سدائين قائم رهندو چو تہ گيتاجي اڌياءِ نمبر 2 جي شلوڪ نمبر 12، گيتاجي اڌياءِ نمبر 4 جي شلوڪ نمبر 5، گيتاجي اڌياءِ نمبر 10 جي شلوڪ نمبر 2 ۾ گيتا گيان داتا برهم چيو آهي تہ ارجن! تنهنجا ۽ منهنجا انيڪ جنم ٿي چُڪا آهن، تون نٿو ڄاڻين، مان ڄاڻان ٿو. تون، آڻون ۽ اهي سڀ راجا ماڻهو پهرين بہ جنميا هئا، اڳتي بہ جمندا رهندا. اهو نہ سوچ تہ اسان سڀ هينئر ئي جنميا آهيون. منهنجي پيدائش کي مهرشي ۽ اهي ديوتا نٿا ڄاڻين چو تہ اهي سڀ مون کان پيدا ٿيا آهن.

انهي مان صاف ظاهر آهي تہ جڏهن گيتا گيان داتا برهم بہ جمندو ۽ مرندو آهي تہ اُن جا پوجاري امر ڪيئن ٿي سگهندا آهن؟ اِنهي مان اهو ثابت ٿيو تہ برهم جي پوجا سان اهو موڪش نہ ٿي سگهندو جيڪو گيتاجي اڌياءِ نمبر 18 جي شلوڪ نمبر 62 ۾ ۽ اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 4 ۾ چيو آهي. انهن شلوڪن ۾ گيتا گيان داتا واضح حڪم ڏنو آهي تہ هي پارت! تون سڀ طرحن سان اُنهي پرميشور پرم اڪشر برهم جي شرڻ ۾ وڃ. اُنهي پرميشور جي ڪرپا سان ئي تون پرم شانتي کي ۽ سناتن پرم ڌام مطلب ست لوڪ کي حاصل ٿيندين. تتوگيان سمجهي ڪري اُن کان پوءِ پرماتما جي اُنهي پرم پد جي کوج ڪرڻ گهرجي جتي وڃڻ ڪانپوءِ

ساڌ وري موتي سنسار ۾ ڪڍهن به نہ ايندو. ويچار ڪريو تہ گيتا گيان داتا تہ خود ڄمندو مرندو آهي. انهي ڪري برهم جي پوجا سان هئڻ واري گتي نيچ چيل آهي.

هاڻي ڇُٽڪ رُشي جو موضوع اڳتي ٻڌائجي ٿو:- ڇُٽڪ رُشي اوم نام جو جاپ ۽ هٺ يوگ ڪيو. ويدن (رگ وید، يجُروید، سام وید، اٿرووید) ۾ ٻڌايل پڳتي سان پرماتما حاصل نہ ٿيندو. انهي جو ثبوت گيتاجي اڌياءِ نمبر 11 شلوڪ نمبر 47-48 ۾ آهي. گيتا گيان داتا برهم ٻڌايو آهي تہ هي ارجن! مون ڪال برهم جو هي وِراٽ روپ آهي. منهنجي هن روپ جو درشن تو ڪانسواءِ پهرين ڪنهن کي به نہ ٿيو آهي، مون تو تي مهربان ٿي ڪري هي روپ ڏيکاريو آهي. منهنجي هن روپ جو درشن مطلب برهم جي حاصلات نہ تہ ويدن ۾ بيان ڪيل طريقيڪار سان مطلب اوم نام جي جاپ سان، نہ تپ سان، نہ هَون وغيره وغيره يگين سان ٿيندو آهي مطلب ويدن ۾ بيان ٿيل وڌي سان برهم جي حاصلات نہ ٿيندي. اهو ئي سبب رهيو آهي تہ ڇُٽڪ جهڙا رُشي به برهم کي نِراڪار چوندا رهيا. ڇُٽڪ رُشي ۾ سِڌيون اچي ويون. جنهن ڪارڻ سان سنسار ۾ مشهور ٿي ويو. سِڌي پراپت ساڌ پنهنجي سالن جي ڪيل ساڌنا سان ڪيل چارج بئٽري سان ڪنهن کي سراپ ڏيئي پنهنجي پڳتي جو ناس ڪندا آهن، ڪنهن کي آشيرواد ڏيئي پنهنجي پڳتي جو ناس ڪندا آهن. ڪنهن تي سِڌي سان جنتر ــ منتر ڪري پنهنجي پڳتي جو ناس ڪندا آهن ۽ سنسار ۾ واڪاڻ جي لاءِ خود پرپو بڻجي ويهندا آهن.

هڪ مان ڏاتا چڪر ورتي راجا هو. اُن جو پوري ڌرتي تي راج هو. اُن پنهنجي راج ۾ اهو ڏسڻ ٿي چاهيو تہ چا ڌرتي جا ٻيا راجا جيڪي منهنجي ماتحت آهن چا اُنهن مان ڪو آزاد ٿيڻ چاهي ٿو؟ انهي ڪري راجا پنهنجي نجي ڪمزوري جي ڳچي ۾ هڪ چني لکي ٻڌي ڇڏي تہ جنهن راجا کي مان ڏاتا راجا جي غلامي قبول نہ آهي، اُهو انهي ڪمزوري کي جهلي ۽ جنگ جي لاءِ تيار ٿي وڃي، راجا وٽ 72 اڪشوٽي فوج آهي. اُنهي ڪمزوري سان گڏ سوين فوجي به هليا. سڀ ڌرتي تي چڪر لڳايو. ڪنهن به راجا اُنهي ڪمزوري کي نہ پڪڙيو. انهي مان ثابت ٿي ويو تہ پوري ڌرتي جا ننڍا راجا پنهنجي چڪر ورتي بادشاه مان ڏاتا جي ماتحت آهن. سيئي فوجي جيڪي ڪمزوري سان گڏ هئا خوشي مان واپس اچي رهيا هئا. رستي ۾ رُشي ڇُٽڪ جي جهوپڙي هئي. ڇُٽڪ رُشي سپاهين کان پُڇيو تہ جيڪي ڪمزوري سان گڏ هئا تہ اي سپاهيو! ڪٽي ويا هئا؟ انهي ڪمزوري جو سوار ڪيڏانهن ويو؟ سپاهين رُشي کي سموري ڳالهہ ٻڌائي. رُشي چيو چا ڪنهن به راجا مان ڏاتا سان جنگ ڪرڻ نہ قبول ڪيو؟ سپاهين چيو تہ ڪنهن جي ٻانهن ۾ دم آهي، ڪنهن جي ماءُ پياريو آهي ڪير جيڪو اسان جي راجا سان جنگ ڪندو. راجا وٽ 72 اڪشوٽي يعني 72 ڪروڙ فوج آهي. منهن پيچي ڇڏيندا جيڪڏهن ڪنهن به جنگ ڪرڻ جي همت ڪئي تہ. رُشي ڇُٽڪ جيڪو ڪال برهم جو پوجاري هو چيو تہ اي سپاهيو! توهان جي راجا جي جنگ مون قبول ڪري ورتي، اهو ڪمزوڙو بڻدي ڇڏيو منهنجي جهوپڙي واري وٽ سان. سپاهين چيو تہ اي ڪنگال! تو وٽ ڪائڻ لاءِ داڻا به ناهن، چا جنگ ڪندين تون راجا مان ڏاتا چڪرورتي سان؟ پنهنجي پڳتي ڪري وڃ چو بد قسمتي توکي سڏ ڪري رهي آهي يعني تنهنجي آخرت آئي آهي؟ رشي چيو، جيڪو ٿيندو سو ڏٺو ويندو. وڃو، چئي ڇڏيو تنهنجي راجا کي تہ تنهنجو يُدّ ڇُٽڪ رُشي قبول ڪري ورتو آهي. راجا کي خبر پئي سوچيو تہ اڄ هڪ ڪنگال دماغ ڦريل رُشي جي همت ٿي آهي، سپاٽي کو ٻيو همت ڪندو. ٻُرائي کي شروع ۾ ئي ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي. عوام کي خوفزده ڪرڻ جي لاءِ هڪ ماڻهو کي مارڻ جي لاءِ راجا 72 ڪروڙ فوج جون چار تولیون ناهيون. هڪ تولي 18 ڪروڙ فوجي پهرين موڪليا رُشي سان يُدّ ڪرڻ جي لاءِ. ڪال برهم جي پوجاري ڇُٽڪ رُشي سِڌي شڪتي سان چار پُتليون ناهيون مطلب چار ائٽم بم تيار ڪيا. هڪ پُتلي ڇڏي، هُن 18 ڪروڙ فوجين کي کٽي ڇڏيو. راجا ٻي تولي موڪلي. رُشي ٻي پُتلي ڇڏي. اهڙي طرح مان ڏاتا جي 72 ڪروڙ فوج جو ناس ڪال برهم جي پوجاري ڇُٽڪ رُشي ڪري ڇڏيو.

ويچار ڪريو:- رُشين ــ مهرشين کي بادشاهِن جي وچ ۾ تنگ نہ اڙائڻ گهرجي. سبب اهو آهي تہ رُشين هزارين سال اوم نام جو جاپ ڪيو پرماتما جي حاصلات جي لاءِ. پرماتما نہ مليو چو تہ گيتاجي اڌياءِ نمبر 11 جي شلوڪ نمبر 47-48 ۾ لکيل آهي تہ

ويدن ۾ (چارئي وید رگ وید، يجُروید، اٿرووید، سام وید) ذڪر ڪيل پڄڻي جي طريقيڪار سان برهم جي حاصلات نہ آهي. انهي ڪري انهي ساڌنا سان رُشين ۾ سڌيون ظاهر ٿي ويندیون آهن. ناسمجهي جي ڪارڻ اُنهي پول ــ پليا کي اهي پڄڻي جي حاصلات مجي وينا. جنهنڪري پڄڻي ڪري ہہ اُنهي عهدي کي نہ حاصل ڪري سگهيا، جتي وچڙ ڪانپوءِ وري جنم نہ ٿيندو چاڪاڻ تہ انهن کي تتودرشي سنت نہ مليو. سوڪشم وید ۾ چيو آهي تہ:-

ڪبير؛ گرو بن ڪاهُو نہ پايا گيانا، جيون ٹوٹا پُس چڑي مُوڑھ ڪسانا
گرو بن وید پڑهي جو پراڻي، سمجهي نہ سار رهي اگياني
غريب؛ بهتر اڪشوٽي کا گيا، چُٽڪ رُشيور ايڪ
ديهہ ڌارين جَورا ڦرين، سب هِي ڪال کي پيڪ

پاوارث:- تتودرشي سنت گرو نہ ملڻ جي ڪارڻ جيڪا ساڌنا ساڌڪ ڪندا آهن، اُهي شاستر وڌي چڌي ڪري من مرضي وارو نمونو هوندو آهي جنهن سان ڪوبہ لاڀ ساڌڪ کي نہ ٿيندو. گيتاجي اڌياءِ نمبر 16 جي شلوڪ نمبر 23-24 ۾ ثبوت آهي تہ هي پارت! جيڪو ساڌڪ شاسترن جي طريقيڪار کي چڌي ڪري من مرضي وارا نمونا ڪندو آهي، اُنهن کي نہ تہ سُک ٿيندو آهي ۽ نہ ئي اُنهن جي گتي مطلب موڪش ٿيندو آهي. انهي ۾ تنهنجي لاءِ شاستر ئي ثبوت آهن تہ ڪهڙي ساڌنا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪهڙي نہ ڪرڻ گهرجي.

گرو بنا مطلب تتودرشي سنت جي بغير چاهي ويدن کي پڙهندا رهو، چاهي اُن کي برزبان ياد بہ ڪري وٺ جيئن اڳي برهمڻ ويدن جي منترن کي ياد ڪري ونندا هئا. جيڪو چئني ويدن جا منتر ياد ڪري ونندو هو، اُهو چتُرويدي سڏائيندو هو. جيڪو تن ويدن جي منترن کي ياد ڪري ونندو هو، اُهو تِرويدي سڏائيندو هو. مگر اُنهن کي ويدن جي اُلجهيل لڪيل حقيقي گيان نہ هئڻ جي ڪارڻ اُهي رُشي جن ويدن کي پڙهي ڪري ۽ گهوٽي ڪري بہ اگياني رهيا. سوڪشم وید ۾ چيو آهي تہ:-

پِيٽ منُڪا داک لڏي هئہ، اونٽ کات ببُول

پاوارٽ آهي تہ اڳئين زماني ۾ ريگستان ۾ اُنن تي ڊاکون ڪٽي ويندا هئا. اُٽ جي پُني تي تہ ايتري ذائقيدار ڊاک سٽيل هوندي هئي ۽ خود ہير وڻ جي ڪنڊن ۾ منهن هٽي هٽي ڪري ہير جا پن کائيندو رهندو هو. بغير گيان جي سپ رُشي جي چئن ويدن روپي ڊاکون ڪٽي ڦرندا هئا ۽ پوجا ڪندا هئا ڪال برهم روپي ہير جي جنهن سان سناتن پرم ڌام ۽ نہ ئي پرم شانتي حاصل ٿيندي هئي. وري سوڪشم وید ۾ چيو آهي تہ:-

بنجاري ڪي بيل جيُون، ڦرا ديش ــ وديش
ڪانڊ لاد پُس کات هئہ، بن ستگرو اُپديش

پاوارٽ آهي تہ اڳئين زماني ۾ ڍڳن جي مٿان گڏهہ وانگر ٻورا رکي ڪري اُنهن ۾ ڪنڊ ٻري وڻجهارو مطلب واپاري ماڻهو هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تي ڪٽي ويندا هئا. ڍڳي جي پُني تي ٻوري ۾ ڪنڊ آهي، خود پُوسو کائيندو هو. اهڙي طرح گرو طرفان تتوگيان نہ ملڻ جي ڪارڻ رُشي جن ويدن روپي ڪنڊ کي تہ ياد ڪري رکندا هئا. اُن کي صحيح طرح نہ سمجهي ڪري ساڌنا ويدن جي اُبتڙ ڪندا هئا.

مثالطور:- شري ديوي پُراڻ (سچيترموٽا ٽائيپ صرف هندي گيتا پريس گورک پُر کان ڇپيل) جي پنجين اسڪند جي صفحو نمبر 414 تي لکيل آهي:- وید وياس جي چيو تہ ستيُگ جا برهمڻ ويدن جا پورڙ ڄاڻو هئا. اُهي ديوي مطلب شري دُرگا جي پوجا ڪندا هئا. هرهڪ ڳوٺ ۾ شري ديوي جو مندر ناهڻ جي اُنهن جي پوري خواهش هئي.

پڙهندڙ ويچار ڪريو:-

چئني ويدن ۾ ۽ اُنهن ويدن جي نچوڙ شريمد ڀگونت گيتا ۾ ڪٿي ب ديوي جي پوجا ڪرڻ جو حڪم نہ آهي تہ ستيُگ جا برهمڻ خاڪ عالم هئا ويدن جا؟ انهي شري ديوي پُراڻ جي ستين اسڪند ۾ صفحو نمبر 562-563 تي شري ديوي جي راجا همالیا کي چيو هو تہ تون منهنجي پوجا ب ڇڏي ڏي. جيڪڏهن برهم کي حاصل ٿيڻ چاهين ٿو تہ ٻين سپني ڳالهين کي ڇڏي صرف اوم جو جاپ ڪر. هي برهم جو منتر آهي. انهي سان برهم کي حاصل ٿي ويندين. اُهو برهم برهم لوڪ روپي دِويہ آڪاش ۾ رهندو آهي. پڑهندڙ آساني سان سمجهي ويندا تہ جڏهن ستيُگ جي برهمڻن جو هِي گيان ۽ ساڌنا هئي تہ موجود وقت جي برهمڻن جو ڇا گيان هوندو؟ انهي شري ديوي پُراڻ جي پنجين اسڪند ۾ صفحو نمبر 414 تي هي ب لکيل آهي تہ ستيُگ ۾ جيڪي راکشش سمجهيا ويندا هئا، اُهي ڪل يُگ ۾ برهمڻ مڃيا ويندا آهن. برهمڻ کا خاص ذات نہ آهي. جيڪو پرماتما مطلب برهم جي پڄڻي ڪندو آهي، اُهو ئي برهمڻ سڏائيندو آهي ۽ ڇاهي ڪنهن ب ذات جو هجي. موجود وقت ۾ پرم پراگت برهمڻ گهٽ آهن. سنت روپ ۾ برهم گيان ڏيڻ وارا وڌيڪ آهن جيڪو برهمڻ مطلب راهہ ڏيکاريندڙ گرو سڏائيندا آهن ۽ تتو گيان کان ناواقف آهن. انهي ڪري چيو آهي تہ تتودرشي گُرو جي بغير ڪنهن کي ويدن جو ڄاڻو گيان نہ ٿيو، جنهن مقصد سان ويدن کي پڑهندا هئا، مگر ساڌنا ويدن جي اُبتڙ ڪندا هئا. ويدن ۽ گيتاجي ۾ تنهي ديوتائن (شري برهما جي، شري وشنوجي ۽ شري شوجي) جي پوجا ڪرڻ منع آهي. سڄو هندو سماج تتو گيان کان ناواقف سنتن جي طرفان انهن تنهي ديوتائن تي ٽڪائي رکيو آهي، شري ديوي دُرگا ۽ شري وشنو جي، شري شو جي پڄڻي ڪري ۽ ڪرائي رهيا آهن. پهرين کان ئي اهو لوڪ ويد (ڏند ڪٿا) جو گيان هلندو اچي رهيو آهي جيڪو اڄ منهنجي ساهمون ديوار بڻجي بينو آهي. آئون شاسترن مطابق گيان ٻُڌائيندو آهيان، پروجيڪٽر تي ڏيکاريندو آهيان. مگر پهرين اگيان کي سچ مڃي ڪري سچ کي اکين ڏني ب يقين نہ ڪري رهيا. وروڌ ڪندا آهن، جيل ۾ موڪلي ڇڏيندا آهن.

سوڪشم ويد ۾ چيو آهي تہ:-

غريب، ويد پڑهين پر پيد نہ جانين، بانچين پُراڻ انارا

پٽر کي پوجا کرين، بِسري سرجنهارا

پاو ارٹ آهي تہ ويد ۽ ارڙهن پُراڻن کي پڑهندا آهن ۽ مورتي جي پوجا ڪندا آهن. ويدوڪت سَرو سرجنهار پرم اڪشر برهم کي وساري ويا آهن. ٻين پريوئن جي پوجا ڪري اُنهي پرم شڪتي ۽ سناتن پرم ڌام مطلب پرميشور جي اُنهي پرم پد کان محروم رهجي ويندا آهن جيڪو گيتاجي اڌياءِ نمبر 18 شلوڪ نمبر 62 ۽ اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 4 ۾ ٻُڌايو آهي. سوڪشم ويد ۾ لکيو آهي تہ:-

گُرُوئان گام بگاڑي سنتو، گُرُوئان گام بگاڑي

ايسي ڪرم جيو کي لا ديي، قرجهڑي نهين جهاڑي

پاوارٹ آهي تہ ويدن کان اڻڄاڻ تتو گيان کان ناواقف گروئن ڳونڍ جا ڳوٹ شاسترن جي اُبتڙ گيان ۽ پڄڻي جو اگيان ٻُڌائي ڪري اُن کي ايترو گمراہ ڪري ڇڏيو تہ اُهي هاڻي سمجهڻ سان ب شاسترن جي اُبتڙ ساڌنا کي ڇڏڻ جي لاءِ تيار نٿا ٿين.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 16 جي شلوڪ نمبر 23 ۾ لکيل آهي تہ شاستر وڌي کي ڇڏي ڪري من مرضي وارا نمونا ڪرڻ سان نہ تہ سِڌي حاصل ٿيندي آهي، نہ سُک حاصل ٿيندو آهي ۽ نہ گتي ٿيندي آهي مطلب فضول ساڌنا آهي.

ٻئي طرف توهان چُٽڪ رُشي جي ڪٿا ۾ پڑهيو تہ رُشي چُٽڪ جي کي سِڌيون حاصل ٿي ويون. پڑهندڙن کي اهو سمجهڻو آهي سڌي پڄڻي جي پيداوار آهي. جيئن جَون جو پُوسو ٿيندو آهي جنهن ۾ تُس تمام گهٽا ٿيندا آهن. جانور کائيندو آهي تہ منهن ۾ زخم ڪري ڇڏيندو آهي. اها سِڌي حاصل ٿيندي آهي ڪال برهم جي پڄڻي سان جيڪا چُٽڪ رُشي جي کي حاصل ٿي.

جيڪا شاسترن جي طريقيڪار مطابق پڄڻي ڪرڻ سان سِڌي حاصل ٿيندي آهي، اُها ڪٽڪ جو بوهہ سمجهو جيڪا جانورن جي لاءِ استعمال ۾ آڻڻ ۽ ڪائڻ ۾ آسان ٿيندي آهي. پاوارٹ آهي تہ شاسترن جي طريقيڪار مطابق ساڌنا نہ ڪرڻ سان جيڪي

سڀيون حاصل ٿيندیون آهن، اُهي ساڌڪ کي برباد ڪنديون آهن ڇاڪاڻ ته بي علم رُشي جن اُنهن جو استعمال ڪري ڪنهن جو نقصان ڪري ڇڏيندا آهن، ڪنهن کي آشيرواد ڏيئي ڪري پنهنجي پڳتي جي شڪتي جيڪا اوم نام جي جاپ سان ٿيندي آهي، اُن کي ختم ڪري وري خالي ٿي ويندا آهن.

جيئن ڇُٽڪ رُشي مان ڏاتا چڪرورتي راجا جي 72 ڪروڙ فوج جو ناس ڪري ڇڏيو، پنهنجي پڳتي جي طاقت به ختم ڪري ڇڏي. سوڪشم وید ۾ چيو آهي ته:-

غريب، بهتر اڪشوٹي کيہ ڪري، چٹڪ رُشيشور ايڪ

ديهہ ڌاري جَورا (مرتيو) قرين، سپ هي ڪال کي پيک

پاوارت:- رُشين ۾ به اهم رُشي ڇُٽڪ 72 ڪروڙ فوج جو ناس ڪري ڇڏيو. اهي ڏسڻ ۾ ايندا ته آهن مهاتما، مگر جڏهن پلئه پئجي ويندو آهي ته نڪرندا آهن نانگ جهڙا، ذري ڳالهہ تي شراپ ڏيڻ، ڪنهن سان بي مطلب ويرونڊ انهن لاءِ عام ڳالهہ هوندي آهي.

"رُشي درواسا جي ڪارگذاري"

❖ هڪ درواسا نالي ڪال برهم جو پوجاري (برهم ساڌڪ) هو. هُو وڃي رهيو هو. رستي ۾ هڪ اپسرا (سرڳ جي عورت) خوبصورت موتين جي مالا پهريل هئي. رُشي درواسا چيو ته هِي مالا مون کي ڏي. ديوپري کي خبر هئي ته اهي رُشي ته نانگن جهڙا آهن، جيڪڏهن انڪار ڪري ڇڏيو ته شراپ ڏيئي ڇڏيندا آهن. هُن اپسرا يڪدم مالا گلي مان ڪڍي ۽ رُشي کي احترام سان ڏيئي ڇڏي. درواسا رُشي اها مالا سِر تي وارن جي جُوڙي ۾ وجهي ڇڏي. هلندو وڃي رهيو هو. اڳيان سرڳ جو راجا اِندر پنهنجي ايراوت هاٿي تي چڙهي اڃي رهيو هو. اُن جي اڳيان اڳيان اپسرائون ۽ گندروَ جن ڳائيندا ــ وڄائيندا هلي رهيا هئا ۽ به ڪروڙين ديوي ديوتا گڏ گڏ برابر ۾ هلي رهيا هئا. درواسا رُشي مالا پنهنجي سِر تان لاهي اِندر ڏانهن اُڇلائي ڇڏي. اِندر اُها مالا هاٿي جي گلي ۾ رکي ڇڏي. هاٿي اُها مالا سُونڈ سان کڻي زمين تي اُڇلائي ڇڏي. جيئن اِندر کي ڪو پڳت يا ديو گُلن واري مالا تحفي ۾ ڏيندو هو ته اِندر اُن کي بعد ۾ هاٿي جي گلي ۾ رکي ڇڏيندو هو جڏهن اِندر هاٿي تي ويٺل هو. هاٿي اُنهن کي کڻي هيٺ اُڇلائي ڇڏيندو هو. هاٿي اُنهي روزمرهہ جي طريقي مطابق (Routine) اُها مالا هيٺ اُڇلائي ڇڏي هئي.

هِن ڳالهہ سان رُشي درواسا غصي ۾ اچي ويو ۽ چيو ته هي اِندر! توکي راج جو ايمان آهي. منهنجي طرفان ڏنل مالا جي بيعزتي ڪئي آهي. آئون شراپ ڏيان ٿو ته تنهنجو سڄو راج ختم ٿي وڃي. ديوراج اِندر يڪدم ڏڪ لڳو ۽ چيو هي وِپرا! مون توهان جي مالا کي احترام سان قبول ڪري هاٿي جي مٿان رکي هئي. هاٿي پنهنجي نيم مطابق هيٺ اُڇلائي ڇڏي، مون کي معاف ڪريو. وري—وري هٺ ٻڌي هاٿي کان هيٺ لهي ڏنڊوت پرٹام ڪري به اِندر معافي گهُري، مگر دُرواسا رُشي نہ مڃيو ۽ چيو ته جيڪو مون چئي ڇڏيو اُهو واپس نہ ٿي سگهندو. ڪجهہ ئي وقت ۾ اِندر جو سپ ڪجهہ ناس ٿي ويو، سرڳ اُجڙي ويو.

❖ هڪ دفعي رُشي درواسا جي دوارڪا نگري جي ويجهو جهنگ ۾ ڪجهہ وقت جي لاءِ ترسيو. دوارڪا واسين کي خبر پئي ته درواسا جي پنهنجي نگري جي ويجهو آيا آهن. هي ترڪال درشي مهاتما آهي، سِڌين سان پرپور رُشي آهي. دوارڪا واسي شري ڪرشن کان وڌيڪ طاقتور ڪنهن کي نہ مڃيندا هئا. شري ڪرشن جي پُٽ شري پرديومن جي سميت ڪيترن ئي يادوَن منصوبو ناهيو، ته ٻُڌو آهي درواسا جي ترڪال درشي آهن، من جي ڳالهہ به ٻُڌائي ڇڏيندا آهن، انتريامي آهن، هِن جي آزمائش ونون ٿا. اهو ويچار ڪري پرديومن کي حاملہ عورت جو تماشو بڻائي 10 ــ 12 ماڻهو گڏجي روانا ٿيا. هڪ ماڻهو کي هُن جو مُڙس ناهي ڇڏيو. درواسا جي وٽ وڃي چيو ته هي رُشي جي! هن عورت تي پرماتما جي رضا تمام گهڻن ڏينهن کان پوءِ ٿي آهي، هن کي حمل ٿيو آهي، هي هن جو مُڙس آهي. اهي ٻئي اُتاولا آهن ته اسان کي معلوم ٿئي ته گرپ ۾ چوڪرو آهي يا چوڪري. توهان ته انتريامي آهيو، مهرباني ڪري ٻُڌايو؟ اُنهن پرديومن جي پيٽ تي هڪ ننڍي ڪڙاهي ٻڌي رکي هئي، اُن جي مٿان ڪپهہ جو پهہ ۽ پُراڻا

ڪپڙا ٻڌي پيٽ ناهي رکيو هو، مٽان عورت جا ڪپڙا پهرائي رکيا هئا. رُشي درواسا جي ديويہ درشتي سان ڏنو ۽ معلوم ٿيو تہ اهي منهنجو مذاق ڪرڻ آيا آهن. درواسا جي چيو تہ اِنهي حمل مان يادوَ ڪُل جو ناس ٿيندو، ايترو چئي غصي ۾ اچي ويو. سڀ ماڻهو اُتان کان کسڪي ويا.

نگري ۾ اها ڳالهہ باهہ وانگر پکڙجي وئي تہ رُشي درواسا جي شراپ ڏيئي ڇڏيو آهي تہ يادوَن جو ناس ٿيندو. اُنهن کي پروسو هو تہ اسان سان گڏ سروَ شڪتيمان پڳوان سمپورڻ برهماند جا سوامي شري ڪرشن آهن. درواسا جي شراپ جو اثر اسان تي نہ ٿي سگهندو. پوءِ بہ ڪجهہ سمجهدار يادوَ گڏجي شري ڪرشن جي وٽ ويا ۽ رُشي درواسا سان ڪيل ہارن جو مذاق ۽ رُشي درواسا طرفان ڏنل شراپ جو احوال ٻڌايو. سڄي ڳالهہ ٻڌي شري ڪرشن جي ڪجهہ دير سوچي چيو تہ اُنهن ہارن کي گڏ ونې درواسا جي وٽ وڃو ۽ معافي گهُرو. درواسا وٽ ويا، معافي گهُريائون، مگر درواسا چيو تہ جيڪو مون چئي ڇڏيو، اُهو واپس نہ ٿي سگهندو.

سڀ ماڻهو وري شري ڪرشن جي وٽ ويا ۽ سڄي ڳالهہ ٻڌائي. دوارڪا ۾ پوجن بہ نہ بڻيو. سڄي نگري ڪٺتي ۾ ٻڌي وئي. شري ڪرشن جي چيو تہ ڪٺتي ڪنهن ڳالهہ جي. جيڪا شيءَ حمل روپ ۾ استعمال ڪئي هئي، اُنهي سان تہ اسان جو ناس ٿيڻ ٻڌايو آهي. ايئن ڪريو، ڪپڙن ۽ ڪپهہ کي ساڙي ۽ لوهہ جي ڪڙاهي کي پٽر تي گسائي پرياس چيتر (جمنا ندي جي ڪناري هڪ مڪان جو نالو آهي) ۾ جمنا ندي ۾ اُڇلائي ڇڏيو. اُتي ئي ويهي گسايو، اتي ئي چُورو درياءِ ۾ اُڇلائي ڇڏيو ۽ رک پاڻي ۾ وڃي ڇڏيو. نہ رهندي بانس، نہ وڄندي بانسري. جڏهن گرپ جي شيءَ ئي نہ رهندي تہ اسان جو ناس ڪيئن ٿيندو؟ اها ڳالهہ دوارڪا واسين کي سُڻي لڳي ۽ پاڻ کي سنڪٽ مُڪت ميجيو. شري ڪرشن جي حڪم مطابق سڀ ڪيو ويو. ڪڙاهي جو هڪ ڪڙو پوري طرح گسجي نہ سگهيو. اُن کي ايئن ئي جمنا ندي ۾ اُڇلائي ڇڏيو. اُهو هڪ مڇي چمڪدار شيءَ سمجهي ڳڙڪائي ڇڏيو. اُن مڇي کي ٻالیا نالي پيل پکڙي ورتو. جڏهن مڇي کي ڪٽيو تہ اُن مان نڪتل ڏاتو جي جانچ ڪرڻ ڪانپوءِ اُن کي پنهنجي تير جي اڳئين حصي ۾ زهر سان پري ڪري لڳائي ورتو، اُن کي حفاظت سان رکي ڇڏيو. جيڪو ڪڙاهي جو لوهي جو چورو پاڻي ۾ وڏو هو، اُهو ڏگهي سرڪنڊي جهڙي گاهہ جي روپ ۾ جمنا ندي جي ڪناري ــ ڪناري تي اُڀري ويو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ دوارڪا نگري ۾ خطرناڪ واقعات ٿيڻ لڳا. ننڍڙي ڳالهہ تان هڪ ٻئي کي قتل ڪرڻ لڳا. پاڻ ۾ ويرـ اختلاف وڌي ويا. نگر جي ماڻهن جي اها حالت ڏسي نگري جا سمجهدار ماڻهو پڳوان شري ڪرشن جي وٽ ويا ۽ جيڪو ڪجهہ بہ نگري ۾ ٿي رهيو هو، ٻڌايو ۽ ڪارڻ ۽ حل شري ڪرشن جي کان معلوم ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪيائون چاڪاڻ تہ شري ڪرشن جي يادوَ ۽ پانڊوَن جا اڌياتمڪ گُرو هئا. مصيبت جو چوٽڪارو گرودیو کان ئي ڪرايو ويندو آهي. شري ڪرشن جي ڪارڻ ٻڌايو تہ درواسا رُشي جو شراپ ڦلي رهيو آهي. حل آهي تہ سيئي نر (Male) يادوَ چاهي اڄ جو جنميل بہ ڇوڪرو ڇو نہ هجي، سيئي پرياس چيتر ۾ جتي اُنهي ڪڙاهي جو چُورو وڏو هو، وڃي جمناندي ۾ سنان ڪريو، توهان شراپ مُڪت ٿي ويندا. سيئي دوارڪا واسين شري ڪرشن جي حڪم جو پالڻ ڪيو. سيئي نر يادوَ پرياس چيتر ۾ شراپ مڪت ٿيڻ جي مقصد سان سنان ڪرڻ جي لاءِ هليا ويا. رُشي درواسا جي شراپ جي ڪارڻ سيئي يادوَ گروپ ناهي گڏ ٿي ويا. پهرين سنان ڪيو تہ شراپ مُڪت ٿيڻ کان پوءِ ٿي سگهندو آهي تہ پاڻ ۾ جهگڙو ختم ٿي وڃي. مگر ايئن ڪجهہ بہ نہ ٿيو. پهرين سيني سنان ڪيو، پوءِ پاڻ ۾ گار گند شروع ٿي. پوءِ اُنهي گاهہ کي پٽي هڪ ٻئي کي مارڻ لڳا. جيڪو گاهہ (سرڪنڊي) لوهہ جي ڪڙاهي جي چوري سان اُپريو هو، اُهو تلوار جهڙو ڪم ڪرڻ لڳو. سرڪنڊي کي هٽندي ئي سِر ڏڙ کان الڳ ٿي ڪري ڪرڻ لڳو. اهڙي طرح سيئي يادوَ پاڻ ۾ وڙهي موت کي حاصل ٿي ويا. ڪجهہ بہ سو ــ چار سو باقي رهيا هئا. اُنهي وقت شري ڪرشن جي بہ اُتي پهچي ويو. هُن بہ اُنهي گاهہ کي اُکوڙيو. اُهو لوهہ جو ڏنبو بڻجي ويو. باقي بچيل پنهنجي ڪُل جي ماڻهن کي خود شري ڪرشن جي موت جي گهاٽ اُتاريو.

اُن کانپوءِ شري ڪرشن جي هڪ وڻ جي هيٺيان آرام ڪرڻ لڳا. ايتري ۾ ديو يوگ سان اهو ٻالیا نالي پيل جنهن اُنهي لوهي جي ڪڙاهي جي ڪڙي جو زهريلو تير (Arrow) بڻايو هو، اُنهي تير کي وڻي شڪار جي تلاش ۾ اُنهي جاءِ تي اچي ويو جتي شري

ڪرشن جي آرام ڪري رهيو هو. شري ڪرشن جي جي ساڄي پير جي تري ۾ پدم ٽميل هو، اُن ۾ 100 واٽ جي بلب جهڙي چمڪ هئي. وڻ جي ٽاري هيٺ تائين لٽڪيل هئي. اُن جي وچ کان پدم جي چمڪ صاف نظر نہ اچي رهي هئي. ٻالپا پيل سوچيو تہ اهو هرڻ جي اک نظر اچي رهي آهي، انهي لاءِ تير هلائي ڇڏيو هرڻ کي مارڻ جي مقصد سان. جڏهن تير شري ڪرشن جي پير ۾ لڳو تڏهن شري ڪرشن جي چيو مري ويس ري، مري ويس. ٻالپا پيل کي محسوس ٿيو تہ تير ڪنهن انسان کي لڳي ويو. ڊوڙي ويو تہ تڏهن ڏٺو دوارڪا ڏيش تڪليف منجهان تڙپي رهيا هئا. ٻالپا چيو تہ هي مهاراج! مون کان دوکي سان تير لڳي ويو. توهان جي پير جي چمڪ کي مون هرڻ جي اک سمجهي تير هڻي ڇڏيو، مون کان غلطي ٿي وئي، معاف ڪرو مهاراج. شري ڪرشن جي چيو تہ تو کان ڪوبہ غلطي نہ ٿي آهي. اهو تنهنجو ۽ منهنجو پوئين جنم جي ڏيڻ ونڻ آهي، اُهو مون ڇُڪائي ڇڏيو آهي. تون تريتا يُگ ۾ سُگريو جو پائي ٻالي هئين، مان رامچندر دسرٿ جو پُٽ هئس. مون بہ توکي وڻ جي اوٽ وٽي دوکي سان ماريو هو. اهو ادلو ــ بدلو (Tit for tat) پورو ڪيو آهي.

اهڙي طرح درواسا رُشي جي شراپ سان سڄي يادوَ ڪُل جو ناش ٿيو جيڪي هينئر يادوَ آهن. هي اُهي آهن جيڪي اُنهي وقت ماتائن جي گرپ ۾ هئا. بعد ۾ پيدا ٿيا هئا.

سوڪشم ويد ۾ لکيل آهي:-

غريب؛ درواسا ڪوپي تهان، سمجهہ نہ آئي نيچ

چپن ڪروڑ يادوَ ڪٽي، مچي رُوڊر کي کيچ

آسان ارٿ:- درواسا ٻارن جي مذاق کي ايترو سنجيدگي سان ورتو تہ اُن جي ڪُل جو ناس ڪرڻ جو شراپ ڏيئي ڇڏيو. هُن نيچ درواسا اهو بہ نہ سوچيو تہ ڪيترو قهر مچي ويندو. ڳالهہ ڪجهہ بہ نہ هئي، درواسا نيچ رُشي ايترو ظلم ڪري ڇڏيو تہ 56 ڪروڑ يادوَ ڪٽجي مري ويا ۽ رت جي وهڻ سان گپ بڻجي وئي.

اهڙي طرح چُٽڪ رُشي بغير مقصد جي جهڳڑو ڪري مان ڏاتا راجا جي 72 ڪروڑ فوج جو ناس ڪري ڇڏيو.

*هڪ ڪپيل نالي جو رُشي هو جن کي پڳوان وشنو جي 24 اوتارن مان هڪ اوتار بہ مڃيو ويندو آهي، اُهو تپسيا ڪري رهيو هو.

هڪ سڳڑ راجا هو. هُن جا 60 هزار پُٽ هئا. ڪنهن رُشي ٻُڌايو تہ جيڪڏهن هڪ تلاءِ، هڪ ڪوهہ، هڪ باغيچو بڻائي ڇڏيو وڃي تہ هڪ اشوميگهہ يگيہ جيترو ڦل ملندو آهي. راجا سڳڑ جي چوڪرن اهو ڪم شروع ڪري ڇڏيو. سمجهدار ماڻهن هن کي چيو تہ توهان ايئن جگهہ جگهہ تلاءَ، ڪوهہ، باغيچا ناهيندا تہ زمين تي اناج پيدا ڪرڻ جي لاءِ جگهہ ئي نہ رهندي. ڪنهن راجا مخالفت ڪئي تہ اُن سان جنگ ڪري ڇڏي. هُن راجا سڳڑ جي پُٽن هڪ گهوڙو پاڻ سان گڏ ورتو. اُن جي گلي ۾ خط لکي ٻڌي ڇڏيو تہ جيڪڏهن ڪوبہ اسان جي ڪم ۾ رُڪاوٽ ڪندو، اُهو هن گهوڙي کي پڪڑي وٽي ۽ يُڌ جي لاءِ تيار ٿي وڃي. اُن مٿي ڦريلن سان ڪير ٽڪر وٽي؟ پرٿوي ديوي پڳوان وشنو وٽ وئي. هڪ ڪُنوں جو روپ ڌارڻ ڪري چيو تہ هي پڳوان! پرٿوي تي هڪ سڳڑ راجا آهي. هُن جا 60 هزار پُٽ آهن. اُن کي اهڙي منهن آئي آهي تہ مون کي کوٽي ڇڏيو. اُتي انسانن جي کائڻ جي لاءِ اناج بہ پيدا ٿي نہ سگهندو. پڳوان وشنو چيو تون وڃ، اُهي هاڻي ڪجهہ بہ نہ ڪندا. پڳوان وشنو ديوراج اِندر کي گهرايو ۽ سمجهايو تہ راجا سڳڑ جا 60 هزار پُٽ يگيہ ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن هُن جا 100 يگيہ پورا ٿي ويا تہ تنهنجي اِندر گادي هُن کي ڏيڻي پوندي، وقت آهي تہ ڪجهہ ٿئي تہ ڪري وڃ. اندر پنهنجا نوڪر موڪليا، اُنهن کي سڀ سمجهائي ڇڏيو. رات جي وقت راجا سڳڑ جا پُٽ سُتا پيا هئا. گهوڙو وڻ سان ٻڌي رکيو هو. اُنهن ديوراج جي نوڪرن گهوڙو کولي ڪپيل تپسوي جي جنگهہ تي ٻڌي ڇڏيو. ڪپيل رُشي سالن کان تپسيا تي ويٺل هو. جنهن ڪارڻ سان هُن جو شرير هڏائين پنجري جهڙو ٿي ويو هو. پدم آسڻ لڳايل هو، ٽنگون سنهڑيون سنهڑيون هيون. جيئن وڻ جي پاڙن جي مٽي برسات جي پاڻي سان وهي ويندي آهي ۽ پاڙن جي وچ ۾ 6-7 انچ وڇيتي (Gap) ٿي

ويندي آهي، رُشي ڪپيل جون ٽنگون اهڙيون هيون. اِندر جي نوڪرن گهوڙي کي ٽنگن جي وچ جي رستي ۾ ڇنگهه وٺ رسي سان ٻڌي ڇڏيو. راجا جي ڇوڪرن صبح جو اُٺندي ئي گهوڙو نه ڏٺو. اُن جي تلاش ۾ ٻُڌ ڪرڻ جي تياري ڪري 60 هزار جي قطار ڪري روانا ٿيا. گهوڙي جي پيرن جي نشانن سان ڪپيل مُني جي آشرم ۾ پهچي ويا. گهوڙي کي ٻڌل ڏسي راجا سڳڑ جي پُٽن رُشي جي ڳُڪ ۾ (ٻنهي ٻانهن جي هيٺ ڳُڪ کي هرياڻوي ٻولي ۾ هينک چوندا آهن) پالا کُپائي ڇڏيا. ڪپيل رُشي جي اکين جون پلڪون ايتريون وڏي چڪيون هيون ته زمين تي وڃي لڳيون هيون. رُشي کي تڪليف ٿي ته غصي ۾ اچي پلڪن کي هٿن سان کنيو ۽ اکين مان اگني ٻاڻ نڪتا. 60 هزار سڳڑ جي پُٽن جي فوج جي ڳڻڻي ٻڌجي وئي مطلب 60 هزار سڳڑ جا پُٽ ڊير ٿي ويا.

سوڪشم ويد ۾ چيو آهي ته:-

ساٺ هـزار سڳڑ ڪي هوتي، ڪپيل منيشور ڪائي
جَو پرميشور ڪي ڪرين پگتي، تو اجر_ امر هو جائي
بـهـتـر اڪشوٽـي ڪا گـيـا، چـُٽـڪ رُشـيـور ايـڪ
ديـهـ ڏاريـن جـورا قـريـن، سـيـي ڪال ڪـي پـيـڪ
درواسا ڪـوپـي تـهـان، سـمـجـهـ نـه آئـي نـيـچ
چـپـن ڪـروڙ يـادوَ ڪـٽـي، مـچـي روڌر ڪـي ڪـيـچ

پاوارٿ:- ڪپيل مُني جي، چُٽڪ مُني جي ۽ درواسا مُني جي سنسار ۾ ڪيترا مشهور آهن، اهي سڀ ڪال برهم جي پڳتي ڪرڻ وارا ويش ڌاري رُشي آهن. اهي گهمندڙ ـ ڦرندڙ موت هئا. گهمندڙ ـ ڦرندڙ انسانن جي روپ ۾ گهال آهن. (گهال = هڪ مٽي جي ننڍي مٽڪي کي تانترڪ وديا سان آڪاش ۾ اُڏائي دُشمن تي ڇڏبو آهي. جنهن سان تمام گهٽو نقصان ٿيندو آهي) غلطي سان پورا ماڻهو اُنهن کي مهان آتمائون ڪري مڃيندا آهن.

اهي سڀ گياني آتما هئا، اهي سڀ رحمدل هئا. انهن پرماتما جي حاصلات جي لاءِ پنهنجو ڪلياڻ ڪرڻ جي لاءِ تن من ڌن سڀ قربان ڪري ڇڏيو، مگر تتودرشي سنت نه ملڻ جي ڪارڻ انهن ڪال برهم کي هڪ سمرٿ پرپو مڃي غلطي ڪئي ۽ اُنهي جي ساڌنا اوم نام جي جاپ سان گڏ ۽ وڌيڪ هٺ يوگ سماڌي وسيلي ڪئي، جنهن سان پرماتما جي حاصلات ته آهي ئي ڪونه، اُلٽو نقصان ٿيندو آهي ڇاڪاڻ ته هي ساڌنا شاسترن جي اُبتڙ آهي.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 16 جي شلوڪ نمبر 23-24 ۾ چيو آهي ته شاسترن جي طريقيڪار کي ڇڏي ڪري جيڪي من مرضي وارا نمونا ڪندا آهن، اُنهن جي ساڌنا فضول آهي. اُهي نيڪ آتمائون اِنهي سبب جي ڪري ڪال برهم جي نيچ گتي ۾ اٽل رهيون.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 17 جي شلوڪ نمبر 5، 6 ۾ چيو آهي ته:-

- جيڪي انسان شاستر وڌي ڇڏي صرف من مرضي گهور تپ کي تپيندا آهن ۽ دنب اهنڪار سان پرپور لالچي ايمان سان پرپور آهن. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 17 شلوڪ نمبر 5)
- شرير ۾ موجود سڀني ڪملن ۾ ديو شڪتين ۽ پورڻ پرماتما ۽ مون کي ۽ پريشان ڪرڻ وارن يعني ڪشٽ ڏيڻ وارن اگيانين کي تون اسُر سياڻ وارا ڄاڻ. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 17 شلوڪ نمبر 6)
- اهو ئي ثبوت گيتاجي اڌياءِ نمبر 16 شلوڪ نمبر 17 کان 20 ۾ آهي.
- اُهي پنهنجو پاڻ کي سريشٽ مڃڻ وارا گهمنڊي انسان ڌن ۽ مان جي نشي سان پرپور ٿي ڪري صرف نالي خاطر يگين جي ذريعي پاکنڊ سان شاستر وڌي ڇڏي پوجا ڪندا آهن. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 16 شلوڪ نمبر 17)
- اهنڪار، طاقت، گهمنڊ، ڪامنا، ڪروڌ وغيره جي وس ۽ ٻين جي نندا ڪرڻ وارا ماڻهو پنهنجي ۽ ٻين جي جسم ۾ موجود مون کان نفرت ڪرڻ وارا هوندا آهن. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 16 شلوڪ نمبر 18)

❖ اُنهن نفرت ڪرڻ وارن پاپين، ظالمن"جيڪي وچن سان ڪروڙين انسانن کي قتل ڪرڻ وارا" نراڏم مطلب نيچ انسانن کي آئون سنسار ۾ بار ــ بار آسوري مطلب راڪشي يُوٽين ۾ ئي وجهندو آهيان. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 16 شلوڪ نمبر 19) سوڪشم ويد ۾ به انهن کي نيچ چيو آهي.

درواسا ڪوپي تهان، سمجهہ نہ آئي نيچ

چپن ڪروڑ يادوَ ڪٽي، مچي روڙ ڪي ڪيچ

❖ هي ارجن! اهي مُورک مون کي حاصل نہ ڪري ئي جنم ــ جنم ۾ راڪشي يُوٽين کي حاصل ٿيندا آهن، اُن کان به وڌيڪ نيچ گتي کي حاصل ٿيندا آهن مطلب گهور نرڪ ۾ ڪرندا آهن. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 17 شلوڪ نمبر 20)

متئين ثبوتن مان واضح ٿيو تہ گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 جي شلوڪ نمبر 18 ۾ گيتا گيان داتا پنهنجي ساڌنا سان هئڻ واري گتي کي به انهي ڪري انُوتم مطلب نيچ ٻُڌايو آهي. چيو آهي تہ:ــ

❖ گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 18 ۾ گيتا گيان داتا چيو آهي تہ جيڪي چوٽين قسم جا گياني پڳت آهن، اُهي سڀ آهن تہ نيڪ چو تہ پرماتما جي حاصلات جي لاءِ پنهنجي شربر جي ختم ٿيڻ جي به پرواه نہ ڪئي ۽ هزارين سال بڪايل ــ اُجايل ساڌنا ۾ لڳا رهيا، مگر تتودرشي سنت نہ ملڻ جي ڪارڻ اُهي سيئي منهنجي انُوتم مطلب نيچ گتي مطلب برهم ساڌنا سان هئڻ وارو موڪش جيڪو متي ذڪر ڪيل رُشين کي ٿيو، اُن ۾ موجود رهيا مطلب جنم ــ مرڻ، چوراسي لک يُوٽين جي چڪر واري گتي ۾ رهجي ويا. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 18)

❖ **حاصل مطلب:-** چُڪ رُشي، درواسا رُشي ۽ ڪپيل رُشي جنهن اوم نام جو جاپ ڪيو، اُنهن جي پڳتي جي ڦل مطابق ڪجهہ وقت برهم لوڪ ۾ ويندا. اُتي پڳتي مڪمل ڪري وري زمين تي راجا ٿيندا چو تہ سوڪشم ويد ۾ لکيل آهي:-

تپ سي راج، راج مڌ مانم، جنم تيسري شُڪر سوانم

وري ڪُتا، گڏهہ ٿيندا، پوءِ نرڪ ۾ ويندا. جڏهن ڪُتا بڻجندا، تڏهن انهن جي سِر ۾ ڪيڑا پوندا. جيڪي انسان انهن جي شراپ سان مئا هئا، اُنهن جو پاپ اِنهن کي پوڳڻو پوندو، ڪيڑا انهن جو گوشت ڳولي ڳولي کائيندا. انهي ڪري گيتاجي ۾ به اهڙن ساڌڪن جي باري ۾ جيڪو ٻُڌايو آهي، اُهو توهان متي پڙهي ورتو.

متئين ڪٿائن جو نچوڙ:-

1. برهم ساڌنا انُوتم (نيچ) آهي.
2. تن تاپن کي شري ڪرشن جي به ختم نہ ڪري سگهيا. سراپ ڏيڻ تن تاپن (دَيوِڪ پاپ) ۾ ايندو آهي. درواسا جي شراپ جو شڪار خود شري ڪرشن سميت سيئي يادوَ به ٿي ويا.
3. شري ڪرشن جي شراپ مُڪت ٿيڻ جي لاءِ جمنا ندي ۾ سنان ڪرڻ جي لاءِ چيو، اهو حل ٻُڌايو هو. اُن سان شراپ تہ ناس نہ ٿيو، يادوَن جو ناس ضرور ٿي ويو. ويچار ڪريو:- جيڪي ٻيا سنت يا برهمڻ جيڪي ايئن سنان يا تيرٿ ڪرڻ سان مصيبت کان آجا ٿيڻ جي صلاح ڏيندا آهن، اُهي ڪيترا ڪارگر آهن؟ مطلب فضول آهي چو تہ جڏهن پڳوان ترلوڪي ناٿ جي طرفان ٻُڌايل حل جمنا ندي ۾ سنان سان ڪجهہ فائدو نہ ٿيو تہ ٻين برهمڻن ۽ گروئن طرفان ٻُڌايل سنان وغيره حل سان ڪجهہ ٿيڻ وارو نہ آهي.
4. پهرين شري ڪرشن جي درواسا جي شراپ سان بچاءَ جو طريقو ٻُڌايو هو. اُن ڪڙاهي کي گسائي چُورو ڪري پرياس چيتر ۾ جمنا ندي ۾ وجهي ڇڏيو. نہ رهندي بانس، نہ وڄندي بانسري، بانس به رهجي ويو، 56 ڪروڙ يادوَن جي بانسري به وڄي وئي.

سجنو!

هلندڙ وقت ۾ سمجهدار انسان آهن، پڙهيل لکيل آهن. منهنجي طرفان (سنت رامپال داس طرفان) ٻُڌايل گيان کي شاسترن سان ملايو، پوءِ پڳتي ڪري ڏسو، کهڙو ڪمال ٿئي ٿو.

❖ موضوع کي اڳتي وڌائجي ٿو:-

1. تنهي گُٽن (رجوگُڻ برهما جي، ستوگُڻ وشنوجي ۽ تموگُڻ شِو جي) جي پڳتي کرڻ فضول ثابت ٿي.

2. گيتا گيان داتا برهم جي پڳتي خود گيتا گيان داتا گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 18 ۾ انُوتم ٻُڌايل آهي. هُن گيتاجي اڌياءِ نمبر 18 شلوڪ نمبر 62 ۾ اُنهي پرميشور مطلب پرم اڪشر برهم جي شرڻ ۾ وڃڻ جو چيو آهي. اهو به چيو آهي ته اُنهي پرميشور جي رضا سان ئي تون پرم شانتي ۽ سناتن پرم ڌام کي حاصل ٿيندين.

3. گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 1 کان 4 ۾ سنسار روپي وڻ جو ذکر آهي ۽ تتودرشي سنت جي سجاڻپ به ٻُڌائي آهي. سنسار روپي وڻ جا سيئي حصا مُول (پاڙ) کير پرميشور آهي؟ ٽُڙ کير پرپو آهي؟ ، ڏار کير پرپو آهي؟ شاخون کير ــ کير ديوتا آهن؟ پن روپي سنسار ٻُڌايو آهي.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 16 ۾ واضح کيو آهي ته:-

1. شر پُرش (اهو 21 برهمانڈن جو پرپو آهي):- هِن کي برهم، ڪال برهم، جوتي نرنجن به چيو ويندو آهي. اهو فاني آهي. اسان هن جي لوڪ ۾ رهي رهيا آهيون. اسان کي هن جي لوڪ مان آزاد ٿيڻو آهي ۽ پنهنجي پرماتما کبير جي وٽ ست لوڪ ۾ وڃڻو آهي.

2. اڪشر پُرش:- اهو ست شنک برهمانڈن جو پرپو آهي، هي به فاني آهي. اسان کي هن جي 7 شنک برهمانڈن جي علائقي کان ٽي ڪري ست لوڪ وڃڻو آهي. انهي ڪري هن جو ٽُول ٽيڪس ڏيڻو آهي. بس هن سان اسان جو ايترو ئي ڪم آهي.

❖ گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 17 ۾ چيو آهي ته:-

اُتمه پُرشه تُو انيه پرماتما اِتي اُدارته

يه لوڪ تريم آوشيه وِيرتي اويه ايِشوره

آسان ارٿ:- گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 16 ۾ چيو ته پُرش، هڪ شر پُرش ۽ ٻيو اڪشر پُرش آهن. انهن ٻنهي کان الڳ آهي اُتم پُرش مطلب پُرشوتم، اُنهي کي پرماتما چوندا آهن جيڪو تنهي لوڪن ۾ داخل ٿي ڪري سڀني جو ڌارڻ پوشڻ ڪندو آهي. اُهو حقيقت ۾ لافاني پرميشور آهي. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 17) گيتاجي اڌياءِ نمبر 3 شلوڪ نمبر 14 – 15 ۾ به واضح کيو آهي ته سروَگتم برهم مطلب سروَ وياپي پرماتما، جيڪو سچيدانند گھن برهم آهي، اُن کي واسُوديو به چوندا آهن جن جي باري ۾ گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 19 چيو آهي. اُهو سدا يڪين مطلب ڌارمڪ ڪرياڻن ۾ حاضر آهي مطلب اِيشٽ روپ ۾ پوجڻ آهن.

پورڻ گُرو کان دڪشا وٺي مريادا ۾ رهي ڪري پڳتي ڪريو. اهڙي طرح جيئڻ جي راه تي هلي سنسار ۾ سُکي زندگي جيئو ۽ موڪش روپي منزل کي حاصل ڪريو.

"سِرشٽِي رچنا (ڪائنات جِي تخليق)"

(سوڪشم ويد مان نڪتل نچوڙ جي صورت ۾ سرشٽي رچنا جو ذڪر)

پرپو پريمي آتمائون پهرين دفعي هِن سرشٽي رچنا کي پڙهندا ته ائين محسوس ٿيندو جهڙو ڏند ڪٿا (هٿ جي نهيل ڪهاڻِي) هُجي پر سيني پويتر ست گرنٿن جي ثبوتن کي ڏسي ۽ پڙهي ڏندين آگريون اچي ويندیون ته هي اصلي اَمرت گيان ڪٽي لڪيل هو. براءِ مهرباني ڏيرج سان پڙهندا رهو ۽ هِن امرت گيان کي پاڻ وٽ محفوظ رکو. توهان جي هڪ سئو هڪ (101) پيڙهين تائين ڪم ايندو. پويتر آتمائو! براءَ مهرباني ست نارائڻ اوياشي(پرپو/ست پُرش) مطابق رچيل سرشٽي جو اصل گيان پڙهو.

1. **پُورڻ برهم**:- هن سرشٽي رچنا ۾ ست پُرش ست لوڪ جا سوامي (پرپُو) ۽ الڪ پُرش الڪ لوڪ جا سوامي، اگم پُرش اگم لوڪ جا سوامي ۽ انامي پُرش انامي (اڪيہ) لوڪ جا سوامي (پرپُو) ته هڪ ئي پُورڻ برهم آهن جيڪي اصل ۾ اوياشي پرپُو آهن، جيڪي الڳ الڳ روپ اختيار ڪري پنهنجن چئني لوڪن ۾ رهن ٿا جنهن جي ماتحت بي شمار برهمانڈ اچن ٿا.

2. **پر برهم**:- هي فقط 7 سنک برهمانڈن جا مالڪ آهن، جنهن کي اڪشر پُرش پڻ چئجي ٿو پر هي ۽ هِن جا برهمانڈ به اصل ۾ اوياشي نه آهن.

3. **برهم**:- هي فقط 21 برهمانڈن جا مالڪ آهن، جنهن کي شر پُرش، جوتي نرنجن، ڪال وغيره نالن سان سڃاتو وڃي ٿو. هي ۽ هن جا سڀ برهمانڈ فاني آهن.

مٿي ذڪر ڪيل تنهي پُرشن (پرپُوئن) جو ثبوت پويتر شريمدڀگونت گيتا جِي اڌياءِ 15 جي شلوڪ 16 ۽ 17 ۾ پڻ آهي.

4. **برهما**:- برهما، وشنو ۽ مهيش هِي ٽيئي برهم (شر پُرش جوتي نرنجن ڪال) جا پُٽ آهن. برهما سيني ڪان وڏو پُٽ آهي، وشنو وچ وارو پٽ آهي ۽ شنڪر آخري ٽيون پُٽ آهي. اهي ٽيئي برهم جا پُٽ صرف هڪ برهمانڈ ۾ هڪ هڪ حصي (گُڻ) جا مالڪ آهن ۽ فاني آهن. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ لازمي پڙهو سرشٽي رچنا. ڪويرديوَ (ڪبير پرميشور) سوڪشم ويد مطلب ڪبير واڻي ۾ پنهنجي رچيل سرشٽي جو گيان ڪيس پاڻ ئي ٻُڌايو آهي جيڪو هِن ريت هيٺ بيان ڪيو ويو آهي.

سڀ ڪان پهرين فقط هڪ انامي (انامیہ) لوڪ هو جنهن کي اڪيہ لوڪ پڻ چيو ويندو آهي. پُورڻ پرماتما انامي لوڪ ۾ اڪيلا رهندا هئا. اُن پرماتما جو اصل نالو ڪوير ديوَ مطلب ڪبير پرميشور آهي.

سيئي آتمائون انهي پُورڻ پرماتما جي شرير ۾ سمايل هُيون، ڪوير ديوَ جو اُپماتمِڪ (پدوي) جونالو انامي پُرش آهي. (پُرش جو مطلب مالڪ به هوندو آهي) پرميشور انسان کي پنهنجي ئي صورت ۾ پيدا ڪيو انهي ڪري انسان جو نالو به پُرش ئي پيو آهي. انامي پُرش جي هڪ روم ڪوپ (جسم جي هڪ وار نڪرڻ جي جاءِ) جي روشني سنک سجن جي روشني کان به وڌيڪ آهي.

مثال طور:- جيئن ڪنهن ملڪ جي وزير اعظم جو نالو ته ڪو ٻيو ئي هوندو آهي پر پد (عهدي) جو نالو وزيراعظم ئي هوندو آهي. ڪيترا ئي دفعا وزيراعظم پاڻ وٽ ڪيترائي شعبا رکي ونندو آهي، تڏهن جنهن به شعبي جي دستاويزن تي دستخط ڪرڻي هوندي آهي ته اُن وقت اُنهي عهدي کي لکندو آهي. جئين وزير داخلا جي دستاويزن تي دستخط ڪندو آهي ته پاڻ کي وزير داخلا ئي لکندوآهي، اُتي اُنهي شخص جي دستخط جي طاقت گهٽ هوندي آهي. اهڙي طرح ڪبير پرميشور جي جسم جي روشني ۾ فرق هر هڪ لوڪ ۾ الڳ الڳ تي ويندو آهي. ٽيڪ اهڙي ئي طرح پُورڻ پرماتما (ڪبيرپرميشور) هينئن تنهي لوڪن (اگم لوڪ، الڪ لوڪ ۽ ست لوڪ) جي رچنا پنهنجي وچن شڪتي سان ڪئي. اهوئي پُورڻ برهم پرماتما ڪويرديوَ ئِي اگم لوڪ ۾ پرگهٽ ٿيا ۽ اگم لوڪ جا سوامِي به ڪبير ديوَ ئي آهن. هتي هُن جي پدوي(عهدي) جو نالو اگم پُرش مطلب اگم پرپو آهي. اُنهي اگم پُرش جو جسم انسان وانگر ئي آهي پر ڏسڻ ۾ بيحد نُوراني آهي، جنهن جي هڪ روم ڪُوپ جي روشني ڪربين سجن جي گڏيل روشني کان به وڌيڪ آهي.

پرميشور کبير صاحب جي بيشمار برهمانڊن جو نقشو

انامي لوڪ: هن لوڪ ۾ آتما ۽ پرماتما هڪ روپ ٿي کبير صاحب ئي انامي روپ ۾ آهن. جيئن منڌ جي پيترن جا ننڍا ٽڪڙا ٿي ويندا آهن . وري برسات پوڻ تي هڪ زمين بڻجي ويندي آهي، کوڙ الگ وجود نه رهندو آهي.

اگهم لوڪ: هن لوڪ ۾ به کبير صاحب اگهم پُرش روپ ۾ رهندا آهن.

الک لوڪ: هن لوڪ ۾ به کبير صاحب الک پرش روپ ۾ رهندا آهن



اُهي پُورڻ پرماتما کوير ديوَ الک لوڪ ۾ پرگھٽ ٿيا، کيس الک لوڪ جا ٻہ مالڪ آهن ۽ پدوي جو نالو الک پُرش آهي. هتي پُورڻ پرماتما جو انسان وانگر ۽ نُوري شرير آهي ۽ هڪ روم ڪُوپ جي روشني ارب سجن جي روشني کان ٻہ وڌيڪ آهي.

پُورڻ برهم ڪبيرصاحِب ست لوڪ ۾ پرگھٽ ٿيا ۽ ست لوڪ جا ٻہ اُهي ئي مالڪ آهن. اِنهي ڪري پد جو نالو ست پُرش (اويناشي پرِيُو) آهي. انهي جا نالا اڪال مُورتي/شبد سروپي رام/ پُورڻ برهم/پرم اڪشر برهم وغيره آهن. ست پُرش ڪبير ديوَ جو جسم ڏسڻ ۾ انسانن وانگرآهي پر بيحد نُوري آهي، جنهن جي هڪ روم ڪُوپ جو پرڪاش ڪروڙين سجن ۽ ڪروڙين چنڊن جي گڏيل روشني کان ٻہ وڌيڪ روشني وارو آهي.

هُن کوير ديوَ (ڪبير پرِيُو) ست پُرش رُوپ ۾ اچي سپ کان پهرين ست لوڪ ۾ پرگھٽ ٿي رچنا شروع ڪئي. هڪ وچن سان 16 دُئيپن جي رچنا ڪئي پوءِ 16 شبدن سان 16 پُٽن جي پيدائش ڪئي ۽ هڪ مان سرور جي رچنا ڪئي، جنهن ۾ امرت پربو. 16 پُٽن جا نالا هيٺ آهن.

1. ڪُرم 2. گياني 3. وويڪ 4. تيج 5. سمج 6. سنتوش 7. سُرتي 8. آنند 9. شما 10. نشڪام
11. جل رنگي 12. اِچنت 13. پريم 14. ديال 15. ڌيريہ ۽ 16. يوگ سنتائين مطلب يوگ جيت

ست پُرش ڪبير ديوَ (ڪبير پرميشور) پنهنجي پُٽ اچنت کي وچن شڪتي ڏيئي ست لوڪ ۾ وڌيڪ رچنا ڪرڻ جو پار سونپيو ۽ شڪتي ڏيئي چڏي. اڳتي هلي اِچنت پرماتما کان مليل وچن شڪتي سان اڪشر پُرش(پربرهم) کي پيدا ڪيو ۽ چيائين تہ تون رچنا ۾ منهنجو ساٿ ڏي. اُتان کان اڪشر پُرش سنان ڪرڻ (وهنجڻ) لاءِ مانَ سروَر ۾ هليو ويو، اُتي اڪشر پُرش کي آنند محسوس ٿيو ۽ آرام لاءِ سُمهي رهيو، گهٽو عرصو ٻاهر نہ اچڻ ڪري اِچنت جي پرارٿنا تي اڪشر پُرش کي ننڍ مان جاڳائڻ لاءِ ڪبير پرميشور اُنهي مان سرور مان جنهن ۾اڪشر پُرش سُتل هو. ڪجھ امرت جل وٺي اُن مان هڪ بيضو ٺاهيائين ۽ ان بيضي ۾ هڪ آتما داخل ڪري بيضي کي مانسرور جي امرت جل ۾ متانهن کان ڦٽو ڪيائين. بيضي جي ڳڙ ڳڙاهٽ جي آواز سان مانسرور ۾ ستل اڪشر پُرش جي ننڍ خراب ٿي. اڪشر پُرش جي ڪاوڙ سان ڏسڻ ڪري بيضي جا ٻہ ٽڪرا ٿي ويا ۽ اُنهي مان جوتي نرنجن (شرپُرش) نڪتو جنهن کي اڳتي هلي ڪال سڏيو ويو. هِن جو اصل نالو "ڪيل" آهي. تڏهن ست پُرش آڪاش واٽي جي ذريعي چيائين تہ توهان ٻئي ٻاهر اچي اِچنت جي دُئيپ ۾ وڃي رهو. اجازت ملڻ تي اڪشرپُرش ۽ شرپُرش (ڪيل) اچنت جي دُئيپ ۾ رهڻ لڳا. (ٻارن جي نالائقي اُنهن کي ڏيکارڻ لاءِ پرماتما اِها ليلا ڪئي، متان اِنهن کي بيهر وڏائي (پرِيُوتا) جي سڪ نہ ٿئي، ڇو تہ سمرٿ/قدرت کان سواءِ ڪو ٻہ ڪم سڪل نٿو ٿئي) پوءِ پُورڻ مالڪ ڪبير ديوَ سڃي رچنا پاڻ ئي رچيائون. ڪبير پرميشور پنهنجي شڪتي سان هڪ راجيشوري (راشٽري) شڪتي پيدا ڪئي، جنهن سان سيني برهمانڊن جي تخليق ڪئي. اُن شڪتي کي پراشڪتي ۽ پراننداي ٻہ چيو ويندو آهي. سيني آتمائن کي پُورڻ برِهم پنهنجي ئي شريرمان پنهنجي وچن شڪتي سان پنهنجي ئي شڪل جھڙا پيدا ڪيا. هر هڪ هنس آتما جو پرماتما جھڙو ئي شريربڻايو آهي، جنهن جو پرڪاش 16 سجن جي برابر آهي ۽ جسم انسان وانگرآهي، پر پرماتما جي شريرجي هڪ روم ڪُوپ (جسم جو وار)جو پرڪاش ڪروڙين سجن کان ٻہ وڌيڪ آهي.

تمام گهٽي عرصي کان پوءِ شر پُرش (جوتي نرنجن) سوچيو تہ اسان ٽيئي (اِچنت، اڪشرپُرش ۽ شرپُرش) هڪ ئي دُئيپ ۾ رهي رهيا آهيون ۽ اسان جا ٻيا پائر الڳ الڳ ٻيٽ ۾ رهي رهيا آهن. مان ٻہ ساڌنا ڪري الڳ دُئيپ حاصل ڪندس. هِن اهڙو ئي دل ۾خيال ڪري هڪ پير تي بيهي 70 يُگن تائين تپ ڪيو.

"آتمائون ڪال جي جار ۾ ڪيئن قيد ٿيون ؟"

جڏهن برهم (جوتي نرنجن) تپ ڪري رهيو هو تڏهن اسان سيئي آتمائون، جيڪي اڄ جوتي نرنجن جي 21 برهمانڊن ۾ رهي رهيا آهيون، اهي سڀ هن جي ساڌنا تي عاشق ٿي ۽ دل ۽ جان سان هن کي چاهڻ لڳاسين ۽ پنهنجي سُکدائي پرِيُو ست پُرش

کان منهن موڙي ڇڏيو جنهن سبب پتي ورتا پد تان ڪري وياسين. پورڻ پرپُو جي بار بارخبر دار ڪرڻ تي ۽ اسان جو لڳاو شر پُرش (برهم جوتي نرنجن) تان نہ هٽيو. ساڳئي اثر اڄ ۽ هن ڪال جي سرشٽي ۾ موجود آهي. جيئن نوجوان ۽ فلم استار هيرو ۽ هيروئن جي بناوٽي ادائن جيڪي پنهنجي روزگار جي مقصد سان اداڪاري ڪري رهيا هوندا آهن، اُنهن تي گهٽا عاشق ٿي ويندا آهن جيڪي روڪڻ سان ۽ نٽا رڪن. جيڪڏهن ڪو هيرو يا هيروئن ويجهي ڪنهن شهر ۾ اچي وڃن تہ ڏسو هن نادان ۽ نارن جي رش، صرف هنن کي ڏسڻ لاءِ تمام گهٽي تعداد ۾ گڏ ٿي ويندا آهن، بغير ڪنهن ڏيڻ ونڻ جي هيرو هيروئن تہ پنهنجي روزي روٽي لاءِ ڊرامي بازي ڪري رهيا آهن ۽ نوجوان ۽ بيڪار ۾ لُڏجي رهيا آهن، ماءُ پيءُ ڪيترو ئي سمجهائين پر ۽ نٽا مڃن، ڪٽي نہ ڪٽي ڪڏهن نہ ڪڏهن لڪي لڪي هليا ويندا آهن.

پورڻ برهم ڪوير ديو (ڪبير پرپُو) شر پُرش کان پُڇيو تہ ٻُڌا توکي چا ڪپي؟ هن چيو تہ پتا جي! هي جگهہ مون لاءِ گهٽ آهي مونکي الڳ سان ڏُئيپ ڏيو. حقہ ڪبير (ست ڪبير) هن کي 21 برهمانڈ ڏيئي چڏيا.

ڪجهہ وقت کان پوءِ جوتي نرنجن سوچيو تہ انهي ۾ ڪجهہ رچنا ڪرڻ گهرجي، خالي برهمانڈ ڪهڙي ڪم جا؟ هن اها ڳالهہ سوچي 70 يُگ ٻيهر تپ ڪري پُورڻ پرماتما ڪوير ديو (ڪبير پرپُو) کان پراڻنا ڪئي. ست پُرش هن کي ٽي گُڻ ۽ پنج تتو (ڌرتي، جل، آڪاش، وايو ۽ اگني) ڏيئي چڏيا. جنهن سان برهم (جوتي نرنجن) پنهنجن برهمانڈن ۾ ڪجهہ رچنا ڪئي. هن وري سوچيو تہ هن ۾ جيوَ (آتمائون) ۽ هُجڻ گهرجن اڪيلي جي دل نٽي لڳي. اهڙو ويچار ڪري 64 يُگ وري تپسيا ڪيائين.

پورڻ پرماتما ڪبير ديوَ جي پُڇڻ تي پُڌايو تہ مونکي ڪجهہ آتمائون ڏيو، مون اڪيلي جي دل نٽي لڳي. تڏهن ست پُرش ڪبير ديو چيائون تہ برهم! تنهنجي تپ جي بدلي ۾ مان توکي ٻيا برهمانڈ ڏيئي سگهان ٿو، پر هنن منهنجين آتمائن کي ڪنهن ۽ جپ تپ جي ڦل جي صُورت ۾ نٽو ڏيئي سگهان. پر ها جيڪڏهن ڪو پنهنجي مرضي سان وڃڻ چاهي تہ اُهو وڃي سگهي ٿو. يووا ڪبير (سمرٿ ڪبير) جا وچن ٻڌي جوتي نرنجن اُنهن آتمائن وٽ ويو، جيڪي پهرين ست لوڪ ۾ هُيون. اسين سيئي هنس آتمائون پهرين کان ئي جوتي نرنجن تي عاشق هُيون. اسان سڀ هن (برهم) کي چوطرف گهيري ٻيٺا سين. جوتي نرنجن اسان کي چيو تہ مون پتاجي کان الڳ ايڪهہ (21) برهمانڈ حاصل ڪيا آهن، اُتي ڪئين قسمن جا الڳ الڳ باغ باغيچا، ندين سُندر گهر ۽ راند ڪرڻ لاءِ دلڪش ميدان ۽ جبل آهن. چا توهان مون سان گڏ هلڻ پسند ڪندا؟ اسان سيني هنس آتمائن (جيڪي هن 21 برهمانڈن ۾ پريشان آهيون) چيو تہ اسين هلڻ لاءِ تيار آهيون، جيڪڏهن پتاجي اجازت ڏئي تہ. تڏهن شرپُرش، پُورڻ برهم (سمرٿ ڪبير) وٽ ويو ۽ اُتي جي سڀ ڳالهہ ٻُڌائي. تڏهن ڪبير صاحب چيو تہ جيڪي هنس تو سان گڏ هلڻ چاهين تا اُهي منهنجي روبرو اچي چون تہ اسان هن سان گڏ وڃڻ چاهيون ٿا، تہ اُنهن کي مان تو سان گڏ وڃڻ جي اجازت ڏيئي چڏيندس. شرپُرش ۽ پرم اڪشر پُرش (ڪبيرصاحب) ٻئي اسان سيني هنس آتمائن وٽ آيا. ست ڪبير چيو تہ جيڪي هنس آتمائون برهم سان گڏ وڃڻ چاهين ٿيون، اُهي هٿ مٽي ڪري رضامندي ڏين، گهٽي وقت تائين سناٽو ڇانيل رهيو، اُن کان پوءِ هڪ هنس آتما هٿ مٽي ڪري چيو تہ باباجي! مان وڃڻ چاهيان ٿو، پوءِ تہ هِن جي ڏيکا سيکي اسان سيني آتمائن (جيڪي اڄ هن ڪال برهم جي 21 برهمانڈن ۾ قاتل آهيون) هٿ مٽي ڪري چيو تہ اسان ۽ وڃڻ لاءِ تيار آهيون. پرميشور ڪبيرديوَ جوتي نرنجن کي چيو تہ تون پنهنجي استان (جگهہ) تي وڃ ۽ جيڪي آتمائون تو سان گڏ هلڻ چاهين ٿيون مان اُنهن سيني هنس آتمائن کي تو وٽ موڪلي چڏيندس. ايترو ٻڌي جوتي نرنجن پنهنجي 21 برهمانڈن ڏانهن هليو ويو. اُن وقت اهي 21 برهمانڈ ست لوڪ ۾ ئي هئا. تنهن کان پوءِ پُورڻ برهم انهي هنس (آتما) کي ڇوڪري جو رُوپ ڏنائين جنهن سڀ کان اول وڃڻ جي رضامندي ڏني. پر استري اِندري (گُپت انگ/vagina) جي رچنا نہ ڪيائين ۽ سيني آتمائن کي (جن جوتي نرنجن سان گڏ وڃڻ جي سهمتي ڏني هُئي) انهي ڇوڪري جي جسم ۾ داخل ڪري چڏيون ۽ هُن جو نالو آشٹرا (آدي مايا، پرڪرتي ديوي (دُرگا) پيو. ست پُرش فرمايو تہ ڏي مون توکي شبد شڪتي ڏئي چڏي آهي. جيترا انسان برهم چوي اوترا تون پيدا ڪري ڏجان. ائين چئي پُورڻ برهم ڪبير صاحب پنهنجي پُٽ سهج

داس جي ذريعي دُرگا کي شر پُرش ڏانهن موڪلي چڏي. جوتي نرنجن کي سمجھ داس اچي ٻڌايو تہ پتاجي (ڪبيرصاحب) هن ڀيٽ جي جسم ۾ اُنهن سيني آتمائن کي داخل ڪري چڏيو آهي، جنهن توسان گڏ هلڻ جي رضامندي ڏيکاري هئي ۽ دُرگا کي پتا جي وچن شڪتي ٻہ ڏني آهي، تہ تون جيترا جيوَ (جاندار) چاهيندي اوترا دُرگا پنهنجي شبد شڪتي سان پيدا ڪري ڏيندي. ايترو چئي سمجھ داس واپس پنهنجي ڏيئپ ۾ هليو ويو.

دُرگا نوجوان هجڻ جي سبب رنگ رُوپ گھٽو سُندر هئڻ ڪري برهم جي من ۾ وشيہ واسنا (جنسي خواهش) پيدا ٿي ۽ درگا ديوي سان ايدر گٹي وڌي (برو ورتاءُ) شروع ڪيو، تڏهن دُرگا چيو تہ جوتي نرنجن مون وٽ پتا جي جي ڏنل شبد شڪتي آهي. تون جيترا پراڻي (مخلوق/جاندار) چوندين، مان وچن شڪتي سان پيدا ڪري ڏيندیس، تون ميٹُون پرمپرا (جنسِي روايت) شروع نہ ڪر تون پڙھن ٻِتا جي وچن سان بيضي (انڊڪار) مان پيدا ٿيو آهين جنهن مونکي پيدا ڪيو آهي، تون منهنجو وڏو پاءُ آهين. ڀيٽ پاءُ جو اهڙو عمل مهاپاپ جو سبب بڻجندو، پر دُرگا ديوي جو ڪوبہ عرض جوتي نرنجن نہ مجيو ۽ پنهنجي وچن شڪتي کان آگر جي ننھن سان درگا ديوي کي پگ (خفيہ عضوو) لڳائي چڏي ۽ بلاتڪار (زبردستي) ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيائين. هُن وقت پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ ڀيو ڪوبہ چارو نہ ڏسندي پنهنجو سوڪشم رُوپ بڻائي جوتي نرنجن جي ڪُليل منهن کان پيٹ ۾ داخل ٿي، پُورڻ برهم ڪبير ديوَ کان پنهنجي حفاظت جي لاءِ پرارٹنا ڪئي. اُنهي وقت ڪبير ديوَ پنهنجي پُٹ يوگجيت (يوگ سنتائن) جو رُوپ ڌارڻ ڪري اُتي پرگھٹ ٿيا ۽ درگا کي برهم جي پيٹ مان ٻاهر ڪڍي چيو تہ جوتي نرنجن! اڄ کان تنهنجو نالو ڪال سڏبو ۽ تنهنجا جنم مرتيو ٹيندا رهندا. اِنهي ڪري تنهنجو نالو شر پُرش سڏيو ويندو ۽ هڪ لک انساني شرير ڌاري پراڻين جي سوڪشيم شرير کي هر روز کائيندين ۽ سوا لک پيدا ڪندين. توهان ٻنهي کي 21 برهمانڈن سميت هتان کان ڪڍيو وڃي ٹو. ايترو چوندي ئي 21 برهمانڈ هوائي جهاز وانگر روانا ٿيا، سمجھ داس جي دُئِيپ جي پرسان گذرندا ست لوڪ کان 16 سنک ڪوھ (هڪ ڪوھ لڳ ڀڳ 3 ڪلوميٹر جو هوندو آهي) جي فاصلي تي اچي رُڪجي ويا.

اجا تائين صرف ٽن شڪتين جو ذڪر آيو آهي .

1. **پُورڻ برهم:**- جنهن کي ٻين ڪيترن ئي نالن سان ٻہ سڃاتو وڃي ٹو، جن مان ڪجھ نالا هي آهن. ست پُرش/ اڪال پُرش/شبد سروپي رام/ پرم اڪشر برهم وغيره. پُورڻ برهم اسنک (لاتعداد) برهمانڈن جو سوامي اصل مالڪ ۽ حقيقت ۾ اويناشي آهي.
2. **پربرهم:**- پربرهم کي اڪشر پُرش ٻہ سڏيو ويندو آهي، هي اصل ۾ اويناشي نہ آهي، هِي ست سنک برهمانڈن جو مالڪ آهي .
3. **برِهم:**- برهم کي جوتي نرنجن/ڪال/ڪيل/شرپُرش/ڏرم راءَ وغيره نالن سان سڃاتو وڃي ٹو. جيڪو صرف 21 برهمانڈن جو مالڪ (سوامي) آهي، اڳتي هن برهم (ڪال) جي سرشٹي جي هڪ برهمانڈ جي ڇاڻ ڏني ويندي، جنهن ۾ تي ٻيا ٻہ نالا ٻڌڻ ۾ ايندا يعني برهما، وشنو، مهيش.

برهم ۽ برهما ۾فرق:- هڪ برهمانڈ ۾ نهيل سڀ کان مٹي واري جڳھ تي برهم شرپُرش (ڪال) پاڻ ٽن خفيہ جڳهين جي رچنا ڪري برهما، وشنو ۽ شو جي شڪل ۾ رهندو آهي ۽ پنهنجي پتني (زال) دُرگا جي مدد سان ٽن پُٹن جي پيدائش ڪندو آهي. جن جا نالا ٻہ برهما، وشنو ۽ شِو ئي رکندو آهي، جيڪو برهم جو پُٹ برهماجي آهي اهو هڪ برهمانڈ ۾ صرف ٽن لوڪن (ڏرتي لوڪ، سرگ لوڪ ۽ پاتال لوڪ) ۾ هڪ رجوگُڻ وياگ (ڪاتي)جو وزير آهي، جنهن کي ترلوڪي برهما چيو آهي. ٻيو برهم جيڪو برهم لوڪ ۾برهما رُوپ ۾ رهندو آهي هن کي مهابرهما ۽ برهم لوڪيہ برهما چيو ويندو آهي، انهي برهم (ڪال) کي سدا شو، مهاشِو ۽ مها وشنو ٻہ چيو ويندو آهي.

شري وشنو پُراڻ ۾ پرماڻ (ثبوت):- چٹورٹ انش اڌياءِ 1 صفحو نمبر230 ۽ 231 تي شري برهما جي چيو:- جنهن اجنما، سروَميہ وڌاتا پرميشور جوآدي (شروعات)، مڌ (وچ)، انت، (آخر)، سروپ، سياوَ ۽ سار اسان نٹا ڇاڻي سگھون (شلوڪ نمبر 83)

جيڪو منهنجي شڪل اختيار ڪري سنسارجي رچنا ڪري ٿو، پالڻ جي وقت جيڪو پُرش رُوپ آهي ۽ جيڪو رُدر رُوپ سان ڪائنات جو گراس (گراهہ/ نوالو) ڪري ٿو، اننت رُوپ سان سموري جڳت جو ڏارڻ ڪري ٿو (شلوڪ نمبر86).

هڪ برهمانڊ جو نقشو

"شري برهما جي، شري وشنو جي ۽ شري شوجي جي پيدائش"

ڪال (برهم) پرڪرتي (دُرگا) کي چيو تہ هاڻي منهنجو ڪير ڇا بگاڙيندو؟ مان پنهنجي من ماني ڪندس. دُرگا وري پرارٿنا ڪئي تہ توهان ڪجهہ شرم ڪريو! پهرين تہ توهان منهنجا وڏا پاڻ آهيو ڇو تہ اُنهي پُورڻ پرماتما (ڪبيرديوَ) جي وچن شڪتي سان توهان (برهم) جي بيضي مان پيدائش ٿي آهي ۽ پوءِ منهنجي پيدائش بہ اُنهي پرميشور جي وچن سان ٿي آهي. ٻيوتہ مان توهان جي پيٽ مان ٻاهر آئي آهيان، انهي لحاظ کان مان توهان جي ڏيءِ ٿيس ۽ توهان منهنجا پيءُ ٿيا، انهن پاڪ رشتن ۾ بگاڙ ڪرڻ سان مهاپاپ ٿيندو آهي. مون وٽ پِتاجي جي ڏنل شبد شڪتي آهي، جيترا پراڻي (مخلوق) تون چوندي مان وچن سان پيدا ڪري ڏيندیس. جوتي نرنجن دُرگا جي هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ چيائين تہ مون کي جيڪا سزا ملڻي هئي سا ملي وئي، مونکي ست لوڪ مان نيڪالي ڏني وئي، هاڻي مان پنهنجي من ماني ڪندس. ائين چئي ڪال پُرش(شر پُرش) پرڪرتي (دُرگا) سان زبردستي شادي ڪئي ۽ تي پُٽ (رجو گُڻ، برهما، ستو گُڻ وشنو ۽ تمو گُڻ شنڪر) پيدا ڪيا. نوجوان ٿيڻ تائين ڪال(برهم) پنهنجي تنهي پُٽن کي دُرگا جي ذريعي بيهوش ڪرائي ڇڏيندو آهي، جوان ٿيڻ تي شري برهماجي کي ڪمل جي گل تي، وشنو جي کي شيش نانگ جي سيج تي ۽ شوجي کي ڪيلاش جبل تي هوش ۾ آڻي ويهاري ڇڏي ٿو، اُن کان پوءِ دُرگا سان تنهي جي شادي ڪئي ويندي آهي ۽ هڪ برهمانڊ ۾ ٽن لوڪن (سرڳ،ڌرتي ۽ پاتال) ۾ هڪ هڪ شعبي جو وزير مطلب مالڪ بڻائي ڇڏيندو آهي. جيئن شري برهما جي کي رجو گُڻ ڪاتي جو، شري وشنوجي کي ستو گُڻ ڪاتي جو، شري شو جي کي تموگُڻ ڪاتي جو ۽ پاڻ (شر پُرش) خفيہ رهي ڪري (مها برهما، مهاوشنو ۽ مها شو) جي رُوپ ۾ وزيراعليٰ جي پد کي سنڀالي ٿو. هڪ برهمانڊ ۾ هڪ برهم لوڪ جي رچنا ڪئي آهي. جنهن ۾ تي آستان اهڙا آهن جيڪي گُپت (خفيہ) ناهيا آهن، هڪ رجوگُڻ پرڌان آستان آهي جتي هي برهم (ڪال) پاڻ مها برهما (وزيراعليٰ) جي شڪل ۾ رهندو آهي ۽ پنهنجي پتني دُرگا کي مها ساوتري رُوپ ۾ رکندو آهي، انهن ٻنهي جي ميلاپ (حمل) سان جيڪو پُٽ اُن جڳهہ تي پيدا ٿيندو آهي، اُهو خودبخود رجوگُڻي تي ويندو آهي. ٻي جڳهہ تي ستوگُڻ پرڌان مڪان بڻايو آهي. اُتي هي (شر پُرش) پاڻ مها وشنو رُوپ بڻائي رهندو آهي ۽ پنهنجي پتني دُرگا کي مهالڪشمي رُوپ ۾ رکي ٻنهي جي ميلاپ سان جيڪو پُٽ پيدا ڪندو آهي، هُن جو نالو وشنو رکندو آهي ۽ هو ٻار خودبخود ستوگُڻي تي ويندو آهي ۽ ٿيون مڪان ڪال اُتي ئي هڪ تموگُڻ پرڌان آستان بڻايو آهي، جنهن ۾ هي (برهم/ڪال) خود مهاشو رُوپ ۾ رهندو آهي ۽ پنهنجي پتني دُرگا کي مهاپاروتي روپ ۾ رکندو آهي. جتي هن ٻنهي پتي پتني وهنوار سان جيڪو پُٽ پيدا ٿيندو آهي اُنهي جو نالو شو رکي تمو گُڻي مقرر ڪندو آهي (ثبوت لاءِ ڏسو پويتر شري شِو مهاپُراڻ وِدويشوَر سمهيتا صفحو نمبر 24۽ 26 جنهن ۾ برهما، وشنو، رُدر (شِو) ۽ مهيشور کان الڳ سدا شِو آهي) رُدر سمهيتا اڌياءِ 6،7، 9 صفحو نمبر 100 کان 105 ۽ 110 تي ترجمو ڪندڙ شري هنومان پرساد پودار، گيتا پريس گورک پور کان پرڪاشت (چپيل) ۽ پويتر شريمد ديوي مهاپُراڻ ٽئين (3) اسڪند جي صفحو نمبر 114 کان 123 تائين،گيتا پريس گورک پور کان پرڪاشت (چپيل) جنهن جو ترجمو ڪندڙ شري هنومان پرساد پودار چمن لال گوسوامي آهي.

پوءِ انهن کي دوکي ۾ رکي پنهنجي ڪاڏي (خوراڪ) لاءِ جيوَن (جاندارن) جي پيدائش شري برهماجي جي ذريعي ۽ پالڻ هڪ ٻئي کي موهہ ممتا ۾ رکي ڪال جار ۾ رکڻ شري وِشنو جي کان ڪرائيندو آهي ۽ شنڪر ٻڌگوان کان سنهار مطلب مارڻ جو ڪم ڪرائيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪال پُرش کي بد دعا جي ڪري هڪ لک انسان جيوَ ڌاري ساهوارن جي سوڪشم شرير مان نڪتل گند (ميل) ڪڍي ڪائڻو پوي ٿو، انهي جي لاءِ 21 برهمانڊن ۾ هڪ تپت شلا (گرم پٿر)آهي جيڪو پنهنجو پاڻ گرم رهندو آهي، جنهن تي گرم ڪري گند ڪڍي ڪائيندو آهي. جيوَ (روح،آتما) مرندي نہ آهي پر تڪليف تمام گهڻي ٿيندي آهي، پوءِ جيو آتمائن کي ڪرمن آڌار تي مطلب اعمالن جي مطابق ڪنهن ٻئي جسم ۾ وجهي ڇڏيندو آهي. **مثالطور:-** جيئن ڪنهن گهر ۾ تي ڪمرا نهيل

هُجن، هڪ ڪمري ۾ اشليل (اُگهاڙيون) تصويرون لڳل هجن، اُن ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي من ۾ اهڙائي گندا ويچار پيدا ٿي ويندا آهن، ٻئي ڪمري ۾ سادُو سنتن، پڳٽن جون تصويرون لڳل هجن تہ من ۾سنا ويچار پرماتما جي پڳٽي ۾ ڏيان لڳو رهي ٿو ۽ ٽئين ڪمري ۾ ديش جي شهيدن جون تصويرون لڳل هُجن تہ من ۾ اهڙا ئِي جوشيلا خيال ايندا آهن. نيڪ انهي وانگر برهم ڪال پنهنجي سوچ سمجهہ سان مٽي وارن ٽن گُڻ پرڏان آستانن/هنڌن جي رچنا ڪري رکي آهي.

"ٽيئي گُڻ ڇا آهن؟ تصديق ساڻ"

ٽيئي گُڻ، رجو گُڻ برهما، ستو گُڻ وشنو ۽ تمو گُڻ شِو جي آهن. انهن جي پيدائش برهم (ڪال) ۽ پرڪرتي (دُرگا) کان ٿي آهي، اهي ٽيئي ناشوان (فاني) آهن.

ثبوت:- گيتا پريس گورک پُر کان پرڪاشت (ڇپيل) شِو مهاپُراڻ جنهن جا سمپادڪ آهن شري هنومان پرساد پودار صفحو نمبر 24 کان 26 ودويشوَر سمپتا ۽ صفحو نمبر 110 اڌياءِ 9 روڌر سنهيتا، اهڙي طرح برهما، وشنو ۽ شِو ٽنهي ديوتائن ۾ گُڻ آهن، پر شِو (برهم، ڪال) گُڻاتيت ڇيو ويو آهي.

ٻيو ثبوت:- گيتا پريس گورک پُر کان ڇپيل شريمد ديوي ڀاگوت پُراڻ جنهن جا سمپادڪ آهن شري هنومان پرساد پودار چمن لال گوسوامي. ٽيون اسڪند اڌياءِ 5 جي صفحو نمبر123. ڀڳوان وشنو دُرگا جي استوتي ڪندي ڇيو آهي تہ مان يعني وشنو برهما ۽ شِو توهان جي ڪِرپا سان وڌمان (موجود) آهيون اسان جو تہ آوِرپاوَ (جنم) ۽ تِروِپاوَ (موت) ٽيندو آهي، اسان نتيہ (قائم دائم) نہ آهيون. تون ئي هميشه رهڻ واري آهين، جڳت جنني آهين، پرڪرتي ۽ سناتني ديوي آهين.

ڀڳوان شنڪر ڇيو اي ماتا! جيڪڏهن ڀڳوان برهما ۽ ڀڳوان وشنو توهان مان ئي پيدا ٿيا آهن تہ انهن کان پوءِ پيدا ٽيڻ وارو تموگُڻي ليلا ڪندڙ شنڪر (شِو) ڇا تنهنجي اولاد نہ آهيان؟ مطلب مون کي بہ پيدا ڪرڻ واري تون ئي آهين. هن سنسار جي سرشٽي (تخليقڪار)، استتي (پالڻهار) ۽ سنهار (خاتمو) ڪرڻ ۾تنهنجا گُڻ سدائين طاقت رکندا آهن، اُنهن ٽنهي گُڻن مان پيدا اسين يعني برهما، وشنو ۽ شنڪر نيم (اُصول) مطابق ڪاريہ (ڪم ڪار) ۾ تيار هوندا آهيون،

مٽئيون ذڪر صرف هندي ۾ ترجمو ٽيل شري ديوي مهاپُراڻ مان آهي، جنهن ۾ ڪجهہ ليک ڪي لکايو ويو آهي. انهي ڪري ساڳيون ئي ثبوت ڏسو شريمد ديوي ڀاگوت مهاپُراڻ، سُپاش ٽيڪم سِمهاتيم، ڪيمراج شري ڪرشن داس، پرڪاشن، مبئي. ان ۾سنسڪرت سميت هندي ترجمو ڪيل آهي. ٽيون اسڪند اڌياءِنمبر 4 شلوڪ نمبر 42 صفحو نمبر 10:-

برهما اهـم ايشوره فِل تي پرياوات سروي ويم جني يوّتا نہ يدا تو نِتيه ڪي
انيه سوره شتمک پرمو کهاه چه نيتيه نيتيه توَ ميوَ جنني پرڪرتي پُراڻا

سمجهاڻي:- اي ماتا! برهما، مان (وشنو) ۽ شِوَ تنهنجي ئي پرياوَ(طاقت) سان جنم وان آهيون، اسين هميشه رهڻ وارا نہ آهيون مطلب اسان اوناشي نہ آهيون، تہ پوءِ اِندر وغيره ٻيا ديوتا لافاني ڪيئن ٿي سگهن ٿا؟ تون ئي اوناشي آهين، پرڪرتي ۽ سناتني ديوي آهين (42)

صفحو نمبر11 ـ 12 اڌياءِ نمبر 5 شلوڪ 8:-

يدِي ديا ڏرمنا، نہ سدا س امبيڪي ڪٽيم وهيتاه چه تموگُناه
ڪمل جئشچ رجوگُڻ سمپوَه شهيتا ڪِموَ ستو گُڻو هري (8)

سمجهاڻي:- ڀڳوان شنڪر ڇيو اي ماتا! جيڪڏهن اسان تي تنهنجي پرپور ديا آهي تہ مون کي تمو گُڻ ڇو بڻايو؟ ڪمل مان پيدا برهما کي رجو گُڻ ڇا لاءِ بڻايو؟ ۽ وشنو کي ستو گُڻ ڇو بڻايو؟ مطلب جيوَ پراڻين جي جنم موت رُوپي دُشٽ ڪرم ۾ ڇو لڳايو؟

شلوڪ نمبر 12:- رميسي سوَ پتِم پُرسوم سداتوَ گتيم نہ هِي ويهي ويدوم شِوي.

سمجھاڻي:- پنھنجي پتي پُرش يعني ڪال پڄوان سان سدائين پوگ ولاس ڪندي رھندي آھين. توھان جي گتي ڪير بہ نٿو ڄاڻي.

مٿئين ٿبوتن مان ظاھر ٿيو تہ رجوگُڻ برھما ستوگُڻ وشنو ۽ تمو گُڻ شِو آھن. اھي ٽيئي فاني آھن. دُرگا جو پتي برھم ڪال آھي. ھي ھن سان گڏ پوگ ولاس ڪندو رھندو آھي.

"برھم ڪال جي اوئڪت (لڪِي) رھڻ جي پرتگيا (عھد)"

(سوڪشم ويد ۾ بقايا سرشٽي رچنا جو ذڪر)

تن پُڻن جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ برھم ڪال پنھنجي پٽني دُرگا کي چيو تہ مان وچن ٿو ڪريان تہ مان آئيندہ ڪڏھن بہ ڪنھن کي پنھنجي اصلي روپ ۾ درشن نہ ڏيندس. جنھن ڪارڻ سان مان اوئڪت (نراڪار) سمجھيو ويندس. ھن دُرگا کي چيو تہ تون منھنجو پيد (راز) ڪنھن کي بہ نہ ڏجان، مان لڪي رھندس، دُرگا ھن (ڪال) کان پُڇيو تہ چا توھان پنھنجن پُڻن کي بہ درشن نہ ڏيندا؟ برھم ڪال چيو تہ مان پنھنجي پُڻن توڙي ٻئي ڪنھن کي بہ ڪنھن بہ ساڌنا سان درشن نہ ڏيندس، ھي منھنجو اٽل نيم رھندو. دُرگا چيو تہ ھي توھان جو اُتم نيم نہ آھي، جو توھان پنھنجي اولاد کان بہ لڪِي رھندا. تڏھن ڪال چيو تہ دُرگا اھا منھنجي مجبوري آھي، مون کي ھڪ لک انساني شريرِ ڌاري ساھوارن جي سوڪشم شريرِ ڪائڻ جو شراپ لڳل آھي. جيڪڏھن اصليت جي منھنجي پُڻن (برھما، وشنو ۽ شو) کي خبر پئجي وئي تہ اُھي منھنجو ڪم ڪار مطلب پيدائش (اُتپتي)، پالڻ (ستيتي)۽ موت (سنھار)جو ڪم ڪوڻ ڪندا. انھي لاءِ ھي منھنجو انوتم نيم سدا رھندو. جڏھن اھي ٽيئي ڪجھ وڌا ٿي وڃن تڏھن انھن کي بيھوش ڪري ڇڏجان. منھنجي باري ۾ نہ ٻُڌائجان نہ تہ مان توکي بہ سزا ڏيندس. دُرگا ھن جي خوف جي ماريل سچائي ڪنھن کي بہ نٿي ٻُڌائي. انھي ڪري گيتا اڌياءِ 7 جي شلوڪ نمبر 24 ۾ چيو آھي تہ بيوقوف انسان منھنجي انوتم(نيچ) نيم کان اڻ واقف آھن تہ مان ڪڏھن بہ ڪنھن جي سامھون پرگھٽ نٿو ٿيان. پنھنجي يوگ مايا کان لڪيل رھندوآھيان، انھي ڪري مون اوئڪت کي شڪل ۾ اڇڻ وارو ڪرشن سمجھن ٿا.

سمجھاڻي:- (اُپڌيہ) بيوقوف (مم) منھنجي (انوتم) گھٽيا (اوئيم)اوياشي(پرم پاوَم) خاص مقصد کي (اجانت) نٿا سُجاڻن (مام اويڪتم)مون اوئڪت کي (ويڪتيم)انسان رُوپ ۾ (آپنم) آيل (منن تي) سمجھن ٿا. مطلب مان ڪرشن نہ آھيان.(گيتاجي اڌياءِ 7 شلوڪ نمبر24)

گيتاجي اڌياءِ 11 شلوڪ نمبر 47 ۽ 48 ۾ چيو آھي تہ ھي منھنجو اصل ڪال روپ آھي، ھن جو درشن مطلب برھم جي حاصلات نہ ويدن ۾ بيان ڪيل طريقي سان، نہ جپ سان، نہ تپ سان ۽ نہ ئي ڪنھن ٻئي طرح سان ٿي سگھي ٿو.

جڏھن ٽيئي پُٽ نوجوان ٿي ويا تڏھن ماتا پواني(پرڪرتي، اشٽنگي) چيو تہ! توھان ساگر منٿن ڪريو. پھريون دفعو ساگر منٿن ڪيو تہ جوتي نرنجن پنھنجي سوانسن جي ذريعي چار ويد پرگھٽ ڪيا، اُنھن کي گپت واٽي ذريعي حڪم ڏنو تہ توھان سمنڊ ۾ وڃي رھو. ساگر منٿن ۾ چار ويد نڪتا اُھي برھما جي ڪنيا. ويد ڪٽي ٽيئي پُٽ ماتا وٽ آيا. تڏھن ماتا چيو ويدن کي برھما رکي ۽ پڙھي.

نوٽ:- دراصل پُورڻ برھم برھم/ڪال کي پنج ويد ڏنا ھئا. برھم صرف چئني ويدن کي ئي ظاھر ڪيا، پنجون ويد لڪائي ڇڏيو، جنھن کي پُورڻ پرماتما پاڻ اچي ڪبيرگريي مطلب ڪبيرواڻي جي مطابق ۽ لوڪوڪتيون(لوڪ گيت) ۽ دوھن/بيتن جي صورت ۾ ظاھر ڪيو.

ٻئي پيري ساگر منٿن ڪيو تہ تي ڪنيائون (چوڪريون) مليون. ماتا تنھي کي ورھائي ڇڏيون. پرڪرتي دُرگا پنھنجا ئي تي رُوپ (ساوتري، لڪشمي ۽ پاروتي) ڌارڻ ڪري سمنڊ ۾ لِڪي ويئي، ساگر منٿن جي دوران ٻاھر اچي وئي. اُھي پرڪرتي(دُرگا) جا

ئي تيئي رُوپ آهن، برهما کي ساوتري، وِشنو کي لڪشمي ۽ شنڪر کي پاروتي پتني رُوپ ۾ ڏنائين. تنهي ڀوگ ولاس ڪيو، جنهن سان سُر (ديوتا) ۽ اسُر (راکشِس) ٻئي پيدا ٿيا.

جڏهن ٽئين پيري ساگر منٿن ڪيو تڏهن 14 رتن برهما کي مليا، امرت وشنو، ديوتائن کي، مد (شراب) اسُرن (راکشسن) کي ۽ زهر شنڪر کي ڏنو جيڪو شنڪر پنهنجي گلي (ڪنڌ) ۾ رکيو. اها تمام پوءِ جي ڳالهہ آهي تہ جڏهن برهما وید پڑهڻ لڳو تہ خبر پئي تہ سيني برهمانڊن جي رچنا ڪرڻ وارو ڪُل مالڪ پُرش (پرِيُو) تہ ڪو ٻيو ئي آهي. تڏهن برهما اچي اها ڳالهہ وشنو ۽ شنڪر کي ٻُڌائي تہ ويدن ۾ ذڪر آهي تہ سرجڻهار تہ ڪو ٻيو پرِيُو (پُرش) آهي پر وید ٻہ چون ٿا تہ هن جو راز اسان ٻہ نٿا ڄاڻون، انهي جي لاءِ اشارو آهي تہ ڪنهن تتوَ درشيِ سنت کان وڃي پُڇو. تڏهن برهما ماتا وٽ آيو ۽ سڄي ڳالهہ ڪري ٻُڌائي. ماتا چوندي هئي تہ مون کان سواءِ ٻيو ڪير ٻہ ناهي، مان ئي سرو شڪتيمان آهيان پر برهما چيو تہ وید اِيشور جا رچيل آهن. اُهي ڪوڙا نٿا ٿي سگهن. دُرگا چيو تہ تنهنجو پتا توکي درشن نٿو ڏيئي سگهي، هن جو واعدو ڪيل آهي. تڏهن برهماجي چيو ماتا هاڻ توهان جي ڳالهہ تي اعتبار نٿو ٿئي، مان هن پرِيو جي ڪوج ڪري ئي رهندس. دُرگا چيو جيڪڏهن تنهنجي پتا درشن نہ ڏنا تہ تون چا ڪندين؟ برهما چيو تہ مان توهان کي پنهنجي شڪل نہ ڏيڪاريندس. ٻئي طرف جوتي نرنجن جو قسم کاڌل آهي تہ مان اوئڪت (لڪيل) رهندس، ڪنهن کي ٻہ درشن نہ ڏيندس مطلب ايڪيہ (21) برهمانڊن ۾ ڪڏهن ٻہ پنهنجي اصل ڪال رُوپ ۾ آڪار (شڪل) ۾ نہ ايندس. گيتاجي اڌياءِ نمبر 7 جو شلوڪ 24:-

اويڪتم،ويڪتيم، آپنم، منينتي، مام اُبڌ هيه

پـرم، پاوم، اجانـنتـه، مـم، اوبـيـم،انوتـمـم 24

سمجهاڻي:- (اُپڌيه) بيوقوف ماڻهو (مام) منهنجي (انُوتمم) نيچ (اوبيم) اويناشي (پرم پاوَم)خاص مقصد کي (اجانتہ) نٿا سمجهن (مام اويڪتم) مون اوئڪت (لڪيل) کي (ويڪتيم)انسان رُوپ ۾ (آپنم) آيل (منتي) مجن ٿا.مطلب ڪرشن روپ ۾آيل اوتار مجيندا آهن.

گيتا اڌياءِ نمبر 7 شلوڪ نمبر 25:-

نہ، اهم، پرڪاشاهہ، سروسيه،يوگ مايا، سماورتاه

مُوڍه، ايَم ،نہ، اپيجاناتي، لوڪاه، مام، اجمَ، اوييمَ 25

سمجهاڻي:- (اهم) مان (يوگ مايا سماورتاه) يوگ مايا سان لڪيل(سروسيه) سيني جي (پرڪاشاهه) سامهون (نه) نہ ايندوآهيان مطلب لڪيل رهندو آهيان. هن لاءِ (اجم)جنم نہ ونڊ وارو (اويم) اويناشي اٽل مقصد کي (ايمَ) اِهي (مُوڍه) اڳياني (لوڪاه) ماڻهو (ما)مونکي (نه) نٿا (اپيجانتي) سجاڻن مطلب مونکي اوتار رُوپ ۾ آيل سمجهن ٿا. ڇاڪاڻ تہ برهم پنهنجي شبد شڪتي سان پنهنجا مختلف روپ بڻائي ونندو آهي. هي دُرگا جو پتي آهي انهي ڪري هن منتر ۾ چئي رهيو آهي تہ مان شري ڪرشن وغيره وانگر دُرگا سان جنم نٿو ونان.

"برهما جو پنهنجي پتا (ڪال برهم) جِي حاصلات لاءِ ڪوشش"

تڏهن برهما کي دُرگا چيو تہ الک نرنجن توهان جو پتا آهي، پر هو توهان کي درشن نہ ڏيندو. برهما چيو مان درشن ڪري ئي موٽندس. ماتا پچيو! تہ جيڪڏهن توکي درشن نہ ٿيو تہ چا ڪندين؟ برهما چيو مان واعدو ڪريان ٿو تہ جيڪڏهن پِتا جا درشن نہ ٿيا تہ توهان جي سامهون ڪڏهن ٻہ نہ ايندس. اهو چئي برهماجي پريشان ٿي اُتر طرف روانو ٿي ويو، جتي رڳو اُوندهہ ئي اُوندهہ هو، اُتي برهما چئن يگن تائين ڌيان لڳايو، پر ڪجهہ ٻہ حاصل نہ ٿيو. ڪال آڪاش واڻي ڪئي تہ درگا سرشتي رچنا چو نہ ڪئي آهي؟ پواني چيو توهان جو وڌو پُٽ برهما ضد ڪري توهان جي تلاش ۾ نڪري ويو آهي. برهم (ڪال) چيو هن کي واپس گُهرائي وٺ مان هُن کي درشن نہ ڏيندس. برهما کان سواءِ جيو سرشتي جو سڀ ڪم ناممڪن آهي، تڏهن پرڪرتي (دُرگا) پنهنجي شبد شڪتي سان

گائتري نالي جي هڪ چوڪري پيدا ڪئي ۽ هُن کي برهما واپس وٺي اچڻ لاءِ چيو. گائتري برهما جي وٽ ويئي پر برهماجي سماڌي ۾ هئا، هن کي ڪجهہ بہ محسوس نہ ٿي رهيو هو تہ ڪير آيو آهي. تڏهن آدي ڪماري (پرڪرتي) گائتري کي ڏيان ذريعي چيو تہ برهما جي پيرن کي هٿ لاهہ. تڏهن گائتري ائين ئي ڪيو. برهماجي جو ڏيان پنگ ٿي ويو. تڏهن ڪروڌ مان چيائين تہ تون ڪير پاپڻي آهين؟ جنهن منهنجو ڏيان پنگ ڪيو آهي، مان توکي شراپ ڏيندس. گائتري چوڻ لڳي تہ منهنجو ڏوهہ ناهي، پهرين منهنجي ڳالهہ ٻڌ پوءِ شراپ ڏجان. ماتاجي توکي واپس گهرائڻ لاءِ موڪلي آهي، چاڪاڻ تہ توهان کان سواءِ تخليق نٿي ٿي سگهي. برهما چيو تہ مان ڪيئن هلان؟ پتاجي جا درشن ٿيا ئي ناهن، ائين ويندس تہ منهنجو مذاق ٿيندو. جيڪڏهن تون ماتاجي سامهون ائين چوين تہ برهما کي پتاجي (جوتي نرنجن) جا درشن ٿيا آهن، مون پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي تہ مان توسان گڏ هلڻ لاءِ تيار آهيان. تڏهن گائتري چيو جيڪڏهن تون مون سان سمپوگ (جنسي عمل) ڪندي تہ مان تنهنجي ڪُوڙي گواهي ڏيئي سگهان ٿي. تڏهن برهما سوچيو تہ پتا جي جا درشن نہ ٿيا آهن، ائين ئي ويندس تہ ماتاجي سامهون شرمسار ٿيندس. تڏهن ٻيو ڪوبہ حل نہ ڏسي گائتري سان جنسي عمل ڪيائين.

بعد ۾ گائتري چيو تہ چونہ هڪ ٻيو گواهہ تيار ڪيو وڃي. انهي تي برهما وراڻيو تہ سُٺي صلاح آهي. تڏهن گائتري پنهنجي شبد شڪتي سان هڪ چوڪري پهوپ وتِي نالي پيدا ڪئي. پهوپ وتِي کي ٻنهي (برهما ۽ گائتري) چيو تہ تون اها گواهي ڏجان تہ برهما کي پتا جا درشن ٿيا آهن. تڏهن پهوپ وتِي چيو تہ مان چو ڪُوڙي گواهي ڏيان، ها! جيڪڏهن برهما مون سان رتي ڪِريا (جنسي عمل) ڪري تہ گواهي ڏيئي سگهان ٿي. تڏهن گائتري برهما کي سمجهايو تہ ٻيو ڪوبہ چارو ناهي. تڏهن برهما پهوپ وتي سان جنسي عمل ڪيو. پوءِ ٽيئي ڇٽا گڏ ٿي آدِي مايا (دُرگا) وٽ آيا. ٻنهي ديوين (گائتري، پهوپ وتِي) متئين شرط انهي لاءِ رکي تہ جيڪڏهن برهما اسان جي ڪُوڙي گواهي متعلق ماتا کي ٻُڌائي ڇڏي تہ ماتا اسان کي سراپ (بدعا) ڏيندي. انهي لاءِ هن کي بہ قصور وار بڻائي ڇڏيو.

هتي غريب داس جِي فرمائين ٿا تہ:- داس غريب يہ چوڪ ڏوروم ڏور

"ماتا دُرگا جو برهما کي شراپ (بددُعا) ڏيڻ"

تڏهن ماتا برهما کان پڇيو تہ چا توکي تنهنجي پتا جا درشن ٿيا آهن؟ برهما چيو ها ماتا مونکي پتا جا درشن ٿيا آهن. دُرگا چيو گواهہ ڪير آهي؟ تڏهن برهما چيو تہ انهن ٻنهي جي سامهون درشن ٿيا آهن. ديوي ٻنهي چوڪرين کان پُڇيو چا توهان جي سامهون برهم جو درشن ٿيو آهي. تڏهن ٻنهي چيو تہ ها اسان پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي. تڏهن پواني کي شڪ ٿيو تہ مونکي برهم چيو هو تہ مان ڪنهن کي بہ درشن نہ ڏيندس. پر هي چون ٿا تہ درشن ٿيا آهن. تڏهن اشتنگي ڏيان لڳائي ڪال جوتي نرنجن کان پڇيو! تہ هي چا ڪهاڻي آهي؟ جوتي نرنجن چيو! اهي ٽيئي ڪُوڙ ڳالهائي رهيا آهن. تڏهن ماتا انهن کي چيو توهان ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهيو، مونکي آڪاش واڻي ٿي آهي تہ توهان کي ڪوبہ درشن نہ ٿيو آهي. اها ڳالهہ ٻُڌي برهما چيو تہ ماتاجي! مان قسم کائي پتاجِي کي تلاش ڪرڻ لاءِ ويو هئس، پر پتاجِي (برهم) جا درشن نہ ٿيا ۽ توهان جي اڳيان بغير درشن ڪرڻ جي اچڻ سان شرم پئي ٿيو، انهي ڪري ڪُوڙ ڳالهايو. تڏهن ماتا دُرگا ڪاوڙ ۾ اچي چيو تہ هاڻ مان توهان کي شراپ ڏيان ٿي.

"برهما کي شراپ (بددُعا)"

تنهنجي پوجا جڳ ۾ نہ ٿيندي، اڳتي تنهنجو ونس (نسل) ٿيندو اُهو گهٽو پاکنڊي ٿيندو، ڪوڙيون ڳالهيون ڪري دنيا کي لُٽيندو، ظاهري تہ سُنا ڪم ڪندي نظر ايندا پر اندران کان وکار بُرايون ڪندا، پُراڻن جون ڪٿائون ڪندا پر پاڻ اگياني هوندا، ست گرنٿن (مقدس ڪتابن) جي سچائي کان اڻ واقف هوندا، پوءِ بہ مان، وڏائِي، ڌن دولت وغيره کي حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ گرو بڻجي ماڻهن کي وبدن ۽ شاسترن جي خلاف ڌند ڪٿائون (هٿ نوڪيون ڳالهيون) ٻُڌائيندا، ديوي ديوتائن (پٿرن) جي پُوجا

ڪرائي ٻين جي ڳلا ڪري گھٽيون تکليفون پوڳيندا ۽ پنھنجن چيلن کي پرمارٿ (ٻين جي پلائي ڪرڻ) نہ سيکارينداِ دڪشٽا (پئسن) خاطر جڳت جي ماڻھن کي گمراھ ڪندا رھندا، پنھنجو پاڻ کي سڀ کان عقل مند سڏائيندا ۽ ٻين کي نيچ سمجھندا.

جڏھن ماتا جو اھڙو شراپ ٻڌو تہ برھماڃِي بيھوش ٿي زمين تي ڪري پيو. گھٽي وقت کان پوءِ ھوش ۾ آيو.

"گائتري کي شراپ (بددُعا)"

تنھنجا ڪيترائي ساڌ پتي ٿيندا، تون مرت لوڪ ۾ڳُون ٿيندين.

"پھوپ وتِي کي شراپ (بددُعا)"

تنھنجي جاءِ گندگي ۾ ھوندي، تنھنجي گُلن کي ڪير بہ پوجا ۾ نہ آڻيندو، اِن ڪُوڙي گواھي جي ڪري توکي اھو نرڪ پوڳڻو پوندو. تنھنجو نالو ڪيوڙا ڪيتڪِي (گترمِ ٽيڙ واري وَل) ھوندو. ھرياڻا ۾اِن کي ڪسوندِي چوندا آھن.

اھڙي طرح تنھي کي شراپ ڏئي ماتا پِواني تمام گھٽو پڇتائي (اھڙي طرح پھرين تہ ھِي جيوَ بنا سوچ جي من يعني ڪال نرنجن جي اثر سان غلط ڪرم ڪري ڇڏيندو آھي. پر جڏھن آتما (پرماتما جي انش) جي پرپاوَ (اثر) سان ھن کي گيان ٿي ويندو آھي تہ پوءِ پڇتائڻو پوندوآھي. جھڙي نموني ماتا پتا پنھنجن ٻارن کي ٿوري غلطي جي ڪري ڪاوڙ ۾ اچي ڏمڪائيندا آھن ۽ بعد ۾ تمام گھٽو پڇتائيندا ٻہ آھن. اھا ترڪيب ڪال نرنجن جي دباءَ سان سڀ مخلوق ۾ ڪم ڪري رھي آھي. پر ھا ھتي ھڪڙي خاص ڳالھ آھي تہ نرنجن ٻہ پنھنجو قانون ٻڌائي رکيو آھي تہ جيڪڏھن ڪو انسان ڪنھن ڪمزور انسان کي ستائيندو تہ اُن کي ٻہ اُن جو بدلو ڏيڻو ئي پوندو.

جڏھن آدي پِواني (پرڪرتي، اشٽنگِي) برھما، گائتري ۽ پھوپ وتِي کي شراپ ڏنو ھو تڏھن الڪ نرنجن (برھم/ڪال) ڇيو اي پِواني! ھي توھان ڇگو نہ ڪيو، ھاڻ مان (نرنجن) توکي شراپ ڏيان ٿو تہ دُوئاپر يُگ ۾ تنھنجا ٻہ پنج پتي ٿيندا (دروپدي ئي آدي مايا جواوتار ٿي آھي) جڏھن اھا آڪاش واڻي ٻڌي تہ آدي مايا ڇيو تہ اي جوتي نرنجن مان تنھنجي وس آھيان، جيڪو چاھين سو ڪر.

"وشنو جو پنھنجي پتا (ڪال برھم)جي حاصلات لاءِ وڇڻ ۽ ماتا کان آشيرواد پائڻ"

اُن کان پوءِ وشنو کي پرڪرتي ڇيو تہ پُٽ تون ٻہ پنھنجي پتا جي تلاش ڪري وڃ. تڏھن وشنو پنھنجي پتا (ڪال) جي کوج ڪندي ڪندي پاتال لوڪ ۾ ھليا ويا، جتي شيش نانگ ھو، ھن وشنو کي پنھنجي حد ۾ داخل ٿيندي ڏسي زھر سان ڀريل ڦونڪار ھنيائين. زھر جي اثر سان وشنوجي جو رنگ سانورو ٿي ويو، جيئن اسپري ڪرڻ سان رنگ تبديل ٿي ويندو آھي. تڏھن وشنو سوچيو تہ ھن نانگ کي تہ مزو چکائڻو پوندو، اُن وقت جوتي نرنجن ڪال ڏنو تہ وشنو کي شانت ڪرڻ گھرجي. تڏھن آڪاش واڻي ڪئي تہ وشنو ھاڻي تون پنھنجي ماتا وٽ وڃ ۽ سڃي ڳالھ سچ سچ ٻُڌائجان، جيڪو تو سان ٿيو آھي ۽ جيڪا تڪليف توکي شيش نانگ مان ملي آھي، اُن جو بدلو دئاپُر يُگ ۾ ونجان، دئاپُريُگ ۾ تون (وشنو) ڪرشن اوتار ڌارڻ ڪندي ۽ ڪاليدي ۾ ڪالندرِي نالي نانگ يعني شيش نانگ جو اوتار ٿيندو.

اونچ ھو ڪي نيچ ستاوي،تا ڪر (اوئيل)موھي شون پاوي
جو جِيوَ ديھي پيڙ پوني ڪاھو، ھم پوني اوئيل دواوين تاھو

تڏھن وشنو ماتاجي وٽ آيا ۽ سچ سچ ڳالھ ڪري ٻڌائي تہ مونکي پتا جي جا درشن نہ ٿيا آھن. اِنھي ڳالھ تي ماتا پرڪرتي ڏاڍي خوش ٿي ۽ ڇيو تہ پُٽ تون ستوادي آھين، ھاڻ مان پنھنجي شڪتي سان توکي تنھنجي پتا جِي سان ملايان ٿي ۽ تنھنجي من جو شڪ ختم ڪريان ٿي.

ڪبير، ديک پُتر توهي پِتا پيڻائون، توري من کا ڏوکا مِٽائون
من سروپ ڪرتا ڪهه جانو، مـن تـي دُوجا اور نه مانو
سرگ پاتال دور مـن ڪيرا، مـن اِستر مـن اهي انـيرا
نرنڪار من هي ڪو ڪهيئي، من کي آس نِس دِن رهيئي
ديکو پلٽِي سُن ہِ جوتِي، جهان پر جِهل مِل جهالر هوتِي

اهڙي طرح ماتا (اشٹنگي پرڪرتي) وشنوکي چيو ٿه من ئي جڳ جو ڪرتارآهي، اهوئي جوتي نرنجن آهي. ڏيان ہِ جيڪي هڪ هزار جوتيون نظراچن ٿيون هن جو رُوپ آهي. توهان جيڪي شنک گهنڊ وغيره سازن جو آواز ٻُڌو آهي سو مها سرگ ہِ جوتي نرنجن جو ئي وڄي رهيو آهي. تڏهن ماتا (اشٹنگي، پرڪرتي) چيو ٿه اي پُٽ تون سيني ديوتائن جو سرتاج آهين، تنهنجي هر ڪامنا ءِ ڪارج مان ئي پورو ڪنديس، تنهنجي پُوجا سڃي جڳ ہِ ٿيندي، تو مون کي سچ سچ ٻڌايو آهي.

ڪال جي 21 برهمانڈن جي پراڻين (جاندارن) جي اها خاص عادت آهي ٿه اُهي پنهنجي اجائي تعريف بيان ڪندا آهن. جيئن درگاڄِي وشنوڄِي کي چئي رهي آهي ٿه تنهنجي جڳ ہِ پوجا ٿيندي، مون توکي تنهنجي پتاڄِي جا درشن ڪرائي ڇڏيا. دُرگا ٿه رڳو پرڪاش (روشني) ڏيڪاري شري وشنوڄِي کي خوش ڪيو. اڳتي هلي شري وشنوڄِي پڻ ساڳئي ئي حالت رهي آهي، پنهنجي انويائين يعني پوئلڳن کي سمجهائڻ لڳا ٿه پرماتما جو رڳو پرڪاش ئي ڏسي سگهجي ٿو، پرماتما نراڪار(بنا جسم جي) آهي.

اُن کان پوءِ آدي پواني رُدر (شو جِي) وٽ آئي ءِ چيائين ٿه مهيش تون بہ ڪري وٺ پنهنجي پتا جي ڪوڄ. تنهنجي ٻنهي پائرن کي ٿه نه ٿيا تنهنجي پتا جي جا درشن. اُنهن کي جيڪو ڏيٹو هو سوته مون ڏيئي ڇڏيو، هاڻ توکي جيڪو گُهرٹو هُجي سو گُهر. تڏهن مهيش چيو ٿه اي جنني! جيڪڏهن منهنجي ٻنهي وڏن پائرن کي پتا جِي جا درشن نه ٿيا پوءِ اهڙي ڪوشش ڪرڻ ئي بيڪار آهي. ڪرپا ڪري مونکي اهڙو وردان ڏيو جنهن سان مان هميشه لاءِ اَمر ٿي وڃان، تڏهن ماتا چيو اهو مان نٿي ڪري سگهان. ها هڪ مشورو ڏيئي سگهان ٿي جنهن سان تنهنجي عمر سيني کان وڏي ٿي ويندي، جنهن جي وڏي (طريقو) يوگ سماڌي آهي. (انهي ڪري مهاديو جي اڪثر ڪري سماڌي ہِ رهندا آهن) ان کان پوءِ ماتا اشٹنگي تن پُٽن کي الڳ الڳ حصا ورهائي ڏيئي ڇڏيا.

پڳوان برهماجي کي هن ڪال جي لوڪ ہِ لک چوراسي قسمن جا شريرناهڻ مطلب رجوگُڻ سان متاثر (اولاد پيدا ڪرڻ لاءِ مجبور) ڪري جيوَ پيدا ڪرڻ جو شعبو سونپيو آهي.

پڳوان وشنو جي کي هن جاندارن جي پالڻ پوشڻ (اعمال/مطابق) ڪرڻ ءِ موهه ممتا پيدا ڪري پاڻ ہِ جڪڙي رکڻ جو ڪم ڏنو آهي.

پڳوان شنکرڄِي کي سنهار (مارڻ، خاتمو) جو ڪاتو ڏنو چو ٿه هِن جي پتا نرنجن کي هڪ لک انسان شرير ڌاري جيو هر روز ڪاٹڻا پوندا آهن.

هتي من ہِ هڪ سوال اچي ٿو ٿه برهماجي، وشنوجي ءِ شنکرجي سان اُتپتِي،(پيدائش) استتي(پالڻ پوشڻ) ءِ سنهار (موت) ڪيئن ٿئي ٿو؟ اِهي ٿيئي پنهنجي پنهنجي لوڪن ہِ رهن ٿا. جيئن اڇڪلهه مواصلاتي نظام هلائڻ جي لاءِ سيٹلائٽ کي مٿي آسمان ہِ ڇڏيو ويندو آهي ءِ اُهي هيٹ ڏرتي تي مواصلاتي نظام(سنچار پرٹالي) کي هلائيندا آهن. بلڪل ساڳي ئي طرح اهي ٿيئي ديوَ جتي بہ رهندا هُجن انهن جي جسم مان نڪرندڙ سوڪشم گڻ جون شعائون تنهي لوڪن ہِ خودبہ خود هر جيوَ (جاندار) تي پرياڻ (اثر) بڻائي رهندا آهن.

مٿيون تفصيل هڪ برهمانڈ ہِ برهم (ڪال) جي رچنا (تخليق) جو آهي. اهڙا شر پُرش (ڪال برهم) جا21 برهمانڈ آهن.

پر شرپُرش (ڪال برهم) خود وئڪت رُوپ مطلب واستوڪ (اصل) جسماني صورت ۾ سڀني جي اڳيان نٽو اڇي. انهي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻنهي ديوتائن (برهماجي، وشنوجي ۽ شوجِي) کي ويدن ۾ ٻڌايل طريقي ڪار مطابق پڄڻي ساڌنا ڪرڻ تي ب برهم (ڪال) جا درشن نہ ٿيا. بعد ۾رِشين ويدن کي پڙهيو، اُنهن ۾ لکيل آهي تہ:-

اڳئي تنور آسِي:- (پويتر يجُروِيد اڌياءِ نمبر 01 منتر نمبر 15) پرميشور سمه شريرِ(جسم ساڻ) آهي ۽ پويتر يجُروِيد اڌياءِ نمبر 05 منتر نمبر 01 ۾ لکيل آهي تہ:-

اڳئي تنور آسِي، وشڻوِي توا سومسيه تنور آسِي. هن منتر ۾ وري وِيد گواهي ڏيئي رهيو آهي تہ سروَ وياپڪ، سڀني جي پالڻا ڪرڻ واري ست پُرش پرميشور جو شريرِ آهي. پويتر يجُروِيد اڌياءِ نمبر 40 منتر نمبر 08 ۾ چيو آهي تہ ڪوِير منيشِي جنهن پرميشور کي سڀئي مخلوقات چاهين ٿا، اُهو ڪوِير مطلب ڪبير آهي. هُن جو شريرِ بنا ناڙي (ايسناويرم) جو آهي. (شُڪرم) ويربہ مان نهيل پنج تتوَن جي دنياوي (اڪائيم) بنا ڪايا جي آهي. اُهو سڀني جو مالڪ سڀني کان اونچي مقام تي ست لوڪ ۾ براجمان آهي. هن پرميشور جو تيج پُنج (سوَر جوتِي) جو خود روشن آهي. جيڪو شبد رُوپ مطلب اويناشي آهي، اُهو ڪوِير ديوَ (ڪبير پرميشور) آهي. جيڪو سڀني برهمانڈن جي رچنا ڪرڻ وارو وڏاتا (مالڪ) آهي. سڀني برهمانڈن جو رچڻهار (سوئمِيُو) خود پرڪٽ ٿيڻ وارو (يٿا تٽيہ ارڌان) واستوَ (حقيقت) ۾ (شاشوت) لافاني آهي. (گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ 17 ۾ ب پرماڻ آهي.

سمجهاڻي:- پُورڻ برهم جي شريرِ (جسم) جو نالو ڪويرديوَ (ڪبير ديوَ) آهي، هن پرميشور جو شريرِ نوري تتوَ مان نهيل آهي. پرماتما جو شريرِ اَتي سُوڪشم (بيحد مُلائم) آهي جيڪو ان ساڌڪ کي نظر ايندو آهي. جنهن جي ديويہ درشڻي ڪُلي چڪي هوندي آهي. اهڙي طرح جيوَ (جاندار) جو ب سوُڪشم شريرِ آهي جنهن جي مٿان پنج تتوَن جو خول (ڪايا) چڙهيل هوندي آهي. جيڪا ماتا پتا جي سنيوگ (شڪرم) يعني ويربہ (مني) مان نهيل آهي، شريرِ چڏڻ ڪانپوءِ ب جيوَ جو سوُڪشم شريرِ گڏ رهندو آهي، اهو شريرِ اُن ساڌڪ کي نظر ايندو آهي جنهن جي ديويہ درشڻي ڪلي چڪي هوندي آهي. اهڙي طرح پرماتما ۽ جيوَ جِي استٿتي(حالت) کي سمجهو. ويدن ۾ اوم نام جي سمرڻ جو ثبوت آهي جيڪو صرف برهم ساڌنا آهي، اُنهي مقصد سان اوم نام جي جاپ کي پُورڻ برهم جو جاپ مجي رشين ب هزارين سالن تائين هٺ يوگ ڪري (سماڌي لڳائِي)، پرپو جي پراپتي جي ڪوشش ڪئي پر پرپُو جا درشن نہ ٿيا. سڏيون پراپت ٿي ويون. اُنهن سڏي رُوپِي راندِيڪن سان ڪيڏندي رشي ب جنم مرتيو جي چڪر ۾ ئي رهجي ويا ۽ پنهنجي مشاهدي جي آڌار تي شاسترن ۾ پرماتما کي نراڪار لکي ڇڏيو. برهم (ڪال) قسم ڪاڏو آهي تہ مان پنهنجي اصلي رُوپ ۾ ڪنهن کي ب درشن نہ ڏيندس. مونکي اوئڪت جو خلاصو اِهو آهي تہ ڪو آڪار ۾ آهي پر پنهنجي رُوپ سان استول رُوپ ۾ درشن نٽو ڏي . جيئن آسمان ۾ ڪڪر/بادل ڇائنجي وڃڻ تي ڏينهن جي وقت سج ڏسڻ ۾ نٽو اڇي پر ڪڪرن جي پٺيان سج جيئن جو تيئن موجود آهي. اهڙي صورتحال کي اوئڪت چوندا آهن. (ثبوت جي لاءِ گيتا اڌياءِ نمبر 07 شلوڪ نمبر 24/25 اڌياءِ 11، شلوڪ نمبر 32/48 ۾)

پويتر گيتاجِي جو گيان چوڻ وارو برهم (ڪال) شري ڪرشن جي جي شريرِ ۾ پربت وَت (پُوت وانگر) داخل ٿي چئي رهيو آهي تہ اي ارجن! آءٌ وڏو ڪال آهيان ۽ سڀني کي کائڻ جي لاءِ آيو آهيان. (گيتاجي اڌياءِ نمبر 11 جو شلوڪ نمبر 32) اهو منهنجو اصل رُوپ آهي. انهي کي تو ڪانسواءِ نہ تہ ڪو پهرين ڏسي سگهيو آهي ۽ نہ وري ڪو اڳتي ڏسي سگهندو مطلب ويدن ۾ لکيل (جپ، تپ، يگيہ) ۽ نام وغيره جي جاپ سان منهنجي هن واستوڪ سروپ (اصل رُوپ) جا درشن نٿا ٿي سگهن. (گيتا اڌياءُ نمبر 11 شِلوڪ نمبر 48) مان ڪرشن نہ آهيان هي مورڪ (بيوقوف) ماڻهو ڪرشن رُوپ ۾ مون اوئڪت کي وئڪت (انسان جهڙو) سمجهي رهيا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي منهنجي گهٽيا نيم کان اڻ واقف آهن، تہ مان ڪڏهن ب حقيقي ڪال رُوپ ۾ سڀني جي سامهون نٽو اچان، مان پنهنجي يوگ مايا سان لڪيل رهندو آهيان (گيتا اڌياءِ 07 شِلوڪ 24/25) ويچار ڪريو! پنهنجي لڪي رهڻ واري اصل قانون کي خود اسريشت (گهٽيا) ڇو چئي رهيو آهي؟

جيڪڏهن پتا پنهنجي سنتان (اولاد) کي بہ درشن نہ ڏي تہ هُن ۾ ڪا خامي آهي، جنهن ڪري لکيو آهي ۽ سهولتون بہ فراهم ڪري رهيو آهي. ڪال برهم کي بد دعا جي ڪري هڪ لک انساني جسمن کي ڪائڻو پوي ٿو ۽ سوا لک پيدا ٿين ٿا، اُنهن کي نڪاڻي لڳائڻ جي لاءِ ۽ ڪرم پوڳ جو ڏنڊ ڏيڻ جي لاءِ 84 لک جوٽين جي رچنا ڪري رکي آهي، جيڪڏهن سيني جي سامهون ويهي ڪنهن جي ڏيءَ، ڪنهن جي استريءَ تہ ڪنهن جي پُٽ، ماتا يا پتا کي ڪائي وڃي تہ سيني کي برهم ڪال کان نفرت ٿي وڃي ۽ جڏهن ڪنهن وقت پُورڻ پرماتما ڪوير اگني (ڪبير پرميشور) خود اچي يا پنهنجو ڪو بہ پيغمبر موڪلي تہ سيئي انسان ست پڳتي ڪري ڪال جي جار مان نڪري ويندا، انهي ڪري دوکو ڏئي رکيو آهي ۽ پويتر گيتاجي اڌياءِ 07 شلوڪ نمبر25،24،18 ۾ پنهنجي ساڌنا سان حاصل ٿيندڙ مڪتي (گتي) کي بہ نيچ چيو آهي ۽ پنهنجي وڌان (قانون، نيم) کي بہ نيچ چيو آهي.

سيني برهمانڈن ۾ نهيل برهم لوڪ ۾ هڪ مها سرڳ ناهي آهي، مها سرڳ ۾ هڪ هنڌ تي نقلي ست لوڪ، نقلي الک لوڪ، نقلي اگم لوڪ ۽ نقلي انامي لوڪ جي رچنا پراڻين کي دوکو ڏيڻ جي لاءِ پرڪرتي دُرگا (آدي مايا) ذريعي ڪرائي رکي آهي. ڪبير صاحب جو هڪ شبد آهي تہ:-

" ڪر نينون ديدار محل ۾ پيارا هئہ " واڻي ۾ آهي تہ " ڪايا پيد ڪيا نِروارا هي" " يہ سپ رچنا پِنڈ منجهارا، مايا اويگت جال پسارا، سو ڪاريگر پارا هئہ . آدي مايا ڪينهِي چتُرائي ، جُهوٺي باجي پِنڈ دِکائي، اويگت رچنا رچي انڈ ماهين، واڪا پرتِي بمب ڌارا هي."

هڪ برهمانڈ ۾ ٻين لوڪن جي بہ رچنا ڪئي آهي. جيئن شري برهما جي جو لوڪ، شري وشنو جي جو لوڪ ۽ شري شو جي جو لوڪ. جتي ويهي ٽيئي پرپو هينين تنهي لوڪن (سرڳ لوڪ مطلب اِندر جو لوڪ، پرٿوي لوڪ ۽ پاتال لوڪ) تي هڪ هڪ وپاڳ (حصي) جا مالڪ بڻجي مالڪي ڪن ٿا ۽ پنهنجي پتا جي ڪائڻ لاءِ ساهوارن جي پيدائش پالڻ ۽ خاتمي جو ڪم ڪار سنڀالين ٿا. تنهي پرپوئن جي بہ جنم ۽ مرتيو ٿئي ٿي، تڏهن ڪال اُنهن کي بہ ڪائي ٿو. انهي برهمانڈ (اُنهي کي اَنڈ بہ چون ٿا، چاڪاڻ تہ برهمانڈ جي بناوٽ انڈڪار آهي انهي کي پِنڈ بہ چون ٿا چاڪاڻ تہ شريرِ (پِنڈ) ۾ هڪ برهمانڈ جي رچنا ڪلن ۾ ٿي/وي وانگر ڏسي سگهجي ٿي) انهي ۾ هڪ مانسرور ۽ ڏرم راءِ جو لوڪ پڻ آهي۽ هڪ لڪيل مڪان تي پورڻ پرماتما ٻيو روپ ڌاري رهي ٿو جيئن هرهڪ ملڪ جو سفارتخانو هوندو آهي. اُتي ڪير بہ نٿو وڃي سگهي، اُتي اُهي آتمائون رهن ٿيون جن جي ست لوڪ جي پڳتي اڌوري رهجي وڃي ٿي. جڏهن پڳتي يُگ اچي ٿو تہ اُن وقت پرميشور ڪبير صاحب پنهنجو دُوت يا نمائيندو يعني پورڻ سنت يا ستگرو موڪلين ٿا. اُنهن پُڃ آتمائن کي اُن وقت انساني چولو حاصل ٿئي ٿو، جلد ئي سچي پڳتي تي لڳي وڃن ٿا ۽ ستگرو کان دڪشا پراپت ڪري پورڻ موڪش پائي وڃندا آهن. اُنهي جاءِ تي رهڻ وارين هنس آتمائن جي نج پڳتي جي ڪمائي خرچ ناهي ٿيندي پرماتما جي پنڌاري مان سيئي سهولتون مهيا ٿيندين آهن برهم ڪال جي پوجارين جي پڳتي ڪمائي سرڳ، مها سرڳ ۾ ختم ٿي وڃي ٿي، چاڪاڻ تہ هن ڪال لوڪ (برهم لوڪ) ۽ پربرهم لوڪ ۾ ساهوارن کي پنهنجو ڪيل ڪرم ڦل ئي ملي ٿو.

برهم لوڪ جو لگوچيتر (نقشو)



جوتي نرنجن (ڪال) برھم جي لوڪ (21 برھمانڊ) جو نقشو



شرپُرش (برهم/ڪال) پنهنجي 20 برهمانڊن کي چار (4) مها برهمانڊن ۾ تقسيم ڪيو آهي. هڪ برهمانڊ ۾ پنجن برهمانڊن جو مجموع ٿاهيو آهي پوءِ چؤطرف انڊڪار گولائي ۾ روڪيو يا بند ڪيو آهي. چئني برهمانڊن کي انهي وانگرئي گولائي ۾ رکيو آهي. ايڪيهين (21) برهمانڊ جي رچنا هڪ مها برهمانڊ جيتري جاءِ ونی ڪئي آهي ايڪيهين برهمانڊ ۾ داخل ٿيندي ئي تي رستا ٿاهيا آهن. ايڪيهين برهماند ۾ به ڪاپي پاسي نقلي ست لوڪ، نقلي الڪ لوڪ، نقلي اگم لوڪ ۽ نقلي انامي لوڪ جي رچنا پراٽين (جاندارن) کي دوکي ۾ رکڻ جي لاءِ آدي مايا (دُرگا) کان ڪرائي آهي ۽ ساڃي پاسي 12 سروَ سريشٹ (سڀني کان بهتر) برهم پڃتن کي رکيو آهي، پوءِ هر هڪ يُگ ۾ اُنهن کي پنهنجا سنديش واهڪ (ستگرو، سنت) بٹائي پرٹوي تہ موڪلي ٿو جيڪو شاسترن جي طريقيڪار جي اُبتڙ ساڌنا، گيان ٻُڌائي خود به پڃتي کان خالي ٿي ويندا آهن ۽ چيلن کي به ڪال جي چار ۾ قاسائي چڏيندا آهن. پوءِ اُهي گرو ۽ چيلا ٻئي نرڪ ۾ ويندا آهن. اڃيان وري هڪ تالو هٹي رکيو آهي. اُهو رستو ڪال (برهم) جي نج لوڪ ۾ ويندو آهي جتي هي برهم ڪال پنهنجي ساڪار/جسماني اصلي انسان وانگر ڪال رُوپ ۾ رهندو آهي. اُنهي جاءِ تي هڪ پٹر جي ٹُڪري (توي/ماني پچائڻ جي گول لوهه جي پليٹ) وانگر ٹهيل آهي جيڪا هميشہ گرم رهندي آهي. جنهن تي هڪ لک انساني شرير ڌاري جاندارن جي سوڪشم شرير کي پُونجي (تپائي) اُن مان گندگي ڪڍي ڪائيندو آهي. اُن وقت سيئي پراٽي بيحد گهٹي تڪليف محسوس ڪندا آهن ۽ هاهاڪار (روج راڙو) مچي ويندو آهي، پوءِ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ اُهي بيهوش ٿي ويندا آهن. جيوَ مرندو نہ آهي. پوءِ ڌرمراءِ جي لوڪ ۾ وڃي ڪرم آڌار سان ڪنهن ٻئي جنم کي حاصل ڪندا آهن ۽ جنم مرڻ جو چڪر قائم رهندو آهي. سامهون لڳل تالو برهم ڪال صرف پنهنجي آهار (خوراڪ) واري جيو آتمائن جي لاءِ ڪجهہ وقت جي لاءِ کولیندو آهي. پُورڻ پرماتما جي ست نام ۽ سار نام سان اُهو تالو ازخود کُلي ويندو آهي. اهو ڪال جو چار پُورڻ پرماتما ڪوير ديوَ (ڪبير صاحب) خودئي پنهنجي نجي پڃت ڌرمداس جي کي سمجهايو.

"پربرهم جي ست سنک برهمانڊن جو قيام"

ڪبير پرميشور پهرين ٻڌايو آهي تہ پربرهم (اڪشرپُرش) پنهنجي ڪم ۾ غفلت ڪئي، چاڪاڻ تہ هو مانسرور ۾ سمهي رهيو ۽ جڏهن پرميشور (ڪبيرصاحب) اُنهي تلاءَ ۾ بيضو چڏيو تہ پربرهم (اڪشرپُرش) اُن کي ڪاوڙ سان ڏنو اُنهن ٻنهي گناهن جي ڪري هُن کي به ست سنک برهمانڊن سميت ست لوڪ ڪان ٻاهر ڪري چڏيو ٻيو سبب پربرهم (اڪشرپُرش) پنهنجي ساٿي برهم (شرپُرش) جي جدائي ۾ پريشان ٿي پرم پتا ڪبير ديوَ جي ياد پُلجي هن (برهم) کي ياد ڪرڻ لڳو ۽ سوچيو تہ برهم (شرپُرش) تہ تمام گهٹو آنند ملهائي رهيو هوندو، اُهو آزاد ٿي راج ڪندو، مان پوئتي رهجي ويس ۽ ٻيون ڪجهہ آتمائون جيڪي پربرهم سان گڏ ست سنک برهمانڊن ۾ جنم ۽ موت جو ڪرم ڌنڌ پوڳي رهيون آهن اُنهن هنس آتمائن جي جُدائي جي ياد ۾ ڪوڄي ويون جيڪي برهم ڪال (شرپُرش) سان گڏ 21 برهمانڊن ۾ قاتل آهن ۽ پورڻ پرماتما سڪدائي ڪبير ديوَ جي ياد وساري چڏي. پرميشور ڪبير ديوَ جي بار بار سمجهائڻ تي به اُمنگ گهٹ نہ ٿي. پربرهم (اڪشرپُرش) سوچيو تہ مان به الڳ مڪان حاصل ڪريان تہ بهتر رهندو. اهو سوچي راج حاصل ڪرڻ جي خيال سان سار نام جو جاپ شروع ڪري چڏيو. اهڙي طرح بين آتمائن (جيڪي پربرهم/اڪشرپُرش) جي ست سنک برهمانڊن ۾ قاتل آهن) سوچيو تہ اُهي آتمائون جيڪي برهم/شرپُرش سان گڏ ويون آهن اُهي هُتي موج مستي ملائيندیون هونديون ۽ اسان پوئتي رهجي ويون آهيون، پربرهم (اڪشرپُرش) جي من ۾ اهو خيال آيو تہ برهم (شرپُرش) الڳ ٿي تمام گهٹو سُکي هوندو اهڙو ويچار ڪري انترآتما سان الڳ جاءِ حاصل ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري ورتو. پربرهم (اڪشرپُرش) هٹ يوگ نہ ڪيو، پر صرف الڳ راج حاصل ڪرڻ جي لاءِ سهج ڌيان يوگ گهٹي دل جي چاهت سان ڪندو رهيو الڳ جڳهہ حاصل ڪرڻ جي لاءِ چرين وانگر حرڪتون ڪرڻ لڳو، ڪائڻ پيئڻ به چڏي ڏنو تہ ڪجهہ آتمائون هن جي وٹراڳ تي عاشق ٿي ڪري هن کي چاهڻ لڳيون. پُورڻ پرپُو ڪبير ديوَ جي پڇڻ تي پربرهم(اڪشرپُرش) الڳ جڳهہ ڳُهري ۽ ڪجهہ هنس آتمائن جي لاءِ پڻ پرارٹنا ڪئي تڏهن ڪبير ديوَ چيو تہ جيڪي آتمائون توسان گڏ پنهنجي مرضي سان هلڻ چاهين اُنهن کي

موڪلي ٿو ڏيان. پُورڻ برهم (ڪبير پرميشور) پُڇيو تہ ڪهڙيون هنس آتمائون پربرهم (اڪشرپُرش) سان گڏ وڃڻ چاهين ٿيون اُهي پنهنجي راءِ ڏين، ڪافي دير بعد هڪ هنس رضامندي ڏني، پوءِ ڏيکا سيکي اُنهن سيني آتمائن پُڻ سهمتِي ظاهر ڪري ڇڏي. سيني کان اول قبولي ڏيڻ واري هنس آتما کي استري رُوپ بڻايو اُن جو نالو ايشوَرِي مايا (پِرڪرتِي، سُورتِي) رکيو ۽ ڪجھ آتمائن کي هُن ايشوري مايا ۾ داخل ڪري اچنت جي ذريعي اڪشرپُرش (پربرهم) وٽ موڪليو، پِتي ورتاپد کان ڪرڻ جي سزا ملي، ڪيترن ئِي يُگن تائين ٻئي ست سنک برهمانڊ ۾ رکيا. پر پربرهم (اڪشرپُرش) برو ڪرم نہ ڪيو. ايشوري مايا جي پنهنجي مرضي سان قبول ڪيو ۽ پنهنجي وچن شڪتي ذريعي ننهن سان استري اِندري (گُپت انگ،vagina) ناهي ديوي جي رضا سان اولاد پيدا ڪئي. اِنهي ڪري پربرهم جي لوڪ ست سنک برهمانڊ ۾ جيو آتمائن کي تپت شلا جو دک نہ آهي ۽ اُتي جانور ۽ پکي بہ برهم لوڪ جي ديوتائن سان سُني نموني جُڙيل آهن ۽ عمر بہ وڌي آهي. پر جنم مرتيو ڪرم آڌار تي ڪرم ڏنڊ ۽ محنت مزوري ڪرڻ سان ئي گذرسفر ٿيندو آهي. سرگ ۽ نرڪ پڻ ساڳي طرح نهيل آهن. پربرهم (اڪشرپُرش) کي ست سنک برهمانڊ هن جي اڇا رُوپي پِڱتي ڏيان مطلب سمج سماڌي وڌي سان هن جي ڪمائي جي بدلي مليا آهن ۽ ست لوڪ کان الڳ گولاڪار (گولائي) پردي ۾ بند ڪري ست سنک برهمانڊن سميت اڪشرپُرش (پربرهم) ۽ ايشورِي مايا کي ڪيڊي ڇڏيو.

پُورڻ برهم (ست پُرش) بيشمار برهمانڊن جيڪي ست لوڪ ۾ آهن، ڪانسواءِ برهم (شرپُرش) جي21 برهمانڊن ۽ پربرهم (اڪشرپُرش) جي ست سنک برهمانڊن جو بہ مالڪ آهي يعني پرميشوَر ڪبير ديوَ ڪُل جو مالڪ آهي.

شري برهماجي شري وشنو جي ۽ شري شِو جي جا چار چار هٿ ۽ 16 ڪلائون آهن، پرڪرتي ديوي (دُرگا) جا 8 هٿ ۽ 64 ڪلائون آهن، برهم (شرپُرش) جا هڪ هزار هٿ، هڪ هزار ڪلائون (شڪتيون)، 21 برهمانڊن جو مالڪ آهي. پربرهم (اڪشرپُرش) جا 10 هزار هٿ، 10 هزار ڪلائون ۽ ست سنک برهمانڊن جو مالڪ آهي.

پورڻ برهم (پرم اڪشرپُرش) مطلب ست پُرش) جا بيشمار هٿ، لامحدود ڪلائون، برهم جي 21 برهمانڊن ۽ پربرهم جي ست سنک برهمانڊن سميت لاتعداد برهمانڊن جو ڪُل مالڪ آهي. هرهڪ پريو پنهنجي سيني هٿن کي سميٽي صرف ٻہ هٿ بہ رکي سگهن ٿا ۽ جڏهن چاهين تڏهن سيني هٿن کي پُڻ پرگهٽ (نروار) ڪري سگهن ٿا. پُورڻ پرماتما، پربرهم جي هرهڪ برهمانڊ ۾ پڻ الڳ مڪان ناهي ٻئي رُوپ ۾ گُپت رهندو آهي، ائين سمجهو جيئن هڪ گُهمندڙ ڪئميرا ٻاهر لڳائي ڇڏيندا آهيون ۽ اندر ٽي-وي رکي ڇڏيندا آهيون تہ ٽي-وي تي ٻاهر جو سمورو منظر نظر ايندو آهي ۽ ٻي ٽي-وي ٻاهر رکي اندر واري ڪئميرا لڳائي ڇڏجي تہ اُن ۾ صرف اندر وينلن جا فوٽو نظر ايندا آهن، جنهن سان سيئي ڪم ڪندڙ هوشيار رهندا آهن.

ساڳئي نموني پورڻ پرماتما پنهنجي ست لوڪ ۾ ويهي سيني جي نگراني ڪري رهيا آهن ۽ هرهڪ برهمانڊ ۾ پڻ ستگرو ڪبير ديوَ حاضر ناظر رهندا آهن. جيئن سج پري هوندي بہ پنهنجي روشني هيئين سيني لوڪن ۾ ڦهلائي رکندو آهي.

"پويتر اتروويد ۾ سرشٽي رچنا جو ثبوت"

ڪانڊ نمبر 04 انواڪ نمبر 01 منتر نمبر 01:-

برهم جگيا انم پرٿمم پرستادووي سمتا سروچوبين آوه

سهه بـڏنيا اُپما اسيه وشناه ستشچ يونيم ستشچ وي وه

برهم ــ ج ــ گيانم ــ پرٿمم ــ پرستات ــ وی سمته ــ سروچه ــ وين. آود ــ سهه ــ بُڏنيه ــ اُپما ــ اسيه ــ وشناه ــ سته ــ چه ــ يو نيم ــ استه ــ چ ــ وي ــ وه.

سمجهاڻي:- (پرٿمم) پراچين مطلب سناتن (برهم) پرماتما (ج) نازل ٿي (گيانم) پنهنجي عقلمندي سان (پرستات) شِڪر ۾ مطلب ست لوڪ وغيره کي (سُروچه) پنهنجي مرضي سان وڌي چاهه سان روشن (وي سمتاه) بيحد مطلب لامحدود حد واري بين لوڪن کي هن (وينهه) جُلاهي تاڻي يعني ڪپڙي وانگر اُڻي (آوه) محفوظ ڪيو (چه) ۽ (سه) اُهو پورڻ برهم ئي سڄي رچنا ڪندا

آهن (اسيه) انهي ڪري اُنهي (بُڌنيه) اصل مالڪ (يونيم) اصلي هنڌ ست لوڪ جي تخليق ڪئي آهي (اسيه) هن (اُپما) جهڙو مطلب ملندڙ جلندڙ (سته) اڪشرپُرش يعني پربرهم جي ڪجهہ صحيح (چ) ۽ (استه) شرپُرش جي فاني لوڪ وغيره (وي وه) رهڻ جو هنڌ الڳ (وشناه) تخليق ڪيائين.

سمجهاڻي:- پويتر ويدن جي گيان ڏيڻ وارو برهم ڪال جڏهن رهيو آهي تہ سناتن پرميشور خود انامير لوڪ مان ست لوڪ ۾ پرگهٽ ٿي. پنهنجي عقلمندي سان ڪپڙي وانگر تخليق ڪري مٿي جي ست لوڪ وغيره لامحدود بيحد روشن (مُنور) اجر امر (اويناشي) مقرر ڪيائين ۽ هيٺ وارن پربرهم جي ست سنک، برهم جي 21 برهمانڈن ۽ انهن ۾ننديي ڪان ننديي تخليق بہ اُنهي پرماتما ئي ڪئي آهي.

ڪانڈ نمبر 04 انواڪ نمبر 01 منتر نمبر 02:-

انيه پتريه راشٹر اگري پرٹمايه جنوشه پوونيشٹا تسما ايتم

سرووچم هوار مهيئم ڏرمم شرينانتو پرٹمايه ڏاسوَيه 2

انيه ـ پتريه ـ راشٹر ـ اگري ـ پرٹمايه ـ جنوشه ـ پوونيشٹا ـ تسما ـ ايتم ـ سرووچم ـ هوار مهيئم ـ ڏرمم ـ شرينانتو ـ پرٹمايه ـ ڏاسوَيه.

سمجهاڻي:- (ايم) انهيءِ (پتريه) جڳت پتا پرميشور (ايتوُ) هن (اگري) سڀ کان پاڪ (پرٹمايه) سڀ کان پهرين مايا پراننديي (راشٹري) راجيشوري شڪتي مطلب پراشڪتي جنهن کي ڪشش ڪندڙ شڪتي پڻ چون ٿا کي (جنوشه) پيدا ڪري (پونيشٹا) لوڪ قيام يعني دنياجي تخليق ڪئي (تسما) اُنهي پرميشور (سروچم) وڏي چاهہ سان پنهنجي مرضي سان (ايتم) هن (پرٹمايه) شروعاتي تخليقي شڪتي مطلب پرا شڪتي ذريعي (هوار مهيئم) هڪٻئي جي ويوگ/وڇوڙي کي روڪڻ مطلب ڪشش ڪندڙ شڪتي جي (شرينانتو) گرو توَ آڪرشڻ شڪتي کي پرماتما حڪم ڏنو تہ سدا رهو هن ڪڏهن ختم نہ ٿيڻ واري (ڏرمم) سياوَ سان (ڏاسوَيه) ڏارڻ ڪري تاڻي مطلب ڪپڙي وانگر اُڻي روڪي رکيو آهي.

سمجهاڻي:- جڳت پتا پرميشور پنهنجي شبد شڪتي سان راشٹري (سڀ کان پهرين مايا) راجيشوري پيدا ڪئي ۽ اُنهي پراشڪتي جي ذريعي هڪٻئي کي ڪشش سان روڪڻ واري، ڪڏهن ختم نہ ٿيڻ واري گڻ سان اپروڪت (مٹئين) سيني برهمانڈن کي بڻايو آهي.

ڪانڈ نمبر04 انواڪ نمبر01 منترنمبر03:-

پر يه جگهي وڏانسيه بنڌو وشواه ديوانام جنيما وِوڪتي برهمه

براهمڻه اُجيار مڌيات نچئهه اوچئهه سوڌا ايهي پرتسٹو

پر ـ يه ـ جگهي ـ وڏانسيه ـ بنڌو ـ وشواه ـ ديوانام ـ جنيما ـ وِوڪتي ـ برهمه ـ براهمڻه ـ اُجيار ـ مڌيات ـ نِچئهه ـ اوچئهه ـ سوڌا ـ ايهي ـ پرتسٹو

سمجهاڻي:- (پر) سڀ کان پهرين (ديوانام) ديوتائن ۽ برهمانڈن جي (جگهي) تخليق جي علم کي (وڏانسيه) جگياسُو پڳت جو (يہ) جيڪو (بندهو) اصلي ساڻي پُورڻ پرماتما ئي پنهنجي نج سيوڪ کي (جنميا) پنهجي ذريعي پيدا ڪيل کي (وويڪتي) خودئي نيڪ نيڪ تفصيل ٻُڌائي ٿو تہ (برهمڻه) پُورڻ پرماتما (مدهيات) پنهنجي مڌيہ مطلب شبد شڪتي سان (برهم) برهم شرپُرش مطلب ڪال کي (اجبهار) پيدا ڪري (وشوا) سڄي سنسار کي مطلب سيني لوڪن کي (اُوچي) مٿي ست لوڪ وغيره (نِيچي) هيٺ پربرهم ۽ برهم جا سيئي برهمانڈ (سوَڏا) پنهنجي ڏارڻ ڪرڻ واري (ابهي) ڪشش ڪندڙ شڪتي سان (پرتسٹو) بنهي کي بهتر نموني ناهيو.

سمجھاڻي:- پورڻ پرماتما پنھنجي ذريعي رچيل سرشٽي جي گيان ۽ سيني آتمائن جي پيدائش جي جاڻ پنھنجي نجي داس کي خودئي تفصيل سان ٻڌائي ٿو تہ پُورڻ پرماتما پنھنجي مڌيہ مطلب پنھنجي جسم مان پنھنجي وچن جي طاقت سان برھم (شرپُرش) جي پيدائش ڪئي ۽ سيني برھمانڊن کي مٿي ست لوڪ، الک لوڪ، اگم لوڪ ،انامي لوڪ وغيرہ ۽ ھيٺ پربرھم (اڪشرپُرش) جي ست سنک برھمانڊن ۽ برھم (شرپُرش) جي 21 برھمانڊن کي پنھنجي ڌارڻ ڪرڻ واري آڪرشڻ (ڪشش ڪندڙ) شڪتي سان نھرائي رکيا آھن.

جيئن پُورڻ پرماتما ڪبير پرميشور پنھنجي نجي شيوڪ مطلب سکا شري ڌرمداس جي آدرٽيہ غريب داس جي وغيرہ کي پنھنجي ذريعي رچيل سرشٽي جو گيان خود ئي ٻڌايو. مٿي ذڪر ڪيل ويد منتر پُڻ ساڳيو سمرٿن ڪري (گواھي ڏيئي) رھيو آھي.

ڪانڊ نمبر 04 انواڪ نمبر01 منتر نمبر 04:-

سھہ ـ ھي ـ دِواہ ـ سھہ ـ پُرٿويا ـ تڑتستا ـ مھي ـ ڪشومم ـ رودسي ـ اڪسيايت

مھانُ ـ مھي ـ اسڪيايت ـ وِجاتھہ ـ ڏام ـ سدمُ ـ پارٿيومُ ـ چہ ـ رجاھہ

سمجھاڻي:- ھُن (سھہ) سَروَ شڪتيمان پرماتما (ھي) بيشڪ (دوہ) مٿي جي چئني وڏن لوڪن جيئن ست لوڪ، الک لوڪ، اگم لوڪ ۽ انامي لوڪ مطلب اڪھہ لوڪ مطلب ديويہ لوڪ يعني ديوي گُڻن سان پرپور لوڪن کي (رتيستھا) حقيقي/لافنا مطلب اجر/امر رُوپ سان مضبوط ڪيل (سھہ) انھي جي برابر (پُرٿويا) ھينئين ڏرتي وارن سيني لوڪن جيئن پربرھم جي ست سنک برھمانڊن ۽ برھم جي 21 برھمانڊن کي (مھي) پرٿوي تتو سان (ڪشومم) حفاظت سان گڏ (اسڪيايت) نھرايو (رودسِي) آڪاش تتَو ۽ پرٿوي تتوَ ٻنھي کان مٿي ۽ ھيٺ جي برھمانڊن کي جيئن آڪاش ھڪ سوڪشم تتوَ آھي ان جو گُڻ شبد آھي، پُورڻ پرماتما مٿي جا لوڪ شبد رُوپ رچيا جيڪي نُور جا ناھيل آھن ۽ ھيٺ وارا پربرھم (اڪشربرھم) جي ست سنک برھمانڊن ۽ برھم جي 21 برھمانڊن کي پرٿوي تتوَ سان استائي (فاني) بڻايا پُورڻ پرماتما (پارٿيومُ) پرٿوي واري (وي) الڳ الڳ (ڏام) لوڪ (چ) ۽ (سدم) رھڻ جي مڪان کي (مھي) پرٿوي تتوَ سان (رجاھہ) ھرھڪ برھمانڊ ۾ ننڍن ننڍن لوڪن جي (جاتا) اڏاوت ڪري (اسڪيايت) ٻيھاريا.

سمجھاڻي:- مٿي جا چارئي لوڪ ست لوڪ، الک لوڪ، اگم لوڪ، انامي لوڪ جيڪي اجر امر ڪيا مطلب اوياشي رچيا آھن ۽ ھيٺ جا برھم ۽ پربرھم جا لوڪ استائي(فاني) رچنا مطلب ناش ٿيڻ وارا بڻايا ۽ ننڍا ننڍا لوڪ بہ اُنھي ئي پرماتما جوڙي ٻيھاريا.

ڪانڊ نمبر 04، انواڪ نمبر 01 منتر نمبر 05:-

سھہ بُدنياداشٽر جنوشوبھياگرم برسپتي ديوتا تسيہ سمراٽ

اھريہ چِڇرڪرم جيوتيشو جنيشٽاٽ ڏُمنتو وھي وسنتو ويپرا

سہ ـ بُڌنيات ـ آشٽر ـ جنُشيہ ـ ابھي ـ اگرم ـ برسپتيھہ ـ ديوتا ـ تسيہ ـ سمراٽ ـ اھريہ ـ شُڪرمُ ـ جيوتيشھہ ـ جنيشٽ ـ اٽ ڏُمنتاھہ ـ وي ـ وسنتوُ ـ وِپراھہ

سمجھاڻي:- (سھہ) اُنھي (بڌنيات) مول مالڪ کان (ابھي اگرم) سڀ کان پھرين جاءِ تي (آشٽر) اشٽنگي مايا دُرگا مطلب پرڪرتي ديوي (جنوشي) پيدا ٿي ڇو تہ ھيٺ جي پربرھم ۽ برھم جي لوڪن جو پھريون ھنڌ ست لوڪ آھي اھو ٿيون ڏام سڏجي ٿو، (تسيہ) اُن دُرگا جو مالڪ پُڻ اُھوئي (سمراٽ) راجہ ڏَيراج (برھسپتي) سيني کان وڏو پتيءَ ۽ جڳت گرو (ديوتا) پرميشور آھي (يت) جنھن سان (اھريہ) سيني جو وِڇوڙو ٿيو (اٽھہ) اُن ڪانپوءِ (جيوتيشھہ) جوتي نرنجن مطلب ڪال جي (شُڪرمُ) ويربہ مطلب ڇڄ شڪتي سان (جنُشيہ) دُرگا جي پيٽ مان ٿي (وِپراھہ) پڳٽ آتمائون (وي) الڳ سان (ڏُمنتاھہ) منُش لوڪ ۽ سرڳ لوڪ ۾ جوتي نرنجن جي حڪم سان دُرگا چيو (وسنتوُ) نواس ڪريو مطلب ھو رھڻ لڳا.

سمجهاڻي:- پُورڻ پرماتما مٿانهان جي چئني لوڪن مان جيڪي هيٺ سپ کان پهرين ست لوڪ ۾ اشنگي (پرڪرتي) ديوي (دُرگا) کي پيدا ڪئي، اُهوئي راجا ڈيراج جڳت گُرو پُورڻ پرميشور (ست پُرش) آهي، جنهن کان سيني جو ويوگ (وِڇوڙو) ٿيو آهي. پوءِ سيئي پراڻي (جاندار) جوتي نرنجن (ڪال) جي ويرہ (SEMEN) سان دُرگا جي گربہ (پيٽ) مان پيدا ٿي، سرگ لوڪ ۽ زمين تي رهڻ لڳا.

ڪانڊ نمبر 04 انواڪ نمبر 01 منتر نمبر 06:-

نُنم ـ تت ـ اسيه ـ ڪاويه ـ مهه ـ ديوَس ـ پُروسيه ـ ڈام ـ هنوتِي ـ پُروي

وِشيتي ـ ايش ـ جگيه ـ بهُپِيه ـ ساڪمُ ـ اِتتا ـ ارڈي ـ سسن ـ سنُ .

سمجهاڻي:- (نُونم) بيشڪ (تت) اُهو پورڻ پرميشور يعني تت برهم ئي (اسيه) انهن (ڪاويه) پڳت آتما جيڪو پورڻ پرميشور کي جيڪو اصل پرميشورجي پڳتي نيڪ طرح سان ڪن ٿا. اُنهن کي واپس (مهه) سروَ شڪتيمان (ديوسيه) پرميشوَر جي (پُروسيه) پهرئين لوڪ ۾ مطلب ست لوڪ ۾ (هِنوتي) موڪلي ٿو.

(پُوروي) پهرين واري (وشيشتي) مخصوص پسند ڪيل (ايش) هن پرميشور کي وَ (جگيه) هُو ڪائنات جي تخليق جي ڄاڻ کي سمجهي ڪري (بهوپِي) گهٽي آرام (ساڪم) سان (ارڈي) اڏ (سسن) سمهي (اِتتا) طريقي ڪار انهي وانگر(نُو) سچي دل سان تعريف ڪري ٿو.

سمجهاڻي:- اُهوئي پُورڻ پرميشور ساڌنا (عبادت/پڳتي) ڪرڻ واري ساڌڪ کي اُنهي پهرين جاءِ (ست لوڪ) ۾ وڃي وڃي ٿو جتان کان وڇڙي آيو هو اُتي اُن اصلي سُکدائي پرِيُو (مالڪ) کي پراپت ڪري خوشي سان آتم مگن ٿي مستي سان تعريف ڪري ٿو تہ اي پرماتما! بيشمار جنمن جي پُليل پِتڪيلن کي اصلي نڪاڙو ملي ويو. انهي جو ثبوت پويترڙگ وید منڈل نمبر 10 سُڪت 90 منتر 16 ۾ پڙ آهي.

آدرڻيہ غريب داس جي کي اهڙي طرح پورڻ پرماتما (COMPLETE GOD) ڪبير پرميشور خود سچي پڳتي ڏيئي ڪري ست لوڪ وڃي ويا هئا، تڏهن پنهنجي امرت واڻي ۾ غريب داس جي اڪين ڏنو حال بيان ڪيو تہ:ـ

عجب نگر ۾ لي گئي ، هم کو ستگُرو آن

جِهلکي بِمب اگاده گتِي ،سُوتي چادر تان

ڪانڊ نمبر 04 انواڪ نمبر 01 منتر نمبر 7:-

يو اثرواڑم پِترم ديوَبنڈوم برسپتيم نمسا اوَ چه گهجات توم وشويشام جنيتا يڏا سه ڪوير ديوَ نه ديِايت سوڏاوان (7)

يو- اثرواڑم- پِترم- ديوَبنڈوم- برسپتيم- نمسا – اوَ - چه - گهجات - توم - وشويشام- جنيتا - يڏا- سه- ڪوير ديوَ - نہ - ديِايت - سوڏاوان. (7)

سمجهاڻي:- (يہ) جيڪو (اثرواڑم) اتل اويناشي مطلب لافنا (پِترم) جڳت پتا (ديوَبنڈوم) پڳتن جو اصلي ساٿي مطلب آتما جو آڌار (برِسپتِي) جڳت گرو (چه) ۽ (نمسا) عاجزي سانپوجا ڪندڙ پُوجاري مطلب طريقيڪار مطابق ساڌڪ کي (او) حفاظت سان (گجات) جيڪي ست لوڪ هليا ويا آهن تن کي ست لوڪ وڃي وڃڻ وارو (وِشويشام) سيني برهمانڈن جي (جنيتا) بڏائڻ واري جگدمبا مطلب ماتا وارن گڏن سان پريل (نہ ديِايت) ڪال جي طرح دوکو نہ ڏيڻ وارو (سوَڏاوان) سياوَ مطلب چگن گُڏن وارو (يڏا) جيئن جو تيئن مطلب اهڙوئي (سه) هو (توَم) پاڻ (ڪويرديوَ) ڪبيرصاحب جي پاڻ آهن، مطلب ٻولي جي فرق جي ڪري هُن کي ڪبير پرميشور ٻہ چون ٿا.

سمجهاڻي:- هن منتر ۾ اهو ٻہ ظاهر ڪري ڇڏيو تہ اُن پرميشوَر جو نالو ڪوير ديوَ مطلب ڪبير پرميشور آهي، جنهن سڃي رچنا (تخليق) ڪئي آهي.

جيڪو پرميشور اچل مطلب اصل ۾ لافاني آهي (گيتاجي اڌياءِ 15 شلوڪ 16،17 ۾ پُڌ ٿبوت آهي) جڳت گرو آتم آڌار، جيڪي مڪمل نجات پائي ست لوڪ هليا ويا آهن. اُنهن کي ست لوڪ وني وڃڻ وارو سيني برهمانڊن جو رچڻهار برهم (ڪال) وانگر دوکو نہ ڏيڻ وارو جيئن جو تيئن اُهو خود ڪوير ديوَ مطلب ڪبير پرڀُو آهي. اُهوئي پرميشوَر سيني برهمانڊن ۽ پراڻين کي پنهنجي شبد شڪتي سان پيدا ڪرڻ جي ڪري جنيتا (ماتا) ۽ سڏجي ٿو، پِترم (پِتا)، بنڌوُ (پاءُ) ۽ اصل ۾ اُهوئي آهي ۽ ديوَ (پرميشور) ۽ اُهوئي آهي. ان ڪري اُنهي ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشوَر) جي ستوتي (تعريف) ڪن ٿا.

" تميو ماتا چه پِتا تميو، تميو بنڌُو چه سکا تميوَ، تمَيوَ وڌيا چه درو ٽيم تميو، تميو مـم سَروَ ديوَ ديوَ"

اُنهي پرميشور جي مهما جو پويتر رُگ وِيد منڈل نمبر 01 سُڪت نمبر 24 ۾ تفصيلي ذڪر آهي.

متي پاڙ هيٺ ٽارين وارو اُبتو لٽڪيل سنسار رُوپي وڻ جو نقشو

"پويتر رُگ وِيد ۾ سرشٽِي رچنا جو ثبوت"

رگ وِيد منڈل نمبر 10 سُڪت نمبر 90 منتر نمبر 01:-

سهستر شِرتا پرُشه سهسترڪشاهه سهستر پات سهه بهميم وشوتهه ورتوا اتيا تشٽتته دشاڱه گُلم (1)

سهستر شِرتا ـ پرُشه ـ سهسترڪشاهه ـ سهستر پات ـ سهه ـ بهميم ـ وشوته ـ ورتوا ـ اتيا تشٽتته ـ دشاڱه گُلم (1)

سمجهاڻي:- (پُرشه) ويراٽ رُوپ ڪال پڳوان مطلب شرپُرش (سهستر شِرتا) هزار (1000) سرن وارو (سهسترڪشاه) هزار اکين وارو (سهسترپات) هزار پيرن وارو، (سه) اُهو ڪال (بهُميم) ڌرتي واري 21 برهمانڈن کي (وِشوَته) هر طرف کان (دشن گُلم) ڏهن آڱرين سان مطلب مڪمل رُوپ سان قابو ڪيل (ورتوا) گولاڪار گهيري ۾ گهيري (اتياتشٽت) ان کان وڌيڪ مطلب پنهنجي ڪال لوڪ ۾ سپني کان نيارو ۽ 21 برهمانڈن ۾ ويٺل آهي مطلب رهي ٿو.

سمجهاڻي:- هن منتر ۾ ويراٽ (ڪال ـ برهم) جو ذڪر آهي (گيتا اڌياءِ 10 ـ 11 ۾ ۽ هن ڪال برهم جو اهڙو ئي ذڪر آهي. اڌياءَ 11، منتر 46 ۾ ارجُن چيو آهي ته اي سهستر باهو مطلب هزار ٻانهن وارا توهان پنهنجي چترڀُج يعني چار ٻانهن واري رُوپ ۾ درشن ڏيو) جنهن جا هزارين هٿ، پير، هزارين اکيون، ڪن وغيره آهن، اُهو ويراٽ رُوپ ڪال پرڀُو پنهنجي وس (هيٺ) سپني پراڻين کي پوري طرح سان قابو ڪري مطلب 20 برهمانڈن کي گولاڪار گولائي ۾ روڪي رکيو آهي ۽ خود اُن کان مٿي الڳ ايڪيهين برهمانڈ ۾ ويٺو آهي.

رگ وِيد منڈل نمبر 10 سُڪت نمبر 90 منتر نمبر 02:-

پُرش ايويدم سروَم يدُپوتم يچه پاويم. اُتا مرتو وسهيشانو يدهنينا تِروهِت (2)

پُرش – ايو – يدم – سروَم – يدُ – پوتم – يچه – پاويم – اُت – امرتوسهيه – ايشانه – يد – انين – اتِروهِت (2)

سمجهاڻي:- (ايوَ) اهڙي طرح ڪجهه صحيح طور تي (پُرش) پڳوان آهي اُهو اڪشرپرش مطلب پربرهم آهي (چه) ۽ (ادم) هي (يت) جيڪو (پُوتم) پيدا ٿيو آهي (يت) جيڪو (پاويم) مستقبل ۾ ٿيندو (سروَم) سڀ (يت) ڪوشش مطلب محنت ذريعي (انين) اَن/ اَناج سان (اتيروهتي) واڌويجهه ٿيندي آهي. هي اڪشر پُرش ۽ (اُت) شڪ وارو (امرت توسيه) موڪش جو (ايشانه) سوامي آهي. مطلب پڳوان ته اڪشرپرش ۽ ڪجهه صحيح آهي پر مڪمل موڪش ڏيڻ وارو نه آهي.

سمجهاڻي:- هن منتر ۾ پربرهم(اڪشرپُرش) جو ذڪر آهي جيڪو پڳوان جي ڪجهه گٽن وارو آهي، پر ان جي پڳتي سان ۽ مڪمل موڪش نه آهي، انهي ڪري هن کي سنڌيهه يُڪت (شڪ وارو) مڪتي داتا چيو ويوآهي. هن کي ڪجهه پريو جي گٽن وارو انهي ڪري چيو آهي جو هي ڪال وانگر تپت شِلا تي تري نٿو ڪائي. پر هن پربرهم جي لوڪ ۾ ۽ پراڻين کي محنت مزدوري ڪرم آڌار تي ئي قل ملي ٿو ۽ اَن (اناج) سان سپني پراڻين جا شرير وڌن ويجهن ٿا. جنم ۽ مرتيو جو وقت پلي ڪال (شرپُرش) کان گهٽو آهي. پر پيدائش، پرلئ ۽ چوراسي لک جوٽين ۾ تڪليف قائم رهي ٿي.

رگ وِيد منڈل نمبر 10 سُڪت نمبر 90 منتر 3:-

ايتاوانسيه مهيماتو جيايا نشچ پُرشه

پادواسيه وِشوا پُوتانِي ترپادسيامرتم ديوِي 3

ايتاوان ـ اسيه ـ مهيما ـ ات ـ جايان ـ چه ـ پُرشه ـ پادهه ـ اسيه ـ وِشوا ـ پُوتانِي ـ ترِ ـ پادُ ـ اسيه ـ امرتم ـ ديوِي.

سمجهاڻي:- (اسيه) هن اڪشر پُرش مطلب پربرهم جي ته (ايتاوان) ايتري ئي (مهما) وڏائي آهي. (چه) ۽ (پُرش) اُهو پرم اڪشر مطلب پورڻ برهم پرميشور ته (اتهه) هن کان ٻه (جيايان) وڏو آهي. (وِشوا) سڀئي (پُوتانِي) شر پُرش ۽ اڪشر پُرش ۽ اُنهن جي سپني لوڪن ۾ ست لوڪ ۽ اُنهن جي لوڪن ۾ جيترا ٻه پراڻي (جاندار) آهن. (اسيه) هن پورڻ پرماتما پرم اڪشرپُرش جو (پاڌاه) هڪ پير آهن، مطلب فقط هڪ انش (انگ) جي برابر آهن. (اسيه) هن پرميشور جا (تريءِ) تي (ديو) تمام وڌا لوڪ/جهان

آهن، جھڙوڪ ست لوڪ/الک لوڪ/اگم لوڪ ۾ (امرتم) جيڪي اويناشِي جو (پاد) ٻيو پيرآهن مطلب جيڪو ب سيني برهمانڈن ۾ تخليق آهي اُهو ست پُرش پُورڻ پرماتما جو ئي انش يا انگ آهي.

سمجھاڻي:- هن مٿئين منتر 02 ۾ بيان ڪيل اڪشرپُرش (پربرهم) جي ت ايتري ئي تعريف آهي ۽ اُهو پورڻ پُرش "ڪوير ديو" ت هن کان ب وڏو آهي مطلب سَرَوَ شڪتيمان آهي ۽ سڀ برهمانڈ هُن جي فقط انش (انگ) تي بينل آهن. هن منتر ۾ ٽن لوڪن جو ذڪر انهي ڪري آهي ت چوٽون انامي (انااميه) لوڪ ٻئي رچنا کان پهرين جو آهي. انهن ٽنهي ئي پريوئن (شرپُرش، اڪشرپُرش ۽ اُنهن ٻنهي کان الڳ پرم اڪشرپُرش) جو ذڪر شريمد پگونت گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ نمبر 16 ۽ 17 ۾ آهي. جنهن جو پرماڻ آدرٽيہ غريب داس صاحب جي ب ڏين ٿا ت:-

غريب، جاڪي اردھ روم پر سکل پسارا، ايسا پُورڻ برھم ھمارا

غريب داس، اننت کوٹي برھماند کا، ايک رتي نھين بار

ست گـــرو پُـرش کـبـيـر ھئہ، کُـل کـي سـرجـنھار

اِنهي جو پرماڻ آدرٽيہ دادُو صاحب چئي رهيا آهن:-

جِن موکون نج نام دِيا، سوئي ست گُرو ھمار، دادُو دوسرا کوئي نھين، کبير سرجنھار

اِنهي جو ثبوت آدرٽيہ نانڪ صاحب ب ڏين ٿا:-

يک ارج گُفتم پيش تو در کُون کرتار، حقا کبير کريم تُو، بي عيب پروَردگار

(شري گرو گرنٿ صاحب، صفحو نمبر721، مهلا نمبر 1، راڳ تلنگ)

"کون کرتار" جو مطلب آهي سيني جو پيدا ڪندڙ، مطلب پنهنجي شبد شڪتي سان رچنا ڪرڻ وارو شبد سرُوپي پرڀُو. حقا کبير جو مطلب آهي ست ڪبير، ڪريم جو مطلب آهي ديالو ۽ پروردگار جو مطلب پرماتما آهي.

رگ وید منڈل نمبر 10 سُڪت 90 منتر نمبر 4:-

تِرپادُڈروَ اديتپُرشہ پادواسيھاپوَتپُنھا، تتو وِشوَ ڈويکرامتساشنانشني اپي 4

تِر– پادُ – اُرڈوَ – اُديت – پُرشہ – پادہ – اسيہ – اِھہ – اپوَت – پُنھا – تتھہ – وِشوَڙ – ويارڪرامت – سھہ – اشنانشني– اپي

سمجھاڻي:- (پُرشہ) اهي پرم اڪشربرهم يعني اويناشي پرماتما (اُرڈوَ) مٿي (تري) ٽن لوڪن جيئن ست لوڪ– الک لوڪ– اگم لوڪ رُوپ (پاد) پير مطلب مٿيئن حصي ۾ (اُديت) پرڳٽ ٿين ٿا مطلب براجمان – موجود آهن (اسيہ) انهي پرميشور پُورڻ برهم جو (پادہ) هڪ پير مطلب هڪ حصو جڳت رُوپ (پُنر) وري (اِھہ) هتي (اپوَت) پرڳٽ ٿئي ٿو (تتہ) انهي ڪري (سہ) اُهي اويناشي پُورڻ پرماتما (اشنا نشني) ڪائڻ واري ڪال يعني شرپُرش ۽ نہ ڪائڻ واري پربرهم مطلب اڪشرپُرش جو ب (اپيءِ) مٿي (وِش وَڊِ) هر طرف (ويارڪرامت) سمايل آهي مطلب ان جي بادشاهت سيني برهمانڈن ۽ سيني پريوئن تي آهي. اُهي ڪُل جا مالڪ آهن. جنهن پنهنجي شڪتي ڪي سيني جي مٹانهن ڦهلايو آهي.

سمجھاڻي:- اهوئي سڄي ڪائنات جو خالق پرڀُو پنهنجي رچنا جي مٿئين حصي تنهي هنڌن تي (ست لوڪ، الک لوڪ ۽ اگم لوڪ) ٽن رُوپن ۾ خود پرڳٽ ٿئي ٿو مطلب خود ئي براجمان آهي. هتي انامي (انامیہ) لوڪ جو ذڪر انهي ڪري نہ ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ت انامي لوڪ ۾ ڪا ب رچنا نہ آهي ۽ اڪھ (انامیہ) لوڪ بقايا رچنا کان پهرين جو آهي. وري چيو آهي ت اُنهي پرماتما جي ست لوڪ کان وڇڙي هيٺ وارا برهم ۽ پربرهم جا لوڪ پيدا ٿين ٿا. اُهي پُورڻ پرماتما ڪائڻ واري برهم مطلب ڪال (چوٽہ برهم ڪال ويرات بد دعا جي سبب هڪ لک انساني شرير ڌاري پراڻين (جاندارن) کي کائي ٿو) کان ۽ نہ ڪائڻ واري پربرهم مطلب اڪشرپُرش (پربرهم پراڻين کي کائي نٿو پر جنم مرتيو ڪرم ڌنڌ جيئن جو تيئن باقي رهي ٿو) کان ب مٿي هر طرف سمايل آهي،

مطلب هن پُورڙ پرماتما جي حڪمراني سيني جي متي آهي. ڪبير پرميشور ئي ڪُل جو مالڪ آهي جنهن پنهنجي شڪتي ڪي سيني جي متان پکيڙي رکيو آهي، جيئن سڄ پنهنجي روشني ڪي سيني جي متان پکيڙي اثر انداز ٿئي ٿو. ائين پُورڙ پرماتما پنهنجي شڪتي رينج جي صورت ۾ سيني برهمانڈن تي نگراني رکڻ لاءِ چڌيل آهي. جيئن موبائيل فون جو ٽاور هڪڙي هنڌ هوندي به موبائيل فون جي رينج کي چئني طرف پکيڙي رکي ٿو، ساڳئي نموني پُورڙ پرماتما پنهنجي نراڪار شڪتي هر هنڌ ڦهلائي رکي آهي. جنهن سان پُورڙ پرماتما سيني برهمانڈن کي هڪ جاءِ تي ويهي ڪري به نگرانِي ۾ رکي ٿو. انهي جو ثبوت آدرڻيہ غريب داس جي مهراج پنهنجي هن امرت واڻي ۾ ڏئي رهيا آهن. (امرت واڻي راگ ڪلياڻ)

تين چرن چِنتا مڻِي صاحب، شيش بدن پر چائي

ماتا، پِتا، ڪُل نہ بنڌو، نہ ڪِنهين جنـنِي جائي

رگ وید منڈل 10 سُڪت 90 منتر نمبر05:-

تـسـمـادِرانجايت وِراجو ادهي پُرشہ، سہ جاتـواتـيـرِبـچـيـتَ پـشـچـادِپـوميـمـتـوپُراہ 5

تسمات – وِرات – اجايت – وِراجہ – ادهي – پُرشہ– سهہ– جاتهہ– اتيريچيت – پشچات – پوميم– اتہ – پُراہ

سمجهاڻي:- (تسمات) اُن ڪانپوءِ هن پرميشور ست پُرش جي شبد شڪتي سان (ويرات) ويرات مطلب برهم جنهن کي شرپُرش ۽ ڪال به چون ٿا (اجايت) اُتپن ٿيو آهي. (پشچات) اُن ڪانپوءِ (وراجہ) ويرات پُرش مطلب ڪال پڳوان سان (ادهي) وڏي (پُرشا) پرميشور (پوميم) ڏرتي واري لوڪ، ڪال برهم ۽ پربرهم جي لوڪ کي (اتيريچيت) چگي طرح رچيو (اتهہ) وري (پُرا) ٻيا ننڍا ننڍا لوڪ (سہ) هُن پُورڙ پرماتما ئي (جاتہ) پيدا ڪيا مطلب ناهيا.

سمجهاڻي:- مٿئين منتر 04 ۾ بُڌايل تنهي لوڪن (ست لوڪ، الڪ لوڪ، اگم لوڪ) جي رچنا ڪانپوءِ پُورڙ پرماتما جوتي نرنجن (برهم) کي پيدا ڪيو مطلب اُنهي سَرَوَ شڪتيمان پرماتما پُورڙ برهم ڪبير ديوَ مان ئي ويرات مطلب برهم ڪال جي پيدائش ٿي. اهوئي ثبوت گيتا اڌياءِ 03 منتر 15 ۾ آهي تہ پرم اڪشربرهم مطلب اوياشي پريو کان ئي ويرات مطلب برهم (ڪال) جي پيدائش ٿي. اهوئي ثبوت اٿرووِد ڪانڈ نمبر 04 انواڪ 01 سُڪت نمبر 03 ۾ آهي تہ پُورڙ برهم سان ئي برهم جي پيدائش ٿي. اُنهي پُورڙ برهم (پوميم) ڏرتي وغيره ننڍن وڏن سيني لوڪن جي رچنا (تعمير) ڪئي. اُهو پورڙ برهم هن ويرات پڳوان مطلب برهم ڪال کان به وڏو آهي يعني هن جو به مالڪ آهي.

رگ وید منڈل نمبر 10 سُڪت نمبر 90 منتر نمبر 15:-

سپتا سيا سن پريڌيسِتره سپت سميڌہ ڪرتاہ ديوا يگيم تنواناہ ابڌننپُرشومپشُوم 15

(سپت – اسيه – آسن– پريڌيه – تِرسپت – سميڌہ – ڪرتاہ – ديوا– يت –يگيم– تنواناہ – ابڌنن– پُرشوم– پشُوم)

سمجهاڻي:- (سپت) ست سنڪ برهمانڈ تہ پربرهم جا ۽ (تِرسُپت) ايڪيہ برهمانڈ ڪال برهم جا (سميده) ڪرم ڏنڈ رُوپي باهہ ڪان ڏُڪي (ڪرتاہ) ڪرڻ واري (پريڌيہ) گولا ڪار گهيري رُوپي حد ۾ (آسن) موجود آهي. (يت) جيڪو (پرشوم) پُورڙ پرماتما جي (يگيم) صحيح طريقي سان ڌارمڪ ڪرم مطلب پوجا ڪري ٿو (پشوم) قرباني جي جانورن وانگر ڪال جي جار روپي قيد ۾ ڪرم بنڌن ۾ بَڌيل (ديوا) پڳت آتمائن کي (تنواناہ) ڪال جي رچيل مطلب ڦهلايل پاپ ڪرم بنڌن روپي جار کان (ابڌنن) آزاد ڪري ٿو مطلب بنڌ ڇڏائڻ وارو بندي چوڙ آهي.

سمجهاڻي:- ست سنڪ برهمانڈ پربرهم جا ۽ ايڪيہ برهمانڈ برهم جا آهن جنهن ۾ گول گهيري (گردش) ۾ قيد پاپ ڪرمن جي باهہ ۾ برندڙ پراڻين کي اصلي پُوجا وڏي بُڌائي صحيح اُپاسنا (عبادت) ڪرائي ٿو جنهن کي بلِي (قُرباني) ڏيڻ وارن جانورن وانگر جنم ۽ موت جي ڪال برهم جي ڪائڻ جي لاءِ تپت شِلا جي تڪليف کان ڏُڪي پڳت آتمائن کي ڪال جي ڪرم بنڌن جي ڦهلايل جار کي ٽوڙي آزاد ڪرائي ٿو مطلب بنڌن ڪٽڻ وارو بندي چوڙ آهي. انهي جو ثبوت پويتر يجُروِد اڌياءِ 05 منتر 32 ۾ آهي تہ:-

" ڪوير انگهاري اسي" (ڪوير) ڪبير پرميشور (انگهہ) پاپن جو (اري) دشمن (اسِي) آهي. مطلب پاپ ناس ڪندڙ ڪبيرآهي. بمياريسِي (بمياريِ) ہنڌن جو دُشمن يعني بندي ڇوڙ ڪبير پرميشور (اسِي) آهي.

رگ وید منڈل 10 سُڪت 90 منتر 16:-

يگين يگميه ميجنت ديواستاني ڏرماڻِي پرڻمانياسن

تي هه ناڪم مهيمانه سچنت يتر پُورو ساڌايه سنِت ديواه 16

يگين– يگيمه – ا – يجنت – ديواه – تاني – ڏرماڻي – پرڻماني –آسن – تي – هه – ناڪم – مهيمانه – سچنت – يتر – پُورو – ساڌايه– سنتي – ديواه.

سمجهاڻي:- جيڪو (ديوه) نِروڪارديوَ سرُوپ پڳٽ آتمائون (ايگيم) اڏوري غلط ڌارمڪ پُوجا جي جاءِ تي (يگين) ست پڳٽي ڌارمڪ ڪرم جي آڌارتي (ايجنت) پُوجا ڪن ٿا (تاني) اُهي (ڏرماڻي) ڌارمڪ طاقتور (پرڻماني) مڪيہ مطلب بهترين (آسن) آهن (تي– هه) اُهي ئي اصل ۾ (مهيمانه) عظيم پڳٽي جي شڪتي سان پُر ٿي (ساڌايه) ڪامياب پڳٽ جن (ناڪم) پوري راحت ڏيڻ واري پرميشور کي (سچنت) پڳٽي قاعدن جي ڪري مطلب سچي پڳٽي جي ڪمائي سان حاصل ٿين ٿا. اُهي هتي هليا وجن ٿا. (يتر) جتي (پُورو) پهرين واري سرشٽي جي (ديواه) پاپ سان آزاد ديوَ سروپ (نيڪ) پڳٽ آتمائون (سنت) رهنديون آهن.

سمجهاڻي:- جنهن نِروڪار (گوشت، شراب، تماڪو،استعمال ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ ٻين بُراين کان بچيل آهن) ديوَ سروپ (نيڪ) پڳٽ آتمائون جن شاسترن خلاف پُوجا کي ڇڏي شاسترن ۾ ٻڌايل طريقي مطابق پوجا ڪن ٿا. اُهي پڳٽي جي ڪمائي سان امير ٿي ڪال جي قرض کان آجا ٿي. پنهنجِي سچي پڳٽي جي ڪمائي سان اُنهي سُکدائي پرماتما کي حاصل ڪن ٿا. مطلب ست لوڪ ۾ هليا وجن ٿا. جتي سڀ کان پهرين ناهيل دنيا جي ديوَ سروپ مطلب پاپ کان آزاد هنس آتمائون رهن ٿيون.

جيئن ڪجهہ آتمائون ڪال جي ڇار ۾ ڦاسي هتي اچي ويون، ڪجهہ پربرهم سان گڏ ست سنک برهمانڈن ۾ اچي ويون ۽ پوءِ بہ بيشمار آتمائون جن جو پُورڻ پرماتما ۾ اتل پروسو رهيو، جيڪي پتي ورتا پد کان نہ ڪريون اُهي اُتي ئي ست لوڪ ۾ رهجي ويون. انهي ڪري هتي اُهائي ڳالهہ پويتر ويدن بہ سچ ٻُڌائي آهي. اهڙوئي ثبوت گيتاجي اڌياءِ 08 شلوڪ 8 کان 10 ۾ بہ ٻُڌايو آهي تہ جيڪو ساڌڪ پورڻ پرماتما جي سچي ساڌنا شاسترن ۾ ٻُڌايل طريقي مطابق ڪري ٿو، اُهو پڳٽي ڪمائي جي طاقت سان هن پورڻ پرماتما کي حاصل ڪندو آهي مطلب هن وٽ هليو ويندو آهي. انهي مان واضح آهي تہ تي يگوان آهن.

1. برهم=شرپُرش 2. پربرهم= اڪشرپُرش۽ 3. پُورڻ برهم=پرم اڪشربرهم= ست پُرش وغيره نالن سان سُڃاتو وجي ٿو.

اهڙوئي ثبوت رگ وید منڈل 09 سُڪت 96 منتر 17 کان 20 ۾ واضح آهي تہ پُورڻ پرماتما ڪويرديوَ (ڪبير پرميشور) نندڙي ٻالڪ (ٻار) جي صورت ۾ظاهر ٿين ٿا ۽ پنهنجي نرمل گيان مطلب تتوَگيان (ڪبيرگِربي) ڪبير واڻي جي ذريعي پنهنجن چيلن کي ڳائي ٻڌائي سمجهائين ٿا. اُهي ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشور) برهم (شرپُرش) جي ڏام(دنيا) ۽ پربرهم (اڪشرپُرش) جي دنيا کان الڳ جيڪو پُورڻ برهم (پرم اڪشرپُرش) جي تئين رُت ڏام (ست لوڪ) ۾ آڪار (جسماني شڪل) ۾ وينل آهن ۽ ست لوڪ ڪانپوءِ چوٽون اَنامي لوڪ آهي اُن ۾ بہ اُهي ئي ڪوير ديوَ انامي پُرش جي شڪل ۾ انسان وانگر جسماني صورت ۾ رهن ٿا.

"پويتر شريمد ديوي مهاپُراڻ ۾ ڪائنات جي نھڻ جو ثبوت"

(برهما، وشنو ۽ شِو جا ماتا پتا)

(دُرگا ۽ برهم جي ميلاپ سان برهما وشنو ۽ شِو جو جنم)

پويتر شريمد ديوي مهاپُراڻ ٽيون اسڪند اڌياءِ نمبر01 کان 03 (گيتا پريس گورک پُور کان ڇپيل، ترجمو ڪندڙ شرِي هنومان پرساد پودار ۽ چمن لال گوسوامي جِي، صفحو نمبر 114 کان)

صفحو نمبر 114 کان 118 تائين ۾ لکيو آهي ته ڪيترائي آچاريه پواڻي کي سمپورڻ منوڪامنائون (من جون مُرادون) پوريون ڪرڻ واري ٻڌائين ٿا. هو پِرڪرتي سڏائي ٿي ۽ برهم سان اڀيد سنبنڌ (امتيازي رشتو) آهي. جهڙي طرح گهر واري زال کي ارڌانگِي ٻه چون ٿا مطلب دُرگا برهم (ڪال) جي زال آهي. هڪ برهمانڊ جي سرشٽي رچنا جي باري ۾ راجا شري پريڪشت جي پڇڻ تي شري وياس جي ٻڌايو ته مون شري نارد جي کان پڇيو هو ته اي ديو رشي! هن برهمانڊ (ڪائنات) جي تخليق ڪيئن ٿي؟ منهنجي هن سوال جي جواب ۾ شري نارد جي چيو ته مون پنهنجي پتا شري برهماجيءِ کان پُڇيو هو ته اي پتا شري! هن برهمانڊ جي تخليق ڪرڻ وارا توهان آهيو يا شري وشنو جي آهن يا شِو جي، سچ سچ ٻڌائڻ جي ڪرپا ڪريو؟ تڏهن منهنجي پُوجئه پتا شري برهماجِي ٻڌايو ته پُٽ نارد مون پنهنجو پاڻ کي ڪَنوَل جي گل تي ويٺل ڏٺو هو. مون کي خبر ناهي ته هن اُونهي سمنڊ (مها ساگر) جي پاڻي ۾ مان ڪٿان پيدا ٿيس، هڪ هزار سالن تائين پرڻوي کي تلاش ڪندو رهيس، ڪٽي پاڻي جوڪو ڪنارو نه مليو پوءِ آڪاش واڻي ٿي ته تپ ڪر. تڏهن هڪ هزار سالن تائين تپ ڪيو، پوءِ سرشٽيِ رچنا جي آڪاش واڻي ٿي. ايتري ۾ مدُّو ۽ ڪيٽِپ نالي جا ٻه راڪشس آيا. اُنهن جي خوف کان مان ڪنول جي ڏانڊي جهلي هيٺ هليو ويس. اُتي پِڳوان شري وشنو جي شيش نانگ جي سيج تي بيهوش پيا هئا. هن مان هڪ عورت پُوت وانگر پرويشت (داخل) دُرگا نڪتي. هُو آڪاش ۾ آپوشٽ (زيورات وغيره) پاتل نظر اچڻ لڳي، تڏهن پِڳوان شري وشنوجي هوش ۾ آيا. هاڻي مان ۽ شري وشنوجي ٻه ٽيا. ايتري ۾ پِڳوان شري شنڪر (شِو جي) ٻه اڇي پهتا. ديوي اسانکي ومان (جهاز) ۾ ويهاريو ۽ برهم لوڪ ۾ وٺي ويئي، اُتي هڪ برهما، هڪ وشنو ۽ هڪ شِو ٻيا ٻه ڏٺا، پوءِ هڪ ديوي ڏٺي اُن کي ڏسي وشنوجي وويڪ سان پُڇيو "برهم ڪال پِڳوان وشنو کي ياداشت ڏيئي ڇڏي، جنهن سان هن کي پنهنجي نندپڻ جي ياد اڇي ويئي تڏهن نندپڻ جي ڪهاڻي ٻڌائي"

صفحو نمبر 120–119 تي پِڳوان وشنوجي شري برهماجي ۽ شري شِوجي کي چيو ته هي اسان تنهي جي ماتا آهي. اهائي جڳت جنني (دُنيا پيدا ڪرڻ واري) پرڪرتي ديوي آهي. مون هن ديوي کي تڏهن ڏٺو هو جڏهن مان ننڍڙو ٻالڪ هئس. ديوي مونکي پينگهي ۾ لوڏي رهي هئي.

ٽيون اسڪند صفحو نمبر123 تي شري وشنوجِي، شري دُرگاجِي جي واکاڻ/ مهما ڪندي چيو ته توهان شُڌ سروُپا (پاڪ صورت) آهيو، هي سڄو سنسار توهان کان ئي سوپيا ڏٺي رهيو آهي. مان (وشنو) برهما ۽ شنڪر مطلب اسان سپئي توهان جي ڪرپا سان ئي موجود آهيون. اسان جو آويرپاوَ (جنم) ۽ تِروپاوَ (موت) ٽيندو آهي مطلب اسان ٽيئي ديوَ ناشوان (فاني) آهيون، صرف توهان ئي نِت (اٽل) آهيو. دنيا کي پيدا ڪرڻ واري آهيو. پرڪرتي ۽ سناتني ديوي آهيو.

پِڳوان شنڪر چيو ديوي! جيڪڏهن پِڳوان وشنوجي توهان مان ئي پيدا ٿيو آهي، ته هن ڪانپوءِ پيدا ٿيڻ وارو برهما ٻه توهان جو ئي اولاد ٿيو، ته پوءِ مان تموگُڻي ليلا ڪرڻ وارو شنڪر ڇا توهان جو اولاد نه ٿيس؟ مطلب مونکي ٻه پيدا ڪرڻ واري تون ئي آهين.

ويچار ڪريو:- متي ٻڌايل گيان مان ظاهر ٽيو ته شري برهماجي، شري وشنوجي ۽ شري شوجي فاني آهن. مرتيونجيه (لافنا) ۽ سرويشوَر(ڪُل مالڪ) نه آهن. اهي دُرگا جا پُٽ آهن ۽ برهم (ڪال– سداشِو) اِنهن جو پتا (پيءُ) آهي.

ٽيون اسڪند، صفحو نمبر125 تي برهماجِي جي پڇڻ تي تہ: اي ماتا! ويدن ۾ جيڪو برهم چيو آهي. اُهو توهان ئي آهيو يا ڪو ٻيو پِڳوان آهي؟ هن جي جواب ۾ هتي دُرگا چئي رهي آهي ته مان ۽ برهم هڪ ئي آهيون. پوءِ ساڻئي اسڪند جي صفحو نمبر 129 تي چوي پئي ته هاڻي منهنجا ڪم پورا ڪرڻ لاءِ ومان (جهاز) ۾ ويهي توهان جلدي هليا وڃو، ڪابه مُشڪل اچڻ تي توهان مونکي ياد ڪندا ته مان حاضر ٿي ويندس. ديوتائو! منهنجو ۽ برهم جو ڏيان توهان کي سدائين ڪندي رهڻ گهرجي. اسان ٻنهي کي ياد ڪندا رهندا ته توهان جا ڪم ٽيڙ ۾ ذرو به مشڪل نه ايندي.

مٿي ٻڌايل گيان مان واضح ٿيو تہ دُرگا (پِرڪرتي) ۽ برهم (ڪال) ئي ٽنهي ديوتائن جا ماتا پتا آهن. برهما، وشنو ۽ شِو فاني آهن ۽ مڪمل طاقتور نہ آهن.

ٽنهي ديوتائن (برهما، وشنو، مهيش) جون شاديون دُرگا ڪرايون صفحو نمبر129-128تي، ٽئين اسڪند ۾.

گيتا اڌياءِ 07 جو شلوڪ نمبر 12:-

يي، چہ، ايو، ساتوڪه، بهاوا، راجساه، تامساه، چہ، يي

مته، ايو، ايتِي، تان، وِدهي، نه، تُو، اِهم، تيشُ، تي، مئِي

سمجهاڻي:- (چ) ۽ (اِيوَ) بہ (يي) جيڪو (ساتوڪه) ستوگُڻ وشنوجِي کان پالڻ (پاوا) وارا پاو آهن ۽ (يه) جيڪو (راجساه) رجوگُڻ برهماجِي کان پيدائش (چه) ۽ (تامسا) تموگُڻ شِوجِي کان خاتموآهي (تان) اُنهن سيني کي تون (مت اِيوَ) مون کان ئي ٽيڻ وارا آهن (اِتيءِ) ائين (وڌِي) سمجهہ (تُو) پر اصل ۾ (تيشُ) اُنهن ۾ (اهم) مان ۽ (تي) اُهي (مي) مون ۾ (نہ) نہ آهن.

"پويتر شِو مهاپُراڻ ۾ ڪائنات جي تخليق جو ثبوت"

(ڪال برهم ۽ دُرگا سان برهما وشنو ۽ مهيش جي پيدائش)

هن جو ثبوت پويتر شري شِو مهاپُراڻ گيتا پريس گورکپُور کان ڇپيل، ترجمو ڪندڙ شري هنومان پرساد پودار. انهي جي اڌياءِ نمبر 06 رُدر سنهيتا، صفحو نمبر 100 تي ڇپيو آهي تہ جيڪو مورتي بغير (بنا شڪل) جي پربرهم آهي، هن جي مورتي پڳوان سدا شوَ آهي هن جي جسم مان هڪ شڪتي (پاوَر) نڪتي. اُها شڪتي اميبڪا، پِرڪرتي، دُرگا، تِر ديوَ جننِي (شري برهما، شري وشنوجِي ۽ شري شِوجِي کي پيدا ڪرڻ واري ماءُ) سڏجي ٿي. جنهن جون اٺ پُجائون (ٻانهون) آهن ۽ جيڪو سداشِو آهي اُنکي شِو شنيوُ ۽ مهيشور بہ چوندا آهن. (صفحي نمبر 101 تي). اُهي پنهنجي سيني انگن (جسماني حصن) تي پسم/رک لڳائي رهي ٿو، هُن ڪال رُوپي برهم هڪ شوَ لوڪ نالي علائقي جي تعمير ڪئي پوءِ ٻنهي پتي پتني (زال مُڙس) جو وهنوار ڪيو جنهن سان هڪ پُٽ پيدا ٿيو، جنهن جو نالو وشنو رکيو. (صفحو نمبر 102)

وري رُدر سنهيتا اڌياءِ نمبر 07 صفحو نمبر 103 تي برهماجِي چيو آهي تہ منهنجي پيدائش بہ پڳوان سداشِو (برهم/ڪال) ۽ پِرڪرتي دُرگا جي ميلاپ سان مطلب زال مُڙس جي وهنوار سان ئي ٿي آهي. وري مونکي بيهوش ڪري ڇڏيو.

وري رُدر سنهيتا اڌياءِ09 صفحو نمبر 110 تي ڇپيو آهي تہ اهڙي طرح برهما وشنو ۽ شِو (رُدر) اُنهن ٽنهي ديوتائن ۾ گڏ آهن پر شِو (ڪال/برهم) گُڏاتيت مجيو وجي ٿو.

هتي چار ڳالهيون ثابت ٿيون آهن تہ سدا شوَ (ڪال/برهم) ۽ پرڪرتي مان ئي برهما وشنو ۽ مهيش پيدا ٿيا آهن. ٽنهي پڳوانن (برهما،وشنو ۽ شو) جا ماتا پتا شري دُرگا ۽ جوتي نرنجن (برهم) آهن. اهي ٽيئي پڳوان رجوگُڻ برهما، ستوگُڻ وشنو ۽ تموگُڻ شِو آهن

"پويترشريمد پگونت گيتا ۾ سرشٽي رچنا جو ثبوت"

انهي جو ثبوت گيتاجي اڌياءِ نمبر 14 شلوڪ 3 کان 05 تائين آهي. برهم (ڪال) ڇئي رهيو آهي تہ پرڪرتي (دُرگا) تہ منهنجي پتني آهي، مان برهم (ڪال) هن جو پتي آهيان. اسان ٻنهي جي ميلاپ سان سموري مخلوق سميت ٽنهي گُڻن (رجوگُڻ برهما، ستوگُڻ وشنو ۽ تموگُڻ شِو) جي پيدائش ٿي آهي. مان (برهم/ڪال) سيني پراڻين (مخلوق) جو پِيءُ آهيان ۽ پرڪرتي (دُرگا) اِنهن جي ماءُ آهي. مان هُن جي پيٽ ۾ بج جاري ڪندو آهيان جنهن سان سڄي مخلوق جي پيدائش ٿئي ٿي. پرڪرتي (دُرگا) مان پيدا ٿيل ٽيئي گُڻ (رجوگُڻ برهما ستوگُڻ وشنو ۽ تموگُڻ شِو) سيني جاندارن کي ڪرم جي آڌار تي جسمن ۾ ٻڌن ٿا. اهوئي ثبوت گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ نمبر 1 کان 04 ۽ 16،17 ۾ بہ آهي.

گيتا اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 01

اُرڌوَمولم، اڌھ شاخم، اَشوَ ٿم، پراھوُ، اوييم

چنداسي، يسيه، پرٽاني، يه، تم، ويد، سه، ويد وِت

سمجھاڻي:- (اُرڌوَمولم) مٿي پُورڻ پرماتما آدي پُرش/شروعاتي پرپُو پرميشور رُوپي جڙ وارو (اڌھ شاخم) هينيان جا ٽئي گڻ رجوگڻ برھما ستوگڻ وشنو ۽ تموگُڻ شِو رُوپي ٽارين وارو (اوييم) اويناشي (اَشوَ ٿم) پکڙيل پير جو وڻ آهي. (يسيه) جنھن جا (چنداسِي) جيئن وِيد ۾ چند آھن اھڙي سنسار رُوپي وڻ جا بہ ننڍا ننڍا حصا ٽاريون (پِرٽاني) پَن (پِراھُو) چيا آھن (تم) ھن سنسار رُوپي وڻ کي (يه) جيڪو (ويد) پاڙن سميت ڇاڻي ٿو (سه) سو (ويدوِت) پُورڻ گياني مطلب تتودرشي آهي.

گيتا اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 02

اڌھہ، چہ، اُرڌوم، پِرستاہ، تسييہ، شاخاہ، گُٽپرورڌاہ

وشيہ پروالا،اڌہ، چہ، مُولاني، انُسنتتاني۽، ڪرمانبنڌيني، منشيہ لوڪي

سمجھاڻي:- (تسيه) ھن وڻ جي (اڌھه) هيٺ (چه) ۽ (اُرڌوم) مٿي (گُڻ پرورڌاه) ٽنھي گڻن رجوگُڻ-برھما، ستوگُڻ-وشنو ۽ تموگُڻ-شِو رُوپي (پِرسرتا) پکڙيل (وشيه پروالا) وڪار ڪام، ڪروڌ، موھ، لوڀ، اھنڪار رُوپي ڪونپل مطلب گونچ (شاخاه) ٽاري برھما، وشنو ۽ شِو (ڪرما نُبنڌيني) جاندارن کي ڪرمن ۾ بَڌڻ جون (مُولانِي) جڙُون مطلب پاڙون مڪيہ ڪارڻ آھن (چه) ۽ (منُشه لوڪي) منش لوڪ مطلب زمين تي (اَڌھه) هيٺ-نرڪ، چوراسي لک جوٽين ۾ (اُرڌوم) مٿي سرڳ لوڪ وغيره ۾ (انُسنتتاني) بندوبست ڪيو ويٺا آھن.

گيتا اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 03

نہ، روپم، اسيہ، اِھہ، تٽا، اوپلبيتي، نہ انتہ، چہ،آدِي، نہ، چہ

سمپرتِيشٽا، اَشوٿم، اينم، سويرُڍمولم ، اَسنگشستريڍ، درڍين، چتوا

سمجھاڻي:- (اسيه) ھن رچنا جي (نه) نہ ئي (آدي) شروعات (چه) ۽ (نہ) نہ ئي (انتا) آخر آهي (نہ) نہ ئي (تٽا) اھڙي (روپم) صورت (اوپلبيتي) ملي ٿي (چه) ۽ (اِهه) هتي ويچار ڪال ۾ مطلب منھنجي ڏنل گيتا گيان ۾ صحيح معلومات مون کي بہ (نہ) نہ آهي (سمپرتِشٽا) ڇاڪاڻ تہ سيئي برھمانڊن جي رچنا جي ڇڳي طرح معلومات مونکي بہ نہ آهي. (اِنم) ھِن (سويرُڍمولم) سڀ نموني مستقل بنيادي حالت واري (اشوتٿم) مضبوط شڪل واري سنسار رُوپي وڻ جي ڇاڻ جو (اسنگ شسترين) مڪمل ڇاڻ رُوپي (درڍھين) درڍ سوڪشم وِيد مطلب تتوَگيان جي ذريعي ڇاڻي (ڇِيتوا) وِڍي ڪري مطلب نرنجن جي پڳٽي کي معمولي مطلب عارضي سمجھي. برھما، وشنو، شِو، برھم ۽ پربرھم کان بہ اڳٽي پُورڻ برھم جي تلاش ڪرڻ گھرجي.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 04

تتہ، پدم، تت، پريما گرتوَيم، يسمن، گتا، نہ، نِورتنت، پُويه

تم، ايوَ، چه، آڌيم، پُرشوم، پرڍي، يته، پرورتِي، پرسرتا، پُراڻي

سمجھاڻي:- جڏھن تتوَدرشي سنت ملي وڃي (تته) اُن ڪانپوءِ (تت) ھن پرماتما جي (پدم) پد استان ست لوڪ کي (پريماگرتوَيم) چڳي نموني سان کوجڻ گھرجي (يسمن) جنھن ۾(گتا) ويل ساڌڪ (پُويه) وري (نه نِورتنت) واپس موٽي سنسار ۾ نٿو اچي (چه) ۽ (يته) جنھن پرماتما مطلب پرم اڪشربرھم کان (پُراڻي) شروعاتي (پرورَتِي) رچنا ۔ سرشٽِي (پرسرتا) پيدا ٿي آهي (تم) اڳيات (ادھيم) آدي يم مطلب مان ڪال نرنجن (پُروشم) پورڻ پرماتما جي (اِيوَ) ئي (پرپڍي) مان شرڻ ۾ آهيان ۽ اُنھي جي ئي پُوڄا ڪريان ٿو.

گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 16

دَووَ، اِمئو، پُرشو، لوڪي، شره، چه، اڪشره، اِيو، چه،
شره، سرواڻي، پُوتاني، ڪُوتسڻه، اڪشره، اُڇيتي

سمجهاڻي:- (لوڪي) هن سنسار ۾ (دووَ) بن قسمن جا (شره) ناشوان (چه) ۽ (اڪشره) اوناشي (پرشوُ) پڳوان آهن. (ايو) اهڙي طرح (امئو) انهن ٻنهي پڳوانن جي لوڪن ۾ (سرواڻِي) سيني (پوتاني) پراڻين جا شرير يا جسم تہ (شره) ناشوان (چ) ۽ (ڪُوتسڻ) جِيوَ آتما (اڪشره) اويناشي (اُڇيتي) چئي وڃي ٿي.

گيتا اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 17

اُتمه، پُرشه، تو، انيه، پرماتما، اِتي، اُدارته،
يه، لوڪتِريم، اوِشيه، بِپرتي، اوييه، ايشوره

سمجهاڻي:- (**اُتمه**) اُتم (**پُرشه**) پڳوان (**تو**) تہ (**انيه**) مٿئين ٻنهي پريوئن يعني شرپُرش ۽ اڪشرپُرش کان الڳ ڪو ٻيو ئي آهي. (**اِتي**) اُهي اصل ۾ (**پرماتما**) پرماتما (**اُدارته**) سڏيا وڃن ٿا. (**يه**) جيڪو (**لوڪ تِريم**) تنهي لوڪن ۾ (**اوِشيه**) داخل ٿي ڪري (**بِپرتِي**) سيني جو ڌارڻ پوشڻ ڪري ٿو ۽ (**اوييه**) اويناشي (**اِيشوره**) ايشور يعني پريوئن ۾ سريشٹ مطلب طاقتور پريو آهي.

سمجهاڻي:- گيتا گيان ڏيڻ واري پڳوان صرف ايتروئي ٻُڌايو آهي تہ هي سنسار اُبتو لٽڪيل وڻ وانگر سمجهو، مٿي جَڙُون مطلب پاڙون پورڻ پرماتما سمجهو هيٺ ٽاريون وغيره ٻيا حصا سمجهو، هن سنسار روپي وڻ جي هر هڪ حصي جي الڳ الڳ ڄاڻ جيڪو سنت سمجهي ٿو، اُهو تتوَ درشي سنت آهي. جنهن جي باري ۾گيتاجي اڌياءِ 04 شلوڪ نمبر 34 ۾ چيو آهي ۽ گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ نمبر2-3۾ فقط ايتروئي ٻُڌايو آهي تہ تي گُڻ رُوپي شاخون آهن. هتي ويچار ڪال ۾ مطلب گيتا ۾ توهان کي مان (گيتا گيان ڏيڻ وارو) پوري ڄاڻ نٿو ڏيئي سگهان، ڇاڪاڻ تہ مونکي هن سنسار رچنا جي شروعات ۽ انت جي ڄاڻ نہ آهي. انهي جي لاءِ گيتاجي اڌياءِ 04 شلوڪ نمبر 34 ۾چيو آهي تہ ڪنهن تتوَدرشي سنت کان هن پُورڻ پرماتما جو گيان سمجهو گيتاجي اڌياءِ نمبر 15 شلوڪ نمبر 01 ۾ هُن تتودرشي سنت جي سڃاڻپ ٻُڌائي آهي تہ اُهي سنسار رُوپي اُبتي وڻ جي سيني حصن جو گيان (ڄاڻ) ٻُڌائيندا اُنهي کان پڇو. گيتاجي اڌياءِ 15 جي شلوڪ نمبر 04 ۾ چيو آهي تہ هن تتوَدرشي سنت جي ملي وڃڻ ڪانپوءِ اُنهي پرم پد پرميشور جي ڪوج ڪرڻ گهرجي مطلب هن تتودرشي سنت جي ٻڌايل گيان مطابق ساڌنا (پُوجا) ڪرڻ گهرجي جنهن سان پورڻ موڪش (انادي موڪش) حاصل ٿئي ٿو. گيتا اڌياءِ 15 شلوڪ نمبر 16 ۽ 17 ۾ واضح ڪيو آهي تہ تي پڳوان آهن. 1. شرپُرش (برهم) 2. اڪشر پُرش (پربرهم) ۽ 3. پرم اڪشرپُرش (پُورڻ برهم) شرپُرش ۽ اڪشر پُرش اصل ۾ اويناشي نہ آهن. اُهو اويناشي پرماتما تہ انهن ٻنهي کان علاوه ڪو ٻيو آهي، اُهوئي تنهي لوڪن ۾ داخل ٿي سيني جو ڌارڻ پوشڻ (پالڻ پوشڻ) ڪري ٿو.

مٿئين شريمد پگونت گيتاجي اڌياءِ15 شلوڪ نمبر1 کان 4، 16 ۽ 17 مان ثابت ٿيو آهي. تہ اُبتي لٽڪيل سنسار رُوپي وڻ جي جَڙ مطلب پاڙ تہ پرم اڪشربرهم (پُورڻ برهم) آهي جنهن سان سڃي وڻ جو پالڻ ٿئي ٿو، وڻ جو جيڪو حصو زمين جي مٿان ۽ باهر ڏسڻ ۾ اچي ٿو اُهو ٽُڙ آهي هُن کي اڪشرپرش (پر برهم) سمجهو، اُنهي ٽُڙ جي مٿي هلي وڃڻ تار نڪرن ٿا، اُنهن مان هڪ تار کي شرپُرش (برهم) سمجهو، اُنهي تار مان ٻيون ٽي شاخائون نڪرن ٿيون، اُنهن کي برهما وشنو ۽ شوَ سمجهو. شاخائن کان اڳتي پنن جي شڪل ۾ سنساري مخلوق سمجهو. گيتاجي اڌياءِ 15 شلوڪ نمبر 16 ۽ 17 ۾ واضح آهي تہ شرپُرش (برهم) ۽ اڪشرپُرش (پربرهم) ٻنهي جي لوڪن ۾ جيترا بہ پراڻي (جاندار) آهن اُنهن جا شرير تہ فاني آهن پر جيوَ آتما اويناشي (لافاني) آهي. مطلب تہ ٻئي پريُو ۽ اُنهن جي ماتحت سڀ مخلوق فاني آهن.پلي ئي اڪشرپُرش (پربرهم) کي اويناشي چيو آهي پر اصل ۾ اويناشي پرماتما تہ انهن ٻنهي کان علاوه ڪو ٻيو آهي. جيڪو تنهي لوڪن ۾داخل ٿي سيني جو پالڻ پوشڻ ڪري ٿو. مٿئين ذڪر ۾ ٽن پريوئن جو الڳ الڳ حوالو ڏنو آهي.

"پوجئہ ڪبير پرميشور (ڪبير ديوَ) جي امرت واڻي ۽سرشٽي رچنا"

هينئين امرت واڻي جيڪا سن 1403ع کان (جڏهن پوجئہ ڪبير ديوَ (ڪبير پرميشور) پنهنجي ڪرشمي سان بڻايل شريرَ ۾ پنج سالن جا ٿيا، سن 1518ع (جڏهن ڪبير پرميشور مگهر جي رياست کان جسم ساڻ ست لوڪ ويا) جي وچ يعني اڄ کان اٽڪل 600 سال اڳ ۾ پرم پوجئہ ڪبير پرميشور پنهنجي نجي شيوڪ سنت ڌرمداس جي صاحب کي ٻڌائي هئي ۽ ڌرمداس جي صاحب لکي هئي، پر اُن وقت جي پويتر هندو ڌرم جي نادان گُروئن (نيم حڪيمن) چيو تہ هي ڏاڏڪ (جُلاهو) ڪبير ڪُوڙو آهي، ڪنهن بہ ست گرنٿ ۾ شري برهماجِي شري وشنو جِي ۽ شريِ شِوجِي جي ماءُ پيءُ جا نالا نہ آهن. هي ٽيئي پرپو اويناشي (لافاني) آهن، هنن جي جنم موت نٿي ٿئي نہ ئي پويتر ويدن ۾ ڪبير پرميشور جو ثبوت آهي ۽ نہ ئي پرماتما کي نراڪار لکيو آهي، اسان هرروز پڙهندا آهيون. پوريون آتمائون انهن چَتُر (چالاڪ) گروئن تي اعتبار ڪري ڇڏيو تہ واقعي هي ڪبير ڏاڏڪ تہ اڻ پڙهيل آهي ۽ اسان جا گُرو جيڪي پُڌائي رهيا آهن سا ڪَالھ سچي هوندي. اڄ اُها ئي سچائي روشن ٿي اڳيان اچي رهي آهي ۽ اسان جي سيني پاڪ مذهبن جا پاڪ ڪتاب ضامن آهن. انهي مان واضح آهي تہ پُورڻ پرميشور سرشٽي رچڻهار ڪُل ڪلتار ۽ هرجاءِ حاضر وَ ناظر ڪوير ديوَ (ڪبير پرميشور) ئي آهن، جيڪي ڪاشي (بنارس) ۾ ڪنوَل جي ڳُل تي پرگهٽ ٿيا ۽ 120 سالن تائين اصل تيجوميہ (نُوري) جسم جي مڻان انساني هلڪي روشني وارو شرير بڻائي ۽ پنهنجي رچيل سرشٽي (ناهيل دُنيا) جو نيڪ (حقيقي) تتوَ گيان ڏيئي شرير سميت ست لوڪ هليا ويا. براءَ مهرباني پڙهو هينئين امرت واڻي پرميشور ڪبير صاحب جي اُچاريل.

ڌرم داس يہ جگ بورانا، ڪوئي نہ جاني پد نروانا
يهِي ڪارن مين ڪٹا پسارا، جگ سي ڪهيو رام نيارا
يهِي گيان جگ جيوَ سُنائو، سب جيوَون ڪا پرم نِشائو
اب ۾ تُم سي ڪهُون چِتائي، تِر ديون ڪي اُتپتي پائي
ڪُچھ سنڪشيپ ڪهُون گورائي، سب سنشي تُم ري مٹ جائي
پرم گئي جگ وِيد پُرانا، آدي رام ڪا پيد نہ جانا
رام رام سب جگت بکاني، آدي رام ڪوئي برلا جاني
گيانِي سُني سو هِردي لگائي، مورک سُني سو گميہ نہ پائي
مان اشٹنگِي پِتا نِرنجن، وي جم دارُن ونشن اَنجن
پهلي ڪِين نِرنجن رائِي، پيچي سي مايا اُپجائي
مايا رُوپ ديک اتِي شوپا، ديوَ نِرنجن تن من لوپا
ڪام ديوَ ڌرم راءِ ستائي، ديوِي ڪو ٹُرنت ئي ڏر ڪائي
پيٹ سي ديوِي ڪري پُڪارا، صاحِب ميرا ڪرو اُبارا
ٹير سُني تب هم تهان آئي ، اَشٹنگِي ڪي بنڊ چُڑائي
ست لوڪ ۾ ڪِينان دُراچارِي، ڪال نِرنجن دِينا نِڪارِي
مايا سميت دِيا پگائِي، سولها سنک ڪوس دوُرِي پر آئي.
اَشٹنگِي اور ڪال اب دوئي ، مند ڪرم سي گئي بِگوئِي.
ڌرم راءِ ڪو حِڪمت ڪِينا، نک ريکا سي پگ ڪر لِينا.
ڌرم راءِ ڪِينا پوگ وِلاسا، مايا ڪو رهِي تب آسا.
تين پُتر اَشٹنگِي جائي، برهما وِشنو شِو نام ڌرائي.

تين ديوَ وستار چلاوي ، اِن ۾ ريہ جگ ڏوکا کاوي
پُرش گميہ کيسي کوئي پاوي، کال نِرنجن جگ پرماوي
تين لوک اپٽي ست دِينا، سُن نِرنجن باسا لِينا
الک نِرنجن سُن نِڪانا، بِرهما وشنو شِو پيد نہ جانا
تين ديوَ سو اُن کو ڏياوين، نِرنجن کا وي پار نہ پاوين
الک نِرنجن بڙا بٽپارا، تين لوک جيوَ کِين آهارا
برهما وِشنو شِو نهين بچائي، سکل کائي پُن ڏور اُڙائي
تِن کي ست هين تينون ديوا، آندر (اَندي) جيوَ کرَت هين سيوا
اکال پُرش کاهُو نهين چيِنا ، کال پائي سيئِي گھ لِينا
بِرهم کال سکل جگ جاني،آدي بِرهم کو نہ پهچاني
تينون ديوَ اور اوتارا، تا کو پجي سکل سنسارا
تينون گُڻون کا يہ وستارا، ڏرمداس مئين کهون پُکارا
گُڻ تينون کِي پگتِي ۾، پُول پڑبو سنسار
کهي کبير نِج نام بِنا، کيسي اُتري پار

متي ڏنل امرت واڻي ۾ پرميشور کبير صاحب جي پنهنجي نجي شيوڪ شري ڏرمداس جي صاحب کي چئي رهيا آهن تہ ڏرم داس! هي سڄو سنسار تتوَ گيان جي ڪمي جي ڪري گمراه آهي، ڪنهن کي بہ پُورڻ موڪش مارگ ۽ پُورڻ سرشٽي رچنا جو گيان نہ آهي، انهي ڪري مان توهان کي منهنجي رچيل سرشٽي جي ڪٿا ٻڌايان ٿو، عقلمند انسان تہ جلد ئي سمجهي ويندا پر جيڪي سيني ثبوتن کي ڏسي ڪري بہ نہ مڃيندا تہ اُنهن نادان انسانن تي ڪال جو پورو پورو اثر آهي. اُهي پڳتي جي لائق نہ آهن. هاڻي مان ٻڌايان ٿو تہ ٽيئي گُڻ (برهما، وشنو ۽ مهيش) ڪيئن پيدا ٿيا؟ اِنهن جي ماءُ اشٽنگي (دُرگا) آهي ۽ پيءُ جوتِي نرنجن (ڪال) آهي. پهرين برهم جي پيدائش بيضي مان ٿي. پوءِ دُرگا جي پيدائش ٿي، دُرگا جي رُوپ تي عاشق ٿي ڪال برهم غلطي ڪئي، تڏهن دُرگا (پرڪرتي) هن (ڪال برهم) جي پيٽ ۾ پناهہ ورتي، مان اُتي وبس جتي جوتي نرنجن ڪال هو ۽ پواني کي برهم جي پيٽ مان ڪڍي 21 برهمانڈن سميت 16 سنک ڪوهہ جي فاصلي تي موڪلي ڇڏيو. جوتي نرنجن (ڏرمراءِ) پرڪرتي ديوي (دُرگا) سان پوگ ولاس ڪيو. اُنهن ٻنهي جي پوگ ولاس سان تن گُڻن (رجوگُڻ برهما، ستوگُڻ وشنو ۽ تموگُڻ شِو) جي پيدائش ٿي انهن تنهي گُڻن جي ساڏنا (پڳتي) ڪري سيئي پراڻي (جاندار) ڪال جي جار ۾ قاتل آهن ۽ جيستائين اصلي منتر (نج نام) نہ ملندو تيستائين مڪمل موڪش (راحت) ڪيئن ٿيندو؟

پياري سجنو ويچار ڪريو تہ شري برهماجي شري وشنوجي ۽ شري شِوجي جي استتي (حالت) اوياشي چئي ويئي آهي. سڄو هندو سماج اڄ تائين تنهي پڳوانن (رجوگُڻ برهما، ستوگُڻ وشنو ۽ تموگُڻ شِو) کي اجر امر(هميشه رهڻ وارا) ۽ نہ مرڻ وارا مڃيندا آهن. جڏهن تہ ٽيئي فاني آهن، انهن جو پٽا ڪال رُوپي برهم ۽ ماتا دُرگا (پرڪرتي، اشٽنگي) آهي. جيئن توهان شروع وارن ثبوتن ۾ پڙهيو ساڀيو ئي گيان پنهنجن شاسترن ۾موجود آهي، پر هندو سماج جي ڪليگي گُروئن رشين ۽ سنتن کي گيان (ڄاڻ) نہ آهي. جيڪو معلم/استاد/ گُرو پنهنجي نصاب کان ئي اڻ واقف هجي اهو استاد نيڪ اُستاد نہ آهي، شاگردن جي مستقبل جو دشمن آهي. اهڙي ئي طرح جن گُروئن کي اڄان تائين اها ڄاڻ نہ آهي تہ شري برهما، شري وشنو ۽ شري شو جا ماتا پٽا ڪيرآهن؟ تہ اُهي گُرو رشي ۽ سنت جن لاعلم (اڻ ڄاڻ) آهن. جنهن جي ڪري سڄي پڳت سماج کي شاستر وِرُڌ گيان (مقدس ڪتابن خلاف ڄاڻ) لوڪ ويد مطلب بناوٽي ڳالهيون ٻُڌائي اگيان (انڌڪار) سان پري ڇڏيو آهي. شاستر طريقي جي خلاف پڳتي ساڏنا ڪرائي پرماتما جي سچي

لاءِ کان محروم رکيو ۽ سيني جو انساني جنم تباهہ ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ شريمد پگونت گيتا اڌياءِ نمبر 16 شلوڪ نمبر 23 ۽ 24 ۾ اهوئي ثبوت آهي تہ جيڪو شاسترن جي طريقيڪار کي ڇڏي ڪري من مرضي وارا نمونا ڪري ٿو. اُنکي ڪوبہ لاءِ حاصل نٿو ٿئي. پُورڻ پرماتما ڪبيرديوَ جي سن 1403ع کان ئي سيني شاسترن جو گيان پنهنجي اَمرت واڻي (ڪبير واڻِي) ۾ بڌائڻ شروع ڪيو هو پر اُنهن اگياني گروئن رشين ۽ سنتن اُهو گيان پڳت سماج تائين پهچڻ نہ ڏنو، جيڪو هاڻي ظاهر ٿي رهيو آهي. انهي مان ظاهر آهي تہ ڪبير ديوَ (ڪبير پرڀُو) تتوَدرشي سنت جي رُوپ ۾ خود پرماتما ئي آيا هئا.

"محترم سنت غريب داس صاحِب جي امرت واڻي ۾ سرشٽي رچنا جو ثبوت"

آدي رميٽي (سڌ گرنٿ) صفحو نمبر 690 کان 692 تائين)

آدي رميٽي عدلي سارا، جا دِن هوتي ڏُونڊُون کار	1
ست پُرش کِينا پرکاشا، هم هوتي تخت ڪبير خواسا	2
من موهني سرجي مايا، ست پُرش ايک خيال بٹايا	3
ڏرمراءِ سرجي دربانِي، چوسٹ يُگ تپ سيوا نانِي	4
پُرش پرڻوي جاڪُون دِيني، راج ڪرو ديوا آڏينِي	5
برهمانڈ اڪيس راج تُم دِينا، من کي اِچا سب جُگ لِينا	6
مايا مُول رُوپ ايک چاجا، موهي ليئي جِنهون ڏرم راجا	7
ڏرم کا من چنچل چِت ڏاريا، من مايا کا رُوپ بِچاريا	8
چنچل چيرِي چپل چراگا، يا کي پرسي سر بس جاگا	9
ڏرمراءِ کِيا من کا پاگِي، وشئيہ واسنا سنگ سي جاگِي	10
آدي پُرش عدلي انراگِي، ڏرمراءِ دِيا دِل سي تياگِي	11
پُرش لوڪ سي دِيا ڏهائي، اگم دُئيپ چلي آئي پائي	12
سهج داس جِس دُئيپ رهنتا، ڪارڻ ڪون ڪون ڪُل پنتا	13
ڏرمراءِ بولي دربانِي، سُنو سهج داس برهم گيانِي	14
چوسٹ يُگ هم سيوا ڪِينِي، پُرش پرڻوي هم کو دينِي	15
چنچل رُوپ پيا من بورا، من موهني ڳيا پونرا	16
ست پُرش کي نہ من پائي، پُرش لوڪ سي هم چلي آئي	17
اگر دُئيپ سُنت بڙپاگِي، سهج داس مينو من پاگِي	18
بولي سهج داس دِل دانِي، هم تو چاڪر ست سهدانِي	19
ست پُرش ۾ عرج گُجارون، جب تُمهارا بواڻ اُتارون	20
سهج داس کو ڪِيا پيانا، ست لوڪ لِيئا پروانا	21
ست پُرش صاحِب سربنگِي، اوگت عدلي اچل اپنگِي	22
ڏرمراءِ تُمهارا دربانِي، اگر دُئيپ چلي گئي پرانِي	23
ڪون حُڪم ڪرِي عرج اواجا، ڪهان پنائو اُس ڏرمراجا	24

پيئِي اواج عدلِي ايک سانچا، وِشئيہ لـــوک تِينيئون باچا 25
سمج وِمان چـلي اڏيکائي، چِـن ۾ اگر دُئيپ چل آئي 26
هـــم تو عرج ڪِري انراگِي، تُم وِشئيہ لوڪ جائو بڙِياگِي 27
ڏرمـــراءِ ڪـي چـلـي وِمـانـا، مـانـسـروَر آئـــي پـرانـا 28
مـانـسـروَر رهِـن نـہ پـائـي، دَري ڪـبـيـرا ٽـانـا لائـــي 29
بـنـڪـنـال ڪِـي وِشمِي باٽِـي، تهان ڪبيرا روڪـــي گهاٽِي 30
اِن پانچون مل جگت بـنڌانا، لک چـــوراسِي جيوَ سنتانا 31
بِـرهـمـا وِشٽـو مهـيـشور مايا، ڏرمـــراءِ ڪـا راج پـنـايا 32
يـــو ڪوڪا پُر جهُوٽِي باجِي، پست بيڪُنٺ دگاسِي ساجِي 33
ڪِرترم جِـيـوَ پُـلاني پـائِـي، نِج گهر ڪـي تـــو خبر نہ پائِي 34
سوا لاک اُپجين نِـت هنسا، ايـــک لاک بِـنسين نِت انسا 35
اُتپـتِي ڪپـتِي پـرلئ فـيـري، هـرش شوڪ جـورا جـــم جيرِي 36
پانچون تتوَ هي پرلئ مانهين، ستوگُڻ رجوگُڻ تموگُڻ جهائين 37
آنـون انـگ مـــلـي هـين مايا، پِـنڌ بِـرهـمـنڌ سڪـل پـرمـايـا 38
يا ۾ سُرت شبـد ڪِـي ڊورِي، پِـنڌ بِـرهـمـنڌ لڳِي هـي ڪورِي 39
سواسا پـارس مـن گـيـهہ راکو، ڪـولـو ڪپاٽ اِمِي رس چاکو 40
سُنـائـون هـنـس شبـد سُـن داسا، اگـــم ديـپ اگـم هـي بـاسا 41
پـوسـاگـر جـــم دنـڌ جـمـانـا، ڏرمـــراءِ ڪـا هـــي طـلـبـانـا 42
پـانـچـون اُوپـر پـد ڪـي نـــگـرِي، باٽ بِـهـنـگـم بـانـڪِـي ڊگـرِي 43
هـــمـرا ڏرمـــراءِ سـون داوا، پـــوسـاگـــر ۾ جِـيـوَ پـرمـاوا 44
هم تو ڪهين اگـــم ڪي باني، جهان اويگت عدلِي آپ بِناني 45
بـنـدي چـوڑ هـمـارا نـامـم، اجـر امـر هـئـہ اسـتـر نامـم 46
جُگن جُگن هـــم ڪهتي آئي، جـــم جورا سي هنس چُڻائي 47
جو ڪـوئـي ماني شبـد هـمـارا، پـوسـاگـر نهين پـرمي ڏارا 48
يا ۾ سُرت شبـد ڪا ليکا، تـــن اندر من ڪهو ڪِينهي ديکا 49
داس غـريـب اگـــم ڪِـي بـانِـي، ڪوجو هـنسا شبد سـمـدانِي 50

متئين لکيل امرت جو پاوارٿ آهي تہ آدرٽيہ سنت غريب داس جي صاحب چئي رهيا آهن تہ هتي پهرين صرف انڈڪار (اونداهہ) هُئي ۽ پورڻ پرماتما ڪبير ديوَ جي صاحب ست لوڪ ۾ سنگهاسڻ (تخت) تي براجمان هئا اسان اُتي چاڪر(خدمتگار) هئاسين. پرماتما جوتي نرنجن کي پيدا ڪيو، نرنجن جي تپ جي عيوض هن کي 21 برهمانڈ عطا ڪيا ويا. پوءِ مايا (پرڪرتي) جي پيدائش ڪئي. نوجوان ۽ خوبصورت دُرگا جي رُوپ تي موهت ٿي جوتي نرنجن برهم دُرگا (پرڪرتي/مايا) سان زبردستي ڪرڻ جي غلط ڪوشش ڪئي، برهم جوتي نرنجن کي اُن جي سزا ملي، هن کي ست لوڪ مان ڪڍي چڏيو ۽ شراب (بددعا) لڳو تہ هڪ لک انساني جسم ڏاريل پراڻين جي سوڪشم شرير کي روزانو کائيندين، سوا لک پيدا ڪندين. هتي سيئي پراڻي (جاندار) جنم ۽ موت جو ڏک ڪٽي هلي رهيا آهن، جيڪڏهن ڪوبہ پورڻ پرماتما جو اصل شبد (نج نام جاپ منتر) مون کان حاصل ڪندو تہ اُن کي

ڪال جي قيد مان آزاد ڪرائي ڇڏيندس. منهنجو نالو بندي ڇوڙ آهي. محترم سنت غريب داس جي صاحب پنهنجي گُرو ۽ پِڳوان ڪبير پرماتما جي آڌار تي ڇئي رهيا آهن تہ سچي منتر مطلب ست نام ۽ سار شبد جي پراپتي ڪري ونو، پُورڻ موڪش ٿي ويندو نہ تہ نقلي نام ڏيڻ وارن سنتن مهنتن ۽ گروئن جي منين ڳالهين ۾ ڦاسي، شاسترن جي طريقيڪار جي خلاف ساڌنا ڪري ڪال جي قيد ۾ رهجي ويندا پوءِ تڪليف مٿان تڪليف پوڳٽي پوندي.

غريب داس صاحب جي مهاراج جي واڻي

(ست گرنٿ صاحب صفحو نمبر 690 ڪان)

مايا آدي نرنجن پائي، اپٽي جائي آپي ڪائي.

برهما وشٽو مهيشور چيلا، اوم سوهم ڪا هي ڪيلا.

سِکر سُن ۾ ڏرم انيائي، جِن شڪتِي ڏائِن محل پٺائي.

لاک گِراس نِت اُٺ دُوتِي، مايا آدي تخت کي کُوتي.

سوا لاک گھڑيئِي نِت پاندي، هنسا اُتپتي پرلئ ڏاندي.

يہ تينُون چيلا بـنـپارِي، سرجي پُرشا سرجي نارِي.

کوکا پُر ۾ جِيوَ پُلائي، سوپن، پيهست بيکُنٺ بنائي

يو هرهٽ ڪا ڪُنوان لوئِي، يا گل بنڌيا هي سپ ڪوئي

ڪِيڑي ڪُونجر اور اوتارا، هرهٽ ڏورِي بنڌي ڪئِي بارا

ارب اليل اِندر هي پائي، هرهٽ ڏور بنڌي سب آئي

شيش مهيش گڻيشور تاهِين، هرهٽ ڏورِي بنڌي سپ آهين

شُڪرادِڪ برهمادڪ ديوا، هرهٽ ڏورِي بنڌي سپ ڪيوا

ڪوٽِڪ ڪرتا قِرتا ديکيا، هرهٽ ڏورِي ڪهون سُن ليکا.

چتُر پُجِي پِڳوان ڪهاوين، هرهٽ ڏورِي ، بنڌي سپ آوين

يو هي کوکا پُر ڪا ڪنوان، يا ۾ پڑا سو نِسچيہ مُوا

جوتي نرنجن (ڪال بَلِي) جي وس ٿي اهي ٽيئي ديو (رجوگُڻ برهما، ستوگُڻ وشنو، تموگُڻ شِوجي) پنهنجي مهما/وڏائي ڏيکاري ساهوارن کي سرگ، نرڪ جي يوَساگر (لک چوراسي جوٽين) ۾ پٽڪائيندا رهن ٿا. جوتي نرنجن پنهنجي مايا سان نانگٽي وانگر جاندارن کي پيدا ڪري پرمائي ڇڏي ٿو. جهڙي طرح نانگڻ پنهنجي پُڇ سان آنن جي چوطرف ڪُنڊلي ناهي ٿي، پوءِ اُنهن آنن تي پنهنجو ڦڻ هڻي ٿي جنهن سان آنا ڦاٽي پون ٿا ۽ اُنهن مان بچا نڪري اچن ٿا، اُنهن کي نانگڻ کائي وڃي ٿي. ڦُڻ هٽڻ وقت ڪيترائي آنا ڦٽي پون ٿا، ڇاڪاڻ تہ نانگڻ جاڪيترائي آنا هوندا آهن، جيڪي آنا ڦٽن ٿا اُنهن مان بچا نڪرن ٿا، جيڪڏهن ڪو بچو ڪُنڊلي (نانگڻ جي دُم جي ڳهيري) مان ٻاهر نڪري وڃي ٿو تہ اُهو بچي وڃي ٿو نہ تہ ڪُنڊلي ۾ نانگڻ ڇڏي نٽي.جيترا بچا اُن ڪُنڊلي جي اندر هُجن ٿا اُنهن سيني کي کائي وڃي ٿي.

مايا ڪالي نانگن، اپني جائي کات، ڪُنڊلي ۾ چوڑي نهين، سو باتون کي بات.

اهڙوئي هي ڪال بَلِي جو ڇار آهي، نرنجن تائين جي پِڳٽي پوري سنت کان اُپديش ونڻي ڪندا تہ بہ هن نرنجن جي ڪُنڊلِي (ايڪيہ برهمانڈ) کان ٻاهر نٿا نڪري سگهو. خود برهما، وشنو، مهيش ۽ آدي مايا شيران والي بہ نرنجن جي ڪُنڊلي ۾ آهن. اهي ويچارا اوتار ڌارڻ ڪري اچن ٿا ۽ جنم مرتيو(زندگي ۽ موت) جا چڪر ڪاٽيندا رهن ٿا. انهي ڪري ويچار ڪريو تہ سوهم جاپ جيڪو ڏرُو، پرهلاد ۽ سُڪديو رشي بہ جپيو، پر اُهي بہ پارنہ ٽيا ڇاڪاڻ تہ شري وشنو پُراڻ جي پهرئين انش جي اڌياءِ نمبر 12 منتر

نمبر 93 صفحو نمبر51 تي لکيل آهي تہ ڏُرو صرف هڪ ڪلپ مطلب هزار چتَريُگن تائين ئي مڪت آهي، انهي ڪري ڪال لوڪ ۾ ئي رهيو. " اوم نمهہ پگوتي واسو ديواءَ " منتر جاپ ڪرڻ وارا پڄت بہ شري ڪرشن تائين جي پڄتي ڪري رهيا آهن. اُهي بہ چوراسي لک جوٽين جا چڪر ڪاٽڻ کان بچي نٿا سگهن. پرم پوجئہ ڪبير صاحب ۽ سنت غريب داس صاحب جون واٽيون چنو ۽ صاف ثبوت ڏين ٿيون.

اننت ڪوٽي اوتار هين، مايا کي گووند
ڪرتا هو هو اُوتري، بهر پڑي جگ فند

ست پرش ڪبير صاحب جي ئي پڄتي سان جِيوَ (آتما/روح) مُڪت ٿي سگهي ٿو. جيستائين جِيوَ ست لوڪ ۾ واپس هليو نہ ويندو تيستائين ڪال جي لوڪ ۾ اهڙي ئي نموني ڪرم ڪندو رهندو ۽ ڪيل نام دان ۽ ڏرم جي ڪمائي سرگ رُوپي هوٽل ۾ ختم ڪري واپس ڪرم ڪرڻ جي لاءِ چوراسي لک قسم جي جوٽين جي شرير ۾تڪليف پوڄڻ واري ڪال لوڪ ۾ چڪر ڪاٽيندو رهندو. مايا دُرگا مان پيدا ٿي ڪروڑين گووند (برهما وشنو ۽ مهيش) مري چُڪا آهن. پڄوان جا اوتار ٻڌجي آيا هئا پوءِ ڪرم بندڻ ۾ ٻڌجي ڪرمن کي پوڄي چوراسي لک جوٽين ۾ هليا ويا، جيئن پڄوان وشنو جي کي ديورَشي نارد جو سراپ لڳو تڏهن وشنو پڄوان ايوڌيا ۾ شري رامچندر رُوپ ۾ جنم ونڌي آيا، وري شري رامچندر جي رُوپ ۾ بالي کي ماريو، انهي ڪرم ڏنڊ کي پوڄڻ جي لاءِ شري ڪرشن جي جو جنم ٿيو. وري بالي واري آتما شڪاري ٻڌجي پنهنجو بدلو ورتو، شري ڪرشن جي کي پير ۾ زهر سان پريل تير هڻي ماري ڇڏيائين. غريب داس جي مهاراج پنهنجي واٽي ۾ چون ٿا تہ:

برهما وِشٹو مهيشور مايا، اور ڏرمراءِ ڪهيئي.
اِن پانچون مِل پرپنچ ٻڌايا واٽي همرِي لهيئي
اِن پانچون مِل جِيوَ انڪائي، جُگن جُگن هم آن چُڻائي
بندِي چوڑ همارا نامہ، اجر امر هي استِر نامہ
ڏرمراءِ ڪِي ڈُوما ڈامي، جم پر جنگ چلائون.
جورا ڪو تو جان نہ ڈُونگا، بانڌ ڪر ادل گهر ليائون.
ڪال اڪال دوئون ڪو موسون، مها ڪال سِر مُونڈيون.
مَين تو تخت هجُورِي حُڪمِي، چور ڪوج ڪُون ڈُونڈيون.
مُولا مايا مگ ۾ بيٹِي، هنسا چُن چُن کائي.
جوتِ سرُوپِي پيا نِرنجن، مئين هي ڪرتا پائِي.
سنهس اناسِي ديپ مُنيشوَر، بنڌي مُولا ڈوري.
ايتيان ۾ جم ڪا طلبانا، چليئي پُرش ڪشوري.
مُولا ڪا تو ماٹا داغون، ست ڪِي مهر ڪرونگا.
پُرش ديپ ڪون هنس چلائون، درا نہ روڪن ڈُونگا.
هم تو بندي چوڑ ڪهاوان ، ڏرمراءِ هي چڪوي.
ست لوڪ ڪي سڪل سُناوان، واٽِي همري لکوي.
نو لک پٹن اوپر ڪيلون، ساهدري ڪون روڪُون .
ڈُوادس ڪوٽِي ڪٹڪ سيپ ڪاٽون، هنس پِنائون موڪُون

ڪال لوڪ ۾ جنم مرڻ روپي ارھٽ (چڪر)

چودهہ ٻوَن گمن هي ميرا، جل ٿل ۾ سربنگِي.

خالق خلق خلق ۾خالق، اويگت اچل اپنگِي .

اگر اليل چڪر هي ميرا، جِت سي هم چل آئي.

پانچون پر پروانا ميرا، بنڌ ڇُٽاون ڏائي

جهان اومڪار نرنجن ناهين، برهما وِشٽو وير نهين جاهِين.

جـهان ڪرتا نهين جان پگوانا، ڪايا مايا پِنڊ نهِين پِراڻا.

پانچ تتوَ تينون گڻ ناهِين، جورا ڪال ديپ نهين جاهين.

امر ڪرُون ست لوڪ پنائون، تاتي بنڌي ڇوڙ ڪهائون.

مان نوڪري تان شام جو اٽڪل 7 بجي گهر ايندو هئس. ڪيترائي دفعا گهٽو شراب پيئي وڃڻ ڪري گهر پهچندي رات جا 9 يا 10 ٽي ويندا هئا. شراب ۾ ڏُت ٽي هيڏانهن هوڏانهن لڙکڙائيندو گهر ۾ داخل ٿيندو هئس، ايندي ئي پتني ۽ ٻارن کي مارڪُٽ شروع ڪري ڏيندو هئس، جنهنڪري گهر ۾ روزانو قهر متل رهندو هو. جن ٻارن کي پيار سان پنهنجي ڇاتي سان لڳائڻ کپي اُهي معصوم مونکي ڏسي ڪٽن هينيان لکي ويندا هئا. ٻارڙا پنهنجي پيءُ جي گهر اچڻ جي راهہ نهارندا آهن تہ پاپا جي ايندا ۽ اسانجي کائڻ لاءِ شيون آڻيندا پر آءُ کائڻ جي شين جي بجاءِ شراب ۾ مست ٽي اکيون ڳاڙهيون ڪري اُنهن کي مارڻ ۾ لڳي ويندو هئس.

ٻئي طرف منهنجي ڏرم پتني سُميترا ديوي پنهنجي عذاب بڻيل زندگي سان گڏ خطرناڪ بيماري ۾ مبتلا ٿي پساهہ پورا ڪري رهي هئي ان جا ٻئي گڙدا ختم ٿي چڪا هئا ڊاڪٽرن چئي ڇڏيو هو تہ دوا کارائيندا رهو پر زندگي ڇهہ مهينن کان وڌيڪ نٿي رهي سگهي. سڄي انڊيا ميڊيڪل ۽ ڊاڪٽر رام منوهر لوهيا هاسپيٽل دِلي کان اها رپورٽ ملي تہ گُڙدا خراب ٿي ڇُڪا آهن هي ڇهہ مهينن کان وڌيڪ زندهہ نٿي رهي سگهي ۽ گڏوگڏ دوا ٻہ آخري پساهہ تائين کائيندي رهڻ گهرجي، اُنهن معصوم ٻارڙن جو ڪهڙو حال ٿيندو جنهن جو پيءُ شراب پيئندو هُجي ۽ ماءُ موت جي سيج تي هُجي. جڏهن ڪجهہ ڪم ٻہ ڪري پئي سگهي تڏهن ٻارڙن کي خبر پئي تہ سندس ماءُ ٻہ ڇهہ مهينن کان وڌيڪ زندهہ نہ رهندي تہ ٻارڙن جون اکيون لڙڪ روڪي نہ سگهيون، هڪ تہ پتاجي شرابي ۽ ٻيو تہ ماءُ ٻہ موذي مرض ۾ مبتلا تہ پوءِ اسانجو چا ٿيندو؟ ٽي چوڪريون ۽ ٽي چوڪرا پنهنجي امڙ وٽ ليٽي

زور زور سان روئندي ۽ داهيندي چوڻ لڳا تہ اي پڳوان! اسان سيني کي ئي امان سان گڏ پاڻ وٽ گُهرائي ونجان، هتي ڪنهن جي سهاري رهنداسين.

پرماتما اُنهن هارڻن جي پڪار ٻُڌي ۽ اسان جا شُبہ ڪرم اُجاگر ٿيا اسان جي پاڙي ۾ پڳٽ متي نهالي ديوي پنهنجي گروديوَ سنت رامپال جي مهاراج جي اجازت سان 30،31 ڊسمبر ۽ پهرين جنوري 1997ع تي تن ڏينهن جو ستگرو غريب داس جي مهاراج جي امرت واڻي جو اکنڊ پاٺ پنهنجي گهر رکرايو. جنهن ۾ سنت رامپال جي مهاراج 31 ڊسمبر جي رات جو 9 کان 11 بجي تائين ستسنگ ڪيو. منهنجي پتني سُميترادیوي به پاڙي ۾ ستسنگ هئڻ ڪري ٻڌڻ لاءِ هلي ويئي. ٿوري ديربعد آئون (جگديش) پڻ پنهنجي نوڪري تان واپس گهر اچي ويو هئس، گهر اچڻ تي هارڻن کان معلوم ٿيو تہ سندن ماءُ پاڙي ۾ مائي نهالي ديوي جي گهر ستسنگ ٻڌڻ ويئي آهي. اهو ٻڌي آئون بيحد غصي ۾ اچي ويس ۽ مون چيو تہ ڪٿي پاکنڊين وٽ هلي ويئي آهي. آءُ هينئرئي هُن کي ڪُٽيندي گهر ٽو وٺي اچان. اهو ويچار ڪٽي آءُ پڳٽ متِي نهالِي ديوي جي گهر طرف روانو ٿيس. منهنجو شراب پيتل هو. جڏهن نهالي مائي جي گهر پُهتس تہ سنت رامپال داس جي مهاراج ستسنگ ڪري رهيا هئا. تمام گهٽي تعداد ۾ پڳٽ جن ستسنگ ٻڌي رهيا هئا. اُنهن سيني کي ڏسي مون به ڪجھ ڪونہ ڪيو ۽ چُپ چاپ سيني جي پويان ويهي ستسنگ ٻڌڻ لڳس ستسنگ ۾ مهاراج جي ٻُڌايو تہ:-

غريبداس؛ شـــــراب پـيـوي ڪـڙوا پـانِي، سـتـر جـنـم سُوان (ڪُـتـي) ڪـي جـانـي
غريبداس؛ سو نارِي جاري ڪري، سُراپان سو بار، ايک چُلم حقہ پري، ڊوبي ڪالي ڌار
ڪبير؛ مانش جنم پائي ڪر، جو نهين رٽي هرِي نام
جـيـسـي ڪُـنوان جل بنا، بـنـوايا ڪِـس ڪام

مهاراج جي ستسنگ ۾ ٻڌايو تہ جن هارن کي، پتا کي چاتي سان لڳائڻ گهرجي هن شرابي انسان کي ڏسي هار ڪٽن هيٺ لڪي ويندا آهن. شرابي انسان خود به پريشان، گهروارا به پريشان ۽ دولت جو به نقصان، سماج ۾ عزت ختم ۽ ڪٽنب، پاڙي ۽ رشتيدارن تائين سيني کي پريشان ڪري بد دعا حاصل ڪندو آهي. جيئن تہ شرابي جي گهر واري ۽ هار تہ قهر جا شڪار ٿيندائي آهن. پر گهروارِي جا ماتا پتا پينرون، پائر وغيره پڻ ڏينهن رات پريشان رهندا آهن. سيني پاپن جو بوجھ ان نادان شرابي تي ايندو آهي. مانش جنم پريو پڳٽي ڪري آتم ڪلياڻ ڪرڻ لاءِ ڏنو آهي اُن کي شراب وغيره ۾ برباد نہ ڪرڻ گهرجي. جيئن جيڪي هار اسڪول ۾ تعليم نٽا پرائين ۽ آواره گُهمندا آهن اُهي تعليم کان محروم رهندا آهن، سڄي زندگي مزدوري ڪري زندگي گذاريندا آهن، پوءِ اُنهن کي ياد ايندي آهي تہ جيڪڏهن آءُ آواره گردي نہ ڪريان ها تہ اڄ پنهنجن ٻين هم ڪلاسين وانگر وڏو آفيسر هجان ها. پر هاڻي چا ٿئي؟ اهو تہ اُن وقت سوچڻو هو.

ڪبير صاحب چون ٿا:-

آچي دِن پاچي گئي، گـرو سي ڪـيـا نـہ هـيـت
اب پچتاوا ڪيا ڪري، جب چڙيا چُگ گئين کيت

اهڙي طرح جيڪڏهن منش جنم ۾ جيڪو انسان پڳٽي نٽو ڪري اُهو جانورن، پکين جي جوٽين کي پراپت ڪندو آهي. جيڪو انسان شراب پيئندو آهي. اُهو شراب جي نشي ۾ ڪاڏي جي پريل ٽالهي کي لت هڻندو آهي. پڳٽي نہ ڪرڻ سان طرح طرح جي جانورن ۽ پکين جي جوٽين ۾ تڪليفون پوڳيندو آهي. ڪڏهن هو ڪُتي جي جوڙي اختيار ڪندو آهي ۽ ڪتو سڄي رات سردين ۾ بہ گهٽين ۾ ئي رهندو آهي سردين ۽ برسات جي راتين ۾ تمام گهٽيون تڪليفون پوڳي ٿو صبح جو بُک ستائيندي آهي. ڪنهن گهر جي بورچي خاني ۾ گُهسڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ گهر وارا ڏنڊا هڻندا آهن، ڪتو ڪافي دير رڙيون ڪندو رهندو آهي، ٻئي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي تہ اُتي بہ ڪهڙي خبر روٽي ملندي يا سوٽِي. جيڪڏهن اُتي بہ ڏنڊو نصيب ۾ هوندو تہ اُهو شرابي

جيڪو هاڻي ڪتو ٿيو آهي ڳوٺ کان ٻاهر وڃي ٿو ٻُک ستائڻ جي ڪري انسانن جو گند کائيندو آهي. جيڪڏهن اُهو نادان انسان جڏهن منُش شريرِ ۾ هو تڏهن ستسنگ ۾ اچي ها. سنا خيال ٻڌي ها برائي ڇڏي پنهنجو آتم ڪلياڻ ڪرائي ها ٻارن کي بهترين سکيا ڏيئي ها ۽ پرپو جي دڪشا پراپت ڪري ها تہ سدا سکيو رهي ها. شراب جو نشو ڪجهہ وقت رهندو آهي پر پرماتما جي نام پجن ۾ مليل سُک جو آنند سدائين گڏ رهندو آهي.

مٿي بيان ڪيل ستسنگ ستگرو سنت رامپال جي مهاراج جو ٻڌي منهنجي شراب جو نشو لهي ويو، اکين مان لڙڪ لار ڪري وهڻ لڳا، گهر آيس ننڊ نہ پئي آئي. پهرين جنوريِ 1997ع تي ٻنپهرن جو ڏيڍ بجي پنهنجي پتني کي گڏ ونڻي سنت ستگرو رامپال جي مهاراج وٽ ويس. سنت کان آتم ڪلياڻ واسطي اُپديش پراپت ڪيو، ان کانپوءِ اڄ 2005ع تائين شراب تماکو ۽ گوشت کي هٿ بہ نہ لڳايو آهي. منهنجي پتني بہ سنت ستگرو رامپال جي مهاراج جي کان نام اُپديش ورتو اُن ڏينهن کان بلڪل نيڪ آهي. ڊاڪٽرن جي علاج ۽ بيماري جا ايڪسري وغيره جون رپورٽون اڄ بہ اسان جي گهر پيل آهن ۽ سيني کي ڏيکاريندا بہ آهيون.

منهنجو توهان سيني پيڪٽن کي عرض آهي تہ توهان بہ پرپو جي چرڻن ۾ اچو. سنت رُوپ ۾ آيل پرميشور جو پيغام ونڻي ايندڙ سنت رامپال جي مهاراج کي سچاڻو ۽ مفت ۾ نام اُپديش پراپت ڪري ڪرپيا پنهنجو ڪلياڻ ڪرايو.

ست صاحب

جئہ بندي ڇوڙ ڪي.

(پيڪٽ جڳديش)

"پُوتن ۽ بيمارين جي پيڙهيل خاندان کي آباد ڪرڻ"

پيڪٽ متي اُپليش ديوي پتني شري رامپهر پُٽ شري مانگيرام ڳوٺ، مرچ، تعلقو چرخي دادري ضلعو پواني (هرياڻا)

آءٔ اُپليش ديوي پنهنجي ڏکي جيون جي هڪ جهلڪ توهانکي ٻڌائي رهي آهيان. آءٔ ۽ منهنجا ٻار (راهول ۽ جوتي) گذريل وقت جا برا حالات ياد ڪري گهبرائجي ويندا آهيون. جنهن کي بيان ڪرڻ وقت ڪليجو منهن ۾ اچي ويندو آهي.

6ڊسمبر 1995ع جي رات ۾ بدمعاشن منهنجي پتي کي ڊيوٽي جي دوران ماري ڇڏيو هو. پر اُن پورڻ پرماتما (ڪبير صاحب) اسان جو ڏيان رکيو ۽ منهنجي پتي کي جيون دان ڏنو ۽ اڄ اسان جي پوري پريوار سميت بندي ڇوڙ سنت ستگرو رامپال جي مهاراج جي ديا سان پورڻ پرماتما جي چرڻن ۾ جڳهہ ملي ويئي آهي، اسان جي پريوار ۾ منهنجي پتي کي صاف ڪپڑا پهرڻ بعد ڪجهہ ئي دير کان پوءِ رت سان ڪپڑا رنگجي ويندا هئا ۽ ٻارن کي بہ کنگهہ دوران بلغم سان گڏ رت ايندو هو. آءٔ بہ هڪ سال کان دل جي مرض ۾ مبتلا ٿي چڪي هئس. جنهن جون سال کان دوائون کائي رهي هئس. منهنجو خاوند دلي پوليس ۾ آهي منهنجي سڄي جسم تي قت قوڙا ٿي ويندا هئا. گهر ۾ پريشانين سبب منهنجي مڙس رامپهر جو دماغي توازن بہ بگڙي چڪو هو.

اسان اُنهن پريشانين کان چوتڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ سن 1995ع کان جولاءِ 2000ع تائين هڪ ڏزن کان بہ وڌيڪ لوپي، لالچي ۽ لنگڙن گروئن جا دروازا کڙکايا ۽ ٻارت ديش ۾ تيرٿ استانن جهڙوڪ گنگا جمنا هري دئار، جوالاجِي، چامونڈا، چنت پُورٽي، نگرڪوٽ، بالاجِي، مهندِي پُور، گُڙگائون واري مائي ۽ گورک ٽِيلا راجستان وارين سيني جڳهين تي ٻارن سان گڏ ڪافي چڪر لڳائيندا رهياسين. پر اسانکي ڪابہ راحت نہ ملي.

اهڙي طرح اسانجي پريوار جي حالت ايستائين پهچي چڪي هئي جو اسان هولي ۽ ڏياري بہ ڪنهن درگاهن ۾ ويهي گذارڻ لڳاسين. اسان وڏا خوش نصيب آهيون اسانکي سنت رامپال جي مهاراج ذريعي پرم پوجئہ ڪبير پرميشور جي شرڻ ملي ويئي. هاڻي ڪيڏانهن ويا اُهي ڪال جا دُوت ۽ اُهي اسانجون بيماريون جن جو علاج سڄي انڊيا ميڊيڪل سينٽر (AIMS) دِلي ۾ هلي رهيو هو. اُهو ستگروجي چرڻن جي ڏوڙ اگيان تکي کونہ سگهيا.

25فيبروري2001ع ۾ ڪال جي پوجا ڪندڙ هڪ ڏاهي فون ڪري پڇيو تہ اپليش تنهنجو نالو آهي؟ مون چيو تہ جي ها، توهان ٻہ پنهنجو نالو ٻڌايو؟ تڏهن اُهو سياڻو چوڻ لڳو تہ هي بلوان ڪير آهي؟ توهانجو چا لڳندو آهي؟ مون پڇيو تون ڪير آهين؟ تنهنجو نالو چا آهي ۽ اهو سڀ چا جي لاءِ پڇڻ ٿو چاهين؟ تڏهن اُهو سياڻو چوڻ لڳو تہ ڏي تون منهنجو نالو نہ پُڇ، آءٌ ٻڌائڻ ڪونہ ٿو چاهيان. آءٌ هانسي شهر کان ڳالهائي رهيو آهيان. هي بلوان ۽ اُن سان گڏ هڪ ٻيو ماڻهو آيا ۽ ٻئي مونکي 3700 سئو رُوپيا توتي پڙهائي ڪرڻ لاءِ ڏيئي ويا هئا. مون تنهنجو فون نمبر پڻ بلوان کان ورتو هو، جو آءٌ پُڇندس تہ اُن جي بيعزتي ٿي يا نہ. مون اهڙو بد ڪم رات ۾ ڪيو. جيئن آءٌ سمهڻ لڳس تہ مونکي سفيد ڪپڙن ۾ جنهن گروجي تون پوجا ڪندي آهين اُهو نظر آيو، جنهن مونکي چئي ڇڏيو هن جو انجام تون خود پوڳيندين هي پربوار سرو شڪتيمان سڀ ڊک دور ڪندڙ پرم پوجئہ ڪبير پرميشور جي شرڻ ۾ آهي. تنهنجي ڪهڙي اوقات آهي؟ هتي جو ڏرمراج ٻہ هاڻي هن پربوار جو ڪجهہ ٻہ نٿو بگاڙي سگهي.

غريب، جم جورا جاسي ڊري، ميٺين ڪرم ڪي ليک
عـدلي عدل ڪبير هي، ڪُل ڪي ستگرو ايک

پرم پوجئہ ڪبير پرميشور کان جم (ڪال ۽ ڪال جا دُوت) ۽ موت ٻہ ڊڄن ٿا. هو پورڻ پرپو پاپ ڪرم جي ڏنڊ جي ليک کي ٻہ سماپت ڪري ڇڏيندو آهي. ان ڪانپوءَ انهي سياڻي چيو تہ ڏيءِ آءٌ تو کي اهو ٻڌائي ڇڏيان تہ تون جنهن پرميشور ديو جي پوجا ڪندي آهين. اُهو بيحد طاقتور آهي، آءٌ 25 سال کان "ڪارڻ ڪرڻ" جو اهو ڪم ڪري رهيو آهيان نہ ڄاڻان ڪيترائي پربوار اُجاڙي چُڪو آهيان پر اڄ پهريون دفعو هار کاڌي آهي، ڏِي انهي شڪتي کي متان ڇڏجان نہ تہ مار کائي ويندين تنهنجي بربادي ۽ خاتمي لاءِ بلوان وغيره گهمي رهيا آهن. مون چيو تہ اسان پورڻ پرماتما جي پوجا ڪندا آهيون. بلوان منهنجي پتي جو وڏو ڀاءُ آهي. اسانجو جاني دشمن بڻيل آهي. اڄ اسان ايترو خوش نصيب آهيون جو اسانجي دل ۾ ڪنهن ڪم يا شيءِ جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي تہ اُن کي ستگرو ديوَ ست ڪبير صاحب جي پورو ڪري ڇڏيندا آهن.

گُـرو گـووِنـد دونُـون ڪـڑي، هـم ڪِـس ڪـي لاگـون پـائـي
بلهاري ستگرو رامپال جي ڪي چرنون ۾، جِن پرميشور دِيا مِلائي

اي پائرو ۽ پينرو! اسان پورو پربوار گڏجي توهان کي اهو مشورو ڏيون ٿا تہ جيڪڏهن توهانکي ست لوڪ جو مارگ پورڻ موڪش ۽ سيئي سڪ حاصل ڪرڻا آهن ۽ سنساري ڏکن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو آهي تہ بندي ڇوڙ سنت ستگرو رامپال جي مهاراج کان ست نام پراپت ڪري ونجو ۽ پنهنجو انمول منش جنم سڦل ڪري ونجو

(ست صاحب)

(پڳت متي اُپليش ديوي)

"پڳت ستيش جي آتم ڪٿا"

آءٌ پڳت ستيش داس193 سيڪٽر7 آر. ڪي پورم نئي دِلي جو رهندڙ آهيان مٽيون ستون منهنجي جيون ۾ يادگار هوندیون آهن. ڇو تہ ستگرو بندي ڇوڙ رامپال جي مهاراج جو ستسنگ پريتم پوار دِلي ۾ دسمبر 1997ع ۾ ٽيو تہ اسان پنهنجي هڪ دوست جي چوٽ تي ستسنگ ٻڌڻ وياسين. پر پراڻي ريت ۽ رواج واريون پوجائون ڇڏڻ جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد منهنجي دل ستسنگ ۾ ڪونہ لڳي. ستگروجي شاستر پڙهي ڪري سمجهائي رهيا هئا تہ منهنجي من ۾ آيو تہ ڪتابن کي اسان گهر ۾ ويهي پڙهي ونڊاسين، اهڙي طرح جوتي نرنجن (ڪال) منهنجي ٻڌي ناس ڪري ڇڏي ۽ منهنجي پڳتي وارو چينل بند ڪري ڇڏيو. ستگرو اسان کي سمجهائين ٿا تہ:

گرو بِن ڪنهين نہ پايا گيان، جيون ٽوٽا بيچ چڑي مونڊ ڪِسانا
گـرو بِن پـرم نہ چوٽي پـائي، ڪوٽِـي اپائي ڪرو چٽُـرائي

اهڙي طرح اسان جي ٻڌي ناس ٿي وڃڻ کري اسان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون کندا واپس گهر اچي وياسين. سنہ 1999ع ۾ منهنجي پتني شريمتي منجُو کي دماغي کينسر (برين ٽيومر) ٿي ويئي. جنهن جي خبر اسانکي صفدر جنگ اسپتال ۾ ڏيکارڻ ۽ علاج وقت ٿي، اُن کانپوءِ مون اُن کي پنت اسپتال ۽ A.I.M.S نئي دِلي ۽ اپُولو اسپتال نئي دِلي ۾ بہ ڊاڪٽرن کي ڏيکاري. سيني هنڊ سيني ڊاڪٽرن جلدئي آپريشن جو مشورو ڏيندي چيو تہ آپريشن جي دوران اُن جي هک هٿ ۾ پيرالائسز ٿي سگهي ٿو. اپُولو اسپتال جي ڊاڪٽر تہ رپورٽ ڏسندي ئي ايستائين چئي چڏيو تہ هن جون ٻئي اکيون اجان تائين نيڪ کيئن آهن؟ بروقت آئي اسپيشلسٽ کان ٽيسٽ کرائڻ جو چيو، مون بہ بروقت ٽيسٽ کرائي تہ اکين جي ماهر ۽ دماغ جي ماهر صلاح ڏني تہ هر 15 ڏينهن بعد هن جي اکين جي جانچ کرائيندا رهجو، ڪڏهن بہ ختم ٿي سگهن ٽيون، چاکاڻ تہ برين ٽيومر اهڙي جگهہ تي آهي، منهنجي زال ۽ آءُ ٻئي ڇٽا پيرن کان اڳيئي معذور آهيون ۽ مٽان وري هٿن ۽ اکين جي ختم ٿي وڃڻ جو ٻڌي ساهہ مٽي جو مٽي ۽ هيڻ جو هيڻ ئي رهجي ويو. پر کوبہ چارو نہ ڏسي، مون پنت اسپتال نئي دلي ۾ آپريشن کرائڻ جو سوچيو ۽ ڊاڪٽر جي چوڻ مطابق INMAS اسپتال تمارپور دلي کان MIR ۽ ٻيون سيئي ٽيسٽون کرائي ورتيون. صرف آپريشن جي تاريخ ونڊي هُئي. اسان کي پورڻ پرماتما تتودرشي سنت ستگرو رامپال جي مهاراج جي اڳ ٻڌل ستسنگ جو اهي ستون ياد آيون:-

جن مِلتي سُک اُپجي، مِٹين کوٹي اُپاده

پون چتُر دس ڈونڈيو، پرم سنيهي ساده

۽ اسانجو ڀڳتي چينل پرميشور آن کري چڏيو ۽ من ۾ خيال اٽيو تہ آپريشن کان پهرين نام اُپديش ونې تا ڏسون، پنهنجي دوست سان گڏجي پربتم پُورا دِلي ۾ وڃي 4 فيبروري 2001ع تي پورڻ پرماتما تتودرشي سنت رامپال جي مهاراج کان نام دان ورتو. اڳ واريون سيئي پوجائون چڏي ڏنيون. ستگرو ديوَ جي اکنڊ پاٺ کرائڻ جي صلاح ڏيندي چيو تہ پرماتما چاهيو تہ آپريش ٿري ويندو ۽ سڀ ڪجهہ نيڪ ٿي ويندو. اسان ستگرو جي آگيا مطابق گهر ۾ تن ڏينهن جو اکنڊ پاٺ کرايو ۽ اُن کانپوءِ آپريشن جي تاريخ ونڊ لاءِ ڊاڪٽر وٽ پنت اسپتال نئي دلي وياسين. جيڪو ڊاڪٽر پهرين آپريشن جي صلاح ڏيئي رهيو هو. اُهوئي ڊاڪٽر بي MIR ڏسي چوڻ لڳو تہ هاڻي آپريشن جي کابہ ضرورت ناهي، تڏهن ستگرو جي واڻي ياد آئي تہ:

ستگرو داتا هين کل مانهين، ٻِراڻ اُڌارڻ اُتري سائين

ستگرو داتا دين دياله، جَم کنکر کي توڙي جالم

۽ اسان ستگرو کي ياد کري زارو زار روئڻ لڳاسين تہ اي پرميشور! اسان توهان جي مهما جي کهڻن لفظن ۾ بيان کريون، اهڙي طرح پورڻ پرميشور کبير صاحب جي اوتار تتودرشي سنت رامپال جي مهاراج جي کرپا سان اسانجو آپريشن ٿري ويو ۽ اُن کانپوءِ اسان هک پئسي جي بہ گوري دواءَ وغير نہ کاڌي آهي سکن واري زندگي جيئي رهيا آهيون.

20 نومبر2004ع جي رات جو کال جي جهپٽي جي کري منهنجي زال لاش جي طرح ٿي ويئي هئي. پرميشور جو امرت پيارڻ بعد هوش آيو پوءِ ان کي ستگرو وٽ ونې وياسين. ستگرو ٻڌايو اڄ هن جي موت ٽيٽي هئي پر کبير پرميشور اُن جي عمر وڌائي چڏي آهي ۽ هاڻي هن کي ڀڳتي کرڻي آهي.

وري 22 نومبر 2004ع تي منهنجي زال کي سونيپت ستسنگ ۾ ئي پيرالائسز جو اٽيڪ ٽيو، جنهن کري ان جي هٿ جي طاقت ختم ٽيڻ لڳي تہ اُن وقت ستگرو جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ نظر اچڻ لڳو ۽ اٽڪل 5 منٽن تائين ڏسڻ ۾ ايندو رهيو. پيرالائسز جو اثر ختم ٿي ويو تہ ستگرو جو هٿ نظر کان غائب ٿي ويو ۽ اڄ ڏينهن تائين هو بلڪل نيڪ آهي.

ستگرو ديو تتودرشي سنت رامپال جي مهاراج جيڪي کبير صاحب جا اوتار آيل آهن. اسانکي سڌ کري ڏنو تہ:-

غريب: جم جورا جا سي دري، مـٹي کرم کي انک

كاغذ كيري درگهه دئي، چوڏه كوتي نه چمپ

(ست صاحب جئه بندِي چوڙكي)

پڱت ستيش مهرا

RLF_907_17راج نگرII پالم كالوني

نئي دِلي، موبائيل نمبر: 09718184704

"پڱت رام سوَروُپ داس جي آتم كتا"

"بندي چوڙ كبير پرميشور صاحب كِي جئه"

آءُ پڱت رام سوروپ پُت منگت رام، گوٺ بڙولي ضلعي امبالا جو رهندڙ آهيان. مون تيرهين سالن كان ڏن ڏن ستگرو كان نام وٺي ركيو هو. چهه سال اڳ منهنجن هٿن پيرن كم كرڻ ڇڏي ڏنو هو، چيلهه كان هيٺ منهنجو سڄو ڏڙ سُن ٿي چكو هو. منهنجا ٻئي پٽ مونكي امبالا سركاري اسپتال ۾ وٺي ويا پوءِ پرائيوٽ ڊاكٽرن كي به ڏيكاريو. اُن كانپوءِ مونكي بن سالن تائين هيڏانهن هوڏانهن علاج لاءِ وٺي وڃڻ بعد P.G.I اسپتال چندي گڙهه به وٺي ويا. اُتي هك سال ۾ منهنجون به ٽيستون كيون ويون چوته جنهن مشين سان منهنجي ٽيست ٽيندي هئي اُن ۾ منهنجو نمبر هك مهيني بعد ايندو هو جنهن جي في 6 هزار روپيه هئي. اُتي منهنجي ٻئي دفعا ٽيستن ۾ بيماري جي كارڊ جي خبر كونه پئي ته به دفعا منهنجي سر جو آپريشن كرڻ جو چيو ويو. جنهن ۾ منهنجي جان جو خطرو ٻُڌايو ۽ چيوته مُكمل نيك ٽيڊ جي كابه گارنٽي كانهي. ان كانپوءِ گهر وارا مونكي بابا رامديو جي يوگ آشرم ۾ به وٺي ويا. اُتي منهنجو چند ڏينهن علاج جاري رهيو. پر كوبه آرام نه ملڻ كري مونكي گهر وٺي آيا پوءِ مونكي جهاڙ ڦونك كندڙن وٽ پنجاب ۽ هريانا وغيره هنڌن تي وٺي ويا اُتي به مونكي كوبه آرام كونه ٽيو. مون سوچي ورتو ته هاڻي زندگي ئي ٽورڻن ڏينهن جي آهي. جڏهن آءُ سيني طرفن كان ناكام ۽ مايوس ٿي ويس ته مونكي منهنجي چوكري جنهن جي شادي شاهپور (امبالا) ٿي هئي ان مونكي اُتي گهرايو. منهنجي جمائي (نياڻي جي پتِي) سنجو ككو پڱت جي باري ۾ ٻُڌايو جيكو 15 آگست 2008ع تي مونكي بروالا آشرم ۾ بندي چوڙ سنت ستگرو رامپال جي مهاراج جي وٽ وٺي ويا. 16 آگست 2008ع تي مون نام دان ورتو. ان كانپوءِ مون كي آرام ٽيڊ لڳو. گروجِي كرپا سان مون خود پنهنجي ٻني ۾ تريكٽر هلايو ۽ پنهنجي سڄي ٻني ۾ پوكائي جو كم كيو گرو مهاراج جي آشيرواد سان مونكي وري جيون دان مليو. گروجي مهاراج بندي چوڙ جيكا كرپا كئي. اُن كي زبان سان بيان نٿو كري سگهان گروجي! توهان ست لوك كان مون كي جيوَن دان ڏيڊ لاءِ آيا آهيو. منهنجو توهانكي كوٽي كوٽي ڊنڊوت پرڻام آهي.

(ست صاحب جئه بندي چوڙ كي)

توهانجو داس

پڱت رام سوَروپ داس

گوٺ بڙولي ضلعو امبالا

"پڳت وحيد خان جي آتم ڪٿا"

(بندي چوڙ ڪبير صاحب کي جئ)

بندي چوڙ ستگرو رامپال جي مهاراج جي چرڻن ۾ ڪوٽي ڪوٽي پرڻام.

مان وحيدخان پٽ منشي خان ڳوٺ ميهگائون ضلعو پنڌ (مڌيہ پرديش) جو رهندڙ آهيان. مان ٽن سالن کان سخت بيمار هئس، منهنجا ٻئي گُڙدا خراب هئا. مون ہ سال گواليئر ۾ وڏن وڏن M.B.B.S ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايو. پر ڪابہ راحت ڪونہ ملي. ان ڪانپوءِ گواليئر جي ڊاڪٽرن مونکي آل انڊيا ميڊيڪل سينٽر (A.I.M.S) دِلي ريفر ڪيو اُتي ڊاڪٽرن مڪمل چيڪ اپ بعد ٻُڌايو تہ ٽي بوتلون رت جون لڳنديون، پهرين تنهنجو رت فلٽر ٿيندو پوءِ تنهنجي پربوار جي ڪنهن فرد جي بُکي ڪڍي توکي آپريشن ذريعي لڳائي ويندي، آپريشن جو خرچ چار لک روپيہ لڳندو، ايترا روپيہ ڏيڻ منهنجي وس جي ڳالهہ ڪونہ هئي، انهي ڪري دلي کان واپس پنهنجي گهر اچي ويس ۽ بي سهارا بڻجي موت جو انتظار ڪرڻ لڳس. ڇاڪاڻ تہ مان ڪائڻ پيئڻ ۽ هلڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي چڪو هئس. پوءِ ڪنهن شخص کان خبر ملي تہ هرياڻا ۾ بروالا ضلع هِسار ۾ پرماتما جي روپ ۾ سنت آيل آهي جيڪو لاعلاج بيمارين کي پرماتما جي پڳٽي سان ٺيڪ ڪري ٿو. اهي لفظ ٻڌي مان 24 جولاءِ 2009ع تي سنت جي چرڻن ۾ پهچي نام دان ورتو. نام دان وٺڻ کانپوءِ مونکي آرام اچڻ شروع ٿي ويو ۽ آهستي آهستي هڪ مهيني اندر مان سنت جي ڪرپا سان بلڪل ٺيڪ ٿي ويس. منهنجي ستگرو جي ديا جي ثبوت طور منهنجي بيماري جي سپني ٽيسٽن جا دستاويز مون وٽ موجود آهن.

اي پرم پتا پرميشور! توهان مونکي جيڪا زندگي ڏني آهي ان جو احسان مان ڪڏهن بہ لاهي نٿو سگهان، منهنجا ستگرو! پنهنجي داس تي پنهنجي ڪرپا ڪري ائين ئي پنهنجن چرڻن ۾ لڳائي رکجو.

توهان جو داس
پڳت وحيد خان ولد مُنشي خان
ڳوٺ پوسٽ آفيس تعلقو ميهگانو
ضلعو پِنڌ (مڌيہ پرديش)

"پڳت متِي تارا ڪٽا تي بيحد ڪرپا ٿي"

بندي چوڙ سنت ستگرو رامپال جي مهاراج جي چرڻن ۾ ڪوٽي ڪوٽي دنڊوت پرڻام. مان تارا ڪٽا جئ پُور جي رهواسي آهيان. سنسڪرت ۾ ايم- اي آهيان راجستان يونيورسٽي مان (B.A) ۽ سنسڪرت (M.A) ۾ سونو ٻلو مليل آهي. مون ڇهہ ليڪڪن جي گيتا، اُپنشد، پُراڻ، سيئي درشن شاستر ۽ سيني گروئن جا خطاب ٻڌا پر مطمئن ڪونہ ٿيس. هڪ دفعي جئ پور ۾ پاسڪر پڳٽي تي ستگرو رامپال جي مهاراج جو پروگرام ٻڌو ۽ 30 نومبر2003ع تي نام اُپديش ورتو. اُن وقت مان تمام گهٽين بيمارين ۾ مُبتلا ۽ پريشان هئس. مئي 1997ع ۾ مونکي بائيوپسي ٽيسٽ ذريعي خبر پئي تہ مون کي السريٽو ڪولائيٽس جي بيماري آهي جنهن ۾ وڏي آنڊي ۾ قوڙا ٿي ويندا آهن ۽ ڪاڪوس ۾خون ايندو آهي. ان متعلق ڊاڪٽرن ٻُڌايو تہ هن جو ڪٽي بہ علاج ممڪن نہ آهي، مون کي 3-6-2002 تائين آنڊي ۾ السر 75 سينٽي ميٽر تائين وڌي ويئي هئي، 10 اپريل 2008ع تي گروجي جي چوٽ تي مون دوا بند ڪري چڏي جنهن ۾ چار گوريون تہ اهڙيون هيون جو ڊاڪٽرن چيو هو تہ جيڪڏهن زندهہ رهڻو آهي تہ سڄي زندگي ڪائڻيون پونديون 23 اپريل 2004ع تي منهنجن ڦڦڙن ۾ انفيڪشن ٿي ويو هو، جڏهن مان ڊاڪٽر وٽ علاج

لاءِ ويس تہ ڊاڪٽر منهنجو ايڪسري ڏسي چيو تہ توهان اهڙي بيماري ۾ گهيريل آهيو جنهن ۾ توهانکي بخار رهڻ کپي، وزن گهٽجڻ گهرجي ۽ رت جي ڪوٽ ٽيڻ گهرجي پر توهان بلڪل صحتمند آهيو. مون چيو تہ اها منهنجي ستگرو رامپال جي مهاراج جي ڪرپا آهي، ڪرم جي مار تہ مون تي اچڻ کپي، پر منهنجو گرو ديو ڪرم جي اُن سزا کي مون تي حاوي ٽيڻ نہ پيا ڏين، اهڙي طرح پرماتما پنهنجي پڳٽ جي رکشا ڪن ٿا، ان سان ڊاڪٽر ڪافي متاثر ٿيو. هڪ پيري جنوري 2009 ۾ پرچار جي لاءِ وڃڻو هو، سڄي رات رت جي پڇاڙِي هلي، صبح سوچيم تہ مرڻو آهي ئي پرچار ڪندي ڪندي مري وڃان. ٽيئن ڏينهن مان بنا دوا جي نيڪ ٿي ويس. ڊاڪٽر هڪ دفعي چيو تہ ڪارٽيسون سٽيرائيڊ شرير کي هلائڻ لاءِ روز ونڊي پوندي. پر ستگرو رامپال جي مهاراج جي چوڻ تي مون سڀ دوائون ڇڏي ڏنيون. مون هڪ بہ دوا ڪونہ ورتي ۽ اڄ مان ستگرو رامپال جي مهاراج جي ديا سان بلڪل نيڪ آهيان. ايتري ڊگهي عرصي کان هلندڙ بيماري گروديو جي شرڻ ۾ اچڻ سان بلڪل نيڪ ٿي ويئي. منهنجو چوڻ آهي تہ هن تتوگيان ۽ ست پڳٽي جهڙو مارگ ٻيو ڪٽي ئي ڪونهي. سنت ستگرو رامپال جي مهاراج ساکشات پورڻ پرماتما جا اوتار آيل آهن.

ستگرو جي چرڻن ۾ ڊنڊوت پرڻام. ست صاحب
پڳٽ متي تاراڪنڊا. جئ پُور
فون نمبر 09772312335

" گرو ڪرپا جي مهما"

مان ترلوڪ داس بيراگي گرام ڊيمرڪيڙا، ضلعو ڪٽني، مڌيہ پرديش جو رهاڪُو آهيان. مون 27 جون 2010ع تي نام دان ورتو هو تڏهن مونکي خبر ڪونہ هئي تہ نام دان نہ بلڪ امرت وٽي رهيو آهيان. منهنجي ڳالهہ توهان کي بيحد حيرت انگريز لڳندي، پر مون کي قسم گروديوَ جي چرڻن جو، اُن ۾ مون جيڪو محسوس ڪيو يا جيڪي پرماڻ منهنجي اڳيان ٽيا مون سوچيو بہ نہ هو تہ مون سان اهڙو چمتڪار ٽيندو. نام دان ونڊ بعد ڇهين مهيني منهنجو پُٽ بيمار ٽيو جنهن جو جنم پنج نياڻين بعد ٽيو هو، مان لڳاتار هڪ مهيني تائين پنهنجي پُٽ جو علاج M.B.B.S ڊاڪٽرن کان ڪرائيندو رهيس پر بارڙو نيڪ نہ ٽيو، اوچتو منهنجي ٻالڪ هڪ ڏينهن صبح 9:00 بجي اک بند ڪري ڇڏي مطلب بيهوش ٿي ويو، مان هن کي کڻي اُمرياپان پڳس اُتي جي سيني ڊاڪٽرن علاج ڪرڻ کان جواب ڏيئي ڇڏيو، مان ان کي کڻي سيهور ويس سيني جاين تي M.B.B.S ڊاڪٽر آهن پر پُٽ جي حالت ڏسي سيني علاج ڪرڻ کان جواب ڏنو مطلب تہ اُنهن ٻڌائڻ چاهيو تہ تنهنجو پُٽ جي موت ٿي چُڪي آهي. پُٽ جي عمر صرف هڪ سال جي هئي، دل جهلي هڪ ڊاڪٽر چيو تہ جيڪڏهن مون کي آڪسيجن ملي وڃي تہ شايد ڪجهہ ٿي سگهي ٿو. مون بروقت فور ويلر بُڪ ڪئي ۽ جبل پُور جي لاءِ پڳس ڇو تہ اُتي ٻارن جو ريسرچ سينٽر آهي. اُتي جي ڊاڪٽرن ٻار جي حالت ڏسي چيو تہ هن ۾ ڪٽي بہ ڪابہ هلچل ڪونہ ٿي رهي آهي،جتي بہ سوئي لڳايان ٿو هن کي محسوس ئي نہ ٿي رهي آهي، داخل ڪرڻ منهنجي رسڪ جي ڳالهہ آهي. مون چيو تہ داخل ڪريو، داخل ڪري علاج شروع ڪريو باقي سڀ پرماتما تي ڇڏي ڏيو. ڊاڪٽر چيو تہ جيڪڏهن هن کي 6 ڪلاڪن ۾ هوش اچي وڃي تہ شايد بچي وڃي نہ تہ مشڪل آهي. صبح 9:00 بجي کان رات جا 9:00 ٿي چُڪا هئا، پر بارڙو هوش ۾ نہ اچي رهيو هو، بارڙي جي ماءُ ۽ مون روئڻ شروع ڪري ڏنو، اوچتو منهنجو ڏيان "گيان گنگا" ۽ "پڳٽي سوداگر ڪو سنديش" ۾ لکيل چمتڪارن جي طرف ويو جيڪي پڳٽن سان ٽيا آهن. مون پنهنجو پاڻ کي سنياليو ۽ پنهنجو پاڻ کي گروجِي جي چرڻن ۾ ڪيرائي ڇڏيم ۽ چيم تہ گروجِي منهنجي پُٽ جي رکشا ڪريو ۽ مونکي جيڪو وشواس هو گرو جي مهما تي، اُن جي لڄ رکو، اٽڪل 12:00 بجي جڏهن ڊاڪٽر چڪر تي آيو تہ چوڻ لڳو تہ بارڙي جي حالت ۾ ڪهڙو سُڌارو آهي؟

مون چيو تہ جھڙو صبح جو ھو اھڙو ئي ايان بہ آھي. ڊاڪٽر انجيڪشن گھرائي ۽ بارڙي جي جنگھ ۾ لڳائي انجيڪشن لڳندي ئي بارڙو روئڻ لڳو. جھڙي طرح اُھا انجيڪشن خود گروجي لڳائي ھجي. سڄي ھال ۾ خوشي جي لھر ڇائنجي ويئي، ڊاڪٽر منھنجي مٿي تي ھٿ رکيو ۽ چيو تہ ھاڻي تنھنجو بارڙو ھوش ۾ اچي ويو آھي، اھڙي مرض وارا بارڙا تمام گھٽ ھوش ۾ ايندا آھن.

ٿورو سوچيو! انجيڪشن جو اثر تہ ڏھ يا پندرھن منٽن کانپوءِ ٿيندو آھي. بارڙو سوئي لڳڻ جي سور سان ئي روئڻ لڳو. ان مان ظاھر آھي تہ اھو سڄو ڪمال پرميشور ڪبير صاحب جو ئي آھي.

ستگرو شرڻ ۾ آني سي، آئي ٽلي بلا، جي پاگ ۾ مِرتيو ھو، ڪانٽي ۾ ٽل جا.

گروجِي چون ٿا تہ درد سان گڏ منتر جاپ ڪرڻ سان جيڪو چمتڪار ٿيو مان دنگ رھجي ويس، مون اسپتال ۾ گروجِي جي چرٹن جي وندنا ڪئي ۽ ڏنيواد ڏيندي روئي وينس، ڊاڪٽر چيو تہ ھن کي اٹ ڏينھن لڳاتار علاج جي ضرورت آھي 24 ڪلاڪن جا پنج ھزار لڳي رھيا ھئا. مون ڊاڪٽر کي چيو تہ مونکي صبح جو موڪل ڪپي. ڊاڪٽر چيو تہ جيڪڏھن توھان ھن کي گھر وٹي ويا تہ ھي مري سگھي ٿو. مون چيو تہ جيڪو بہ ٿيو ڏنو ويندو. بس مونکي موڪل ڪپي. اڄ بارڙي کي ڇھ مھينن کان وڌيڪ ٿي ويا آھن ڪڈھن بخار بہ نہ آيو آھي اھڙي مھما ڏسي مان خوش نصيب ٿي ويس.

منھنجي ھمٽ سائيڪل ونڊ جي بہ نہ ھئي ڇو تہ منھنجي خانداني حالت نيڪ ڪونہ ھئي، اچانڪ استيٽ بئنڪ جي مينيجر صاحب چيو تہ توھان بئنڪ کان قرض ونڊ پسند ڪندو. مون چيو تہ جيڪڏھن ملي وڃي تہ انھي کان وڌيڪ ڇا آھي. منھنجي مالي حالت سڌري ويندي. بئنڪ مينيجر مونکي ڏيڍ لک جو قرض ڏيئي ڇڏيو. سائيڪل نہ خريد ڪري سگھندڙ ماڻھو اچانڪ 55 ھزار جي ھيرو ھونڊا گاڏي وٹي آيو. اڄ مزي سان گاڏي ۾ گھمان ٿو. مان شاسڪيہ اسڪول ۾ پٹيوالي جي عھدي تي ڪم ڪندو ھئس، نوڪري ڪندي مونکي 16 سال گذري چُڪا ھئا پر منھنجي مالي حالت نيڪ ڪونہ ٿي. جبل پور شعبي کان پروموشن ٿي ۽ فقط مون اڪيلي جو پروموشن ٿيو. مان پٹيوالي مان ڪلارڪ ٿي ويس. ماڻھن کي ڪرسي رکي ڏيڻ وارو ماڻھو خود صاحب بڻجي ڪرسي تي ويھي رھيو، منھنجي آمدني ايتري ٿي ويئي جيتري مون سوچي بہ ڪونہ ھئي. منھنجو ننڍو پاءُ B.ED جو آسرو ڇڏي مايوس ٿي ويو ھو. ھڪ ڏينھن اچانڪ ھن وٹ ڪائونسلنگ ليٹر آيو. ھن کي وشواس ئي ڪونہ ٿيو ڇو تہ ھن کي 29 مارڪون مليل ھئا. B.ED ڪرڻ لاءِ 33 مارڪن کان مٿي ضرورت ھئي پر ھن دفعي 28 مارڪن وارن کي ڪنيو ويو. جنھنڪري ان جون 29 مارڪون ھئڻ سبب ھن کي موقعو ملي ويو ۽ اڄ B.EDڪري رھيو آھي. اھي چار چمتڪار اھڙا ٿيا جنھن جي باري ۾ مون ڪڈھن سوچيو بہ ڪونہ ھو پر رامائڻ ۾ لکيل اُھو ياد اچي ويو تہ: "مات پتا گرو کي واٹي، بنا ويچار ڪروشبہ جانِي" اھي سيئي چمتڪار ھڪ سال جي اندر ٿيا آھن. ثبوت جي لاءِ:-

* پارت اسپتال سينٽر جا سيئي ڪاغذات
* گاڏي جا سيئي ڪاغذات.
*پرموشن جو آرڊر.
* B.ED جو ڪائونسلنگ ليٹر.

اھي سڀ چمتڪار نام دان ونڊ جي ڇھن مھينن بعد ٿيا آھن. پر صرف نام دان ونڊ سان فائدو ڪونہ ٿيندو، پر گروديوَ جي ٻڌايل راھہ تي ھلڻو ئي پوندو آھي ڪبير صاحب جي چون ٿا تہ:-

"ھري روٹي گرو نور ھي، گُرو روٹي نھين نور"

(گروديو جي چرٹن ۾ شش جو تجربو احترام سان پيش خدمت آھي)

پڱت ترلوڪ داس بيراگي. سھا. گريڊ.3
شاس. اوچ. ماڈيہ مِڪ ويگاليہ مُروارِي
تعلقو ديمر کيڑا. ضلعو ڪٹني (مڈيہ پرديش)

"يارهن هزار وولٽيج جي تار کان چڏائڻ"

مان پڳت سريش داس پُٽ چانداram، ڳوٺ ڏناٹا، ضلع سونيپت جيڪو في الحال شاستر نگر روهتڪ (هرياٹا) جو رهواسي آهيان. ستگرو جي نام اُپديش ونڊ کان پهرين منهنجي گهر جي معاشي حالت تمام ڪمزور هئي. پريوار جو ڪوبہ اهڙو فرد نہ هو جيڪو ڪڏهن بيمار نہ رهندو هجي، منهنجي زال کي پُوت پريت بيحد پريشان ڪندا هئا. ايتريون تڪليفون رهڻ جي باوجود بہ اسان ديوي ديوتائن جي تمام گهٹي پوجا ڪندا هئاسين. منهنجي هنومان جي ۾ تمام گهٹي شردا هئي، پر گهر ۾ ڏک مٹان ڏک ايندا رهندا هئا. ڪنهن بہ ڪم ۾ برڪت نہ پئي ٿي. پورڻ پرماتما ستگرو رامپال جي مهاراج منهنجي پريوار جا هئڻ ڪري اسان اُن کي پورڻ پرماتما ڪونہ پئي مجيو، جنهن خامي جي ڪري اسان کي ڪيترن ئي سالن تائين ڏک پوڳٹو پيو، تڏهن ڳوٺ سينهو پُورا جي رهواسي پڳت وڪاس مون کي ٻڌايو تہ توهان جي گهر ۾ پورڻ پرماتما جڳت گرو رامپال جي مهاراج آيل آهن ۽ توهان ڪٹي ستا پيا آهيو؟ تڏهن مون چيو تہ اسان کي ايترا پريشان آهيون جو اسان کي اوڏانهن وڃڻ جي باري ۾ وقت ئي ڪونہ مليو. سڄو وقت ڊاڪٹرن ڏانهن چڪر ڪاٹڻ ۾ لڳي ويندو آهي مٹان وري معاشي تنگي تمام گهٹي رهي ٿي. ان پڳت مونکي ڪافي سمجهايو ۽ پورڻ پرماتما جي اهڙي دیا ٿي جو آئون سنت رامپال جي مهاراج کان نام اُپديش ونڊ لاءِ آڪٹوبر 2010ع تي ست لوڪ آشرم بروالا پهتس، نام اُپديش ونڊ ڪانپوءِ ستگروجي پنهنجي دیا جو ڊڪ ڪولي ڇڏيو ۽ مونکي اُهي سُک محسوس ٿيڻ لڳا جنهن جو بيان هن زبان کان ڪرڻ تمام مشڪل آهي.

منهنجي زال کي پُوت تمام گهٹو ستائي رهيا هئا. ستگرو ديوَجي دیا سان هو هاٹي پوري طرح سان نيڪ آهي. 7 سيپٹمبر 2011ع تي منهنجو پُٽ موهيت عمر 12 سال منهنجي چوٹ تي مستري کي سڌڻ ويو هو. منهنجو پُٽ مستري جي گهر جي ڇت تي چڙهي ويو ۽ ڇڇي تي هليو ويو، ڇڇي جي پاسي ۾ مٹان 11 هزار وولٽيج جون بجلي جون تارون هيون. ڇوڪري ۽ تارن جي وچ ۾ هڪ فوٹ جي وڇوٽي هئي. جڏهن هو انهي جي قريب ويو تہ تارن ڇوڪري کي ڇڪي ورتو، ڇوڪري جي مٹي سان تار چنبڙي وئي ۽ هڪ انچ گهري گهُسي ويئي، بجلي سڄي جسم ۾ داخل ٿي پير جي انگوٹي جي هڏي ٽوڙي نڪرڻ لڳي، اُن وقت ستگرو رامپال جي مهاراج آڪاش مارگ کان آيا ۽ منهنجي پُٽ کي تمام گهٹي ڇمتڪاري شرير (نوري جسم) سميت نظر آيا. جيئن هزارين ٽيوب لائيٽ جو سوجهرو ٿي رهيو هُجي. اُنهن ڇوڪري جو هٿ جهلي بجلي کان آزاد ڪري ڇڇي تي ليٹائي ڇڏيو. پوءِ ڇوڪري جون گُروجِي سان تمام گهٹيون ڳالهيون ٿيون ۽ جڏهن ستگرو وڃڻ لڳا تڏهن ڇوڪري پڇيو تہ گروجي ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ تڏهن گروجِي چيو پُٽ مان توسان گڏ آهيان تون گهبراءَ نہ. ان وقت منهنجي پُٽ موهيت جي ماءُ اُتي ئي هئي اُن اهو منظر اکين سان ڏٹو ۽ تمام گهٹو گهبرائجي ويئي. ڇو تہ ڇوڪري جي جسم مان بجلي جا شعاع نڪري رهيا هئا.

ان کانپوءِ اسان ڇوڪري کي P.G.I روهتڪ اسپتال وٹي وياسين. اُتي بہ ڇوڪري کي گروجي نظر آيا. منهنجي پُٽ ڇيو تہ گرو جي مون سان گڏ آهن. توهان گهبرايو نہ. جيڪڏهن اڄ اسان گروجِي جي شرڻ ۾ نہ هجون ها تہ اڄ اسانجو پُٽ زندھ نہ هجي ها ۽ منهنجي زال کي بہ پُوت پريت ماري ڇڏين ها، اسان اُجڙڻ کا بچي وياسين. اها ستگرو رامپال جِي مهاراج جي دیا آهي.

سيني پڑهندڙن کي منهنجي عرض آهي تہ منهنجي سچي ڪٹا پڑهي. توهان بہ ستگرو رامپال جي مهاراج جي شرڻ ۾ اچي پنهنجو ڪلياڻ ڪرايو ۽ نصيب ۾ لکيل ڪرمن جي ڪري جيڪي حادثا ٿيٹا هوندا آهن اُنهن کان پوري طرح بچي ويندا. ستگرو رامپال جي مهاراج جي ستسنگ ۽ وچن ۾ مون ٻڌو هو تہ پورڻ پرماتما ڪبير جي بندي ڇوڙ اسانجي سيني پاپن کي ناس ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙوئي پرماڻ رگويد منڈل 10 سُڪت 161، منتر 2 ۾ ۽ منڈل 9 سُڪت 80 منتر 2 ۾ پڻ لکيل آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن روگِي جي پراڻ شڪتي ڪمزور ٿي چڪي هجي ۽ اُن جي عمر بہ باقي نہ بچي آهي تہ اُن جي پراڻن جي حفاظت ڪري اُن کي 100 سال عمر ڏيئي مطلب تہ ان جي عمر وڌائي پڳت کي سيئي سُک ڏيندو آهيان.

سڄڻو! ستگرو رامپال جي مهاراج پنهنجن امرت وچنن ۾ اهو ٻڌايو آهي تہ هرهڪ انسان پنهنجي ڪيل ڪرمن جي آڌار تي ئي ڏُک سُک پوڳيندو آهي، ڏُک اچي تہ پاپ ڪرمن جو ڦل هوندو آهي ۽ سُک هجي تہ سُڻن ڪرمن جو ڦل آهي. اڄ تائين سيئي سنت ۽ آچاريہ گرو اهوئي چوندا رهيا آهن تہ جيڪو قسمت جو پوڳ آهي اُهو تہ هرهڪ انسان کي پوڳي ئي ختم ڪرڻو پوندو.

اي سيئي پڙهڻ وارو! ستگرو رامپال جي مهاراج چون ٿا تہ پاپ ڪرمن سان ڏُک ايندو آهي، اگر پاپ ڪرمن جو ناس ٿي وڃي تہ ڏُک بلڪل ختم ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن پڳتي ڪندي ڪندي ٻہ پاپ ڪرمن جو ڦل ڏُک پوڳڻوئي پوي تہ پڳتي جي ضرورت ئي ختم ٿي وڃي ٿي. 7سيپٽمبر 2011ع تي اسانجي قسمت ڪرم جي پاپ جي ڪارڻ منهنجي پُٽ موهيت جي موت ٿيڻي هئي، اسانجي ستگرو رامپال جي مهاراج جي ڪرپا سان پرم پوجئہ ڪبير پرميشور جي اسانجي پاپ کي ناس ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي پُٽ جي زندگي جي حفاظت ڪري عمر وڌائي ڇڏي، جيڪڏهن 7سيپٽمبر 2011ع تي قسمت ڪرم ڦل جي مطابق منهنجو پُٽ مري وڃي ها تہ اسان سيئي ڪُٽنب جا ياتي پڳتي ڇڏي ڏيون ها ۽ ناس ٿي وڃون ها، ڇو تہ اُن وقت پرماتما جو پورو گيان ڪونہ هو، هاڻي پڳوان تي تمام گهڻو وشواس ٿي ويو آهي، اهو ٻہ وشواس ٿي ويو آهي تہ پرم پوجئہ ڪبيرجي ئي پرميشور آهن اهي ئي پاپ ناس ڪندڙ، سيئي سُک ڏيڻ وارو ۽ پُورڻ موڪش ڏيڻ وارو آهي ۽ ستگرو رامپال جي مهاراج اُنهي جا موڪليل اوتار آيل آهن. جڏهن تہ توهان سيني کان وري عرض آهي تہ بنا دير جي ست لوڪ آشرم بروالا پهچي اُپديش ونڊي پنهنجو ڪلياڻ ڪرايو. توهان سيني کي عرض ڪرڻ جو منهنجو مقصد اُهو آهي تہ مون جهڙا ڏُکي تمام گهڻا آهن. منهنجي مٿي لکيل آتم ڪٿا کي پڙهي، ويچار ڪري اُهي ٻہ مون وانگر ڏکن جو خاتمو ڪرائي سگهندا ۽ سُکي ٿي ويندا.

يہ سنسار سمجهدا ناهين، ڪهندا شام دو پهري نُون

غريبداس يہ وقت جات هي، روئوگي اس پهري نُون

عرضدار

پڳت سُريش داس پُٽ شرِي چاندارام

شاسترِي نگر، هِسار بائي پاس روهتڪ

فون نمبر: 09829588628

"پڳت ديپڪ داس جي ڪٿنب جي آتم ڪٿا"

(بندي چوڙ ستگرو رامپال جي مهاراج جي ديا)

مون داس جو نالو ديپڪ داس پُٽ شري بلجيت سنگهہ ڳوٺ مهلاڻا، ضلعو سونيپت آهي. اسان تن پيڙهين کان راڌا سوامي پنٿ ڏيرا بابا جيمل سنگهہ کان نام اُپديشي هئاسين. سڀ کان پهرين منهنجي ڏاڏي جي ماءُ يعني منهنجي والد صاحب جي نانيءَ راڌا سوامي پنٿ کان نام اُپديش حاصل ڪيو هو. ان کانپوءِ منهنجو ڏاڏو ۽ ڏاڏي پوءِ منهنجي ماتا پتا ٻہ راڌاسوامي پنٿ جي سنت گروِيندرسنگهہ جي کان نام ورتو هو. اسان ٻہ گرويندر سنگهہ جي مهاراج کي پورڻ پرش مجيندا هئاسين ۽ انهي پنٿ سان مڪمل شرڌالو سوچ رکندا هئاسين تہ هن سنسار ۾ پريو پراپتي جو اُتم پنٿ آهي ۽ اُن جي تمام وڏي ڏيري ۽ تمام سنگت (وڏي تعداد ۾ چيلا) کي ڏسي تمام گهڻو جذبو هوندو هو ۽ شيوا ڪرڻ جي لاءِ ڏيرا جيمل سنگهہ بياس (پنجاب) ۽ چترپُور پسار رودِ دلِي ٻہ ويندا رهندا هئاسين، پر اُن پنٿ ۾ وڏي عمر جي ماڻهو کي نام ڏنو ويندو آهي انهي ڪري اڃان آءٌ نام اُپديش ونڻ جي قابل ڪونہ هئس.

منهنجا ماتا پتا جنهن ڏينهن چترپُور کان نام اُپديش لاءِ ويل هئا، اُنهي ڏينهن منهنجي ننڍي ياءُ (جنهن جي عمر 5 سال هئي) جي هٿ سان پاڙي جي هڪ ٻار جي اک ۾ ڪا شيءِ اڻ ڄاڻ ۾ لڳي ويئي، جڏهن شام جو نام اُپديش ونڊي منهنجا ماتا پتا واپس آيا اُنهي ڏينهن کان اسان جو ۽ اسان جي پاڙيسرين جو پاڻ ۾جهگڙو ٿي ويو تہ چوڪري اسان جي ٻار کي ڄاڻي ڪري اک ۾ ڏڪ هنيو آهي ۽ اُنهي ڏينهن کان اسان مٽان ڏکن جو پهاڙ ڪري پيو.

انهي دوران منهنجي ڏاڏي جي بيماري سبب موت ٿي وئي، جڏهن منهنجي ڏاڏي جي جو مردهہ شريرَ ٻئي ڪمري ۾ رکيل هو تہ اُن وقت منهنجي ڏاڏي جي موت کي 12 سال گذري چڪا هئا، هو منهنجي ڦڦي (پيءُ جي پيٽ) پريموَتي ۾ پوت وانگر داخل ٿي ڳالهائڻ لڳي (منهنجي ڏاڏي بہ راڏاسوامي پنڌ سان مليل پنج نالن جي تمام گهٽي ساڏنا ڪئي هئي، هو باقاعدي صبح 3 بجي اُٺي ۽ ڏينهن جو بہ ڀجن سمرڻ ڪرڻ لاءِ ويهي رهندي هئي ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ راڏاسوامي پنڌ جي ٻڌايل نام جو جاپ ۽ اڀياس ڪندي هئي تہ اڄ توهان جي ڏاڏي جو جيون سنسڪار سماپت ٿي ويو، انهي ڪري مان توهان کي سنڀالڻ آئي آهيان. منهنجي ڏاڏي جڏهن زندهہ هئي تڏهن ساهہ جي بيماري سبب کنگهندي رهندي هئي. هو 12 سالن بعد بہ ساڳيءِ طرح کنگهي رهي هئي. تڏهن مون پڇيو تہ ڏاڏي تون تہ تمام ڏکي نظر اڇي رهي آهين. تون ست لوڪ ڪونہ وئي آهين؟ تڏهن منهنجي ڏاڏي چيو تہ پُٽ! مون غلط ساڏنا جي ڪري پنهنجو انمول مانُش جيوَن ضايع ڪري ڇڏيو ۽ هاڻي موت کانپوءِ ڦُوت جوڙِي ۾ تڪليف ڀوڳي رهي آهيان، مان ڪٽي ئي ست لوڪ ڪونہ ويئي آهيان. منهنجي ماتاجي اچرج مان پڇيو امان! ڇا توهانکي توهانجي گرو چرنسنگهہ جي مهاراج ڪونہ سنڀاليو؟ تڏهن منهنجي ڏاڏي تمام گهٽي ڏُک سان چيو تہ اُنهن منهنجي ڪوبہ سنڀال ڪونہ ڪئي ۽ مان اڄ بہ ائين ئي ڏکي ٿي رهي آهيان.

انهي واقعي جي ٻن سالن بعد هڪ ڏينهن منهنجي ٻي ڦڦي ڪملاديوي جي اندر منهنجو ڏاڏو ڦوت وانگر داخل ٿي ڳالهايو تہ مان تمام گهٽو تڪليف ۾ آهيان ۽ منهنجي ڪوبہ گتي نہ ٿي آهي، مان وهنجڻ چاهيان ٿو. اهو ٻُڌي منهنجي ماءُ ڏک ۽حيراني سان چيو تہ توهان تہ ست لوڪ ۾ ويا هئا. ڇا اُتي وهنجڻ جي لاءِ پاڻي ڪونهي؟ پر ڏاڏي ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو، پوءِ منهنجي ماءُ ڏاڏي کي جيڪو منهنجي ڦڦي ڪملاديوي ۾ داخل هئا. انهي ڪري ڦڦي وارا ڪپڙا بہ پارائي ڇڏيا تہ ڏاڏو چوڻ لڳو بس بس ڏي منهنجي ڏوتي ڪٽي اڇ مان ٻڌي ونندس. منهنجي ماءُ ائين ئي هڪ چادر هٿ ۾ ڏني، جنهن کي هن ڪپڙن جي مٿان ويڙهي ڇڏي ۽ پوءِ چيو تہ منهنجي لاءِ ڇانهہ ناهہ ۽ جلدي ۾ ئي ڇانهہ پيئي ورتي. مون پُڇيو تہ ڏاڏاجي توهان ست لوڪ ڪونہ ويا؟ تہ اُنهن چيو تہ پُٽ مان تہ تمام گهٽي تڪليف ۾ آهيان. منهنجي ماءُ وري پڇيو تہ توهان تہ راڏا سوامي حضور چرن سنگهہ مهاراج کان نام اُپديشي هئا، پڳتي بہ ڪندا هئا. ڇا اُنهن توهان جي ڪا سنڀال ڪونہ ڪئي؟ تڏهن منهنجي ڏاڏاجي (جيڪي منهنجي ڦڦي ڪملاديوي ۾ پريت وانگر داخل هئا) چيو تہ اُنهن منهنجي ڪابہ سنڀال ڪونہ ڪئي، مان تہ ائين ئي ڏکا ڪائيندو ڦري رهيو آهيان.

انهي دوران منهنجيون اکيون بہ ايتريون ڪمزور ٿي ويون هيون جو مونکي ڏسڻ بہ گهٽ اچڻ لڳو هو، اُتي پڳت ستارام جي مونکي پورڻ سنت ستگرو رامپال جي مهاراج جي مونکي مهما ٻُڌائي ۽ چيو تہ توهان ستگرو رامپال جِي مهاراج کان نام اُپديش ونو. تنهنجون اکيون نيڪ ٿي ويندیون ۽ چيو تہ انهن تڪليفن ۽ ڏکن مان اسان جيوَن کي ڪڍڻ لاءِ پرميشور ڪبير صاحب سنت جو رُوپ ڌارڻ ڪري ايندا آهن. مون چيو تہ منهنجن ماءُ، پيءُ راڏا سوامي پنڌ کان نام اُپديش ونڻي رکيو آهي. پڳت سترامجي چيو تہ اُهو پنڌ نيڪ نہ آهي. اُن جي پڳتي ساڏنا سان نہ ست لوڪ پراپت ٿيندو ۽ نہ ئي ڪڏهن زندگي ۾ ڪرم جي مار ٽري نہ سگهندي، انهي کي تہ ڪبير صاحب جو نمائيندو ۽ سچو سنت ئي تاري سگهي ٿو.

منهنجي پِتاجِي کي دم جي بيماري هئي. ڏهہ قدم هلڻ سان هو بيحال ٿي ويندا هئا. دم جي بيماري سبب ساهہ وڌي ويندو هو. هاءَ ۽ لو بلڊ پريشر جي بہ بيماري هئي. منهنجي پتا جي کي اليڪشن ڊيوٽي دوران هرٽ اٽيڪ ٿيو. پر ڪرم سنسڪار جي ڪري بچي ويا پر تڏهن اسان اهو سوچيندا رهياسين تہ راڏاسوامي پنڌي سنت گرويندر سنگهہ جي مهاراج هارٽ اٽيڪ کان بچائي ورتو ۽ وڌي ديا ڪئي.

پر ان ڪانپوءِ تہ اسان سردين جي هرهڪ رات ۾ پنهنجي پتاجي جو هڪ هڪ ساهہ تڻندي ڏنوآهي، بلڪل لاش وانگر ٿي ويندا هئا ۽ سواءِ ويهي روئڻ جي اسان ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ ڪري سگهندا هئاسين، چوتہ دوائن جو بہ ڇيڙو اڇي چڪو هو. ڊاڪٽر جيترو ڊوز وڌائي سگهيو ٿي اُهو وڌائي چڪو هو هاڻي هو وڌيڪ خوراڪ وڌائي نہ پئي سگهيو. منهنجي ماءُ ڊيرا بابا جيمل

سنگهه کان آندل پرساد کارائيندي هئي ۽ راڌاسوامي پنٿي گرويندرسنگهه جي مهاراج جي مُورتي اڳيان ويهي پرارٿنا ڪندي هئي ۽ روئندي هئي. ان وقت منهنجي ننڍي ڀاءُ مٿان به پوت جي چانو جي شڪايت رهڻ لڳي، هو رات جو چرڪ پري اُٿي ويندو هو ۽ چوندو هو ته ڪو منهنجو پير جهلي چڪي ٿو ۽ سمهڻ نٿو ڏي. هو به ڪافي بيمار رهڻ لڳو. پورڻ پرماتما ڪبير جي دیا سان مون داس کي 8 آڪٽومبر 1998ع تي ستگرو رامپال جي مهاراج کان نام اُپديش پراپت ٿيو. ستگرو رامپال جي مهاراج جي بيحد ڪرپا سان ويهه ڏينهن اندر ئي منهنجو چشمو لهي ويو ۽ مون دوا کائڻ به ڇڏي ڏني. مونکي ستگرو رامپال جي مهاراج تي پورو يقين ٿي چڪو هو. پگٽ ستارام جي منهنجي گهر اچي منهنجن ماتا پتاجي کي به سمجهايو ته توهان پورڻ پرماتما ڪبير صاحب جي نمائندي سچي سنت رامپال جي مهاراج کان اُپديش ونو. توهان جي سيني تڪليفن جو خاتمو ٿي ويندو.

ان کانپوءِ مون به پنهنجن ماءُ پيءُ کي سمجهايو ته اُنهن چيو! اسان پهرين راڌا سوامي پنٿي هئاسين ۽ هاڻي سنت رامپال جي مهاراج کان نام اُپديش ونڌاسين ته دنيا چا چوندي؟ تڏهن مون چيو ته پتاجي! جيڪڏهن هڪ ڊاڪٽر جي علاج کان فائدو نه ٿئي ته چا ٻيو ڊاڪٽر ڪونه بدلائيندا؟ پر ڏڪ تمام گهٽا هئا ڪجهه وقت بعد ڪبير پرميشور جي شرڻ ۾ اچي ويا ۽ راڌاسوامي پنٿ جي اُنهن پنج نالن کي ڇڏي سچي سنت ستگرو رامپال جي مهاراج کان نام اُپديش ونڻي ڇڏيو. ستگرو ڪبير صاحب چون ٿا:

شرڻ پڑي کو گرو سنپالي، جان کي بالک پولا ري.

سڄي پريوار جي نام اُپديش ونڻ سان ئي اسانجا سنا ڏينهن شروع ٿي ويا. منهنجي ڀاءُ تان پوت جي چانو ختم ٿي وئي ۽ ڀاءُ نيڪ ٿي ويو. پتاجي جي صحت بلڪل نيڪ ٿي ويئي. پهرين هو ڏهه قدم به هلي ڪونه سگهندا هئا. هاڻي هو هڪ ماڻهو سان گڏ ڪنڌ جي هڪ ٻوري به کڻي سگهن ٿا. اڄ اسان جو پورو خاندان پورڻ پرماتما جي اوتار ستگرو رامپال جي مهاراج جي شرڻ ۾ اُنهن جي دیا سان مڪمل سکي آهي. پر اسان جي ڏاڏا ڏاڏي جي ۽ پتاجي جي ناني جي مانش جيوَن جو جيڪو نقصان ٿيو. ان جو پورائو ڪنهن طريقي سان نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو جي زندگي بچائڻ جي لاءِ لکين ڪروڙين روپيه خرچ ڪيا وڃن ۽ ان جي زندگي بچي وڃي ته اُن کي اُنهن خرچ ڪيل پيسن جو ڏُک ڪونه ٿيندو ۽ سوچيندو ته زندگي ته بچي، پر اڄ ڪيتري به قيمت چڪائڻ باوجود منهنجي ڏاڏا ڏاڏي جو جيوَن جيڪو شاستر وروڌ ساڌنا (راڌاسوامي پنٿ جي ٻڌايل پنج نالن جي ساڌنا) ڪرڻ سان بلڪل ضايع ٿي ويو. (اُهي پُوت پريت جي جوٽين ۾ تڪليف پوڳي رهيا آهن) واپس نٿا اچي سگهن. جيڪو اگهور مذاق هي نقلي سنت سڄي سماج سان ڪري رهيا آهن. چو ته چوراسي لک جوٽيون پوڳڻ بعد ملندڙ انمول مانش جيوَن کي جيڪو پورڻ پرماتما کي پراپت ڪرڻ جي فقط واحد ساڌنا آهي. اُنکي برباد ڪري رهيا آهن. انهي ٽيل مها نقصان جي ڪنهن قيمت تي پورائو نٿو ڪري سگهجي.

اي بندِي چوڑا! ست پرش رُوپ ۾ سنت ستگرو رامپال جِي مهاراج توهان وڏي دیا ڪئي جو اسان تُچ جيوَن کي پنهنجو سچو گيان ڏيئي پنهنجي شرڻ ۾ گهرائي ورتو نه ته اسان به پيڙهي به پيڙهي پراپت ان شاسترن جي خلاف ساڌنا ۾ پنهنجي انمول مانش جيوَن کي برباد ڪري ڪٽي پوتن۽ پريتن جي جوٽين ۾ هليا وجون ها ۽ هن شاسترن ۾ لکيل ساڌنا ست پڳٽي کان محروم رهجي وجون ها.

سڄي عقلمند سماج کان پرارٿنا آهي ته اڄان به وقت آهي هن سچي گيان کي سمجهو ۽ پرسکون ٿي فيصلو ڪريو. بندي چوڑ سنت ستگرو رامپال جي مهاراج جي چرڻن ۾ اچي، پڳٽي ڪري پنهنجي انمول مانش جيوَن جو ڪلياڻ ڪرايو.

(ست صاحب)

(ستگرو جي چرڻن جو داس

پگٽ ديپڪ داس)

موبائيل فون نمبر 00919992600853

"ست ڪبير صاحب جي ديا"

"بندي چوڙ ستگرو رامپال جي مهاراج ڪي جئہ"

يجُروويد اڌياءِ 8 منتر 13 ۾ثبوت آهي تہ پورڻ پرماتما پاپي کان بہ پاپي انسانن جي بہ سيني پاپن کي ناس ڪري پينڪر مرض کان بہ آجو ڪري ڇڏيندو آهي. جنهن جو مان جيئرو ڄاڻندو مثال آهيان.

مان ڪيشوَ مينالي پُٽ شري اندر پرساد مينالي، ڳوٺ وڪاس سميتي هري اون ضلعو سرلاهي، نيپال جو رهواسي آهيان ۽ هن وقت ڪٺمنڈو، اپتيڪاٺمي پڳٽ پُور ۾ گهر نهرائي رهيو آهيان. مان چري پاور (نيپال) نالي راجنيتڪ جو عهديدار اسيمبلي ميمبر آهيان منهنجو موبائل نمبر 9841892583_00977 آهي. مون تي ستگرو رامپال جي مهاراج چمتڪاري ڪرپا ڪري مونکي ۽ منهنجي پربوار جي سيني ڏکن کي ناس ڪري سُکيو بڻائي ڇڏيو.

سنسار جي نظر ۾ مان سکي ۽ عام زندگي گذاري رهيو هئس پر نہ مان پنهنجين بيمارين سبب بيحد پريشان هئس. مان گذريل ويهہ سالن کان خوني بواسير جي تڪليف ۾ مُبتلا هئس ۽ ڪاڪوس ڪرڻ وقت بيحد تڪليف برداشت ڪرڻي پوندي هئي گڏوگڏ اٺ سالن کان ڪرونڪ برونڪائيٽس ۾ مُبتلا هئس. سياسي ڪارڪن هڻڻ ڪري ڪافي ماڻهن سان ملڻو پوندو هو ۽ هميشہ منهن تي ڪپڙا يا هٿ رکي ڳالهائڻو پوندو هو، مون پنهنجين بيمارين جي علاج لاءِ سنن ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو، پر ڪوبہ فائدو نہ ٿيو. جڏهن تہ مون ڏرم جي نالي تي گياني سنتن جي چڪر ۾ اڇي پنهنجي زندگي جا 62 سال برباد ڪري چُڪو هئس.

مونکي انهن ڳالهين جي خبر ستگرو رامپال جِي مهاراج کان نام اُپديش ونڻ کانپوءِ پيئي. نيپال اسيمبلي جو ميمبر هڻڻ ڪري سرڪاري خرچ تي مان دنيا جي ڪنهن بہ ڊاڪٽر کان پنهنجي بيماري جو علاج ڪرائي سگهيس پئي پر نيپال جي ميڊيڪل بورڊ انهي ڪري سفارش ڪونہ ڪئي ڇو تہ اُن جي مطابق منهنجو روگ لاعلاج هو ۽ ڪوبہ ڊاڪٽر مونکي نيڪ نڇو ڪري سگهي. پوءِ تہ مونکي لڳو تہ هاڻي سڄي زندگي ڏک پوڳٺا پوندا ۽ سدائين دوائون کائي ئي زندگي گذارڻي پوندي.

هڪ ڏينهن مان پريشان حالت ۾ وينو هئس تہ مونکي منهنجو دوست پڳٽ پولاداس ملڻ آيو. جيڪو گهڻي وقت کان ستگرو رامپال جِي مهاراج جو شش هو. منهنجن ڏکن کي ٻڌي مونکي چيو تہ ستگرو رامپال جي مهاراج کان اُپديش ونڻ سان توهانجي ڏکن جو ضرور خاتمو ٿيندو، اهو چئي يقين ڏيارڻ لڳو. مان بہ وڏن وڏن سنتن سان هلي هلي ٽڪجي پيو هئس پر ان دوست جي ڳالهہ منهنجي لاءِ اونداهي ۾ ڪنهن ڏيئي جي روشني وانگر من ۾ داخل ٿي ويئي. ٽئين ڏينهن ئي ست لوڪ آشرم چندي گڑهہ روڊ بروالا، ضلع هسار، هرياڻا (پارت) لاءِ روانو ٿيس ۽ پنهنجي گهرواري جي گڏ وڃي ويس چوتہ گوڏي جي هڏي گسجي وڃڻ ڪري هو بہ تمام گهڻي پريشان هئي. هن جي اکين ۾ جل بندو نالي هڪ لاعلاج روگ هو ۽ منهنجي ننڍي پٽ جي گهرواري بہ گڏ وڃي وياسين، مونکي رستي ۾ نيپال جا ڪيترائي پڳٽ جن مليا. جيڪي ست لوڪ آشرم وڃي رهيا هئا. اهڙي طرح بنا ڪنهن پريشاني جي ست لوڪ آشرم اچي ويس.

مان سنتن ۽ مهنتن جي لالچ کان واقف هئس. مون ستگرو رامپال جي مهاراج جي ڪابہ پستڪ ڪونہ پڙهي هئي ۽ نہ وري ڪو ستسنگ ٻڌو هو. ڪنهن جي چوڻ تي ئي آيو هئس. ايندي ئي نام اُپديش ونڻ لاءِ تيار نہ هئس، منهنجو نصيب پلو هو جو منهنجو اڇڻ ئي ستسنگ سماگم جي وقت ٿيو ۽ ستگرو جي ستسنگ ٻڌڻ جو موقعو مليو. جنهن سان مونکي خبر پئي تہ هن سنسار جا سيئي ڏرم گرو پنڊت وغيره ذاتي لالچ خاطر ڏرم جي نالي تي ماڻهن کي ڪال جي جار ۾ ڦاسائي پولي آتمائن کي نرڪ موڪلڻ جو پاڪنڈ رچائي رهيا آهن، اُهي نہ تہ ڪڏهن پرميشور سان مليا آهن ۽ نہ وري اُنهن کي پرميشور جي ست پڳٽي جو گيان آهي. هو اهو ڪم چند روپين ۽ سماج ۾ وڏائي جي لاءِ ئي ڪري رهيا آهن. پر مان پوءِ بہ نام اُپديش لاءِ تيار نہ ٿيس. جڏهن تہ منهنجي گهرواري يڪدم نام دان ونڻ لاءِ تيار هئي ڇو تہ نام دان ونڻ بنا گرو درشن ۽ گرو آشيرواد ملڻ ناممڪن هو. مون تي شايد اهو راجنيتي جو ئي رنگ بقايا هو جو مان ڪنهن جو اعتبار ڪونہ ڪندوهئس. پوءِ بہ پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري اسان ٽنهي

02_05_2012 تي نام اُپديش ورتو، اتي ديا جو ساگر اسان تي ديا جي نظر ڪرڻ لاءِ جھڙوڪ تيار بينو هو. جيئن ئي مون پنهنجن بيمارين بابت ٻڌايو تہ ستگرو ديوجي چيو "سڀ ٺيڪ ٿي ويندا" جي آشيرواد منهنجي مٿي تي هٿ رکي ڏنو تہ مون سان چمتڪار شروع ٿي ويو. صبح جو ڪاڪوس وڃڻ مھل ڪاڪوس ۾ رت آيو ۽ اُن سان گڏ بواسيرختم ٿي ويئي، ۽ ڏينهن آشرم ۾ رهڻ تي ڪرونِڪ برونڪائيٽس قريب 80 سيڪڙو ٺيڪ ٿي ويئي جيڪا هاڻ بلڪل ٺيڪ ٿي چُڪي آهي. صرف ۽ مهينا گذريا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ٿورڙي کنگھ ٿي وڃي ٿي. گھرواري جي گوڏي جو روگ پڻ ٺيڪ ٿي ويو، ڪٽمنڊو اچي اُنهي ئي اسپتال ۾ اکيون وري چيڪ ڪرايون، ساڳيوئي ڊاڪٽر اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ هن جي اکين ۾ جل بندو نالي روگ جو ڪوبہ نالو نشان نہ آهي ۽ اکيون بلڪل ٺيڪ آهن.

منهنجو مرض ٺيڪ ٿيڻ جو چمتڪار پريوار، رشتيدارن ۽ پاڙي ۾ چئني طرف ڦھلجي ويو. منهنجي پريوار جا ٻيا ماڻھو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن روگ ۾ مُبتلا هئا. جيئن منهنجو وڏو ڀاءُ جيڪو خود هڪ ڊاڪٽر آهي. ان جو سڄو جسم سڄي (Swelling) ويندو هو. منهنجي ڏي کي ماهواري (Menses) وقت پيٽ ۾ تمام گھڻو سور رهندو هو. منهنجي ٻِي ڏي جيڪا پيشي سان وڪيل آهي، سائٽيڪا (عرق النساء) ۽ گلي جي هڏِي گسڪڻ جي روگ سبب زندگي مان تنگ اچي چُڪي هئي ۽ منهنجي پيٽ جو پٽي ۽ جل بندو روگ ۾ مُبتلا هو. سيئي مون تي گُرو ڪرپا کان بيحد متاثر ٿيا. تيستائين مان آشرم جي نيمن ۽ پڳٽي ياوَ سان ٿورو گھڻو واقف ٿي چڪو هئس، مون سيني کي "گيان گنگا" ڪتاب چگي نموني پڙھڻ جو چيو. ٻيو ٻيرو جڏهن مان آشرم اچڻ لڳس تہ سيني کي گڏ وڃي آيس، اُنهن ماڻھن کي نام اُپديش ونڻ ۾ڪا بہ دقت نہ ٿي. سيني نام اُپديش ورتو ۽ يقين سان پڳٽي ڪئي ۽ اڄ سيئي روگ ختم ٿي چُڪا آهن ۽ سُکي زندگي گذاري رهيا آهن.

ستگرو رامپال جي مهاراج پُورڻ پرماتما جو ٻيو رُوپ نہ بلڪ خود پورڻ پرماتما آهن. هو پاڻ کي لڪائي رکي رهيا آهن ۽ پنهنجو پاڻ کي پورڻ پرماتما جو داس سڏائيندا آهن. اسان ڏرتي تي قاتل جيوَن کي بندَن مُڪت (ڪال جي قيد مان آزاد) ڪري ست لوڪ وڃي وڃڻ لاءِ آيا آهن. اسان جي ست گرنٿن ۾ ثبوت آهن تہ جڏهن ڪليُگ جا پنج هزار پنج سو پنج سال گذري ويندا تڏهن تارڻهار سنت جڳ تارڻ لاءِ ڏرتي تي ايندو. ڪبير صاحب جي فرمائين ٿا تہ:-

پانچ هزار آرو پانچ سئو پانچ، جب ڪليُگ بيت جائي
مها پـرش فـرمـان تـب، جـگ تـارڻ ڪـو آئـي

سيئي پربمي پگتو:- وقت اچي ويو آهي، پورڻ سنت بہ اچي ويا آهن ۽ گيان امرت برسات وسائي رهيا آهن. هن وقت جي سيني نقلي سنتن ۽ مهنتن رُوپي ڪُڪڻ کان بچو جلد کان جلد ستگرو جي چرڻن ۾ اچي، بغير لالچ جي(مفت ۾) نام اُپديش وٺي پنهنجي جيون جو ڪلياڻ ڪرايو ۽ پُورڻ موڪش حاصل ڪريو.

(ست صاحب)

ڪيشوَ پرساد مينالي (داس)
ڪاٺمنڊو نيپال
فون نمبر 00977_9841892583

جيئڙ جي راهه (سنڌي)

Visit Us At: www.Jagatgururampalji.org

E-mail: jagatgururampalji@yahoo.com